سخنِ اعجاز

(ڪلام حضرت سيّد محي الدين شاهہ "اعجاز" سائين راشدي)

سهيڙيندڙ

استاد صاحب ڏنو ميمڻ

صوفي صابن

روشني



حضرت سيد محي الدين شاهہ "اعجاز" راشدي



حضرت سيد محي الدين شاهہ "اعجاز" راشدي



حضرت سيد محي الدين شاهہ "اعجاز" راشدي سان گڏ
استاد صاحب ڏنو ميمڻ، استاد محمد عالم لغاري ۽
نظير احمد ميمڻ ويٺل آهن.

حضرت سيد محي الدين شاهہ "اعجاز" راشدي



حضرت سيد محي الدين شاھ راشديءِ جو وڏو فرزند
ارجمند مرحوم سيد امان الله شاھ راشدي

حضرت سيد محي الدين شاھ راشديءَ سان
سيد زين العابدين راشدي گڏ ويٺل آھن.

حضرت سيد محي الدين شاھ راشدي جو ٻيو نمبر فرزند
مرحوم سيد ابوتراب شاھ راشدي



سيد سجاد رسول شاهه راشدي موجوده سجاده نشين
سائين نور شاهه ۽ پنهنجي والد بزرگوار
حضرت سيد محي الدين شاهه "اعجاز" راشديءَ سان گڏ



حضرت سيد محي الدين شاهه "اعجاز" راشديءَ جا فرزند
موجوده سجاده نشين سيد سجاد رسول شاهه راشدي
پنهنجي ڀائرن، ڀائٽي ۽ ڀاڻيجن سان گڏ

سُخنِ اعجاز

(ڪلام حضرت سيّد محي الدين شاه "اعجاز" سائين راشدي)

سهيڙيندڙ

استاد صاحب ڏنو ميمڻ
صوفي صابن

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2018ع

Roshni Book No. 870

ڪتاب جو نالو: سُخنِ اعجاز

[ڪلام حضرت سيّد محي الدين شاهہ ”اعجاز“ سائين راشدي]

سهيڙيندڙ: استاد صاحب ڏنو ميمڻ ۽ صوفي صابن

ڇاپو پهريون: © روشني 2018ع

ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي

روشني ڪپوزرس، حيدرآباد.

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد.

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ

SUKHAN-E-AIJAZ

(A Poetry of Hazrat Sayed Muhee-ul-Din Shah "Aijaz" Saien Rashdi)

by: **Ustad Sahibdino Memon & Sufi Saban**

Composed by: Habib Qadir Qureshi

Roshni Composers & Printers Hyder Chowk, Hyderabad

Printed: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.

Published by: Roshni Publication, Kandiaro

First Edition © Roshni 2018

——— اسٽاڪسٽ ———

شاهہ لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد

حيدرآباد لا هائوس، سامهون حبيب بئنڪ اسٽيشن روڊ، حيدرآباد+ پٺاڻي بوڪ هائوس اوريئنٽ سينٽر حيدرآباد

شيريزدان بڪ اسٽال، پٽ شاهہ + حيدري ڪتاب گهر، پٽ شاهہ + ڪاٺياواڙ اسٽور، اردو بازار، ڪراچي.

حسين عامر نيوز ايجنسي، مين بس اسٽاپ، سجاول + لال بخش نيوز پيپر ايجنٽ، ٺٽو

رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو + رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعہ سينٽر، لاڙڪاڻو.

عبدالله بڪ ڊيپو لاڙڪاڻو + نيشنل بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو + نوراني بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو

سليمان برادرس، نوابشاهہ + اشرف بوڪ اسٽال، مسجد روڊ، نوابشاهہ + راڻوڙ ڪتاب گهر، سڪرنڊ + گلشير ڪتاب گهر، نوابشاهہ

سڪندري بوڪ ڊيپو ڪپرو + حافظ ڪتب خانو ڪپرو+ مهراڻ بُڪ ڊيپو ڪپرو + المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، سانگهڙ

ڪنگري بڪ شاپ، ميرپورخاص + حُر ڪتاب گهر ميرپورخاص + حلال ڪتاب گهر، ميرپورخاص

العزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ + ٿر ڪتاب گهر عمرڪوٽ.

سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ، دادو + جنيد بوڪ ڊيپو دادو + مدني اسلامي ڪتب خانو دادو

رزاق بڪ سينٽر، ميهڙ + مراد بڪ اسٽال، سيوهڻ

مرچو لال بوڪ ڊيپو بدين + رحيم بوڪ ڊيپو بدين + سوجهرو ڪتاب گهر، بدين

ٿر ڪتاب گهر، مٺي + ساگر ڪتاب گهر، مٺي

ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، سکر + عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر + مهراڻ بڪ سينٽر، سکر

فيضان بڪ ڊيپو نيم جي چاڙهي، سکر + الفتح نيوز ايجنسي، مهراڻ مرڪز سکر + بخاري ڪتاب گهر، افغان سينٽر سکر

صديق حيدر ڪتاب گهر، شڪارپور + مولوي عبدالحئي تاجران ڪتب، شڪارپور + سنڌ ڪتاب گهر، شڪارپور

تهذيب نيوز ايجنسي، خيرپور ميرس + نيشنل بڪ اسٽال پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس + خيرپور بُڪ اسٽال خيرپور ميرس

سڪندي ڪتاب گهر، پير جو ڳوٺ + لغاري بڪ ڊيپو ٺري ميرواهہ + مڪتبہ عزيزيہ کهڙا + سچل ڪتاب گهر، درازا

سارنگ ڪتاب گهر، ڪنڊيارو + قاسميہ لائبريري، اسپتال روڊ ڪنڊيارو.

ميمڻ بڪ ڊيپو نوشهروفيرو + راشد بڪ ڊيپو نوشهروفيروز

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

فهرست

نمبر شمار	مضمون	صفحو
١	مهاڳ	٥
٢	مؤلف جي گذارش	٧
٣	شجرءِ راشديه	١٠
٤	سوانح حيات	٢٤
٥	ذڪر تصور	٣٩
٦	عشق امانت	٥٠
٧	باب پهريون:	٥٥
٨	توحيد	٥٦
٩	شانِ رسول	٦٢
١٠	شانِ علي	٦٩
١١	ڪيڏارو	٩٨
١٢	پيرِ مغان	١٠٦
١٣	حقيقت	١٣٢
١٤	همهٔ اوست	١٥٤
١٥	باب ٻيو:	١٧٣
١٦	سونهن صورت	١٧٤
١٧	المجاز	٢٠٦
١٨	زلف	٢٢٥
١٩	رمزات دل	٢٣٦
٢٠	محبت مضمون	٢٦١
٢١	اکيون ديد	٢٦٤
٢٢	عشق عاشق	٣٢١
٢٣	فقير. صوفي. جوڳي	٣٩٠
٢٤	باب ٽيون:	٤٠٤
٢٥	نوري جام تماچي	٤٠٥
٢٦	سسئي	٤٠٨
٢٧	ليلا	٤٢٤

٢٨	مارئي	٤٢٥
٢٩	گهاتو	٤٤١
٣٠	سهڻي	٤٤٢
٣١	کاپائتي	٤٤٥
٣٢	مومل راڻو	٤٤٧
٣٣	هجر فراق	٤٥٠
٣٤	وصل وصال	٤٨٦
٣٥	مئي جام ساقي	٤٩٨
٣٦	ملهار	٥٤٢
٣٧	ڪانگ قاصد	٥٤٧
٣٨	حق الهدايت	٥٥٧
٣٩	**باب چوٿون:**	٥٧٢
٤٠	سرائڪي متفرقات. سه حرفي	٥٧٣
٤١	اردو هندي	٦٢٩
٤٢	ڪلام سائين امان الله شاهه	٦٤٧
٤٣	**باب پنجون (بيت):**	٦٥٢
٤٤	وحدانيت	٦٥٣
٤٥	همهٔ اوستي	٦٦١
٤٦	همهٔ حقيقت	٦٦٥
٤٧	ڪيڏارو	٧١٣
٤٨	عشق عاشق	٧١٥
٤٩	ساقي جام	٧٢٥
٥٠	مجاز	٧٢٧
٥١	مارئي	٧٣٣
٥٢	سارنگ	٧٣٥
٥٣	ليلان چنيسر	٧٣٩
٥٤	مومل راڻو	٧٤٤
٥٥	نوري جام تماچي	٧٦٦
٥٦	سسئي جا سور	٧٧٥
٥٧	متفرقات	٧٩١

بسم الله الرحمٰن الرحيم

حق موجود **# مهاڳ** سدا موجود

مرڻا اڳي جي مئا سي مري ٿين نہ مات
هوندا سي حيات، جيئا اڳي جي جيئا

مرشدنا بابا سائين محي الدين شاھ راشدي تخلص اعجاز ۽ بهلول جن جو ڪلام مطالع بعد معلوم ٿيو تہ سائين جن جو ڪلام معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان تمام مٿاهون ۽ اعليٰ آهي. هن ۾ حقيقت، فنا في الهادي، ثنا، سوز گداز، سڪ، حب وحدانيت، همہ اوست، مجاز، هر لحاظ کان بهتر طريقي سان سمايل آهي. تصوف جي جهلڪ تمام نمايان آهي. مذهبي ۽ دينوي وحدانيت جو درس پڻ ڏنل آهي.

سائين جن جي ڪلام ۾ بحر و زن ۽ ڪافيا هڪ الڳ انداز ۽ منفرد طريقي سان بيان ڪيل آهن جيڪي شايد ئي ڪنهن جي حصي ۾ آيا هجن. اعجاز سائين جي بولي ٻڌندڙن ۽ پڙهندڙن جي دلين ۾ سحر انگيزيءَ سان آستانو ڪري ٿي.

خدا جي ذات بابرڪات هر دور ۾ انسان ذات جي لاءِ انبياءِ عليهم السلام ۽ اولياءَ ڪرام پئي موڪليا. تہ جيئن اهي چاڻ انسان کي الله جہ جي عرفان کان واقف ڪن ۽ ڀٽڪيل انسانن کي قرب الاهي حاصل ڪرائي سگهن جهڙي طرح قرآن شريف ۾ آهي تہ:

يايها الذين آمنوا اتقوا الله وتبغوا اليہ وسيلتہ وجاهدو في سبيلہ لعلكم تفلحون.

يعني اي ايمان وارؤ! الله ڏي ڏيان ڏيو ۽ ڏانهس وسيلو ڳوليو ۽ سندس راھ ۾ ڪوشش ڪريو تہ جيئن افلاح يعني منزل مقصور کي پهچي وڃو. (پ6 سوره مائده ع6)

اهڙي طرح سان حضرت سيد محي الدين شاھ اعجاز رحہ بہ انهن عاشقن منجهان هڪ اهل الله آهي جيڪي پاڻ تصوف جي سلسلہ جا وسيلا ۽ امام آهن جنهن پنهنجي شاعري ۽ نظم ذريعي تبليغ ڪئي آهي جيئن پاڻ فرمايو اٿن تہ:

وٽ واٽ بصيرت وارن جي
حق ساڻ هڪا، هڪ پارن جي

هن ڪلام جو مواد اسان کي سندن ئي حياتيءَ ۾ محفوظ ۽ اڪر بہ اڪر درست ٿي مليو آهي. اسان جي وڏي خوشنصيبي ۽ سندن ڪرم آهي جو سندن بياض سهيڙيل ۽ اصلاح ٿيل صورت ۾ مليو. اسان شڪر گذارآهيون استاد محمد صاحب ڏنہ (خاڪي) ۽ استاد محمد عالم لغاري جن جا جن ڪتاب

جي ترتيب، مقدمو، سوانح عمري، راشدي خاندان جو شجرو ۽ سائين جي زندگيءَ جي باري ۾ ذڪر فڪر لکيو آهي، جن ڪتاب جي ڇپائي کان ٻه ادائي سال اڳ بياض گڏ ڪري اسان کي ڪتاب جو مواد فراهم ڪيو.

سائين جن جي اعليٰ فڪر کي هر شعبي سان تعلق رکندڙ ماڻهو ڀراڙي، جهر جهنگ، شهر توڙي مختلف مذهبي خيال سان واڳيل روحانيت ۽ محويت سان ٻڌن ۽ سمجهن ٿا. سائين جن جو ڪلام شايع ٿيڻ کان اڳ سندن عقيدتمندن وٽ وڏي تعداد ۾ قلمي نسخي طور موجود آهي ۽ انهن شائقن بين قرب وارن تائين رسائي ڪتاب جي ڇپائيءَ کي ضروري بنائي ڇڏيو.

آئون ٿورائتو آهيان نانا نظير احمد ميمڻ جو جنهن استاد صابن خاڪي ۽ محمد عالم جي وفات کان پوءِ رسالي کي شايع ڪرائڻ، پروف چيڪنگ، مطلب هر لحاظ کان فرض نڀايو. سائين جن جي شائقن، محبت وارن جو مشڪور آهيان جن ڪتاب کي منظر عام تي رسائڻ لاءِ مالي اصلاحي سهڪار ڪيو.

حقيقت ۾ سائين جهڙن عظيم صوفي رهنمائن جي نيابي کي رسالي جي صورت ۾ سندن حياتيءَ ۾ پيش ڪجي ها. ان لاءِ اسان وٽ تنظيمون ۽ وسائل موجود آهن پر افسوس عمل ناهي.

هي ڇاپو "سخن اعجاز" کي تخليق ڪندڙ ڏانهن، هن کي سمجهڻ وارن عقيدتمندن ۽ راڳي فنڪارن ڏانهن منسوب ڪجي ٿو.

راقم الحروف

سيد سجاد رسول شاھ

18-9-2003

خميس 20 رجب المرجب 1424

مؤلف جي گذارش

نحمده و نصلي علي رسول الڪريم

گذارش آهي تہ آئون عاجز مؤلف 1957ع کان اڳ حضرت بابرڪت ماه منير سيد محي الدين شاهہ عرف اعجاز علي شاهہ راشدي، پير جهنڊي واري جي سوانح حيات ۽ سندن شعر و سخن جو شيدائي تي رهيو آهيان. سندن صغيرائي کان وٺي وصال تائين گڏ رهيو آهيان. هي خادم مؤلف، سائين اعجاز علي شاه سان سفر، حضر، زندگي جيْ هر لمحات توڙي ڏک سک ۾ گڏ رهيو آهي. گڏ رهڻ سبب سندن چيل ڪلام سال 1945ع کان وٺي ٻڌندو ۽ چوندو رهيس، سندن ڪلام انديا جي ڳائڻ جي ڏن تي فقيرن کان ٻڌندو بہ رهيس ۽ چوندو بہ رهيس. ڪاليج جي ٽريننگ واري عرصي ۾ شعر جي بحر وزن، ڪافيہ، رديف ۽ علم عروض جي ڄاڻ هئڻ سبب اعجاز علي شاهہ جي شعر ڪي، پنهنجي ڄاڻ سارو پرکي پروڙي سگهيس. سندس سمورو ڪلام جيڪو 1945ع کان وٺي چيائون، اهو سمورو ڪلام، سندن هٿ اکرن جي صورت ۾ گنج جي صورت ۾ مون وٽ موجود آهي. ۽ ان شعر ۽ ڪلام کي سائين اعجاز علي شاهہ جي رهبري ۽ پنهنجي ڄاڻ مطابق 1967ع کان وٺي 1982ع تائين سندن هٿ اکر لکيل ڪلام کي هڪ هڪ ڪلام جي اصلاح ڪرائي رجسٽرن جي صورت ۾ ڪين لکي ڏنم. جيڪو 6/7 وڏن رجسٽرن تي مشتمل آهي، سو منهنجي هٿ اکرن سان لکيل، سائين اعجاز علي شاه جن وٽ محفوظ آهي. جنهن ۾ حمد باري تعاليٰ، حضور جن جي شان ۾ نعت، پنجتن پاڪ جي ثنا، تصوف حقيقت، ساقي مزاج، رومانوي آکاڻين، جهڙوڪ سسئي پنهون، سهڻي ميهار، نوري ڄام تماچي، ليلان چنيسر، عمر مارئي، مومل راڻو، وغيره جي ڪردارن جي صورت ۾ حقيقي رنگ پريو اٿن. ان کان سواءِ ناصحانہ ۽ زماني جي موجوده حالتن جو پڻ پرچار ڪيو اٿن. اهو سمورو ڪلام سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ هندي ٻولين ۾ چيو اٿن. ان بعد 1982ع کان وٺي اڄ تائين (1998ع) جيڪو ڪلام چيائون اهو بہ مون کي روبرو وهاري، پنهنجي دهن مبارڪ سان ٻڌائي لِکايائون اهو بہ منهنجي هٿ اکرن سان لکيل وٽن موجود آهي. پاڻ جڏهن جون 98ع ۾ بيمار ٿيا ۽ انهي بيماري ۾ وصال ڪيائون. ان بيماريءَ جي حالت ۾ وصال کان 3 (ٽي) ڏينهن اڳ 13 جون 98ع نسيم سينٽر حيدرآباد جي VIPروم ۾ رات جو 2 بجي ۽ ٻيو ڪلام 15 جون 98ع لياقت ميڊيڪل اسپتال حيدرآباد ۾، گردن واري وارڊ ڪمره نمبر 1 ۾ سومر جي رات 2 بجي ڪلام لکايائون (هڪ 13 جون ۽ ٻيو 15 جون) اهو سندن آخري ڪلام ۽ آخري پيغام هو. جنهن ۾ پاڻ وصيت ڪري لَڏ ۽ لڄ الله پاڪ جي حوالي ڪري، هن فاني جهان جو سفر پورو ڪيائون. سندن روح 16 جون 98ع ساڍا ٽي بجي شام جو حيدرآباد مان موٽندي چٽنل واهہ ۽ باءِ پاس روڊ جي ٽي ايڌي ايمبولنس ۾ پرواز ڪري رب العزت جي درگاهہ ۾ حاضر ٿيو.

انا لله وانا اليہ راجعون

آئون سندن زندگي جو ساٿي، مريد، خادم، نيازمند ٿي رهيس، سندن راز، محبت ۽ قرب جو

شرف حاصل اٿم. دنيائي ڪمن ڪارين ۾ سندن زمين جي سنڀال يا مخفي صلاح مشورن ۾ مطلب تہ هر حال خيال جو مجمع آهيان. منهنجي جيءَ کي پاڻ جياريائون. اهو قلبي ڏيئو روشن آهي ۽ باقي زندگي تائين روشن رهندو. انشاءَ الله تعاليٰ. آئون سندن ٿي دم سان جيئان ۽ هلان پيو. انشاءالله باقي زندگي جا ڏينهن سندن ٻڌايل ۽ ڏيکاريل شمع جي روشني ۾ بسر ڪندس.

سائين اعجاز علي شاهہ جي خاندان سان تمام گهڻو تعلق رهيو آهي. سندن وڏو ڀاءُ حضرت بابرڪت ماهہ منير، روشن ضمير سائين الحاج حافظ محب الله شاهہ جن جو پڻ قرب ۽ محبت ۽ صحبت حاصل اٿم ۽ سندن فرزند ياسين شاهہ مون وٽ سنڌي تعليم پڙهيا آهن. ان سان گڏ وڏن جي عقيدت مندي جي باعث وڏي نوازش سان ڏسن ۽ ملن ٿا.

آئون مؤلف حقير محمد صابن (صاحبڏنہ) ذات ميمڻ ويٺل پنجمورو، تعلقہ هالا. ضلع حيدرآباد جو ساڪن آهيان. 33 سال پرائمري استاد تي رهيو آهيان. شعر و شاعري ۽ سخن منهنجو من گهريو مشغلو آهي. حقيقت ۽ حال ۾ مرشد سائين اعجاز علي شاهہ جن جي نظر شفقت جو نوازيل آهيان. منهنجو تخلص خاڪي بہ 1958ع ۾ سندن ئي رکيل آهي.

ناظرين حضرات! مٿي ذڪر ڪيل احوال مان بخوبي معلوم ٿيو تہ سائين اعجاز علي شاهہ جن جو جملہ ڪلام (ڪافيون ۽ بيت) استاد محمد صابن (خاڪي) 6/7 رجسٽرن تي قلم بند ڪيو آهي. خاڪي صاحب سان منهنجي ڏيٺ 1951ع ۾ سندن ڳوٺ پنجمورو ۾ ٿي. ان وقت کان وٺي ڪانئس سائين اعجاز علي شاهہ جا ڪلام ٻڌڻ جا موقعا ملندا رهيا. سائين اعجاز علي شاهہ جن جي زيارت جو پهرئين پيري 1962ع ۾ ذوالحج مهيني جي 11 تاريخ ڳوٺ ڇن بابو لڳ اسٽيشن نواز ڏاهري ۾ شرف حاصل ٿيو. ان کان اڳ ساڻن ڏيٺ ويٺ ڪانہ هئي. ان پهرين ملاقات ۾ ئي قرب جو ڪمند اهڙو وجهي ڇڏيائون، جو دير سوير سندن قدم بوسي لاءِ اچڻ وڃڻ ٿيندو رهيو. پاڻ سدائين مهر شفقت سان ملندا رهيا. ان سان گڏ سندن فرزندن ۽ فقراءَ جو قرب محبت تاحيات نہ وسرندو...!!

المقصد 1993ع ۾ هڪ ڏينهن آئون سعيد آباد ۾ سائين اعجاز علي شاهہ جي مئيخانہ تي ويس، جتي سائين اعجاز علي شاهہ ۽ سندن وڏو فرزند ارجمند سائين امان الله شاهہ ويٺا هئا. سائين امان الله شاهہ، سائين وڏي کي چيو تہ ڪتاب جيڪي استاد محمد صابن لکيا آهن، انهن جي صرف هڪ ڪاپي آهي. اجازت ڏيو تہ انهن رجسٽرن جون ٻيون ڪاپيون لڪائي ڇڏيون. ڪن رجسٽرن جا پنا ضعيف ٿي پيا آهن، اهي نوان ٿي پون تہ بهتر ٿيندو!! گهڻي اسرار کان پوءِ اجازت ملي. ان بعد سائين امان الله شاهہ اهو ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ مون کي چيو. مون وڏي شوق سان اها ڳالهہ قبول ڪئي. لهــذا رجسٽر منهنجي حوالي ٿيا. مون سيني رجسٽرن جو مواد هڪ ڪلام هڪ پني تي لکي پورو ڪيو ۽ فوٽو ڪاپي ڪرائي سائين جن جي حوالي ڪيم. 550 (پنج سو پنجاهہ) ڪلام ٽن جلدن ۾ ٿيا. ۽ 775 بيت بہ فوٽو ڪاپي ڪرائي، سائين جن جي خدمت ۾ پيش ڪيم. انهن جي هڪ ڪاپي يادگار لاءِ مون پاڻ وٽ رکي.

نيازمند محمد عالم لغاري

ساڪن سعيد خان لغاري تعلقہ هالا 8-9-1998

مقدمو ۽ ان بابت فرمان هدايت

سال 59-1960ع ۾ هر روز شام جو اعجاز سائين ۽ آئون سعيد آباد سيد احمد شاه جي آستان اسپتال تي ايندا هئاسون. پاڻ ڳوٺ مهر شاه درگاهه جا رهاڪو هئا. اتي سيد نور محمد شاه ڳوٺ وڏيرو پيرو ڳاهو لڳ پليڏنو ڪاڇو وارا پڻ ايندا هئا. ڪيترا ڏينهَن راتيون عشق محبت، شعر و شاعري جون رهاڻيون رچنديون رهيون ۽ سعيد آباد ۾ بيا ڪيترا دوست فقير پڻ ايندا رهندا هئا.

هڪ دفعي حضرت پير سائين موجوده سائين سڪندر علي شاهه جن جي دعوت سيد غوث علي شاه جن ڪرڻ فرمائي. شهر لڳ سندن باغ ۾ انتظام رکيل هو. اتي قناط ۽ طنبو ٻاهران اسان سڀني سڄي رات پير سائين جن جي خدمت ۾ بنا سازن جي ڪلام ڳايا. سيد احمد شاه سائين ۽ سيد نور محمد شاه سائين پڻ گڏ هئا. اهو وقت محبت جو وسرڻ جو نہ آهي. ان ڪان سواءِ شهر نيو سعيد آباد ۾ رئيس امير علي خان ذات دل پڻ شاعر ۽ سٺو صحبتي هو، جيڪي هن وقت وصال فرمائي ويا آهن. ان جي پڻ اعجاز سائين جن سان دلي محبت هوندي هئي ۽ 1959ع ۾ ٻہ ٽي مشاعره ڪرايائين، جن ۾ سائين اعجاز سميت اسين شامل هئاسين ۽ استاد محمد عالم لغاري توڙي اُنَ جا عزيز پڻ ۽ بيا ڪيترا مشاعرن ۾ شامل ٿيندا هئا. هڪ طرح مصرع ياد آهي تہ: جا عمر باقي اٿئي سا آه و زاري ۾ گذار.

ان طرح تي سڀني شعر چيا.

زماني جي عجيب حالتن ڦيرو ڪاڌو. سڀ دوست احباب پنهنجي پنهنجي رمزن رنگن ۾ وڃي محو ٿيا. وري اهڙو پيار پريو ۽ نہ وسارڻ جهڙو موقعو اڄ تائين ميسر نہ ٿيو آهي.

افسوس هاءِ ظالم زمانا! تو ڪري پوريون ڇڏيون
نيڻ رئاڙيئي نت نيرانا توڪري
(1) ياد ڪريو اڄ ٻہ لرزن تا زمين و آسمان
ڪربلا وارا افسانا توڪري پوريون ڇڏيون
(2) چوٽ جن کي تو ڏني دَرِ دَرِ سٺائي ويا
اهي درد وارا داستانا توڪري پوريون ڇڏيون
(3) هر گهڙي هر جاءِ تنهنجا ظلم، ضد ۽ زنگ ڏسي
تو پري اعجاز جانا تو ڪري پوروين ڇڏيون

جهنڊي واري راشدي خاندان جو شجرو

جيئن تہ هتي آئون حضرت سيد محي الدين شاھ عرف اعجاز علي شاھ راشدي جهنڊي واري جو بيان ۾ زندگي جو احوال لکندس. ان کري سندن خاندان جو شجرو ۾ راشدي جهنڊي وارا ڪيئن سڏيا، ان جي وضاحت ڪندس.

شجرہ

حضرت ماہ منير روشن ضمير سيد محي الدين شاھ عرف اعجاز علي شاھ بن حضرت ماہ منير سيد احسان الله (سنت ڏني) بن حضرت روشن ضمير سيد رشدالله شاھ (خلافت ڏني) بن حضرت ماہ منير سيد رشيد الدين شاھ (بيعت ڏني) بن حضرت روشن ضمير بابرڪت سيد محمد ياسين شاھ (جاين وارا) بن حضرت فيض مآب محلي الالقاب، روشن ضمير سيد محمد راشد شاھ (روضي ڌڻي) رحمہ الله عليہ

راشدي (جهنڊي وارا ڪيئن سڏيا)

معلوم هجي تہ هن خاندان جو مؤسس (بنياد يا پايو وجهندڙ) مٿيون حضرت پير سيد محمد راشد شاھ (روضي ڌڻي) رحمہ الله عليہ آهن. ان ڪري سندن اسم مبارڪ (نالي مبارڪ) راشد جي ڪري ئي هي خاندان راشدي سڏجڻ ۾ آيو. سندن جيڪو بہ اڄ تائين اولاد آهي، اهي سڀ راشدي پير سڏيا وڃن ٿا.

حضرت پير سائين سيد محمد راشد شاھ جن کل چار شاديون ڪيون. انهن مان هڪ شادي ۾ مان وڏو فرزند حضرت پير سيد صبغت الله شاھ جن هئا. جن کي پڳ عنايت ٿي. انهن جو اولاد اڄ تائين پير پاڳارا خاندان جي لقب (خطاب) سان سڏيا وڃن ٿا. جن جو هن وقت اڄ حضرت پير سائين سيد سڪندر علي شاھ (شاھ مردان شاھ) ثاني پاڳارا آهن ۽ ٻي شادي مان ٻيو نمبر وڏو فرزند حضرت پير سيد محمد ياسين شاھ (جاين وارا) جن هئا. جن کي خلعت ۾ جهنڊو عنايت ٿيو. ان ڪري سندن جيڪو بہ اولاد آهي، اهي جهنڊي وارا راشدي خاندان جي نالي سان مشهور آهن.

هن ڪان پوءِ آئون راشدي جهنڊي وارن يا پير جهنڊي وارن پيرن جو احوال ۾ سندن بزرگي، علم ۽ درسگاهن جو احوال عرض رکندس، جنهن خاندان جو چشم و چراغ حضرت سائين سيد محي الدين شاھ عرف اعجاز علي شاھ جن جي زندگي آهي.

جهنڊي واري راشدي خاندان جو پهريون سجاده نشين
(پڳدار) حضرت پير محمد ياسين شاه رح

جڏهن کين درگاه شريف روضي ڌڻيءَ رح تان ورهاست ۾ جهنڊو عنايت ٿيو تہ پاڻ اتان هجرت ڪري ڳوٺ فريد آباد ويٺا. جتان شاه جي ڳوٺ آيا. اتان هجرت ڪري اچي ڳوٺ وڳڻ تعلقہ رتي ديره ضلع لاڙڪاڻي ۾ ويٺا. ڪجهہ وقت بعد کين اتان لڏڻو پيو ۽ اچي باقراڻي لڳ ٺلاهہ شريف جي ڳوٺ ۾ ويٺا. سندن مزار شريف پڻ ٺلاهہ شريف ۾ آهي ۽ اتي جايون نهرايائون. منشا ايزديءَ کين اتي بہ ويهڻ نہ ڏنو. پاڻ اتان عيال سميت روانا ٿيا موجوده ڳوٺ پير جهنڊي واري ڳوٺ ۾ رهڻ جو ارادو ڪيائون. جيئن تہ اها زمين هالا وارن مخدوم صاحبن جي هئي، جن کان اجازت وٺي اتي جايون نهرايائون ۽ ڳوٺ ٻڌي اڄ تائين سڪونت پذير آهن. ان ڪري کين (پير سائين جاين وارا) خطاب سان سڏيو وڃي ٿو. سندن ملفوظات مڪمل طرح مون وٽ موجود آهن. جيڪا پير حاجي هدايت الله شاه راشدي گڏ ڪئي، جيڪا ناشر محمد حسن ترڪ سيڪريٽري شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد طرفان شايع ڪرائي وئي. هن ۾ شريعتِ بابت مسئلا، هدايتون ۽ ناصحانہ اقوال سهيڙيل آهن. پاڻ علماءَ سان گڏ اهل الله روحاني رهبر پڻ هئا ۽ وقت جا روحاني شاعر پڻ هئا. سندن ٽيهن ڏينهن تي ٽيهہ بيت نهيل آهن، جن جو مثال هڪ بيت پهريون ۽ ٻيو بيت ٽيهون عرض رکان ٿو. ملاحظہ ڪيو:

پهرئين ڏينهن (1)

پهرين ڏينهن پرين ريءَ هئي ساهہ گهڻي سختي
دم، دم، در دانهون ڪري روح اها رختي
جي بخت ڏئي بختي . تہ ملان محبوبن کي

ٽيهين ڏينهن (2)

ٽيهينءَ ٽڪاڻا . آيم ياد عجيب جا
سي ڪڏهن وسرن ڪينڪي . هي جي حبيبن هاڻان
ي . ا . س . ي . ن چوي يار لاءِ . ٿيا نجهر نماڻان
صاحب سياڻان . ميڙ تہ مانڌائي لهي

ان کان سواءِ بہ بيت ۽ 14 ڪافيون ملفوظات ۾ مڪمل آهن.

الراقم الحروف
فقير صوفي صادق "خاڪي" ميمڻ
پنج مورو

باب پنڌرهون
فصل پهريون

منجهہ عشق ۽ محبت بي قراري مالک جي

نقل ڪندڙ محمد جعفر وينل ڳوٺ ڪرم جو پاڻ فرمايائون تہ مجني کان پڇائون تہ قرآن پڙهيو آهين. تنهن چيو تہ هائو جي پڙهہ تڏهن پڙهيائين. سبحان الذي اسري بعبده ليلا جي اڳتي پڙهہ جي بس قرآن ليلان تي پورو ٿيو تڏهن چوندا هوا تہ ادا يارو ظاهري عاشق کي ايتري سچائي آهي تڏهن الله تعاليٰ جي عاشق کي تہ وڏيڪ سچائي رکڻ گهرجي.

نقل ڪندڙ فقير متيون تہ قيامت جي ڏينهن الله مجني کي دوزخ جي هڪ پاسي وهاريندو ۽ ٻي پاسي ليلان کي پوءِ جڏهن مجني جي اک بوندي ليلان تي تڏهن ڪاهي پوندو دوزخ ۾ پوءِ دوزخ چوندو تہ ڪيو هن کي جو مون کي ٿو ساڙي تڏهن الله تعاليٰ چوندو پنهنجن عاشقن کي تہ ڏسو ظاهر جو عاشق مخلوق جو تنهن کان دوزخ ٿو دانهون ڪري ۽ اوهين تا دوزخ کان ڊڄو ائين چئي فرمائيندا هئا تہ ادا يارو دعويٰ تا رکو الله تعاليٰ جي عشق جي ۽ جيسين تائين بانهون ٿو بهشت طلبي ۽ الله تعاليٰ جي مرضي دوزخ ڏي هن جي مرضي آهي وصال ڏي الله تعاليٰ جي مرضي هئي فراق ڏي تيسين تائين دائمي مرضي جي عاشق کي گهرجي تہ الله تعاليٰ جي مرضي جو طالب هجي اهڙو حال آهي اوهو جيڪو معشوق جي مرضي ۽ فراق ۽ دوزخ اوهو آهي جيڪا هن جي مرضي آهي يعني معشوق مرضي وارو دوزخ ۾ بهشت آهي.

نقل ناقل ساڳيو تہ پاڻ فرمائيندا هئا تہ پتنگ کي ڇا مجال آهي جو مچ کان پاڻ جهلي پر ڪا ساعت مچ پنهنجا شعلا ڊرا ڪيا هوا هن تنهن ڪري ايترو جهليو جنهن مهل الا اڏاٽا تنهن مهل پتنگ ائين مچ ۾.

نقل ناقل فقير ساڳيو تہ پاڻ فرمائيندا هئا تہ:

جان جان مالهڙي ڇڄي ڇمڪو نہ ٿئي تان تان ڳالهڙين پرين پنهنجو نہ ٿئي

فصل ٽيون

منجهہ وصال ڪرڻ انهين حضرت قدس الله سره جي

نقل ڪندڙ هي مسڪين تہ پاڻ سڳورن وفات فرمائي تاريخ پنڌرهين مهينو رجب سنہ75ھ ٻارهن سوءِ پنجهتر هجري ڏينهن ڇنڇر جو وقت اشراق جي. انهين وقت منجهہ ٽي فرزند ساڻ هوا. هڪ پير

رشيدالدين شاه ٻيو هي مسڪين حاجي هدايت الله شاه ٽيون پير ميان صديق رسول شاه ۽ سندن خواهر زادو پير ميان عبدالرسول شاهہ بہ ساڻ هو ۽ خليفا گهڻان صحبت ۾ هوا خليفو مراد علي نظاماڻي ان وقت وڏو هو. انهن مڙني جي مشورت سان اتر ڏي موٽڻ ٿيو راڄي خاناڻي جي شهر ۾ ڪين غسل ڏيڻ ٿيو ۽ راڄي نظاماڻي جي ڳوٺ ۾ ڪين اچي مدفون ڪيائون اصل سندن مرضي بہ ائين هئي جو فقيرن نقل ڪيا تہ پاڻ اها جاءِ ڏسي چيو هوائون تہ ڪي ڏينهن اچي هت وهنداسين. پوءِ ٻارهن مهينان اتي رهڻ هو پوءِ سندن وڏو فرزند پير فضل الله شاه سندن جسم مبارڪ کي ڪڍائي اچي جاءِ ڪرائي ٺلاه مبارڪ تي جاتي اجان سوڏو روضو مبارڪ آهي. پاڻ سفر ۾ هوا مريدن خدا جا اسم وجهي چاڙهيا هوا ربيع الاول ۾ پاڻ جاءِ تئون چڙهيا هوا ساڍا چار مهينا سفر ڪيو هوائون جو وفات فرمايائون. انا لله وانا اليہ راجعون

فقط مورخہ 5 جمادي الاول 46هہ 13

ڪافي نمبر تيرهون

رک پنهنجي منجهہ پناهہ غرضن وو غير جي ڪان

1. من شر ما خلق جي شر کي منهنجا سائين مان ڌهون، ڪر منعاه.
2. بخشيو ۽ بخشيائيو منهنجا سائين هن گولي جا تہ گناهہ.
3. ٻرتي اٿو وو سڀين ٻرئين منهنجا سائين هن ٻانهي سندي ٻانهن،
4. اهل ۽ اولاد کي منهنجا سائين سئين سمجهايو راه،
5. سيني ساڻ ووسيد کي منهنجا سائين دين ڏيو داناه.

جهنڊي واري راشدي خاندان جو ٻيو پڳدار

حضرت پير سيد محمد ياسين شاه (جاين وارا) رحمتہ الله عليہ جن جي رحلت بعد سندن وڏو فرزند حضرت پير سيد فضل الله شاه جن ٻيو نمبر پڳدار ٿيا. توريئي وقت ۾ ڪين حرن پابوڙي لڳ شهيدن جي پٽ تي شهيد ڪيو سندن مزار ڳوٺ پير جهندو ۾ آهي. ان بعد سندن شهادت بعد ٻڳ ٻئي نمبر وڏي پاءُ حضرت پير سيد صديق الرسول شاه (رح) جن کي ٻڌائي ويئي. پڳ ٻڌڻ بعد پنهنجي مٿي مان پڳ لاهي، حضرت پير سيد رشيد الدين شاه (بيعت ڌڻي) جن جيِ مٿي ۾ وڌي ۽ ٻڻ فرمايائون تہ اسان هيءَ پڳ ڪين ڏيون ٿا، ڪين سونهي ٿي. ۽ پاڻ ان جا لائق آهن.

حضرت پير سيد رشيد الدين شاه (بيعت ڌڻي) رحمتہ الله عليہ جن حضرت پير سيد فضل الله شاه جن جا سڳا ڀائر هئا.

ٽيون نمبر پڳدار جهنڊي واري راشدي خاندان جا

حضرت پير سيد رشيد الدين شاه (بيعت ڌڻي) رحمتہ الله عليہ پير سائين جاين وارن جا ٽيون نمبر وڏا فرزند هئا ۽ ٽيون نمبر پڳدار ٿيا. پاڻ وڏي مرتبي ۽ روحانيت جي فيض سان نوازيل هئا، جيتوڻيڪ عالم نہ هئا تہ بہ وڏا وڏا علماءَ سڳورا ڪانئن مسئلا حل ڪرائيندا هئا بيعت ڌڻي ان ڪري سڏيا جو جيڪو بہ سندن مريد ٿيندو هو، ان کي ذڪر ڏيڻ وقت (هٿ تي واعدو) بيعت وٺندا هئا تہ شريعت جي پيروي ڪندين سندن روحاني ڪافين جو مجموعو جيڪو ليٿو جي ڇاپي ۾ آهي، جنهن ۾ منڍ ۾ 11 بيت چار لوليون ۽ هڪ چلو شريف آهي ۽ جملہ 209 اکرين بہ سؤ نو نورِ هدايت ڪافيون آهن. ان کان سواءِ سندن ملفوظات مبارڪ پير سائين بيعت ڌڻي پير رشيد الدين شاه رحمتہ الله عليہ (ثالث جهنڊي وارو) ناشر حضرت الحاج پير سيد وهب الله شاه راشدي پير جهنڊي واري نشر ڪري عام فيض لاءِ جماعت ۾ ورهائي آهي. سندن جنم 1254هجري مطابق 1838ع ۾ ٿيو ۽ ٿيهٺ ورهن جي ڄمار ۾ 1317هجري مطابق 1899ع ۾ هن جهان مان رحلت فرمايائون. انا لله وانا اليہ راجعون.

سندن ڪلام جو مجموعو هن کان اڳ حيدرآباد جي سيٺ حاجي احمد پاٽوليءَ رهنڊڙ فقير جي پڙ واري 1911ع ۾ شايع ڪرايو هو. سندن مزار شريف ڳوٺ پير جهنبو ۾ آهي، سندن نقل ۽ ڪجهہ ڪافيون فوٽو اسٽيٽ صورت ۾ عرض رکان ٿو:

چلي جو بيان

تلهہ: سڻ چلي دي ڳالهہ چلا اڄ نهين ڪالهہ

1- سڻ چلي دا بيان نہ ها ملڪ مڪان
نہ ڪو رب رحمان نہ ڪو آدم انسان.
تڏاهن بڻيا دلال

2- ڪنز مخفي آها چلي آ جاڳايا
تڏاهن پيس رايا رايا ٿيا سجايا
بات ٿيس برحال

3- وڃون عدم ٿيا اظهار نور سيو نروار
سهڻي ڪيتا سينگار جڙ بڻ جنسار
جلوي دار جمال

4- زلف والیل سیاه جبین والشمس واضحیٰ
ابرو سجده گاه مـژگان سوره سپاه
کوثر عین کمال

5- انف تیغ عریان رزمگاه رخدانُ
لب یاقوت مرجان لولو هن دندان
ذنخ حبس خیال

6- حسن کیتا حکام تیا عشق امام
ان اعرف سرجام کرو جلد تمام
ري فرصت في الحال

7- حسن ماریا دم چایا عشق علم
پردا ڦاڙ عدم ایجها کرکي عذم
تیا ذوالجلال

8- هستي تخت ٻٹیا موتي خلقت جڙیا
قدرت نال کڙیا شاهنشاه چڙهیا
ناز کر نونهال

9- سرتاج وحدت احد الله حشمت
لم یلد صفت صاحب صمدیت
بیحد بي مثال

10- کیتس کن فرمان فیکون یک زمان
سارا جمل جهان کل دارین دوران
خواهش خالق دي نال

11- بڻ وچون بیحد تي هویدا حد
سڀ ازل ابد جڙیا جان جسد
تیا شکل شمال

12- کثرت وچون تي قسم کل قسم تي اِسم
شش جهات جسم رشید الدین ریت رَسم
بڻ تي برحال

(2)

تلهہ: اڪندي آهيان، واتون نهاريان، موٽ مران تي محرم يار، ڪين وساريان.

(1) محبت ماري ڪٺي دل موڳي، جان جسو منهنجو تولئہ جوڳي، دم جدا توڪان دلبر ڏار.

(2) محب ملڻ لئہ ماندي دل موري، راتو ڏينهان جيءُ ۾ جهوري، تن ۾ تنهنجي تانگهہ تنوار.

(3) ساهہ سهڻل سائين توکي ساري، پلپل پسڻ لئہ پورهيت پڪاري لهج سڪاين جي ڪا سار سنڀار.

(4) رشيد الدين تي ٿيو اوهين راضي، معاف ڪريو سڀ مديون ماضي، ڪيو ڪا وصل جي گويا گفتار

(3)

تلهہ: ڪيهو بير رنگي رنگ بنايو آ، بي مثل، مثل ۾ مايو آ.

(1) ظاهر باطن هر مظهر ۾، لعلڻ پاڻ لڪايو آهي.

(2) يسعني قلب المؤمن، سارو سر سمايو آ.

(3) الانسان سري سمجهہ اشارو، فائق اي فرمايو آ.

(4) رشيد الدين چوي رمز انهيءَ جي، هنيون حيرت ۾ آيو آ.

شجرو شريف پيران راشديہ (اصحاب العلم)

عبد مناف
|
هاشم
|
عبدالمطلب
|
ابو طالب
|
1- حضرت علي ڪرم الله وجهہ
|
2- حضرت امام حسين رضہ
|
3- حضرت امام زين العابدين رضہ

4- حضرت امام باقر رضہ
|
5- حضرت امام جعفر صادق رضہ
|
حضرت امام موسيٰ ڪاظم رضہ
|
حضرت امام علي رضا رضہ
|
سيد شاه حسين رح
|
سيد شاه عبدالله رح
|
سيد شاه هارون رح

سيد شاه حمزه رح

سيد شاه عمر رح

سيد شاه اسد الله رح

سيد شاه زيد رح

سيد شاه عباس رح

سيد شاه علي مڪي رح لڪياري (وارد سنڌ)

سيد شاه چڪن رح

سيد شاه حسين رح

سيد شاه محمد رح

سيد شاه محمود رح

سيد شاه بهاءُ الدين رح

سيد شاه شهاب الدين رح

سيد شاه فضل الله رح

سيد شاه عباس رح

سبد شاه ناصر الدين رح

سيد شاه مير علي رح

سيد شاه حسين رح

سيد بولڻ شاه رح

سيد سنجر شاه رح

سيد ڪتڻ شاه رح

سيد عثمان شاه رح

سيد شڪر الله رح

سيد فتح محمد رح

سيد محمد امام رح

سيد محمد بقا شهيد رح

سيد محمد راشد رح (روضي ڌڻي)

سيد محمد ياسين رح (سائين جاين وارا) صاحب العلم الاول

سيد فضل الله شاه شهيد رح (صاحب العلم الثاني)

سيد رشيد الدين شاه (صاحب العلم الثالث)

سيد رشد الله شاه رح (صاحب العلم الرابع) خلافت ڏني

سيد ضياءُ الدين شاه رح (صاحب العلم الخامس)

سيد وهب الله شاه مدظلہ (صاحب العلم السادس) موجوده

سيد رشد الله شاه رح صاحب العلم الرابع کان پوءِ جھنڊي وارا راشدي خاندان جي پڳ ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي

حضرت پير سيد احسان الله شاه (سنت ڏني) صاحب العلم الخامس

حضرت الحاج حافظ محب الله شاه (صاحب العلم السادس)

سيد محمد ياسين شاه (صاحب العلم سبعت) موجوده

چوٿون پڳدار جھنڊي واري راشدي خاندان جا

حضرت پير سيد روشن ضمير رشد الله شاه (خلافت ڏني) رحمت الله عليہ جن ٿيا. جيڪي ثالث پڳدار حضرت پير سائين سيد رشيدالدين شاه بيعت ڏني جن جا وڏا فرزند هئا.

حضرت پير رشد الله شاه جن وقتن فوقتن ڪل پنج شاديون ڪيون. اولاد صرف ٽن شادين مان ٿيو. پهرين شادي ٻاهران مريدن مان ڪيل هين جن مان جملہ ڇهہ پٽ ۽ چار نياڻيون (معصوم) ڇاوا. جن مان هن وقت ڪوبہ زنده نہ آهي.

ٻاهران مريدن مان شاديءَ مان وڏو فرزند حضرت پير سيد ضياءُ الدين شاه جن هئا ۽ ٻي شادي پنهنجي چاچي حضرت پير فضل الله شاه شهيد جن جي نياڻيءَ سان ڪيائون. جنهن مان صرف هڪ فرزند حضرت پير سيد احسان الله شاه جن تولد ٿيا. جيڪي حضرت قبلہ سائين محي الدين شاه عرف اعجاز علي شاه جن جا والد محترم هئا ۽ پير سيد حضرت رشد الله شاه جن اعجاز سائين جا ڏاڏا هئا. پاڻ پنهنجي والد محترم صاحب جن سان سفرِ زندگي ۾ چاليهہ سال گڏ رهيا ۽ روحاني فيض حاصل ڪيائون. بلند درجي جا مفڪر، عالم، اهل الله هئا. انگريزن سال 1338 هجري ۾ مسلمان حڪومتن

جي زور پڄڻ لاءِ ترڪ ۾ شريف حسين جي خلافت لاءِ هندستان جي ڪن ويڪاڻ عالمن کان لالچ ڏئي صحيحون ورتيون. پر خلافت جو ترڪ ۾ حقدار وحيد الدين هو. ان لاءِ پاڻ تحريڪ شروع ڪيائون. جيڪا هندستان ۾ زور پڪڙي ويئي ۽ هندستان توڙي سنڌ ۾ جلسا ڪري تحريڪ کي عالمن کان رايا وٺي زور وٺارايائون. پاڻ ان تحريڪ جا اڳواڻ هئا ۽ ڪين خلافت تحريڪ جو اڳواڻ ڪيائون ان ڪري "خلافت ڏڻيءَ" جي خطاب سان مشهور ٿيا.

سندن ڪرامتن، ڪافين، غزلن توڙي سي حرفي روحاني رمزن ۽ راه هدايت سان محفوظ آهي ۽ پڻ سندن ملفوظات هٿ اکرن ۾ درگاهه شريف پير جهنڊي ۾ موجود آهي. سندن وصال بعد پڳ تان تڪرار سال1922ع کان 1937ع تائين برطانيه حڪومت وٽ لنڊن ۾ هليو ۽ جهنڊي واري راشدي خاندان جي پڳ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويئي ۽ 1356هجري ۾ سندن ننڍو فرزند حضرت پير سيد احسان الله شاه هجرت ڪري پير جهنڊي کان اتر طرف هڪ ڪلو ميٽر فاصلي تي ڳوٺ درگاهه شريف نالي سان نئين ڪوٽ تي آيا.

پير سائين (خلافت ڏڻي) 1277هجري ۾ تولد ٿيا ۽ ماهه رمضان 1340هجري 63 ورهن جي عمر ۾ وفات فرمايائون. سندن مزار شريف ڳوٺ پير جهنڊو ۾ آهي. (انا لله وانا اليه راجعون)

ملفوظات مان هڪ نقل: پاڻ خلافت ڏڻي جهنڊو چانديءَ جو ڪٺي هلندا هئا. فرمايائون ته هي جهنڊو امام صاحب حضرت مهدي عليه السلام جن جو آهي. اوهان مان جيڪو به ان وقت (سندن ظهور) کي پهچي ته هي جهنڊو ان جي حوالي ڪجو. ان جي امانت آهي.

ناقل جمع فقير ته تاريخ 20 ربيع الثاني 1333هجري رپ جي پرسان محمد فقير ٻبر جي دعوت تي هئا. اتي مسجد ۾ فجر نماز پڙهي وينا هئا. حاجي الهه بخش (الله بخش) ڪافي پئي چئي. چاڻ مسلماني ڪير تو چاٽي ـ ريءَ شرڪ رب ڪير سچاٽي ـ پوءِ متئين فقير ان جي معنيٰ پڇي پاڻ فرمايائون ته الله جل شانه جا ٻانها ڪن ڪمن ۾ سندس امر موجب سائس ڳڏ آهن. پوءِ جي ڳڏ ٿيا ته اهو به شرڪ ٿيو. جهڙو نبي، ولي هدايت ڪندا آهن ۽ هادي الله تعاليٰ آهي. پوءِ جڏهن نبين کي هادي ڪري سمجهي، تڏهن مسلمان ٿئي. سو اهو شرڪ جڏهن ڪري تڏهن پورو مسلمان ٿئي ۽ فرمايائون ته الله تعاليٰ جي امر سان شرڪ ڪيو ويو ته اهو ڏوهه نه آهي. فرمايائون ته اڄ اسان کي به ڳالهين ڪرڻ جي موڪل ملي آهي، جيڪي الله تعاليٰ تو ٻڌائي، فرمايائون ته جيڪي فقير وڃن ٿا، سي ائين آهن جيئن پراڻا ڪپڙا لاهجن ٿا ته وري اڃا سنا پائجن.

ولادت ۽ پائر:

سيد محمد ياسين شاه جي وفات بعد، سندن وڏو فرزند سيد فضل الله شاه سجاده نشين ٿيو.

سيد فضل الله شاه جن جي شهيد ٿيڻ کان پوءِ سندن ٽيون نمبر پاءُ سيد رشيد الدين صاحب العلم الثالث سجادہ نشين ٿيو. ڇاڪاڻ تہ پير شهيد رح کي ڪوبہ نرينو اولاد ڪونہ هو. سان 1277 هجريءَ ۾ کين هڪ فرزند ڄائو جنهن جو نالو رشد الله شاه رکيائون. جيئن پاڻ هڪ هنڌ ۾ پنهنجي والد و مرشد کي دعا گهرندي چيو اتن:

رشد الله رکيو اوهان نالو عجب ابي،
اسمِ مسمي کي ڪيو موافق اي محبي.

سيد رشد الله شاه جن کان سواءِ ٻيا بہ چار پٽ سيد رشيدالدين شاه رح کي ٿيا: 1. سيد امام الدين شاه 2. سيد محمد حسين شاه 3. سيد محبوب شاه ۽ 4. سيد اسماعيل شاه.

سندن ڪلام

پير سائين رشد الله شاه جن سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي ۾ شعر چيو آهي. سندن ڪلام، سندن زندگيءَ ۾ ئي گڏ ڪيو ويو ۽ مون وٽ جيڪو نسخو آهي سو پير سائين بديع الدين شاه صاحب جن ڏنو. هي نسخو سندن استاد قاضي فتح محمد مرحوم جو لکيل آهي، جنهن جا ڪي صفحا ڦاٽي ويا آهن، تنهن ڪري فارسي غزل ۽ ڪجهہ ڪافيون گم آهن. ٻيو بياض سندن خاص خادم حافظ محمد امين صاحبِ مٽياري واري وٽ آهي. حافظ صاحب جو چوڻ آهي تہ اهو بياض مڪمل آهي. راقم جي سامهون جيڪو بياض آهي ان ۾ هيٺينءَ طرح سندن شعر لکيل آهي. ڪافين جي مٿان سر ۽ راڳڻيون بہ لکيل آهن.

فارسي غزل ٻارهن، سنڌي غزل ٻاويهہ، سنڌي بيت ست، هڪ ٽيهہ اکري، هڪ لولي، مولود چار، هڪ سهرو، سنڌي ڪافيون بہ سو يارهن ۽ سرائڪي زبان ۾ ڪافيون چوڏهن. سندن ڪلام جو انتخاب هيٺ ڏجي ٿو:

ابيات

1. مهر ميهر جي ڪندي مڪڙي منجهہ مهراڻ،
سڪان سونپي ساهڙ کي ونجهہ وٺندي پاڻ،
اهڙي پر اچاڻ، لڙ لنگهندي لهرين جا.

2. ڇڙي، ڇري ڇت ڇريو ٿيو ڪڙي ڪئي خيال،
ساهيو نئي سائنر ڏي ساهڙ جي سنڀال،
ڇيٽو هيڏيءَ ڇر جو، ڇڪن ليکي ڇال.

ويجهو ڏِسيو وصال، ڪڏيو پوي ڪنن ۾.
3. سرسٽي سانپارن جو، سهٽي سنبري اتي،
گهڙي چڙهي گهرجي، گهيڙئون ڪين گتي،
وجي ات التي، جتي پاڻ پتار جا.

ٽيهه اکري

1. ت . تي توڪل ترهو ٻڌائون ساهي،
قصدا ڪابل ڏي هليا ڪانوتيا ڪاهي،
لا يخافون لومت لائم ڊپ ڇڏيائون ڊاهي،
لاڳاپا لاهي، پير وڌائون پڙ ۾.
2. د . دال دل ۾ دوست جو دم دم دور پڙهن،
يذڪرون الله قياما وقعودا ڪيڏنهن ڪين لڙن،
ڪار انهيءَ ۾ ڪڙهن راتو ڏينهان ڪاپڙي.
3. س . سين سدائين سافرو ساميڙا آهين،
قوموا لله قانتين خيال نه لاهين،
ڪاهيو پيا ڪاهين، ماهيسي ان ماڳ ڏي.
4. ي . يبتغون فضلا من ربهم سيد چئي سامي،
لا اله الاالله محمد رسول الله تنين تمامي
اڪي سين، انجامي، قالوا چئي ڪنچير تيا.

پنجون جهنڊي وارا

راشدي خاندان جهنڊي واري جن جو پنجون پڳدار حضرت پير سائين احسان الله شاه جن 1356هجري ۾ ڳوٺ پير جهنڊي واري تان هجرت ڪري نئين ڪوٺ درگاهه شريف تي اچي ويٺا. سنڌن ولادت 1313هجري 27 رجب المرجب آهي. پاڻ پنهنجي والد صاحب حضرت پير سائين رشدالله شاهه (خلافت ڏٺي) جن جي زير هدايت 27 سال رهيا. ظاهري روحاني فيض سان سرشار ٿيا ۽ والد صاحب جن جي ملفوظات شريف ’تنوير القلوب وصراط المطلوب‘ ۾ ڪانئس روايت ڪيل 43 نقل سنڌن والد صاحب جن جا بيان ڪيل آهن. اها سڄي ملفوظات شريف هٿ اکرن ۾ محمد قاسم ڪلوئي بلوچ جن جي 25 رمضان المبارڪ 1371هجري ۾ لکي پوري ڪيل آهي، جنهن ۾ باقي نقل مريدن ۽ حضرت پير ضياءُ

الدين شاه سائين جن کان بيان فرمايل آهن. حضرت پير سائين احسان الله شاه جن شريعت ۽ حقيقت سان مالامال هئا، جيئن تہ پاڻ کل 3 ٽي شاديون ڪيائون: 1- پهرين شادي ٺلاهہ شريف مان. پير ميان سائين منٺن شاه جن جي نياڻيءَ سان ڪيائون، جنهن مان بہ فرزند الحاج حافظ حضرت محب الله شاه رحمت الله عليہ (علم ڌڻي) ۽ فرزند حضرت ابو محمد بديع الدين شاه رحمت الله عليہ جن تولد ٿيا.

ڇهون جهنڊي وارا

راشدي خاندان جا پڳدار الحاج حافظ پير سائين محب الله شاه جن ٿيا ۽ هن وقت سندن وڏو فرزند ستون پڳدار پير سيد حضرت محمد ياسين شاه جن حال حيات آهن. 2- ٻين شادي پنهنجي خاندان مان اسٽيشن ڪتياڻ وارن پير سيد امير الحسن شاه جن جي نياڻيءَ سان ڪيائون جنهن مان صرف هڪ فرزند حضرت سيد محي الدين شاه عرف اعجاز علي شاه سائين جن تولد ٿيا جن جي ذڪر بابت اڳتي بيان ڪيو ويندو. 3- ٽين شادي پنهنجي چاچي محبوب شاه جن وٽان ڪيائون جنهن مان اولاد ٿيو پر ننڍي هوندي وصال ڪري ويا.

پاڻ شريعت ۽ سنت جا ايترا پابند هئا جو پنهنجي چاچي محبوب شاه کين چيو تہ اوهين رفع اليدين تا ڪريو، ان ڪري اوهان کي پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ نہ ڏيندس. پاڻ فرمايائون اوهين سڱ ڏيو يا نہ ڏيو، ليڪن آئون حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي سنت جي پيروي ڪندو رهندس ۽ موٽي آيا. ان بعد ڪجهہ وقت بعد سندن چاچو حضرت محبوب شاه وٽن هلي آيو ۽ پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ ڏيئي ويا. ان بعد شادي ڪيائون ۽ پاڻ حضرت احسان الله شاه جن (سنت ڌڻي) سڏيا ۽ اڄ تائين (سنت ڌڻي) جي خطاب سان مشهور آهن.

پير سائين حضرت احسان الله شاه (سنت ڌڻي) رحمت الله عليہ جن وڏن کان وٺي، قادري طريقي جا قائل ٿيا. سندن ذڪر جون چار تسبيحون لا الہ الاالله - الا الله - الله - هو - آهن. اڄ تائين سندن خاندان ۾ ذڪر جو ورد دل جي آواز سان هلندو رهي ٿو. پاڻ علماءَ تہ هئا پر اهل الله ۽ فقير صفت درجي جا محسن ۽ منور پڻ هئا. ان کان سواءِ روحاني توڙي آفاقي ۽ موروثي شاعر پنهنجي وڏن وانگر سنڌي توڙي فارسي شعر چيل آهن. سندن سمورو شعر محمد عثمان خاصخيلي نوڙهن واري وٽ آهي. پر پاڻ وصال ڪري ويا آهن. آخر پاڻ 15 شعبان 1358هجري ۾ درگاهہ شريف پير جهنڊو ۾ وصال فرمايائون. انا لله وانا اليہ راجعون.

سندن مزار شريف پڻ درگاهہ شريف تي آهي. سندن وصال بعد وڏو فرزند الحاج حافظ محب الله شاه (علم ڌڻي) جن پڳ تي ويٺا.

سندن ڪتب خانو ۽ مدرسہ اڄ پڻ اوج ۽ اقبال سان مشهور آهي. جتي ڪيترا ٻاهران طالب ديني

تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. سندن جهنبو مبارڪ جنهن جي مٿان محمد ۽ هيٺان يا الله چانديءَ سان نهرايل بيرڪ سميت اڄ پڻ موجود آهي ۽ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي مهر منڊي مبارڪ سان حضرت علي عليہ السلام جن جو لکيل خط مبارڪ هرڪل جي بادشاهه ڏانهن فوٽو اسٽيٽ ڪاپي سان پڻ موجود آهي.

پير سيد حضرت احسان الله جن جماعت سان ڪپڙ جي وڻ هيٺان وينا هئا تہ هڪ مريد ڪپڙ مان پن ڪريل ڪنيو جنهن تي ڪلمو پاڪ (لا الہ الاالله محمد رسول الله صلي الله عليہ وسلم) لکيل آهي. جيڪو اڄ تائين لوهہ جي دٻليءَ ۾ ڪپهہ تي رکيل محفوظ آهي، جنهن جي مٿان ڪاڻو آهي. ان مان پوري طرح پڙهي سگهجي ٿو. حضرت پير سائين الحاج محب الله شاهه جن سان هن ناچيز جون ڪيترا پيرا روح رهاڻيون ۽ دعوتون ٿيون. پاڻ نهايت حليم طبع ڪلمک ۽ فياض هئا ۽ عاشق رسول ۽ روحاني شاعر پڻ هئا . سندن شعر في الحال مون وٽ نہ آهي. اميد تہ هٿ ڪري مثال عرض رکندس. سندن شعر ۾ تخلص "محب" آهي جو خود پاڻ مون کي ٻڌايائون. ديني مسائل بابت وڏي ڄاڻ رکندا هئا . سندن تصنيف ڪيل ڪيترا ديني ڪتاب سندن ڪتب خاني ۾ اڄ پڻ موجود آهن. پاڻ ٻاهرين ملڪن جي دعوت تي ترڪي، عربستان وغيره ملڪن ۾ جلسن ۾ ديني تبليغ تي ويا ۽ عربي جي تعليم کان سواءِ ايم اي انگريزي ۾ پڻ ڪيائون. پاڻ آخري وقت ۾ دل جي دوري سبب ناخوش رهيا . پاڻ 1921ع مطابق 29 محرم الحرام 1340هجري آچر رات 2 بجي ڳوٺ پير جهنڊي ۾ ولادت فرمايائون. ديوان مشتاق اسپتال حيدرآباد ۾ دل جي وارڊ ۾ 19 شعبان 1415هجري مطابق 21 جنوري 1995ع ڇنڇر رات 4 بجي عيسوي سن موجب 73 ورهہ 3 مهينا 19 ڏينهن ۽ هجري سن مطابق 75 ورهيہ چار مهينا 20 ڏينهن جي عمر ۾ وفات فرمايائون. انا لله وانا اليہ راجعون.

پنيان 3 پٽ هرهڪ: 1. وڏو فرزند محمد ياسين شاهه جيڪو ستون جهنڊي وارو راشدي پڳدار آهي. 2. محمد راشد شاهه. 3. محمد قاسم شاهه جيڪو وڏو عالم، لئبرري ۽ مدرسہ جو مهتمم پڻ آهي.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سوانح حيات

نحمده ونصلي علي رسولہ الڪريم

بسم الله الرحمن الرحيم

زندگي جو احوال، اسم شريف، ولديت

(1) اسم شريف:

سيد، پير ماھ منير حضرت محي الدين شاھ رح عرف اعجاز علي شاھ بن حضرت پير سيد احسان الله شاھ رحمت الله عليہ "سنت ڏٺي" جن جا ٻيءَ شاديءَ مان اڪيلا فرزند ھئا . سيد حضرت احسان الله شاھ راشدي جھنڊي واري اھا شادي جيڪا اسٽيشن ڪنياڻ لڳ ڳوٺ ڪاڻڙي مان سيد امير الحسن شاھ جن جي نياڻيءَ سان ڪيائون.

(2) ولادت:

پاڻ اصل ڳوٺ پير جھنڊي واري ۾ تاريخ 12 ربيع الاول 1348ھجري سومر رات 4 بجي مطابق 1929ع ۾ تولد ٿيا .

(3) تعيلم و تربيت:

پاڻ تقريبا ڇھن ورھن جي عمر جا ٿيا تہ ڪين ڳوٺ پير جھنڊو ۾ مسجد شريف ۾ مولوي شفيع محمد مگريہ جيڪو ڳوٺ ڇتن شاھ تعلقہ سڪرنڊ جو رھاڪو ھو، ان وٽ قرآن شريف ناظران پڙھڻ لاءِ وھاريو ويو، جنھن وٽ ڳوٺ جا ٻھراڙيءَ جا ٻار پڙھندا ھئا. 8 سالن اندر 29 سيپارا پڙھي پورا ڪيائون، پاڻ ننڍي ھوندي مستانہ خيال ۾ رھندا ھئا، ان ڪري سندن والد صاحب ڪين ٻھلول جي نالي سان سڏيندا ھئا، جيڪو نالو پنھنجي شعرن ۾ ڪٿي ڪٿي آندو اٿن.

ان وقت پڳ جو تڪرار زور وٺي ويو ھو، ان ڪري سندن والد صاحب حضرت پير سيد احسان الله شاھ "سنت ڏٺي" رحمتہ الله عليہ جن ھجرت ڪري 1356ھجري جي پڇاڙيءَ واري مھيني ذوالحج ۾ ڳوٺ پير جھنڊو کان اتر طرف اڌ ميل فاصلي تي درگاھ شريف نالي نئون ڳوٺ ٻڌائي اتي سڪونت اختيار ڪيائون.

حضرت پير سيد محي الدين شاھ جن ٻڌايو تہ باقي 30 پارہ درگاھ شريف تي پڙھي پورو ڪيم. ان وقت مولوي صاحب جمال الدين جيڪو ذات جو مُتُو رڻ ڪڇ جو رھاڪو ھو، ان وٽ سنڌي ٻاراڻو

ڪتاب ۾ پهرئين ڪتاب جا ڪجهه سبق پڙهيم. فرمايائون تہ اسانجي والد صاحب حضرت پير سيد احسان الله شاهہ جن تاريخ 15 شعبان 1358هجري تي هن دنيا مان رحلت فرمائي ويا. (انا لله وانا اليہ راجعون) ا1سان جي ان وقت عمر ڏهہ. يارهن سال مس هُئي. ان وقت کان پوءِ ڪابہ تعليم پرائي نہ سگهياسون.

مرشد ونڻ:

مون ڪانئن پڇيو: قبلا! مرشد بابت يا ذڪر جي باري ٻڌايو. پاڻ فرمايائون اسان ذڪر يا تلقين پنهنجي والد صاحب حضرت پير سيد احسان الله شاهہ جن کان ورتي. انهن جي صورت ۽ سندن جهنڊي مبارڪ جي جهلڪ اڃان تائين ياد آهي. سندن صورت ۽ جهنڊي جي اظهاري پنهنجي هڪ ڪلام ۾ پڻ ڪئي اٿن:

تلهہ: هوت پرين هڪ واري - ڏي دلداري - ٻاروچا ٻانهيءَ کي
(1) ياد اڃان تائين اٿم دل تي - تنهنجي جهنڊي جي جهلڪاري
(2) پنهنجي پسائيي پاڻ پيارا - سا صورت مون نہ وساري
(3) سيد سائين صاحب سنت جا - سچڻ ڪر سرداري
(4) بي راهيءَ لاءِ "بهلول" چئي - موٽ مٺا منهنداري

سندن فرمان موجب تہ والد صاحب جن ننڍي هوندي بهلول لقب جي نالي سان سڏيو هو. هن شعر ۾ اهو تخلص طور ڪم آيل آهي.

سلسلہ طريقت:

جيئن تہ حضرت پير سيد غوث زمان محمد راشد شاهہ روضي ڌڻي رحمتہ الله عليہ جن کان سندن مسلڪ قادري طريقي جو رهندو آيو آهي. ان ڪري پاڻ فرمايائون تہ اسان جو پڻ اِهوئي (مسلڪ) رستو آهي. ان ڪان سواءِ پير سائين پاڳارا موجوده حضرت سڪندر علي شاه. شاه مردان شاه اسان جا وڏا پڳ وارا آهن. جن کي اسين پنهنجو رهبر مرشد تسليم ڪريون ٿا. انهن لاءِ پڻ پنهنجي شعر ۾ اظهاري ڪئي اٿن. جيئن تہ:

مرشد ساڏي نال ملا قي - هردم "شاه سڪندر" ساقي
حجڙا اعجاز دا اِهوئي ياقي - ڪيهي ڪاڻ حرم دي يار
باغ بهاريا بن وي سرتيون - آئي سڪندر شاه جي

اِهائي اسانجي بزرگن کان رهبري حاصل آهي. باقي ٻئي ڪنهن بہ پير فقير کان نہ ذڪر ۽ نہ

دعا يا هيءَ امانت مليل آهي.

مشغولي و مطالع:

ننڍپڻ ۾ ديني ڪتاب ۽ قرآن پاڪ پڙهڻ جو ذوق شوق هوندو هون ۽ اڪثر مريدن ۾ گهمڻ ڦرڻ لاءِ وڃڻ ٿيندو هو. هڪ دفعي باغ علي رند سان مريدن وٽ دڙيلي شهر ۾ وڃڻ ٿيو. اتي پٽ تي هڪ شعر لکيائون. پاڻ فرمايائون اهو ڪهڙو شعر هو، سو ياد نه آهي.

پاڻ فرمايائون ته 15 - 16 سالن جي عمر ۾ شعر و سخن جي ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي چڱي طرح پروڙ هئي. ان وقت احمد ڏاهري (متوفي) وينل ڳوٺ پنجل ڏاهري جيڪو مريد به هو ۽ راڳ پڻ ڳائيندو هو، ان سان گڏجي سندن ڳوٺ مريدن ۾ ويس، منهنجو ٻڌي اتي جا سيد جيڪي ڪچهري ڪرڻ ايندا هئا، انهن ۾ سيد لونگ شاهه يڪتارو کڻي ايندو هو. جنهنجي تنبي گهاگهر جيڏي ۽ ڳني نندي هوندي هئي، اهو روحاني ۽ رندي ڪلام ٻڌائيندو هو. سچل سائين جو هي ڪلام گهڻو چوندو هو:

تلهه: جنهن دِل پيتا عشق دا جام - سَادل مَستو مست مُدام

اهوڪلام وڻيو انهيءَ طرز تي اسان هي ڪلام ٺاهيو.

تلهه: توڙي لک ڏيو ته بيان - هيءَ دل ڪانه ڦرندي ڪانه

هن ڪلام بعد شعر و شاعري جو شوق پيدا ٿيو.

شعر و شاعري جي ابتدا:

جيئن ته قبله سائين اعجاز علي شاه جن شاعري شروع ڪئي ان وقت ئي کين مجاز جي چوٽ آيل هئي ۽ انديا جي گانن جي ڌنن تي ان عمر ۾ شعر چيائون. مثال:

تلهه: سهڻا سَامهون آ.سهڻي صورت پساءِ. تنهنجوشڪرڪيان مان بجاءِ

تلهه: . اکيون رت، رت، رُنيون زاروزار - آيو نه اڃ يار

تلهه: جن يار نه ڪيو تن جي چا ڪيو

تلهه: جيسين جانب يار نه ايندو - تيسين دل کي قرار نه ايندو

وغيره وغيره اهڙا مجازي ڪلام اظهار ٿيا جيڪي ان وقت جا حال حيات فقير (1) مجاهد شيدي (متوفي) ڳوٺ پير جهنبو (2) عبدالفتاح شيدي ڳوٺ پير جهنبو متوفي (3) احمد فقير ڏاهري ڳوٺ پنجل ڏاهري متوفي (4) مور فقير ڪيريه وينل وڏيرو لونگ ڪيريه ۽ ٻيا حاجي لعل بخش خاصخيلي جي ڳوٺ جا: سليمان نانگو خاصخيلي، ڪارو خاصخيلي، امير بخش ۽ مير خاصخيلي وغيره دعوت ڏئي سائين کي ڳوٺ وني ويندا هئا ۽ رات جي محفل مچائيندا هئا.

شاديون ۽ اولاد:

حضرت پير سيد محي الدين شاه عرف اعجاز علي شاه جن جون ٻه شاديون ٿيل آهن: (1) پهرين شادي ڳوٺ پير شاهه لڳ گاجراواهه مان نواب شاهه کان ڏکڻ طرف 4 ميل فاصلي تي پير سيد علي اڪبر شاه راشدي جن وٽان سال 1952ع ۾ ڪيائون. ان شادي مان کين پنج فرزند تولد ٿيا: جن مان ٻن وڏن فرزندن جو وصال سندن حياتي ۾ ٿيو.

(1) سيد امان الله شاه جنم 5 - 9 - 1959ع درگاهه شريف تي وصال: ڇنڇر جي رات اپريل 1995.

(2) سيد ابو تراب شاه ـ جنم 1970-8-1 وصال 26 مارچ 1996ع

(3) سيد سجاد الرسول شاه

(4) سيد محمد اشرف شاه

(5) سيد شاه فريد شاه

اڪرام الله شاه ولد سيد امان الله شاه

ٻي شادي:

پنهنجي راشدي خاندان مان ڳوٺ بابوڇن سيد نورالدين شاه جن وٽان ڪيائون. سال 1982 جي مئي مهيني ۾. ان شاديءَ مان کين پنج فرزند حال حيات آهن: (1) ظهور احمد شاه (2) محمد سليم شاه (3) سيد ضمير احمد شاه (4) قائم علي شاه (5) سيد ڪليم الله شاه

دوست، احباب، عقيدتمند، عزيز ۽ راڳي فقير:

سيد زين العابدين شاه پٽن سميت ڳوٺ محمد معين مهدي شاه لڳ نواز ڏاهري اسٽيشن. سيد حسن شاه پاءُ پوڙهو شاه ۽ پٽ سيد بچل شاه (ملا حرمت). سيد موچارو شاه ڳوٺ سيد پير شاهه. سيد ڏنل شاه ڳوٺ پير شاه (راشدي). سيد غلام مرتضيٰ شاه عرف موج درياءُ پير جهنڊو.سيد پير شاهه. سيد مرسل الدين شاهه. سيد الڻ شاهه. سيد مقبول شاهه. پير مظهر الحق. سيد الهداد شاه عرف دادن شاه محراب پور تعلقو سڪرنڊ. سيد شاهه محمد شاه درگاه سيد سليمان شاه تعلقه مورو. سيد محبوب شاه محراب پور سڪرنڊ.

حاجي عبدالرحيم مگسي تعلقو سڪرنڊ. لشڪر خان جمالي. لطف علي خان جمالي.فقير عطا محمد جمالي. دريا خان جمالي. غلام الرسول خان جمالي ڳوٺ ڪنب ليمان. جان محمد خان لغاري ڳوٺ مير خان لغاري (متوفي). وڏيرو غلام قادر خان ڪيريو سک پور اسٽيشن تعلقه سڪرنڊ. حافظ محمد بخش خاصخيلي ۽ انور خان جتوئي ڳوٺ نوان جتوئي. وڏيرو فقير علي خان برڙو لڳ زير پير موري.

محمد صالح جاکرو نيو سعيد آباد. بشير احمد هيسباڻي حبيب بئنڪ آفيسر ڳوٺ ٽارو شاهه حال نواب شاهه. (حاجي محمد قاسم مگسي قدمر بوسي لاءِ ايندا هئا) سونو مگسي، معشوق علي مگسي، علي خان چانڊيو (سڪرنڊ) وڏيرو دودو ڪيريو پٽن سميت محمد فقير ڪيريو. استاد حسين بخش جمالي پٽن سميت لڳ نواب شاهه. خير محمد بروهي، سڪندر بروهي، خان محمد بروهي، جان محمد بروهي ۽ حسين بخش بروهي، متل موري، عالمر خان بروهي لڳ پراڻي سعيد آباد. قبول خان ڳوٺ ڏنل شاهه لڳ سرهاري، نور محمد مشائخ ڳوٺ مشائخ تعلقہ سڪرنڊ. ولي محمد ميمڻ پنج مورو. حاجي واحد علي ميمڻ، معشوق علي ميمڻ، نظير احمد ميمڻ پنج مورو. الهہ بخش لاهوتي پنج مورو (متوفي). استاد محمد عالمر لغاري، منٺار علي خان لغاري ڳوٺ سعيد خان لغاري تعلقہ هالا. شاهن فقير ابڙيجہ ڳوٺ الياس ابڙيجہ. ارباب علي فقير سولنگي هالا ٻرانچ ويٺل ۽ ميوو فقير سولنگي هر وقت حاضري ڀريندا رهن ٿا.

ڳوٺ محمد خان مگسي جا فقير، شفيع محمد، سندس پٽ محمد يوسف، محمد عاقل ۽ عابد ۽ نظر محمد فقير بهشتي، وڪيو فقير. ولي داد. در محمد. صوف. غلامر سرور پانڌي، محمد سومر. حاجي علي نواز. حاجي محرم ۽ قربان مگسي ابراهيمر فقير مگسي (سڪرنڊ) ميهار فقير جلباڻي عطا محمد جلباڻي (ماڙي جلباڻي) ڪوڙو مگسي، امامر علي مگسي، ثابت علي مگسي (ڳوٺ محمد خان مگسي) ولي محمد ڏاهري، ابراهيمر فقير ڳاڙهو (بلاولي) محمد حسن وادو (ٻانو). اسحاق فيقر ماڇي (هالا) علي محمد فقير پيجارو (الياس ابڙيجا) عطاءُ الله سونارو (نيو سعيد آباد) سچڻ فقير چچر، مولا بخش ڪيريو. حافظ محمد اسماعيل سنجراڻي سيد علي اڪبر شاهہ. سيد پريل شاهہ. محمود شاهہ. سيد امين شاهہ (نڪر) - سيد علي گل شاهہ. ڊاڪٽر عبداللطيف شاهہ. محمد اسماعيل ڪيريو. فقير محمد هاشمر ڪيريو (چوٽياريون) فقير ربڏنو لاڪو. علي نواز لاڪو. محمد ياسين عاشق بابا. محمد معاذ ڪيريو. پنهل فقير ڪيريو (پرياروڊ) پريل لاڙڪ. ارباب لاڙڪ. ماستر علي قمر مگريو. رحمت الله پيجارو. عثمان خان انڙ. فتح محمد چانڊيو. ڪارو مناهجو. عمر مناهجو. عبدالوهاب چنو. عبدالحفيظ چنو. الهڏنو عرف چري سرڪار (نيوسعيدآباد) خان محمد سولنگي. حيدر سولنگي (شاهہ پور چاڪر) صاحب خان رند راز علي رند. مراد علي رند. محمد عالمر جهلوجو. مير حسن حجمر.فقير نور محمد ميمڻ. فقير رضا محمد ڪيريو. ڪريمر بخش ڪيريو. محمد حنيف شاهہ. علي رضا شاهہ. نور انور شاهہ. علي حيدر شاهہ. شمس الزمان شاهہ. عظيمر شاهہ. امتياز علي شاهہ. لعل حسين. سيد محبوب شاهہ مست. ثناءُ الله شاهہ.سيد سرور شاهہ (نواب شاهہ) سيد غلامر شاهہ (پليڏنو ڪاڪا) سيد يوسف شاهہ (ڪنڊيارو) سيد غلامر محمد شاهہ (سيراج ڪاڪا) درمحمد شاهہ (سڪرنڊ) سيد اصغر علي شاهہ (قاضي احمد) مخدومر پيربدرحسين عرف پير پپو (هالا) مخدومر نوح فقير (هالا) پير حمد الله شاهہ

راشدي (پير جهنبو) سيدپيرل شاهه (الياس ابڙيجا) سيد محمد شاهه. پير مشتاق علي شاهه (ڇن) سيد علي گوهر شاهه (ڪاٺڙي) گلڻ شاهه. سيد منن شاهه ۽ مراد علي شاهه (ٽنبوالهيار) محمد حنيف شاهه (پير ذيڪري) سيدسڪندر شاهه. شيخ محمد ڪاڪا

گذر اوقات:

اعجاز علي شاهه سائين جن کي پنهنجي والد صاحب جن جي زمين جي ورهاست مان 194 ايڪڙ زمين ملي. جيڪا نواب شاهه کان اوپر طرف ڳوٺ سرهوڙي خاصخيلي لڳ ديهه گوجرو ۾ هئي. اها پاڻ آباد نه ڪرائي سگهندا هئا ۽ هميشه مقاطع تي ڏيندا هئا. اهڙي طرح ان مان گذر سفر ٿيندو هو. پاڻ سال 1962ع جي وچ ڌاري هجرت ڪري ضلع سانگهڙ جي ڳوٺ پير سيد معين مهدي شاهه ۾ لڳ نواز ڏاهري اسٽيشن سڪونت اختيار ڪيائون. 11 سال اتي رهيا ۽ 1973ع ۾ وري هجرت ڪري نيو سعيد آباد تعلقه هالا ۾ اچي ويٺا ۽ گوجري واري زمين ڪپائي پنهنجي همشيرهن کي حصو ڏئي باقي پئسن مان پراڻي سعيد آباد لڳ ڳوٺ ڪڏ وارا حاجاڻه وٽ 82 ايڪڙ زمين خريد ڪري ٽيوب ويل هڻائي پاڻ آباد ڪرايائون.

نيو سعيد آباد ۾ پنهنجي پلاٽ ۽ جاءِ نه هئڻ باعث زمين مقاطع ڏيندي ٻن سالن جا پئسه اڳوات وٺي پلاٽ به ورتائون ۽ جڳهه ٺهرائڻ لاءِ ڪم شروع ڪيائون هڪ سال اندر جڳهه تيار ٿي ۽ پاڻ اڳ ويٺل حاجي نبي بخش خاصخيلي جي جاءِ خالي ڪري پنهنجي حويليءَ جي ڪوٽ ۾ رهڻ لڳا. جتي اڄ تائين سندن اولاد رهندو اچي. اها زمين آهستي آهستي وڪرو ڪندا گذر سفر ڪندا رهيا.

سندن مزاج ۽ رواداري:

پاڻ تمام خوش خلق ۽ حليم طبع سان خاموش رهندا هئا سدائين صبر ۾ رهندا هئا. ڪنهن سان به ڏاڍي وڏي وات ڳالهاءِ نه هوندو هو. سڀ سان سٺي سلوڪ سان ملڻ ٿيندو هو. زماني جي ناسازين توڙي ڏکن غمن جو ظاهر ۾ ڪوبه اثر معلوم نه ڏسڻ ۾ ايندو هو. انسان سان ته محبت رکندا هئا پر جانور، ڪتا توڙي پکي، جيت بلا وغيره سان پڻ پيار ڪندا هئا. ڪنهن کي به ڏکوئيندا نه هئا. ان لاءِ شعر ۾ چيو اٿن ته:

تلهه: پريڻءَ جي پار جا ماڻهو، اچا ڪارا به مون پيارا
انهن جا ناز ۽ ماڻا انگل آرا به مون پيارا
(1) جڏهن ٿو آئون ڏسان جوئي ـ ڪڙو ناهي منجهن ڪوئي
پيان هٿ پير سندن ڌوئي ـ منا ڪارا به مون پيارا

(2) سين سان دل منهنجي گهري - هجن مسلم توڙي دهري
قياسي يا صفا قهري - ظلم وارا بہ مون پيارا

(3) چوي "اعجاز" ملي هيڪر - دوئي ڪير دور جڏهن دلبر
لڳا مون کي تڏهن هر هر - منهنجا مارا بہ مون پيارا

پاڻ هر ڪنهن سان همدردي ۽ اخلاص سان ملندا ڪلندا هئا. هڪ ڪلام ۾ چيو اٿن تہ:

ڪلمڪ هجڻ "اعجاز" منهنجي طبع ۾ آ شامل
ڪتي ڪنهنسان منهن گهنجائڻ - اِهو لچڻ هت لـَئيل آ
سوين زخم پيا چڪن پر - هر زخم چڻ چِتَلُ آ

سخا ۽ مهمان نوازي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. سائل کي هڪ دفعي گهوڙو ۽ ٻئي کي مينهن پڻ ڏنائون. اجرڪ، ڪپڙن جا وڳا ڪيترن کي ڏنائون، پر ايترو ضرور چوندس تہ ماڻهن کان لڪائي، اڪيلائي ۾ ڏيندا هئا. جيئن ڪنهن کي خبر بہ نہ پوي.

مهمان نوازي ۾ اڄ تائين سندن مڪان تي لنگر جاري آهي، تمام خلوص ۽ محبت سان ماني کارائيندا هئا، جيڪڏهن ڪو وڏو ماڻهو آيو تہ ان لاءِ پنهنجي عزت وقار سارو ڪابہ گهٽتائي نہ ڪندا هئا.

ڳوٺ محمد خان مگسي جو فقير نظر محمد مگسي وٽ اعجاز سائين جون بہ مينهون آهن جن جو کارائڻ پيارڻ مٿس آهي ۽ هر روز 8 ميل ڪڏهن پنڌ ڪڏهن لاري (بس) ۾ کير ڪٽي پهچائيندو آهي. پوءِ ڪٽي مينهن برساتيون، طوفان هجن. هڪ دفعي زبردست مينهن وسي رهيو هو تہ نظر محمد فقير مگسي کير ڪٽي مڪان وٽ پهتو تہ سائين اعجاز جن اشارو ڪري چيو تہ اجهو اهو فقير نظر محمد بهشتي کير ڪٽي پيو اچي ۽ اڄ تائين هُن جي اها ڊيوٽي آهي. ۽ مينهن جا ڦرتاتي چاري وڏا ڪري سائين جن جي حڪم موجب ڪپائي پئسا حاضر رکندو آهي.

سندن حُليہ مبارڪ ۽ پوشاڪ:

اعجاز سائين جن رنگ جا سانورا، قد جا پورا پنا درميانہ هوندا هئا. سياري ۾ سلوار خميس، گرم سيٽر، جرسي لوئي يا اجرڪ، پيرن ۾ گهٽو ڪري زنجيرن سان بند بوٽ ۽ مٿي ۾ سنڌي ٽوپي. ڪڏهن ڪڏهن مفلر پڻ اوڍيندا هئا. اونهاري ۾ سلوار خميس ۽ هٿ ۾ سادو رومال کڻندا هئا. ٻچپن ۾ ٿورو وقت شهپر رکيائون ۽ پوءِ سدائين ڪـِلين شيو رهيا. سندن رخ مبارڪ ۾ خوش خلقي ۽ صبر گهڻو هوندو هو. جيڪڏهن ڪا ڳالهہ ڪندا هئا يا ڪو ڪم چوندا هئا تہ تمام آهستي ڳالهائيندا هئا. ڪا ڳالهہ پڇبي تہ ان جو صرف جواب ڏيندا هئا نہ تہ خاموشي اختيار ڪندا هئا. ڪلام ڪافي جو دل تي

خيال ايندو هونِ تہ ڇني ڏيندا هئا تہ ماستر ڪجهہ ڪلام ٻول نهي ويا آهن. ڪٿي تو اڃان تہ اهي ڪلام رجسٽر تي لکي ڇڏ. اهڙي طرح پاڻ اهي ڪلام لکائيندا هئا آئون سندن روبرو لکندو هوس. انهن ڪلامن جي لکڻ بعد ڪانئن معنيٰ مفهوم بابت پڻ رهاڻ ٿيندي هئي ۽ سنجيده نموني وضاحت ڪندا هئا. سندن جيڪو بہ ڪلام آهي اهو مون 1967ع کان 1982 تائين سندن اصلاح سان گڏ ڪري رجسٽرن تي پنهنجي هٿ اکرن سان جمع ڪيم جيڪو اڄ تائين وٽن موجود آهي.

سدائين فڪرَ ۾ رهندا هئا. عارفن ۽ عاشقن، توڙي سالڪن جي ڪلام ٻڌڻ جا شائق هئا. صبر ۾ رهڻ ڪري سندن خيال حقيقت ۽ حق ڏانهن مائل هوندو هو.

مجلس جا آداب:

قبلہ اعجاز علي شاه سائين جن جيتري قدر صابرين هئا، اوتري قدر سخن شناس ۽ سخندان پڻ هئا. جيڪو سخن ڪلام چيو اٿن ان تي پاڻ باعمل هئا. ان ۾ صداقت سچائي، يقين جي بوءِ ايندي آهي. ان جي طفيل محبت سان ملڻ ۽ خلق سان مرحبا ڪرڻ ڪري هر ڪنهن طرف سڪون صبر ۽ خاموشي ڇانيل رهندي آهي. هرڪو با ادب، اخلاق سان جتي جاءِ هوندي اتي وهندو آهي ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن پنهنجي طرفان شڪايت نہ ڪئي تہ مون کي تڪليف ملي. سندن نظر جي شفقت اها هوندي هئي جو عزيزن خويشين توڙي معزز مهمانن کي اتي ملندا هئا ۽ پنهنجي پير ۾ وهاريندا هئا. ان مجلس جي آداب جو مون نقش هيئن چٽيو:

تلهہ: منهنجي اعجاز جي محفل - ٻڌڻ گهرجي ڏسڻ گهرجي
رهي خاموش خوش دل تي - اچڻ گهرجي وڃڻ گهرجي

(1) ڪڏي ڪيني ۽ ڪلڪل کي - مَحوَ تي ٻُڌ تون محفل کي
هتي حاضر ڪري دل کي - ڏيڻ گهرجي وٺڻ گهرجي

(2) اَمر ۾ آشڪارو تي - حقيقت حال وارو تي
سراپا صاف سارو تي - اٿڻ گهرجي وهڻ گهرجي

(3) ڇڏي دارالفنا جو در - ڪري اثبات سارو سر
مُوتو قبلل مري هر هر - مرڻ گهرجي جيئڻ گهرجي

(4) ادا "خاڪي" نہ وجهہ گهاري - اُٿي هيءَ مَهل موچاري
ڪري سرُ گهور لک واري - سُڻڻ گهرجي، ڪڻڻ گهرجي

سندن محفل جي رونق، سونهن، محبت ۽ صبر سان لبريز هئڻ ڪري مون کي حضوري نقش ۽ حال خيال ميسر ٿيندو هو ۽ هميشہ سندن مهر نظر ۽ توجہ جي نوازش ٿيندي رهندي هئي. محبت ۽ ادبَ

توڙي سچائي و فائي سندن صورت توڙي سيرت مان ظاهر هوندي هئي.

تلهہ: سڄڻ سِڪَ يار سچ بولڻ ـ دنيا جا خوف ڏيڻ لاهي
اوتاري منصفن جي اڳ ـ ڏيا سڀ ڪُوڙ جا ڍاهي
(1) اصل چانديءَجي رُپَئي جيئن ـ ڇٽو ڇنگ ڪان بہ ٿي وڃ تون
ٻاڙو، ٻوڙو، منو ٿئين جو ـ منا تو ۾ تہ مَتَ نَاهي
(2) قلب آڪسو ٿي تنهنجو ـ پرک تنهنسان تون حق باطل
سواءِ دل جي نہ سڌ پونديئي ـ تہ حق ڇاهي باطل ڇاهي

سندن ڪيفيت ۽ ڪردار جا اهڙا ڪيئي مثال سندن شعرن مان ملندا.

المجاز:

آئون راقم الحروف جيئن تہ 1958ع جي اپريل مهيني ۾ سندن ڳوٺ درگاهہ شريف تي هيدماستر طور بدلي ٿي آيس. هن کان اڳ اعجاز سائين جن سان ملاقاتون تہ ٿيل هئي، پر سندن مجازي ۽ حقيقي توڙي روحاني حال ۽ شعر کان متاثر هوس ۽ پاڻ پڻ منهنجي اسڪول ۾ بدلي ٿي اچڻ ڪري تمام خوش ٿيا. سندن اوطاق درگاهہ شريف تي حويلي جي اوير طرف هئي، اتي گهرايائون تمام وڏي خلق ۽ محبت سان پيار ڏنائون. سندن شعر و سخن بابت پڻ رهاڻيون ٿيون، ڏاڍو دل کي قرار آيو. ان هڪ ملاقات ۾ ئي سندن مون حقير تي نوازش ٿي ويئي. اسڪول مدرسي اندر هڪ ڪمري ۾ هو ۽ صبح شام ٻہ ٽائيم پڙهائي هوندي هئي. اسڪول جو بيل موڪل جي وڄڻ وقت پاڻ حويلي مان ايندا هئا ۽ آئون اسڪول مان سندن مڪان (اوطاق) تي ٻن پهرن جي ٻہ ڪَلاڪ موڪل ساڻن روح رهاڻ ۾ گذاريندو هوس. ان رهاڻ ۾ مجاز بابت عرض ڪيم تہ هي توهان جو شعر مجازي رمزن، غمزن سان ڀرپور آهي، جنهن ۾ حسن جي منظر نگاري دل جي آہ و زاري سان اظهار ڪيل آهي. ڇا اهڙي مجازي چوٽ بابت ٻڌڻ لاءِ عرض ڪيان تو قبول پوي. پاڻ فرمايائون انهي مجازي حسن تہ موهت ڪري اظهار ڪيو آهي، صورت تي ئي شعر ۽ خيال جو حال پيدا ٿيو. اها صورت نقش ٿي دل تي تصوير ٿهي ويئي آهي.

تلهہ: يار جو تصور ڪندي ـ تصوير وئي دل تي ٺَهي
ساسدا سامهون اکين جي ـ راهبر ٿي آ رَهي

بس پوءِ تہ ڪئين پيرا اهڙيون رهاڻيون ٿيون. انهن رهاڻين ۾ بار بار با ادب محبت سان عرض ڪندو رهيس ۽ پڇندو رهيس تہ انهي مجازي محبوب جي ڪجهہ آگاهي ڪرايو. پر پاڻ اڄ تائين ڪابہ اهڙي ڄاڻ نہ ڏنائون، ڪنهن کي معلومات آهي، پر ايترو چيائون:

تلهہ: اکين واري ناتي ـ ڏاڍي چوٽ چاڙهي

اهو درد لا شڪ - ڪندو نئي پچاڙي

سندن قول مطابق انهي فراق ۽ درد ۾ آخري وصال تائين مُحڪم رهيا. سندن پاڪ محبت ۽ پاڪ عشق اهڙو رنگ لاتو جو ڪيترا راڳ ڳائيندڙ فقير بنا ڪنهن چوڻ جي ڪري سندن رنگ ۾ ۽ عشق ۾ از خود ايندا رهيا.

مون کي ياد آهي ته هڪ ڏينهن سائين اعجاز علي شاهه هڪ بيت ٺاهيو ۽ سيد حسن شاهه کي ڏيکاريائون. تنهن چيو ته بيت سٺو آهي. اهو ٻڌي سائين اعجاز علي شاهه هڪ مزاحيه بيت ٺاهيو:-

حسن شاهه حَدَ ڪَيئي، صلاح نه ڏين ڪا سئين،
ويجهو ڪريو وهاٽي کي، پاسي پر پئين،
رڳو چپن سان پيو چئين، ته وهوا بيت ڀلو ٿيو!!

ٽيئي ڄڻا ڏاڍا کلياسون. ڪهڙو نه محبت ڀريو عجيب وقت هو.

انهي سال جي وچ ڌاري هجرت (نقل مڪاني) ڪري، ڳوٺ معين مهدي شاهه ضلع سانگهڙ ۾ سيد زين العابدين شاهه سان پير ۾ سڪونت اختيار ڪيائون. اتي به ذڪر ڪيل عيدن جي ڏهاڙن تي محفل سماع جا وڏا اجتماع ٿيندا رهيا. 1967ع ۾ رئيس دوست علي خان ڪنڀاڻ جي دعوت تي، محمد فقير ڪنڀاڻ جي ميلي تي فقراءَ ۽ سنگ سميت وڃڻ ٿيو اتي به راتيون رهڻ بعد درگاهه فقير ولي محمد لغاري جي گادي نشين نواب اميد علي خان لغاري دعوت ڏيئي تاجپور وٺي هليو. اتي پنج راتيون ترسائي سائين اعجاز علي شاهه سان روح رجنديون رهاڻيون ڪيائون. اتان موڪلائي هڪ رات نصرپور ۾ مصري شاهه جي درگاهه تي پڻ حاضري ٿي. اتان واپس الهڏنه ساند اسٽيشن تان ريل گاڏيءَ ۾ سوار ٿي ٽنڊي آدم ۾ صفر مهيني جي 14 تاريخ جمن جتيءَ جي درگاهه تي محفل ڪري 15 تاريخ جي صبح جو ريل رستي ڀٽ شاهه ۾ حضرت شاهه عبداللطيف جي ميلي ۾ فقراءَ سميت حاضري ٿي. جتي صادق فقير پنيرو، وينل پٺياڻي مليو. ان کي ساڻ ڪري واپس ولي محمد ابڙيجه جي اوطاق تي چند راتيون رهياسون. ان سموري سفر ۾ فقراءِ سميت آئون (محمد صابن) شامل هوس. ان بعد پاڻ واپس ڳوٺ معين مهدي شاهه روانا ٿيا. اهڙي طرح 11 سال اتي رهيا ۽ سمورو فقراءَ ۽ يار دوست وٽن ايندا رهيا. 11 سالن بعد 1973ع ۾ هجرت ڪري شهر نيو سعيد آباد تعلقه هالا ۾ پنهنجو پلاٽ خريد ڪري اتي سڪونت پذير ٿيا. جتي اڄ تائين ساڪن آهن.

سير سفر ۾ پيو پيرو سيد حبيب الله شاهه وينل ڳوٺ آرائين لڳ مديجي ضلع شڪارپور تعلقه ڳڙهي ياسين وٽ 1988ع مارچ جي 15 تاريخ فقراءَ سميت دعوت تي وڃڻ ٿيو. اتي هڪ رات رهي محفل سماع ڪرڻ بعد ٻي رات لاڙڪاڻي ۾ رٽائرڊ اسسٽنٽ ڪمشنر غلام مرتضيٰ صاحب پٺي جي دعوت تي وياسون. جيڪو غمدل فقير جو طالب آهي. ان وقت غمدل فقير جي ورسي ملهايائين. اتي به سڄي رات

راڳ ويراڳ جي محفل ڪري صبح جو 10 بجي روانا ٿي موهن جي دڙي جو ديدار ڪري رات جو 8 بجي سعيد آباد پهتاسون.

وفا جي جوش ۾ مون کان وڪون واڌيون ويون پرجي
وري پوئتي واران پاهون، ته راهون سي ڪتان آئيان

زماني سازي ۽ سياست وغيره کان ڪناره ڪش آهن. سندن قول فعل حقيقت ۽ سچ تي مبني آهي. سدائين صابر ۽ شاڪر رهيا آهن. ڪنهن جي شڪوه شڪايت جو وٽن نالو به ڪونهي.

درگاهه شريف تي سندن وڏو ڀاءُ الحاج حضرت پير سيد محب الله شاهه راشدي جهنڊي وارا رحمته الله عليه جن حافظ ۽ عالم هئا ۽ مدرسه ۾ عربي جا ٿي استاد. فارسي جو هڪ ۽ ڪيترا ڳوٺ ٺوڙي ٻاهر جا طالب ديني تعليم حاصل ڪندا اچن. ان احترام ڪري اسان سائين اعجاز ۽ طالبن راڳ رنگ (محفلِ سماع) رات جو مناهي شاخ نئشنل هاءِ وي ۽ ريلوي لائين جي وچ ۾ رچائيندا هئاسون ۽ طالب ۽ فقراءَ وڌندو ويو 1958ع کان محمد ايوب صدر پاڪستان مخدوم صاحب جن جي زمين هارين ۾ ورهاست ڪئي. ان مان ولي محمد ابڙيجه وينل ڳوٺ الياس ابڙيجه کي درگاهه شريف کان اتر اوپر نئشنل هاءِ وي ۽ ريلوي لائين وچ ۾ زمين ورهاست تي ملي. اتي اوطاق ٺهرايائين جتي سڀ طالب فقير محفلِ سماع لاءِ ايندا رهيا.

سال جي ٻن عيدن رمضان شريف ۽ عيد الاضحيٰ تي وڏيون محفلِ سماع جون ڪچهريون ٿينديون هيون. جتي سنگت سات مريد فقير گهڻي قدر ٻنهي ۽ ملڻ ايندا رهندا هئا.

مجازي، معنيٰ، مُرڪ، مهميز

(1) مَجاز (ع مذڪر): با اختيار. حقيقت کان ٻاهر.

(2) مجازا: مرضي سان. رضا يا فريضا. مجازي (صفت) ظاهري، بناوتي.

مجاز: اڪر جي متين معنائن مان تصديق ٿي ته ظاهري، بناوتي حسن يا صفت جنهن کي بقا نه هجي معنيٰ حقيقت ۽ حق ڏانهن وجڻ يا ملڻ لاءِ ظاهري نظارو. هن ظاهري، بناوتي، حسن يا صفت ۾ حق جو ظهور آهي. ان کي بصيرت وارن غور فڪر سان سچائي، پنهنجي صفائي ۽ سچائي سان. محبت ڪرڻ ۽ پيار پريت جي رنگ، ڍنگ، وصل، پيچ سان پاڻ مشاهدي ۾ محو ٿيڻ ڪري جيڪو اثرات نمودار ٿين. ان کي ابتدا ۾ مجاز چئجي ٿو. اهو مجازي عشق صفت جي هر صفت سان ٿي سگهي ٿو. پر انسان جو انسان سان پيار ڪرڻ ۽ ان کي پاڪائي ۽ صفائي سچي محبت سان ڏسڻ. پڇاڙي توڙ ڪرڻ سان ئي صورت سهاري فنا ڪائي ڪامل محقق مرشد جي رهبري سان اڳتي وڃڻ کي ئي عاشقن صورت جو سڏو پنڌ سڏيو آهي.

قبلہ سائين اعجاز علي شاه جن هڪ تہ موروثي شاعر آهن. جيئن تہ سندن خاندان ۾ حضرت پير سائين روضي ڌڻي رحمتہ الله عليہ جن خود ۽ سندن اولاد پاڳارا راشدي خاندان توڙي جهنڊي وارا راشدي خاندان ۾ ڪيترا آفاقي ۽ روحاني شاعر ٿي گذريا آهن. جن جو بيان اڳ ڪري آيو آهيان. تيئن مٿن موروثي شاعري جي ڏات پڻ عنايت ٿيل آهي هيو تہ مجازي چوٽ جو رنگ لاتو. تنهن ويتر حسن نگاري جي منزل عشق ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن.

جيئن هڪ شاعر چيو،آهي تہ: نانگ ڏنگي تو ٽنگ، پر عشق ڏنگي تو اک ڪي. تيئن اعجاز سائين پڻ چيو آهي. ظاهر ۾ اک ڏسي ٿي، پر اصل گهاءُ دل تي ٿئي ٿو. اهو ڪيئن:

(1) تنهنجي اکين جا تير - نيٺ چڙهي پيا جاني جگر ۾

(2) نينان ماريا تير برهہ دا - جگر ڳيا اوجهور ميان

حُسن جي ڏنگ جو اثر دل، جگر تي ٿيڻ ۽ دل جي آه و زاري زبان سان اهڙي طرح بيان ڪرڻ جو هڪ گهايل دل بئي جي گهايل دل کي احساس ڏياري گهاءُ ظاهر ڪري. وري بئي ڪلام ۾ چيو اٿن تہ:

تلهہ: گهوڙا ڪجل جي گهاءُ - آئون گهايس،نا تہ مران تي نا تہ جيئان تي

گهاءُ اهو ڪو آهي اهڙو - سڀ وڃايئين ساءُ - آئون گهايس نا تہ مران

هتي پروڙڻ گهرجي تہ اهڙو گهاءُ ٿيو جو نہ مرڻ آهي نہ جيئڻ آهي. اهڙو ساءُ عاشقن لاءِ معراج آهي. هو عاشق اهڙي صدا هميشہ ڪندا. جنهن ۾ وصل وصال بہ هجي پر وڇوڙو بہ هجي. جيئڻ کي وڇوڙو ۽ مرڻ کي وصال پائين ٿا. هر هُر مرڻ، هر هر جيئڻ سچي عاشق لاءِ نعمت ۽ راحت آهي. هن شعر ۾ بي معنيٰ سمايل آهي. شاعراڻي خوبي اها هئين آهي تہ:

گهاءُ، آئون گهايس، نا تہ مران تي نا تہ جيان تي

وصالي واءُ، آئون گهايس، نا تہ مران تي نا تہ جيان تي

تيغ ابروُجي تاءُ - آئون گهايس نا تہ مران تي، نا تہ جيئن تي

ساءُ - آئون گهايس، نا تہ مران تي نا تہ جيئان تي

ڏسو تہ قافيہ جو رديف سان کهڙو نہ سنو لڳاءُ آهي. قافيہ رديف ۾ اهڙو تہ ٻڌل آهي ۽ گهرو سمايل آهي، جيئن چاهہ زنخ ۾ غوطا مارڻ. هي سائين اعجاز جي روحاني منزل، مجازي چوٽ ۽ شاعراڻي صنف جو ڪمال آهي. اهو سمجهندو، جنهن منجهہ عُشاقي رمز هوندي ۽ شاعري جي صنف، تجنيس، محاورو، تشبيهہ، استعارو وغيره کان واقف هوندو.حسن جي هرهڪ صنف کي شاعر يا عاشق پنهنجي ذاتي يا ظاهري امنگن مطابق نقش سامهون رکي پنهنجي نقاشي رنگ، ڍنگ سان ۽ سچي محبت، پاڪائي ۽ صفائي سان محبوب جي هر ادا ۽ ناز جي اظهاري ڪندو آهي. هتي اعجاز سائينءَ سنڌي توڙي سرائڪي ۾ هيئن فرمائين ٿا:

(1) ڦهري نين ڏولڻ دي ڪالي (2) چقمق اکيون ڇهٽي ويون - ڳهٽئي موڙيم پرنا مڙيون (3)اسان ديدان رانجهو نال رليان (4) نيڻن جي نينهن ناز نچايا نواب ڪيئن (5) آنکھ سي آنکھ ملا. مورا ساجن ديدار دارني پايا نظر آيا - دلدار کي نينن مين.

اکين کان پوءِ وري ابرو، گيسو، رخسار، لب، زنخ وغيره جي نزاڪت ۽ رعنائي، بيھڪ بابت فرمايائون:

تلهہ: اڳيان هن سيف ابروجي لکين ڏڙ، سر، جدا ٿي ويا
انهي تلوار جي آڏو - اِين جا هٿ اِيا ٿِي ويا

اِين جا هٿ اِيا ٿيڻ، معنيٰ جيڪي سرڪشي ۽ سخت دل هئا، انهن بہ انهي ابروجي تلوار آڏو هار مڃي هٿ مٿي ڪنيا.

(گيسو زلف)

تلهہ: اهي زلف ڪي ·نانگ گهنديرا - ڪن الفيون چيرا چيرا
نُنهن تي نچائي ڏِسُ تہ ڇڏيئون - ڪيئن ڪاپڙي ڪن چيرا
تاب حسن "اعجاز" تني جي ڪوليا برهہ بحيرا

زلفن، ڪارن گهنديدار وارن هن دل جي بحر کي يا خيال کي سمنڊ وانگر ڪولي ڇڏيو.

رخسار:

نڪ نيڻ پرون پيڪاني پلڪ - رخ رُخسارن جا افشاني جهلڪ
لالَـئو لعل لبن جي لاثاني چمڪ - ٿالر هوش ڪري مدهوشن جا

زنخ:

تلهہ: اسان چاه زنخ مان پيتو زم زم - وسري ويوسون بيت حرم

مصرع ۾ پڻ اهڙي طرح وضاحت ڪيل آهي. چاڻڻ گهرجي تہ حسن جي هر صنف کي گهري ۽ گهاٽي نظر سان مايو اٿن. جيئن:

تلهہ: هن زلف جي ڪاري ڪمند زاهد ڪئين زندان ڪيا
زاهد ڪئين زندان ڪيا، تن جا عمل ايمان نيا
(1) سوداءِ مُشڪين مُوءِ کان - هر سن ۾ سو صنعان ٿيا
مذهب ڏرم ڇا دين ڇا - بوڙي ٻئي تہ جهان ويا

ڏسو مجاز جي مهميز مان اصل حقي حُسن ڏانهن وڃڻ لاءِ اشارو. جيئن پير سائين رشيد الدين شاه (بيعت ڌڻي) جن پنهنجي چلي شريف ۾ بيان فرمايو تہ:

(1) زلف وليل سياهہ - جبين وشمس وضحيٰ
ابرو سجده گاه - مژگان سورهہ سپاه
كوثر عين كمال - سڻ چلي دي ڳالهہ

(2) انف تيغ عريان - رزمگاهِ رخدان
لب ياقوت مرجان - لئہ، لئہ هِن دندان
زنخ حبس خيال - سڻ چلي دي ڳالهہ

هتي زلف ۽ زنخ جي ادا، نقش ۾ ساراهيل آهي. مجاز ۾ حقيقت جي معنيٰ سمايل هجي. اعجاز سائين جن جي شعر ۾ اهڙيون خوبيون تمام گهڻيون آهن. جيئن تہ:

كن كروڙين عشق پيا - پر كو وڃي ٿيو كامياب
كي ٽَڏي ٽي ئي ٽَكي پيا - كي هلي ٿيا مهٽي هاب

(واٽ ۾ تان موٽ كائي)

سچي ۽ پاڪ محبت سان صورت وارو عشق كامياب آهي. ان ۾ حق كي پسڻ بي مثل، مثل ۾ ۽ بي چون، چون بنجڻ جو مثال

با نقطي اكر جيئن نون بڻيو - تئين نقش اكين گونا گون بڻيو
بي چونُ اچي اِتي چونُ بڻيو - صفا نونُ صورت جي سينگار مثل
آهن كي كي اكيون - اسرار مثل

وري ٻئي هنڌ هندي شعر ۾:

تلهہ: ديدار داريني پايا - نظر آيا - دلدار كي نينن مين

(1) رخ دلبر داهي درپن - كرو اهين وچ اپنا درسن
دوجها ذوق سبهوهي ضايع - سچ بتايا - دلدار كي نينن مين

(2) شَڪ چهوڙشكي كرشورنهين - اهين نينا وچ كوئي اور نهين
رب سائين آپ سمايا - ديرا دمايا - دلدار كي نينن مين

(3) پرجام پريم داپي كر - گر گياني وچ گم تهي كر
پيچهي سوز "اعجاز" پرايا- من پر بهايا- دلداركي نينن مين

اكين ۾ مشاهدو ماڻڻ، اهڙو مثال ڏيڻ جو حق ڏسڻ اِهائي سچي صوفي عاشق، سالڪ جي سڃاڻپ آهي، سندن خيالن جي پاكائي جي اها حد جو جيكو سخن يا شعر چيو اٿن ان تي باعمل رهيا

آهن. سڪ ۽ محبت جو راز مخفي رکڻ لاءِ شعر ۾ اهڙو انداز لڪائڻ جيئن تہ:

پري بہ ٿيان نہ پرينءَ کان - ويجهو وڃڻ نہ پايان
آهيان انهي خيال جو - تہ سڪ نہ لڪايان
لايان نيايان - بنا انت "اعجاز چئي"

سڪ جو انداز ٻئي شعر ۾ هيئن فرمايو اٿن:

تلهہ: رشڪ نصيب آهيان، ڪمتر نصيب هوندي
آغوش ۾ صنم آ - رهزن رقيب هوندي
(1) آئون داغ پنهنجي دل جا - دل کان بہ پيو لڪايان
ڪيئن عام کي پوءِ تن جو - واقف سنڌي بنايان.
من جي طبيب محرم - ماهر مجيب هوندي

ساڳئي شعر ۾ آخري نالي واري مصرع ۾ فرمايو اٿن، جيئن تہ جنهن بہ عاشق پنهنجي مطلوب کي حاضر نہ سمجهيو ۽ غائبانہ پيار ڪيو تہ اهو طريقو صورت واري پنڌ ۾ جائز نہ آهي. اهو ڪامياب نہ ويندو. ڇوتہ مطلوب توڙي مرشد جي صورت بنا پنڌ اجايو آهي. تصور ۾ تصوير جو هجڻ لازمي آهي. جيئن تہ:

اڄ ڪلهہ جا نينهن ناتا - اعجاز بي نويدا
بي جا رواج رسمون - بي جا عمل عقيدا
ڪن غائبانہ ياريون - حاضر حبيب هوندي

همہ اوست بابت وضاحتون

قال اويس قرني رضي الله عنہ: اذاتم عيش العبوديہ فعيشہ عيش الله تعاليٰ. يعني جنهن وقت پورو ٿئي تو عيش ٻانهپ جو، پوءِ عيش اُن (ٻانهپ) جو عيش الله تعاليٰ جو عيش آهي.

قال امام علي زين العابدين رضي الله عنہ: يا رب لو جوهر علم الوح بہ لقيل لي انت ممن يعبد الوثنا. يعني اي رب! جيڪڏهن جوهر علم جو ظاهر ڪريان تہ مون کي چيو ويندو تہ.تون انهن مان آهين جيڪي بتن جي پوڄا ڪن ٿا.

امام جعفر رضي الله عنہ: ڪين چيائون تہ: اوهان متڪبر ڇو آهيو؟ فرمايائون تہ منهنجو پنهنجو تڪبر ۽ پندار هليو ويو ۽ ان جاءِ تي الله تعاليٰ جو ڪبر اچي ويو آهي.

شيخ معروف ڪرخيءَ چيو تہ :ليس في الوجود احد الله. يعني وجود ۾ الله کان سواءِ ٻيو ڪوبہ نہ آهي.

هڪ ڀيري ٻانئي فقر حضرت علي عليہ السلام ڪرم الله وجهہ بحالت عروج ۽ سڪر وحدت پنهنجي خطبي ۾ فرمايو تہ: مان ئي اسم الله جي کان لفظ ڏنو ويو آهيان ۽ مان ئي الله جو جنب آهيان جنهن ۾ توهان افراط. تفريط ڪئي آهي ۽ مان ئي قلم آهيان. مان ئي لوح آهيان. مان ئي عرش آهيان ۽ مان ئي ڪرسي آهيان. مان ئي ست آسمان آهيان. مان ئي ست زمينون آهيان. پوءِ جڏهن اثناءِ خطبي ۾ عروج کان لهي نزول جي حالت ۾ آيا ۽ وحدت جي تجلي اٿي ويئي. پوءِ پاڻ معذرت ڪرڻ لڳا ۽ پنهنجي عبديت ۽ عاجزي جو اظهار ڪيائون.

اقوال حضرت شيخ احمد فاروقي، لقب حضرت مجدد الف ثاني امام رباني رحمتہ الله عليہ

(1) شرِ نفس، شيطان جي شر کان وڌيڪ آهي. (2) عجز جو اظهار ڪرڻ عبادت آهي.

(3) ڪفر کان پوءِ وڏو گناهہ دل آزاري آهي.

پاڻ همہ از اوست طريقہ جا قائل ۽ پابند هئا ۽ حضور انور صلي الله عليہ وسلم جن جي سنت طريقہ تي هر دم پابند هئا. تمام عمر حق تعاليٰ جي ظاهري ديني تعليم جي تبليغ ۽ اطاعت ۾ مشغول رهيا. جيڪي ڪجهہ فرمائيندا هئا. سڀ هُن کان سمجهي پيروي ڪندا ۽ ڪرائيندا هئا. علم لدني جي ڄاڻ ۽ سمجهہ هوندي بہ ڪڏهن بہ (شطحيات) شريعت جي پابندي کان هڪ قدم بہ نہ هٽيا.

حقيقي تصوف جي اپٽار:

الله تعاليٰ قرآن پاڪ جي سورت فرقان پاره 19 آيت ڪريمہ 63 ۾ بسم الله الرحمن الرحيم

وعبادالرحمن الذين يمشون علي الارض هونا واذا خاطبهم الجاهلون قالوا سلاما
ترجمہ: رحمن جا اهي ئي بندا آهن، جيڪي زمين تي اخلاق ۽ عاجزيءَ سان هلن ٿا. جاهل ماڻهو انهن کي سڏين ٿا، ڏسن ٿا تہ هو سلام ڪن ٿا.
حديث پاڪ: من سمع صوت اهل التصوف فلا يؤمن علي دعائهم کتب عندالله من الغافلين
ترجمہ: جيڪو صوفين جو آواز سڻي انهن جي دعا تي آمين نٿو چوي تہ اهو الله جل شانہ ويجهو غافلن ۾ شمار هوندو.

عرض تہ تصوف جي معنيٰ آهي ئي صفائي، عاجزي، اخلاق، سيرت، محبت ۽ انهن سڀني لطيفن تي يقين سان ۽ دوئي کان سواءِ عمل ڪرڻ ئي تصوف آهي. وري قرآن پاڪ ۾ الله جل شانہ حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ حضرت خواجہ خضر عليہ السلام جو قصو مڃي پڪل جو درياءَ ۾ وڃڻ، حضرت خواجہ خضر سان ملاقات ٿيڻ، ٻيڙي کي سوراخ ڪرڻ، ڇوڪر کي ڪُهڻ ۽ پٽ ڊاهي نئين ڏيڻ. انهن حقيقتن جو حضرت موسيٰ عليہ السلام کي راز نہ ڏيڻ ۽ خواجہ خضر کي باطن جو علم (لدني) ڏيڻ، انهن سڀني سببن ڪري هرڪو عالم، فقير، اولياءُ، عاشق، عارف وغيره بنا شڪ شبہ جي قبول ڪندو تہ ظاهري علم تہ آهي پر باطني (لدني) علم بہ الله تعاليٰ انسان کي عطا ڪيو آهي، اسان جا عالم سڀئورا جيڪڏهن قرآن حديث ظاهر جي معنيٰ کي پنهنجي جلسن ۾ بيان ڪن ٿا تہ قرآن شريف جي چوڻ مطابق ان ۾ مٿي بيان ڪيلُ لدني علم کي بہ انهن کي مڃڻ گهرجي، قرآن پاڪ الله جو ڪلام پاڪ آهي، جيڪو سورت بروج جي آيت ڪريمہ 21 - 22 ۾ ترجمہ سان بيان ڪيل آهي تہ:

بل هو قرآن مجيد 21 (ترجمہ: هي سڀورو قرآن آهي.)

في لوح محفوظ 22 (ترجمہ: حفاظت ڪيل تختي ۾ لکيل آهي)

ڇا لوح محفوظ ڪڏهن کان آهي، ان جي مفهوم کي سمجهڻ عشق ۽ محبت وارا جن صرف ماسويٰ کان جدا تي هڪ خدا پاڪ جي هستي جي طلب ڪئي، جنهن لاءِ هرهڪ نبي سڀوري تي حق ۽ فرض ڪيائين تہ صرفُ توحيد ۽ وحدانيت منهنجي بيان ڪريو تہ آئون الله واحد، الله الصمد لم يلد، ولم يولد، ولم يکن لہ کفوا احد آهيان.

ان ڪري فذکرونيٓ اذکرکم (معنيٰ مون کي ياد ڪريو تہ آئون اوهان کي ياد ڪريان) الانسان سري وانا سره (انسان منهنجو راز آهي ۽ آئون ان جو راز آهيان) هيترين ثابتين هوندي يقينا ثابت ٿيو تہ لدني علم آهي ۽ اهو انهن کي ئي معلوم ٿيندو آهي، جيڪي سندس گهورا هوندا. حضرت علي عليہ السلام جن علم جا دروازا آهن. انهن کان مٿي ڪنهن جو علم نہ آهي.
(1) ان مدينة العلم وعلي بابها (فرمان نبي: آئون علم جو شهر آهيان ۽ علي ان جو دروازو)
(2) من طلب شيءِ جد وَجد (فرمان حضرت علي: جيڪو جنهن شيءِ جي طلب ڪري ٿو ان کي ملي ٿي)

معلوم ھئڻ گھرجي تہ لوح محفوظ ۾ لکيل قرآن مجيد ۽ حضرت آدم عليہ السلام جي پيدا ٿيڻ کان تصوف واحد الاحد (ھيڪڙائي) جو درس ھر عاشق، عارف، سالڪ، اھل اللہ، غوث، قطبن پڻ نبين جي پيروي ڪري لدني علم جيڪو روحاني راز اللہ تعاليٰ جنھن کي ڏئي ٿو، ان جي اظھار ڪرڻ لاءِ پاڻ ٿي پنھنجي سر چوڻ کي انسان منجھان ظاھر ڪري ٿو. تصوف بابت اللہ وارن ٻن طريقن ڏانھن اشارو ڏنو آھي:

(1) وحدت الوجود ـ ھمہ اوست ـ سڀ ھو آھي.

(2) وحدت الشھود ـ ھمہ از اوست ـ سڀ ھن کان آھي.

شيخ محي الدين ابن للعربي، ھمہ اوست طريقہ جو قائل ھو. پاڻ چون ٿا تہ سڀ ھو آھي، سندن قول آھي تہ: فوقتا يکون العبد وبا بلاشک ووقتا يکون العبدا بلا افک. يعني ڪنھن وقت ٻانھو بلاشڪ رب ھوندو آھي ۽ ڪنھن وقت ٻانھو ٻانھو ھوندو آھي. شيخ صاحب سطحيات سبب فقراءِ سڳورن جي نزديڪ وڏو ڏوھاري آھي. حافظ ابو عبداللہ وھبي، علامہ ابن تيميہ سندس سخت مخالف ھئا ۽ نھايت زور شور سان عوام خواص ۾ سندس برخلاف تبليغ ڪندا رھيا تہ شيخ ابن العربي جي تصنُف کي ڪوبہ مسلمان نہ پڙھي ۽ سندس قرآن شريف جو ھڪ تفسير 95 جلدن ۾ ھو ۽ ٻيو تفسير 8 جلدن ۾ ھو. تصوف ۾ سندس بہ ڪتاب وڌيڪ مشھور آھن: (1) فتوحات مڪيہ (2) خصوص الحڪم.

امام ابن سعد يافعي شيخ جو وڏو مداح ھو، سندس ڪتابن پڙھڻ لاءِ اجازت ڏيندو ھو، چوندو ھو تہ جيڪي جاھل اھلِ طريقت جا منڪر آھن، سي ڪيس نٿا مڃين. جيڪو خدا جي ولين سان دشمني رکي ٿو، اھو گويا اللہ سان عداوت رکي ٿو. شيخ جلال الدين سيوطي لکي ٿو تہ ابن العربي عارفن ۽ عاشقن جو مربي آھي ۽ تنزلات جو روح آھي ۽ حضور ڪريم صلي اللہ عليہ وسلم جي قدم بقدم ھلڻ وارو آھي. حديث شريف ۾ آھي تہ: ان تحت العرش ڪنز مفتاحھا لسان الشعراءِ يعني اللہ تعاليٰ فرمائي ٿو ھن عرش جي ھيٺان جيڪو منھنجو مخفي راز (خزانو) آھي، ان جي چاٻي انھن شاعرن جي زبان آھي، جيڪي منھنجي وڏائي بزرگي ۽ نعت شريف ۽ منھنجن پيارن جي ساراھ بيان ڪن ٿا.

انھن پيارن برگزيدہ عاشقن، شاعرن، اھل دل عارفن، سچن سالڪن، اوليائن جو بيان ڪندس، جن ظاھري بشريت جي ڪدورت کان صاف ٿي پاڻ ۾ حق جو جمال ۽ جلال ماڻيو. انھن ۾ ڪن تہ پنھنجي پاڻ ۾ حق ڏسي سڪر جي حالت ۾ بي ساختہ ھي قول چيا ۽ قول تي قائم باعمل رھيا. جيئن تہ حضرت ذوالنون مصري رحمتہ اللہ عليہ جن فرمايو تہ (1) صوفي جڏھن ڳالھہ ڪري تہ ان جو بيان سندس حال جي حقيقت ھجي. (2) تہ جڏھن خاموش رھي تہ ان جي خاموشي ۽ سلوڪ سندس حال کي ظاھر ڪري، مطلب تہ جيڪڏھن ڳالھائي تہ ان جي سڀ ڳالھہ حق ھجي ۽ جي خاموش ھجي تہ ان جو ھر فعل فڪر ھجي.

حضرت محمد بن علي بن امام حسين بن حضرت علي المرتضي سلام اللہ تعاليٰ عليھم اجمعين جن جو فرمان آھي تہ: التصوف خلق فمن زاد عليک في الخلق زاد علي في التصوف. يعني پاڪيزہ اخلاق

جو نالو تصوف آهي. جيتري قدر پاڪ اخلاق هوندا، اوتري قدر اهو صاف صوفي آهي. پاڪيزه اخلاق جا ٻہ قسم آهن: (1) الله تعاليٰ سان گڏ (2) مخلوق سان گڏ. الله تعاليٰ سان گڏ اهي اخلاق آهن، جو الله تعاليٰ جي رضا خاطر قضا،رضا، قدر تي راضي رهڻ. خلق سان گڏ اهي اخلاق آهن جو الله تعاليٰ جي رضا خاطر مخلوق جي محبت جو بار برداشت ڪرڻ ۽ پڻ فرمائن تا تہ جتي دل هجي اتي قدم هجي، جتي قدم هجي اتي دل هجي، صوفي اهو آهي جو سواءِ الله جي ذات جي ٻيو ڪجھ نہ ڏسي.

حضرت پير سائين رشيد الدين شاھ جي ملفوظات نقل 302 ۾ پنهنجي فرزند حضرت پير سيد رشدالله شاہ جن جي پڇڻ تہ همہ اوست بابت وضاحت فرمايو. فرمايائون تہ رحمٰن ڪير آهي. مون چيو تہ الله تعاليٰ. وري فرمايائون تہ رزاق ڪير آهي. مون چيو تہ الله تعاليٰ. وري فرمايائون تہ ڪريم ڪير آهي؟ مون چيو تہ الله تعاليٰ. فرمايائون تہ مڙوئي الله تعاليٰ آهي. مون بہ چيو تہ مڙوئي الله تعاليٰ آهي. پوءِ پاڻ حضرت رشيد الدين شاہ (بيعت ڏاڻي) جن فرمايو تہ اسان کي همہ اوست جي معنيٰ اها سمجهائي اٿن. يعني مڙوئي الله تعاليٰ آهي. سندن ڪلامن ۾ بيتن مان صرف هڪ بيت ملاحظہ ڪريون ٿا:

ث ۔ ثابت سڪ جو جڏهن راحم رکيو راز
ارني جو عالم ۾ عام ٿيو آواز
ق ۔ وان من شيءِ الا يسبح بحمده سَيت وڳو ساز
پر تئون پڪواز ۔ لڳو لَن تراني جو

انهيءَ قرآن پاڪ جي سورت بني اسرائيل آيت ڪريمہ 44 يعني ڪا بہ شيءِ سندس ساراھ ساہ گڏ پاڪائي بيان ڪرڻ کان سواءِ نہ آهي.

هاڻي غير ڪٿان آيو يا رهيو. هاڻي لدني معنيٰ ۾ جن سمجهيو اهي چون ٿا تہ ڪنهن حمد ۽ ساراہ ڪنهن ڪرائي ۽ اهو ساراھ ڪندڙ ڪير آهي. حقيقت ۾ چوي بہ اهو ٿو ۽ چوائي بہ اهو ٿو. ان جي حڪم کان سواءِ پن ڪڪ چري نٿو سگهي ڪل شيءِ محيط آهي. هر شيءِ سندس قبضي ۾ آهي.

هاڻي همہ اوست بابت اعجاز سائين جن جو شعر

تلھ: ڪونہ ٻانيو ٻيو ڪير ۔ سڀ صورت ۾ ساڳيو آهيان.

(1) پاڻ کي آئون پاڻ تو ڄاڻان ۔ پاڻ ڄاتي ڪان ڪهڙا پيڇاڻان
پرجهي ڪٿي ڪوٻير ۔ سڀ صورت ۾ ساڳيو آهيان

(2) پرت کي پنهنجو پاڻ پسايم ۔ ڏاھ عقل ڪان ڏور ڏسايم
سڪ آ منهنجو سيرُ ۔ سڀ صورت ۾ ساڳيو آهيان

(3) ساڳيوئي ساڳيوسڀ هنڌ هوندس ڪاٿ ڪٿي تہ ڪٿي ڪنڌ هوندس
پَل نہ وِڇهي ڪو پير ۔ سڀ صورت ۾ ساڳيو آهيان

(4) غير "اعجاز" ڪي غير تو ڇاٿي ـ مَـامَ پروڙي تہ رمز پڇاڻي
مون ۾ اصل نہ ميرُ ـ سڀ صورت ۾ ساڳيو آهيان

وري ٻئي ڪلام ۾ فرمائين ٿا:

تلهہ: اٿم اهو اختيار ـ حاڪم محڪوم بنجي سگهان ٿو

اهڙي طرح ٿيون ڪلام پڻ همہ اوست بابت ملاحظہ فرمايو:

تلهہ: هر جاءِ جلوا مون ڪيا ـ غائب بہ ٿي حاضر بہ ٿي
اول بہ ٿي، آخر بہ ٿي ـ باطن بہ ٿي، ظاهر بہ ٿي

(1) العشق واري اتورسانَ ـ اعليٰ الولايون ڪيم
آدم بہ ٿي، هوا بہ ٿي ـ شجر بہ ٿي، شرر بہ ٿي

(2) خوش خيال پنهنجي ڪي ڪيم ـ مسجد مندر ميخانہ ۾
مئي ڪش بہ ٿي، موکي بہ ٿي ـ مؤمن بہ ٿي ڪافر بہ ٿي

(3) آڙهہ بہ ٿي، گلشن بہ ٿي ـ خليل ٿي آذر بہ ٿي
ڪوه طور ٿي، تجلو بہ ٿي ـ موسيٰ بہ ٿي، ساحر بہ ٿي

(4) ڪٿين رئاڙيم، ڪٿين کلايم ـ ڪٿين پلايم ڪٿين ملايم
ظالم بہ ٿي، ٿالم بہ ٿي ـ رهزن بہ ٿي، رهبر بہ ٿي

(5) هر سن ۾ هر سو هر طرح ـ هر ڪا خبر هر هر ڏنيم
انبياءُ بہ ٿي، اولياءُ بہ ٿي، سالڪ بہ ٿي شاعر بہ ٿي

(6) "اعجاز" واري بيک ۾ ـ پنهنجو پروڙيو پاڻ مون
پاڳل بہ ٿي، سياڻو بہ ٿي ـ بازر بہ ٿي، بي زر بہ ٿي

حديث شريف: من عرف نفسہ فقد عرف ربہ ـ لا يتحرک شيءِ الا باذن الله

سائين اعجاز جو ڪلام آهي تہ:

تلهہ: جنهن ۾ پاڻ اچي تہ سمايو ـ تنهن کي ڇا ٿيون اوهين سمجهايو
(1) بي گماني هن تہ بوتي مان ـ الله پاڻ الايو ـ تنهن کي ڇا ٿيون
(2) "اعجاز علي" چوي ڏسيو واٿسيو ـ حق کي حق نہ ٿيون پانيو

نفس کي (پاڻ کي) سڃاڻڻ کان سواءِ ڪڏهن بہ حق کي سڃاڻي نہ سگهبو ان جو مثال هيٺن آهي تہ:

تلهہ: پاڻان وڃي پراهون ـ الله کي وڙولڻ
ڪل جهڙي ڳالهہ آهيّ ـ جيئن ڇوڪرڪُلهي ۾ ڳولڻ

(1) آدم جي نَـانءَ آيو، آدم ۾ ٿانئہ پانيو

ڪنهن کي نہ ڏانءُ آيو - صوفيءَ جيئن راز ڪوڙڻ

(2) نہ ڪا عالمن خبر هيءَ - نڪا عاقلن خبر هيءَ

ڪئي عارفن خبر هيءَ تہ تو مون مهانديءَ ڏولڻ

(3) ووڙن وجود جيڪر علم وعقل جا پيڪر

برحق چون پوهرهر اعجاز وارو پولڻ

عاشق ۽ عارف جن جي نظر ۾ نظارو صورت ٿي آهي. اُهي دل جي آئينہ ۾ حق ۽ حقيقت جو مشاهدو ماڻي هر دم ديدار ۾ محو آهن.

(1) دم کي سڃاڻج دم بدم - هڪ دم لهي تو لک پدم

ڪل شيءِ مٿي تنهنجو قدم - جي راهہ رندي سان روين

(2) اعجازءِ چئي اعتراف سان - دائم رهج دل صاف سان

لَعلنُون نہ لهدين لاف سان - تون ڪر ائين جيئن تو چوين

آخر ۾ اعجاز سائين جي هن بيان کي سندس هن بيت سان اختتام تي آڻيان ٿو.

بيت (1)

انڌن ليکي آدمي - سڄن ليکي سائين

آهي ڳالهہ هر ڪنهن جي - پنهنجي سمجهہ تائين

سائينءَ کي جيئن پائين - آهي تيئن ٻاعجاز چئيءِ

بيت (2)

اَنڌن ليکي آدمي - سڄن ليکي الله

جنهن جو ڏسڻ جيترو - تيترو تنهن ويساهُ

انڌن سڄن ۾ اعجازءِ چئي - فرق اهوئي آهہ

هِن منو ڪيو ساهہ - هُنن لاٿو سانگو ساهہ جو

حقيقت پروڙي حق ۾ فنا في الله مان بقا بالله ٿيڻ

جيئن تہ سچي عاشق ۽ سالڪ، عارف جي آخري منزل بقا بالله آهي، ان مطابق پاڻ فنا ڪائڻ کان بعد هر چيز قربان ڪرڻ، باقي بيحد ۾ دم پرڻ، اها بقا بالله آهي.

پاڻ هن دنيا جي آخري ساعتن ۾ سول اسپتال حيدرآباد، گردن جي وارڊ روم نمبر1 ۾ 15 جُون 1998ع مطابق 19 صفر المظفر 1419هجري بروز سومر جي رات بستري کي ٽيڪ ڏيئي وينا هئا تہ پاڻ مون کي سڏ ڪيائون. آئون وڃي ويس، چيائون پنو ۽ پين کڻي اچ تہ هن پاڻ هي ڪلام لکايائون:

تلھہ: ايھہ دنيا ساري ڪمنبہ الله دا ـ الله ٻچڙيوال وي لوگو ـ الله ٻچڙيوال
اپڻي ڪُنبي ڪون آپ هي پالي آپ هي هي جڳ پال وي لوگو الله ٻچڙيوال
(1) آدم اولي الله داجيوڻ ـ آدم اولي الله داتيوڻ
آدم اولي مرڪي جيوڻ ـ ويڪو الله دي چال ـ وي لوگو ـ الله ٻچڙيوال
(2) لوڪي الله نون ڪيا ڪيا اهدي ـ لوڪي الله نون جيا جيا اهدي
لوڪي الھہ نون پيا پيا اهدي ـ اعجاز آکي هر حال وي لوڪو

۽ سندن ٻيو آخري ڪلام هي آهي:

رند تا رهن تي ماورا دنيا جي هر فڪرات کان
دنيا جي هر فڪرات کان، عقبيٰ جي هر خطرات کان

هن ڪلام جون جملہ ست مصرع آهن، جن جو مفهوم سمجھڻ لاءِ عاشق عارفِ بالله وارن حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي هن حديث مبارڪ سان واضح ثبوت ڏنو آهي تہ: الخلق عيال الله. معنيٰ: جيڪا بہ مخلوق آهي، اها سڀ جي سڀ الله جل شانہ امن والہ جو عيال آهي.

مخزن اخلاق تاليف حضرت مولانا رحمتہ الله سبحاني لڌيانوي جن ارشادات نبوي ڪريم صلي الله عليہ وسلم حضور پاڪ جن جي صفحہ 18 تي هيٺي سٽ ۾ لکيو آهي تہ: *لوگ خدا کے عیال ہیں اور خدا کے نزدیک زیادہ پیارا اس کے عیال کو فائدہ پہنچانے والا ہے۔*

متئين ڪلام ۾ "الله" لفظ جي معنيٰ ملفوظات "بيعت ڏٺي" نقل 28 فرمايائون تہ اڄ اسان کي الله تعاليٰ طرفان هي القا ٿيو آهي تہ ان جي معنيٰ "مستقر بلاواسطي" آهي. مفسر هيئن بہ لکن ٿا تہ "الله" جي معنيٰ "سڪون ۽ ثبات" يعني آرام وٺڻ، ٽڪڻ ۽ قرار وٺڻ آهي. جيئن تہ قرآن پاڪ ۾ آيت ڪريمہ آهي تہ:

الا بذکر الله تطمئن القلوب (سورت الرعد)

خبردار! صرف الله جي ياد سان دلين کي اطمينان ۽ آرام حاصل ٿئي ٿو.

تنهن ڪري اهو اسم شريف رکيو ويو. پاڻ فرمايائون تہ القا ٿيل معنيٰ جو اصل بہ اهوئي آهي. ڇوتہ "مستقر بلا واسطي" جي معنيٰ اهو پنهنجي ذات ۽ صفات ۾ پاڻيهي پاڻ ثبات ۽ قرار وٺندڙ آهي ۽ ثابت ٿيندڙ آهي. اهڙي طرح اعجاز سائين جن پڻ ڪلام ۾ ثابت ڪيو تہ حي القيوم معنيٰ ابدا ابدا (هميشہ) جيئرو ۽ قائم ڪندڙ جهانن کي. الله لفظ ۽ حي القيوم ۾ فنا تي بقا ٿيڻ اها بقا بالله جي منزل آهي. سندن شعرن جو ڪجھہ حوالو ڏيان ٿو:

نظر قبول پوي هي منهنجو ـ گھر، سر مال عيالڙو ـ مج سوالڙو
ڪر عجز اعجازا سر نظر ڏيوان ـ چاسون چاندي زرزيور ڏيوان
هر جاءِ اها خوش خبر ڏيوان ـ اسان ويڪيا اپڻي سهاري نون

ڇا ڪريان قربان هن دم - ڇا ڪريان ٻي حاضري
جو اڱڻ منهنجي الائي ڪيئن - ڪٿي تو تشريف آوري
حمد تسبيحون هزارين - لک دگانا اڄ ڪيان
گهور سڀ ارض و سما وارا خزانا اڄ ڪيان
سر لڄون قربان ۾ - ڪون ومڪان ڪل شي وري
بخت پنهنجي جي ڪيان ڇو برتري آئون بيان
اڄ نہ تيندا ڇا ٿيو - فردا ۾ تيندا بل عيان
بخت منهنجي جا مدح خوان - مهر وماهہ ومشتري
هن خاڪي ڇنڙي چولي - هي ٻوليون تو ڪير ٻولي
ڇا تو چوي ٻڌائي - ڪو گوش ڪن نہ لائي
ڇا وينو آ وڃائي - ڪنهن کي پيو وڙولي - ٻوليون تو ڪير ٻولي
اعجاز۾ اهوئي حق آ - سڻ سمجهہ توسَبق آ
پيو ڪونہ ڪو ناطق آ - الله ريءَ تو اولي - ٻوليون تو پاڻ ٻولي

ڪامل فقير اهو آهي جو ظاهر توڙي باطن ۾ صاحبِ خزانہ، صاحبِ تصور، صاحبِ تصرف هجي. خلقت خدا جي کي نہ ستائي نہ رنجائي ۽ الله تعاليٰ جي مخلوق جو بار ۽ ملامت جو بارُ سر تي سهي. اعجاز سائين جن آخر تائين جيڪي بہ وٽن هو، سو مال، ملڪيت، زمين محبت ۾ سڀ لٽائي الله تعاليٰ جي مخلوق، جيت جڻا، نانگ بلا توڙي هرهڪ شيءِ کي پيار محبت ڏئي وڏو خلق، اخلاق ڇڏي ويا.

آخر ۾ هڪ حديث پاڪ ملاحظہ تو ڪريان: ان اولياءَ الله لا يموتون ولکن ينقلبون من دار الي دار يعني بيشڪ الله تعاليٰ جا ٻانها (ولي) مرن ڪونہ تا پر هڪ جاءِ (در) کان ٻئي در ڏانهن اچن تا. (مشڪوات شريف) الموت جسر اليوصل الخبيب الي الحبيب

فلسفو اعجاز:

حقيقت، حق جي عشق ۾ محبت جي ميدان ۾ عشق جيئن ڪري ۽ ڪرائي، ڏئي توڙي ڏيکاري ان جي وس آهي. عشق لامذهب، الڳ اويارو، نہ مڪان نہ منزل، هر جاءِ هر هنڌ حاضر، لافاني، ماضي، حال، مستقبل جو مالڪ ڪتاب آهي، ڪڏهن نہ لکو آهي نہ لکندو، ڪٿي حاڪم، ڪٿي محڪوم، ڪٿي ظالم، ڪٿي مظلوم، ڪٿي قاتل، ڪٿي مقتول، ڪٿي فاعل، ڪٿي مفعول، ڪٿي فقير، ڪٿي امير، ڪٿي مومن، ڪٿي ڪافر، ڪٿي جابر، ڪٿي صابر، ڪٿي حد اندر اسير، ڪٿي بيحد ۾ بي نظير، ڪڏهن يار، ڪڏهن تڪرار، مطلب تہ حقي عشق هڪ لافاني شراب آهي. عاشق جي نظر خالق جي هر تخليق ۾ هوندي

آهي. سندس سر کي ذري پرزي ۾ اثبات ڪندي آ. هر زمان، هر مڪان، هـَرگمان، هر ڌيان، هر اسم، هر جسم ۾ عاشق کي اهوئي ڏسڻ ۾ ايندو آهي. خدا جي ذات هر خاني، عاشق جي جهات پڻ هر خاني، دم دم ديدارن ۾ مست رهندو آهي. جڏهن عاشق سڀ مشاهدا ماڻي، پنهنجي پاڻ تي نطر ڪندو آهي.

پنهنجي جوکوج ڪيڙم - پنهنجي پوءِ سوجهه پيڙم
منجهان منجهه تي موج ويڙم - منجهان منجهه تي آشنائي

اهڙي طرح صفات مان ذات جو مشاهدو ماڻڻ، اهو مشاهدو پاڻ ۾ ڏسڻ. بس اعجاز سائين جو فلسفہ، خيال، سڄاڻپ، تلاش، اداس، حيرت، سمجهه اهائي رهي آهي. سچي زندگي عشق، حسن، فطرت ۽ قدرت جي عميق بحر ۾ غواصن وانگر سرگردان رهيا.

فلسفہ اعجاز ۾ جو ٿيو فنا، سو سڄاڻي ويو فڪر اعجاز جو

آئون خود حيران آهيان تہ اهو مالڪ سائينءَ جو لطف ۽ ڪرم آهي جو مون کي اهڙو رهبر مليو جنهن منهنجي جيءَ کي جياريو.

آئون اڳ ۾ اهڙي ناهيڙس - سوز سمجهايو سر سارو

مجني بابت هڪ شاعر پنهنجي شعر ۾ فرمايو آهي تہ مجني الله پاڪ کان عرض ڪري سوال پڇيو تہ:

تو چرا نامم بہ مجنون ڪر دئي
عشق ليليٰ در دلم چون ڪردئي

معنيٰ: اي الله پاڪ! تو منهنجو نالو مجنون ڇو رکايو ۽ منهنجي دل ۾ ليليٰ جو عشق ڇو پيدا ڪيئي. هاتفي آواز آيو:

ڪارليلي نيست - اين ڪار - من است
صورت - ليليٰ عڪس انوار - من است

معنيٰ: اهو ڪم ليليٰ جو نہ آهي، پر اهو ڪم مون ڪيو آهي. ليليٰ جي صورت تي منهنجي نور جو عڪس پيو آهي، ان ڪري تون مست ٿيو آهين.

اهڙي طرح اعجاز سائين پڻ پنهنجي هڪ شعر ۾ فرمايو آهي:

(1) اي ميان پارس پڙهيا - تون ڪر پنهنجي پوري پري
پر جن کي مليا ونڊ ورهہ جا - تن کي ٻيا ونڊ ڇا ڪندا
(2) "اعجاز" ڇٽي هن دل تي آ - ازلي حسن جو اولڙو
شمس شعلا شر ٻتيون - چمڪي چهرا چنڊ ڇا ڪندا

هن شعر مان بہ نقطا پروڙڻ گهرجن: (1) ورهہَ جا ونڊ ملڻ (2) ازلي حسن جو عڪس (اولڙو) جن کي قدرت طرفان عشق جو ونڊ ازلي نور جو عڪس ملي تہ اها ذات بي بها ڇٽبي.

اعجاز سائينءَ جي فلسفہ فڪر ۽ شعر ۾ محو ٿيڻ سان سندن صورت، سيرت، قول، فعل، سڀ جو مشاهدو ڪيم تہ پاڻ جيڪي لسان سان فرمايو اٿن ۽ روحاني راز پلٽيو اٿن. ان آئينہ ۾ سندن ڪردار جو هوبهو مشاهدو ڪيم تہ جيڪي ڪجھہ شعر چيو اٿن ان تي پاڻ پورا عمل پيرا رهيا آهن:

اجان بہ اعجاز جي سخن ڪي پرکي سندن دل ۾ ويهي جيڪي مشاهدو ڪيم اهو هي آهي:

اعجاز هڪ حق جي محبت جو پيغام، سڪ، مجاز محبت، اخلاق ۽ سيرت آهي. اعجاز حق جو مصور، نقاش، تصور آهي. اعجاز بي بها موتي گل آهي، چمن، حسن و جمال آهي، اعجاز ڳجھہ راز رمز و نگاھہ آهي. اعجاز وصال آهي تہ وڇوڙو بہ آهي. ظاهر آهي تہ باطن بہ آهي اعجاز پيار، سخاوت، رحم ٻاجھہ، سمجھہ، آئينو، سوال جواب آهي. اعجاز صبر، خبر نظر، وصل، وصال، اصول، جانب، يار، هادي رهنما، پيشوا آهي. اعجاز رهبر، عقل، حياءُ علم، ايمانِ عشق، سور، زخم، ناسور آهي جو ڇٽڻ جو نہ آهي. اعجاز سچ، سچ جو سنيهو، بي انت رونما جهان، سڄڻ، ساٿي آهي، اعجاز حوصلو، حيرت، ارادو، الهام، اوتالعلم، يسمع، يبصر آهي، اعجاز فطرت، قدرت، تقدير، تدبير آهي. اعجاز سالڪ، شاعر، صابر، اولياءُ، فقير عاشق عارف بالله وارو صاحبِ حال آهي. اعجاز شاڪر، فيض، وفائي سچائي، صفائي، وارو قلب، ڪامل الحياءُ آهي. اعجاز قصد، عقيدو، ويساھہ، علم اليقين، عين اليقين، حق اليقين جتي قدم اتي دم پرڻ وارو محب، حبيب، محبوب، احساس، تجسس، ساس آهي. اعجاز تجلو، طور، نور، ظهور، مخمور، معمور، مذڪور، منصور، رند آهي. اعجاز چند، سيد ابن علي آهي. علام الغيوب سري وانا سرہ. اعجاز خود شناس، دانا بينا، حق نشينو، حق مبينو، صاحبِ طريقت، حقيقت ۽ معرفت وارو آهي. اعجاز جي رمزونگاہ صرف عشق آهي. امر ملڪ جا جوڳي امرَ تي ويا فرمايو اٿن تہ:

نڪا اچ نہ ڪالھہ ميان ـ از لٺون اڳي چاڻ
سُيم بانگ برھہ جي ـ قلبٺو ڪنن ساڻ
پڑهيم ڪملو پريم جو ـ پنهنجي پيم پڇاڻ
ڇڏائي ويم آڻ ـ عبديت جي اعجاز ڇئي

اروپ ننگر جو پکي، روپ ننگر ۾ ڪايا ۾ تن حصن ۾ جسمي طرح رهي پيغام ڏيندو راهي تي ويو. اڄ اسان وٽ سندس محبت ۽ پچار رهي آهي.

ٿلهہ: ٻيلھہ ٻگهن سان ٻهي ووُيار ـ پرت پکئڙو پاري هليو ويو
(1) سال ساکن هو هن ئي سر ۾ سرُ نہ ڪيس ڪنهن سهي ووُيار ـ پرت
(2) لاٿيون سپاجهيون لنوندولوندو ـ ڪالھہ هتان ويو ڪهي ووُيار ـ پرت
(3) آدم اولي سمجھہ "اعجاز" ـ روپ انهي ۾ رهي ووُيار ـ پرت ...

اسان دعاگو آهيون تہ کين الله پاڪ پنهنجي فضل و ڪرم سان مغفرت فرمائي ۽ سندن فرزندن (1) سجاد الرسول شاه "سجاده نشين" ۽ (2) ظهور احمد شاه، ٻنهي ڀائرن کي اتحاد ۽ محبت عطا فرمائي. جيئن حقيقت ۽ حق جي واٽ وٺي، سچائي ۽ وفائي سان منزلِ مقصو تي پهچن.

انهيءَ کان علاوه سائين جن جي وڏي فرزنده امان الله شاهہ راشدي جن جو ڪلام جنهن جو تعداد ست آهي. پڻ شامل آهي جنهن مان پڻ ناظرين مستفيض ٿيندا.

دعاگو

صوفي صابن خاڪي

پنج مورو

پاره ٢٢ سورة الاحزاب٣٣ رکوع ٩ آيت ڪريمہ٧٢

مولوي احمد ملاح:

امانت اُين ڪي- آڇيسون عيان
زمين ۽ جبلن ڪي- جاڙا منجهہ جهان
اُنائڻ ڪان ان جي- ڪيائون ناهہ نڌان
ڏيا تنهنڪان ڏيل ۾- اُنايس انسان
ظالم منجهہ زمان- آهي نسورو نادان سو

حضرت شاهہ عبداللطيف:

اول لوهہ قلم ۾- پيئي پرت پچار
ملڪن ۾ ماتام پيو- عرش ڏني اوچنگار
سندو برهہ بار- هن خاڪيءَ ڪنيو سرتي

حضرت سچل سائين:

اديون آدم ناهيان- فلڪ نہ ڪي فلڪن
خيالئون اچي اوچتي- خلل وڌم خلقن
ناهي مُيسر ملڪن- اِها امانت عشق جي

حضرت پير سائين رشيد الدين شاهہ (بيعت ڏني):

ڪلام

تلہ: عشق تہ آهي اڪيچار- انڌن لاءِ تہ بہ آهي اونداهي
١- وان من شيءِ عشق جي آهي- پن پن منجهہ پچار يار

ڪلام

تلہ: اڄ آپ عشق گهر آيا- ڌيا ساڏڙا بخت سوايا
١- مُئي دل جياريس ميڏي- قم باذني فرمايا
٢- سوجيا مول نہ مرسي- جنهن نون جوش جڳايا
٣- اها امانت چاوڻ مشڪل- چم باري سر چايا
٤- رشيد الدين آکے لاشڪ آکے- رانجهن رُخ وکلايا

وضاحت: قرآن پاڪ جي مٿين آيت ڪريمہ مان ثابت ٿيو ۽ عارفن عاشقن ان جي تصديق ڪئي تہ اها امانت عشق آهي. تفسير محمد عثمان نورنگزاده جن پڻ مٿين آيت ڪريمہ جي آخري معنيٰ ۾ قبول ڪيو اٿن تہ صوفين جي عقيدي موجب اها امانت عشق ئي آهي جيڪا ابد ۾ ڏاڏي آدم عليه السلام کنئي. ڇو نہ کڻندو؟ ان کي پيدا ئي ان لاءِ ڪيو ويو هو.

حضرت قبلہ اعجاز علي شاهہ:

عشق عشق اسان ڪيو۔ اول آخر تا
اناڻ وقت ان جي۔ ڪئيسون ڪانہ پُڇا
اسان ڏنس "اعجاز" چئي۔ مٿوريءَ چون چرا
نہ تہ هيءَ اُهائي بلا۔ جنهن فرشتا فرار ڪيا

*****

عشق عشق اسان ڪيو۔ عشق نہ ڪيو ڪنهن ٻئي
اسان اهي ئي آهيون۔ جن تڪڻ تورڻ ري
امانت سمجهي اعجاز چئي۔ اُٿايس اکين تي
عشق نہ آڪرو ٿئي۔ اڳيان اسان جي ڪڏهين

*****

عشق نہ هو داناءُ۔ دانائي سيکاريس اسان
ڪتاب ڪيوسون حسن کي۔ عشق نقطي نماءُ
مڪتب ڪيوسون جهان کي۔ عاشق تنهن ۾ طلباءُ
پڙهندي ڪتاب حسن جو۔ عجب ڏٺائين لڪاءُ
تہ جهڙو "ن" نقطي سان۔ تهڙو نين بناءُ
ڪاري لڳيس ڪو قلب ۾۔ اعجاز اتائين گهاءُ
پيس پوءِ سماءُ۔ استاد سڏيائين عشق کي

*****

عشق عشق اسان ڪيو۔ عشق اسان جي خلقت

اسين مالڪ عشق جا۔ عشق اسان جي ملڪيت
ائين سمجهہ اعجازؔ چئي۔ هيءَ آ حقيقت
عشق اسان جي رعيت۔ اسين راجا عشق جا

پاڻ سڃاڻ

حضرت شاهہ لطيف:

پيهي جان پاڻ ۾۔ ڪيم روح رهاڻ
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾۔ نڪا ڪيچن ڪاڻ
پنهون ٿيس پاڻ۔ سسئي تان سورهئا

خوش خير محمد سائين:

رب سڃاڻ سهنجو اٿئي۔ پاڻ پروڙڻ اهنجو اٿئي
دم دم دلبر وسي ٿو دل ۾۔ و نحن اقرب ساهہ رڳن ۾
وڇوڻ پردو پنهنجو اٿئي

حضرت مولانا تاج محمود شاهہ امروٽي:

پرين توکان پاسي ناهين۔ هيڏي هوڏي ڇو ٿو ڪاهين
ناحق سختيون سِر سهائين۔ تنهنجو توئي ساڻ
جي تون پروڙين پاڻ

حمل فقير:

ٻئي کون ڀون سڃاڻ سوکا۔ اوکا آپ سڃاڻ
آپ سڃاڻ آپ وڃاوڻ۔ ول وچ آپ نہ آڻ
من عرف نفسہ فقد عرف ربہ۔ سمجهہ اهو سمجهاوڻ
حملؔ حق سڃاڻ ٻاجهون۔ ابتر عمر وڃاوڻ

صوفي دلپت:

پَر سڃاڻ سُترو۔ پاڻ سڃاڻ ڏُک
اڪيون ڏِسن پَرَکي۔ پنهنجو ڏِسن نہ مُک

بنا ڏني پنهنجي- ڪڏهن ملي نہ سگ
دلپت التي ڏسين آک- تہ دوست مليئي دل ۾

حضرت پير سائين بيعت ڏني:

ربوبيت رهبر تي- اُعرف لئہ آئي
من عرف نفسہ فقد عرف ربہ- واهہ واڏائي
تفكروفي صفات الله ولا تتفكروا في ذات الله- سونهين سُڻائي
صفت سُهائي- ظاهر ڪندڙ ذات ڪي

اعجاز سائين:

ڪونہ پانيو پيو ڪير- سڀ صورت ۾ ساڳيو آهيان

پاڻان وچي پراهون- الله ڪي وڙولڻ
ڪل جهڙي ڳالهہ آهي- جيئن چوڪر ڪلهي ۾ ڳولڻ

وري ٻئي هنڌ فرمائن ٿا:

درشن دروني ڌرجي- دل ڏاهن ڏيان ڌرجي
سڀ ڪجهہ دلان ٿو سرجي- جهاتي اها سجائي

*****

خود جو مان دانا بينا- خود جو شناس آهيان
خود جي تلاش ورتيم- تہ خود جي مان پاس آهيان

*****

تلهہ: پاڻ کي ڪين سُڃاتئي ڪڏهن- رب جي سڃاتئي تہ ڇيهہ ٿي پيو
چاڻ جهڙو چاڻ نہ چاتئي- چاڻ پيو چاتئي تہ ڇيهہ ٿي پيو
١- دم دمائڻ، دم ڪمائڻ- دم سڃاڻڻ، دم کي چاڻڻ
دم نہ سڃاتئي تہ ڪجهہ نہ سڃاتئي- دم جي چاتئي تہ ڇيهہ ٿي پيو
٢- صورت سڀ ۾ سير الاهي- صورت سڀ کي ساجد ٿي
صورت آڏو ڪنڌ نہ ناتئي- ڪعبي ناتئي تہ ڇيهہ ٿي پيو

*****

خود پاڻ کي وساري۔ جڳ کي وجي جُهاري
ڳَڻَ ۾ نہ پاڻ ساري۔ وڻ وڻ ناحق ڏنڌولڻ

*****

تلهہ: خود جي تيم اچانک۔ خود سان آشنائي
پنهنجي مون پاڻ منزل۔ پاٿان پري نہ پائي
(۱) مَن عرف مام حق حق۔ حق جو پيغام حق حق
آئون نمام حق حق۔ پوڙيم اتي بيائي
(۲) مون ۾ ئي حق نشينو۔ مون ۾ ئي حق مبينو
مون ۾ ئي حق جو جينو (حق سان جيان تو جائي

*****

کوهہ تو گنگا جمنا پيتين۔ کهڙو مکي ڏي ضرور اٿئي
تو ۾ کاشي تو ۾ تکيو۔ تو ۾ تجلو طور اٿئي
هٿ کر حال خيال اعجازاؔ۔ هردي منجهہ حضور اٿئي

حديث پاڪ:

القلب عشق الله عظيم

ترجمو: دل الله تعاليٰ جو وڏي ۾ وڏو عرش آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ منهنجو خزانو عرش کان وڏو، ڪرسي کان وڌيڪ طاقت وارو، جنت کان وڌ پاڪيزه آهي. ان جي زمين معرفت آهي، ان جو آسمان ايمان آهي، ان جو سج شوق آهي، ان جو چنڊ محبت آهي، ان جون پتيون يقين، ان جو مکان همت، ان جا چار کم توڪل، فکر، انس، ذکر، ان جا چار دروازا: علم، حلم، صبر، رضا، اها دل آهي.

پهريون باب

توحيد، صفت، ثناء

تلهه: جو لَيْسَ كَمِثلهِ(١) آهي پرين سو آ پَسڻ جَهڙو
بِناكَنهن مَرد كَامل جي نه آ پئي كي ڏِسڻ جَهڙو

١- ڇوان آئون ڪِيئن آهي كَهڙو ڏنس جنهن جيئن تنهن سان تهڙو
اَصُل كَان ئـي اَصُل آهـڙو دِلـيـون ڪِلـنـدي كَسَڻ جَهــڙو

٢- ڪِتـي مَحـبـوب سـو پِيـارو ڪِتـي عـاشـق آنـا وارو
ڪِتـي نـيـڙو ڪِتـي نـيـارو ڪِتـي گـهَرو گَسڻ جَهـڙو

٣- سـوئـي مـشـرق سـوئـي مـغـرب، سـوئـي سـو آنَحـنِ اقـرب
سـوئـي رهـبـر سـنـدم سـورَبُ سـوئـي جت كـثِ وَسڻ جَهـڙو

٤- لاَكـڻ جي لِكَ لـقـاء كـي كـو مـاڻـيـنـدو بـن بـقـا كـي كـو
اَعجازِ ارتـقـا(٢) كـي كـو رَسـي عـاشـق رَسـڻ جَهــڙو

تلهه: مالك موليٰ هادي الله، پاڻ تو ڄاڻي پَنهنجي قُدرت.

١- ڇا لاءِ تي آدم داڻـو كـاڏائـين، ڇا لاءِ تي يُوسف آئـيـنـو ڏِنـائـين،
ڇا لاءِ تي مُوسيٰ وَري بـه سِكـيـائـين، سَبق خِضـري صَبـر سـاڃاهـ.

٢- ابـراهـيـم تـي آڙاهـ تـي آيـو، عِيـسـيٰ تـي بـي والـد ڄايـو،
يُونس تي شِكم مـاهـي وسـايـو، كـيـر هـو مُجرم كَنهـنجو گُناهـ.

٣- اَحـد مَنجهـان تـي سَڏايَين اَحـمـد بـات اهـا آهـي بـالا بـيـحـد،
ياڻ ئي حَميدُ هو كَيائين كَنهنجو تي حَمد، وَرُ ركيائـين وَڏو ات وَاهـ.

٤- اَعجاز عَـلـي ؑ تـي جَلال وَارو، مُلحـدن تـي كَيـائـين مـارو،
شاه حُسين ؑ تي سورهـ سـويـارو، سَجدي ۾ ڏِنـائـين سِر ۾ سـاهـ.

---

(١) لَيسَ كَمِثلِهِ: جنهن جو مثال نه هجي (٢) اِرتقا: ترقي، اعليٰ، اونچائي، بلندي

ٿلهه: هر ساتِ آهي هر رَنگَ ۾ هُو، هن سِر ۾ هُو هن سُنگ ۾ هُو.

١- وَحدَتَ ۾ هُو، ڪَثرَتَ ۾ هُو، مَاتمَ ۾ هُو، مُسرَت ۾ هُو، جوَانَنِ واري جنگ ۾ هُو.

٢- مومنَ ۾ هُو، ڪَافرَ ۾ هُو، مَسجِد ۾ هُو، مَندر ۾ هُو، مُلين مَشائخَ مَلنگ ۾ هُو.

٣- وَڻ ٽڻ واهڻ وادِيءَ ۾ هُو، شور شُغل شَمعُ شَادِيءَ ۾ هُو، روهَ جَبلَ جَهر جهَنگ ۾ هُو.

٤- سَاز آوازَ سَرگَم ۾ هُو، تَان تَرانِي تَرنَم ۾ هُو، اُپنگ چنگ مِردَنگ[1] ۾ هُو.

٥- حُسن حَسِين حَرڪَت ۾ هُو، نَازَ نيازَ نَزاڪَت ۾ هو، زُلفَن جي وَر وَنگ ۾ هُو.

٦- اَحد مَنجهان تِي اَحمدَ آيو، سِرُّ اَعجازا تِيس سَجايو، رنگ ۾ رهي بيرَنگ ۾ هُو.

(١) مِردَنگ: ڍولڪ جو قسم (نقاره)

تلھ: ھَميشه حَمدَ ۾ ھُوندا - حَقيقي حَالَ جا طَالب
خُمُرخاصي خُمَارِيا سي - خُدَائِي خِيالَ جا طَالب

١- نَفي ءَ جي سَير مان نِڪري - وِيَا اثبَات ڏي اُسري
نسنگُ نِروارُ ٿيا نسرَي - عَجَبُ اَحوَال جا طالب

٢- جَاڻُو سَڀ جَاڻ جَاڻَنتا - ٿَندو پِيو ڪِين تَانَّن تا
عَجَبُ اَحوَالَ آتَن تا - اَمُرَ اَعمَالَ جا طالب

٣- برھ جو بَا رِڇَايو جَنِ - اَنَا الحَق گيت ڳَايو تَنِ
اُتا ھون عِشقُ آيو آتَنِ - نَاھِنِ اَجُ ڪَالھ جا طالب

٤- مُشاھدي وَارِي مَحفل جو - مَزو ماڻيو مَرِي جي جَنِ
مَھيَسي مَرِدَ سي مَاھِر - نہ ٿيندا مَالَ جا طالب

٥- مُلاَقي رَوزُ مَحشَر ۾ - سيئي مَحبُوبَ سان ٿيندا
جيڪي ھوندا مُحَبت جي - ذَرَي مِثقَالَ جا طالب

٦- ڳُھمي ھنڌُ سنڌُ ھَر پَارا - ڏٺم اَعجاز سڪَ وارا
وڏي ھَئا مَرتَبي وَارَا - عَلي ؑ جِي آلِ جا طالب

تلھ: ھتي آئين پَلي آئين پَلا چَئُو چُولڪي آئين،
اِنھي اِسرار جي سُڌ ڏي عَدم ۾ ڪِيئن نِڪي آئين.

١- غَلامي جي غِلافن ۾ طَبل شاھي طَوافن ۾،
ڪِشالن ڪوھ ڪَافن ۾ ڪَنھنجي ڪَارڻ سِڪي آئين.

٢- چَڏي تُون تَخت کي تُرتئون، پُڄائي رَنگپور پرتئون،
نياز وناز سان نرتئون، ڪَھڙي چَاھئون چِڪي آئين.

٣- ڪَنورا نين ڪَج ڪالا، اھي بَچون اھي پَالا،
ھَتي ڪيئي مَست مَتوالا، عَجب چالا سِڪي آئين.

٤- مَجيو اَعجاز مِجڻ جي لاءِ - پَرم جِسمي پَچڻ جي لاءِ
وَري وَاپس وَچڻ جي لاءِ - ڪَري بولي پَڪي آئين.

(١) مثقال: ذرڙو
(٢) غِلافن: لڪل، پردي ۾

تلـھ: آسين جھـڙن گُذارن ۾ - آسـان جي ٿار ٿون ھين ٿون
خِزائـن ۾ بَھـارن ۾ - آســـان جي ٿار ٿون ھين ٿون

۱- بَحـر بَر بَن بَيـابـانـن - خُلاصـن خُوش خَيـابـانـن
اِرم جھـــڙن نظـارن ۾ - آســـان جي ٿار ٿون ھين ٿون

۲- حَسِيـنَن ڪِي قَبِـيـحـن ۾ - حَبِـيبن ڪـي رَقِـيـبن ۾
ھُجون جن جن پِيـارن ۾ - آســـان جي ٿار ٿون ھين ٿون

۳- جيڪا مَوسم آچي سَامھون - اُنھي ڪي ڏيون ٿا ھي نَامون
اُونـھـارن ۾ سِيـارن ۾ - آســـان جي ٿار ٿون ھين ٿون

۴- آسين ڏُک سُک ۾ ھڪ جَھـڙا - آسين اُڄ بُک ۾ ھڪ جَھـڙا
ڏُکـارن ۾ سُڪـارن ۾ - آســـان جي ٿار ٿون ھين ٿون

۵- جُھڙن جھولن ٿَڌن ڪَاڙھن - گـھيـڙن گھارن چِڪڻ چَاڙھن
اُونَھـن غَارن آنـڌارن ۾ - آســـان جي ٿار ٿون ھين ٿون

۶- آســـان جو دَم قَدم آ شُد - آســـان جي حَال تـي شَاھـد
اورارن ۾ پَرارن ۾ - آســـــان جي ٿار ٿون ھين ٿون

۷- رَوزن ۾ چَئين جي عِيـدن ۾ - غَمـن دَردن شَديـدن ۾
گُلـن ۾ چَئين جي خَارن ۾ - آســان جي ٿار ٿون ھين ٿون

۸- آسـين تـوڙِي خُمـــارن ۾ - عَجب عـيـــشي قَرارن ۾
نِگَـارن مَاھـ پـارن ۾ - آســـان جي ٿار ٿون ھين ٿون

۹- آســـان جي جَھـات ھَر خانـي - خُدا جي ذَات ھَر خانـي
آسـين دَم دَم دِيـدارن ۾ - آســـان جي ٿار ٿون ھين ٿون

۱۰- ڪَٿـر ڪَس جي خَبـر ڪانـھي - اِنـھي پَاسي نَظر ڪَانـھي
ڪَٿـن ڪـاسَن خرارن ۾ - آسَـان جي ٿار ٿون ھين ٿون

۱۱- وسـاريـون يـار ڪـي جو دم - ڪـفـر ۾ غار ٿـيـون سـو دم
انـھـي آھـيـون اوتـارن ۾ - آسـان جي ٿار ٿون ھين ٿون

۱۲- آســـان جي ٿَار اِثـبـــاتـي - چوي اَعجاز آ ذَاتـــي
مَجيـل مَنـصـور پَارن ۾ - آســـان جي ٿار ٿون ھين ٿون

ٽلهه: وَاهه مَوليٰ سَائين وَاهه، جِيئن جَنهن کي وَاهين، تِيئن سو وَهي ٿو.

١- اُبتو وَاهين سُبتو واهين، ڪُپتيو واهين سُپتيو واهين،
ٿُنهن جي اَکيان نہ ڪَنهن جِي نَاهه، جِيئن جَنهن کي وَاهين، تِيئن سو وَهي ٿو.

٢- اڪڙو وَاهين جي مڪڙو واهين، ڏيو وَاهين جي چِڪڙو واهين،
توکي سُونهي ٿُنهن جي صَلاح، جِيئن جَنهن کي وَاهين، تِيئن سو وَهي ٿو.

٣- اُڄ سَان وَاهين جي بُک سان واهين، اوسَر لائي جي سُک سان وَاهين،
تو هَٿ هَادي سَڀئي سَاهه، جِيئن جَنهن کي وَاهين، تِيئن سو وَهي ٿو.

٤- وَهُو بہ واهين جڙا بہ واهين، ڇوٽا بہ وَاهين بڙا بہ وَاهين،
توکي آهي اِها آگاهه، جِيئن جَنهن کي وَاهين، تِيئن سو وَهي ٿو.

٥- ڏائي وَاهين جي سَائي واهين، ٿَائي وَاهين جي لَائي وَاهين،
ڪُل سُوڌي مٿي تنهنجي نگاهه، جِيئن جَنهن کي وَاهين، تِيئن سو وَهي ٿو.

٦- اَعجاز چَوي مُنهن جو وَهڻ چَاهي، آئُون تہ وَهان ٿو توکي نِگاهي،
ڪِيئن نہ چَرخو چَلائين ٿو هَر گاهه، جِيئن جَنهن کي وَاهين، تِيئن سو وَهي ٿو.

ٽلهه: اَول آخر نُور مُقرب لاَ اِلا الا هو- ظَاهر بَاطن ونحن اَقرب لاَ اِلا الا هو

١- غَائب حَاضُر قَائم قَادر مَشرق توڙي مَغرب لاَ اِلا الا هو

٢- قَانع مَانع صَاب صَانع نَافع رَافع هڪڙوئي رَب لاَ اِلا الا هو

٣- هَر رَنگ اولي بوليُون بولي ڪَنهن مُلون ڪنهن مُطرب لاَ اِلا الا هو

٤- هِند سِند ايران قابل ڪِنعان يُورپ يُونان يثرب لاَ اِلا الا هو

٥- هَر رَاز انهيءَ جو اَعجاز اُنهي جو مَئخار رندي مُشرب لاَ اِلا الا هو

تلھ: ڪَرِ خيال خَتَم پِيا لِڪَ ۾ ٿُون، وَڃُ پيهي الله الڪَ ۾ ٿُون.

١- رِيءَ الله جي نا ڪُجھ نَاهي، جيڪي آهي اُمُوئِي آهي،
پاءِ تِنهنکي هَر مُڪَ ۾ ٿُون.

٢- ڪَامَ ڪِروڌُ ڪِينو ڪَٽي ڇڏ، موھَ مَمَت ڪان مُنهن مَٽي ڇڏ،
بَجھ نہ پِيائي ءِ ڀِڪ ۾ ٿُون.

٣- وَاندا الاهي عِشقَ سان وَاڳِجُ جُڳ جُڳ جِيئَن لاءِ جَاڳِي جَاڳِجُ،
پَئُ نہ پَرائِي پَرڪ ۾ ٿُون.

٤- لاءِ اَعجَازا لاهوتي لولي، لا الا هُو هُو بولي،
نِت سدا ڏُڪ سُڪ ۾ ٿُون.

تلھ: جيڪو دِليُون لُٽي ٿو لُٽير، ڪَر ٿُون سَهي سو پَر ۾ پَهي سو.

١- نَالو اُنهي جو رَنگي آهي، بي اَنت بَازِيگَرُ اَنگِي آهي، سَڀَ ۾ سَندس سِر سَيرُ،
ڪَر ٿُون سَهي سو پَر ۾ پَهي سو.

٢- جِنهن جو مُلڪ مَڪَانَ نہ هِڪڙو، پار پَتو رَند نيشان نہ هِڪڙو، هِڪڙو سندس مُنهن نہ پَيرُ،
ڪَر ٿُون سَهي سو پَر ۾ پَهي سو.

٣- لامڪاني لاريبُ سوئي، حاضرُ غَائِبُ بي عيبُ سوئي، قندُ نہ وَتَس ڪو ٿيرُ،
ڪَر ٿُون سَهي سو پَر ۾ پَهي سو.

٤- ڏِسَڻ وَارِن ڏي هُو بہ ڏِسي پيو، حَال مَحرَمَ ٿيو خُوبُ هَسي پيو، مَن جو مَٽائي مِيرُ،
ڪَر ٿُون سَهي سو پَر ۾ پَهي سو.

٥- نَڪُ اکيُون سِر صُورَتَ رَکي ٿو، لوڪُ اِجَان تِنهنکي ڪِين لکي ٿو، اهو بہ اَعجَاز ڏِسُ اَنڌيرُ،
ڪَر ٿُون سَهي سو پَر ۾ پَهي سو.

موھُ مَمت: دنيا جي لالچ، حرص

شانِ رسول

تـلـهـ: آوهـين ڪَا نَظر فرمـايـو۔ خُدارا خَاتمِ الآنـبـيـاء
خَطـائـون دَرگُذر ڀَانـيـو۔ خُدارا خَاتمِ الآنـبـيـاء
١۔ آوهـــان جو دَر خُدا جو دَر۔ خُدا جو دَر آوهـــان جو دَر
بَيگـانـہ دَر نـہ تَڪـرايـو۔ خُدارا خَاتمِ الآنـبـيـاء
٢۔ اَگـهـا عَاصـي آڙيا عَاجز۔ ڏِيهـان تَڙِيل ڏُکـيـا ڏُتـڙيل
ڀَورا ڀُلـيـل سگر (١) لاَيـو۔ خُدارا خَاتمِ الآنـبـيـاء
٣۔ نِگـاهـِ ڪَرم سَان آقـا۔ ڪَريـو آسـان مُشـڪـل سَڀ
اوسِيـڙن ۾ نـہ الجـهـايـو۔ خُدارا خَاتمِ الآنـبـيـاء
٤۔ مُونـجـهـارا غَم زَمـانـي جا۔ تَوڙِي دَارُ الـبـقـا وَارا
مـيـتـي ڪُل مُنـهـڙو مـرڪـايـو۔ خُدارا خَاتمِ الآنـبـيـاء
٥۔ آسان جو سُوال نَيارو آ۔ آسان مَان ئـي آسَانڪي ڏِيـو
سِيـنـي وارو تـہ سَرمـايـو۔ خُدارا خَاتمِ الآنـبـيـاء
٦۔ گُنـاهـن جي سِيـاهـي ڪـان۔ سَڄي دَامـن سِيـاهـ آهـي
اُجاريـون ڪِيـئن سو سَمجهـايـو۔ خُدارا خَاتمِ الآنبـيـاء
٧۔ نڪـارن نَاقـصـن جي هت۔ اوهـان ريءَ ڪَا ڀَوَا ڪَانـهـي
آوهـين سَڏَتَن جا اونَايـو۔ خُدارا خَاتمِ الآنـبـيـاء
٨۔ نَڪي زَر مـال گـهُرجي سُون۔ نـہ ڪا نَاداري گـهُرجي سون
پِنـهـي ذِلـتن ڪـان ڇَڏرايـو۔ خُدارا خَاتمِ الآنـبـيـاء
٩۔ اَوهـان جي پَاسـبـانـي سَان۔ آسـان جي سِنڌُ سَائـي آ
مَـتـان تَـنـهـن مـهـر بَرسـايـو۔ خُدارا خَاتمِ الآنـبـيـاء
١٠۔ وَاَمَّا السَّآئِلَ (٢) فَلَا تَنۡهَرۡ ۔ ڪَيُوَ هـي قَول قُرآنـي
نـہ هـن سَائـل تـي ڏُرمـايـو۔ خُدارا خَاتمِ الآنـبـيـاء
١١۔ آوهـين مَولـىٰ آوهـين مَلـجا (٣)۔ آوهـين مُخـتـار ڪُل آهـيـو
آوهـين اَعجاز بَرسـايـو۔ خُدارا خَاتمِ الآنـبـيـاء

(١) سگر: راهـ سان، گس سان (٢) وَاَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنۡهَرۡ: سوالي ءَ کي نـہ جهڻڪيو، رنج نـہ ڪريو
(٣) مَلجا: پناهـ ڏيندڙ

تلھ: مَديني جو مَنظر شَھر آَللہ آَللہ- انھي مُلڪ جو ھَر بَشر آَللہ آَللہ

١- اُتي وَاري ھَل چَل جُھڪيل ڪنڌ نَظرون- ذِڪر ھَر زبان تي شُڪر آَللہ آَللہ

٢- اُتي وَاريون شَامُون اُتي وَاريون صُبحون- اُتي واريون گھڙيون گُذر آَللہ آَللہ

٣- عَطُر اُوٺُون ڏي اُت اُبارا آچَن ڪَئين- حِنا مُشڪ موتيو عَنبر آَللہ آَللہ

٤- سي مَاڙيون سي چَاڙھيون گھٽيون چَونڪ غُنچ- سِي شَاخون شَجر با ثَمر آَللہ آَللہ

٥- وَٽي قَلب اُت تو صِفت بيخودي ۽ جِي، وَڃي جَرس جِيئَن تو جِگر آَللہ آَللہ

٦- ڪِروڙن لکن جُون وَڃڻ سان اُتي سَڀ خَطائون ٿِين دَرگُذر آَللہ آَللہ

٧- ماٺھون جِنّ ملائڪ چُمن مِڙيو چَاھئون، گُنبذ سَبز اَطھر جو دَر آَللہ آَللہ

٨- لَڳو رَنگ اُتي جو اُنھن عَاشقن کي، عُمر پَر ڪَيو جن صَبر آَللہ آَللہ

٩- اُنھي پَار جي سِڪ ۾ سَعيو سَجايو- اُنھي پَار وَارو سَفَر آَللہ آَللہ

١٠- اُھي وَاديون نَھرون اُھي دَشت صَحرا- اُھي چشمہ پَاٽي اوڪر آَللہ آَللہ

١١- اُھي جبل جُھونا اُھي غَار جَايُون- اُھي ٿَاڪ بَينڪ ٿُوھر آَللہ آَللہ

١٢- پَسي اِيءُ نَظارو مَٽس رَشڪ ڪَن ٿا- مِھر و مَاھ ڪَامل بَدر آَللہ آَللہ

١٣- سُنبل سَروُ نَرگس صَنوبر ھَزارا- نخل نَاز ڪَن ڪَيو ڪَر آَللہ آَللہ

١٤- حَرمَ بيت حُجرا صِحن صَاف اُجرا- سُونھَن پياسي سَر بَسر آَللہ آَللہ

١٥- مَديني مَڪي جا مُنور منارا- مَٿان تَن جي چَانيل اَبُر آَللہ آَللہ

١٦- اُنھي ڏيھ پَسڻ لاءِ ٿا ھَر سال ڪَئين ڪَن- صَدق سَاھ سِر زَر زَيور آَللہ آَللہ

١٧- اگھن مَن ڪي اَعجاز مُنھنجون بہ آھون- پَسان مُلڪ سو دَر سگِر آَللہ آَللہ

نخل: ڪجيءَ جو وڻ

تلهه: مني مُربي موهيو عَربي - مُلڪ مَلڪوت وَارن ڪي،
عَجب شُعلا نَظر آيا - اُتي جَبروت وَارن ڪي.

١- ڪُليون دِيدار جون دَريون - حُورون پَريون تِيون چَريون،
تَجليون ثاب تِڪ پَريون - لڳيون لاَهوت وَارن ڪي.

٢- جَنت فِردوس جون جَايون - گُهمي مَحبوب سَڀ گَهايون،
حَضُوري حَال جُون لاَيون - هُونگون هَاهوت وَارن ڪي.

٣- نَعرا نينهن جا لڳا نِيارا - عَيان اسرار ٿيا سَارا،
اُتان بَخرا[1] بِرهه وارا - مليا بَاهوت وَارن ڪي.

٤- ڪَما حَق سَير قوسيني - ڪَيو سَردار ڪونيني،
رِنديءَ جي رَاز رَنگ رَيني - ٿَيو نَاسوت وَارن ڪي.

٥- سَيّد سَرتاج وَجدت جو - صَاحب اَعجاز صَمديت[2] جو،
لاَئي تو رَنگ مَعرفت جو - صَبر ثَابوت وَارن ڪي.

تلهه: اَچي آسان مُشڪل ڪَر، حَبيبِ ڪِبريا هَادي.

١- رَحمَت اللعالَمين سِر تون - نَبي روح الاَمين[3] سِر تون،
شَفيعُ المُذنِبين[4] سر تون - تُنهنجي هَر ڪنهن تي اِمدادي.

٢- ڪنا ڪوجها تُنهنجا آهيون - وِجي بِي دَر ٿَنا دَانهيون،
اُميدون ڪِينڪي لاَهيون - آهيون لاءِ فَيض فَريادي.

٣- بَرابر آهيون بي سَمرا - ڏوهاري ڏَاڍا ڏُڏ ڏُبرا،
آسان جا قلب ڪر اُجرا - وَهائي نُور جِي وَادِي.

٤- ڏي بيواهن ڪي پَرواسو - دَمادم دَاد دلاسو
آهي اَعجاز آرداسو[5] - ٿِين وَيرانا آبادي

(١) بَخرا: ونڊ حصا (٢) صَمديت: بي نيازي (٣) رُوح الامين: اهو روح جيڪو جبرائيل عليه السلام تي نازل ٿيو
(٤) شفيع المذنبين: گنهگارن لاءِ بخشش ڪندڙ (٥) ارداسو: عرض ڪندڙ التجا ڪندڙ

تلو: قائم قُدسي کُلاھ۔ سَچڻ سِر کَلنگي کَلنگي
لَولاڪ لَما گواھ۔ سَچڻ سِر کَلنگي کَلنگي

١۔ آنا آحمد سَمجھ اشارو۔ چئي تو آھيان آللہ
سَچڻ سِر کَلنگي کَلنگي

٢۔ مُرصَع[1] جَامون تاج مُبارڪ۔ وَھوا جَلوو جَاھ
سَچڻ سِر کَلنگي کَلنگي

٣۔ لَاتُدرِکُہُ[2] آل چئي تہ لکو آ۔ صورت آدم ۾ وَاھ
سَچڻ سِر کَلنگي کَلنگي

٤۔ ڪِين ڏِسي اِھو ڪَڏھن نِظارو۔ ڪَور نَظر[3] جو ڪَوتاھ
سَچڻ سِر کَلنگي کَلنگي

٥۔ سَير ڪَرڻ لاءِ سُھڻل سَائين۔ ناھي آيو ڪَھڙو ناھ
سَچڻ سِر کَلنگي کَلنگي

٦۔ حُسن جو سَاٿس ھَر ھَميشہ۔ سِلح[4] سامان سِپاھ
سَچڻ سِر کَلنگي کَلنگي

٧۔ عِشق اَعجازؔ عَاشقن کي۔ مِلي ڪَيائين مُباحُ
سَچڻ سِر کَلنگي کَلنگي

---

(١) مُرصع: جڙاوت ٿيل
(٢) لَاتُدرِکُہُ ال: نہ ڏسي سگھندين
(٣) ڪور نظر: گھٽ نظر وارو، انڌو
(٤) سِلح: هٿيار

تلھ: مِنا مَحبوب مَوليٰ جا، آوهان کي هي صَدا آهي،
نَاڪامن نَاقصن تي نِت، ڪَرم ڪَامل ڪَريو ڪاهي.

١- آوهين آهيو شَاها شَافي، آوهان جو اِسم آ ڪَافي،
آوهين هِت هُت ڏيندؤ مَعافي، آوهان رِيءِ ڪَا پِوا نَاهي.

٢- آسان جا ڪَئي ڪَمائي آ، آوهانکي روشنائي آ،
عُمر گُذري اَجائي آ، گُناهن ۾ گَاهي گَاهي.

٣- ڪَريو عَاصين مَٿي مروت، سَپاجها پَاجهه ۽ شَفقت،
هَلايو اَهڙي ڪا حِڪمت، اَمارو نَفس سَاڄاهي.

٤- وَٽي ”لا تقنطوا“[1] وَارو، سَهارو آسرو چَارو،
سَليوسون حَال سَڀ سَارو، ڇَڏيورڻ ڪيمَ ڪي راهي.

٥- اِجابت[2] ٿئي عِنايت ٿئي، هِدايت ٿئي حِمايت ٿئي،
حَاصل ڪو حَال حَق جو ٿئي، اِئين اَعجاز تو چَاهي.

(١) لا تقنطوا: نا اميد نہ ٿيو (٢) اجابت: قبوليت

تلھ: رَسولُ اللہ جھڙو رَھبر- نَڪو پيو ٿيو نَڪي ٿيندو،
سيّد جو ھَم قدم ھَمسر- نَڪو پيو ٿيو نَڪي ٿيندو.

١- شَفيعُ المُذنَبين[1] ٿيندو- بَرابر ڏينھن مَحشر جي،
سوئي آصاحبِ ڪَوثر- نَڪو پيو ٿيو نَڪي ٿيندو.

٢- امام المُرسَلين آھي- مِنو مُربي اُمي عَربي،
اَحمد ڄام جَان اَطھر- نَڪو پيو ٿيو نَڪي ٿيندو.

٣- ھَلي جيئن ھَاشمي ھَر ھَر- لَڌيون سَارون سَڪيمن جُون،
يَتيمن جو ائين يَاور- نَڪو پيو ٿيو نَڪي ٿيندو.

٤- لواءِ الحمد جو حَامل[2]- سَدائين دَادگر سَڀ جو،
اَھڙو عَادل دُنيا اندر- نَڪو پيو ٿيو نَڪي ٿيندو.

٥- ڪَلام اللہ نَازل شُد- اُمَم جي شان ۾ يَارو
وَڏي اُن کان ڀلو بَرتر- نَڪو پيو ٿيو نَڪي ٿيندو.

٦- لَکين اَحسان لَک لائق- ڪَيَئين اَعجاز لاغر[3] تي،
مُنھنجو مُحب سو مُنور- نَڪو پيو ٿيو نَڪي ٿيندو.

تلھ: نَظر آيون آيون ھُو پَاڪِ نيلون- اَکيون دَر عَجيبن آھون آپيلون.

١- اُڪَند سڪ کي آھي لَکين ڪوھ لَحظو- جُھوٽي عِشق سان پُڇي ڪون پَھُ کو،
اِنھي پُور تو ڙيون، زَنجيرون ڪَئين ڏيلون.

٢- لَتو پَنڌ پيرن ٿَان مَعافي مَنزلون ٿِيون- مُرادون بہ پُوريون مَن گُھريون ٿِيون،
وِڪان ويجھيون پَانيان، سَھل[4] سَڀ سَبيلون.

٣- ھِتي ڪولي ھَلندا جي دِل وَاريون دِيدون- ھِتي ٿَن لاءِ حَجّ آھتي ٿَن لاءِ عيدون،
سباڪ جا مُستحق اُھي بي دِيلُون.

٤- ڏسڻ ھن اَکين کي اِھو نت ڏنائون- ڪَرم ٻَاجھ اَعجاز کوڄھن تي ڪِيائون،
حَاصل حَال ٿِيڙن چُنيُون ڦَالُون قِيلُون.

---

(١) شفيع المذنبين: گنھگارن تي شفاعت ڪندڙ (٢) حَامل: مددگار (٣) لاغر: ڪمزور ھيڻو (٤) سھل: آسان، سولو

شانِ علي عليه السلام

سِي حرفي

در شان حضرت علي عليہ السلام

الف- اعليٰ سِرِ الاهي آلاَصل اَول علي ءَ،
اِبتدا کان اِنتها تائين اَفضل و اَکمل[1] علي ءَ.

ب- برابر بُت شِکن ۽ بَربَري بَرسر بَبَر،
بَي بَها بَانکو بَهادر بِي ريا بلکل علي ءَ.

ت- تَوحيد حَقّ سَندي، تَحقيق تَنهن تَبليغ ڪَئي،
تعريف لائق تَاجدار و تَخت جو تَجمُّل[2] علي ءَ.

ث- ثُبوتن سَاڻ ثَابت، سَڀ نَبين ڪَئي ثَنا،
صَاحب آهي ثَقلين[3] جو، آخر توڙي اَول علي ءَ.

ج- جَابر جُوان جَنگي، جَل جَلالي جَوش سان،
جَابجا جَلوه نُما، جَاني جڏن پَر جَهل علي ءَ.

ح- حَقاني حَال سان، حَاڪم حقيقي حَقّ ڪندڙ،
حَقّ حَقيقت کي وَني، ڪيو هَر مَسئلو حَل علي ءَ.

خ- خَلق جي خَير وَارو، خَاص خَاصو خُوش خُلق،
خُود خُدائي خَصلتُن سان، خُوبرُو کُليل علي ءَ.

(١) اڪمل: وڏي ڪمال وارو، ڪامل
(٢) تَجمل: شان شوڪت وارو
٨٨(٣) ثقلين: ٻئي جهان

دـ دَامــادِ مُحــمّدؐ، دَســتــگـيــر و دَست رَس،
دَردمــنــدن جي تــہ دِل جو دَم بَدم دَرمَل عــلــيؑ.

ذـ ذَاتــي ذِكــر ڏِيــنـدڙ، ذُوالـذَكـائـي[1] ذي وقــار[2]،
ذُو الضِيا[3] ذَابــر ذَهــين و ذُو المَنَن[4] ضُودِل عــلــيؑ.

رـ رُوحــانــي رَاسـت رَهـبــر، رَاز مَحــرم روزُ شَب،
رَاشــدي جي رُوح سَان تِيــو رَمــز ۾ رَلمـل عــلــيؑ.

زـ زمـــانــي ۾ كــان زيــادهـــ، زور ۾ زوجِ بَتُول،
زنــگ بــازي زيــادتــي زَر مــال كـيــو زَائِل عــلــيؑ.

سـ ســاقــي ســو ســدا، ڏي سُرت جو ســاغر ســڏي،
سُونهن سِيرت ۾ سَرس سڀ كان سندم سُهٹل عليؑ.

شـ شَاهــي شــان وارو، شــافـي شــفــاعــت جو ڏٺي،
شِر شيـطاني كان پَلي، شام و سحر شَاغِل[5] عليؑ.

صـ صــاحــب صــاف دل، صــوفـي صــفــا صــائم صَبُور،
صبح و مَسَا سو ياد كر، سيـني جي آ صَيقَل[6] عليؑ.

ضـ ضَــايَع كَـيـئـين ذَلِيـلَن كـي تـہ ضــربِ تـيـغ ســان،
ضَابِطي سان ذِبح كِيا بي پير كَئين پلپل عليؑ.

---

(١) ذوالذكائي: داناء، ماهر
(٢) ذي وقار: صاحبِ عزت
(٣) ذوالضيا: روشن كندڙ
(٤) ذوالمنن ضودل: احسان كندڙ، روشني ڏيندڙ
(٥) شاغل: شغل، كم
(٦) صيقل: قلعي

ط- طَريقت دار طاهِر، طالبن تي مهربان،
تن طمع کي ترڪ ڪيِّو، جن ڏنو ٺهِل عليءَ .

ظ- ظفرمَند ڪيو ظهورو، ظلم ظالم ٿيو زَبُون،
ظاهر ضعيفن جي مدد ۾، آهِ ڏس اچ ڪَلهه عليءَ .

ع- عاشق عارفِ بِاللہ ۽ عالي هِمّت،
عِلمِ لُدني جو آڪابر، عالِم وعادِل عليءَ .

غ- غازي غَضنفر، غُنڊَن غَدارن لَئه غَضب،
غم زدن ۽ هن غريبن جو سچو گُهربل عليءَ .

ف- فَقِيرُ الحال فاقئي مست فَائِز ذي فَهم،
فوج فالم[1] سان فَتيٰ[2] فرمان رَوا فاضِل عليءَ .

ق- قائِم ڪُل مٿي، ڪُل جو قديمي ڪارساز،
قُل ڪمائي ڪُل ڪيائين ڪُل ڪنان قابل عليءَ .

ڪ- ڪَاشف ڪبريا، ڪاتِب ڪلام اللہ جو،
ڪَعبي کي ڪَعبو تِنهن ڪيو، ڪعبو چوان ڪامل عليءَ .

ل- لاثاني لقاء آلا فتح الاعليءَ،
لا طمع سو لاڏلو لالچ کنان لڙيل عليءَ .

م- مُحيِّ الدين جو مالڪ مُحافظ مختيار،
مِيم جي معنيٰ جو ماهر، ميم ڏي مائِل عليءَ .

ن- نوري نور پَروَر، نور جي وادي نَهر،
نور نالو نور نظرون، نور سو نِرمل[3] عليءَ .

(١) فالم: غيب ڄاڻندڙ (٢) فتيٰ: دلير (٣) نرمل: پاڪ، نج

و- وَاللهِ واهه واهه، وَرِ وِلهن جو واه واه،
وِرهه وارن کي وِکان، ويجهو آهي واصل عليءَ.

هه- حَرامين ۽ حَلالين جي هَميشه کَسوٽي[1]،
هَاشمي هَادي آسان جو آجڪو اَجمل[2] عليءَ.

ل- لاَهي لَڳ لاڳاپا، لوچ آهڙو لَعل تون،
قبر قيامت ۾ ڪَندءِ، ميان معاف سڀ مشڪل عليءَ.

أ- اَعجازا اُنهي کي، ڪونه هُوندو ڪو احتياج،
اَزل ڪان آ نام جَنهن جي قَلب تي اُڪريل عليءَ.

ي- يگانو يار آهي، يار منهنجو يا عليءَ،
ياوريءَ لاءِ سو يقيناً ياد ڪيم يڪدل عليءَ.

---

(١) ڪسوٽي: پرک، سڃاڻپ (٢) اَجمل: جَميل و حَسين

تـلـهـ: ڪَرِاهو ڪينو ڦَتو ۽ پَنهنجو تُون ڪوڙو قصد،
حَيدري بَندن ڪي حاسد، ڇا ڪندو تُنهنجو حسد.

١- هر گـهـڙي جن جي حِمايت آهي آسد الله ڪئي،
تن اڳيان ڪَهڙو بَڌين تو ڪانئرا تون پَنهنجو قَد.

٢- تُون پَارڪو پُورو نـہ آهين، پَٽ اکيون وَاري پرک،
بُو تُرابِيُنِ سَان نـہ پـيـتـج، بي بـقـا بُنيـاد بَد.

٣- ري ۽ سَيّد جي رَهـبـري، نـاهـي رَوا نـاهـي رَوا،
رَک نَصيحت دِل تي تُون، روڳي آجايو ڏي نہ رَدُ.

٤- دَرُ دَامادِ مُرسل جو، آئون نہ ڇڏيان اعجاز ڇئي،
ويو ۽ ويـنـدو وَاتِ اِن سـان، ورهہ وارن جو وَفـد.

تـلـهـ: هَر سُو هَمہ هُو هُو هُلي- هُو حق عليءَ هُو حق عليءَ.
جلوي[1] نُما تيو جَل جَلي- هُو حق عليءَ هُو حق عليءَ.

١- مَخـفـي[2] مَـتـي اثبات[3] جـي- وجـي مام معنيٰ اِت مـلـي،
مَـردن چـيـو مَـرڪـي مَـلـهـي- هُو حق عـليءَ هُو حق عـليءَ.

٢- سر سان سِري ساهئون پَساهئون- سـو صحـي سوجهي لڌم،
سُـڌ سَـلُـونَـي تِـنـهـن سَـلِـي- هُو حق عـليءَ هُو حق عـليءَ.

٣- چـشـمـان چـشـمي چاڙهہ چاڙهي- چوتان چوتي چٽ چڙهي،
چَـو طـرف ـ ـس چـوڪـس چـلـي- هُو حق عـليءَ هُو حق عـليءَ.

٤- وَجَـــــہُ الله ويـــــــر وارث- وحـدتـي ويـڙهي وَنـدو،
واقـــف وَسـيـلـــو وَر ولـــي- هُو حق عـليءَ هُو حق عـليءَ.

٥- عـــــشـــــق آر ڏي آرسـ ـــان- ارشـاد ڪـيـو اعتبار ڪر،
اعجاز اولـــي سِـــر عــلـــيءَ- هُو حق عـليءَ هُو حق عـليءَ.

(١) جلوي نما: ظاهري ديدار (٢) مخفي: ڳجهو، لڪل (٣) اثبات: اقرار، ثابت

تلهہ: اتي جي دل جگر ۾ دم عليءِ الله چئو چئي ڏي،
انهيءَ دعويٰ تي رهہ محڪم عليءِ الله چئو چئي ڏي.

١- زماني دَهَر هَر ڪِنهن ۾ بَحَر بَرَ شهر هَرَ ڪنهن ۾،
هميشه هر گهڙي هردم عليءِ الله چئو چئي ڏي.

٢- هُجين سيچو اندر جو جي هُجين نِرتو نظر جو جي،
هُجين جي نينهن ۾ ناظم عليءِ الله چئو چئي ڏي.

٣- عليءَ ۾ العليءَ ڪي توجي آ آڳُ ۾ جُدا ڄاتو،
تہ هاڻي بي ڏڙڪ همدم عليءِ الله چئو چئي ڏي.

٤- نڪي درمان پُڇُ داروُن نَڪي ڪَر ڪِنهن ٻِئي دَر ڪارُون،
سنديءِ زخمن سندو مَرهَمُ عليءِ الله چئو چئي ڏي.

٥- نہ جيسين صاحبِ دل تون نہ تيسين مردِ ڪامل تون،
اڃي تي راز جو محرم عليءِ الله چئو چئي ڏي.

٦- جي تون مُطرِبُ تہ ترنم سان جي تون گويو تہ سرگم سان
ڪري هٿ لَئہ تي لَئہ ۾ ڪَمُ عليءِ الله چئو چئي ڏي.

٧- نَفيِ اِثبات ڪَرِ حَقّ ڪي وڃائي ڇڏ شُبَهہ شَڪ ڪي،
تي صوفي بي سر و بالم عليءِ الله چئو چئي ڏي.

٨- اُهائي ذات آڪڪَ ۾ اُهائي ذات آلڪَ ۾،
اُهائي ذات آ پَيَهَم عليءَ الله چئو چئي ڏي.

٩- عليءَ جو سِرُ آڳاهُون آ آڳاهُون آ متاهون آ،
اوري آڏاڏهين آدم عليءَ الله چئو چئي ڏي.

١٠- ڪيسين ڪَذاب تي گهمندين ڪيسين ڪنهن ڪان ڪَنبي ڪنبدين،
ڪَنبڻ نا عاشقن جو ڪم عليءَ الله چئو چئي ڏي.

١١- اجان واعظ تون بيچارو پالين پيو نَفس اُمّارو
اُنائي عشق جو پرچم عليءَ الله چئو چئي ڏي.

١٢- مخالف آسمان تي پئي جي مارو جڳ جهان تي پئي،
چوي اعجاز تون تاهم عليءَ الله چئو چئي ڏي.

تلهه: اتئي جي دل جگر ۾ دم عليءَ الله چئو چئي ڏي،
انهيءَ دعويٰ تي رهه محڪم عليءَ الله چئو چئي ڏي.

١- ڏسڻ حق جو ڏِنو جي تئي، مرشد ڪامل ڪَنو جي تئي،
نہ سِر پُنهن جو مِنو جي تئي، عليءَ الله چئو چئي ڏي.

٢- مَئي پي جي مَتَلَ آهين، انهيءَ رنگ جي رتل آهين،
عليءَ در جي ڪُتَلَ آهين، عليءَ الله چئو چئي ڏي.

٣- عجب تينهن جو عقل آهي، مَحَوُ خبرن تي ڪُلُ آهي،
اصل تو وٽ نقل آهي، عليءَ الله چئو چئي ڏي.

٤- جتي هِن دم جا انڪاري، اتئي سي عِشق کان عاري،
اُتي عاشق تي اقراري، عليءَ الله چئو چئي ڏي.

٥- توکي ماڻهو ڪَندا مَنعُون، مگر تون ڪيم تج مامعون،
طبل تاڪيد سان بس تون، عليءَ الله چئو چئي ڏي.

٦- نالي خاطر نہ تي نانگو، لنگهي وڃ لاجو لَڪُ لانگهو،
هجي جي تارجي تانگهو، عليءَ الله چئو چئي ڏي.

٧- مَچڏ ميدان منصوري، اندر جي آس ڪَر پُوري،
سنياهي سِر مٿي سُوري، عليءَ الله چئو چئي ڏي.

٨- اُتي اعجاز تي اظهر، هٿي نعرو اهو اڪبر،
ٽپي منصور کان دم پر، عليءَ الله چئو چئي ڏي.

ٿلهه: جنِ کي عشقَ آهي پَنجتَن پاڪ جو، تن کي خوف ڪِهڙو قبرَ خاڪ جو،
اِهو ڪيو اَعتبار انهي دَرجا پينارِ هُوندا باغُ بهارِ سارِي سَڀِ ڇمارَ.

۱- آدم صَفِيُ الله، موسيٰ ڪَليمَ الله، اِبراهيمُ خَليل الله)، عِيسيٰ روحُ الله،
سانِدي سوز صاحبِ لولاڪَ جو، پاتئُون اِنعامُ عَبدِي اِملاڪ جو.

۲- عَاشِق عَالِم، سَالِڪَ سَالِم، فَاتِحَ فَالِمَ، مُعَارفَ مُعلِم،
اِتان سَبَقُ سِکيا اِخلاقَ جو، اعليٰ عِلمَ عَقلِ اِدراقَ جو.

۳- عَدنِي، عَرفَاتِي، مِصري، گَجراتي، هِندي، هَراتِي، سِندِي، سَواتِي،
پَڙهي پَنُو ڏسو اَلهَاڪُ جو، ڪَم نَاهي داڙ بِتاڪُ جو.

۴- ڳاءِ اعجازَ ڳُڻَ پنجن جا، هَردَمُ هر جاءِ تَنِ هَنجهن جا،
اُهي ڪَڪَرُ آهن هن ڪاڪ جو، ڪندا غور سي سڀ غمناڪَ جو.

ٿلهه: مَوليٰ تُون مَوليٰ تُون، مَوليٰ تُون مَوليٰ،
عَلَيءِ نام تُنهنجو، لاَهين تُون اولا.

۱- بَشَرجي تي اَولِي ۾ آئين بَرابر، مگر آهين سِر تون الاهي سراسر،
سُڃاڻي وِيا توکي هي تُنهنجا ٽَناگر، وَهم غمِ وِيڙا يِڳايُوَ يولا.

۲- مُهردار تُنهنجا مَلڪ جِنّ ماٺهو، ڳَائيندا ويا ڪئين تُنهنجا ڳُڻ ڳاٺو،
حَقَانو تون هَادي، حَاذق حَال ڄاٺو، اَسين آهيون تُنهنجي گَولن جا گَولا.

۳- پَرِيندي ڏِنو جَن تُنهنجو دَر اَچي، پِيارِيئي تَني کي سَڏي سُرڪ سَچي،
مَري ٿِيا سي مَنصور مَهل ۾ مَچي، پِيَن قُرب تُنهنجي جَا قابو ڪَڙولا.

۴- هَلياسُون هَاهُوت ڏي حَيدر جي حُڪم سان، اَٿئون عِشق اعجاز اُنهي جي اسم سان،
رَنگي رُوح ڇَڏيئين رِندي رِيت رَسَم سَان، لَنگهياسون لُڙ لَهرِيون جهڪُون جُهڙ جهولا.

ٿلهہ: هَر هَر گداگر آهيان حيدر حُسينڻ جو،
پينو پياسي پينار پيري پاڪ چمن جو.

١- ڪنگڻ ڪولابو ڪنڌ ۾، ڪننو ڪستو ڪين مان لاهيان،
هڪ عشق اندر ۾ انگ تي آلفي پرت منجهان پيو پايان،
شاهِ نجف ڏي ڪاهيان، اتم تانگهو تنهن پيٽڻ جو.

٢- گودڙيو آهين گولو تن جو، هل لانگوٽيا لاهوت،
ٽُرت طمع کي تَرڪ ڏيئي، تون ڪر نَفي نابود،
ٽُنهنجو پنج ڪَئي آقوت، هاٽي هوڪو ڏي هلڻ جو.

٣- حُر وانگر تي حُر حقيقي، ڪر ڪليجو قربان،
نانگو تي تون ڪڻ نقارو، چوکي ڏي تنهن چوگان،
اعجاز! عليءَ ڪان دان، گُهر تون محب ملڻ جو.

ٿلهہ: جَنهنجو مَوليٰ عليءَ سان پيار نہ آ، تِنهنجي ڪَلمي تي آعتبار نہ آ.

١- عليءَ اَهلِ خُدا، عليءَ اَهلِ شَفا، عليءَ اَهلِ سخا، عليءَ اَهلِ وفا،
ڪَئي جَنهن بہ صَدا، عليءَ دَر تي گَدا، اِهو خَالي ڪَڏهن وِيو يَار نہ آ.

٢- جَنهنکي پياس پَنجن جي هُوندي گهٽي، تَنهنکي مَحشر ۾ مَرهيندو ڏٽي،
جِيڪو مُنڪر ٿِيندو سَمجهي سٽي، سوچئبو حَلالي يَار نہ آ.

٣- مُنهنجي شير جَلي جَهڙو پيو ڪو ڏَس، اَهڙو بَانڪو بَهادر ٿيو ڪو ڏَس،
سَواءِ حَيدر خَيبر ڪَنهن ڪنيو ڏَس، جِتي آهي عليءَ اُتي هَار نہ آ.

٤- جَهلي دَامن جَنهن بہ حَيدر جي اَچي، رَنگي رَنگ ۾ ويو هِت هُت سو رَچي،
اِها ڳَالهہ اعجاز! آهي سَچي، هِن ۾ ذات ذَرو قِيرقار نہ آ.

تلهه: يَا عَليءَ مُشڪل ڪُشائيِ، ڪَر اچي - رهه رُلين جي رَهنمائي ڪَرِ آچي.
حَق رَسيدا حَق رَسائي ڪَر اچي - بيوا هن جي وَاهه ڪائي ڪَرِ اچي.

١- حَق ۽ بَاطل جي وِچان، پئي سَيّدا - صِف شِڪن تي سَڀ صَفائي ڪَر آچي.

٢- تُون سَلُوني سِر سليندڙ سِر رِبّي - فَاش آچ هـي ڳُجهه ڳُجهائي ڪَرْ آچي.

٣- تُـون وِلَهـن جـو وَاهرو مُلجا موليٰ - عَـاجـزن آڙيــن جـي آجائي ڪَر اچي.

٤- تُنهنجا توڪي ئي سَڏيـنـدا جَابَجا - سَـڏ سُـٹـي تَـن جي سٹائي ڪر آچي.

٥- نَابـرن جو تو مَتـي آنـنگ نَنگي - بَـد بُـرن سـان تُـون ڀَلائي ڪَر آچي.

٦- نَام تُنهنجي سَان آچان اعجَاز چَئي - چو حَـسـد آهـئ آچـائـي ڪَـر اچي.

تلہ: دِل عَلي المُرتَضيٰ جي ڳالھ ڪَر. شَھنشاھ شيرِ خدا جي ڳالھ ڪَر،
ھَادي حَيدر حَق نما جي ڳالھ ڪَر. مومن جي مَھ لقا جي ڳالھ ڪَر.

١. صَد سَلامن سَاڻ صَلواتون پَڙھي. پوءِ وَصيءِ مُصطفيٰ جي ڳالھ ڪَر.

٢. شَان ۾ جَنھن جي تي نَازل ھَل آتيٰ. تَنھن بَھادر بي بَھا جي ڳالھ ڪَر.

٣. پِيا پين جي ڪَن پلي پر تُون سَدا. سَاقيءِ ڪَوثر ڪَفيٰ جي ڳالھ ڪَر.

٤. دَم آتئي جيسين تہ تيسين دَم بَدم. جَا بجا مُشڪل ڪُشا جي ڳالھ ڪَر.

٥. سَڀ طَريقن سِلسِلَن جي مور مُنڍَ. پر پُريائتي پيشوا جي ڳالھ ڪَر.

٦. لاَ فتيٰ اِلا عَليؑ لا سَيف چَئي. فَاتح خَيبر فتيٰ جي ڳالھ ڪَر.

٧. مُشڪ عِطر سان مَلي ھَر ھَر دھَن. تُون مُحمّدؐ جي مَوليٰ جي ڳالھ ڪَر.

٨. بَا ادب تي نِياز نئڙت عِجز سَان. زُھرا جي شوھر بَاوفا جي ڳالھ ڪَر.

٩. بُو الحَسنؑ بَابُ العِلم پدرِ حُسينؑ. صف شِڪن صَفدر صَفا جي ڳالھ ڪَر.

١٠. نِت نَوازيا نَاتوان، اعجاز جَنھن. سَر بَسر تنھنجي سَخا جي ڳالھ ڪَر.

تلھ: آسان جو تہ سَاقي علي ؑ آعلي ؑ آ- ڏِيندو پَٽ عُشاقي علي ؑ آعليٰ ؑ آ.

١- کَلا دار کَامل کَما حَق کَلالي،
قَائم سِر قديمي کَده وَر کمالي،
موکِي مَد ميثاقي علي ؑ آعلي ؑ آ.

٢- سُهٽي سَانگ سُونهاري سُبحاني سِر سان،
بَبر خيز پِيالي فَياضي نَظر سَان،
مَٽيء تي مُلاقي علي ؑ آعلي ؑ آ.

٣- سَيّدجي سَري وَٽ مَتا مئي کَشن جا،
سَوين سُنگ ميڙ استا مئي کَشن جا،
سَندن يَار ياقي علي ؑ آعلي ؑ آ.

٤- رُومي شَمس مَنصور قَلندر بَلاول،
بُلا شاه پِتائي سَچل مِصري بِيدل،
سَين وٽ اوطاقي علي ؑ آعلي ؑ آ.

٥- دَارون دَرماندن جو عَلي ؑ دَست دَر آ،
اُهوئي اعجازا قَسِيمُ الکَوثر آ،
بَقا بِالله بَاقي علي ؑ آعلي ؑ آ.

تلهہ: آسان جو شاھہ ثان حيدر- سر سُبحان تي آيو،
سَخا وارِيءُ صِفت ۾ سو- سُخنِ سلطان تي آيو.

١- شَهنشاھہ شير شُجاعت لاءِ- اَول آخرِ امامت لاءِ،
مُصافحي ميل مَحبت لاءِ- يَدِ يَزدان تي آيو.

٢- مُحقق مُک مُغان ماهر- طَبعي فِطري تَقي طاهر،
اَصل باطن توڙي ظَاهر- لالڻ لاثان تي آيو.

٣- علي گُر پير مَلَڪن جو- سُونهون فَرشن فَلڪن جو،
وَاقف سِر سير وَنحن جو- سگهر سرواڻ تي آيو.

٤- چَوڻ وارن چَيو حق آ- شُبهہ ثَنهن ۾ نَڪو شَڪ آ،
مُحمّد ؐ ۽ علي ؑ هڪ آ- نرِيي جِند جان تي آيو.

٥- ڪَعبي وَاري وِلادت سَان- سُجودِ حَق شَهادت سَان،
عَجائب اِن عِبادت سان- بَري بُرهان تي آيو.

٦- اعجازا عَاشقن جي لاءِ- آوليائن عَارفن جي لاءِ،
پَنهنجي شَهہ شَائقن جي لاءِ- بَدل بَاران تي آيو.

هَٿُ حَيدر جي دَامن ۾ پَاتو آسان - صَحي پَنهنجو سَهارو سُڃاتو آسان

۱- ڏِنو سُون نہ ڏسنداسُون ٻي ڪَنهن جو دَر
آهي پَاڻ شَاهد عَلي ءُ مَوليٰ سر
جَپيو نَام تَنهنجو ڏِينهان رَاتو آسان

۲- جَهڙا آهيون تَهڙا وَجيو پيش پَئُون
پَايو پَاند ڳچيءِ نَيو اُت نَئُون
ڪَري ڪَعبو قبلو سو ڄَاتو اسان

۳- ڏيندو ڏَڏ ڏوهين کي مُغان پِير معافي
آسان ڪَاڻ آهي سو ڪَافي سو شَافي
تَڏهن آهي تَنهن کي تہ ڳَاتو آسان

۴- آهي هُو آسان جو آسين هُن جا آهيون
چَاهي هُو اسانکي آسين هُن کي چاهيون
اِئين نِت نباهيو آ نَاتو آسان

۵- ڏِني سُرڪ سَاقي سَچائي سَندي
وِرهہ عِشق اعجاز وَفائي سندي
وَرتو پِير پَارس پُرياتو آسان

تلھ: يَا عليءَ مُشڪل ڪُشا - هَادي هِمّت قُوّت ڏجان،
بينَوا بَدبَخت تي - ڪَامل ڪَرم ڪَاهي ڪَجان.

١- هي رُڪيو رَهدار روڳي - تُنھن جي آهي آسري،
آءُ آچي ڪَر تنھنڪي آجو - غيرِ پيائي جي پِجان.

٢- رَهنمائي سَانْ ڪَريو - رَاه آسان عِشق جي،
پَنڌ آپر آ ڏور مَنزل - سَيّدا سَاٿي ٿجان.

٣- جي اَوهان جيِ ٿئي نَظر تان - خَاڪ ڪِيميا ٿي پَوي،
دِيد لآئي پيچ پَائي - ناقصن کي هُتِ نجان.

٤- عَينُ ڏوهي آهيان - اعجاز چئي سُڻ سَاقيا،
آئون سَمَرُ آڳئين سَفر جو - ڪونہ ٿو سِرِ مِ سجهان.

تلھ: حَيدرپير خَيبر گِير وَارث وِير وَسيلا،
وَاھر وَاھ تِي وي شَاھ رَھبر رَاھ رَسيلا.

١- جَمندي جَام تُون اِمام، تُنھنجو نام عَليءَ آ،
پَاڪيزا پير، ببر شير، پَري هير ھلي آ،
پَون ثاب، هي شتاب، مھٽي ھاب جا حيلا.

٢- حَاسد ھور، ڪَن تا شور، ڪُرا ڪور ڪَنورا،
تِيا نِفاق مَنجھان عَاق، آھن تَاڪ آنورا،
تُون رَسِين، نَڪ ڪَپِين، ڦِڪا تِين ڦسيلا.

٣- تُنھنجي پَيش، نَيھي نيش، ڪَئين دَرويش ديوانا،
پِي پِينار تِيا سَرشار پرت دَار پَيمانا،
سَندءِ جُود، سگرسُود، ڪَيا خُوشنودَ تَسيلا.

٤- جَھرو شَان، آتئي مَانُ، تھرو دَان ڏي دَاتا،
آھيون ڏڏ، آيَري لَڏ ھيٽا ھَڏ ھَياتا،
تَوڪان رَاڄ سَريا ڪَاڄ، ڏَجائي ڏَاڄ ڏڄيلا.

٥- چَئي اعجَازَ، بُلند آواز ڪوليو رَازُ رَبّي تو،
آھين رند، اَصلي چِندُ، تُون دِلبندُ نبيءَ جو،
تُنھنجو پُورءِ حُضور، پَسن نُور قَليلا.

ثاب: قبول

تلهه: مَوليٰ نَام تُنهنجو- ڇڏائي ڇيَن کان،
ھِتي جَن هُتي جَن- سمورن سِيَن کان.

١- تُنهنجي نَام جيِ نت، مُهابي آ معافي،
آڙيائِتَن عَاصين لاءِ، آ کيڏو نه کَافي،
عِفت مغفرت ۾، پيٽو آپين کان.

٢- مُون هَر حَال رَنگ ۾، ڏٺو اوري ڏوري،
مَٿئين مَن واري کي، هَٿيو چُوٽ چوري،
تَڏهن تِيو وَتان آئون، کيو وَڏ کِيَن کان.

٣- بِرهه عِشق وارو، اُوليٰ بَا آٿر آ،
بي پَرکان پَر آ، سِپر آ سَمَر آ،
اِها پَئي خَبر آ، ته جوڳين جِيَن کان.

٤- سَاراهيو سو اعجاز، هَردَم هجي سان،
آهي آشکارو، اَکر عَين جي سَان،
کَري خَاص وَاقف لَقائي لِيَن کان.

عفت: پارسائي، پاڪائي

ٿلهه: عَليؑ مَرد ڪَامل يگانو يگانو- ڳُجهي راز ڳُجهه جو خَزانو خَزانو.

١- خَفي سو جَلي سو وَلين وَلي سو- حَقان حَقّ ؑ حقّ جي آرَهبر ڳَلي سو
سوئي عِلم جو دَر سُهانو سُهانو.

٢- هُو شمع رِسالت جو پَهريون پَتنگ آ- جُوانن جي صِف جو پَهريون جُوان جنگ آ
اَصل چند عَاشق رِندانو رِندانو.

٣- دِلين جو هو دَاتا دِليون هو سُڃاڻي- اُين آسمانن جو هو حَال ڄاڻي
رکو خِيال تَنهن سان رُوحانو رُوحانو.

٤- پَنهن جا پَاڻ پَازي سَچا مَرد غَازي- بَبر خيز پِياريو ڪَري سَرفرازي
سَخي آهڙو سَاقي روزَانو روزَانو.

٥- عَليؑ جي نَظر ۾ اشاري آثر ۾- آهي ڏِس اعجَازا آحاطي اَمُرَ ۾
قِبل حَال مَاضي زَمانو زَمانو.

تلهه: اي اِمامُ العَاشقين سَاقي سَير مُشڪل ڪُشا،
ڪر سُوالين جون صَدائون پوريون پر مُشڪل ڪُشا.

١- صُبح دَم جي التجا آگا اُونائڻ تو ڪپي،
هَر دو جَڳ جاڏي سَڏي آج سَڀ سَمر مُشڪل ڪُشا.

٢- شَانُ تُنهنجو هيئن نہ شَاها، ڪِيئن اِيڏيون ديريون ڪَرين،
بَر مُرادون مَنَ جُون ڪر، هي جهولي پَر مُشڪل ڪُشا.

٣- قَافِلن جا قَافِلا ڪَئين ڍول تو ڏَائي ڍِيا،
جَاءِ بَجا تُنهنجا وَسن تا نِت نَنگر مُشڪل ڪُشا.

٤- مَن طَلب شَيءِ چَيو تو، قَول پَنهنجو پَار تون،
ڪَر نَنگيتا ڪَا نَظر نَر نَامور مُشڪل ڪُشا.

٥- مئي تُنهنجي مَئيخان جي ۽ پَت تُنهنجا پَندار يَار،
جِن پِيتاسي مُون ڏِنا سُونهارا سِر مُشڪل ڪُشا.

٦- دَرندا پَرندا جِنّ مَلڪ، جَر جِيت ۽ وَڻ ٽڻ جَبل،
سَڀ سَلامي تو سَندا، جَڳ وَڳ وڳر مُشڪل ڪُشا.

٧- هَڪل هَيبت دَاب دَڙڪي تُنهنجي ڪَيا پَاهڻ پَٽي،
تو ڪَنان ٿَا ڪُل ڪَنبن ڪَافر گَبر مُشڪل ڪُشا.

٨- عَرض لڳ حَسنينؑ جي اعجَاز جا سُڻ يا عليؑ،
مَغفرت سَان مَعافُ ڪُل ڪر ڏوهہ ڏمر مُشڪل ڪُشا.

تلھ: دِل تي چَوي چَوان چَوان - دَم دَم عَليءَ عَليءَ .
لَک لَک دَفعا لِکان لِکان - دَم دَم عَليءَ عَليءَ .

١- جيڏھن ڏِيان جي کَن - تہ صَدائي عَلي ءَ ھُجي،
ھِن ھُن وٽان ٻُڌان ٻُڌان - دَم دَم عَليءَ عَليءَ .

٢- جيڪا نظر ڪَجي تہ - اُنهي ذات تي پَوي،
ھِت ھُت پَسي پسان پسان - دَم دَم عَليءَ عَليءَ .

٣- اثبات وَاري دَم ۾ - عَقيدي وِيساھہ سَان،
اَللہ جِيئن مَڃان مَڃان - دَم دَم عَليءَ عَليءَ .

٤- اي مُحتسب ٽُون مَنعُون - ڪَندين مُونکي ڪيتريون،
نِڪريو وَڃي چِتان چِتان - دَم دَم عَليءَ عَليءَ .

٥- جَنهن طرف جي وَڃان تہ - ويسارو نہ تي وَڃان،
چَوندو اَوڏھن وَڃان وَڃان - دَم دَم عَليءَ عَليءَ .

٦- دُنيا جا عَجب عَيش - ۾ سُک مان سَڀ ڇڏي،
مَنگتو تي نِت گُھران گُھران - دَم دَم عَليءَ عَليءَ .

٧- آئون تہ ڪَريان مَاٽ ڪَٿي - ٽُنهنجي ڇَئي مگر،
ٻُڌندين آڙي چِتان ڪِتان - دَم دَم عَليءَ عَليءَ .

٨- دِل جي پَٽيءَ تان غَين آڪر ۾ - ميٽي عَين لِک،
ڪَر پوءِ ھجي رَوان رَوان - دَم دَم عَليءَ عَليءَ .

٩- اعجاز جو بہ سَوئي، تہ اُستاد پير آ،
پوءِ ڇو نہ آئون پُڇان پُڇان - دَم دَم عَليءَ عَليءَ .

تلهہ: مُنهنجو آقا علي ؑ عَلي ؑ - مَوليٰ مَظهر العَجائب.

۱- آسد الله سو عَين الله سو - وَجهُ الله سو، يَدُ الله سو،
جَنبُ الله سو جَلي جَلي - غَير جي اک ۾ دِل کان غائب.

۲- مَا سِوَي الله ترک وارو - سَاقيءِ کَوثر سچارو،
وَاهہ وَارث وَلي وَلي - وَصي نَبيءَ جو نيک نائب.

۳- شَاهہِ مَردان شير يزدان - مُثل دِل لاءِ آبِ حَيوان،
هيءَ تہ وَصف يَلي يَلي - آهي عَجائِب ۾ غَرائِب.

۴- لا فَتيٰ آلا جَوابي - بَاب علم جو بُو تُرابي،
گهُول نہ پي کا گهلي گهلي - تي عَلي ؑ دَر توبهہ تائب.

۵- آهي اعجازؔ شَاهہ حَيدر - بَيواهن جي وَاهہ حَيدر،
آيو هَکل ۾ هَلي هَلي، وِيو ميٽي مُشکل مَصائب.

تلهہ: مَن عَرف وَاري مَام جو - مَالک عَلي ؑ عَلي ؑ.

جَوهر جَلالي جَام جو - مَالک عَلي ؑ عَلي ؑ.

۱- آبي شُبهہ بَرابر - بَانکو بَبَر بَري،
بَرسر بَقائي بَام جو - مَالک عَلي ؑ عَلي ؑ.

۲- هَردم حُضوري حَال سَان - هَسوار هَاشمي،
حَملي حُسيني هَام جو - مَالک عَلي ؑ عَلي ؑ.

۳- سَرخيل صوبو ثَابت - صَاحب صُورت سَندو،
صَلوات ۾ سَيام جو - مَالک عَلي ؑ عَلي ؑ.

۴- اعجازؔ سرُ سَلوني - مَان معلوم تي ويو،
مَعنيٰ آ اَلف لام جو - مَالک عَلي ؑ عَلي ؑ.

مصائب: مصيبت، ڏک، تڪليف

ٿلھ: سوچھ وَجي سَنسار- جوڙ نہ ڏِسندين جڳ ۾ عَليءَ جو.

١- دِل ۽ دِليري صَبر سَخا ۾- جَنگ جَدال ۽ جَبر جَفا ۾،
آهي عَالَم آشڪار- نَالو نمايان شير جَليءَ جو.

٢- يَدالله جي يَلغار آڏو- وِچ ڪان تِکڙي وَار جي آڏو،
ڪير ٽِيندو ٽَڪرار- جِگر ئي نَاهي ڪَنهن جَنجليءَ جو.

٣- جَهڙپ هِڪ سان هَزارين جُهڪايئين- پِيل پَربت بُونب پڃايئين،
ڌَهرين آڌهڪار، بَبر بَانڪي مَرد مَلهيءَ جو.

٤- مَڪ مغان ميخان منيءَ جو- ساقي موکي ورهہ وَنيءَ جو،
قطرو ڏي تہ قرار- قلب وني هر ڪنول ڪَليءَ جو.

٥- اعجاز عَليءَ جو مَقام اَعليٰ- عُشاقن سَندو وسو اِمام اَعليٰ،
مَسند نَشين مَهندار- رَهبر رَبّوبي رَاهہ ڳَليءَ جو.

تلھ: ڇاتيءَ جي ڇير ڇم ڇم سان - نچي ڇپ نام حيدر جو.
ثنا گرتي گداگر تي - صُبح ۽ شام حيدر جو.

١- ڇڏي غفلت ۽ گمراهي - نا چوتي نچ نانگا ناهي،
عجب تي پئُو تون آگاهي - تہ گام و گام حيدر جو.

٢- ملنگ مولٰي عليؑ جو تي - شيدا شيرِ جلي جو تي،
واصف وارث وليءَ جو تي - پائين اِنعام حيدر جو.

٣- ڪسا ڪوڙا ڪچا هيا ڪُل - دُنيا ۾ رنگ آئي بلڪل،
پڪو پُختو پائج پلپل - فقرفن نام حيدر جو.

٤- حقيقن ڪي مجازين ڪي - غوغائن مرد غازين ڪي،
پلئہ پيو پتنگ پازين ڪي - پُران پُر جام حيدر جو.

٥- آصل عرشن ۽ ڪُرشن تي - فلڪ فردوس فرشن تي،
جِنن ملڪن ۽ بُرجن تي - آئي آقدام حيدر جو.

٦- بلاغت(١) آ فصاحت آ - شُجاعت آ سخاوت آ،
عِنايت آ امامت آ - اُتمِ اسلام حيدر جو.

٧- مُحبت عِشق محڪم سان - مُدامي دِل مُسلم سان،
صِدق ۽ مچ سِر خم(٢) سان - حُڪم احڪام حيدر جو.

٨- توتي اعجاز هر گاهي - اِهوئي فرض بس آهي،
نهي جيئن تو تون تيئن ناهي - ڏجان پيغام حيدر جو.

(١) بلاغت فصاحت: خوش ڪلامي، ڳالهائڻ جي قابليت (٢) سِر خم: عاجزي، سِر جُهڪائڻ

تلهه: عَليءَ جي نَامَ اَطهر کان - مُلان ڇو تو ڪَرين موشو،
آتـئي مَحشر سَندو موڳا - اِهو تُحفو اِهو توشو[١].

١- جي ڪَلمي گو سڏائين تو - تہ پوءِ ڪِيئن تو ڪَرين پِيائي،
مُحمد کير مَوليٰ کير - ڪَري ڏِس غَير کان گوشو.

٢- بنا دَروازي جي پَورا - ڪِتان ويندين شَهر ۾ تُون،
هَيا[٢] ڪجھہ هَوش ڪَر هَاڻي - نہ تِي ايڏو تون بيهوشو.

٣- جِيڪو يَدُ الله آهي ؑ - ڪري پيو ڪمِ الاهي نِت،
عِنايت ڇَاڻ سڀ اُن کان - ڦريل ناتي فِراموشو.

٤- ڪُڙي ڪَنتور ڪَافر لاءِ - اِهوئي نَامَ ڪَافي آ،
اڳيان اَعجاز وٽ اُن جي - جَلالي تي تون سَرجوشو.

تلهه: عَليءَ موليٰ مُنهنجو مَددگار آهي،
مُون کي هَاڻ ڪَنهنجي ڏَروڪاڻ نَاهي.

١- ڇَوان آئون سَچ تو، هو ڇَاڻن نہ ڇَاڻن - ڏِنا ڏُک جي مُونکي زَماني جي ماڻهن
سَيّدسَاتي سَڀ سي، وِيو لِڪَ ۾ لاهي.

٢- عَليءَ شَاهہ جو آئون تو اَحسان مَيجيان - هِي سِر ساهہ گهر ٽِڙُ نَذُر تَنهنکي سَجيان
ڇَڏيئين حَاسِدن جا ڏِيا دوهہ ڏاهي.

٣- مُون اِثبات دِل سان ڪَيو سِر عَليءَ جو - مُبّري[٣] مَرد مَانجهي مِنِي مُنجَلي[٤] جو
وَڏا فَيض جَا تَنهن وِڏا وَاهہ وَاهي.

٤- حَيدر جي حُڪم سان هَنيم نيِنهن نَعرو - ڏَسيائين اَعجازا رِندي رَاهہ چَارو
وَنيو سو وَڃان تو، عَدم ڏانهن ڪَاهي.

(١) توشو: ڏيءِ، آسرو (٢) هَيا: بيعقل، بي سمجھہ (٣) مُبري: آزاد (٤) منجلي: روشن، ظاهر، آشڪارو

تلهه: ايندو مَرد مَانجهي - جَنهن مَوليٰ عَليءَ
وِيندا دُشمن دُرَن جا - جِگر جَلي.........

١- جَنهن جي هَكل هَيبت كان كسريٰ كَنبن، جنهن جي نَعري كان ويري وَنئُن ٿا وڃن،
جَنهن جي قَدم قَدم كان دُوار ڏُبن، اهڙو شيرِ خُدا آهي جَوان جَلي.

٢- جَنهن مَوليٰ جَلال مان وَار ڪَندو، ڪَئين ڏَڙ سِر چيري ڏَار ڪَندو،
پَٽي ڪوٽ قَلعا ڏُوپَار ڪَندو، تَوڙي ڪَٽڪ هُجن ڪيڏا ڪُوپ پَلي.

٣- اي دِل تُون خُدشو خِيال نه ڪَر، ڪَنهن جي ظُلم سِتم جي ڳالهه نه ڪر،
حَاضر حَال جو ڪَنهن سان حَال نه ڪَر، وَٺي ويهه صَبر جي وَاڳ ڳَلي.

٤- جَنهن جو حَامي حَيدر شَاهه ٿئي، تنهنجي پَڌرو پَاسي الله ٿئي،
تَنهن کي لَهر لوڏو نه ڪَا لَاهه ٿئي، اَها پڪ آ اعجازا ناهي ڳَاهه ڳَلهي.

تلهه: آسين ڳالهه پَنجن جي ڳَائيندا سون ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.
آسين حق کي ڪين ڇپائيندا سون ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.

١- اُهي ڪهڙا آهن اُهي ڪيئن آهن اُهي ڪنهن جا آهن؟
اُهي ڪنهن سَان آهن اُهي پارن پَٽن سان سُنائيندا سون، ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.

٢- هڪ خَير الوَريٰ بِيو عَلي المُرتضيٰ ٽيون حسن المُجتبيٰ،
چوٿون شاهِ ڪربلا پنجين پاڪن پاڪ پائيندا سون، ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.

٣- اُهي نورٌ اعليٰ نور پَنجئي اهي عشق وَارن جا امام پنجئي،
اُهي پنجئي آمُل پوئي ڳل پائيندا سون، ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.

٤- جن جي حُضور ۾ حاضر هَردَم خُدا جن حور و ملڪ سَاجد سدا،
آسين سِر به اُنهيءَ دَرِ نَائيندا سون، ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.

٥- اُن جو رَبُ رَبي رَنگ رَاز سَچو ان جو عشق سَچو اَعجاز سَچو،
اُن جو دين ملت چُمي چائيندا سون، ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.

تلهه: آسان تي عشق مَحبت جي، عنايت ڪئي تہ حَيدر ڪئي،
هِيئن سَان حَامي تي هَر هَر، حِمايت ڪئي تہ حَيدر ڪئي.

١- بَرابر تيو آچي پيڙو پَچي زِندان بَاطل جاء
ڪَري ڪاهن ڪُفر پَارا ڪَرامت ڪئي تہ حَيدر ڪئي.

٢- مُنهنجي مَوليٰ عَليءَ جي هِيءَ مُنادي مُلڪ ۾ ڦيريو،
ماري ملعون مُلحد تي، مَلامت ڪئي تہ حَيدر ڪئي.

٣- پَڙهو صَلوات لَک وَاري، سَنياري سِک مان سَيّد تي،
هَلي شاهِ نَجف ڪان هِت، شفاعت ڪئي تہ حَيدر ڪئي.

٤- ڪَڏي غفلت مَنجهان غَازي غَضنفر ويو تہ غَافل ڪي،
آول آخر اَعجازا ڏِس، اِمامَت ڪئي تہ حَيدر ڪئي.

تلهه: سَين سَائل جي سُڻ يا عَليءَ، سَردار سَخي لَجپال لَکي، دَامادِ مُحمّدؐ.

١- شَاهِه مَردان تُون شيرِ يَزدان، شَان اَعليٰ تُنهنجو شيرِ جَلي سُڻ يا عليءَ.

٢- هِيئن سَان تُون آهين حِمايتي، حَامي تِيندين هِت هُت هلي سُڻ يا عليءَ.

٣- سُرڪ سَوائي پِيار سَاقي، سَيّد سَچي مُون ڳَالهه سَلي سُڻ يا عليءَ.

٤- عَدُون حَاسدن آهيان سَتايو، دِل جي ڪُومائي تَڏهن کَلي سُڻ يا عليءَ.

٥- آدب اِيمان ڏي صَبر صَداقت، جهولي اَعجازَ تُنهنجي دَر تي جَهلي سُڻ يا عليءَ.

عدون: دشمنن

تلهه: هَنيون جن صَدائون هَلي دَرعَلي ؑ جي،
پُران پُر ڪَياسي پَهت پَرعلي ؑ جي.

١- گهريَئُون جُوئي واتئون اُتئون سوئي پَاتئون،
نه پوءِ ڪَنهنکي ڇَاتئون بَرابَرعلي ؑ جي.

٢- مَلنگ مَست نَانگا بيخود بِرَهي بَانگا،
لَنگهيا ٿار ٿانگها، ٿي آهر علي ؑ جي.

٣- سڪندر ڪي نَادر، ڪِي حَاتم ڪِي سَنجر،
قَنبر ڪِي قَلندر پَريا پَر علي ؑ جي.

٤- ڪَري سڪ مان سَعيا، علي ؑ درجي آيا،
سي اَعجاز ڏِايا، سَراسر علي ؑ جي.

تلهه: هَٿي هَام نَانگا وينا دَر علي ؑ جي- پُران پُرِتيا سي آهرعلي ؑ جي.

١- مَوليٰ واري مَحبت نَاتي نينهن نِسبت- رَتا راز رَغبت سَراسرعلي ؑ جي.

٢- عَلي ؑ جو ٿا ڪائن علي ؑ ڪي ٿا ڳَائن- ڪَنهن ڪي ڪين پَائِن بَرابرعلي ؑ جي.

٣- ڪَئين قَنبر قَلندر ڪَئين حاتم ۽ سَنجر- ڪَيا ٿار تونگر پَهت پَرعلي ؑ جي.

٤- مَلنگ مَست نانگا بيخود بِرِهي بَانگا- لنگهيا ”لَا“ جالانگها تہ آذر علي ؑ جي.

٥- اَعجاز جِهڙا عَاصي ڪَئين مَگَتا ميراثي - وَاسي ڪَيڙا واسي پَرم پَرعلي ؑ جي.

رغبت: واسطو، لاڙو، تَوجهه

تلهه: حَضرت حَسن ؑ حُسين ؑ اَزل ڪان اِمام بَئي،
اَعليٰ نَسل نَسب سَان عَالي مَقام بَئي.

۱- مَهندار مُک مَتير، ڪَلادار ڪَاپڙي،
عَاشق عَجب اَصيل ڄَائي ڄَمَ ڪان ڄَام بَئي.

۲- تَطهير جا ڏٺي ۶۷ اُجارا توحيد جَا،
مَسنَدَ مِنبر جا مَالڪ حَاڪم حُڪام بَئي.

۳- لَختِ جگر بَتُول جا، نورِ چشم چشم،
مَوليٰ علي ؑ نبي ؐ جا، پِيارا تَمام بَئي.

۴- شَاڪر شَهيد شَاهد، شَاها شُجاع شير،
شَمشير حَق سان حَاضر، سي صُبح و شَام بَئي.

۵- ڪَامل ڪَلالي قَاتل مَقتول پڻ اُهي،
مَئي خاني مَرد مَاهر، مَئي ڪَش مُدام بَئي.

۶- جَليلُ القدر جُوان جَلالي جَنگي جوڙا،
اَعجاز جي اکين جا سي آهن آرام بَئي.

تلھ: اُهو ڪھڙو ستمگرُ هو، ڪيو جنھن پي ستم هيڏو،
ڪُنائين ڪربلا ۾ ڪُل، هَلائي ڪيئن حُڪم هيڏو.

۱- انهي لاءِ غرض لاغرض جي، اڳيان ڇو ڪين ڪُڇيو ڪو،
سَبب ڇا ماجرا ڇا هي، ڪِٿي دوستي ۾ دمُ هيڏو.

۲- ويا ڪيڏ ن اُهي اُن دمُ، وڏو هو پيروسو جَن ۾،
حِمايَت ڪَئي نه تَنِ ڇا ڪان، ڏِنئُون ويني ظُلم هيڏو.

۳- اِها قُدرت قَضا ڪَھڙي، اِها رَمز و رَضا ڪھڙي،
اِهو انصافُ حَقُ ڪَھڙو، قَريبَن سِر قَدمُ هيڏو.

۴- ويساهي سِر سَندي سُنهن سان، بينو قاتل تي پئي مُنهن سان،
ڪَري پُوريُون ڇِڏيئين پِڙ تي، رکي اَزلئون عَزم هيڏو.

۵- چوي اَعجاز عُشاق سان، جَڏهن تَڏهن ڪَيئين اِهڙيُون،
ڪيڏو بي پير ظَالمُ آ، مَتس تيو ڪو جرم هيڏو.

تلھہ: يَا شَھيد ڪَربلا - يَا شاھِ شَاھان شَھنشاھہ،
سَيّدا مَن تُون سُڻي - مُون دردمَندي جي صَدا.

١- ٻن ڄڳن سان تُون ڀاڳارو - تُون مَٺيارو ھَاشمي،
تُون ڌڻي تطھير جو - تُون پَاڪ پيارو ھَاشمي،
تُون پَلارو تُون سچارو - تُون ڀاڃھارو ھَاشمي،
تُون نيارو نَاميارو - بُردبارو ھَاشمي،
تُون بَتولي لاڏلو - تُون فرزندِ شيرِ خُدا.

٢- آئون نِبَر نَاقِص نِڌر - عَاجز نماڻو آھيان،
ورھہ جو وڪ وڪ تي وَڍيل - واءِ ويڳاڻو آھيان،
آلو پولو سُڌ نہ ٻُڌ ڪا - ڇَڻ غيباڻو آھيان،
سَت سگھر جو ناھہ مُون ۾ - ساڻو سَاڻو آھيان،
اَڄ ڏُکويل ڏِيل کي ڪي - ڏِ سُڏيرون ڏِي پِلا.

٣- دَراصل ديوانگي ڪان - دَر نھاريا مُون گھڻا،
سَڏ ۾ سَڏَ تي جن ڏِنا - سي سَڀ پُڪاريا مُون گھڻا،
جَلِ ھجر جي جَوش ۾ - پئي جڳ جُھاريا مُون گھڻا،
لاَل لاھوتين آڳيان پڻ - لُڙڪ ھَاريا مُون گھڻا،
پَر نہ پوري ڪَنھن ڪئي - اي پِير پارس مَن مُدعا.

٤- ٻرھہ ۾ تيو ٻي زِبَانُو - تَنھا تَن ھڪ ھِي مُنو،
تَلخ طَعنن جو نِشَانُو - تَنھا تَن ھڪ ھِي مُنو،
حَال خَستہ سَان حيرانُو - تَنھا تَن ھڪ ھِي مُنو،
يارُ چاچو چا يَارانُو - تَنھا تَن ھڪ ھِي مُنو،
دَمُ نہ ڇَاٽي ڪو سُڃاٽي - ڳالھہ مَاري تي اِھا.

(ھلندڙ)

٥- لاَيَمُوتـي مَاگَ تُنهـنجو- تُنهـنجو مَلڪُوتـي مَقـامُ،
تـون هَڪـيـو حـاضِرُ هَمِيـشـ- عِشق وارن جو اِمـامُ،
تـو نَوازِيَا ڪَئين سَڏي- راهِبَ جِهـڙا پَانـيَنَ دَوَامَ،
ٿُون سُٽي ٿو ڪارُون زَارون- پنهنجي پَارِيْن جون تَمامُ،
ڪر سندءِ اَعجازَ سَان گڏُ- جو يـــارُ تي وِيڙس جُدا.

تلھ: ڪَربلا جي شَاھ لاءِ يُون آسمان رئندي ڏٺم،
چَنڊ سِڄ تَارا نِوا ڙا- ڪَهڪشان رُئندي ڏٺم.

١- شَاھ مَديـنـي مـان رَمـيـو- جَاراھ ونـي رَنجور تـي،
سَا سُونـهـاري رَاھ ۾ سي- رَنڊ نيشان رُئندي ڏٺم.

٢- ڏيهـ رُنـا ڏُونـگـر رُنـا- وَڻِ ٽِڻ بَحـر بَر ٿَر رُنـا،
گُل رنـا گُلشـن رُنـا- گهـر دَر مَڪـان رُئندي ڏٺم.

٣- بَئي پکُون جَنهن تي هُيون- سوئـي سَين مَهندار هو،
تَنهن ڪَري هَرڪو نَبي- مُرسل مِيـان رُئندي ڏٺم.

٤- هِڪ يَزِيـدي طَرفـدارن- جي سَواءِ بِيـا سَڀ سَدا،
جِنّ مَلڪ حُورون مَاڻهون- پَرندا حَيوان رُئندي ڏٺم.

٥- غَمِ حُسـيـنـي کـان مُتـاثـر تـي چَيـو اَعـجاز سَچ،
مُحـتـسب رَوئـي نـ روئـي- پَر گهـٽـا رُئندي ڏٺم.

تلهه: وَرهن قديمن کان اُڃون هُو، ورهه جي وَڻ جو سلو،
اِبنِ عليؑ لائق ڪري، لاٽس آچي اُڃ جوڪَلو(١).

١- ميثاق کان هُئس جان ۾، مُورهئون مَرڻ جو ٿرتلو،
جڙ کان ڪَڍڻ لاءِ غير واقف، ڪئين وينس هٽي وَرولو.

٢- هردوجهان مان ڪونه ٿيو، ٻيو عشق جو ڪو پرجَهلو،
لوئي لُڙائي لڪ ويس، الٽو ڏيئي جِيءَ ۾ جَلو.

٣- رَت ماهه ماٿهون ءَ جي تي، ٿيو تي سبزُ سائو سَرهَلو،
اِها پالنا اوکي سٽي، ڪَنهن ڪين ڪيُس حاضر گَلو(٢).

٤- چوٿيءَ ۾ جِيئن هو تيئن هي ڪانهلو وڻ هيڪلو،
سيّد سُڃاڻڻ سان پاڻس ڇيهه ياريءَ جو ڇَلو.

٥- اَعجاز مُشڪل ڪربلا ۾، آخري هُوَس مَرحلو،
پَر شاهه حسينؑ جي سرپرستي ۾ بلو ٿيڙُس پَلو.

ڪلو: پياس، تاس، اڃ جي اوساڻ

گَلو: ڏڻ، ٿولو، ڪٽنب، قطار

ٽلم: تُنهنجو نينهن سيّد يَلي نَاز ڪَري - سِر عِشق جو وئين سَرفراز ڪري.

١- تُنهنجي صَبر ڪَمال جو جَواب نہ ڪو - تُنهنجي جَلال جَمال جو حساب نہ ڪو،
تُنهنجو هَمسر جوڙ جَواب نہ ڪو - تُنهنجي عَظمت جو ڪير اَنداز ڪري.

٢- آئـين ڪَوڏئـون ڪَربـل مَـنـجهـــ ڪُڏي - ڏِسي قُرب رَبـوبـي ڪَات آڏي،
هَٽي هَام وَڏي ڪَري مَنزل مَڏي - ڪَنيئي ڏينهن ڏهئي ڪَنن ڪَواز[1] ڪري.

٣- تـئـين عَالَم تـي اَحـســان بـ ٿون - تـئـين شَان الاهـي جو شَان بـ ٿون،
تِئين زِنده نَاطق[2] قُرآن بـ ٿون - سُبـحَانَ الـذِي اَسـرا آواز ڪـري.

٤- ٿوکـي ڪَعـبـو قبلـو امـام چَوان - ٿوتـي صَلـوات دُرود سَلام چَوان،
تـنهنجو وَاجب سوڳ مَاتام چَوان - تُنهنجي سوءَ[3] ۾ شَل دَم پَرواز ڪـري.

٥- تُنهنجي سَرس سَوائي خِلت[4] رَهي، تُنهنجي مِڙنئون نياري مِلت رهي،
تُنهنجي آڳين پوين تي حُجت رَهي - تُنهنجي صِفت ثَنا ڇا اَعجاز ڪري.

ٽلم: ڪَمايو عِشق حُسين ؑ بهادر تي - غَمِ ڪَرب و بَلا تي قَادر تي.

١- هِمت اِمام حُسين ؑ جي، سُورهيائي سَان صَادر[5] تي.

٢- مُنهن مرڪائيئين سَڀ نَبين جا، نينهن ۾ نيارو نَادر تي.

٣- دَشتِ بَلا جي دَنگل ۾، ذَات صِفات مَان ظَاهر تي.

٤- پِنهي جَهانن جي رِهائي لاءِ، رضا حُسين ؑ جي رَهبر تي.

٥- حُريَت حُسَينيَت وَاري معنيٰ - سَمجهي مَرد ڪو مَاهر تي.

٦- سِرن وَڃائڻ ڪان پوءِ خَبر پَئي، ڪيڏو فَرض بَچائڻ چَادر تي.

٧- شَهادت اِها آ اَعجاز جيڪا، عَام جي آڏو آخر تي.

---

(١) ڪواز: دشوار، دارتي (٢) ناطق: ڳالهائيندڙ (٣) سوء: غَمُ ڏک
(٤) خلت: دوستي، محبت (٥) صادر: ظاهر تي، پڌرو تي

تلــه: حُرّجي هزار بار حُرّيت کي ڪر سلام،
هن شير دل شهيد جي همت کي ڪر سلام.

١- ملنـدو نـه اهڙو ڪٿ ڪو حُرّيت سندو مثال،
مِٽو پوي تـو مـرد جي جُرئت کي ڪر سلام.

٢- سـيّد لاءِ سِرُ فدا ڪري ڏنو حُرّ هي سبق،
سيّد جي ذات نيات ۽ عظمت کي ڪر سلام.

٣- حاضر کي حُرّ ميچيو چڻ غائب کي حُرّ ميچيو،
حُرّجي اَدَبَ نگاهه عقيدت کي ڪر سلام.

٤- جنهن تي حُسينؑ آقا پوي مهربان تي،
ان کي نوازي بخشي تو حضرت کي ڪر سلام.

٥- اَڪبَرُ، عباس، قاسم، اصغر جو پانهو حُرّ،
وهوا انهي عباد جي طاعت کي ڪر سلام.

٦- جيئن پَٽ پَٽائي حُرّ پَئي پيش سيّد جي،
تيئن جو پَٽائي پَٽِ ته اُن جي پَٽ کي ڪر سلام.

٧- دولت ڪان دور تيو ۽ حڪمراني بُت ڇڏيئين،
اِهڙي جوان جي ته جسارت کي ڪر سلام.

٨- جانباز جان نثار سپاهي حُسينؑ جا،
مڙني جي شغل شوق شهادتِ کي ڪر سلام.

٩- ٻيو جي نه تو پڇئي ته پڇئي ايترو ضرور،
حق جي امام کي ۽ حقيقت کي ڪر سلام.

١٠- اَعجاز حُبَ آلِ محمّدؐ جي جور ڪي،
اُن مُحَبَ کي ۽ ان جي محبت کي ڪر سلام.

تلهه: نَينوا نَنگري آندر..... اُلٽو عَجب اِسرار ڏٺم،
جِيءَ کي جهورِيندڙ جَاودَان، جَلوي پَريو چِنسار ڏٺم.

١- وِسري وَيون سَڀ حِرفتون، حَملو ڪيو جِنهن دَم حُسن،
وِيُس حَال ڪان بي حَال ٿي، آهڙو دَرس دَم دِيدار ڏٺم.

٢- ٿيون ڏُوبَڏُو دِيدون جَڏهن، پوءِ ٿان هَئن ڏُشوار ٿيو،
ٿِي عَاشقن لاءِ عِيد اُضحيٰ، اُت ڪوس قبولڻ ڪَار ڏٺم.

٣- ٿيغ اَبرو تِير تِرڇا، هو ٿَيو اَعجازؔ ٿَجلو ٿَجل،
پِي ڪئي ڪَشش ڪَاري ڪَجل، جَنهن جِي نِيمِ نڪتل ڌَار ڏٺم.

تلهه: ٿي عِيدَ قُتل گَاهَ ۾- مُڪمل حُسينَ جي،
موليٰ سان هُئي مُنهان مُنهن- مَحفل حُسينَ جي.

١- پَرورُ ٿو پاڻ چَاٿي- اِنهيءَ رَازَ رَنگ کي،
نَ ٿَ ڇا مَجالَ خَلق ٿِئي- قاتِل حُسينَ جي.

٢- قُرباني راهِ حقّ ۾- ويا ڪَئين ڪَري مگر،
قُرباني آسارَاهَ جِي- قَابل حُسينَ جي.

٣- مَردانگي دِليريءَ، سَچائيءَ جي پيٽ ۾،
اِنصاف وَاري آڪ سان- ڏِسو دِل حُسينَ جي.

٤- اِنساني سِر سُبحانِي- اُٿي ٿيو پَڌَر جَڏهن،
نيزي سِري سُوار هئي- بِسمل حُسينَ جي.

٥- ”اَعجازؔ“ چئي گواهي- آهي عِشقَ جِي اِها،
مِڙنيئُون مٿي ڏسان ٿو- آئون مَنزل حُسينَ جي.

جاودان: هميشه

تلھ: اَڄُ تہ عَجِيبَن وَيجهو وَيِهي - پَان پَسائِي پِيَار کَيو.

۱- هَهڙِي حَال خزان ۾ مونکي - بَهَار پرين جي بَهار کيو.

۲- نَين نَيٽَن کي پِرتَئُون پَسَنِ پِيَا - آهين هَانِ قَرَار کيو.

۳- پَيِئي پَليدَن مُنهَن ۾ ڇَائِي - دوڙ ڪري جن ڏار کيو.

۴- بهلول[(۱)][(۲)] بَرابر مُنهنجي محبوبن - پِرتِ نِيَائي پَارِ کيو.

تلھ: اُها رات مِنا کَا رات هُئي - اُهين رَات مُهٽي مُلاقات هُئي.

۱- نِرت نِياري، پِرت پِياري - جِيءَ جِياري جَهات هُئي.

۲- نين نيٽن سَان پيچ پيچن سان - دِل جي دِل سان بَات هُئي.

۳- حُسن مَشهودي مَلک سُجودي - هِردي هِردي هُوهات هُئي.

۴- اَعجاز عَلي جي صُورت مُورت - هيئت مَتي اِثبات هُئي.

---

(۱) بهلول: قبله سائين حضرت احسان الله شاھ سائين سنت ڏٺي جن جو نندي هوندي ڏنل خطاب.
(۲) بهلول: اعجاز سائين جن جي زباني تہ اسان کي پير سائين جن نندي هوندي کان بهلول سڏيندا هئا.

ٿلهه: سَچڻ سَانگ تُنهنجو سَراسر سَبق آ- سَبق آ سو حَقّ آ- سو حق آ سو حَقّ آ.

١- ڏنو جن ڏسڻ سان تُنهنجو رَنگ رَبوبي - بِينا تُنهن جي دَر تي تي بَردا بَخُوبي
تـــو تـــان جَان قُربـــان، تَن سِر صَدق آ

٢- مُطيعُ[1] مُلڪ تُنهنجا مِڙئي جڳ مُدامي - طَلب سان تَهدل تَابع ڪَئين تَمامي
سَلامـــي بـــ هَرهـــڪ طَرف هَر طَبـــق آ

٣- آسين سيڪڙو تُنهنجا سائل بہ تُنهنجا - خَصائل[2] بہ ڳايون فَضائل بہ تُنهنجا
وَڏي وَٽ اســـان لاءِ تُنهـــنجو خُلـــق آ

٤- توسان سَرُو سوسَن سُنبل ڪِيئن پِيٽيان - ڪيتڪ ڪيوڙو گل ڪنول ڪِيئن پِيٽيان
تـوڪـان سُهـٽـو ڇا ۾ زَنـگي[3] ۽ زَنـــبَقُ آ

٥- عَجب آهـ شَقُ الـقَمَر واري عِبـــرت - ڪَري تـــو ڏيـڪـاري اِهـا عَين قُدرت
شَڪِين واري شَڪ کي ڪَيـو تـوئـي شِق آ

٦- تُنهنجو نَام نعـرو اُتاهون اُتاهون - قَدم دَم مُبارڪ مَٿانهون مَٿانهون
فَلڪ فَرطِ[4] اُلـفـت کـان تُوتـي عَاشـق آ

٧- دُنيا هيءَ آ قَائم تُنهنجي دَاوريءَ سان - تُنهنجي رَهبريءَ سان تُنهنجي يَاوريءَ سان
تُنهنجي دَم سان اَعجاز ڇَئي سڀ رَونق آ

(١) مطيع: تابعدار
(٢) خصائل: خصلتون، گڻ، وصفون
(٣) زنگي زنبق: گلن جا نالا
(٤) فرط: گهڻو، زياده

تلهہ: يَار مُنهنجو بي مَيار- مُون ڪَميني ۽ ڪِين ڄاتو.

١- آئـون آوائِي آوڳڻـي - بـي آنـت بَد اَڪـلـي اَپـار
مُون تـي ڳڻ اَحـســان وَڏ- تــورا سَچڻ جا بَار بَار
تَن مَان مُون لاٿــو نــہ ڳاتو.

٢- ڄَا سُڻـايـان پَاڻ پَنـهـنـجا - پَاپ پَهـ ـرِ پرڪـار پَار
حَرف ڏورا پـا حَقـي - حَق جا مَتـم وَاجب وِيـچار
ڏَند ڏمر ڏُک ڏِينهان رَاتو.

٣- مُونـڪـي آيـا مُنهـنجا آڏو- ڏوهہ تـي نِت مِثل مَار
تَن ڏيڪاريو ڏَنگ هَٺي - حَاضر هتي دَوزخ فِي النار
تِيــو سَقـــرِ ۾ سَاهہ آتــو.

٤- اَصـل ڪَان اَعجاز چَئـي آ - ذَات مُنهنجي عَيـبدار
مِن نُطفَـة نَسب نِسـبت- نَام نِيـسـانِي نِڪـار
پَاڻ مُون پَنـهـنجو سُڃاتـو.

ٿلھ: پرين جي پَار جا مَاڻھو - آڇا ڪَارا بہ مُون پيارا،
اُنھن جا نَاز مَاڻا ۽ - آنگل آرا بہ مُون پيارا.

١- جَڏھن ٿو آئون ڏسان جوئي - ڪَڙو نَاھي مَنجھن ڪوئي،
پِيان ھَٽ پير سَندن ڌوئي - مِٺا ڪارا بہ مُون پِيارا.

٢- سَين سَان دل مُنھنجي گَھري - ھُجن مسلم توڙي دَھري،
قِياسي يا صَفا ڦَري - ظُلم وَارا بہ مُون پيارا.

٣- يَڃي سَيئي سَتر سِيلا - ڪندُس آئون يَار لَئہ حِيلا،
ڪُڙ ڪَنَ مَار زَھريلا - ڏنگڻ ھَارا بہ مُون پيارا.

٤- ھُجن توڙي ٽَڪر ٽوڙھا - رُڃُون رِڻ ۽ روھَن روڙھا،
ڏِنگا ڏوڙا سَنھا سوڙھا - چِڪڻ چَارا بہ مُون پيارا.

٥- مِٺا مَاڪي جَھڙا مِصري - ڏِٺي جَن ڏُک وَڃن وِسري
نَئين سِڄ سِڪ نَئين نِسري - بِرھ بَارا بہ مُون پيارا.

٦- چَوي اَعجاز مِلي ھيڪر - ڏُوئي ڪَيم دُور جَڏھن دِلبر
مُونکي ٿَڏھين لڳا ھَر ھَر - مُنھنجا مَارا بہ مُون پيارا.

سَتر سيلا: حجاب پردا

تلهه: هينئر هن زندگانيءَ جو- اَجهو آڌار تُون آهين،
ڏُکن ڏَردن جي مَاريل جو- دِلاسيدار تُون آهين.

١- نَظر پَنهنجي نہ ڦيرج تُون- خُدا ناَلي مُون ناَقص تان،
آکين مُنهنجن جو آسـاَبـَنـد- اکين جو ناَر تُون آهين.

٢- جُدائي جاَ ڏيئي صَدمَان- جَلائيندين تہ جَلندس پيو،
جي مُورهئُون مُنهن مَتايُئي تہ بہ- مِنو مَنتار تُون آهين.

٣- سُوالي کونہ وِيو خَالي- کَڏهن تُنهنجي وَري دَر تان،
شَفـا تــو وَٽ سَخا تــو وَٽ- سَدا ڏاتـار تُون آهـين.

٤- هَميشه تو کيُون- هيٺن سَان هَمراهيون هَلي هَر جاءِ،
ضَعيفن ۽ نَحيفن[1] جو- صحـيح غمخُوار تُون آهين.

٥- گهڙي پَل جا گهٽئي تِيا هِت- اَچي اَعجَاز جا سَاتـي،
مگَر قيـامـت قَبـر تَائين- حَقـيـقـي يَار تُون آهين.

تلهه: هَادي جاَ هَر وار- پَال هَزارين پَورن تي.

١- ڳَائـي ڳَائـجن کَهـڙا کَهـڙا- آهـن ڳُڻ اَپـار- لَک لَک ٿُورا ٿُورن تـي.

٢- پوءِ پيين جِي پَوءِ واري- پَاڻ کَيائين پنهنجي آچار- اَچي اُنهن جي اَجهورن تي.

٣- هَاديءَ جي هَٿ سَاٿ ري- کُل اَڌُوري کَار- ڏَرو نـہ بَـنـجي زَورن تــي.

٤- جَن کي چَاهـي تَن سـان لائـي- لَنئڙي لَيل نِهـار- ڪَانهـي ڪَارن ڳورن تـي.

٥- اَول آخر اَعجَاز اُهـوئـي- آهـي سـو آڌار- چَانـوَ چَپـر چَٽ چَورن تـي.

(١) نحيفن: ڪمزورن

تلھ: سيّد سَاقي ڪَعبو قِبلو- پريمي پَٽ پِياري تو،
مِلايو مَام مَرداني - مُيون دِليون ڄِياري تو.

١- ويا جي دَر سَندس هيڪر- سُوالي ٿي تہ سُرڪي ءَ جَا،
ٽُني ڪي ڏُنگ مئي داري - پِياري تو سَنِياري تو.

٢- نہ رَهندو مير مَن دل تي - رَتي رائي مُوافق مِيان،
نيٽن ۾ نيڻ نت پَائي - اَندر سوجهو اُجاري تو.

٣- سُبحاني سِر ڇَوان سَوئي - نہ تنهن ۾ يَئو نَڪي پولو،
ڏِيو هَٽ روز هِمت جا- اَڙيا هُن پر اُڪاري تو.

٤- وَڄي نَوبت(١) نغارو پيو- نيهي نَر نَاميَاري جو،
نِشا نبَرتي نِسنگ هَرجا- ڏِسڻ جا ڏِيهہ ڏيڪاري تو.

٥- شُبُهہ شَڪ جي سَواءِ گُم تي - صَفا سِر شَاهہ مَردان ۾،
اَعجاز اِعشق حَيدر جو- سبق رِندي سيڪاري تو.

تلھ: آئون تہ سَڄڻ سَائين تُنهنجي تَاري ءَ پَئي تَڳان،
پِيو اَڃهو نَڪي اَتم آسرو، لاري ڪَنهن جي لَڳان.

١- آهڙو نہ هُوندو نَظر ڪنهن جو- سَعيو سَاٿ سگر ڪَنهن جو،
پَري نہ ڪَندس هي سِر پَنهنجو- پريمَ تُنهن جي(٢) پڳان.

٢- آئون نِهايت نِبَر نِڪٽي - ڪَمڪَميٽي ءِ ڪَنيزَڪٽي،
تُنهن جي سُونهن جي سَاڙيل سِڪٽي - تو لاءِ وينَي(٣) ڏڳان.

٣- تُنهن جي توهَن تَاري آهيان- اوڙاهَن مَان اُڪاري آهيان،
توئي پَاري سَنِياري آهيان - هيڏي سَاري ڄڳان.

٤- ڪَامل ميٽي ڪُل ڪَڇايون- اَعجاز پَاران وجھ ڪي ڏَايون،
هِمتون مَدتُون پَال پَلايون- ڪَر تہ وَيرِيُن وِچ وڳان.

(١) نوبت نغارو: ڏُهل جو قسم، پيڙ جو وڄڻ (٢) پڳان: پيرن کان (٣) ڏڳان: جلان، ٻران

تلهه: ڄاڻي ڄاڻهار، آئون تہ سڄڻ سائين ٽُنهنجي آهيان،
دَرُ نہ ڇڏينديسِ دوست ٽُنهنجو.

١- سُور سَختيون سِر تي سَهنديس- قول ڪَيل تي قابو رَهنديس،
آهي اِهو اقرار، آئون تہ سڄڻ سائين تنهنجي آهيان.

٢- توريءَ مُنهنجي وَاه نہ ڪائي- وَارِ وَصل جي سُهڻا وائي،
جَانب جِيءَ جِيار، آئون تہ سڄڻ سائين تنهنجي آهيان.

٣- توڙئون ٽُنهنجي ڪَنيزڪ آهيان، آڄ ڪاه جي آئون نَوڪَرِ ناهيان،
ڍولڻ ڪَر اعتبار، آئون تہ سڄڻ سائين تنهنجي آهيان.

٤- عَرض اَعجازؔ جو سَاجن سُڻ تون، رُخ تان نِقابو نازڪ ڪَڻ ٿُون،
صَدقَ وَڃان صَدبار، آئون تہ سڄڻ سائين تنهنجي آهيان.

تلهه: سڄڻ سَڀ حَال ڄاڻين ٿو، ڪولي توکي سُڻايان ڇا،
سَڄوئي ڏوهه آهيان آئون، وَاتئون ٻيو ڪي وَرايان ڇا.

١- مُنهنجي تَوبه مُنهن جي زَاري، مُنهنجي تَقويٰ طَاعت وَاري،
مُنهنجي سَڀ بَندگي سَاري، ڳَڻي پَئي ٿَئي ڳڻايان ڇا.

٢- نہ مون ۾ ڪا پَاڪائي آ، نہ مُونکي سَاڄَڳائي آ،
اِها هِڪ تو سُونهائي آ، ڪُلهو توسَان لآيان ڇا.

٣- نَظر جيئن ڪَئي آتَئي ڏُر ڪان، اَزل جي روز اَطهر ڪان،
مَتان مُنهن موڙين تَنهن پر ڪان، ٽُنهنجو اَعجازؔ ناهيان ڇا.

تلھ: توسان ڪانھي ڪُڇڻ جي يار ڳلي - جيئن ڪُھنو ھُجئي تيئن ڪُھ پيو پلي.

١- اي لولاڪ لما جا داتا ڏٺي - جيڪا توکي وٽي سا مونکي وٽي،
چو تہ دوستي جو ويٺُس دم ھٿي - ھاٿي ڏينم ھمت ڪريان توڙھلي.

٢- ڪِتي وصل جا واريو ونگ وجھين - ڪِتي ورھ وڇوڙي جا ڏنگ وجھين،
ڪِتي نام سنڌءِ جا ننگ وجھين - ڪِتي ابر سخا جو تي ٿون تو کُلي.

٣- ٿنھنجو درڙو چڏي پيا در چو سڃان - اھو ھوش حياء آھيم آڃان،
تو مُشڪل ڪُشاريءِ پيو نہ مڃان - اھا آھي حقيقت دم دم دلي.

٤- سڀ ٿون تو بنائين تون تو اُجاڙين - سڀ ٿون تو ڏڪائين ٿون تو اُڳھاڙين،
سڀ تون تو ڪلائين ٿون تو رُٺاڙين - حيران آھيان چئي اعجاز علي.

تلمه: هي عرضِ محبت به غورِ طلب آ - ٻڌڻ جيئن جي سُهٽا ٻڌڻ چاهين چاهين،
مُقدر سنوارِجي وڃي مُنهنجو بيشڪ - مِلڻ جيئن جي سُهٽا مِلڻ چاهين چاهين.

۲- رهيو آ سدائين اِهو تُنهنجو رويو - نڪي دل سان چاهين نڪي دِل تان لاهين،
اِها رمز ڪهڙي اِهو راز ڏس تُون - ڏسڻ جيئن جي سُهٽا ڏسڻ چاهين چاهين.

۲- مُدٿُن ڪان آهي تقاضا اِها ئي - تمنا اِها ئي ته دعويٰ اِها ئي،
سواءِ تو نه آيو پسند پيو ڪو مُونکي، مَچڻ جيئن جي سُهٽا مچڻ چاهين چاهين.

۳- هُجان ياد توکي هميشه هميشه - ڪڏهن حال ڪنهن ۾ وڃئين ڪو نه وسري،
اَکين سان تون اکڙيون هيئين سان تون هِينئڙو - گڏڻ جيئن جي سُهٽا گڏڻ چاهين چاهين.

۴- سِڪڻ سِڪ جا سِيني اندر سهسين خانا - خاني سَڀ ۾ تُنهنجا چِڪن چاڪ سَڀ پيا،
پَسايم نه ڪنهن کي پَسايان سي توکي - پَسڻ جيئن جي سُهٽا پَسڻ چاهين چاهين.

۵- ڏسين مُون ڏي تو پر ڏيدي ڏيدي اک سان - ڏِيو پاند مُنهن تي ڍِهاڙي ڍِهاڙي،
حِجابن مَان نِڪري اڳڻ مُنهنجي اَچ تون - اَچڻ جيئن جي سُهٽا اَچڻ چاهين چاهين.

۶- ڪَجل بَار اکيون عنبر بار ڪاڪل - گوهر بَار گُفتا شگفته،
وَسائين سي جِن تي وَسن سي وِيرانا - وَسڻ جيئن جي سُهٽا وَسڻ چاهين چاهين.

۷- نَهين ڪِين مُون سان نَلها ڪيئي دِلاسا - نَنولون تَڏهن ڪَن تا ماٺهو نَنوليا،
اَچان وَقت آهي نَهي پَئه مگر تُون - نَهڻ جيئن جي سُهٽا نَهڻ چاهين چاهين.

۸- رنگينا ڪريو لَب رنگين راچ وينو - رهيو باقي اَعجاز تَنهنڪي به رنگ تون،
پَڪو رنگ تُنهنجو ڦِٽي ڪونه ڪڏهين - رنگڻ جيئن جي سُهٽا رنگڻ چاهين چاهين.

ٿلهہ: جهڙو سَندءِ آشان، تهڙو ڏي کو دان مُونکي.

١- آملهہ مَاڻڪ هيرا موتي - لَعل ٽُنهنجا لاٽان،
پَر نہ اهو خَفقان مُونکي.

٢- گهوڙن هَاٿين هَنبارين تي - هرکي ٿئي جو حَيران،
يَانءِ نہ اَهڙو يَان مُونکي.

٣- جيڪو چُپائي آيس مَنِ ۾ - پُورو اهو آرمان،
کَر تہ ٿئي اِيمان مُونکي.

٤- پُڇ مَ مَون کان پان ئي پَروڙج - ٽَند مُنهنجي جو تَانُ
چَورڻي نَاهي زِبان مُونکي.

٥- اَعجاز عَلي چَوي آهين بَرابر - سُخن جو سُلطان،
ڏي مَتانهون مَان مُونکي.

ٿلهہ: ڪَڏهن صَبا بَنجي - ڪَڏهن گدا بنجي،
دِلبر مِنا تو دَر سَدا - اِيندو ئي رَهان تو.

١- سڪ ۾ ٽُنهنجي هَر طَرح جا سُور ڏِنم،
ڪَڏهن ڪَهڙا ڪَڏهن ڪَهڙا تَاب سَنم،
تہ بہ دِلربا تو تان فدا ٿِيندو ئي رَهان تو.

٢- پيار پَنهنجو بيگانن لاءِ وَقف بَنائِيُي،
پَتر جَهڙي مُنهن جي لاءِ دل نِپائي،
تنهنجي اِها توکي گلا ڏِيندو ئي رَهان تو.

٣- عشق سوداء کان جَهڙو تي ويس لاَمڪاني،
ڪٽ نہ قرار تکاء اَچي چَڻ آهيان سَيلاني،
بُتخان چا مَئيخان چَا وِيندو ئي رَهان تو.

٤- تي نہ ڪَا بي تِيندي مُونکان ڪرت ڪَمائي،
آهي تہ آهي اَعجاز چِئي تَاَت اهائي،
ٽُنهنجي رضا تُنهنجي وَفا ڳوليندو ئي رَهان تو.

تلھ: دَر نہ آوھان جو چِڏيان چِڏيان - ڏينھنِ قيامت تائين دِلبر.

١- آئم آس اھائي مَن ۾ - آمھون سامھون آڏيان آڏيان،
آيري سَيري پُونگي تو پَر.

٢- ڏيو دِلاسا ڏاڍا چِڏيو - سِينو ڪانـ تي تَڏيان تَڏيان،
نَظر ڪَريو ڪا ناز پَرور.

٣- دِل آوھان سان سانول سائين - گولي تيو تي گَڏيان گَڏيان،
جيئري ھُونديس جو دَم جيتر.

٤- اَعجاز چَوي تو آئون ھِتان شَل - لاَت ھِن سان لَڏيان لَڏيان،
جا سيڪاريو مُونکي رَھبر.

تلھ: اَحوال اَندر جو آوھان سان مِنا - ڪُجھ اوريو آئم ڪُجھ آوريندس،
ڪَري قُرب وارا ھِتي ڪُلِئي ڪَنا - ڪُجھ گھوريو آئم ڪُجھ گھوريندس.

١- نِسري زَماني نَاساز مَنجھان - مَني مَحوس خاني مِجاز مَنجھان،
حَقي نِينھن جو نَاتو نِياز مَنجھان - ڪُجھ تَوريو آئم ڪُجھ تَوريندس.

٢- چِڏي مَسجد مندر چارئي مُسليٰ - وَني پَنجن بارھَن جا نام نِلاء،
سِڪ سَوز سَندو سڳو صَل عَليٰ - ڪُجھ سَوريو آئم ڪُجھ سَوريندس.

٣- سَچي دِيدَ دونالِيون آيو سُھٽو صَنم - وِيو دِلڙي قُري ڏئي دَرد و اَلمُ،
تَنھن جھوريءَ ۾ جيءُ جَان جِسم - ڪُجھ جَھوريو آئم ڪُجھ جَھوريندس.

٤- سَنئي وَانگي سَراسر تُوڪو ڪَري - ھُجت ھَاري اَعجاز ا دُوئي دور ڪري،
ڏُونگر ھي ڏُکن جو ڏِسڪا پَري - ڪُجھ ڏوريو آئم ڪُجھ ڏوريندس.

ٺلهه: ڳڻي نہ ڳڃان سي ڳڻ- مون تي ڪيا جي مُنهنجي سائِن. ٥

١- ڳڻ سائِن جا شماران ٻاهر- مُنهنجي پچاران پداران ٻاهر،
اِهڙا ٻاجهارا ٻهڳڻ- ڏينهن رات ڳُڻن جا مينهن وَسائِن.

٢- ٻچپڻ کان اڄ تائين منهنجا- مون تي مهربان سائين منهنجا،
مُنهنجي چُڪن[1] جي چُڻَ- ڪَن پاڻ نَڪِي پَر ڪان ڪرائن.

٣- جن جي ڏسڻ لاءِ ڏيهہ ماندا- مون سان پرين سي هِڪ هيڪاندا،
سچا سندن سڀ ڪُڻ[2]- گهر ويني مون کي نت پاڻ پسائِن.

٤- ڏينهن ميثاق جي بخشي خطائون- ڪَيَئُون جي عطائون تن لائق نہ آئون،
ڏُرِ ڪَئي ڏِٺن اها ڏُڻ[3]- پير پريت ۾ مون کي پرائِن.

٥- مُنهن جي سائِن جا ڪرم ڪوجهن تي- ڏَت ڏَڏَن تي جُود[4] جَڏَن تي،
ٻيا ٻال لکين ٻالڻ- آوکي سَوکيءَ ۾ اَعجاز نيائن.

(١) چُڪن: غلطيون، عيب (٢) ڪُڻ: انجام، واعدا
(٣) ڏُڻ: چونڊ، پسند (٤) جود: سخا

تلهه: تُنهنجو ڇڏي وڃان در- مون کان نٿو پُڇي،
قدمين رکي کٿان سِرُ- مون کان نٿو پُڇي.

١- آئون ئي تنهنجو عاشق- اهڙو متي قريل،
آمر[1] و نَهي اورانگهي- ڏنم تنهنجو منهن آمل[2]،
پوءِ به پوڇان ڪعبو مندر- مون کان نٿو پُڇي.

٢- اُستاد پير مون کي- سيکاريو نه چڻ نينهن،
سڀ ڏينهن نهڻ سڀ سان- سڀ ڏينهن ڳنيڻ نينهن،
نينهن کي کو ڇنندو ڪافر- مون کان نٿو پُڇي.

٣- توکان پرين پري رهان- اهڙي دعا نه ڪر،
فُرقت[3] جي ڳاهه ۾ ڳهان- اهڙي دعا نه ڪر،
ناحق ٿيان ڇو مُضطر[4]- مون کان نٿو پُڇي.

٤- هي بانُهون آ ديوانو- مُنل عشق حسن جو،
آ ڪلهه به ڪنل اڄ به ڪنل- عشق حسن جو،
ريءَ عشں رهڻ ڪنهن پَرِ- مون کان نٿو پُڇي.

٥- محبوب توکي روبرو- سجدا ڪندو رهان،
قربت وصال درشن- سيوا[5] ڪندو رهان،
غائب جو بنجان چاڪر- مون کان نٿو پُڇي.

٦- دَر گهر دَيار تنهنجي جو- نقشو نظر اٿم،
اعجاز چئي اکين ۾ سو- دل جي وِندر اٿم،
هن دل اکين تي سَنسر[6]- مون کان نٿو پُڇي.

(١) آمر و نَهي: چڱاين جو حڪم ڪرڻ ۽ برائين کان روڪڻ (٢) آمل: هيرو موتي، جنهن جي قيمت نه ڏئي سگهجي.
(٣) فرقت: هجر، فراق (٤) مضطر: پريشان، آزاريل (٥) سيوا: پوڄا (٦) سنسر: پابندي

تلھ: ڀَڪا ڀَائي ڀَائي پيچ - پِرين ڀَاتا آتئي،
ڏَاڍا لائق تورا - لک لاتا آتئي.

۱- رُخ پَاڪ پيشاني پَئي پياري لڳي - مَنجهس مَعصومي مندَ پئي موچاري لڳي،
نَظر نَاز وَاري نِت نِياري لڳي - هِڪ لَحظي آندر دُک لاَتا آتئي.

۲- مُنهن مُصحفي ڏِنمِويا آرمان لهي - دَر ڪار ڪَعبہ جي ڪَانہ رَهي،
سِر تو ۾ ڏِنو مون سُبحان صَحي - هي وَصف وَسيع آسان سُجاتا آتئي.

۳- آلف آبرو عَين عِبارت آ- نُقطو نُون نِج نبارت آ،
اِهي پيڪان ڀَانيان ڪِ بِشارت آ- ايڏيون تيغ تکيون ڏِنيون دَاتا آتئي.

۴- جيئن هَاڪ حُسن جي هُوءِ ٻُڌيم - تيئن تومان خُوش خُلقي خُوشبوءِ لَڌيم،
لَب لاَل رَنگين ڳُوڙهي رُوءِ دِنيم - آهڙا اَعجاز اکين جا نَاتا آتئي.

تلھ: نَام نَنگيءِ جي نَاتي - نِينهن ۾ نشابر ڪَيَڙُس،
نِجهرو نِذر جو نُور تيو - جيڪس جُڳَ جُڳَ جِيئڙُس.

۱- نَام جَپيان نَاتَ پَسان هِڪ جيڏن مَنجهہ هَسان،
واهي ويراڳي بَنجي - ويڙهي ويڙهي وسان،
مَحبت وَاري مَحويت ۾ - مَست و مَست تِيڙُس.

۲- نَام حُضوري نُوري - دَمَ ۾ ڪَيو دُک دُوري،
قَالئون ڪَڍي حَال ڏِيئي - مَام مِلائي مَنصوري،
بَحر برهہ جوپِلَئہ پيو - لَهر لَقائيءِ نيڙُس.

۳- نَام سَان نَاتو نَام جي مَعنيٰ - نَام سُجاڻي ڪوڪو،
نَام جي آجيان عزت آدب - ڄَاتو ڄَاڻي ڪوڪو،
نَام نِهال سي ڪَيَڙا - جي نائي سِر سَام پيڙُس.

۴- نَام اسم اهو آفضل - آڪمل عَين علي ؑ،
اوري اَعجازا اورِج - دليئون دِن رَين علي ؑ،
اِنهي نام پَلي جي بَرڪت سَان - لَنگهي آئون پَار پيڙُس.

نجهرو: ڪڪائون گهر

تلهه: جو ڏنو مون رات جاني - خواب واري خيال ۾،
سو مِلايو مون سان سَرتيون - ٿان تيان ڪنهن حال ۾.

١- ڀار مُنهنجي يار جا - آهن عجب هي آشڪار،
دِل ڦُريندڙ ناز جلوو - آسندس هر چال ۾.

٢- زُلف زهري نين قهري - ۽ ڀرون ٻئي ڀونر ڀونر،
ڏند موتي جوتان جوتي - تي سُونهيا رُخ لال ۾.

٣- تنهن سجڻ جي سُونهن جي - ڪهڙي صِفت ڪريان ڀلا،
وَصُف سُهٽا سَپ هُئس - گهٽ ڪِين هو ڪنهن ڳالهه ۾.

٤- اعجاز پُڇيو دِلربا - ڇا نام نالو آسندءِ،
ٿان چيائين ڪر صحي تون - مرح مر دال ۾.

تلهه: مِير مَحفل آهه اَڄ - مُنهنجو شهه خُوبان پرين،
حُسن يُوسف کان حَسين آ - سومَهه تابان پرين.

۱- کُنت کُنزا مان اُتي - سو سُوءِ مَحفل آيو آ،
سُونهن صُورت جو سَنباهي - سَاڻ سَڀ سَامان پرين.

۲- شَمعون شَرمائڻ لڳيون - لَعلون به شَرمائڻ لڳيون،
رُوءِ رَخشان کي عَيان - جَنهن دَم کيو پنهان[1] پرين.

۳- مُوءِ[2] دِلبر بَاعثِ - خُوشبوءِ تي بَاغِ ارم،
جَانِ مَن سوئِي سَندم - جَانِ چمن جَانان پرين.

۴- نَاز پرور نَازنين - نَاز و آدا سَان سَرو نَاز،
نِياز کان نا آشنا - نَازڪ بَدن نَازان پرين.

۵- خُوشترين خَط خَال وَهوا - رَخ رَنگين رُخسار خُوب،
سُرمگين اَکين سَان سَارو - طُور جَلوي سَان پرين.

۶- آبِ حَيوان حَوضِ کَوثر - ۽ دمِ عيسيٰ نه پُڄ،
هِت جياريا جيءَ لکين - ڏِيئي لَبِ مَرجان پرين.

۷- ديدجي آکسيرسَان - ۽ ديدجي تَاثير سَان،
لاَ دَواءِ درد جو آ - تِيو دَوا دَرمان پرين.

۸- جَان و دِل مَال و مَتاع - قُربان کيان اَعجاز کُل،
مِيزبان مُونکي بَنائي - تِيو مُون وٽ مَهمان پرين.

---

(۱) پنهان: پَردي ۾ لڪل (۲) مُوءِ: وار، زلف

تلھ: آندو اڄ تہ عجيبن کان خَاطيءَ[1] خط۔ چمي چشمين لايان سو ڇَاتيءَ خط.

۱۔ آهي ڄيءَ منھنجي جو ڄِياپو خط۔ آهي نينھن وصل جو نياپو خط،
ڪري دل تي ڇڏيان ڇو نہ ڇاپو خط۔ هي خط هوندم ساڻ حياتي مَماتي[2] خط.

۲۔ هن ۾ هرڪا حقيقت حال بہ آ۔ معنيٰ مام ملڻ وارو خيال بہ آ،
بيحد پيار محبت پال بہ آ۔ ڏاڍو ذوقئون لکيو يار ذاتي خط.

۳۔ ڪَايا مايا اِنهي تان قُرباني ڪيان۔ سر ساھ نذر مَھماني ڪيان،
خوبان خوب تنھنجي خَاطِر[3] خُواني ڪيان۔ آئي مونکي ڏنو جنھن پاتيءَ خط.

۴۔ خطڙو آهي اعليٰ عِبارت سان۔ سَرِ نَامون صحي مُھر مَھارت[4] سان،
آيو اَعجاز عليءَ جي مَعرفت سان۔ پڙهي سو حِفظ ڪيو دل جَذباتيءَ خط.

(۱) خاطيءَ: خط آڻيندڙ (۲) مماتي: موت کان پوءِ
(۳) خاطر خواني: خدمت ڪرڻ (۴) مَھارت: دانائي، سياڻپ

تلھ: صُحبت انھي سان ڪر- جو قَلندر ڪري ڇڏئي،
رَهبر تي سڀ سوراھ جو- رهبر ڪري ڇڏئي.

١- تون تنھن نظر کي ڳول- جا توکي تمام تر،
اک ڇنڀ ۾ هڪ گِران(1) بها- گوهر ڪري ڇڏئي.

٢- اهڙو ڪو ساقي دوست- سَچو يار ڪر وڃي،
جو معرفت ۾ ماوَرو- مُعتبر ڪري ڇڏئي.

٣- اُن زلف خوشبوءدار جو- سايو نہ ڇڏ ڪڏهن،
دل کي دماغ کي جو- مُعطر(2) ڪري ڇڏئي.

٤- هت ڳالھ آهي عشق جي- هت عشق ڏار سو،
غربت هوندي بہ دل جو- تونگر ڪري ڇڏئي.

٥- جنهن مان ڪروڙين پي- پُران پُر تي نت وڃن،
ڇئو عشق کي تہ اهڙو ڪو- ساغر ڪري ڇڏئي.

٦- صيقل(3) مثال صحبت- سالڪ سچي سندي،
مَن کي سامناھ وانگي- مُنوّر ڪري ڇڏئي.

٧- اَلعشق(4) نَارُ الله جو- اَعجاز تي پتنگ،
پَرپَر انهي ۾ پر تہ سا- اوجر(5) ڪري ڇڏئي.

(١) گران بها: گهڻي قيمت (٢) معطر: خوشبودار (٣) صيقل: قلعي
(٤) العِشق نَارُ الله: عشق آهي الله جي ٻاريل باھ (٥) اوجر: پاڪ صاف

تلھ: نعرو نظارو نسنگ[1] اسان جو- گُرجي گام گِرام سان جم جام سان.

١- ڪُل[2] شَيءٍ مُحيط ٿياسين- قرب جي قول ڪلام سان جم جام سان.

٢- ناميا نشانبر آهيون برابر- ذاتي صفاتي نام سان جم جام سان.

٣- گُلگُون گلابي اکين واري- گُل بدن گل فام سان جم جام سان.

٤- دِيدن جي دل واري درشن- دم دم ڏُوم ڏمام سان جم جام سان.

٥- مَن خدايَم[3] موج ۾ چئون ٿا- معنيٰ معرفت مام سان جم جام سان.

٦- سِراسان جي سِهرا سُونهَن- ساقي جي صَمصام[4] سان جم جام سان.

٧- عِشق جا بانگا آسين اَعجازا- عشق واري اسلام سان جم جام سان.

تلھ: بَاغَ بَهار يا بَن وي سَرتيون- آئي سڪندر شاھ جي.

١- حُوران پريان جِن ملائڪِ- تابع تيڙا تُمَنَ وي سرتيون.

٢- پيچ پاڳارا ڪَلنگي وارا- نَعرا هَٿن ڪڪ پَن وي سرتيون.

٣- دِلبر دولھ دادلي ڪئين- دَاعي وڏا دُشمن وي سرتيون.

٤- ڳائي اَعجاز کهڙا کهڙا- گُني ءِ جا وَري گُن وي سرتيون،
آئي سڪندر شاھ جي.

---

(١) نسنگ: ظاهر (٢) ڪل شيءٍ محيط: هر شيءِ تي منهنجو گهيرو آهي
(٣) من خدايم: آئون الله آهيان (٤) صمصام: تلوار

ٽلھ: صنم سھڻو ساقي سچڻ ھڪ اٿم۔ گذاريان ٿو تِنھن جي حسن ۾ ٿي گم.

١- اچي جنھن چمن ۾ چمن سو چمن ٿئي۔ گھمي جنھن صحن تي صحن سو صحن ٿئي،
ھلي راھ جنھن سان سا مشڪِ[1] ختن ٿئي۔ رھي جاءِ جنھن تي سا جنت عدن ٿئي،
منھنجي اک پري ڪيئن پوءِ باغِ ارم[2]

٢- جي مُرڪي تہ موتين جو درياءَ وھيو پئي۔ جي پڙڪي تہ بجلي شمع دَنگ رھيو پئي،
جي ظاھر ذرو ٿئي تہ سج چندبھيو پئي۔ اشارو ڪري تہ ٻہ اڌ تي لَھيو پئي،
نِھاري جي نازئون تہ نَھيو پئي نظم.

٣- حَسينن جو حاڪم حسن جو ڏٺي آ۔ حسن روز تِنھن جي پيرن جي پٽي آ،
مِلائيندو آڪِ ساڻ جڏھن اک ڪِٽي آ۔ جادوءَ وانگي جِيءَ ۾ ويندو جڙ ھٽي آ،
علم سامريءَ[3] جو ڏنم ات عدم[4]

٤- منھن جي دلربا جو حسن نت سوايو۔ ڪٿڻ منجھہ ڪنھن جي نہ اَعجاز آيو،
اجا ڪونہ اھڙو ڪو شاعر سامايو۔ نہ ڪو ڪو مصوّر ڪنھين ماءُ جايو،
قلم جي ڪَتا سان چا ھٿندو ڪو دم.

---

(١) مشڪِ ختن: ھرڻ جي دنِ مان نِھيل مشڪ، عطر
(٢) باغِ ارَم: شداد ڪافر جو نِھرايل بھشت
(٣) سامري: حضرت موسيٰ جي وقت جو جادوگر (سامري)
(٤) عَدم: لڪل

تلھ: هِن ڪَشتي جو نَاکئوتون - طُوفان کونھن ڪَا شئي،
هي گھور انڌيرا ۽ - گھمسان کونھن ڪَا شئي.

١- هِن بَحر طَلاتم[1] جا - بي بَند بَرَھڙا هي،
۽ بادِ مُخالف جا - بُحران کونھن ڪَا شئي.

٢- پَوَناڪ پَنوَر پيڙيون - جِت لَھريون مِثل پِريت،
اُت توھ تَاريم تَنھن جي - طُغيان[2] کونھن ڪَا شئي.

٣- مَاھر تون مَلاح آھين - آ توکي مَھارت ڪُل،
هَتّ تنھن جي سکاڻ آهي - شُوبان[3] کونھن ڪَا شئي.

٤- جو پَاسو هَٽي هن کي - سو پَاڻ ٿئي پُرزا،
هِن تنھنجي دَنگيءَ آڏو - دُوران[4] کونھن ڪَا شئي.

٥- مَانجِھن ۾ تُون مَانجھي مَل - ڪَئين پارِ ڪيئي ڊُونڊَا،
اوڙاھ اُڪارين تون - ڪَپتان کونھن ڪَا شئي.

٦- آ مُنھنجو يقين مُحڪم - آ مِنھنجي اِها دعويٰ،
دَرياء جَا دَم دڙڪا - دَھمان کونھن ڪَا شئي.

٧- پِيا بِجليون بَدل چمڪن - پَرواھ نٿو پَانيان،
تُون سَاڻ سَچن آھين - بَاران کونھن ڪَا شئي.

٨- جو بَارِ لَڏيُئي هن تي - سو بار سُجَھئي پيو سَيِ،
اَعجاز پچاري چَا - آوزان[5] کونھن ڪَا شئي.

---

(١) طَلاتم: لھرون، چوليون   (٢) طغيان: جوش، سيلاب، ٻوڏ
(٣) شوبان: ڏيکاريا، ڏيکا، نظارا (٤) دوران: گردش، چڪر (٥) اوزان: وزن جو جمع، بَارَ

تلهہ: مُونکي نَتو سُجهي تہ کو تُنهنجو بَدل هُجي،
جيڪر هُجي تہ تُنهنجي نَظر جو ڪُنل هُجي.

١- چَوڏهن طَبق جي چَار سُو، چَارئي مَقام چَئين،
ڪَونهي اُنهن ۾ آهڙو- جو تَنهنجو اَهل هُجي.

٢- تُنهن جي سَراپا، تَن ۽ بَدن جهڙو هُوبَهُو،
نَرم و نَفيس نازڪ، مُشڪل ڪو گُل هُجي.

٣- چو زُلف رُخ تي چَوڙين تو، آهڙا چَلا چَلا،
هِي هُو جَهان جَن جي، حَيرت ۾ بُتُل هُجي.

۴- تُنهن جي اَکين ۾ جِيئن- اِهو بَهڪي بَري پيو،
بِي ڪَنهن جي اَک ۾ آهڙو- جَڏهن ڪو ڪَجل هُجي.

۵- تَنهن کي هُجي چو غَم ۽ فڪر، ڪَنهن بہ ڳالهہ جو،
جَنهن کي جو تُنهن جي صُورت، هِينئڙي ۾ حل هُجي.

٦- نَاصح ضَرور ڪهڙو، پوءِ تُوڪي نِماز جو،
دِل جي پُنيان جي تُنهنجو، هَلڻ پَل بہ پَل هُجي.

٧- تُنهن جي نِگاهہ جو تہ بہ، آهيان مَان مُنتظر،
توڙي جو نَظر تُنهن جي، مُون تي هَر مَهل هُجي.

٨- جَنهن ۾ بہ تُنهن جي حُسن جي- جَهلڪي نَتو ڏسان،
مُنهن جي ڪَنن اکين کان- پَري سو غَزل هُجي.

٩- وَهسي وڳي تَڳي ۽- ڪَنهن کي بہ وَٽ نہ ڏي،
اَعجاز کي جي تو جهڙو، سَاٿي پُنهل هُجي.

تلم: قُرب تُنهنجي جي ڪَچهري- ڪُل ڪتابن جي بَجاءِ،
لَحظو هڪ تنهن جي لَقاءَ جو- سَڀ ثَوابن جي بَجاءِ.

١- بَشري صُورت بيڪ تُنهنجو- آهه اَعليٰ ۽ عَجيب.
نَظر نَاقص لاءِ آ- سَترِ نقابن جي بَجاءِ.

٢- ڇو پُڇان ڇا لاءِ پُڇان- شَاهي شَفا خانا وَڃي،
لب لَبن تُنهنجَن جي مون لَئہ- لَکَ لُعابن جي بَجاءِ.

٣- خيال ۾ ڪي خَواب ۾- ڪِي رُوبَرو توکي ڏِسڻ،
هڙ حَياتي حَق تِيو- سوهَڙ حَقابن جي بَجاءِ.

٤- رَمز تُنهنجي رَاز وَاري- رَاز رَاحت رُوح جي،
رُوح جي رُون رُون رڳن ۾- پَئي رَبابن جي بَجاءِ.

٥- سِڪ جو سِينن ۾ وَڪر- سِينا صَدين کان سِڪ پَريا،
سِڪ سَفينن[1] کان ڳري سِينا غورابن جي بَجاءِ.

٦- ڪَارگر آهن ڪُھڻ جا- ڪن قَصابن کَان وَني،
ڪُنڍڙا ڪَارا نيڻ تُنهنجا- ٿيا ڪَسابن[2] جي بَجاءِ.

٧- نُوح آدم مُوسيٰ عِيسيٰ- يَحيٰ زَڪريا ڪي خَليل،
لاَجواب آئين تي آخر- ان جَنابن جي بَجاءِ.

٨- بَاب سڀ بيا بي ڪَما- ۽ بي بقا بلڪل بِنهہ،
باب بَاقي بِرهہ وَارو- اور بَابن جي بَجاءِ.

٩- عَاشقن سِر تِيندا آهن- پَر اُهي اَعجاز ڇئي،
هُل هَنگامہ هَورتَن لاءِ- ڇَڻ حُبابن[3] جي بَجاءِ.

(١) سفينن: ٻيڙين، جهازن (٢) ڪسابن: ڪاسائي (٣) حبابن: پاڻي جو ڦوٽو، ٻوڳيڙا

تلھ: ڪا ڪِڍي ڏيندي منجھ- ڪِھڙي آھي مَرضِي يَار منھنجي جِي.

١- مُرڪِي مِلندو ھَاڻي مُون سان- ڪِي آجان بہ ڏيندو ڏنجھ.

٢- ھن نِنڊَرِ جي حَالَ حاضُرَ تي- راضِي آھي يَا رَنج.

٣- مون ڪاڻيءِ ڪان ڪِين ڪُٺي تو- غَمن سَندو ھِي گنج.

٤- عِشقَ جي آيَس آبَ اُونھي ۾- واءِ نہ لڳي تو وَنجھ.

٥- اَعجَاز عَلي آچي ماڙ ڪندو- اَھنجُ بہ تيندو سَھَنج.

تلھ: آھڙي ڪَا يار تو لاَئي- لَھان تُنھنجو نہ مَت جَائي.

١- برھ تُنھنجي جِي پَابند تِيَسِ- بيخود بي جَان بي جِندُ تِيَسِ،
پِرين تو سَان پيوند تِيس- وِڃا وَاري وِيئي وَائي.

٢- لَڪين لوِڏي وِيھ ڏوڙي- نہ تِيس ھيڏي نہ تِيس هَوڏي،
اَڪيون اَرواح دل توڙي- وَٽي صُورت نہ پي ڪَائي.

٣- وَتان تيو هَاڻ مَستاني- دِيوانَن ڪان بہ دِيواني،
لَھي حَيرت نہ حَيراني- آھيان عِبرت ۾ آئون آئي.

٤- چَوي اَعجَاز آئون ذَر ذر- تو تَان گھوري گھوريان گھر سِرُ
نَظر مُون تي تُون نُوري ڪَر- آئي مُنھنجي حَال جا پائي.

تلهه: توکي ڏِسيو پَئي ٽَڳان- نَاتہ جَڏيءَ جو نَاهي جِياپو.

۱- لک هَزار کو لَائي لُٽائي- لَارَي نہ پئي کَنهن جي لِڳان،
تِيو مُنهنجو ميثاقان توسان مِيلاپو.

۲- جِيسين نہ ڏِسان توکي تِيسين جَانب پئي- دَردِ فراق ۾ ڏِڳان،
توريءَ کَن نہ هي اکڙيون آجَهاپو.

۳- سَپ کِي پِرايم سُهڻل سائين- تُنهن جي دَران ۽ تنهن جي دڳان،
صَدقي کَيم توتان تَن ۽ تَناپو.

۴- پِيالا پِرت جا تُنهن جي هَٿان پي- وَحدت ۾ پَئي وڳان،
وِيو اَندرئون اَعجاز چَئي اُڏامي آپو.

تلهه: مون تي اهي سَپ پَال- مُنهن جي سَڄڻ جا، مُنهن جي پِرين جَا.

۱- يَاد تہ آهيان وِسريل نَاهيان- دِل تان اُنهن جي اُتريل نَاهيان،
کُتل مون ۾ خيال- مُنهن جي سَڄڻ جَا.

۲- رَنج رُسامان صَدمان سَهاپا- طَعنا مَهٽا تَلخ نِياپا،
وِيڻ وِصال مِثال- مُنهن جي سَڄڻ جا.

۳- مِلندي کِلندي مُنهڙو مَٽائڻ- گوڏي گَڏ وِيهي گهونگهٽ پَائڻ،
خُوب اهڙا تہ خَصال- مُنهن جي سڄڻ جا.

۴- سونئُون مِينئُون سِيمُون پيارا- اَنگل آرا عِشوي اِشارا،
گُفتا مَنجهہ رُومال- مُنهن جي سَڄڻ جا.

۵- سِرهي اَعجازا سِک ۾ سَامائو- ڏُکن سُکن ۾ کِين کُومائو،
قُرب اِهي بہ کَمال- مُنهن جي سَڄڻ جا.

تلهه: مُون سان ڪونہ مُنهنجا سَڄڻ ڪَن جدايون،
ڏايون ڏنگَ ڏِسيو تہ بہ وَريو ڪَن وَفايون.

۱- مَتم ڏوهہ ثابت آهن ڪَئين ڏِهاڙي - پِرين پاڙَتَن جي مون سان ڪانہ پَاڙي،
هَٿئون پَنهن جي هَٿن سان ڏِکن پيا ڏِلايون.

۲- سَدا حَال سَڀ ۾ آهن رَاضي پَاڙي - چِٽڻ عَيب پَانئِن رُسڻ ريب بَازي،
مَاٺهو ڪَن تہ پيا ڪن، وَٽن لاَيون چَايون.

۳- نَاهيان آئون هڪڙو ديوانو اُنهن لاءِ - سَارو مَست آهي زَمانو اُنهن لاءِ،
ڏَاڍيون دَرگُذر سَان، دِليون ٿَن وَرايون.

۴- آهن جَهڙا سُهٺا تَهڙا سي سَباجَهل - ملن اَهڙا اَعجاز پاڳين تا سَانوَلَ،
ڏَڏَن ڪي جي ڏِيندا، وَٽَن جِيءَ ۾ جايون.

تلهه: مَرحَبا مُنهنجا مَنا، يَاري نِيائي تو يَڪي،
ڪَنهن نہ تو جيئن ڪَئي وَفا، يَاري نِيائي تو يَڪي.

۱- ڪَئين ڪشالا پَند ڪَٽي، ۽ سَڀ لَڃون سَانگا سَٽي،
جَان جِند ڪي ڏيئي جَفا، يَاري نِيائي تو يَڪي.

۲- آئين نَاز مان نعرو هَٽي، سَنسار ٻَن سَار وهٽي،
تِي نِسنگ نِسري صَفا، يَاري نِيائي تو يَڪي.

۳- آئون گهٽو هوس ويسلو، پَر تو نہ ڪَيو نَاتو ڍِلو،
وَاهہ سُهٽاير وَهوا، يَاري نِيائي تو يَڪي.

۴- مَام ۾ سَيڪي چِيئي، مُونڪي مِنا پَنهنجو ڪَيئي،
يَاد تون رَهندين سَدا، يَاري نِيائي تو يَڪي.

۵- پيچ پَاتا تو پَڪا، اَعجاز سان يَاڪي يَڪا،
صَدقي صَدقي مَهہ لَقا، يَاري نِيائي تو يَڪي.

حقیقت

تلھ: ٻَن صُورت وَارو ٻَنائي چو۔ انھي رُوپ ۾ پاڻ ڇُپائي چو.

۱- مَت مَلڪن واري نِڪار ڪري- پَنھنجي خِيال جو خَاڪو تيار ڪَري،
اولو آدم جو اِختيار ڪري، ھُل عَبديت وارو هُلائي چو.

۲- ھڪَ جاءِ ھُئين ھِڪُ پاڻ ھُئين- سڀ طَرح سُکيو سُک سَاڻ ھُئين،
اَڻڄاڻ نہ ھُئين تون سُڃاڻ ھُئين- پوءِ ڏاڍي سان دِل لائي چو.

۳- ڇڏي وَحدت وَاريءَ واديءَ کي- ويءِ جُوءِ وَسيع ڪُشاديءَ کي،
چَئي اَلوداع آزاديءَ کي- ڪُنجُ قَفس ۾ قيد ڪمائي چو.

۴- پَنھنجي نَقشَ جو پَاڻ نگارو تون- مَتان تَنھنجي جَانِ نثارو تُون،
وَري نيت بہ تَنھن لاءِ مَارو تُون- تَلھو نِکَر اَجل تي پَڃائي چو.

۵- اَعجاز ڇوي ڇوان ڇا آئون ڏٺي- تُنھنجي ڏانائيءَ جي آھي ڳالھ گھٽي،
ھُتي نَعرو اِئي آنا الله ھٿي- ھِتي آحمد نَام سڏائي چو.

تلھ: جاڳي جاڳي جاڳ ڙي- او پوري وَريو آئي پاڳ ڙي.

۱- اِسم رَبّ جي اُٿ سَويرو- پَل پَليرو پيرِج پيرو،
ٿَان لَھين ڪو لاڳ ڙي.

۲- ڪُوڙي دُنيا جي ڪُوڙي گَشي کي- ڪُوڙي نِندءِ ڪوڙي نَشي کي،
ڇڏ تہ مَاڻين سُھاڳ ڙي.

۳- پِريَن آڏو پَاڻ نہ آڇ- جَاڻُ تون پنھنجو اوري جَاڇ،
آئي مِنت جو مَاڳ ڙي.

۴- سَاٿي سَنگِتي سَڏي صَلاحي- سَڀ سَمورا سَاز سَنباھي،
ڪَر روحاني رَاڳ ڙي.

۵- عِشق اعجَازا آيو الاھي- مُرشد ھَادي ڪَئي ھَمراھي،
ويھ وَٺي ويراڳ ڙي.

تلھ: ھَستي مَستي مَوج مَري وَئي - آھيون ھِت ويچارا بَيحد بَيڪس بَيڪارا.

١- ھَر ڪَنھن آڏو نياز آسان جو - سَڀ ڪَنھن سان سَچائي،
مَحبت مَن ۾ دَغا نہ دِل ۾ - گِلا نہ ڪَنھن جي ڪَائي،
قِسمت قُدرت ڏني آ غربت - سُور سَييئي سَارا.

٢- سَاٿي ھُئا پَر سَاٿ ڇِنائون - ڪونھي حَال ڪو پَائي،
خَفا ٿيا پَر وَفا نہ ڪَيائون - جَفا ڏيئي وِيا جُدائي،
دَرد جا دَفتر ڪوليان ڇَا ھَر ھَر - ٿيندا بَنديون ڪَاغذ ڪَارا.

٣- حَسرت دِل جي دِل ۾ رَھي - نَاڪام عُمر ٿي آجائي،
اعجاز جِني سان نَاز ھئا - پَرواز ڪري وِيا جَائي،
موٽي نہ ملندءِ تولاءِ نہ ڪجندءَ - ڪَٿي سَاھ ڏئِي سَوَارا.

تلھ: منصب منصوريءَ ڏاران نعرو ان الحق ماري ڪير،
مام مسيحي جيسين مخفي مٺا جسم وري جياري ڪير.

١- وِرد وَظيفا نَفل نِمازون زُھد عِبادت جي ڪَٿي ٿين،
ٿَوڏ تَڪبر سِينا ٿَاني ٿَرڪ ڪري سرواري ڪير.

٢- ظَاھر بَاطن سَمجھ سريءَ ۾ اُو ٿي العلم اشارو يَار،
قَالوا بَلىٰ جي قَول ڪَيل ڪي مَردن ريءَ بيو پَاري ڪير.

٣- سيل صبر سڻ مردن وارو سوليءَ سر ڪيئن ساھئيون ٿي،
اعجاز حَقاني ھوڪو حقّ جو سيّدريءَ سيڪاري ڪير.

ڪجندءَ: پريشان ٿيڻ، الڪو ڪرڻ، ياد ڪرڻ، ھڏ ڏوکي

تلهہ: حَقيقت جي آئيني ۾- سَچو اسرار تُون آهين،
نَظر کان پَاڪ جو آهي- اُهو آبرار[١] تون آهين.

١- خَزانو سر خُوديءَ وارو- بَحر مَعنيٰ جو بسيارو[٢]،
کُنت کُنزا نِهان نيارو- رُخ اَنوار تون آهين.

٢- بَشر جي بيڪ بَازي جو- کُلئي ڪَم ڪارسَازيءَ جو،
حَقيقي ۽ مجازي جو- اَصل مُعمار[٣] تون آهين.

٣- شَاهد مَشهود سِر تُنهنجو- عابد معبود سر تُنهنجو،
سَدا مَوجود سِر تُنهنجو- سُوري هَسوار تون آهين.

٥- پَنهنجي پَاپن جو گهر دَر تون- پَنهنجي نيڪين جو پَروَر تون،
پَنهنجي هَر ڪم تي قَادر تون- پَلو بَدڪار تون آهين.

٦- گگن گُلزار گُل ڦُل سان- شَمع پَروان بُلبل سَان،
هَمه هَروار هُل غُل سان- بِرهه بَردار تون آهين.

٧- دوزَخ جَنت جو جَوڙيندڙ- خِيمون هَر جاءِ کوڙيندڙ،
ٽَاريندڙ پَاڻ ڀَوڙيندڙ- ڪَپر پَاتار تون آهين.

٨- هَتي اعجَاز مَنجهه جَهاتي- حَقيقت جو تہ ڏِس هَاتي،
توسان تُنهنجو سَچڻ سَاتي- نہ هَڏ بي يَار تون آهين.

(١) ابرار: نيڪوڪار، اولياء الله (٢) بسيارو: زياده، گهڻو، وڌيڪ
(٣) معمار: اڏيندڙ، ٺاهيندڙ، رازو

تلهه: ماڻهن ۾ آ موليٰ پڌرو ـ ائين تہ ڪو اثبات ڪري.

١ـ مَن عَرَفَ وَارِي مام معنيٰ سان ـ پِيرُعَلي ؑ تو بات ڪري.

٢ـ نورٌ اعليٰ نُورُنيارو ـ تن من ۾ تجلات ڪري.

٣ـ صاف وهابي صوفي تي سپ ـ صورت ۾ ڏِس جهات ڪري.

٤ـ وهڪري وحدت واري مان تو ـ عشق عطا هر ذات ڪري.

٥ـ اعجاز علي ؑ جو سِر سڄاتو ـ تي ظاهر ذاتِ ڪي ذات ڪري.

تلهه: شَل خُوش وَسين سَندي سَانگ ـ ڪانهي ڪَانِ مِلڻ جي آسانکي.

١ـ چَور نہ مُون سان ڳالهہ اهائي ـ ڪهڙي سُٺايئين ڪانگ.

٢ـ نَڪي آئون تولاءِ تانگهيان ـ نَڪي تُون ئي مون لاءِ تانگهہ.

٣ـ ڪِروڙين ڪوهہ پَري هُجون ـ ناواقُفن وَانگ.

٤ـ اعجاز جُدائي قَبول ڪَئي ـ توکي ڏِسي بي دَانگ..

تلھ: ݙَردمَندن کان پُڇو - ڪِيئَن ٿا گُذارن ݙِينھڙا،
مُنھن پايو مُونن ۾ - وِيِنا وَسائين مِينھڙا.

۱- سُور جو سَاٿو ھٿن - سَودو نہ ڪَن سُک جو ڪڏھن،
اي سُکيا سَاوا اُنھن جا - سُڻ اھي ٿُون سَنيھڙا.

۲- نت پيارن ۾ پِيَن ٿا - پُر پيالا پرت جا،
اِئين نباھيو ٿا وَچن - نيھي ھِتان ݙِس نينھڙا.

۳- مَوت کان اڳ ۾ مَري - مُوٽو قبل جيکي ٿِيا،
ڇاڪَندا ٿَن کي يَلا ھي - شَاھي شوريل شِينھڙا.

۴- عشق ۾ اَعجاز ڇَئي - وَݙ ماٺيي کان ٿِيا پَري،
حَال ھِيٺي تي سَدا - ھيري ڇَݙيا ٿن ھِينئڙا.

تلھ: جِيئَن تَقويٰ رکي اَٿِئي - تِيئَن توڙ نِباءِ،
نہ تہ ناٿِن سَان ويھي - نِينُھن نَہ لاءِ.

۱- توڙي ڪيڏو هُجين تونگَر يَلي - تہ بہ سِکَ سَچي سَواءِ نہ صُحبَت مِلي،
جُھڏئون جِيءَ کي جَفَا ݙي تہ مُحب مِلي - نہ تہ سَڏڙيو تي نہ سَائِل سڏاءِ.

۲- کِرت کَاپڙيُن آ قُربَ ۾ کُسڻ - نکي کَرت کَات اڳيان وَري کَا کُرک کَرڻ،
نَکي ݙَڙکَ رکڻ نَکي ڇِرکَ يَرڻ - اِنھي اُھجاٽي پوءِ عارف چواءِ.

۳- ݙِسي وَضُحيٰ وَلَيل کي کَر ويچار ويھي - توکلت علَي الله جِي ڇَا صِفت آ صَحي،
جنھن اِيَاکَ نَعبُدُ وَ اِيَاکَ چَئي - اھو سَبَق سِکي پَنھنجو پَاڻ پَچاءِ.

۴- عجب اَعجاز زَماني ۾ رَنگَ رَازُ ݙنئي - گَھڙي دَم جو سوز گداز ݙنئي،
مارڻ مين کان سَواءِ بيو کُوڙُ کُلِئي - نئڙت نِيازَ ۾ پيو سِرڙو نَماءِ.

تلهه: مَچي مَيدان ۾ بيهڻ- مَانجهي مَردان جو ڪَم آ،
جَلڻ مَنجهه عِشق جي چيري- جَلالي جُوان جو ڪَم آ.

١- اَچڻ پوڻري مِثل بُلبل- پَسڻ حَاضر حُسن گُل ڦُل،
پَچڻ پَروان جيئن پَلپل- موهيل مَستان جو ڪَم آ.

٢- تيرن جي ٿاب ۾ ترسڻ- وَني وَندورهه جا وَرسڻ،
بِنا مُند اوچتو بَرسڻ- بَدل بَاران جو ڪَم آ.

٣- نَڪي پَالا نَڪي نَشتر- نَڪي هَاٿي نَڪي اُشتر،
تِيڻ فُتحياب بِن لشڪر- سورهه سُلطان جو ڪَم آ.

٤- ڦَني اَعجاز ڪَر آزي- گهاٽي سِر ڏي ته تِين غَازي،
لَڳائڻ جَان جي بَازي- قَويءِ ايمان جو ڪَم آ.

تلهه: يَاد جي جَن کي ڪَندا- ڪَندا ياد سي ٿَن کي سَدا،
دَم ويسارو نَاهه جَن وٽ- ڪير ڇَئي تَن کي جُدا.

١- سَارِ دِل جي سَلاَسان- پَهه عَاشقاٽي پَارسان،
وِيا مِلي اِنهين يَار سان- ڪَئين سوز سَاڙيل سِڪ وَندا.

٢- جن وَسان ڪَيون ويسريون- ۽ غافلايون گيسريون،
نِيٽان ٿَني جي نَيسريون- آرمان جُون وَهنديون آدا.

٣- ڦَاذڪُرُوني جي فَهم- اوڏا ڪَيا سَاهئون صَنم،
آڪـٽرين ڏِنا وِيا غَم وَهمه- تَن مَن ڪَريان تِن ٿَان فِدا.

٤- هِت جون سَارون هُت سُڄن- هي ڪَارون زَارون هُت سُڄن،
پِيون سَڀ پَچارون هُت سُڄن- آهڙا پرين آٿم سُنهن خُدا.

٥- ڳَالهيون ته پيون آفراديون- اَعجاز بي بُنياديون،
يَاد ڪَرسي يَاديون- جِن سان ڪُلن در آنحدا.

اُشتر: اُٺ   انحدا: اندريان

تلهہ: جَن يَار نہ ڪَيو - تَن جي ڇا ڪَيو،
يَار سوا ۽ پيار سَوا - هن دُنيا ۾ تَن ڇا ڪَيو.

١- پيار ۾ اُتجي پيار ۾ ويهجي - پيار جو صَدمون پيار ۾ سَهجي،
پيار ۾ سِر ڏيئي پيارل پَسجي - پيار سَواء سِر ڏيئي ڇا ڪيو.

٢- مَئيخوار اَچي مَئيخان اَندر - مَئي جَام پيِن تا شَام و سَحر،
سُهٽي صُورت وَندَ سَاقي بِگر - تَن مَئي جو پيالو پي ڇا ڪيو.

٣- مَر تہ اَعجَازا مَر مَحبت ۾ - غَم غُربت ۾ سک صُحبت ۾،
نَہ تہ تَاب طَبل سَان تُربت ۾ - پُڇندا توکَان تُوهي ڇا ڪيو.

تلهہ: جَيکو غير کي سمَائي - اُهو خيَالُ ڪيئَن ڪمَايَان،
ڇَڏي حَالَ جي حَقيقَت - وَري قَالُ ڪيئَن ڪمَايَان.

١- مُون گُذارِي عُمر سَبُ آ - پَنهنجو پَاڻ نت ڪُهائي،
جو ڪُهي ڪُهائي پين کي - سو ڪَمالُ ڪيئَن ڪمَايَان.

٢- مُنهنجي دِل جي ڏس تہ چاهَت - مُنهنجي دل جو پُڌ تہ رَايو،
جو مِثالِ ٿَئي نہ جَڳ لاءِ - سو وِصالُ ڪيئَن ڪمَايَان.

٣- پُڌي قَالَ وَاريون دَانهون - اَچوڪَنِ تہ عَاشقن جُون،
پَنهنجو عِشقُ آئُون بہ ِتن جان - تِي بَتَالُ ڪيئَن ڪمَايَان.

٤- پيڙي خُونِ هَرِ بَشَر جو - ڪري قَطرو قَطرو ميڙيَان،
اَچي پوءِ ڪَمُ پونين کي - اهڙو مَالُ ڪيئَن ڪمَايَان.

٥- نہ خُوشي ۾ پَائيداري - نہ جَتَاء غمن ۾ يَارو،
تہ خُوشي مَلهَايَان ڪِهڙي - ۽ مَلالُ ڪيئَن ڪمَايَان.

٦- جڏهن ڏسي ڪَسي دِل - جڏهن ڪِلي تہ موهي،
اعجاز سَامهون اُن جي - پوءِ جلالُ ڪيئَن ڪمَايَان.

تلھ: آھي رَازِ الاھي سِر آدم ۾ - ھي بيرنگ بيڪ ڪيو آٽئي ھِن عَالم ۾.

١- ھِي اَرض و سَمٰوات تــوٺاھيــو آ - ھــي ولــيــل وَالــضّحــيٰ تــو بَنــايــو آ،
تــو شَمــس قَمــر ۾ نُور پَايــو آ - ٽُنهــنــجو تَجلــو آھــي صُورت سَالــم ۾.

٢- لِک ڪَربل ۾ ڪٽي ڪيڏي ڪَيَٸي - اُتي پَاڻ بيٺي پَنهنجو پَاڻ ڪُٺئي،
سِر عَاشق تيــو ڏَاڍا ڏُک تي ڏِنئي - ڳُجھا رَاز رِتيئي اِسم اَعظم ۾.

٣- ڪَنھن کي عِشق لآيو آکسير ڪَرين - ڪَنھن سان وَاءَ وصاليءَ جي وِير ڪَرين،
ڪِٿي سَمنڊ دَرياھان پيو سَير ڪَرين - ڪِٿ اَعجاز وِڌئي غمن آگم ۾.

تلھ: سُور ۾ رَھ تان سُور سُجاٺي - سُور جي صُورت سُور آٽئي،
سَمجھ اِھو سَچ سَالک چَئي وِيا - سُورن کان پوءِ سُرُور آٽئي.

١- جيئري وَج ھِي جَھان ڇڏي - پَلا شَرط اِھو مَنظور آٽئي،
پَک سَان پَسندين پوءِ پرين جي - پِرت سَندو پَھ پُور آٽئي.

٢- دِلبر جو دِيدارءِ دَرشن - دِل کان نہ ھَرگز دُور آٽئي،
دَردمَندن جو سُڻ اِي سَڌڙياھ دَائم اِھو دَستور آٽئي.

٣- کوھ تو گَنگا جَمنا کَاھين - کَھڙو مَکي ڏي ضَرور آٽئي،
تو ۾ کَاشي تو ۾ تِيرٿ تو ۾ تَجلو طُور آٽئي.

۴- نِرمل وَارو نَقش نِظارو - نَظر اکِيان سو نُور آٽئي،
ھَٿ ڪَر حَال خِيال اَعجازا - ھِردي مَنجھ حُضور آٽئي.

ھِردي: دل

تلهہ: نَڪي آيہ هَٽ اَللہ ميان، نَڪي دور دُنيا جو چاهہ مِيان،
غَمزي حُسن جي آهڙو ڪَيَڙم، گَهائي گُهِمّي گُمراهہ مِيان.

١- نَڪي شُمار آهيان شاهوڪارن ۾، نَڪي زُهدِ عبادت ڪارن ۾،
نَڪي چورن ۾ نہ چَڪارن ۾، آهيان بَرزخ ۾ بيپراهہ ميان.

٢- نَڪي ڪَنهن سان نَهي ڪو ناهہ ڪَيم، نَڪي ڪَنهن سان کَهي ڪو ڪَاهہ ڪيم،
نَڪي دِل گهريو ڪو گُناهہ ڪَيم، اَرمانِ اهوئي آهہ مِيان.

٣- هَردو جَهانئون عَاري ٿيڙس، عَيش آرامئون بيزاري ٿيڙس،
هِڪ جيڏن ۾ مَياري ٿيڙس، تُون مُون تي ويئي تَباهہ مِيان.

٤- حُسن سواءِ هَاٿي هلي نہ جَاتان - حُسن جي ڪَاڻ ٿيا حَال نِماڻا،
حُسن جا آرا نَازءِ ماڻان - چَايم سِر تي ڏيئي سَاهہ مِيان.

٥- ڪُل شيءٌ مُحيط جو ڏَس مِليو، پَلي هِيئَن وتان شَل عُمرِ پُليو،
رلين پُلين سان رَهي هو ٽورليو، اهو وار اَعجاز ويساهہ مِيان.

تلهہ: ڪونہ پيو تو سُجهي - سَڀ سَان آهي صَاحب سَاٿي.

١- مَن عَرَفَ جي مَعنيٰ ڪَئي سون - پَڪي پيرائتي سُڌ پَئي سُون،
لوڪ هُونهَين پِيو مُنجهي - سَالڪ ڏيئي وِيا سَڀ سَمجهاڻي.

٢- خَلق آدم علىٰ صُورتہ - موڳا پَاڻئن هيء مُورت بي،
عِشق نہ ائين اُجهي - رَمز انهي کَي پرت رَسائي.

٣- گَهٽ اَندر ۾ هيء گهوڙا گهوڙا - ڪين پُڌين تو ڪوهہ تون پوڙا،
پول هيء جيڪو پُجهي - سُرت رکي سو پَاڻ سُڃاڻي.

٤- ڪي چَون ڪِيئن ڪي چون ڪِيئن - عَاشق چَون تا هَر گهڙي هيئن،
ڳُجهہ پرين جي ڳُجهي - پَس اَعجازا ڪَئي پُڇاڻي.

برزخ: وچ

تلہ: آهي يَار آسانجي اولي - آسين وِياسون ڳولي ڳولي.

١- ڪِير نہ سگھندو هَاڻ آسانکي - بيشڪ پولي پَولي.

٢- آنا آحمد بِلا ميمي - ٻَھڳڻ ٻَولي ٻولي.

٣- مِليو مَاهي مُزمّل مون سان - گُھونگھٽ کولي کولي.

٤- رَاج ڇڏيا هِنِ رَندن تي - اِنھن مُلن رولي رولي.

٥- ڪَڏهن عَاشقن ڪَڏهن حَسينن - جي آتولي تولي.

٦- اَعجاز پَلا چو چِپر ڏُونگر - نَاحق چولي چولي.

تلہ: مَرد تِي مَنصور مَانَند - مَام سَمجھي مَن عَرف،
پَڙهہ اَنا الحق جي پَٽي - کَر تَرڪ نُون نحو[1] وصَرف.

١- خُود خُدائي خِيال پَس - دُوئي وَارو تہ دَجال دَس،
پي جَلالي جَام رَس - حَق ڇَاڻ حَاضر هَر طَرف.

٢- تُو وَسي تو ۾ بہ رَبؒ - اِن ڳالھہ ۾ ڪونھي عَجب،
ڇَڏ لَذت لَھو[2] ولعب - شَاهي ڇوَن تُنھنجو شَرف.

٣- تِي تُون پيوند پَاڻ سَان - مُحڪم مَتي مَئي مَاڻ سان،
کَر نہ ڄَنگي ڇَاڻ سَان - ڪَنھن قول ٻِئي کَنھن تي حَرف.

٤- سَڀ اَعجازا تُول تُون - بَردو نَاهين ڇَڏ پُول تُون،
دَر دِلين جا ڪُول تُون - تَو وَٽ ڪُنجي تو وٽ ڪُرف.

---

(١) نحو و صرف: عربيءَ جو قائدو گرامر

(٢) لھو لَعبُ: دنيا جي راند روند، لذت

تلھ: مُنھنجي جاءِ نہ توسان جَائي، او ھَرجائي،
تُنھنجو عِشق نَتو مُون کان پَاليو پُڄي.

١- بيکِي بَسني بَھانا تُنھنجا- ڏاڍو آھين دلبائي، او ھَرجائي.

٢- ھِڪ نہ نَالو ھِڪ نہ صُورت، تو ھِڪ نہ ٻولي ٻُڌائي، او ھَرجائي.

٣- ڪَڏھن مَوالي ڪَڏھن قوالي- ڪَڏھن مُلون مَسلائي، او ھَرجائي.

٤- ڪَنھن دَم سَائل ڪَنھن دَم سَخي- ڪَنھن دَم تون ڪَنجُوسائي، او ھَرجائي.

٥- تُون ئي چَورُ تہ تُون ئي پَاڳيو- تُون ئي پيري وَڙولائي، او ھَرجائي.

٦- ھيڏھن ھوڏھن پُورو آھين- وَاھ تُنھنجي ھيڪڙائي، او ھَرجائي،

٧- پَنھنجي مَرضي مُطابق ھَرھنڌ- تو آوَسائي تو ڦِتائي، او ھَرجائي.

٨- سَالم سِياڻو توکي سَمجھان- ڪِي سَمجھان توکي سَودائي، او ھَرجائي.

٩- توکي ڪَانھي تہ آسان ڪي ٻہ ڪَانھي- ڪَان اَعجازا ڪَائي، او ھَرجائي.
تُنھنجو عِشق نَتو مون کان پَاليو پُڄي!!!

تلھ: اَسين وَاقف تُنھنجا آھيون، ڏسون تُنھنجي اِلاھيت ڇا،
خُدا ڪونھي ٻيو ڪو نہ تہ ـ ليڪيون تُنھنجي لِلاَھيت ڇا.

١ـ حَوا آدم مَتي ڇَا لاءِ ڏَرِيُئي اِلزام دَاڻي جو،
سَندءِ اَھڙي عَجب جھڙي، نَتا سمجھون سِياست ڇَا؟

٢ـ رَاڄن جا رَاڄ تو رولِيا، خالي دَڙڪن دلاسن سَان،
ڪِروڙين وِيا ڪندا دَانھون، اِھا آھي ڪَماليت ڇا؟

٣ـ صَبر ۽ مَاٺ ڏي مُونکي، اَڃان نہ تہ آئون پَڌر پَوندس،
سَڏايئي پَاڻ کي ڇَا ڇَا، ڪَرين ٻيو ڏس عِنايت ڇَا.

٤ـ خُدا يا خَير ۽ شرِ جو، ڪونھي خالق ٻيو توري،
ڇَوي اَعجاز مُون کَئي، پوءِ خَطا کَھڙي خِيانت ڇا.

تلھ: تُون تہ مُلڪ وَحدت جو مَالڪ آھين،
تُون دِين ڌَرم کي ڇَا ڪندين.

١ـ عَاشق اِتي اَختيار تُون، وَڃي پَس نہ ٻئي کَنھن پَار تُون،
آھين سَچو اِسرار تُون، دير و حَرم کي ڇَا ڪَندين.

٢ـ تَو لاءِ سِڪي لَالا سَمن، توکي سَدا نَرگس نَمن،
تُنھنجو بَدن آھي چَمن، بَاغِ ارم کي ڇَا ڪَندين.

٣ـ خَالي نہ رَھ پَنھنجي خِيال کان، ھِن عِشق جي اَحوال کان،
وَاقف نَاھي جو ھِن حَال کان، تنھن بيشَرم کي ڇَا ڪَندين.

٤ـ ھَڻُ اَعجاز نَعرو ھَمہ، پَروان تون تُون ئي شمع،
تُون لامَڪاني لَاطمع، تُون چَم چَرم کي ڇَا ڪَندين.

چرم: حياتي، چمار

تلھ: ھنيون حَاضر ڪَري ھِت تُون، ڪولي نَظرون نظارو ڪَر،
بَاطل حَق تي پَتر پَوندو، مُلڪ ھَٿِ مات وَارو ڪَر.

۱- حُضوري دِل قَلب وَاري، ڪَندو حَاصل وجي ڪو ڪو،
آجان چَاڙھي آئي چَڙھئي، چَڙھي پَنھنجو ڪو چَارو ڪَر.

۲- مُوتُو قبلِ وارو لاَنگھو، لَنگھي مُشتاق تي مُحڪم،
آجل سَامھون اُوچي سِر آچ، عَدم آسڻ اَوتارو ڪَر.

۳- مَتان ھِت غير ڪو ڀَانئين، نَاھي ڪو غير ھت ھَرگز،
ڏِسڻ سَان ڏِس ھُمه حَق آ، گُمان گُم تي گُذارو ڪَر.

۴- ھنيون حَاضر نَاھي جِن جو، جيئڻ تَن جو اَجايو آ،
سَچا سَالڪ وِيا سَچ چَئي، سَندي سِر جو سَنيارو ڪَر.

۵- پير مُغان مُحقق جي، صُورت آھو بھو رَبّي،
اِئين اَعجاز چَئي سَمجھي، ھُو ھُو وارو اِشارو ڪَر.

تلھ: خُوددار تي ڳولج خُود کي تون- سوجھ سَندِيءَ سُد بُڌ کي تُون.

۱- تُنھنجي اَولي تُنھنجي چولي- ڪَير بُڌي تو ڪِير تو بولي،
سَمجھ پَنھنجي سُر شُد[1] کي تُون.

۲- اوري وَاريون اوريَن اوريون- حد اندر تَن ڏِسيون ڏوريون،
لَوچ ''لا'' سَان لاَحد کي تُون.

۳- مَسجد ڪَعبي مَئيخانِ مَندر ۾- اَندر بَاھر کوجھي سُندر ۾،
ڪَر اثبات اَحد کي تُون.

۴- گُھم اَعجازا گُرَ ۾ گُم تي حَقّ حَقيقت سَان ھَمدم تي،
پَس فَھم فِي[2] ڪَبَد کي تُون.

(۱) شد: خود (۲) فِي ڪَبَد: ڏکن ۾

تلھ: اِسم ذَاتي اور- عَين عِبادت آھي اِھائي.

١- وَھُوَ مَعَكُمْ وَعدا كَيائين - گُرمتان سِر گھور.

٢- ٻَن ڏيئي پِيا نَاتا سَيئي - نَاتو حَقيقي ٽور.

٣- مَن عَرف جي مَام پَروڙي - ڏيل پَنھنجي ۾ ڏور.

٤- ڏينھن سَمھڻ جا پَوءِ ڏَاڍا اِيندءِ - دل ۾ اِھو كَردور.

٥- ھُو آڻ گھريو ۽ آڻ كُٽ ڏِي پِيو - تَك مَركي ٽون تور.

٦- آنكل وَاري عِبادت ڇَڏ تون - مَن جو مَٽيون سور.

٧- كَوڏئون قُرب كَمائي قُدسي - كِينو قَلب تان كور.

٨- اَعجاز چَوي ڳَالھ پرين جِي - وِيتو چور پَچور.

تلھ: اِئين پُڄندي آسان کَان هَرگز ڪَانہ- جِيئن سَائين تو آيا اڙيو پِينگ تي.

١- سيجون سُکَ ۽ ڪَاڄ سَلُوڻا طَعام طِلبين تان نہ،
وَتين ڇو سَينو سَاڙيو پِينگ تي.

٢- جُڳ تِيئي اِنهي حَال سان، پَاڻ ٻُکيو پِيا سُلطانَ،
ڪِيئن تو چِت ڪَئي چَاڙيو پِينگ تي.

٣- جِيڪي ڏِنئي سو تہ گھوريو، پَر وِيتر ڪَسيو سُک مان،
ٻُڏيو ڇيو وَڃين لَاڙيو پِينگ تي.

٤- مَسجد مَندر ٻہ گَھر مِيان تُنهنجو، تَنهن ۾ ڪَھڙو آتئي سامان،
وينو آهين وَلر وَاڙيو پِينگ تي.

٥- مَعاف گُستاخي اَعجاز چئي، نَان ۽ وَڏو شَھر ويران،
آتئي مُون ٻہ ڦَڪڙ ڦَاڙيو پِينگ تي.

تلھ: وَڻ وَاڻ بَصيرت وَارن جي، حَق سَاڻِ هڪان هڪ پارن جي.

١- اِن واڻ سواءِ بِيون وَاٽون وِنگيون- آٽپوريون آڏوريون کوڪيون کُنگھيون،
ڪِن تي ڻَنگ ڻَنگِيون ۽ ڇوڪيون ڇُنگيون- ڪِن تي دَعويٰ دَڙ دُزدَارن جي.

٢- جَا وَاڻ وَما تغيٰ وَاري آ- سَا نياريَن ڪان بہ نِياري آ،
اِها جُڳ جُڳ جَاري سَاري آ- اُها وٽيل آوِينجھارن جي.

٣- جيڪا نرتن سُرتن صِراط چَئي- وَڃي طَالبن سائي تَلاش ڪئي،
وني وِيا سا صُورت جي سَام پئي- چَڏي چِنتا بين سڀ چَارن جي.

٤- جن بينا بَصيرت وَاري ملي- تَن اَکِيان حَقيقت سَاري کُلي،
حَق آهي خَفي حَق آهي جَلي- هُجي نَظر ڪَا اَهلِ نظارن جي.

٥- هِن رَاھ جا راهي رِند ڏِٺم- اَعجاز اُهي دِيدمَند ڏِٺم،
سَردار بہ سي خُورسَند ڏِٺم- اِها پَرک اَتئي پرتيارن جي.

خورسند: سرها، خوشي

تلـهـ: جي پاڻ سُجاڻي تہ اُهو پاڻ آهين تُون،
حَيران پَريشان جَنهن جي ڪاڻ آهين تون.

١- وَحدت جي وَجي وَوڙنہ ڪر جھنگ جَبل ۾،
جِيءُ جَان جَلائين چو عَبث جِهل جَنجل ۾،
پنهنجي ئي حقيقت جو پرياڻ آهين تون.

٢- وَهمن جي وَهيو وَهہ ۾ وَتين پاڻ وِساريو،
نَاهي ڪو جَتاء جِن ۾ نَشا پِين سي پيتاريو،
مَنُ جَنهن ۾ مَئي مَستي جا سو مَاڻ آهين تون.

٣- لَشڪر ڪِي خَزاني جو، توڪي خِيال فِڪر چو،
تَلوار ڪَپي تير توڪي، ڍَال سِپَر چو،
سَامان سِلح سَاري سَمر سَاڻ آهين تون.

٤- مَعمار مَڪاني ۽ مَڪان لامَڪاني تُون،
مَستان گگن مَينگهہ آبر آسماني تون،
مَعنيٰ واري موتين جو بہ مَهراڻ آهين تون.

٥- اَعجاز چوي عِشق ڪي اُستاد آچي ڪَر،
آلمَست عُشاقن سان اِتحاد آچي ڪَر،
سَڀ سُخن وَارن جو پوءِ سَرواڻ آهين تون.

پرياڻ: خيال، اهڃاڻ، چاڻو

تلهه: ھِن خَاڪي چِتڙي چولي - ھِي ٻوليون تو ڪيرُ ٻولي.

١- ٻَوليون صَحي ۽ سَاڪي - مِنتريون مِثال مَاڪي،
لاَرَيب رُوحي رَاڪي - ٻَاطوني ٻِغر پيولي.

٢- ڇَا تو چَوي ٻُڌائي - ڪو گَوش ڪَن تہ لاَئي،
ڇَا وِينو آ وِڃائي - ۽ ڪَنهن کي پيو وَڙولي.

٣- هَٿي عَاشقي جو نَعرو - ڪَنيائين بِرهہ جو بَارو،
سَرمست ٿي سَچارو - خَبرون خفي جون کولي.

٤- اَعجَازِ اهوئي حق آ - سُڻ سمجهہ تو سَبق آ،
پِيو ڪونہ ڪَو نَاطق آ - اَلله ريءَ تو اَولي.

تلهه: پَنهن جي ظَهوري ڪَاڻ - پَاڻ کي آدم پَاڻ ڇَپائين.

١- مَعنيٰ سَان مَعبود ٿي وَينو - مَلڪن جو مَسجود ٿي وينو،
لاَئي عجب لاَلاڻ ٻَهڳڻ ٿي ٻَنگ پَاڻ هَنيائين.

٢- شَاهہ گداٿي گَشت ڪَرڻ لاءِ - ڏُکن سُکن جي لَذت وَنڻ لاءِ،
اَصُلئون تَوڙي هَاڻ - پَسند رَنگي پَهراڻ ڪَيائين.

٣- هَرسُو هَمه ٿيو هڪڙو هَادي - حَاضر غَائب تَنهن جي مَنادي،
طَرف وَحدت جي تَاڻ - سَمند دَرياء هڪ مَاڻ مَيائين..

٤- صِفت ۾ پَنهنجي ذَات ڇُپائي - اِسم اَعجَازا آيو مَٿائي،
وَهم گُمان نہ آڻ - عِشق حُسن ٻَئي سَاڻ ڪَنيائين.

تلھ: اِنسان سِرُ الاھي - اِسرار سَڀ اِنھي ۾،
دِل ڪش حُسن نِظارو - دِيدار سَڀ اِنھي ۾.

۱- انسان آھي اَڪمل - اَعليٰ عَجيب اَجمل،
ذَاتي صفاتي تَجمّل - جِنسار سَڀ اِنھي ۾.

۲- بَشري بَناء بَھانو - بيحد آبي گُمانو،
خَفي خِيال جو خَزانو - خُمار سَڀ اِنھي ۾.

۳- عُشاقي آر آگم - تَرنگي تَرانو تَرنم،
سُر ساز سَوز سَرگم - گُرتار سَڀ اِنھي ۾.

۴- نيشان سان نَاميارو - نَاطق سو نُور نيارو،
رَاسخ رَبوبي وارو - رَنگ پَار سَڀ اِنھي ۾.

۵- اَعجاز وَاري اولي - ڀَھگڻ تو پَاڻ ٻولي،
ڳُجھ ۾ ڏِنو سون ڳولي - اَعتبار سَڀ اِنھي ۾.

تلھ: آڏي ۽ ڪَات جي سَڏ تي - ايندا ڪي مَرد مَردانا،
مَحبت ۾ مُوتُوا قَبلِلَ - تِيندا ڪي مَرد مَردانا.

۱- سر و ساغر صُراحي مئِ - تڪي آ تيغ هَٿ جَنھن جي،
زَخم تَنھن جا ڪِلي هَر هَر - ڪِيندا ڪي مَرد مَردانا.

۲- مَوڪي مُغان جي مَحفل جِت - وَھن اُت ڪوس جَا وَاھڙ،
مَتا تنھن پَٽ پَٽرِ پڙتي - ڏِيندا ڪي مَرد مَردانا.

۳- وَڍائي سِر جي عَاشق تِيا - اُنھن آھڙيون ڪَيون خَبرون،
ڪَچن جي جَاء نَاھي هِت - وِيندا ڪي مَرد مَردانا.

۴- اَچان اَعجاز چئي آھين - رکو ڳَالھين ڳَڳَاتيو تُون،
نِباھي نِينھن جو ناتو - نِيندا ڪي مَرد مَردانا.

تلهہ: پاڻ کي ڪِين سُڃاڻِي ڪَڏهين - رَبّ جي سُڃاڻئي تہ ڇيهہ تي پِيو،
ڄاڻ ڄهڙو ڄاڻ نہ ڄاڻئي - ڄاڻ ٻيو ڄاڻئي تہ ڇيهہ تي پِيو.

١- جُڳت نہ ڄاڻئي ڀڳت نہ ڄاڻئي - سُبت نہ ڄاڻئي اُبت نہ ڄاڻئي،
شيخي بُزرگي وَارو بُت تي - خَرقو پاتئي تہ ڇيهہ تي پِيو.

٢- صُورت سَڀ ۾ سَير الاهي - صُورت سَڀ کي سَاجد تي،
صُورت اڳيان ڪَنڌ نہ نَاتئي - ڪَعبي نَاتئي تہ ڇيهہ تي پِيو.

٣- رَنگ رِندانو دِل اَندر کي - لاَيو وينو لاَءِ سَدا،
گيڙو گُلابي ڪَارو سَائو - ڪَپڙين لاتئي تہ ڇيهہ تي پِيو.

٤- پَر ۾ پَنهنجن جون پاڙون کوٽين - سُوٽو مُوٽو ٻہ تَن سان وَٽين،
پَنهنجي پاتيءَ کي پَنهنجو نہ پاتئي - پَرَ کي پاتئي تہ ڇيهہ تي پِيو.

٥- دَم ڪَمائڻ دَم دَمائڻ - دَم سُڃاڻڻ دَم کي مَاڻڻ،
دَم نہ سُڃاتئي تہ ڪُجھ نہ سُڃاتئي - دَم جي ڇاتئي تہ ڇيهہ تي پِيو.

٦- وَار نہ هڪڙو وَاقف نہ تُون - اَعجاز جي حَال حَقيقت کان،
وَات پَٽيا پوءِ وَائڙو تي - جي وَاقيئي وَاتئي تہ ڇيهہ تي پِيو.

خرقو: پوش، ويس

تلھہ: ٻاٽان وَچي ٻَراھون - اَللہ کي وَڙولڻ،
ڪِل جھڙي ڳالھ آھي - ڇَوڪر ڪُلھي ۾ ڳولڻ.

١- نَڪا عَالمن خَبر ھئِ - نَڪا عَاقلن خبر ھئِ،
ڪَئي عَارفن خَبر ھئِ - تو مُون مُھاندي ڏِولڻ.

٢- خُود ٻَاڻ کي وِسارڻ - جڳ کي وَچي جُھارڻ،
ڳَڻ ۾ نہ ٻاڻ سَارڻ - وَڻ وڻ نَاحق ڏَنتولڻ.

٣- سُڌ جا سَچن سُٺائي - ڪَنھن ڪَنھن ھيئين ڪَنائي،
آن آن ٻولي آنائي - ٻَولڻ تہ سِر ٻہ گھولڻ.

٤- اَکئين ڏِنو ڇَڏائن - رَندن تي نيو رُلائن،
ٻولا وِجھن ٻُلائن - ڪَم آ مُلن جو ٻولڻ.

٥- آدم جي نان ۽ آيو - آدم ۾ ٿان ۽ ٻانيو،
ڪَنھن کي نہ ڏان ۽ آيو - صُوفيءِ جان رَاز کولڻ.

٦- ووڙن وُجود جيڪر - عِلم و عَقل جا ٻَيڪر،
بَرحق چون ٻَوءِ ھَر ھَر - اَعجاز وارو ٻَولڻ.

جُھارڻ: پوڇڻ، ڳولڻ

تلھ: ٿُنھنجو ”پاڻُ“ تو لاءِ وڏي پِت آ. نَہ تہ يارُ توسان ٿُنھنجو نتُ آ.

١- مَت سالڪن واري مَچ ٿُون، پيو نہ ڪيذھن ووڙڻ وڃُ تون،
پِت پاڻ واري پوري پِجُ ٿُون، پاڻھي پاڻ چوَنديـن ھُوھت آ.

٢- وَفِيٓ اَنۡفُسِكُمۡ فرمائڻ، جھاتي جيءَ اندر پارائڻُ،
پَنھنجي پاڻ کي پاڻُ پسائڻُ، اھا محبوبن جي گَتِ آ.

٣- ٿُنھنجو يار جُدا توکان ڪونھي، ٿون نِھار جُدا توکان ڪونھي،
وِٿي وارِ جُدا توکان ڪونھي، ڪَر چَڪاس تہ ٿُنھنجي چِت آ.

٤- آلانسانُ سِرِي سِر سارو، آٿئي خاصُ خُدا جو اُتارو،
اوڙي پاڙي لاءِ ٿي نہ آزارو، چِت پير ٿُنھنجا پِرين تِت آ.

٥- آڪيون پيائيءَ ۾ جَن بوڙيون، وِچان ڏنيون تَن ڪَئين وِچوڙيون،
اٿَن تَذھن جُدايون لوڙيون، کِھڙي جاڻ اِھا کِھڙي مَت آ.

٦- توکي اِسم جسم جو آ پيولو، آھي اِسم جِسمِ ئي اولو،
اِھو اولو آ راجَن رولو، اعجاز کيو ثابِت آ.

همۂ اوست

تلهہ: نَفي اَثبات سَان هَردم- عَجب اِسرار آهيون ٿيا،
نِظاري نِينهن نَعري سان- نِسنگ نِروار آهيون ٿِيا.

١- ڪِٿي دِلدار ڪِٿي اغيار- ڪِٿي گُمِغار آشڪارا،
ڪِٿي آبشار ڪِٿي گُلزار- ڪِٿي خَسِ خَار آهيون ٿيا.

٢- ڪِٿي سَاجد ڪِٿي مَسجود- ڪِٿي شَاهد ڪِٿي مَشهود،
ڪِٿي اَياز ڪِٿي مَحمود- ڪِٿي نَادار آهيون ٿِيا.

٣- ڪِٿي تہ ڪَمان ڪِٿي نِيشان- ڪِٿي دَردا ڪِٿي دَرمان،
ڪِٿي مَروان ڪِٿي شَيطان- ڪِٿي ڏَاتار آهيون ٿِيا.

٤- ڪِٿي خُود خيال جا خَالق- ڪِٿي صُوفي سَچا سَالڪ،
ڪِٿي اَعجاز جا مَالڪ- ڪِٿي سردار آهيون ٿِيا.

تلهہ: لاَ مَذهب ڄَاڻ- مَذهب جي مُون ۾ پَانءِ نہ بُوءِ ڪَا.

١- دِين ڪُفر کَان دُور آڪيرو- وَحدانيت مُنهنجو وَاهيرو،
عِشق سَوا آئون آڄاڻ- ڏَاهپ جي مُون ۾ جَاء نہ جُوءِ ڪَا.

٢- وَصل وِصال جو واء بہ سَنيِران- هِجرِ فِراق جو گَهاء بہ سَنيِران،
صَبر جو مُون ۾ سَنبَاڻ- وِقلڻ جي مون ۾ وَاءِ نہ وُوءِ ڪَا.

٣- برهہ بَهار سَان بَاهم آهيان- لاَجي لاَر سان لاَغم آهيان،
سُخن مَنجهان ئي سُڄاڻ- حِرفت جي مُون ۾ هاءِ نہ هُوءِ ڪَا.

٤- ريءِ مَحبت جي ڪُوڙا ڪَاذب- ٿَاعِد عقَائد مِڙئي مَذاهب،
پَل تون اعجازا پَاڻ- رَسمن جي وَٽ راءِ نہ رُوءِ ڪَا.

تلھ: ڪَري ھر سَانگ ھَر صورت، آسين ھر جاءِ آياسين،
نَوَن رُوپَنِ رَنگَنِ سان نت، نوان ڪي نينھن لاياسين.

١- پَسڻُ پنھنجو پَسِي پاڻھي، نہ پنھنجي پَتَ ۾ ماياسين،
ظھوري ڪاڻ ذاتيءَ جي، اولا عبدي بناياسين.

٢- ڪتي ڏئي گھورَ گھايون ڪِئين، ڪتي خود گھورَ گھاياسين،
ڪتي بي نياز بي پرواھ، ڪتي ڳل پاند پاياسين.

٣- آھيون ھر دَور ۾ ھر دم، ڪُلَئِي ڪمڙا ڪماياسين،
ڪڏھن ڪيئن تي ڪڏھن ڪيئن تي، عجب ڪونتل ڪُڏاياسين.

٤- عُرف ”اعجاز“ واري سان، ڪتان ڪان ڪٿ ڏساياسين،
ڇپايو پاڻ ھوسُون پَر، نہ ڪنھن وَلِ ڇَلِ ڇُپاياسين.

تلھ: دلربا جي ديس ۾، مَھمان ھُئاسون سَال ڪي،
نَرگسي نِيڻن اڳيان، نيشان ھُئاسون سَال ڪي.

١- خُوبرُو تنھن خُوش لَقا جي، خِيال ئي بَس خِيال ۾،
مَحوُمَن موھيل مگن، مَستان ھُئاسون سَال ڪي.

٢- پَل بہ ڄاتوسون نَٿي، پَاٽان پِرين پيارل پَري،
يَار سَان يَڪدل يَڪويَڪ، جَان ھُئاسون سَال ڪي.

٣- ھت بہ مَھمان تَنھن سندا، آسين ھُت بہ مَھمان تَنھن سَندا،
مَعنيٰ جِت ڪِٿ مُحب لاءِ، مھمان ھُئاسون سَال ڪي.

٤- ھِيئن پَتنگ پَروان ڪو، اَعجاز مُشڪل ٿِيو ھُجي،
جِيئن آسين سِر رُخ شَمع جا، شَان ھُئاسون سَال ڪي.

تلھ: چمر چمر چَنَنَن چير وَڃايان - چَمر چَمر چَنَنَن چير.

١- دِيدُن جي دِيدارَ ۾ وِيهي، لاَيان دَمر نہ دير.

٢- پِيرِ مُغان جي پِڙ ۾ پَلپل، پِرت مَان پَائي پير.

٣- وَجَھُ الله جَھاتي پَائي، غَيرِ وِڃايان وير.

٤- اَخفائي اَحوال ڏِيان تو، تَازا تير بَتير.

٥- حُسن واري حَلقي اَندر، حَاضر تي هَر وير.

٦- عَرشين يونئين اَعجاز علي جي بِرھ وَاري پير.

تلھ: بيحد آھيان بَھار بَرابر - بَيحد آھيان بَھار.

١- بِرھ بي پَرواھ بَنايو، ھَمۂ کان هَر وار بَرابر.

٢- پَنھنجي پَسڻ سَان پَنھنجو تي پِيس، عَجائب اوتار بَرابر.

٣- مَحوِيَت مَستي مَوج چڙھي وَئي، تَڏھن تَار و تَار بَرابر.

٤- اَعجاز چوي آئون سَارو سَراپا، آيس تي اِسرار بَرابر.

تلھ: عَاشق مَان آزاد برابر عَاشق مَان آزاد.

۱- ڪَنھنجي قَيدوَهيٺو نَاهيان، آڻ اِهو اَعتقاد بَرابر.

۲- دَلبا دَوکا طَعنا مَهٽا، مُونکي نَاهن يَاد بَرابر.

۳- شُد(۱) آهيان سو شُدي ڪَندس، شُدي کيو اتم شَاد بَرابر.

۴- آهيان پَنهنجو پَاڻ اَعجَازؔ، اَصل کان اُستاد بَرابر.

تلھ: آسين سَانگي سَڄڻ يَار جي، هَر رنگ ۾ رَهون ٿا،
هَر رُوپ شڪل ڍَول ۾، هَر ڍنگ ۾ رَهون ٿا.

۱- آدم کان اَڳي پوءِ، آسان جوئي آ نَعرو،
آسين قَديم آسين جَديد، رَنگ بيرنگ ۾ رَهون ٿا.

۲- آسين دل ۾ آسين دِماغ ۾، آسين جَان جِگر ۾،
آسين وَار وَار ۾، آسين اَنگ اَنگ ۾ رَهون ٿا.

۳- هَر سَاز هَر آواز ۾، آسين آهيون سَمايل،
آسين طَبل آسين طَنبور ۾، آسين چَنگ ۾ رَهون ٿا.

۴- خَيابان(۲) ۾ ڪَڏهن، تہ بَيابان ۾ ڪَڏهن،
ڪَڏهن شَهر ڪَڏهن بَحر، ڪَڏهن جَهنگ ۾ رَهون ٿا.

۵- ڪَڏهن حُسن تي عَاشق، تہ ڪَڏهن حُسن خُود اسين،
ڪَڏهن پاڻ هَٿون پاڻ، ڪَڏهن پَتنگ ۾ رَهون ٿا.

۶- ڪَڏهن قُرب وَاري سيج، جَا قَرار وَٺون ٿا،
ڪَڏهن ورهہ وِڇوڙي جي، وَڪڙ وَنگ ۾ رَهون ٿا.

۷- اَعجَازؔ بِنا عشق جي، ملڻ مَحال آسان جو،
آسين نِينهن وَارن جي تہ، نَاتي نَنگ ۾ رَهون ٿا.

---

(۱) شُد: خود (۲) خَيابان: گلشن

تلهہ: پَس تہ مُنهنجو پَہ پور۔ عَجب عَجائب شَوق رکان ٿو.

۱۔ يَار پرينِ ہي پَار نہ ڄَاڻان۔ سِر صُورت ۾ تَنهن کي سُڃاڻان،
حَال ۾ سَوئي حُضُور۔ فَهمِ اهوفِي الفوق[۱] رکان ٿو.

۲۔ مُنهنجو پَلپل پيچ پَسارو۔ حُسن حَاضر سان نينهن نظارو،
آٿم اهو دَستور۔ ذَاتي صِفاتي ذَوق رکان ٿو.

۳۔ مهڻا طَعنا آئون مَاڙ پَانيان۔ مُنهڙو مَلامت کان نہ مَتايان،
ڏيهہ پَڇي جَنهن کان ڏُور۔ ڳَل ڳچي سو طَوق[۲] رکان ٿو.

۴۔ نينهن ۾ ڏُک سُک ڏنمِ نيارا۔ آٿم اَعجاز سي ڏاڍا پيارا،
کَيَمِ ميثاقان مَنظور۔ رُوح تَنهن کان رَوک رکان ٿو.

تلهہ: نتّ نينهن سان آئون نَاٿ[۳] کي، نَميو نمايو ٿو وڃان،
کُل ۾ ڏسي کعبو قرب، کُل سان کَمايو ٿو وڃان.

۱۔ سِر ساقيءِ کوثر[۴] هٿان، هک سرک پي سرمست ٿي،
سِک سوز جا هن سَرَ سُکل ۾ وڻ سمايو ٿو وڃان.

۲۔ غَير گمراهي ڇڏي، گُم غَرق ٿي غَمزي[۵] اندر،
هيءُ کُر مٿان گهر سِر سدا، گهوريو گُهمايو ٿو وڃان.

۳۔ جوڳون ڏيئي جاڳر کيي، جِندڙي جَلائي جاکسي،
جيئرا مُئا جهونگار سان، جملي جهمايو ٿو وڃان.

۴۔ کن کن[۶] ۾ نَو کنبطئي کري، خبرون ڏيان ٿو کِينئن سنديون،
کونا کَرا اِن کام ۾ کانيو کَمايو ٿو وڃان.

۵۔ هر جاڻ کي جاٽي ٻجهي، اڻ جاڻ ٿيس اَعجاز چئي،
تَڏهن عشق جي جيري ۾ جَلکِي[۷] جَمر جَمايو ٿو وڃان.

---

(۱) في الفوق: مٿانهون، اعليٰ (۲) طوق: ڳچي ۾ ڳٽ، ڦاهو (۳) ناٿ: مالڪ، اڳواڻ، وڏو (۴) ساقي کوثر، حضرت علي كرم الله وجهه جو لقب (۵) غمزي: ناز انداز، اشارو (۶) کِن کِن: پَل پَل (۷) جلکي: ڇمڪڻ، سڙڻ

تلھ: ڪير آهيان آئون ڪيئن هت آيس - ڄاتم اهوئي ڄاڻ ميان،
پنهنجي پاڻ پسڻ لاءِ پاڻهي - پڌرو ڪيئم پاڻ ميان.

١- ڪئين قصاب تہ گهر هو مُنهنجو - ڪُنت ڪنزا مهراڻ ميان،
عِشق اُتاهين آچي اُنايم، سِڪڻ جو ڏيئي سنباڻ ميان.

٢- وحدت مان تي ڪثرت ۾، ويهي ڪيم وٽاڻ ميان،
يلي بُري ڪُل ڪاڄ ڪم جو، آهيان آئون اڳواڻ ميان.

٣- مخفي رائي راز منجهئون، ڪري چار عناصر ساڻ ميان،
اِسم جِسم جو اعجاز چوي، پهريم سِر پهراڻ ميان.

تلھ: ڪوند پانيو بيو ڪير - سڀ صُورت ۾ سائيو آهيان.

١- پاڻ ڪي آئون پاڻ تو ڄاڻان - پاڻ ڄاتي ڪان ڪهڙا پُڇاڻان،
پُرجهي ڪئي ڪو پير - سڀ صُورت ۾ سائيو آهيان.

٢- بُڌڻ ۾ آهيان الڳ نيارو - ڏسڻ ۾ آهيان ونحن وارو،
ڦريا ڄاڻن تا ڦير - سڀ صُورت ۾ سائيو آهيان.

٣- پرت ڪي پنهنجو پاڻ پسايم - ڏاهم عقل ڪان ڏُور ڏسايم،
سِڪ آ مُنهنجو سير - سڀ صُورت ۾ سائيو آهيان.

٤- سائيو ئي سائيو سڀ هند هُوندس - ڪات ڪِتي تہ ڪِتي ڪند هُوندس،
پُل نہ وِجهي تو پير - سڀ صُورت ۾ سائيو آهيان.

٥- غير اعجاز ڪي غير تو ڄاڻي - پاڻ پروڙي تہ رمز پڇاڻي،
مُون ۾ اصل نہ مير - سڀ صُورت ۾ سائيو آهيان.

قصاب: جڳ، زمانہ

تلهہ: عَجب سَير مُنهنجوـ آ بُرقعي بَشر ۾،
آچان اِن کَري تهوـ آئون مُشکل نَظر ۾.

١ـ مُنهنجو اولو چولو نهايت نيارو،
سَچو رَنگ بَرنگي قُبح[1] حُسن وارو،
سو مَتيان بہ تونت، جو آهيان سَفر ۾.

٢ـ ڪڏهن ڪير آهيان ڪڏهن ڪير آهيان،
نہ هڪ پير آهيان، نہ هڪ پير آهيان،
رکان رُوپ سَهسين گُهمان هَر نَنگر ۾.

٣ـ مُنهنجي ذات مُنهنجي ئي لَقبن لڪائي،
تَحت[2] فَوق[3] واري بہ طَبقن لڪائي،
ڪِتي تاج شَاهي ڪِتي لِيڙ لَهر ۾.

٤ـ آچي ويڙهہ وَحدت مان ڪَثرت ڪمايم،
مَحبت جي سَانگي مَحبت ڪَمايم،
هَميشه سَا هَر ڪَنهن رَهي وڳ وَلر ۾.

٥ـ هي آهلِ نَظر کَان ڳُجهو رَاز نَاهي،
خُدا چا خُدي چا خُدائي ۾ چاهي،
چَا اَعجاز چَئي تهو، آتَس چَا آندر ۾.

(١) قبح: سانولو، ڪوجهو (٢) تحت: هيٺ (٣) فوق: مٿي

ٽلم: جَلوو جَوش جَلال ـ هَستي مَستي شَان آسانجو.

١ـ ڪَنهنجي مَحِڻ مَحائڻ جَا ناهيون ـ آهڙا آهيون لا اُبال[1]،
آرڏو دَمِ عرفان آسانجو.

٢ـ سَڀ صُورت ۾ عَاشق آهيون ـ بيحد بِرهئون بَحال،
قُرب ۾ سِر قُربان آسانجو.

٣ـ جَنهنڪي تَنهنڪي وِيجها وَسون ٿا ـ آهي اِهوئي ڪَمال،
نَاهي آنت نِڌان[2] آسانجو.

٣ـ نَاسوتي مَلڪوتي مُلڪ مَاٿيوسون ـ جَبروتي لَاهوتي حَال،
هَاهُوتي بَاهوتي بَيان آسانجو.

٤ـ عِشقِ الاهي وَاري اَعجازا ـ خُودي خوءِ حَلال،
حُڪم حَقّانو اَعلان آسانجو.

ٽلم: جَنهن ۾ پَاڻ آچي ته سَمايو ـ تَنهن کي ڇَا ٿيون آوهين سَمجهايو.

١ـ حَاصل عَين حُضور جَنهنڪي ـ حَال وِصال سَوايو.

٢ـ بي گُماني هن ته بُوتي مَان ـ الله پَاڻ آلايو.

٣ـ هِتان هُتان هَر جاءِ کَان هَردم ـ لَاڻ لِيئڙو پَايو.

٤ـ مَنۡ رَاٰنِیۡ[3] فَقَدۡ رَاَی الۡحَقَّ ـ پِرت پَڙهو هي کُهمايو.

٥ـ سَمجِهي شَراڪت کي شِرڪ شَامت ـ سِرُ ٿيون سُورِيءَ کَان بَچايو.

٦ـ اَعجاز عَلي چَوي ڏِسيو وَائِسيو ـ حَقّ کي حَقّ نَٿيون پَانيو.

(١) لا اُبال: بيپرواهه (٢) نِڌان: ڇيهه (٣) مَنۡ رَاٰنِیۡ فَقَدۡ رَاَی الۡحَقَّ: جنهن مون کي ڏٺو تنهن تحقيق الله کي ڏٺو

تـلـهـ: جِت آڙيـو زَاهـد وَجي ـ آزاد اُت آهيـون آسين،
جيڪي پَڙهي هو پَاڻ ٿو ـ اُستاد اُت آهيون آسين.

١ـ زَاهـد پُري جَنهـن پَار ڏي ـ تَـنهـن پَار جَا آسين پَاتـي،
هُو مُنهن مَتو موٽيو پِني ـ خُوش شَاد اُت آهيون آسين.

٢ـ هُو دَاد ٿـو جَنهـن کَان گُهري ـ اُت دَادگـر دَائم آسين،
بي سَمجهہ جَاتي ڪِينڪي ـ اِمداد اُت آهيون آسين.

٣ـ جي پَڙهـي ۾ پيـو پَڙهائـي ـ تـہ بـہ اجا مَنزل پَري،
پيچ پَائـي ٿَان پَسي ـ عَين صَاد اُت آهيـون آسين.

٤ـ مُنهـن پـائـي مَحـبوب ۾ ـ ٿُون حَق اِهو اَعجاز چَئو،
جِت لَوڪ بَربـادي ڏِنـي ـ آبـاد اُت آهيـون آسين.

تلهہ: آتم اِهو اَختيار ـ حَاڪم مَحڪوم بَنجي سگهان ٿو.

١ـ حَاجي نَاجي[1] نـيـڪ نِمـازي ـ عَاشـق عَارف آرڏو آوازي،
ڪُوڙو سَچو ڪَلـدار ـ مَاهـر مَحـروم بَنجي سگـهـان ٿـو.

٢ـ خَالق مَخلوق خَاونـد خِيـالـي ـ نَانگـو نَاهـي عَيـشي عَيـالـي،
پِيـادو تـوڙي سُوار ـ خَادم مَخدوم بَنـجي سگـهـان ٿـو.

٣ـ ڀَلائي بُرائي هَٿ آ مُنهنجي ـ نِهنائي وَڏائي هَٿ آ مُنهنجي،
هَر هـنـڌ آهيـان مُڪيـار ـ ظَالـم مَظلـوم بَنجي سگـهـان ٿـو.

٤ـ اَعجاز علي چَئي مُريد مُرشد ـ مومن مُطمئَن مـنـڪر مُرتد[2]،
بُلـبـل گُل ۾ خَار پَتـر ـ ۾ مَوم بَنـجي سگـهـان ٿـو.

(١) ناجي: نجات مليل، ڇوٽڪارو مليل (٢) مرتد: ڪافر، دين کان ڦريل

تلهه: هَر وَيس ديس ۾ وَاسي هِڪڙو- جَلوي جوڙ جمال سَان جَلال سَان.

١- پَنهنجو پَاڻ ڪَيائين پَڌرو- پَنهنجي قُرب ڪَمال سَان، خُود خِيال سَان.

٢- هِندو مومن مَظهر تنهنجو- سَوئي جَنگ جَدال(١) سَان ۽ قِتال سَان.

٣- ڪِٿ پَنبت پوٿي وَارو ٿي- ڪِٿ عَالِم ٿي اَعمال سَان اَقوال سَان.

٤- ڪِٿ وانيو(٢) وِڙواند سَدا- ڪِٿ عيش خَويش عَيال سان زَرمال سَان.

٥- حَال وَارن کي حَال ڏِنائين- پنهنجي سَار سَنڀال سان ۽ پَال سَان.

٦- پَاڻ لِڪايئين سَمجهه اَعجازا- مَرڻ جِيئڻ جي مِثال سَان ۽ مَقال سَان.

تلهه: نُوْرٌ عَلٰى نُوْرٌ ٿياسين- نُوْرٌ عَلٰى نُوْرٌ.

١- اِنّي اِنَّ اللهَ اَرِنِيْ تَرَانِيْ- عَصائي(٣) موسيٰ طُور ٿِياسين.

٢- مَام مَسِيحِي وَارا اسين- آسين سو معمور ٿِياسين.

٣- اَذْكُرُ كُمْ جي اِشاري سَان- حَاضر مَنجهه حُضور ٿِياسين.

٤- خِيال خُدائي خُوديءَ وَاري- خُوديءَ مَان خَستُور(٤) ٿِياسين.

٥- اَعجاز علي ؑ جي مَئيءَ تان- پَٽن(٥) پي مَخمور ٿِياسين.

(١) جدال: جَنگ (٢) وانيو: چِڙو، ڪنوارو (٣) عَصائي: لَٺِ، لَڪُڻ
(٤) خَستور: خوشبودار، رتل (٥) پٽن: پيالا

تلهه: ڪَٿهن ڪير آهيان ڪَٿهن ڪير آهيان،
ڪَٿهن زَبر آهيان ڪَٿهن زير آهيان.

١- ڪَٿهن مَالڪ مَراري وارو آهيان - ڪَٿهن سُوار هَنباري وَارو آهيان،
ڪَٿهن پَٽر پيادي پير آهيان.

٢- ڪَٿهن حَد اَندر آسير آهيان - ڪَٿهن بيحد ۾ بي نَظير آهيان،
ڪَٿهن پاءُ آهيان ڪَٿهن سير آهيان.

٣- ڪَٿهن ڪَات آڏيءَ ڪان ڏُور آهيان - ڪَٿهن ڇهڪن سان سَچو چُور آهيان،
ڪَٿهن ڪُجهه نه سَهان ڪَٿهن ڍير آهيان.

٤- ڪَٿهن ڪَنهنجو اَعجاز يَار آهيان - ڪَٿهن ڪَنهجو ضِدُ تڪرار آهيان،
ڪَٿهن شِر آهيان ڪٿهن خَير آهيان.

تلهه: هي سر ذَاتي سَوغاتي آهي - سَالڪ بَنجي سُڄاتي ڪير،
اَلْاِنْسَانُ سِرِّی وَاَنَا سِرُّهٗ - اِتي اِيمان ڪي آٽي ڪير.

١- صُورت وَارو سَانگ ڍَڪيائين - سَير صِفاتي سَارو ڪَيائين،
وَنَحْنُ اَقْرَبُ چئو چَيائين - جَاڻ اِنهي ڪي جَاٽي ڪير.

٢- وَفِيْ اَنْفُسِكُمْ اشارو - فَاذْكُرُوْنِيْ سڏڻ وارو،
فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ نظارو - هَر طرف تِيو هَاٽي ڪير.

٣- حرص حَيواني هَستي هَٽائي - وَهم خُودي جَا ڪَائي ڪَپائي،
دَائم دَروني جَهاتي پَائي - پُرجهي پَاڻ ڪي پَاٿهي ڪير.

٤- لا الــه سان انڪاري تي - الا الله سان اقراري تي،
اَعجاز شرع ڪان عاري تي - مَوج عَطاري مَاٽي ڪير.

تلھہ: دَارين ۾ نہ مَاپندي دِيوانگي مُنهنجي،
مَيدان بي پَايان پُڄي مَستانگي مُنهنجي.

١- مُنهنجي جُنون کي ڪِٿي مَنزل نَڪو مَقام،
آ بيقرار بَيحد خَفقانگي مُنهنجي.

٢- نَاصح نَصيحتون ڪَيون مُونکي تہ ڪِئين مگر،
آئِي نہ بازِ عشق کان نَادانگي مُنهنجي.

٣- هڪ طَرف جي صَنم هجي ٻِي طَرف خُدا،
سَجدو صَنم کي ئي ڪَندي عِرفانگي مُنهنجي.

٤- دِيوانہ وار تي چُمان ديوارِ حرم کي،
پَر ڏي نَٿي اِجازت خُدگانگي مُنهنجي.

٥- جَڏهن بہ حَال وَجد ۾ مُون رَقص آ ڪيو،
وَڻ ٽِڻ لڳا نَچڻ ڏِسي وَجدانگي مُنهنجي.

٦- سَاقي بہ پِياري پِياري، حَيرت ۾ پَئِي ويو،
مَستي کي گُم ڪَري وَئي مَردانگي مُنهنجي.

٧- اِسرارِ جسم کان ٿِيس اَعجاز آشنا،
بِيڪار ٿي پوءِ پَاڻ کان بَيگانگي مُنهنجي.

عرفانگي: شناس، سڃاڻپ، ڄاڻ

تلہ: هَر جاءِ جَلوا مُون کيا- غَائب بہ تِي حَاضر بہ تِي،
آول بہ تِي آخر بہ تِي- بَاطن بہ تِي ظَاهر بہ تِي.

١- خُوش خِيال پَنهنجي کي ڪَيمُ- مَسجد مَندر مَئيخان ۾،
موکي بہ تِي مَئي ڪَش بہ تِي- مومِنُ بہ تِي ڪَافر بہ تِي.

٢- آلعشق واري آتور سَان- آعليٰ آلولايون ڪَيَم،
آدم بہ تِي حَوا بہ تِي- شَجر بہ تِي شَرر بہ تِي.

٣- آڙهہ بہ تِي گُلشن بہ تِي- خَليل تِي آذر بہ تِي،
کوهہ طُور تِي تَجلو بہ تِي- مُوسيٰ بہ تِي سَاحِر بہ تِي.

٤- ڪَئين رُنا ڙيم ڪَئين کِلايم- ڪَئين پُلايم ڪَئين مِلايم،
ظَالم بہ تِي سَالم بہ تِي- رَهزن بہ تِي رَهبر بہ تِي.

٥- هَر سَنَ ۾ هَر سُو هَر طَرح- هَر ڪا خَبر هر هَر ڏنيم،
آنبياء بہ تِي آولياء بہ تِي- سَالک بہ تِي شَاعر بہ تِي.

٦- بَرسرِ خِزان بَهار جا- ڏَاڍا ڏِنا ڏک سُور مُون،
بَاغبان بہ تِي بُستان بہ تِي- بُلبل بہ تِي گُل بَر بہ تِي.

٧- گُمسان آگم گوڙ سَان- آيس اوپارو عَرش کان،
طُوفان بہ تِي بَادل بہ تِي- بِجلي بہ تِي جَل جَر بہ تِي.

٨- هولِي حُسن جِيءَ ۾ وَجي- سَپ رَنگ ۾ رَڳي وَيُس،
قِرمز[1] بہ تِي زَردو بہ تِي- آحمَر بہ تِي آخضَر[2] بہ تِي.

٩- آعجاز واري بيک سَان- پَنهنجو پَروڙيو پَاڻ مُون،
پَاڳل بہ تِي سِياڻو بہ تِي- بي زَر بہ تِي بَا زَر بہ تِي.

---

(١) قِرمز: ڳاڙهو گهرو (٢) اخضر: سائو

تــلــهــ: ٻَجي حَد اَدبيّت وَاري، حُجت ڪَئــي آ تہ مُون ڪَئــي آ،
سُورَيءَ جي سوڀ سَتَ وَاري، حُجت ڪَئي آ تہ مُون ڪَئي آ.

١- تَبــت يَدا اَبــي لَهــب اِشـــاري اِن مَان سَمـــجهـي وَڃ،
ڦـــيــڪَاري ڇڏِ ڦِتــتَ وَاري، حُجت ڪَئــي آ تہ مُون ڪَئي آ.

٢- آڙي نَاصِح نَصِيـــحَت مَنـــد آڙي وَاعِظ وَسيّت مَنـــد،
حَقــيـــقــت ۾ هِمتَ وَاري، حُجت ڪَئــي آ تہ مُون ڪَئي آ.

٣- وَڃي ڇَا تـــو تُنهــنجو وِڇ ۾، تُون ڇو تـــو پـوسِريـن پَڇرِيـن،
پِريـنءَ سـان پِرت پَت وَاري، حُجت ڪَئـي آ تہ مُون ڪَئي آ.

۴- جِتي تِيُون هِيڪڙ ايُون تِين، اُتـي حُجتُون بہ ڪَئين تِينديُون،
سِڪي سِڪ گُتِ[1] سَنگت وَاري، حُجت ڪَئي آ تہ مُون ڪَئي آ.

۵- حِجابَت جا تَڪَر تـــاڪـــي، ڪَري اَدبيّت پَاره پَاره،
حَرِيـفـن تـي حـيــرت وَاري، حُجت ڪَئــي آ تہ مُون ڪَئي آ.

٦- هُيـــم اَڪ ڪَانـــ ڪَا هَرگز، مگر هَاٺـــي پِيَم پُوري،
خَبــر تُنهــنجي نِيّتَ وَاري، حُجت ڪَئــي آ تہ مُون ڪَئي آ.

٧- سَچَل جهــڙَن سَچَارن تــي، تُنهن جي تَنقــيــد آ بـيـجَا،
تَڏهن تُنهن جي سيکَتِ وَاري، حُجت ڪَئي آ تہ مُون ڪَئي آ.

٨- عُشـــاقــي رَمـــزَ جي ڄَاڻين- عُشـــاقَن ســان نَہ تِين عَاقي[2]،
نہ آڻِي مَتِ مَعـرِفَت وَاري، حُجت ڪَئــي آ تہ مُون ڪَئي آ.

٩- وِصـــالِ يـــار ڪَان آهـــن، جيـــــڪـــي اَعجاز نَاوَاقف،
اُنهن جي لاءِ دِقتِ[3] وَاري، حُجت ڪَئــي آ تہ مُون ڪَئي آ.

(١) گَت: عادت (٢) عاقي: مخالفت ڪرڻ، باغي (٣) دقت: ڏکيائي، رنجہ روڪ

تلھ: مَست مَان سَرمَست مان - هَر حال هَست و هَست مَان،
دَم دِيواني دوستاني - سَاڻ آهيان دُرست مَان.

١- شَاڪي پَل پيو شَڪ ڪري - پَر ڳالھ هن ۾ ڪونهي شَڪ،
رَاهبر جي رَهبري سَان - رَهبرانو دَست مَان.

٢- ڳالھ مُنهن جي تَلخ هُوندي - پَر نہ هوندي ڪَم ڪَچي،
سَچ سَچائي سَان سَچو - صُوفي صَفا سَربَست مَان.

٣- حَال جو قَائل هَميشہ - خِيال جو خَادم خَريد،
خُود پَرستو، خُود پَرستو - خُود پَرستو آست مَان.

٤- جَام پِيان تو جَام پِيئندس - جَام پِياسو آهيان،
جِيئن پِيان تو تِيئن تِيان تو - چَاڪ چَوڪس چُست مَان.

٥- پَاڻ ۾ چَا تين آدم ۽ خُدا کَهڙي خَبر!!
جو جَلي آسو خَفي آ - پِيو نہ کُجھ دَانَست مَان.

٦- پَاڻ تي حَيرت آتم جو - پَاڻ کي سَمجهان بہ ڇَا،
کَنهن نَظر ۾ سَونُ آهيان - کَنهن نَظر ۾ جِست مَان.

٧- ڪير تو مُونکي سُڃاڻي - ڪير تو مُونکي ڏِسي،
هِجر جو ۽ وَصل جو - اَعجَاز ڇَئي دِل خَست مَان.

تلہ: خُود جو مَان دَانا بِينا - خُود جو شَناس آهيان،
خُود جي تَلاش ورتم - خُود جي مَان پَاس آهيان.

١- خُود كار خُود بَخود مَان - خُود دَار خُود خُوديءَ كَان،
كَنهن جي نہ كَانْ مُونكي - كَنهنجو نہ دَاس[1] آهيان.

٢- خُودئي غَواص[2] خُود جو - خُودئي خَوديءَ ۾ غَارت،
خُودئي خُود كي پَائيندو - بَشرِي لِباس آهيان.

٣- خُود كان بيگانو نَاهيان - آهيان يگانو خُود كَان،
خُود كان حَيرانو خُود مان - سراپا وِماس[3] آهيان.

٤- مُنهنجو سَانگ آصِفاتي - مُنهنجو پير پَاتو پَاتي،
اَصلان مَان ذَاتو ذَاتي - سَاسَن جو سَاس[4] آهيان.

٥- خُود كي مَان سَر بَخَم خُود - خُود جو مَان خُود پُوڄاري،
خُود كي پِياس خُود جي - خُود جو پِياس آهيان.

٦- خُود مُختيار پَنهنجي - مَرضيءَ تي پَانْ قَائم
پَر يَارَرِيءَ تہ اَڄ پيي - دِل جو اُداس آهيان.

٧- اَلعشق جي خَلَش[5] كان - پَردو عَدم جو چِيري،
اَعجاز جي صِفات ۾ - حَاضر حَساس آهيان.

(١) داس: نوكر، غلام، ٻانهو (٢) غواص: ٽوٻو (٣) وِماس: حيران (٤) سَاسُ: ساهہ (٥) خَلش: ٻاهہ

تلهه: خُود جي ِتيم اَچانڪ - خُود ساڻ آشنائي،
پَنهن جي مُون پاڻ مَنزل - پاڻا پَري نہ پائي.

۱- پَنهنجي جو ڪوچ ڪَيڙم - پَنهنجي پوءِ سوجهہ پيڙم،
مَنجهان مَنجهہ تي مَوج وَيڙم - مَنجهان مَنجهہ تي هيڪڙائي.

۲- مُون ۾ ئي حَق نَشينو - مُون ۾ ئي حَق مُبينو[1]،
مُون ۾ ئي حَق جو جِينو - حق ساں جِيان تو جائي.

۳- خُود ڪان جو آشنا ٿيو - خود ڪان سو خود خدا ٿيو،
خُود ڪان جو لاپتا ٿيو - ڪوئِي[2] پنهن جي تنهن خُدائي.

۴- مَنْ عَرَفَ مام حق حق - حق جو پيغام حق حق،
آئون تمام حق حق - ٻوڙيم اتي ٻيائي.

۵- سو ڏينهن ميثاقي سَمجهان - سَاقي مُلاقي سَمجهان،
ٿيو سَير بُراقي سَمجهان - مَعراج مَنجهہ مَنجهائي.

۶- دَرشن دَروني ڪَرجي - دِل ڏانهن ڏِيان ڌَرجي،
سَڀ ڪُجهہ دِلان تو سِرجي[3] - جهاتي اها سَجائي.

۷- آئون اِهائي هَستي - جَا پاڪ آڪان پَستي[4]،
مَشهور مُنهن جي مَستي - پيتم جو مَدَ آنائي.

۸- جي وَحدة الوُجودي - سي سَڀ ڪي سَڀ سُجودي،
هَر طرف هڪ نَمودي - هَر طَرف هِڪ هِڪائي.

۹- اَعجاز رڪج ڇاٽپ - پَنهنجي صَحي سڃاٽپ،
ڇا لاءِ وساري پاٽپ - در در ڪرين گدائي.

(۱) مبينو: ظاهر، پڌرو (۲) ڪوئِي: وِڃائِي (۳) سِرجي: پيدا ٿئي (۴) پَستي: هيٺ

ٹلھ: مَخمور تہ سب کو آ اَلستئون اڳي، پرمئي جام پيئڻ کان پوءِ تُون تُون نہ هُوندين،
اِها بَزم رِندان جي اُلٽي چَال آٿئي، سرمست ٿيڻ کان پوءِ تُون تُون نہ هُوندين.

١- آک آک سان آزائي پيئَندي جَام، جَڏهن پَسندي پَاڻ نکي پَنهنجو نَام کڏهن،
اِينڊئي اُلٽو نَظر سَاروعام ٿڏهن، عقل هوش نيڻ کان پوءِ تُون تُون نہ هُوندين.

٢- مَئي نوشيءِ کي سَمجهي چا ٿو پَلا، نَاجائز جَائز يا پي کا بَلا،
جي تون رِند هُجين تہ وجي پيءِ پِيار سَدا، اُتي خطا کيڻ کان پوءِ تُون تُون نہ هُوندين.

٣- سَاقي جام قَدح اَڏي کات جتي، آهي آلنفس سندو مَوتُ مَات جِتي،
سِر تي سِر کي مڻ بازي بات جتي، اتي سِرڙي ڏِيڻ کان پوءِ تُون تُون نہ هُوندين.

٤- پرين پيالو ڏِين بَار بار پري، سَچو عاشق هَڏ نہ انکار کري،
آچي اَعجاز عليءِ جي آراري، مري يار جيڻ کان پوءِ تُون تُون نہ هُوندين.

پيو باب

سونهن صورت

تلهه: مَس مَس نَصيب ٿيو آ دَرشن تو دِلربا جو،
بيحد آهيان ٻَس ابر مَمنون آءُ مَوليٰ جو.

١- صُورت ڏِني مون تُنهنجي، ڏُک سُور سَڀ لهي ويا،
هَاڻي ضَرور کَهڙو دَرمَان ٻِيو دَوا جو.

٢- مَاڻهن ڀَکن ٻُڌائي تَعريف مُونکي تُنهنجي،
هوهُل وَٽن ٿَن ۾ لالَڻ تُنهنجي لَقاء جو.

٣- آهڙو وَٽين وَئين دِل کي جو هُوندين تون يَاد هَردم،
عَاشق وِڌُئي بَنائي پَنهنجي عَجب اَدا جو.

٤- تَاثير يَانيان هي يا تعبير يانيان هي،
کَنهن مَرد حَق رسيد دَرويش جي دُعا جو.

٥- مُنهنجي مُشاهدي ۽ مُنهنجي فِکر مُطابق،
آهين حُسن ۾ سُهٽا مَظهر تہ تون خُدا جو.

٦- اَعجاز سان مِلئين تون مَاپي نَتو خُوشيءَ ۾،
آءُ آ ٻُلند سِتارو هن خاک پَا گَدا جو.

تلھ: جيئن سَڄڻ اَڄ سَئون نِھاريُئي - مُلھ وَني سُھٹا ڇڏيئي،
سِڪ جو سَاڙيل هِنياءُ ٺاريُئي - مُلھ وَني سُھٹا ڇڏيئي.

١- سِڪ مِلڻ جي پيءَ سِڪايو - سِڪ جَھليو سِيني وَتيُس،
مَس مِلڻ جو منهن ڏيکاريُئي - مُلھ وَني سُھٹا ڇڏيئي.

٢- سَاھ ۾ ويو سَاھ پَئي - وَرتي بَدن تَن تَازگي،
ڪَنھن اِهو جَادو سيکاريُئي - مُلھ وَني سُھٹا ڇڏيئي.

٣- هُونئن تہ توکي اِيندي ويندي - گُھنڊ مُنهن ۾ هوئي هو،
اَڄ جو مُرکي گُھنڊ اُتاريُئي - مُلھ وَني سُھٹا ڇڏيئي.

٤- نَخل طُوبيٰ نَا حَقي تَا - تُنهن جي قَدسان قَدپَٽن،
قَد ۾ تن کي هِيچ ڪَاريُئي - مُلھ وَني سُھٹا ڇڏيئي.

٥- نينھن پريا نيڻ پَئي - جَنھن دم کلي مون ڏي ڪَنيئي،
جڻ تہ آبِ حيوان پِياريُئي - مُلھ وَني سُھٹا ڇڏيئي.

٦- نيڻ مُنهنجا خيره خيره - نَازوَارا توکيا،
پَاڻ کي اهڙو سَنواريُئي - مُلھ وَني سُھٹا ڇڏيئي.

٧- مُلھ تہ مُنهنجو ڪونہ آ پر - تو اڳيان مُورهن نہ ملھ،
بي مُلھو مونکي مُھاريُئي - مُلھ وَني سُھٹا ڇڏيئي.

٨- اِئين چَاهيو مُون بہ تي - اَعجاز ڇَئي پَر اي پرين،
پَھ مِلڻ جو خُود پَچاريُئي - مُلھ وَني سُھٹا ڇڏيئي.

ٿلهہ: تنهن جي جَاء نَاهي ڪَا خالي - سُهڻا رَهندو ڪتي هي سُوالي،
مُشڪ ميندين ۾ ڪَجل اکين ۾ - سُرخي لَبن تي لاَلي.

١- جهڙو سهڻو سينگار بہ تهڙو - جوين جوت نرالي،
بينسر بينن ۾ جهومر ڪنن ۾ - هار ڳلي برحالي.

٢- جَامون جَان تي جِهرمر وارو - چُنڙي سِر تي چٽالي،
ڦُل چوٽن ۾ چلڙا هٿن ۾ - چُوڙ ٻانهن چمڪالي.

٣- بِرهہ ٻچڻ جو قابل بلڪل - چست چالاڪئون چالي
لچڪ لڱن ۾ چير پيرن ۾ - جوڙجتي بيمثالي.

٤- اَعجاز لاءِ تُنهن جو آ ٻٽيو - اَنگ اَنگ دَام دُوالي،
نَاز آمن ۾ غُماز حُسن ۾ دَم ۾ دَم ڪمالي.

ٿلهہ: تنهنجي حُسن تجلي حَيران ڪيو - هي جهان جدا هو جهان جدا.

١- تنهنجا مون ڪي لڱن ٿا تير سِدا - ائين تہ هزارين تو ماري وڌا،
تنهنجي زُلفن واري زنجير ٻڌا - انسان جدا حيوان جدا.

٢- تو لاءِ سوسن سنبل سروو سڪن - تو لاءِ پايو لياڪا حورون لِڪن،
توکي نياز منجهان ٿا روز نمن - رضوان جدا غلمان جدا.

٣- ڇا آئون ٻڌايان ڳالهائي ڳٽي - تنهنجي صورت سراپا دل کي وٽي،
تنهنجي عشق ۾ تڙپي تو تان هَٽي - مهراڻ جدا باران جدا.

٤- اَعجاز چوي دل عبرت ۾ وئي - ڇا توکي ٻڌايان سهڻا ڇئي،
تنهنجي مرڪ سچڻ مجروح ڪئي - منهنجي جان جدا مرجان جدا.

رضوان: بهشت جو دربان

ٽلهه: جتي ٽُنهن جي صُورت جي جَهلڪ ڏٺم،
اُتي جُهڪندي فرشتا فلڪ ڏٺم.

١- ائين آهي، آهي آهي صَنم- مُونکي ڪُوڙ جو ڪَرِ ئي نَاهي صَنم،
توکي هَر دوجَهان تو چاهي صَنم- تنهنجا ڪوڙ مَدح خان مَلڪ ڏٺم.

٢- ٽُنهنجا قَدم پرين جَنهن جاءِ پيا- اُتي مُشڪ عنبر جا هُڳاءَ ٿيا،
لَڳي لقائن لاءِ ڪَئين لَقاءَ ويا- ٽُنهنجا روپ ڪَئين ڪَئين دلق ڏٺم.

٣- توسان حُسن ۾ حَاجت ڪَانهي ڪَنهن جي- آهڙي سُونهن ۽ صُورت ڪَانهي ڪَنهنجي،
ٽُنهن جي قَامت جيئن قَامت ڪَانهي ڪَنهن جي- توکي سِدرة المنتهيٰ تَلڪ ڏٺم.

٤- جن کي عِشق ٽُنهنجي جو ڪَمند پيو- لَئون لَئون ۾ لَغام لَوند پيو،
تن جو پيچ توسان پيوند پيو- تنهن جي پُوڄا ۾ هَر پَلڪ ڏٺم.

٥- ٽُنهن جي صُورت سَتائش جَهڙي آ- سِينگار آرائش جِهڙي آ،
چَئي اَعجاز يادائش جَهڙي آ- آهڙي صُورت پرين ٽُنهن جي پڪ ڏٺم.

قافيو: سُبحان تُنهنجي صُورت قُربان حُسن وَارا،
الله ياد ڏياريئي احسان حُسن وَارا.

١- حُسن بشر ۾ همسر تنهن جو نہ کو برابر،
تون حُسن جو سراسر سلطان حُسن وَارا.

٢- سڀ ويس ۾ سونهين تون سڀ کي سچ موهين تون،
سڀ پار تنڌُ تون هين تون سبحان حُسن وَارا.

٣- سَرُ سَرُ تو سينڌ سينگارين درپن کي منهن ڏيکارين،
عاشق کان شرم ڌارين، ارمان حُسن وَارا.

٤- صورت پسائيندو ڪر مون کي سڪائيندو ڪر،
سڪ سوز لائيندو ڪر شڪران حُسن وَارا.

٥- سهٽا شباب تيڙئي پرلا جواب تيڙئي،
رنگ ڍنگ ناياب تيڙئي قدڪان حُسن وَارا.

٦- مَحبوب تنهن جي چاهہ غب غب ۾ غَرق آهي،
گاهہ بَہ گاهہ ماهہ ڪنعان حُسن وَارا.

٧- ثاني نہ توسان جاني هيءَ ساري راڄداني،
مرقُوم تو پيشاني قُرآن حُسن وَارا.

هلندڙ

مرقوم: لکيل

٨- تنهنجي ڏني طبيعت نوڙيو وني تي نوڙت،
تو ۾ اها بہ قُدرت لاثان حُسن وَارا.

٩- عارض لڪايو زلفن ڪعبو سجايو زلفن،
توڏي جهڪايو زلفن صُنعان حُسن وَارا.

١٠- نڪ نين ابرو توڪي رُخسار رُخ رُو توڪي،
تون ذات هُو هُو توڪي هَر آن حُسن وَارا.

١١- اَعجاز ڪي نِظارو نِت نُت نظر تو وارو،
تون هِڪ سَدا بهارو بُستان حُسن وَارا.

ٿلهہ: سَجدو ڪر صُورت کي، صورت ريءَ نہ نَمُ ميان،
صورت ريءَ نہ نم ميان، تي مُورت ۾ گم ميان.

١- رِندن واري رسمات سان، راهہ انهي تي رم ميان.

٢- غرض جڏي لاغرض ٿيءُ، غرضن ۾ اٿئي غم ميان.

٣- ڪعبي ڪاشيءَ ڇو وڃين، ڪهڙو اٿئي اُتي ڪم ميان.

٤- ارڏو ٿي اَعجاز چئي، مار منصوري دم ميان.

تلهه: ڪَانَہ پَسان تو ٻي ڪا صُورت- هر جاءِ آهي هيڪ الله.

١- فَثَمَّ وَجْهُ [١] اللهِ ثابت ٿيڙو- فرض پڙهان ٿو فنا في الله.

٢- ما يُسعَنِي [٢] قَلبُ المومن- بيشڪ ٻٽيو بيت الله.

٣- وَحدت ڪثرت وارو مشاهدو- بيخود ٿي مون ڏٺو بالله.

٤- ڪُلَّ يَوْمٍ هُوَ فِي شَانٍ سان- ظاهر آهي ذات الله.

٥- اِنهي راز رَنگ جو شاهد- اَعجاز علي آوَلِيُ الله.

تلهه: صُورت ۾ سَير ربّي- سِرُ سَالڪن سُڃاتو،
ٻِيا ڇَاڻ سَبِ وِڃائي- هِڪ ڇَاڻ تن هي ڇَاتو.

١- ڏِولڻ جو سِر آ ڏِنگي- آنگ اُلٽي سَاڻ آنگي،
پَهريان رَنگ بَرنگي- پيارِي پرينء پَاتو.

٢- ڪَڍي قلب مان ڪدورت- صَحي سوجهيائون صُورت،
مَخفي چون جا مُورت- سَا ساڻ ڏِينهان رَاتو.

٣- مَسلڪ هي معنيٰ وارو- مِلي مَعنيٰ وِيو مُونجهارو،
ٿيو راز فَاش سَارو- نيڻن سان لَائي نَاتو.

٤- عَالم آديب اوري- سگهندا نہ ڇَپ ڪو چوري،
اَعجاز ڏيل ڏوري- ڳجهہ عَاشقن آڳَاتو.

(١) فَثَمَّ وَجْهُ اللهِ: جيڏهن بہ نظر ڪيم الله جي سامهائين آهي.
(٢) ما يسعني قلب المومن: الله جي رهڻ جي جاءِ مومن جو قلب (دل) آهي.

تلھ: سُھٽا سَامھون آ سُھٽي صُورت پَسا، مُنھنجا سَجدا ٿين بَجا.
اَکيون توکي ڏِسن، تنھنجا جَلوا پَسن،غم وَھم وَڃن دِل جا.

١- مُونکي مُنھڙو پَسائي پوءِ جُدائي نہ ڪَجان، مُون سان ڪَڏھن ڪِٿي مُنھن گُھنجائي نہ ڪَجان،
جيڪي واعدا ھُجن پَاري پُورا ڪَجن ڪُوڙا ڪِين ڏِجن عَرصا.

٢- توسان پَاريَاريءَ جي پَاس اٿم، اھا آس پياس اُداس اٿم،
رکي لَب تي لبن پائي پيچ پيچن، کِلي سان ڳِلن ڳَل لاَ.

٣- جيئن تو لاڪڻ مون ڪان لِڪ ڪرين، تيئن تو سَرس سَوائي سِڪ ڪَرين،
چَندڪارئين ڪِيئن لِڪن، رَاھي راھہ ڪيئن رَمن، ڏِنا اُھڃ سَچن اَھڙا.

٤- سَچيون رُوءِ بَرُوءِ جون ڳالھيون چون، بَرحاليون اُھي بي مِثاليون چَون،
مُنھان مُنھن جا سُخن، وَانگي سون کُندن، بِيا سُخن چَون بَڪ تا.

٥- ھِيءَ ڳالھہ سَچن مُنھنجي ڪَن ھُجئي، ھَر وقت ھئين ۾ مَن ھُجئي،
سَچا سَاٿ ڏِين مَنجھہ ڏکن سُکن، وِتي ڪانہ وِجھن وِچ ڪا.

٦- اعجاز سان ملڻ ضرور اَٿئي، گھٽئي تي گُذاريو دُور اَٿئي،
مُنھنجا مَن موھَن اَچ مُنھن جي صِحن، پِڃي چُغل چَڪن پَھرا.

تلھ: مُونکي سُھٽا موھي وَيئي، صُورت تُنھنجي سَانوري،
بِرھہ لَڳي ويو بَدن جَلي ويو، بيوس تي دِل بَانوري.

١- نَاز ڏِسي نت تُنھنجو نرالو- چَال عَجب ۾ چشمن چَالو،
عَقل سَندم کي لَڳي ويو تَالو- وَھوا تُنھنجي عِشوہ گري.

٢- ڪيئن تون اَلاجي دل ڪَڙي وئين- جاني جگر جندُ جان جَڙي وئين،
جَھٽ پَٽ سُھٽا مونکي سَڙھي وئين- سگھان نہ ڪِيڏھن آئون سِري.

٣- جَاني جُدائي ۾ چَٽُو چاھي- قُرب منجھان مِلِ ڪَامل ڪَاھي،
آس اندر ۾ اِھائي آھي- مُنھن جي اَڱڻ تي آءُ وَري.

٤- تُنھنجي نظر جا تِياسون نِشانا- نڪري وياسون پِنھي جَھانا،
اَعجاز چوي اي يَاريگَانا- پَاڪي تي ڪَر يَاوري.

ٿلهه: يَا تہ صُورت وَج ڏيکاري- يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد،
يَاد سان مِل يَاد ڏَاري- يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد.

١- يَاد تو جنهن دَم اَچين- تنهن دَم وَڃن تيو نين نَم،
وَر سِگهو وَر وَاڳ وَاري- يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد.

٢- ٿَار ٿَن من يار ٿُنهنجي- سَار سِڪ آ بَار بَار،
ٿُون بہ ڪَڏهين ڏِس تہ سَاري- يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد.

٣- يَا تہ نَاتي کي سَچو ڪر- يَا تہ ڇَئو نَاتو نہ هو،
ڪنهن تہ ڪر مُونکي ڪِناري- يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد.

٤- ڪِيئن گُذارين پيو تون پَنهنجي- حَال مُحرم ڪَان پري،
جَس هُجئي جَس ڇَڏيئي مَاري- يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد.

٥- پَنهنجي مُنهن سان پَاڻ پَنهنجي- پِرت وَج مُون ڪان وَني،
پَنهنجي رَک وَٽ پَاڻ ڏَاري- يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد.

٦- لَب زُبان خَاموش مُنهنجا- دِل مگر آ نَاصَبُور،
دِل چوي اَچ دَر دُواري- يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد.

٧- جي اٿئي ڪا عشق جي- اَعجاز ڇئي من ۾ رَتي،
پوءِ تہ اچ ڏونگر بہ ڏاري- يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد.

تلم: وَضُحيٰ[1] صُورت پيشاني - زُلف وَليل بہ تُنهنجا جاني.

۱- آبرو بہ ائين پيانيان تو - جيئن قوس قزح[2] آسماني،
اکڙيون تُنهنجون جنهن سان مِلن - دنيا تنهن لاءِ ديواني.

۲- رُخسار ٿا رَشڪِ گُلاب لڳن - آنف تي طوطو حيراني،
لَعلُن کان وَڌ لبڙن جي - لالي لَطافت لاثاني.

۳- چَمڪ ڏندن جي مُرڪ سان ڪَئي - وِچ جي حَالت وَجداني،
غَب غَب وَاري غوطي سان - سِر ۾ گُم سِر سُبحاني.

۴- وارن جي هِڪ هِڪ تَند ۾ - مَن موهيٽي مُشڪ دَاني،
رُخ ۾ ڪَئين آتَئي رَعنايون - ڪَمڙيون لکان ڏي ڪَاغذ ڪَاني.

۵- سُهڻا تُنهن جي صُورت جو - مَٽ نہ آماهِ ڪِنعاني،
تصوير تُنهن جيءَ جو تَصوّر - آعشق جي خَاص نِيشاني.

۶- عشق نہ تُنهنجو جَنهن دل ۾ - سا خُود کان دِل بيگاني،
اَعجاز تہ ڇا پَر توتان - ڦونئين صَنم قُرباني.

(۱) وَضُحيٰ: چمڪندڙ روشن (۲) قوس قزح: انڊلٺ

ٿلهه: صُورت جا سَائين سُهڻا - مُنهنجو سَلام تُوکي،
سَڀ حُسن سَاڻ حَاضر - سَمجهان تَمام تُوکي.

١- مَسجود عَاشقان تُون - مَقصود دوجهان تُون،
مَوجود هَر زَمان تُون - سَڀ آعَلام[1] تُوکي.

٢- مَستور[2] تُون مَاڻهن ۾ - مَعمور[3] تُون مَاڻهن ۾،
مَشهور تُون مَاڻهن ۾ - آدم جو نَام تُوکي.

٣- شَاهِ خُوبان تُون بيشڪ - فَخر بُتان تُون بيشڪ،
پيرِ مُغان تُون بيشڪ - هَٿ ۾ بہ جَام تُوکي.

٤- پُرجهڻ سَان توکي پُرجهيم - سَمجهڻ سان توکي سَمجهيم،
پوءِ پيچ توسان پيچيم - پَرتو غُلام تُوکي.

٥- تو سَيڪڙو سُجاتا - تو پيچ تَن سان پَاتا،
تُوئي نِيايا نَاتا - سَمجهي چَا عَام تُوکي.

٦- تُوڙي جو عَيب دارو - تہ بہ تُنهن جي پِيار وَارو،
سُجهندو بہ آهيان سَارو - هَر صُبح شَام تُوکي.

٧- خُود جي خُودي بہ تو ۾ - نَرمي نمي بہ تو ۾،
ڪَانفي ڪَمي بہ تو ۾ - سَجدو دَوام تُوکي.

٨- وَعدي جو دَام مُونکي - وَعدي جو دَام تُوکي،
ويسر حَرام مُونکي - وَيسر حَرام تُوکي.

٩- اَعجاز چَئي عُشاقن - مَستن ۽ مَد پِياڪن،
ڳولي ڳوڙهن ڳولاڪن - چوندي اِمام تُوکي.

(١) علام: ڄاڻ (٢) مَستُور: پردي ۾ لڪل (٣) مَعمُور: پرپل، آباد، سمايل

تلهه: موهين آج تہ وينو شَبابي صُورت سَان،
ڪلي مُون ڏي مُنهن ڪر خِطابي صُورت سَان.

١- عَجب صُورتون پِيون بہ آيون ڏسڻ ۾. پَري ڪانہ آڪ ڪَنهن پَسڻ سَان پَسڻ ۾،
ڏِٺم هڪڙو توکي ڪِتابي صُورت سَان.

٢- تُون سُهڻو تہ آئون تَماشائي تُنهنجو. تَمنائي تُنهنجو ۽ شَيدائي تُنهنجو،
مُون سان مِل تہ مِل بي حِجابي صُورت سَان.

٣- حَسين آهين بيشڪ حَسينَن جي وچ ۾. هُئي هَاڪ هِيءَ مَہ جَبِينن جي وِچ ۾،
جَواب آهين تِن جو جَوابي صُورت سَان.

٤- سُڪائين تو وِهنجو جَڏهن وَار سُهڻا. پُسائين تو اوريان پَريان پَار سُهڻا،
وُنا وَار تُنهنجا سَحابي[1] صُورت سَان.

٥- لَڳا حُسن تُنهنجي جا جَهلڪا جَني ڪي. ڏِٺم بيقراري پَتنگ جيئن تَني ڪي،
جَهلي دڳ بينا جڳ بيتابي صُورت سَان.

٦- سَچڻ عِشق ۾ تُون بہ ڪاتو وَتين تو. سَون سيڪڙُن ۾ سُڃاتو وَتين تو،
گُهمي توڙي نِت تون نَقابي صُورت سَان.

٧- ڪَئِي مُنهُن جو مُون ڏي، تي تَن ڪي تَراوَت. مِلي رُوح کي رَاحت قَلب کي حَرارت،
هو اَعجاز نہ تہ هت سِيمابي[2] صُورت سَان.

---

(١) سَحابي: وَسندڙ ڪڪر (٢) سِيمابي: پارو، چميل، بي جان

ٿلهہ: ڇا سُونهن تُنهنجي صُورت - سِينگار ڇا نہ ڇا،
دِيـــدن ڪَيـــا وَري آڄ - دِيـــدار ڇا نـــہ ڇا.

١- پاتم جو نَظر تُنهن جي - وَري مُنهن مليح تي،
مَشـعـال مُنهن ۾ چَشـمـن - چَمـڪـار ڇا نہ ڇا.

٢- تُون سَروناز آهـين - تـوکـي سَرو ڇو چَوان،
قَامـت سَنـدءِ جا آهـن - هُل يار ڇا نـہ ڇا.

٣- مَخمل بَدن تي مَخمل - زَر بَفتہ زَرفـشـان[1]،
جِهرمِر جَهيري جهم جهم - جهلڪار ڇا نہ ڇا.

٤- اي پيارا پر آپارا - ڏِيان پار تُنهنجا ڪيئن،
ڪَئين ڊَول تنهنجا ڊولڻ - ڪئين پار ڇا نہ ڇا.

٥- دِلڪش ۽ دِلفريب هي - خُوشبويون خُنڪ[2] دار،
مَن تَن تـيـو مُعطر - هُـبڪـار ڇا نـہ ڇا.

٦- مِسواڪ ۽ مَشاط[3] - ڪَجل سُرمان سُرخيون،
اختـيـار ڪَيـئـي پاڻ لاءِ - سِينگار ڇا نہ ڇا.

٧- وَهنـوار وَصل دار - ۽ هـي پِيار وَارا پٽ،
خُمـار هن پَڙن ۾ - ۽ اسـرار ڇا نـہ ڇا.

٨- هن سر ۾ سَڄڻ ڇاهي - آهڙا سر تہ لک ڏيئين،
اَعجاز ڇَئي ڪَجن توتان - بَلهار ڇا نہ ڇا.

(١) زرفشان: زري وارو، چمڪدار (٢) خنڪ دار: هبڪار (٣) مشاط: ڦٽي

تلهه: صُورت سينگاري هَر هَر- حَيران ڪَر نہ سُهڻا،
مَستان دل کي موهي- مَستان ڪَر نہ سُهڻا.

١- ڪيڏو حَسين آهين تہ بہ پاڻ تو سنوارين،
تاباڻ رخ کي ايڏو تابان ڪَر نہ سُهڻا.

٢- مون ڏي نِگاهون ڪر تون، ناحق تو آيَندَ مارين،
ناز و ادا سان چِت ڪِٽ، نيشان ڪَر نہ سُهڻا.

٣- دل ڏَهلجيو وڃي ٿي، ٿڙڪي بدن تو سارو،
تلوار ابرو نر ذر، عُريان ڪَر نہ سُهڻا.

٤- تنهنجي لبن جي لالي، هر لال رنگ کان چڱري،
سرخي مساڳ لب سِر، پَن پَان ڪَر نہ سُهڻا.

٥- ماهِ بَدر کان سهڻي، پيشاني تي آئي پيارا،
زُلفن کي کولي هٿ سان، گهمسان ڪَر نہ سُهڻا.

٦- هَر هند آهي مچيُم، پر آهي عيش خاطر،
ايڏو بہ عشق کي تون، آرزان ڪَر نہ سُهڻا.

٧- مُنهن آرسيءَ ۾ پنهنجو، ڏسندو تہ ڪر پلي پر،
خود پاڻ تي تہ خود کي، حيران ڪَر نہ سُهڻا.

هلندڙ

٨- عاشق ڪندو ڪو تنهن جي، صورت جو نت نظارو،
سڀ ڪنهن جي دل تي تاري، وَجدان ڪَر نہ سُهٽا.

٩- مَستي ۾ تنهن جي آئون، روزِ ازل کان آهيان،
مون تي بہ مست تي ڏس، جولان[1] ڪَر نہ سُهٽا.

١٠- سُرمون ڪَجل بہ آهي، محبوب مَرڪ تنهنجو،
پر پائي ڪجل ڪَاني، پوءِ زيان ڪَر نہ سُهٽا.

١١- پلپل ۾ پاڻ پنهنجو، سينگاري منهن ڏيڪاري،
اَعجاز ڪي تہ پوءِ، سرگردان[2] ڪَر نہ سُهٽا.

ٿلهه: جيڪي جَهاتي صُورت ۾ پائن ٿا، ڪُڏيو ڪُوپا اُهي ڪَند ڪَپائن ٿا.

١- ڪَن ڪَعبو قبلو صُورت کي، مَن مُهٽي مَليح مُورت کي،
ڪَڍي سيني مَان ڪيني ڪَدُورت کي، دِل جَان سان سِرڙو جُهڪائن ٿا.

٢- جيڪي آهن عَاشق دَرسن جا، تن تَرڪ ڪَيا مَقصد تَن مَن جا،
وَاري وَرق ڏنائون وَنحن جا، اُهي پوئتي پير نہ هَٽائن ٿا.

٣- اُلتي عَاشق جَهاتي پَائي دَم دَم، ڏِٺيا يَاريگاني سان هَمدم،
مُرڪي جَام پِيِن تا اُهي جَم جَم، اُهي ڪَونتل ڪَونت ڪُڏائن ٿا.

٤- آهي عِشق عُشاقن اِنعام مِليو، موجان موج مَحمودي مَقام مِليو،
تن سان ساقي ڪوثر صبح شَام مِليو، تنهنجا عَاشق اَعجازا ڳُڻ ڳَائن ٿا.

---

(١) جولان: ڪاوڙ (٢) سرگردان: حَيران پَريشان

تلهه: ڏِس جَلوا حُسن مند جوڀَن جا - هن عَين اکين رُخ روشن جا.

١- ڪَج ڪيس ڪُلهين ڇَلا ڇُوٽ ڇُڙيل- تڙ تيل آتن ڪي تازا ڪَيل،
جِيئن ڪَارا پنل بَرساتي بَدل، تِيئن پَونر پَنيا مَن موهن جا.

٢- نَڪ نين پِرون پيڪاني پَلَڪ، رُخ رُخسارن جا آفشاني جَهلڪ،
لالَئُون لاَل لَبن جي لاثاني چمڪ، سالم هوش ڪَري مَدهَوشن جا.

٣- گُل لوءِ هزار و لالا سَمن، اِنهي حُسن اڳيان ڪيو نياز نَمَن،
پَسي جوت جواني رَشڪ چَمن، چِڪيا چاڪ سُنبل سَرو وَسُوسن جا.

٤- اَعجاز عُشاقن خَاص اِها، ڪَئي پَاس پَسند آپياس اِها،
رَڪ شوق طَلب ۽ شَناس اِها، مَن مِلنَئي ڪَنهن بُل بوسن جا.

تلهہ: وَري سُهڻا ڪَر سينگار۔ ڏسان آچ ڪِيئن تو لڳين،
سينگار جي چَهرو ڏيکار۔ ڏسان آچ ڪِيئن تو لڳين.
آئون حُسن ڳوليندو آهيان۔ ڏسي حُسن ٻوليندو آهيان،
ڏي حُسن پنهنجي کي نِکار۔ ڏسان آچ ڪِيئن تو لڳين.

١۔ وَاھ جو تُهنين تو ويس اِنهيءَ سَان۔ لِبيس اِنهيءَ سان هُيس اِنهيءَ سان،
تُون گُلن ڦُلن کان سُرهو۔ تُون مُشڪ خَتن کان سُرهو،
تنهنجو وَنتو آتم هُبڪار۔ ڏسان آچ ڪِيئن تو لڳين.

٢۔ پَاڻ کي سُهڻا پَاڻ سَجائڻ۔ سُهڻو بَنائڻ برهہ بَچائڻ،
فطرت ۾ آ سُهڻا تُنهن جي۔ قُدرت ۾ آ سُهڻا تُنهن جي،
تَڏهن تہ ڪَيم هي آر۔ ڏسان آچ ڪِيئن تو لڳين.

٣۔ جيئن بہ لڳين تو خُوب لڳين تو۔ مَحبوب صَفا مَحبوب لڳين تو،
پوءِ چو نہ پائين آچ پَاڪر۔ اي پَردي حَياء جا پَيڪر،
لَڳ سيني سان ڏئي پِيار۔ ڏسان آچ ڪِيئن تو لڳين.

٤۔ تُنهن جي سِينگار جا تہ لک نَمونا۔ مُنهن جي نَظر ۾ سَپ بَرڪ نَمونا،
ڪِيئن تہ زُلفن کي آتئي سَنواريو۔ گُل دَستن کي آتئي مَاريو،
اَعجاز توتان بَلهار۔ ڏسان آچ ڪِيئن تو لڳين.

تلهه: وِسريو سَبق سُونهپ سَندا - مَحبوب کي هَمدم ڏنو،
دِلبــــر دِلاور دِلـــربــا - دِل جو ڏٺــي دَم دَم ڏنــو.

١- اي بي بَصيـــرت بيخبـر - بي دَرد وَاعظ مُحتسب،
جيڙين چو تو مُون مَست کي - کَر پَت پِرين پيهه ڏنو.

٢- سَارو جَنم سر تي رَهيس - ڦِيدي نرالي ڦيدسان،
آهڙا بَنيل پيچي پَکا - کَاکُل کُنيدا خَم خَم ڏنو.

٣- جَنهن يَار جي دَرشن جو هڪ - لَحظو لَهي تو لک پَدم،
سو سِر رَبي ساقي صَنم - پُر جَام پي جَم جَم ڏنو.

٤- هَر آڏو هَرکائــي شـئي - هـر سُو هـمـه هَردوجهـان،
اَعجاز حَضرت حُسن جي - غَمـزي ۾ هَردم گُم ڏنـو.

تلهه: جَڏهن مُرکيو نِهارين تو - تَڏهن مُونکي تون مَارين تو،
تولاءِ دِل اَگ دِيواني آ - تَنهن کي وِيتر تُون کَارين تو.

١- تُنهنجا مُرکڻ بہ مُونکي وَڻن - تُنهنجا گُهورڻ بہ مُونکي وَڻن،
تُنهنجي هَر گهتِ وَڻي وَاري - سِکڻ تون ئي سَيکارين تو.

٢- تُنهنجي چَاهه کَئي دِل چَري - مُونکي ويجهو تي ويهه وَري،
نَريو نَاهه اِنهي پيو نَران - جِيئن گهرو تي گهارين تو.

٣- تو وَٽ هَر ناز هَر هَر نَهي - کِيئن هَوش پوءِ مُون وَٽ رَهي،
وَجان آپي کان آئون نِکريو - آهڙو جَادو کو ڏارين تو.

٤- هُونئن تہ اَعجاز اَعجاز آ - پر اِهيان تو بَا نياز آ،
تَنهنکي حُسن تون پَنهنجي سان - سُهٽا مَارين ۽ جيارين تو.

پيهه: پاڻ ۾ گڏ

تلهه: مَحبوبن جي مُرڪڻ - نِهارڻ تان صَدقي،
دِلي پيار سان دِل - ڏُٺارڻ تان صَدقي.

١- سَندن حُسن جَلوي - سَاڙيون ڪئين سَريرون،
صَفا صَاف صُورت - سِينگارڻ تان صَدقي.

٢- ڪَجل وَاري ڪَاري - سَنهي ريهه سُهٽي
اکين جي اَڻن ۾ - بِيهارڻ تان صَدقي.

٣- چَئي قُم [1] بِاذِني - ڪَيئون قُرب ڪَيڏو،
مُئي دِل ڪي جَهٽ پَٽ - جِيارڻ تان صَدقي.

٤- مَٿن تَاج مُرصَعُ [2] - مُدامي تو سُونهي،
تُنهنجي تَاب تجلي - ڏِيکارڻ تان صَدقي.

٥- مَنجهان مِهر مَحبوب - تيڙا مُلاقي،
گهُونگهٽ گهُنڊ پَردي - اُتارڻ تان صَدقي.

٦- مليو يَد [3] يَزداني - هَلان تي يگانو،
اَعجاز اِن احسان - ڪَارڻ تان صَدقي.

(١) قُم بِاذني: اٿ منهنجي حڪم سان (٢) مرصع: جڙات ٿيل
(٣) يَد يَزداني: الله جو هٿ

تلهہ: مُرڪ سَچڻ جي غم سَڀ گَنوايا ـ حُسن چَوان يا بَهار چَوان.

۱ـ مُرڪ اکين ۾ مُرڪ لبن ۾ ـ مُرڪ اِها ئي آهي مَن ۾،
مُرڪ سَچڻ جي سَاري بَدن ۾ ـ مُرڪ چَوان يا وِچ جا وَار چَوان.

۲ـ قيد ڪَيائون ڪَهڙا نہ ڪَهڙا ـ قَيس صَنعان مَنصور جَهڙا،
پيچي وَار پرين جا اَهڙا ـ ڪَمند چَوان يا زُنار چَوان.

۳ـ آک جي نهار جيار وَاري ـ دِل اَندر جي ٺارڻ وَاري،
سُرت سُتير ڏيارڻ وَاري ـ آک چَوان يَا آڌار چَوان.

۴ـ سُهڻو سُهڻن کان هَتين پيرين ـ مَن موهيندڙ پيرين پيرين،
تَنهنکي اَعجاز چئي آئون هَر ويرين ـ سُهڻو چَوان يا سُهڻن سَردار چَوان.

تلهہ: مُنهنجو پِريمي جِيءُ ـ حَسين بَتن جو پَڪو پُوڄاري.

۱ـ جِيءِ پِريمي جَا پور پِريمي ـ پَهہ پَتا مَذڪور پِريمي،
سُنندي لَهيو وَڃي سِيءُ ـ هِن هُن جڳ جو هَر هَر وَاري.

۲ـ سُهڻا سُهڻا بُتڙا سيني ـ نَاز اَدائون تَن جون نيني،
ڪَمر نہ ڪَري پِيو هِيءُ ـ حُسن وَارن جي رُکو ٿات ٿاري.

۳ـ پَري رُخن جي پَاڇي هَاٿو ـ ڪَڏهن پَاڳل ڪَڏهن سِياٿو،
ڪَڏهن تہ جِيءُ قَويءُ ـ ڪَڏهن مُصوّر نَقش نِگاري.

۴ـ بُت گَر بہ جَن جي حَاضريءَ ۾ ـ سَت گُر بہ جن جي حَاضريءَ ۾،
تَن جي اڳيان جيءُ جيءُ ـ ڪِيئن نہ ڪندو اَعجاز آئي مَاري.

تلهه: مُنهنجي يَار جا سِينگار رُوپ نِکار نت نِيارا،
ڳَل حَسين جا مان رَنگين، موتي مَهين زيب آرا.

١- حُسن شَباب لاَجواب مُنهن مَهتاب عِزّ عالي،
جَلوو جَاهه کَلنگي کُلاهه نَظر نِگاهه لاَبالي،
آبرو عَين سي دِن رَين قَاب قَوسين جَا وَالي،
چِشم چُنبد گُهنبد کَاکل کُنڍ کُل کَارا.

٢- صُورت رَنگ وَهوا ڍَنگ دِلبر دَنگ تيو آهي،
بَان پيڪان سَاڻ نيشان چُڻ چنان چِت چَاهي،
تَک جَا تِيز بَا تَکبير ثَابت سير تو وَاهي،
کَجل کَات اکِيان مات عَاشق ذَات بَلهارا.

٣- مَستن جُهوم هُل هُجوم دَرشن ڏُوم دَرباري،
مَئي جي موج آوجان اوج صُحبت سوجهه سَرداري،
بِرهه بَحال بيمثال قُرب کَمال کَلتاري[1]،
نُوري نُماء بَرک بَناء مُشک حِنا هُبکارا.

٤- مُغانان پير مُبرّا[1] پير سُرها سَير ڍولڻ جا،
کِل مک کيل مَاٺا ميل ڳُڻ آکيل ڀَهڳڻ جا،
عَجب اَعجاز رَمزون راز اُلٽ آنداز ٻولڻ جا،
قَائم قول گُفتا ٻول پُرس پِرول پِرتيارا.

(١) کلتاري: ڏاتاري، شَهنشاهي (٢) مُبرّا: آزاد، صاف

تلهه: حُسن جي غمزي، نازِ نظاري، ڪُفر قبول ڪَرايو آ.

١- دِيس مَذهب وَارو دَفتر، دِيدُن دُور ڏَرايو آ.

٢- زُلفن جي وَر وَر وَنگي، وَحدت ڏانهن وَرايو آ.

٣- عِشق حُسن جي آتشبازيءَ، دَم اهوئي پَرايو آ.

٤- اِثباتي جَوش جُنون اَعجازؔ، پُور عَجيب پِرايو آ.

تلهه: ويهه مُنهن جي ويجهو تي - تہ پيار ڪي ڪَيئين،
ڳچي ڳَل ڳِراتين جا - هَار ڪي ڪَيئين.

١- مِلين مُونکي يَار تُون - ڪتي مَن نويڪلو،
چُمين جا پوءِ ان وَارائتا - وَار ڪي ڪَيئين.

٢- دِيد پَائي دِيد ۾ - پوءِ دِيد نہ چوراءِ تُون،
دِيد ڏي تہ دِلربا - دِيدار ڪي ڪَيئين.

٣- شَرط اِهو آ تہ رکو - مُنهنجو تي رَهندين،
اِقرار ڪَرين تُون بہ تہ - اِقرار ڪي ڪَيئين.

٤- تو بہ ڪَيا مُون سان پرين - بَار بَار ڪَئين،
اَڄ آئُون بہ سَچ چو نہ - آنگل آر ڪي ڪَيئين.

٥- اَعجازؔ چَوي مِلڻ جي - مَرضي جي ڏيکارين،
سَايا اکين جا بہ سَو - هَزار ڪي ڪَيئين.

تلھ: مُنھنجا جَانِ مَن- موهيس تُنھنجي مُرڪن.

١- سَنھڙا سُھڻا ڏَند مُصفا، لاڳ مُساڳ لَبن،
لَعل بَدخشان ڪَوثر مَرجان، مِصري نبات منجھن،
شَھد شَڪر ڪي شَھہ ڏني آ تُنھنجي شَفتينُن.

٢- نِيور ڪَارا وار يَنيا، پَونگِي پيرپِرُن،
چِشمن چَالا اُلٽا آويڙا، مُڙگان مَارو ڪَن،
ڳُجھڙيون مَيچون مَامُون تن جون سَالڪ ڪي سَمجھن.

٣- تُنھنجي بَدن جي بيھڪ سُونھڪ، لَيي نہ مَنجھہ لکن،
جيڪي پَوشاڪون پَائين تو، سي سَيئي توڪي سُونھن،
جَلوي تُنھن جي جَاني جُھڪايو، شَمس قَمر ڪَتيُن.

٤- اَعجاز ڪي تُنھنجي عِشق نِظاري آندو مَنجھہ اوجن،
نَين مِلائي مَست بَنائي، مَوج چڙھائي مَن،
دَم دَمن سان پيوند ٿيڙا، قِيامت سِين ءَ نہ ٽُٽن.

تلمه: ڪير آ جو هَوش ڏاري تُنهن جي جَلوَن ۾،
تُنهن جي تابش حُسن ۾ ۽ تنهن جي عِشوَن ۾.

١- حُسن پَنهنجي کان آجان تُون بيخبر آهين،
پَنهن جي عَاشق کان تہ پڇ تُون ڇا ڦهر آهين،
عُمر جنهن جي آڏو تنهن جي گُذري سَهوَن ۾.

٢- جيئن ڪَيا هِت تُنهن جي جَلون پيا بہ دِيوانا،
آئون بہ تن وَانگر قران تو ڳل پَڌيو ڳانا،
لِڪ مُونکي ۽ ليڪ تَن مَستن ۽ مَحوَن ۾.

٣- ايندو ڪِيئن آرام تَنهنکي، تُنهن جي مَحفل ۾،
تُنهن جي اکڙين جا چُين پيا تير جَنهن دِل ۾،
ڇا حَشر هُوندو انهي جو لَعب ولَحوَن ۾.

٤- هَوش کان فَارغ کيو اکڙيون مِلائي تو،
آهيان مَدهوش آئون اَعجاز چئي هِت پوءِ،
ڪيف تُنهن جي جو کُنل، ڪِيئن خوش تئي قهوَن ۾.

(١) سهو: چڪ، ڀل، غلطي

تلهه: سَڄڻ سُونهن پَريا سَاهه کي سِيباٽا،
موهيو تَن آ مَنڙو ڪَري مُرڪون مَاٽا.

١- ڪُنڊا وار ڪاري ڪُنڊا آبرو ڪارا- ڪُنڊا نيڻ ڪَجلا ڪُنيو نڪ ڪاپارا،
سَنهان سُرخ لَبڙا ڏَند موتي دَاٽا.

٢- سِيڻو ڪَر صنم جو ڪبوتر ڪان سُهڻو- سِڌو قَد سَرُو ۽ صَنوبر ڪان سُهڻو،
ٽِلڻ ٽور ٽهلڻ ڏِسي هَنجهه لڄاٽا.

٣- پَهري پاڪ پوشاڪ صَفا با صَبُوحي- هِٽي غَمزُون رَمزون رکي رَاز روحي،
آچي جِيءَ اکين ۾ آڏيا تن آڏاٽا.

٤- نيڻن جا نِظارا نَوان نِت لَآياسون- آنگل آر اَعجاز اکين تي چَاياسون،
بِنان نَاٽي حُسن دَر وَتڻون تا وِڪاٽا.

تلھ: گُل گُلابي گُل ڪَنول- گُل موتيو گُل آفتاب،
ھي تہ گُل پَرِيا بہ گُل- آڄ ڪونہ سَھندا تُنھنجو تاب.

۱- گُل نَافرمان نَسرين نَرگس- گُل نِيلوفر گُل نَسيم،
گُل شَاھُو گُل عِشق پيچو- گُل شَرم ۾ گُل شَميم،
رَات جي رَاڻي ھُجي- توڙي ھُجي آرنو عُناب.

۲- گُل چَندن چَوگرد چَمپا- گُل چَنبيلي گُل چُنار،
گُل ايلاچي آمون آرزن- گُل آنوپر گُل آنار،
رَشڪ ۾ رَيحان رَابيلو- جَل ۾ پَئي ويو جَاءِ آب.

۳- گُل بِنَفشو گُل بَادامون- گُل برگ گُل مُشڪ بَيدُ،
گُل سَنياسي سَرُوسُوسن- گُل سُنبل گُل سَر سُفيد،
سَمن لالہ تَئي سَلامي- جي ذَرو کولين نِقاب.

۴- گُل گُولاڙو ڇَاھي گُوني- گُل گينبو گُل گِلاس،
گُل دائودي ڇَاھي دوسر- گُل دوپھرو ڇَاھي دَاس،
ڇَا ھَزارو ڇَا حِنائي- ڇَا سَندءِ شُعلو شَباب.

۵- ھِن گُلن غُنچن ۽ گُلشن- کي سَڄڻ گھايُئي گھڻو،
لَعلون شَمعون قَمر ڪَتيون- شَمس شَرمايُئي گھڻو،
پَاڻ پَنھنجي حُسن جو- اَعجاز ڇئي ڪَر ٿُون حِساب.

تلھ: رُخ تنهن جو آرَشڪِ[1] چَمن مَنا - گُل گُلاب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس،
آفتاب[2] هجي ڪٿي ڪيئن بہ ڀلا - آفتاب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس.

١- هي لال شَمع هي لاَل آگن[3] - هي لَعل مَوتي هي لاَل ڪُندن[4]،
هن حَسينن جو جَلوو تاب تہ ڇا - پر ڪو تاب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس.

٢- رخ آئيني اڳيان نِروار تہ ڪَر - پنهنجي ديد سان پنهنجو ديدار تہ ڪر،
پرين پنهنجو آهين مَٽ پاڻ سَدا - ڪنهن جو آب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس.

٣- ڪَهڙو ضرور مونکي جو مئيخان پڇان - ڪاهي دُور ڪَلالڪا[5] دُڪاڻ پُڇان،
تنهن جي نيڻن ۾ مستي ئي مستي آ - پوءِ شراب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس.

٤- گُل نار، چُنار، انار، ڪنول - سدا بهار سَروُ سينگار سنبل،
لالا، ليارِي، هزارِي، هَرنو حِنا - ۽ عُناب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس.

٥- اَعجاز چوي پوٿي[6] پران هجي - توڙي توريت انجيل قرانِ هجي،
تہ بہ تنهنجو قسم اي ماھ لقا - ڪو ڪتاب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس.

(١) رشڪ: ريس، حسد (٢) آفتاب: سورج، سج (٣) لال اگن: ڳاڙهي باھ
(٤) لال ڪندن: ڳاڙهو سون، اصل، نج (٥) ڪلالڪا: شراب وڪڻندڙ
(٦) پوٿي پران: هندن جي عقيدي جا ڪتاب

تلهه: جَهالر ۽ جُهومڪ- پَاتم تُنهن جي پيار لاءِ.

١- بُولو بَينسر آلي عَجائب- نَٿ نِجي مَنجهه نَڪ- پَاتم تُنهن جي پيار لاءِ.

٢- پَيش جي دُهري پُتلي وَاري- هَس ڳُلي نَازڪ- پَاتم تُنهن جي پيار لاءِ.

٣- جَهاپا جُهوڙا هِن تہ سڳن ۾- ڦُل ڪَنول ڪيتڪ- پَاتم تُنهن جي پيار لاءِ.

٤- ڇِلا مُنديون وَيڙهه وِينبو ڏِس- ٻَانهين ۾ لائي ٻهڪ- پَاتم تُنهن جي پيار لاءِ.

٥- ٻَندڙا نُورا پَونچي ڇيريون- پيرين پَلپل پَڪ- پَاتم تُنهن جي پيار لاءِ.

٦- گهرو گُلابي وَيس وڳو هي- سِر سِنڌي اَجرڪ- پَاتم تُنهن جي پيار لاءِ.

٧- هَار سِينگار سُونهن تُوسان- تو ۾ ئي آهيم تڪ- پَاتم تُنهن جي پيار لاءِ.

٨- حَق اَعجاز چَئي حَق آهين تون- ڪَهڙا ڪَرين تو شڪ- پَاتم تُنهن جي پيار لاءِ.

تلهه: دِلربا دِلبر ڏنم بلڪل ڏِنم- ڪونہ تُنهن ڪان ڪو بہ سُهڻو گُل ڏِنم.

١- حُسن جي آهَر خِطي جو هو نَواب- حُسن ۾ هُن سان نہ ڪو تُل مُل ڏِنم.

٢- عَاشقيءَ جي ڏَانءَ جَهڙو آ حَسين- سَانوليءَ صُورت وَارو سَانول ڏِنم.

٣- هُت تِلي هو چَال چَنچل مَوهڻي- هِت سَندم دل قُربان قُربان ڪُل ڏِنم.

٤- دِيد دِلبر جيءَ ۾ ڪَاجا دِل ڪَشي- دِيد تنهن لاءِ ڪَئين، دليون بي ڪَل ڏِنم.

٥- عَاشقن جي رَاءِ ڪي تَسليم ڪر- مَن رُبا مَحبوب جو نَامُلهه ڏِنم.

٦- رَمز هِڪ ئي سَان ڇَڏايئين جڳ ٻئي- پَاڻ ڪي پَت ڪان پَري پَهتل ڏِنم.

٧- ڪَالهه نيو منصور ڪي جنهن دَار تي- اَڄ بہ سو اَعجاز چَئي ڪَاڪُل ڏِنم.

تُل مُل: مَٽ برابر

تلهه: سَيني سُهڻن ڪَان- تُون سُهڻا سُبڪ[1]،
ٻين جي سَاري عُمر- تُنهنجو هِڪڙو پَلڪ.

١- اِهي نيڻ ڪَني جن ڏي نِهارين تُون- مُنهنجا مُحب مِنا تَن کي مَارين تون،
چڙ سِلح[2] سِپاهه کو ڏارين تُون- توسان حُسن تُنهن جي جو آشاهي ڪٽڪ.

٢- سُهڻا تُنهنجي سُهڻائي جو ڇيهه نه ڪو- وَاندو تُنهن جي وَاڪاڻ ڪان ڏيهه نَه ڪو،
آيو توجِيئن لائي رَنگ رَيهه نه ڪو- پَهريو سِرتي عَجب تو پوش دلق[3].

٣- تُوسان هِڪڙي گهڙي جي گهاريندا- توکي ڪين وري سي وِساريندا،
سَاريو سُونهن تنهنجيءَ کي سَاريندا- آهڙو جَاني آتئي ڪو جَلوو جَهلڪ.

٤- نَه گُلاب نه نَرگس پَارن ۾- نَه ڪي شَمس قَمر نه سِتارن ۾،
نه ڪَنهن جَام نَڪي مَئي خُوارن ۾- تُنهن جي نيڻن جيئن نَشو نُور نَمڪ.

٥- تولاءِ سِڪن تا بَلخ بُخارا جا- ايران عَجم اِسمارا جَا،
توکي سَارين سِند سُڏارا جا- توتان آهي فِدا هَر ماڳ مُلڪ.

٦- تُون حَاڪم حُسن جَمال سَندو- تُون صَاحب قُرب ڪَمال سَندو،
تُون حَاذق مَحرم حَال سَندو- تُون لَعل لکن جو لکن ۾ هِڪ.

٧- جَڏهن نينهئون نظر تو نگاهه ڪَئي- تَڏهن لَئون لَئون ۾ تُنهن جي چَاهه پَئي،
تي هڪ هيڪڙائي پوءِ وَهواهه وَئي- آئون تُنهنجو اَعجاز ڇئي تُون مُنهنجو ڍَڪ.

(١) سبڪ: نفيس، نازڪ (٢) سِلح: هٿيار (٣) دلق: پوش

ٿلهه: بُوالعَجب بَهتر صَنم اَعجاز جو. خُوبرو خُوشتر صَنم اَعجاز جو.

١. يَا فَرشتو يَا فَشونگر⁽¹⁾ يا وري، آ پَري پيڪر صَنم اَعجاز جو.

٢. بِرهه وَاري بَانگ تي بَاغ و بَهار بِرهه ۾ بَرسر صَنم اَعجاز جو.

٣. سُونهن صُورت سَانوليءَ سان سَر بَسر، سَرَوَقد ڪُونئر صَنم اَعجاز جو.

٤. مَست نَظرن سان رکي ٿو مُرڪيو، موهه جو مَنتر صَنم اَعجاز جو.

٥. چَنڊ چوڏهينءَ جو نه ٿنهنڪي چَئو چَريا، چَنڊ کان بَرتر صَنم اَعجاز جو.

٦. دِل فُريندڙ نَاز وَارو دِلربا، دِلنشين دِلبر صَنم اَعجاز جو.

٧. زُلف جي زَنجير سان ظَاهر ظَهور. زَور آ ذَر ذَر صَنم اَعجاز جو.

٨. پيچ پَائڻ ۾ به آسو پيش پيش، هَر لمحه هَر هَر صَنم اَعجاز جو.

ٿلهه: مُنهنجو يَار سچو سَدا وَسٿو. هَر حَال هَميشه هَسٿو.

١. رَنج رُسامي کان پَاڪ پَاڪيزو. نَاهه ڪَنهن ڪَنهن کان نَسٿو⁽²⁾.

٢. نَيڪ بَد کي هِڪ نَظر سان. جَهاتي پَائي پَسٿو.

٣. بَس بَس وَاري بَات نه ڄَاڻي. حَد بيحد ۾ بَسٿو.

٤. آهي اَعجازا کَهڙو ڪِتي سو. نَاهي اِهو ڏَس ڏَسٿو.

---

(١) فَشونگر: جادوگر (٢) نسٿو: ڀڄٿو، لڪٿو

ٿلھ: اسين حُسن ٿُنھنجي جا نقاش- آسان کان حجاب نہ ڪر،
جِيئن جَلوه نما تون ٿيندين- تِيئن نَقش ٿي دِل تي وِينديِن،
آھيون رَشڪِ بُت تراش- آسان کان حِجاب نہ ڪر.

١- رُخ تان نقاب کي تورو مَتي ڪَن- نَظرون مِلائي ڪَرڪو مُرڪَڻ،
يَلي آھڙي ناز و اَدا ٿِئي- يَلي شَورش بِرھ بَپا ٿِئي،
آتئون طَلبِ اھائي تَلاش- آسان کان حِجاب نہ ڪر.

٢- آسين نہ ڪيميا گر آسين نہ ھيراگر- آسين نہ سيم و سون سَوداگر،
آسين حُسن پَرستِ ديوانہ- آسين نيڻ ڏاريون عَاشقانہ،
وَتون پِرت ۾ تيو پَاش پَاش- آسان کان حِجاب نہ ڪر.

٣- زُلف ڏِناسون آبرو ڏناسون- نيڻ تو وَارا نئين رُوءِ ڏناسون،
رُخسار گُلابي گُلابي- لَب لاَل لُعابي لُعابي،
ٿُنھن جي ذَقن[1] ڪَيو پُر بَاش- آسان کان حِجاب نہ ڪر.

٤- پيرين ھَٿين تون موتي دَاٿو- تَڏھن تہ نَھي تو ٿُنھنجو ماٿو،
توسان حُسن جو لَشڪر شَاھي- توسان حُسن جي آھمراھي،
توتي مَست آسين بي تَحاش- آسان کان حِجاب نہ ڪر.

٥- ٿُنھنجي شَباحت حُسن و مَلاحت- روز اَعجاز جي رُوح جي رَاحت،
توکي سَيئي ٿا سينگار سُونھن- توکي مُنھن تي مُنگھٹ[2] مَلھار سُونھن،
ڪيڏو سُھٽو آھين تون ڪَاش- آسان کان حِجاب نہ ڪر.

(١) ذقن: کاڏي جو گھب (٢) مُنگھٹ: موڙ سھرو

تلھ: ذَرِ ذَرِ ۾ پَاءِ جَھاتيون، ظَاهر نہ ٿي پَوان،
جَلون کان ٿُنهن جي هَرِ هَر - حَاضر نہ ٿي پَوان.

۱- رَمزون آدائون ٿُنهنجون، ڏسي ڪَافرانيون،
ڪَعبي کان مُنهن مَٽي ڪِٿ ڪَافر نہ ٿي پَوان.

۲- صُورت سِينگاري سَاري، سَراپا نہ بِيهُ کُلي،
مَتان دِل مُنهن جي کُلي پَوي، شَاعر نہ ٿي پَوان.

۳- جَنهن ڪَنهن جَهروڪ جَاري، دَري دَرِ مان ڏسجين پِيو،
صُوفي جي خِيال وَانگي، مُتاثر نہ ٿي پَوان.

۴- لَوڪئون لِڪاءِ پاڻ کي، مُونکي بہ ڏي لِڪڻ،
نَاتي تنهن جي سَان جڳ ۾ نِشانبر نہ ٿي پَوان.

۵- توسان آچي آلاجي، اکيون ڪِيئن آڙيون هِتي،
دِلبر وساري ديس، مُسافر نہ ٿي پَوان.

۶- ڪَرِ ڪين ايڏو مَائل، مُونکي تُون پَاڻ ڏي،
دَرِ دَرِ تنهن جي ڏِسڻ لاءِ، گداگَر نہ ٿي پَوان.

۷- سُهڻا سَجڻ تُون مُون ۾ سَچو جي سَمائبين،
ڪَنهن دِيدوَر عُشاق جو، دِلبر نہ ٿي پَوان.

۸- هَرِ هَنڌ پَنهنجي حُضور جو، شاهد مُونکي نہ ڪَر،
وَاعظ جي حَدِ حساب جو، مُنڪر نہ ٿي پَوان.

۹- جِيئن جِيئن مون ڏي نِهارين ٿو، تِيئن تِيئن ٿيان ٿو مَست،
مَستي ۾ ٿُنهنجي مَئي سَندو، سَاغر نہ ٿي پَوان.

۱۰- هَر بَات ٿَات جَهات ۾ اَعجاز ڇَئي ملي،
تُون مُنهنجو آئون ٿُنهنجو، سَجڻ سِر نہ ٿي پَوان.

تلهہ: اَچ تہ ڀَاڪر پايون - دِل چو سِڪايون، سِڪ چو لِڪايون.

١- مَوج مِلڻ جي مُحب مِٺا من - مِل تہ مِلي هِت مَلهايون،
رُوح چو رُلايون، تَن چو جَلايون.

٢- جو سيني رِيء ڪين رَچي سو - سيني لڳي رَنگ رَچايون،
پَهہ چو پَچايون، ٻُل چو ٻَچايون.

٣- ڳَل ڳِراتيون ڀَائي ڏاڍيون - پَلپل پِيار وَڌايون،
هُجن چو جُدايون، ڪَجن چو گڏايون.

٤- جَذب تي هِڪ ٻئي جي جيء ۾ - هڪڙي جَان سَڏايون،
ڪَر چو گڏايون، پَر چو پَڏايون.

٥- ٻک پِيٽا ءِ ڀَاڪر ڀَريون - ڏَچ مِٺين جا ڏَچايون،
لَئون چو لَچايون، ڍِنيون چو هَچايون.

٦- ڳَالهہ اَعجاز چَئي حَال جي ڳَايون - مَاضي قِبل مِٺايون،
مُنهن چو مَٺايون، حُب چو هَٺايون.

تلهہ: تُنهنجي رَمز عَجب مَت وَاري آ،
نِت نئين سِچ نَئين سَانياري آ.

١- تُنهنجي رَمز رکي سڀ مَعنيٰ ٿي،
جن مَعنيٰ کيڏي وِيا سي دِيوانہ ٿي،
رَهيا عَام نَظر ۾ بيگانہ ٿي، نہ تہ سُڌ اُنهن سڀ سَاري آ.

٢- تُنهن جي مَخفي اِشارن کي مَخفي رکڻ،
سِک صَبر جي سَراپا آلفي ڍکڻ،
حَق سَچ نہ ڇوڙ حَق تَلفي کرڻ، اِها پَاڻ سَان پَاڻ غَداري آ.

٣- بي عَيب کي عَيب وَارو کَيُئي،
تَنهن کان پوءِ تنهن کي رَاز دارو کَيئي،
سَچو فَعل خِضر جو سَارو کَيئي، سُرکي آبِ حَيوان پوءِ تو پِياري آ.

٤- تُنهنجي رَمزن غَمزن کي سَمجهي سو،
جَنهن پيچ پاتو هُجي توسان پَکو،
سو تيو پاڻ مَدينو پَاڻ مَکو، اُهو پَنهنجو پَاڻ پُوڄاري آ.

٥- جُداگانہ اَعجاز سان نَاز تُنهنجا،
جُداگانہ رَاز نِياز تُنهنجا،
مَحبوب مِنا آغماز تُنهنجا، دِل عَاشق لاءِ دِلداري آ.

تلھ: ڀَانُھونِ ڀيئين اي دِلبر- هَر هَر ٻِنا چَئي،
جيڪر مُون سان ڪلين مِلين- هيڪر ٻِنا چَئي.

١- چَورائين پيار ۾ تو- تُون ڀَاڻھي نَتو ملين،
مِل مَھ لَقَا مِنا تُون تہ- آڪثر ٻِنا چَئي.

٢- مَرغوب مُونکي تو ڪَيو- مَاٺا ڪَري ڪَري،
تُنھنجو ٿَڏھن ٿيس تہ- او دِلبر ٻِنا چَئي.

٣- يَاريءَ ۾ دوستيءَ ۾- مَحبت ۾ هيئن ٻہ ڪَر،
ڪَنھن جو چَيو ڪَرين تہ- چَيو ڪَر ٻِنا چَئي.

٤- جي بِرھ آتُون پيڙو- تہ پوءِ ڪَنھن جو ٻئو ڪَئو،
ڀَرڻا ڀَون تہ ڀَرجن- ڀَاڪر ٻِنا چَئي.

٥- عَاشق آول آول تُون- مُناسب ٿَڏھن ٿيم،
تَوسان ئي پيچ ڀَايان- ڀَايان ڀَر ٻِنا چَئي.

٦- چورين نَڪي تُون چيڙين- تہ ٻہ زُلف تُنھنجا ڏس،
وَاسينگ جِيئن وِجھن- چِڙيو وَر وَر ٻِنا چَئي.

٧- آ مُنھنجو چڙھيل شَوق- اَجان تُنھن جي مِلڻ تي،
مِلندين تہ مِلندو سَئين- گھوري گھر دَر ٻِنا چَئي.

٨- دِل کي اَچي تون آوٽيون- آھڙو جو ڇَا چَوان،
پِيو موھِہ موھِہ- تَا مَحشر ٻِنا چَئي.

٩- جوڀَن کي حُسن جوت کي- مَوسم بَھار کي،
آ ٻي حِجاب ٿيٽو تہ- آخر ٻِنا چَئي.

١٠- پيو ڪِل سَدا ۽ ڪَڻ سَدا- اَعجاز ڏي اڪيون،
جيتر هُجي حَيات تہ- تيتر ٻِنا چَئي.

(١) مرغوب: دل کي وڻندڙ، رغبت، موهيندڙ

تلهه: مُنهنجي مَارڻ خاطر پَاتيون - سَچڻ جَهاتيون چوري چوري،
ڪَيائين ڪَار ڪَاسائِڪي - ڪَئي ڪَاتيون چوري چوري.

١- بَنائي بيخبر مُونکي - ڍَکي نِتُ بُوالعجب بُرقعو،
بِرهه بَاهيون لکي لاَئڻ - آچي لاتيون چوري چوري.

٢- ڪَنَاريون پَرِپرن وَاريون - سَجڻ ڌَاريون ڌَاڙي خَاطر،
چُرن کان سي وَهن چوهيون چِنن چَاتيون چوري چوري.

٣- ڪِتي آهي ڏَسيو مُونکي - مُنهنجي دِل جو ٺَهري ٿَاتل،
ڳوليُم تَنهن کي سَارا ڏينهڙا - سَاريون رَاتيون چوري چوري.

٤- پَسائي پاڻ پَهرين پوءِ - ڪَيَئين پَرهيزءِ پَاسو،
ڪَري اَعجاز مَن وَاريون - مُلاقَاتيون چوري چوري.

تلهه: تُنهنجي جوبَن جادو لاَيو - لَڳي حَيرت حَيرت.

١- تُون يَار سَراپا سُهڻو - آهين ڳُلِ ڳِچيءِ جو ڳهڻو،
اَصل عوشاقن کُهڻو - سُهڻي صُورت صُورت.

٢- تُنهنجا زُلف زوراور زَنگي - آهن آبرو ڪَاتِ فِرنگي،
تُنهنجا نين نِهايت نَنگي - وَاهه خَصلت خَصلت.

٣- لَب ڪَوثر مَرجان اَحمر - ڏَند هِيرا موتي گوهر،
کِلي گهايُئي تِن سان دلبر - وَڌي مَحبت مَحبت.

٤- اَعجاز عَلي سان يَاڪي - ٿي مَخفي مُحب مُلاقي،
سَردار سُونهارا سَاقي - وَند صُحبت صُحبت.

ٽلھ: پيار وَارا پيار ٽُنھنجا وِيا وَٽي - بَا وَصل وَھنوار ٽُنھنجا وِيا وَٽي.

۱- پيچ تـو وَانـگي نـہ پَاتـا ڪَنھن وَري - پيچ پُختـا يَار ٽُنھنجا وِيا وَٽي.

۲- جي آچيـو بَانھن جو پَائين سي ڪَمند - دِل گُھريا دِلدار ٽُنھنجا وِيا وَٽي.

۳- وَنگ وِجھين تـو وَصل جا وَاريو ڪِتان - وَاھ ھِي اَختيار ٽُنھنجا وِيا وَٽي.

۴- قُرب ۾ اِنڪار ڪُجھہ اِقرار ڪُجھہ - ڪُجھہ تہ ڪي تَڪرار ٽُنھنجا وِيا وَٽي.

۵- بِرھہ ٽُنھنجي سَاڻ آھيان بَاغ بَاغ - بِرھہ ۾ سَڀ بَار ٽُنھنجا وِيا وَٽي.

۶- حُسن ۾ تو پَارين ڪو مُشڪل ھُجي - وَصف سَڀ وِينجھار ٽُنھنجا وِيا وَٽي.

۷- ڪُنڍڙا ڪُنڍڙا ۽ سُگَنڌڙا مُشڪ بَار - ڪَارا ڪَارا وَار ٽُنھنجا وِيا وَٽي.

۸- مُند شَبابي مَند گُلابي تـوسان گَڏ - توسان گَڏ ھُڪار ٽُنھنجا وِيا وَٽي.

۹- سُھڻا جن سان ٿِين تو ويتر سُھڻو ٿُون - سي صَنم سِينگار ٽُنھنجا وِيا وَٽي.

۱۰- رُخ ۽ رُخسارن مَٿان عرقِ بھار - حُسن ۾ مَعيار ٽُنھنجا وِيا وَٽي.

۱۱- سَنھڙا سَنھڙا نَرم نَازڪ ۽ لَذيذ - سُرخ لَب سَرڪار ٽُنھنجا وِيا وَٽي.

۱۲- اي خِرامِ نَاز دِلبر دِلربا - پُرسڪون پَلتار ٽُنھنجا وِيا وَٽي.

۱۳- اَلڙپاني عِشق ۽ اَنداز سان - اَلڙپانا آر ٽُنھنجا وِيا وَٽي.

۱۴- رَمز ڏَاڍي ٿَا رکن اَعجاز چَئي - گُفتا گوھر بَار ٽُنھنجا وِيا وَٽي.

(۱) وينجھار: سياڻو، چالاڪ

تلهه: رُخ تہ سَجڻ جو رَنگين - رُوح پَتنگ پَروان مُنهنجو.

١- سُونهن صُورت جو سَلامي آهيان، ڌَرم نہ ڇاڻان دِين، دِيد طرف آڌيان مُنهنجو.

٢- غمزي حُسن جي مَست بَنايو، موهيو مَاهه جَبين، سِر تہ ڪَيئين نيشان مُنهنجو.

٣- ڪَجل سُرمان ڪَوڏئون پَايو، ڪوني ڪَنڌجي ڪَپين، تَن اکين ۾ آستان مُنهنجو.

٤- سَير پَسند سَيلاني بَنجي، وَاريم عِشق آمين، اَعجاز اهو ايمان مُنهنجو.

تلهه: دِلبر دِلبر، پيارو پيارو، يَار مُنهنجو دِل وَارو تُون،
سُهڻو سَاتي سَهارو تُون.

١- حُسن جو پَرور، عِشق جو پَيڪر، سُخن وَفا جو سَائين،
نِينهن نَئين سِڄ مُون سان نَئون تو نَازڪ لَائين نِيائين،
مُرڪئي مُک سان، وَصل جي وِک سان، هَلڻ ڏيکارين هَزارو تُون.

٢- عَجب اَدائون تُنهنجون سُهڻا، عَجب اشارا عِشوا،
جوين وَاري جَادوءَ سان وَري، جِيءَ بَند تُنهنجا جَلوا،
ويس رَنگينا، ڳَل نگينا، پَايو لڳين تو پيارو تُون.

٣- مَست نِگاهون تُنهنجون مُونکي تيون، مَست و مَست بَنائن،
حَال حَقيقت وَاري مُلڪ تي، رَمزن سَاڻ رَسائن،
پَاڻ پَسان تو، تَوکي ڏِسان تو، مُون ۾ سَمايل سَارو تُون.

٤- حُسن وَارا تہ هَزار هتي پر، تُنهنجو اَنداز نِرالو،
مَعنيٰ مَام رکي تو منڙا، تُنهنجو هَرهڪ چَالو،
اَعجاز جي اَنگ ۾، رُوپ ۽ رَنگ ۾، جَڳ کان آهين نِيارو تُون.

تلھ: ڪيم دِلدار دِلبر جا۔ عَجب دِيدار دَم دَم دَم،
رُخ اَنوار جا جَلوا۔ ڏِنم جَهلڪار جَهم جَهم جَهم.

۱۔ سَنواريل وَار سُھڻل جا، عَجائب رُوپ رَنگ ڍَنگ سَان،
وِچھن ھَر وار وَر وَرسي، تہ خُوشبوءِ دَار خَم خَم خَم.

۲۔ جنبش سَان آبرو جَانب جا، رڱيو ميدان ڪَن ڳاڙھا،
اُتي تي ڏَار ڏَڙ سِر ڪان، رِندي رَفتار رَم رَم رَم.

۳۔ نِھارڻ سَاڻ نَازڪ جي، چَڙھيا نيڻن نَشا نِينھن جا،
جَا لارا جَام پِياريئون پُر، تہ جَھڳ مڱدار جَم جَم جَم.

۴۔ سَچڻ جي حُسن صُورت جو، نِظارو آڪبري حَج آ،
ڏِنم مَنتار مَن مُھٽو پيتم چَڻ يَار زَم زَم زَم.

۵۔ سَندي مَحبوب جا ثَابت، ڳَايان ڳُڻ سَاز گُرسُر سان،
مِلائي تَار تَن مَن جي، ڪَريان چِمڪار چِم چِم چِم.

۶۔ ھَميشہ ھيڪڙائيءَ سَان، نَظر اَعجاز ڪَر ھَر جاءِ،
پرين اِظھار آجِت ڪِٿ، نَميو ھَروَار نَم نَم نَم.

تلهه: آهيان آئون تہ هَر هَر - مَوهيو دَمِ مجازي،
لِکان چو چُپان چو - کَندو چَا مُون قاضي.

١- سَچن سَالڪن آ - ڪَئي آهڙي دَعويٰ،
عُشاقن جي آهي - اِها عَين شَيوا،
مِجازي سَواءِ آ - ڪَنن حَقيقي بَازي.

٢- پَسڻ سُونهن خَاطر - پَسان سُونهن وَارا،
اَصل ڪان سي آهن - وِندرِ ورونهن وَارا،
ڏِسو جانچي جيڏيون - قَبل حَال مَاضي.

٣- مَتان مُنهنجو پَانيو - هي فَاحِش فَسانو،
ڏِسڻ سَان ڏِسي مُون - ڏِنو ڏَس رِندانو،
حُسن سَاقي سَمجهو - مُلڪ سَارو پَازي.

٤- آدب عِجز آعجاز - ڪَري سَاڻ هَردم،
پريمي پَٽ پرينءِ سَان - پَائي پيچِ پيتم،
وَراڪي وَصل ۾ - ڪَيم رُوح رَاضي.

تلھ: ڏَاڍا ڪَرين تو دلبر، مَاٺا جڏھن ڪَڏھن،
ڇو تو ڪَرين ٿُون مَاٺا، نہ ڇَاٺان جڏھن ڪَڏھن.

۱- جِيئن تو ڪَرين ٿُون مَاٺا، جي آئون بہ تيئن ڪَريان،
مِنتون ڪَرين پوءِ شَايد پَاٺان جَڏھن ڪَڏھن.

۲- ٿُنھن جي مِلڻ جا پُور، نَئين سِڄ مُون وٽ نَوان،
پَر ٿُنھن جي پِيار ريءَ سي، ويڳاٺا جَڏھن ڪَڏھن.

۳- ٿُنھن جي ڪَري ئي مُنھنجا، ھَزارين رَقيب ٿيا،
اُپڙي نَٿا سگھن پر، ڪَاٺا جَڏھن ڪَڏھن.

۴- دُشوار تو ڙي آھن، پِيارا ٿا ٿہ بہ لڳن،
مَاٺا ۽ عِشق جا ھِي اُلاٺا جَڏھن ڪَڏھن.

۵- ڪيڏا ڏِنا تو ڏُک، ٿہ بہ تو ڏِي ڪليو ڪَٺان،
ھِي نيڻ آلا آلا، نِماٺا جَڏھن ڪَڏھن.

۶- ٿوري بہ مُنھن گُھنجائڻ، ٿُنھنجي سان دلرُبا،
روئي پُسايا مُون تہ وِھاٺا جَڏھن ڪَڏھن.

۷- دِل جي چَمن ۾ ٿنھن جي اُميدن جا گُلِ ٽڙي،
بي ياس بَنجي ڪُوماٺا جَڏھن ڪَڏھن.

۸- موسم بُھار جا بہ اَبر آسمان ٿان،
تو لاءِ ٿي مَاندا، اُڪاٺا جَڏھن ڪَڏھن.

۹- ھِن منھن جي حالِ دل ڪي، سَدائين بُڌيو سُٺيو،
ٿَاريو ڇڏين اي سُھٺا، سِياٺا جَڏھن ڪَڏھن.

۱۰- مِلندو بہ آھين اَڪثر، اَعجاز سان مِٺا پَر،
مِلندي ڪِلندي تو رُسين، پَاٺا جَڏھن ڪَڏھن.

ٿلهه: دوست پرين دلدار يار - ماٺا ڪري ڪين مار مُين کي.

١- مَن تہ اڳيئي آهي موهيو تُنهن جي - صُورت سُونهن سينگار يار.

٢- مام ملڻ جي مُرڪي ملائج - جانب جيءَ جيار يار.

٣- قُرب ڪمائڻ ڏي تُون ڪُنل کي - قُرب ڪري قُربدار يار.

۴- سر اڏيءَ تي اصلئُون آهي - پيالو وصل جو وار يار.

۵- اندر اعجاز جو نارِي نارج - جلوا ڪري جنسار يار.

ٿلهه: لڳين ٿو پيار جي قابل، پلي محبوب ماٺا ڪر،
موهي آ تو ڪيو مائل، پلي محبوب ماٺا ڪر.

١- ستمگر تي بلاشڪ ٿي، اکين تي سَپ ستم تُنهنجا،
ڪانهي ڪا ڳالهہ هي مُشڪل، پلي محبوب ماٺا ڪر.

٢- لڳائي جان جي بازي، سهائي سِر بہ اي سُهڻا،
هميشہ لاءِ ڪَئِي حاصل، پلي محبوب ماٺا ڪر.

٣- آڙي ها پاند ڪپڙي جو، چني ٿاڙي ڇڏايان ها،
مگر تو سان آڙي آدل، پلي محبوب ماٺا ڪر.

۴- سيئي نياريون آئي رمزون، سيئي ٿو ناز تون چاٺين،
سراپا آهين بَس قاتل، پلي محبوب ماٺا ڪر.

۵- تُنهنجو آهيان تُنهنجو آهيان، نہ بي ڪنهن جو ڪڏهن آهيان،
گهڙيءَ پل ۾ آئون گهائل، پلي محبوب ماٺا ڪر.

٦- ڇوي اعجاز هٿ آهن، هزارين پيا بہ سُهڻا پر،
هٿان تُنهنجي ٿيس بسمل، پلي محبوب ماٺا ڪر.

تلھ: نماڻن سان مِنٿا محبوب ماٺا ڪيم ڪر،
گھنڊ ۽ گھورون وِجھي، مجبور سياڻا ڪيم ڪر.

١- اي سُونھن جا سردار تو، لڪين آھن سزاوار ڪيا،
مِصر وارو مِثال ڏس، بِن مُلھہ وِڪاڻا ڪيم ڪر.

٢- ڪنھن نہ ڪنھن وجھہ سان پرين، قُرب وارا پيو ڪُھين،
گھر ڇڏائي تن سندا، ڳر بر وڃاڻا ڪيم ڪر.

٣- رمز ٿُنھن جي روز نئين، اعجاز توکي ڇا ڇوي،
رندن پُنيان رڻ رُلائي، سند ساڻا ڪيم ڪر.

تلھ: ھيئن نہ ڪر محبوب ٿون ھيڏا حِجابڙا - نينھن نٿو مُنھنجو سھي نيڻين نقابڙا.

١- دِل تي ڇوي دِلدار ٿُنھنجو رُخ وري پسان - نامِ مولىٰ نروار تي ھِي مچ مُحابڙا.

٢- گڏ گُلابي نين ھئي، گھونگھٽ گھنڊ ڪئي - ڪھڙا ڪرين تو مُنھن ڍڪي آزنگ عتابڙا.

٣- ھِي جيرا جگر جاني جِند جان ٿُنھن جي آ - ماس ھڏ ڪوري ڪپي ڪر قيمان ڪبابڙا.

٤- اعجاز ڇئي آئون آھيان گھايل تہ تو سندو - مِل تہ مرڻي غم لھن مِنڙا مھتابڙا.

تلھ: ٻَھانءَ نہ ڳول - ٻَھانءَ نہ ڳولُ،
آتئي مُون سان - مِلڻ جو قَول.

١- وَچَنُ وسارڻ آوَڙ نہ وَڙيتن - سَمن تي سَھڙڻ، ڪَم آ سُچيتن،
ڪَر پُورو ٻَتل پَنھنجو ٻول.

٢- اِنهن ئي ٻَھانن چَريو بَنايو - اَڄ نہ سُياڻ جي عَرصن مُنجھايو،
وَڌي ھينئڙي ۾ ويو تُنھنجو حَول.

٣- ايڏو پَلا ڇو دور رَھين ٿو - مُنھڙو ڏيکاري مَستُور رَھين ٿو،
ويجھو ويھي وَري گُھونگھٽ کَولُ.

٤- پيچ اَعجازَ سَان پَاٿو پُوندءِ - نيٺ تہ نَاتو نِپائڻو پُوندءِ،
ڇَڏ تُون پُلڄڻ وَارو پول.

تلھ: انڪار وَاري ڇَڏ نَاز و اَدا - ڪَرِ هَا تُون ڪٿي، مُون ڏي آ تُون ڪٿي،
هَٿي نَعرو نِسنگ اَڄ نسري صَفا - ڪَرِ هَا تُون ڪٿي، مُون ڏي آ تُون ڪٿي.

١- هڪ پيرو مُونسان مل مَاٺا ڇَڏي، دل سَان دلارا دل تُون ڳَڏي،
وَنون ميل مَيلاپ جا ڪي تہ مَزا - ڪَرِ هَا تُون ڪٿي، مُون ڏي آ تُون ڪٿي.

٢- هن دِل جي بيتابي حَد ڪان وَڌي، وَڃي بيحد ۾ پرين پَھتي آ،
هَم خِيال مُون سان تي هَاڻ پَلا - ڪَرِ هَا تُون ڪٿي، مُون ڏي آ تُون ڪٿي.

٣- جي جَذبئہ عشق آتئي جيئرو، دُوريءَ جو پوءِ جَواز ڪَھڙو،
رَھين دُور ڇو تَو تُون ايڏو مِنا - ڪَرِ هَا تُون ڪٿي، مُون ڏي آ تُون ڪٿي.

٤- مَان بيڪ وَفا جي ڪَنھن ڪان پنان، هي لَوڪ سَارو آ وَفا ڪان سُڃو،
تُون ئي تہ آهين پَندارِ وَفا - ڪَرِ هَا تُون ڪٿي، مُون ڏي آ تُون ڪٿي.

٥- مُنهن جي عشق مُحبت ڪي تُون مِنا، مَحبوب نہ سَمجھ مَذاق ڪَري،
آ بِرھہ مُنھنجو ميٺاقان ٻيا - ڪَرِ هَا تُون ڪٿي، مُون ڏي آ تُون ڪٿي.

٦- ذَر مَحبوباٺا پيار تُنھنجا، ذَر مَعصوماٺا آر تُنھنجا،
اَعجاز ڪي ڪَن ٿا مَست سَدا - ڪَرِ هَا تُون ڪٿي، مُون ڏي آ تُون ڪٿي.

تلھ: ڪيترو آيِ دلربا شَرمائيندين۔ ڪِيستائين ڇڱُ آجان تڙپائيندين.

۱۔ چُپ چُپان ۾ چاھتن کي پِيو چِپين۔ ڪِيئن ڪِتي مُون سان پلا ڳالھائيندين.

۲۔ ڪِيئن سَھين پيو ھي جُدايون ھيتريون۔ مُون پَانيو تہ مِلندين پَاڪر پَائيندين.

۳۔ کُھندين مَاريندين مُونکي بيو ڇَا ڪَندين۔ کُھڻ لاءِ مُنھن جي ڪَجل جو پَائيندين.

۴۔ آچ ڏِسان تو تُون بہ آھين بيقرار۔ بيقراريءَ کي گھٽو تَرسائيندين.

۵۔ سيڪڙو تُنھنجا سَوين پيا ھِت ڦِرن۔ ڪَنھن کي ڪَنھن کي پيو گھورن سَان گھائيندين.

۶۔ بَعضي چاھيان ويڙھجي وَل جيئن وَڃئين۔ پَر آلائي يار ڇَا ڇَا پَائيندين.

۷۔ مُون وَٽان جَنھن دَم مَٽين پر مُنھن مَٽيو۔ ائين تہ بَاھيون بِرھ جون پڙڪائيندين.

۸۔ ڇَا لڳي سِڪ ڇَا لڳي لِڪ لڪڻ۔ جي آتئي پوءِ تہ پَڪ ڳَل لائيندين.

۹۔ ڪَر مِلڻ جو وَاعدو اَعجاز سَان۔ مَن گُھريا ڪَڏھن مِلڻ فَرمائيندين.

ٿلهہ: بي اَنت نَاز مُنهنجي دِلدَار يَار کي آ،
سَڀ ڪان حُسن ڪَثر ۾ سِينگار يَار کي آ.

١- شَوخي ۾ شـــور ڏاري گَڏجو نتـــو گُذاري،
ڏورئون پيو ڏيل ڏاري جيئري پيو جان ٻاري،
مُشتـاق هيئن نہ ماري پوڪار يَار کي آ.

٢- صُورت سَندس سُبحاني، پُرنُور سَا پيشاني،
جوين پَسي جُواني، دِلڙي ٿي پَئي دِيواني،
اَک ۾ ڪَجل جي ڪَانـــي، هَر وَار يَار کـــي آ.

٣- رُخ رَنگ آ عُنابي، گهريون اکيون گُلابي،
لَب لاَل لاَجوابـــي، صُورت آ نيم خُوابـــي،
پَوشــاڪ ڪِيم خُوابي پڳدار يَار کـــي آ.

٤- لَنوڙي جَهين سان لاَتم لاَغرض ٿيو سو لاَغم،
مُون لاءِ آهـي مَاتم سَارو ڪلـي ٿـو عَالم،
اَعجاز جي نـــہ ڪَنهن دَم ڪَاسَار يَار کـــي آ.

ڪيم خوابي: بخمل، مخمل

تلم: موقعا مِلن تا پيار جا، پيارا ڪَنهن ڪَنهن،
ميلا مِلڻ به تا تِين، نيارا ڪَنهن ڪَنهن.

١- وسرن نَتا ڪي مُور، وسارڻ سان وَس وَڃي،
آهڙا نَظر آچن تا، نظارا ڪَنهن ڪَنهن.

٢- ٿيندءِ خَتم خُمار، جَوانيءَ سَندا جَنهن،
پَلپل پوءِ پَرتا پَوندءِ، شُوڪارا ڪَنهن ڪَنهن.

٣- سَيڪا نه مُند بَهار جي، سَيڪا نه مُند خِزان،
فِطرت ڏِنا اُنهن کي به، وَارا ڪَنهن ڪَنهن.

٤- هِن جڳ سَچي ڪي پَاڻ ڏي، رَاغب ڪَيو وِجهن،
بي سَوزا بي سُرا ۽ بي تَارا ڪَنهن ڪَنهن.

٥- آهُن سان پَنهن جي آخر، لوڏيو ڇڏين تا،
عَرشِ عَظيم جگر فِگارا ڪَنهن ڪَنهن.

٦- دِل ۾ دَٻائي رکجي نه، دِل وَاري شَوق کي،
پُورا ڪَچن ڪي دِل جا، ته آرا ڪَنهن ڪَنهن.

٧- سڪ تُنهن جي سَهندي سَهندي وَحشت چَڙهيو وڃي،
اُلٽا وَنيو آچان تو ڏي چَارا ڪَنهن ڪَنهن.

٨- آهڙا ته موقعا ڇڏ نه تون، اَعجاز ڇَئي هتان،
سُبتا پَون تا عِشق جا، ڏَارا ڪَنهن ڪَنهن.

ٿلهه: ڇو نه نَاز ڪَرين ٿُون حَسين جو ٽٿين - نينهن بہ توسان ڪجي نازنين جو ٽٿين.

١- نَڪا عَرشين ٽِڪي، نَڪا فَرشين ٽِڪي، مُنهنجي نَظر وَريو وَريو تو ۾ ٽِڪي،
ڪَري ٿُنهنجو نظارو تو لاءِ سِڪي، ٿُون خُوب ڪان خُوب ٿرين جو ٿئين.

٢- جي ٿُون جَلوا ڪَرين جي ٿُون پَردا ڪَرين، سَڀ طَرح سان تو سِڪ بَرپا ڪَرين،
سِڪ بَرپا ڪَيو ڪَئين دلبا ڪَرين، ڪِٿي سَهل ڪِٿي تون سَنگين جو ٿئين.

٣- ٿُنهنجا ڍَنگ نَمونا ڊول گهٽا، ٿُنهنجا مَارڳ مَاڳ مَاحول گهٽا،
اِت پُلجو ڪائن پَول گهٽا، رُخ رُوپ ۾ رَنگ بِرنگين جو ٿئين.

٤- نه صرافن وَٽ نه غَواصن[1] وَٽ، نه تون عَقل وارن جي قَياسن وَٽ،
تون آهين ٿُنهنجي شَناسن وَٽ، مُلهه جَنهين جو نه آسو نگين[2] جو ٿئين.

٥- يَا ڇاتيءِ مَنجهه ڇُپائي ڇَڏيان، يَا پَائي اکين ۾ لڪائي ڇَڏيان،
يا هوڪا ڏيئي هَر جاءِ هُلائي ڇَڏيان، سَرمائي حُسن جو خَزين جو ٿئين.

٦- ٿُون تو نَاز ڪَرين دِل ٿي جهومي صَنم، ڪَري نَاز ڪَندين نيٺ مُون سان سَنگم،
اَعجَاز ڇَوي هي يَقين آٿم دِل ڏِيندين مُونکي دِل نَشين جو ٿئين.

(١) غواصن: ٽوبا (٢) ننگين: هيرو، پٿرو

تلھ: گُھونگھٽ لاھُ گُلزارا وي- شوق اَٿم تُنھن جي مُنھڙي ڏِسڻ جو.

١- مارين ٿو مُسافر مُنھڙو ڍَڪي- اھڙو ماٺو نہ ڪَر مَنٺارا وي،
پِياسن ڪان پَنھنجو پاڻ لڪائڻ- واجب نَاھي پِيارا وي،
ڪَڏھن تہ موقعو ڏي ٿُون پَسڻ جو.

٢- تيڻ سَباجھا مُون ڏي گَئي سَج- ھيڪر ھوت ھزارا وي،
ھي سِر سَارو ساھہ صَدق ٿيو- توتان سَچڻ سَردارا وي،
ڏي نہ ڏَنجھو ھَاٿي ڏُور وَسڻ جو.

٣- نُوري نِگاھُن ناز نَزاڪت- سُھڻي صُورت وَارا وي،
قَھري قاتل ڪيفي ڪارا- ڪٽي آءُ آبرو ڪٽارا وي،
تنھن جي ھٿان اٿم ڪاڍو ڪُسڻ جو.

٤- ديدار سواءِ آئون ھرگز تنھن جي- در تان اُٿان نہ دُلارا وي،
اَعجاز چوي اچي يَار عَجيبا- دَرشن ڪَراءِ دُبارا وي،
ھِتان ھي چَريو نہ نَاھي چِسڻ جو.

تلھ: آئون تہ ايندس پيو پيارا- تون اچڻ ڏين يا نہ ڏين،
در جھلي بيھندس مان تنھنجو- تون بيھڻ ڏين يا نہ ڏين.

١- جي تڙين لوڏين ڌڪارين- دَر ڇڏائين تہ بہ مَنا،
ڏور ڪان ڏسندس پيو- تون ڏِسڻ ڏين يا نہ ڏين.

٢- ھڪ دفعو ديدار مونکي- دلربا مُرڪي ڪراءِ،
ديس پنھنجي ۾ مَنا پوءِ- تون رَھڻ ڏين يا نہ ڏين.

٣- توسان ياقي يار بنجي- چير يڪتارو ڪٽي،
ناچو تي نچندس اکِيان تو- تون نَچڻ ڏين يا نہ ڏين.

٤- سڻ صدا ھيءَ آخري- اَعجاز جي سھٽا سَچڻ،
رخ چمڻ چاھيان تو تنھنجو- تُون چُمڻ ڏين يا نہ ڏين.

تلھ: ٹُنھن جي گُھور تان گھوري وَڃان، گھائل ڪَري ڇڏيُي،
گــــھــــائــــل ڪَري ڪَري وَري، مَائــل ڪَري ڇڏيُـــي.

١- آبــرن جي تـيـغ کــي تــہ ڏاڍو آب تــاب ڏيـئــي،
شَايــد شــھـيــدِ شَوق ۾ شــامــل ڪَري ڇڏيـئــي.

٢- وَاســيـنـگ جِيـئـن وَارن جا، پريـن پـيـچ وَرِ وجھي،
ڪَج ڪَاڪُـلـن جي قــيــد جو قَائــل ڪَري ڇڏيُـي.

٣- ٻَلـپَل ۾ ٻَائــي ٻَائــي ڪَجل واريــون ڪَانــيــون،
آڪــڙيــن کــي عَاشــقــن جي لاءِ قَاتــل ڪَري ڇڏيُــي.

٤- مُـزِگَــن جا تـيـر مُـنـھـن جي ڪَيَـئـي سِيني سِر سَنوان،
قــربــان ٿِيــان وَري وَري خُوش دِل ڪَري ڇڏيُـــي.

٥- قَد سَرو کــــان رَوان ۽ صُورت سَانــولــي رکـــي،
ديــوانــگـــيءَ جي دَائــري دَاخل ڪَري ڇڏيُـــي.

٦- ڪَعـبـو ڄَاڻَـان تـو تـوکـي ڪَعـبـو نـہ ڄَاڻَـان بـيـو،
دنـيــا جي نَمــ نـيــاز کــان غَافـل ڪَري ڇڏيُـــي.

٧- ھـڪ مَن ۾ گــئــھـاٺـو گُـھــور جو بـيــو آڙاھــ عِشـقَ جو،
اَعجاز کـــي تـــہ قُرب جي قَابـــل ڪَري ڇڏيُـــي.

تلھ: گُھور مَتان سِر گھور ڪيوسين ـ گُھور مَتان سِر گھور ڪيوسين.

١ـ ذاتي ذوق زورآور واري ـ زور مَتان سِر زور ڪيوسين.

٢ـ شوريل شوران شور آھيون ـ شور مَتان سِر شور ڪيوسين.

٣ـ اوري اورون آور عَجائب ـ آور مَتان سِر آور ڪيوسين.

٤ـ اعجاز عليءَ جي حُڪم سان ـ ھور مَتان سر ھور ڪيوسين

تلھ: چو پَلا آچ وَري اِھو گُھنڊُ ـ اِھو گُھنڊ ۽ ناز گُھمنڊُ،
دِلي مِل تہ تِيون ڪير گُڏنڊ ـ مُنھن جي سِڪ جو نہ ٿانگھ سَمنڊ.

١ـ ڪل تہ مَن تان مُونجھ لھي پئي ـ پيار جو پيارا گيت ڳُھي پئي.

٢ـ حُسن جوڀن جي پُور ۾ پيارا ـ سِتم آرائي جا سَوچ نہ چارا.

٣ـ تِير اکين جا سَجي سِڌا ڪَر ـ ٿاھي نِيھ نشانو اچ تہ نَڪا ڪَر.

٤ـ گُھنڊ گُھمنڊ آ تنھنجو نِرالو ـ کھڙو رڪان آئون تنھن تي نالو.

٥ـ ڪُجھ تہ سَبب ڪو سَچن سَمجھايو ـ اِئين نہ اعجاز کي سُھٹا آزمايو.

تلھ: پائي پيچ ڪيو جن مونکي پسند، تن زلفن جو آئون بند بند چمان،
آ خوشبو انهن جي رشڪ ارم، چو نه ور ور تن جي تند تند چمان.

۱- چمي زلف وري پيشاني چمان، ڀئي ابرو اکيون نڪ نوراني چمان،
خدوخال چمان، خط جاني چمان، لب لال چمان ڏند ڏند چمان.

۲- ڳهه جنهن ته ڳچيءَ سان ڪين پڙن، ڪر تنهنجو قبوليو ڪاريهرن،
آهي سارو بدن جنهن جو ناز چمن، سرهو سڳنڌ سچن سو سنڌ سنڌ چمان.

۳- قد ڍول ڍولڻ جو ڍلياريءَ ڪان، سهڻو هلڻ ڪبڪ رفتاريءَ ڪان،
هتين پيرين عجب هر ناريءَ ڪان، تنهن جي راهه چمان رند رند چمان.

۴- پرين منهنجو آ منهنجي دل پسند، دلدار ”اعجازا“ سو دلبند،
پاتئين جن ته بانهن سان قرب ڪمند، اهي بانهون سندس ڀئي جند جند چمان.

تلهه: زُلف چوان يا وَاسينگ، ڦين سان جيڪي ڦيون وِجهن ٿا.

١- ڪَرڪنيو ڪَنچير ڪنبائن، هنيان جگر ۾ هردا گائن،
وَرن ڪَارن سان واسينگ، ڏاڍا وَانگوڙا وَٽيون وِجهن ٿا.

٢- مَچرجي جَلايا مُلڪ مَنيارن، ٿُوڪ برهه جي سَاڻ ٿيارن،
موهي ڪَيا مَرٽينگ، سَرواهيون سوگهيون سِرڪٽيون[1] وِجهن ٿا.

٣- وِهه ۾ وَسيهر ڪَان بہ ڪَثر تيا، جهَاڙا پَاڙا سَپ بي آثر تيا،
يَرم پچايو ڪَن پينگ، آهڙيون تہ ڪي اوِتٽيون وِجهن ٿا.

٤- وَار وَجيو اهي جَنهن کي وَچڙن، حِيلا وَسيلا تنهن کان وِچڙن،
شَهپال جهَڙا شَاهينگ، عِشق واريون ڳَل جٽيون وِجهن ٿا.

٥- زُلف بہ ظُلمي نَين بہ ظُلمي، سُهٽل جا آبرو عَين بہ ظُلمي،
پِيا تہ سيلا سر سِينگ، گهَٽ اندر ۾ گهَاٽيون وِجهن ٿا.

٦- لَٽ خَمدار لُٽن، خَانقاهيون، تَن جو اعجازؔ ا نَذر شَهنشاهِيون،
نِيلا چِڌيو نِسينگ[2]، پَنذ پَئي سِر پٽيون[3] وِجهن ٿا.

(١) سِرڪٽيون: ڦاهيون
(٢) نَسينگ: نواب، بادشاهه، امرا
(٣) سر پٽيون، مٽي ۾ مٽي

تلھ: ھو جي زُلف دَراز کُلي پَوندا - پوءِ تہ لڪل بہ رَاز کُلي پَوندا.

١- ھُن ڪُنڍڙن زُلفن ڪَارن ۾ - آھي تَاب ڏاڍو تَابڪارن ۾،
وِيندو مَحو تي عَاشق وَارن ۾ - پوءِ تہ برھہ جا بَاز کُلي پَوندا.

٢- نَازان نَازڪ تي ڪَئين نَاز ڪندو - تنھنجو عَاشق تنھنکي نياز ڪندو،
جڳ تَنازَہَ ڪَندو اعتراض ڪَندو - پوءِ تہ سُرندا سَاز کُلي پَوندا.

٣- عَاشق دَام ۾ عُمر گُذاريندو - مَستو مَست تي عشق اُجاريندو،
مَحبوب مَاري تنھن کي جِياريندو - پوءِ تہ سَوز گُداز کُلي پَوندا.

٤- ائين عَاشق جي پَرچار تيندي - پَاڙي پَاڙي اھائي پچار تيندي،
سَت سُٽن جي ۾ سار تيندي - پوءِ تہ سُھٽا اَعجاز کُلي پَوندا.

تلھ: ڪَر زُلف رُخ تَان پَاسي - ھڪڙي گھڙي خُدارا
پُورو مِنا پَسڻ ڏي - مُنھڙو پرين پيارا

١- چڏ نَاز ڏي نظارو - صُورت سَندو سھارو
مَاڻن سَان ڪَر نہ مَارو - آي حُسن ھَاڪ وارا

٢- ھَت ۾ مَشاطَ ڪَئي تو - سِڄ بيني رَات ڪَئي تو
مُنھن جي ذَات نِياتِ ڪَئي تو - حَيران جِيءَ جِيارا

٣- ھڪ لحظو وَانڪائي - جيڪر ملئي تہ جَائي
جَلوَن سَان ڪَر سُھائي - آولاھن اَنڌارا

٤- اُونَاءِ ڪي تہ آھون - دَر مَاندي دِل جون دَانھون
رَوڪي نہ بيھہ رَاھون - رَاھي رَمن وِيچارا

٥- وينو وَچايان وَنجھليون - رُخ وَاريون پَاءِ تجليون
اَڪڙيون مَلاءِ ڪَجليون - اَعجاز چَئي دُبَارا

مشاط: ڦڻي

تلمہ: ظَالم زُلف تُنهنجا زَاري يَار زَاري،
کَاريھَر جَان ڪَاھيو چِھتن تا چَوداري.

۱- وَڏا وَار وَاڏو، سُنبل سِياھ سَاڏو،
مَچِين مَندِ نہ جَادو مَتيا مَار[1] مَاري.

۲- خُوشبوءِ دَار کُليا، پَسِي پَونر پُليا،
هَندو ماڳ هُليا، ڪا کُل ڪارُونياري.

۳- ڪيبَر نيڻ ڪَڙکن، دِليون ڪِيئَن نَہ ڏَڙکن،
بِرھہ باھيون ڀَڙکن، جَلي جان سَاري.

۴- آچڻ سان آڙياسون، ڦَابُو تي کَڙياسون،
چوٽون ڪائي چَڙھياسون، چَاڙھي عِشق واري.

۵- آعجازؔ اُداسي، کَيئي خَبر خاصي،
ويئي دِلڙي ڦَاسِي عُمر لاءِ ويچَارِي.

(۱) مار: نانگ

تلهه: رُخ مُنوّر تي جڏهن سُهڻا زُلف ڇوڙيو ڇڏين،
هن مَاندي مُشتاق لاءِ، ويتر جَنجل جوڙيو ڇڏين.

١- آئون آزاريل اڳ آهيان، تُنهنجي تير مُژگانن سَندو،
وَر ڏيو سِر تي وريو، اَبرُو خَنجر کوڙيو ڇڏين.

٢- تُنهنجون اکيون خُون خُونان، تُنهنجا غمزا فِتني گَر،
زَاهدانا زُهد نِيتُون، لِکَ اندر لوڙهيو ڇڏين.

٣- تِئي اجان مَس مَس وَجيو، هِيءَ دل رُجُوع ڪَعبي طَرف،
مُنهن مبارڪ جي جهَلڪ سان، تنهنکي تون موڙيو ڇڏين.

٤- جن جِي توسان آشنائي، سي ڏنا مون دَر بدر،
ڇَا سبب تن کي سِتمگر، ڇَو ڦٽيو ڦوڙيو ڇڏين.

٥- توکي سِيبائي آ سُهڻا، خُوءِ آرڏائي خُودي،
تُون تَڏهن اَعجاز ڇئي، عِجزي ٽَڳا توڙيو ڇڏين.

تلهه: هن زُلف جي ڪَاري ڪَمند، زَاهد ڪَئين زندان ڪَيا،
زَاهد ڪَئين زِندان ڪَيا، تَن جا عَمل اِيمان نِيا.

١- سوداء مُشڪين مُوءِ ڪان، هَر سَنَ ۾ سَوَ صُنعان ٿيا،
مَذهب ڌَرم ڇا دِين ڇا، ٻوڙي ٻَئي تہ جِهان ويا.

٢- ان قَيد جا قَيدي ڏنم، تَن جا آهن اَرڪان تيا،
پَنهنجيءَ رَضا سان پَاڻ کي، پَايا انهن نقصان ڇِيا.

٣- زُلف جي آور اچي دانهہ بہ تي دِيوان پيا،
بيحد ۾ پَئي بيخود اُهي بيسر بَنيا بِي جَان جِيا.

٤- سُوريءَ مثل گَردن گهُنن مَورهئون نہ ڪَن ڪو ڏيان رِيا،
اَعجاز ڦَاٿين هَنڌ هَٿيڪي، ڪَر نہ پوءِ آرمان بِيا.

تلھ: جَن جَا وار گھُنڊيون، اکيون ڪَاريون ڪُنڊيون، گُل گُلابي جھلڪ رُخسارن جا،
تن جي عِشوه گَري تَن جي چَال چَري، لُٽيا ڏين ڏرم تہ هَزارن جا.

١- ڪَن جيڏھن نَظر، ڦين پَاٽي پَٽ، جهڄن جِيءَ جگر، پَون سِڪ جا سَنگھر،
آٿن اهڙا آٿر، چَالا چَرخ چَڪر، ڦريو ڦرڪا وجن ڪلادارن جا.

٢- ڪوليو زُلف چَلا، ڏيو ڳَارا ڳَلا، هَنيو وَرَءِ وَلا، لاَئن نيڻن نِلا،
تِين پوءِ نہ آلا، ڪَٿھن پَرجھَلا، اِهي بہ پَار آتوَ حُسن وَارن جا.

٣- ڏنا جي نہ آوهان تہ پُڇو مُون کان تَوهان، جيئن سَروَ رَوان، تيئن قَد آٿن سَنوان،
ٿِي قُربان پَوان، سِينا ڇَٽي ڇا ڇَوان، جھڙا ثمر پَريا وَڻ انارن جا.

٤- ڪَرڻ مَاٺا ڇَاڱ حَسينن مَرڪ، بَڇڻ بِرھہ بيرا ڳ حَسينن مَرڪ،
سُرمان ڪَجل مُسا ڳ حَسينن مَرڪ، ڏَاڍا ڇَاٽو سَمجھہ سِينگارن جا.

٥- ڪِن جون شَرم حَيَاء کان شَرميليون اکيون، ڪِن جون نِيڻھن نشي کان نَشيليون اکيون،
ڪِن جون سَوزِ فراق کان پِيليون اکيون، نِيلا رَنگ ڏِٺم تن جي نِظارن جا.

٦- اِنڪار بہ ڪَن اِقرار بہ ڪَن، تَڪرار بہ ڪَن ءِ پيار بہ ڪَن،
وَري آرا آعجازِ اِنتظار بہ ڪَن، آهن پَاڻ بہ گھَايل دِيدارن جا.

عشوه گري: ناز نخره، اشاره

تلهہ: کوليو زُلفن کي تو جڏهين- تہ نانگن ڪَرَ ڪيڻ ڇڏيا،
تَليھر تي بِينا تابع- وَاسينگن وَرَ ڪيڻ ڇڏيا.

١- تُنهنجي زُلفن جُون ڪَج ڪڙيون- زَنجيرن کان بہ زَوريون تيون،
خَبر هي تُنهنجي قيدين کِي- آسان سَنگھر پُڄڻ ڇڏيا.

٢- وَاسيا تو وَار ڇٽو ڇاسان- جو وَارن جي وَني خُوشبو،
چَمن پونرن گھُمڻ ڇڏيو- گُلن کَنڌ ڪَرَ ڪيڻ ڇڏيا.

٣- يولي نَانگن جي تي پُلجي- آچي ڪئين ڪاپڙي مِڙيا،
چڙهيا گيسُوئن[1] جي وَرِ جڏهين- جوڳين مَنتر پڙهڻ ڇڏيا.

٤- چيري ظُلمات[2] وَارن جِي- ظاهر رخ کي ڪَيئي جَنهن دَم،
حُورن جا حَوصلا گم ٿيا- پَريُن پوءِ پَرَ ڪَرڻ ڇڏيا.

٥- گَڏيا جن نَاز نينن کي- وَري جو نينڻ تو وَارا،
سَندي نَيڻن سَندا نشتر- تَني خَنجر هڻڻ ڇڏيا.

٦- مِني مُنهن تُنهنجي مَان مِنتڙا- گُنن پَريا بُڌي گُفتا،
طَوطن ميوا تَڪڻ ڇڏيا- هَنجهن گوهَر چُڳڻ ڇڏيا.

٧- بَڏا جي پيچ ڪَاڪل ۾- اُنهن اَعجاز ڇَني بيھر،
دُنيا عُقبيٰ جا اي دِلبر- دُوارا دَرِ چمڻ ڇڏيا.

گيسوئن: وارن، زلفن ظلمات: ڪاريرات، اونداهي

تلھ:ڪَاڪُل ڪيس چَلڙا،مُسَلسَل زِيبا وَر،
رَنگي رُخ تي لَٽڪيو مَاندا ڪَن مُسافر.

۱- تَلھڙ وَار تَاتيل وانگُوڙن وَرن سَان،
ملائِم مُعَنبر[1] تَران تَر تَڙن سان،
سَدائين سي سُرھا سِينگاريل سَراسر.

۲- اِھي زُلف آھڙا ڪولِيا تو خَلل[2] لاءِ،
مُشتاقن جي مَارڻ مَچائڻ جَنجل[3] لاءِ،
دُتا دَکيي وارا، دِلين چا سوداگر.

۳- وَاسينگن وَانگي وِھ پَريا مُنھَن اُنھن جا،
ھَن ڏَنگ جن ڪي، ڦِرن رَنگ تِن جا،
آھن نَعُوذ بِالله ظالم زور زَابِر.

۴- خَتن چِين مَا چِين خَاقان وارا،
سَمرقَند مَروَند مَڪران وارا،
اُنھن ڪَاڪُلَن لاءِ سِڪي تيا ثناگر.

۵- گِرھ گِير گيسُن سَندا پيچ پيڙا،
عَقل ھَوش وارا سَتُر سِيل ويَڙا،
آڙيا اِت اعجازا عَاقل ڪَئين آکابر.

(۱) مُعنبر: خوشبودار
(۲) خلل: فتنو، فساد
(۳) جنجل: آزار

تلهه: لَٽ زُلف ظالم بي پيرا - گهُنڊي دار پَنيا گرهه گيرا،
حَلقه هَئي تَن نُنهن تي نَچايا - ڪَاپڙي ڪَئين ڪَن چيرا.

١- نَانگ وَسِيهر وَانگي آهن - ِنس پِس نِسنگا نيرا،
وِهه وِهاتيل مُنهن تَني جا - ڏنگ تَلخ تاثيرا.

٢- چَوسِرا چوٽا چَابُڪ چَنبيلا - عَنبر بار عَنبيرا،
تِن جي خوني خَفقان سَوداڪي - ڪِين لڳن تا خَميرا.

٣- وَري سَرڪش نَين سنگينا - قَاتل شوريا شَم شَم تيرا،
سَانگو ڪَنهن جو ڪِين تا ڪَن سي - صِف شِڪن صِف چيرا.

٤- تَاب حُسن جي هِيچ ڪيا - زُخرف[1] زُمرد[2] هِيرا،
گُلن گنوايا هَوش سَندا - مُوتي ٿِيا نه سُڌيرا.

٥- جَنات عَدني ويس مَٿن سِر - حَيرت مَند حَرِيرا[3]،
جَلوي جهلڪ اعجاز اُنهن جي - ڪوليا پِرهه ٻَهيرا.

(١) زخرف: سون

(٢) زمرد: سائي رنگ جو پٿر

(٣) حريرا: ريشم پٽ جهڙا

تلهه: ڪاڪُلين گُل ڦُل لڳا - وَاهه وَار بيوٽي ڦُل لڳا،
سُهٽا فيشن بُل لڳا - چَرچي ڪَرڻ جا بُل لڳا.

١- سهج جا سينگار سُهٽن - سَڀ طَرح سُونهَن سَدا،
تن جا سَنوَرَڻ ۾ سَجڻ - تن ساڻ ڏس تُل مُل لڳا.

٢- سِرڪٽا سيلا ڪرڻ سِر - هيءُ بہ سُهٽن ناز آ،
ناز اُنهيءَ تان ترِنت - بَل بل تيڻ بُلبل لڳا.

٣- زُلف گهُنڊيون ڳَنڍيون - ۽ اکيون ڪُومل ڪُنڍيون،
نَڪ پِرون لَب وَاهوا - پَر ڏَند آملهہ جِيئَن انمُل لڳا.

٤- حُسن واري ميڙ ۾ هو - هَر حَسينن کان حَسين،
پَار تُنهنجا جي مِليم - ڪُل پَارسي بِلڪل لڳا.

٥- خَال ڪِلندي پيا ڳَلين - تَن ڪي ڏسي تِيس ڳَگَ ڳَڙا
آئون گُم آهيان انهن ۾ - هِت هُلڻ پيا هُل لڳا.

٦- مُند گلابي مُند شَبابي - ڀَئي مُندون مِليون اچي،
جَام مِينا پَاڻ ۾ - تَڏهن ڪَرڻ ڦُل ڦُل لڳا.

٧- چَوسري چوٽي تي چِٽَ - اَعجاز کَهڙا گُل لڳا،
ڪِيوڙا ڪِيتڪ لڳا ڪِين - سوسنا سُنبل لڳا.

تلهه: تُنهنجي زُلفن جي وَر وَنگ، وَنگي آڙِينگ وِڏا،
آڙِبِنگ وِڏا، جهَلي جُنگ وِڏا.

١- وَرِڙا وَاسِينگَن وَارا پائي، ڏَاڍا هَئي تَن ڏَنگ، ڏاهي ڏِس ڏُنگ وِڏا.

٢- جا تَئُون ڪاتَئُون وَني وينين، مُرغ دِلين جا لَنگهه، آهڙا تو وَنگ وِڏا.

٣- اُڪَنيون لائي عَاشقن کي، ڏيئي زَردا رَنگ، وِچان تو دَنگ وِڏا.

٤- شَاهه اعجاز چَئي شُعلي تُنهنجي، پَوهي پَچائي پَتنگ، ڪَانئي[1] ڪَئين خَتنگ[2] وِڏا.

تلهه: اِهي زُلف ڪِ نَانگ گُنڊيرا ڪَن اَلفيون چيرا چيرا،
رکن لحاظ نه سانگو ڪنهن جو آهن ڪِ بي پيرا.

١- نَانگ وَسيهر وَانگي آهن ويڙها نَام ڪَنيرا،
ڏَنگ تنين جي سَان رَنگ قِريو تين زردا سَاوا نيرا.

٢- هَر هَر آهن تَن سَان وَري شَامل نين شَريرا،
فِتنا ڪڙا تين قَتل ڪَڙا ڪَن سَاڙن خون سَريرا.

٣- هُنَاجي رُوءِ زَمين جا قَاتح بَانڪا بينظيرا،
وَرن وَانگوڙن سَان ڪَيائون اهڙا جُوان آسيرا.

٤- ننهن تي نچائي ڏس ته چڏيائون ڪئين ڪاپڙي ڪن چيرا،
تَن جي تَاب حُسن اعجاز چَوي ڪوليا برهه بَهيرا[3].

---

(١) ڪانئي: ساڙي (٢) ختنگ بهادر، سورهيه (٣) بهيرا: انبوهه، ميڙ

تلھ: دِل نہ ڪَاڙي پَئِي دِيواني - آهڙا جَلوا ڪِيم ڪَر،
زَرقا بَرقا ويس پَائي - شُعلا پَڙڪا ڪِيم ڪَر.

۱- حُسن جي عَاشِق آهِيان - بُت حُسن جو بَنجي حَسِين،
دَام دلبا ڪِيم ڪَر - ۽ نَازِ عشوا ڪِيم ڪَر.

۲- چَند چَهري کان بہ چَهري - تُنهن جي چَهري جي چَمڪ،
چَوطرف کان چَشمان چَشمي - چَمڪي چَمڪا ڪِيم ڪَر.

۳- جِيءُ پَتنگن جا جَلايا - تُنهنجي جَهلڪن جَا بجا،
رَوز شَب اِيئين تہ رُخ جا - تُون تَجلا ڪِيم ڪَر.

۴- سَيڪو چَئِي مُون سان لڙيون - ۽ سَيڪو چَئِي مُونکي لَڳا،
تِير اکيون آهڙيون ڏَاري - هِيئن تہ حَملا ڪِيم ڪَر.

۵- پَئِي نَظر توتي تہ جَهڙيون - پِي چَڏيم مَئِي جون نَديون،
هَاڻ جيڪي پِيو چَوان - مُون تي ڪَا فَتوا ڪِيم ڪَر.

٦- حُسن جَا جي پَارکو - تَن حُسن تُنهنجو چُونديو،
ڏَاڻو آهين ڏَاڻو دِلبر - ڪُجهہ بہ ڪُنڪا ڪِيم ڪَر.

۷- ڳَالهہ هيءَ ڪَانهي ڪَرڻ جي - پَر ڪَرايو تو چَڏين،
بيڪ صُورت جو يَنائي - بِرهہ بَرپا ڪِيم ڪَر.

۸- پَهرين ڪَلمون عِشق تي - سَيني کان آگ ۾ تو پريو،
عِشق وَارن تي پوءِ سُهٽا - ڏَاپ ڏَڙڪا ڪِيم ڪَر.

۹- ڏَاڍو آچ اعجاز چَئِي - دِلبر لڳين تو دِيده زِيب،
پَاڻ کي آهڙو سَجائي - هَوش آغوا ڪِيم ڪَر.

تلهه: مُنهنجي دِل جي حَالت جي ڏسين، مُون کان دَم نہ هک تُون جُدا رهين،
ڪَري بيوفائي کي تَرڪ، مُون سان بَاوَفا تي مِنبا رهين.

١- ڪَهڙي آلاجي ڳَڻ ڳَئيو، مُنهن جي دِل مَري تو لاءِ تَئيو،
پرين تُون تہ بيپرواهہ ٿيو، بيگناهُ تو بيوَفا رهين.

٢- مُنهن جي آ دُعا تون وَفا سِکين، تُون وَفا جي سُهٺي صِلا[1] سِکين،
تُون صِلا جي عَجب آدا سِکين، مَحبت ۾ تي بِي بَها رهين.

٣- لَڳِئي عِشق شَل پَڄي شَرم، وَڃِئي هوش شَل وِسرئي ڌَرم،
مَن پوءِ اي مُنهنجا صَنم، مُنهن جي دَرد کان آشنا رهين.

٤- جيڪا عِشق کان دِل دُور هُوندي، سَڀ جاءِ سَا مَجبور هُوندي،
آڪثر اُها بي حُضور هُوندي، آهڙي دِل کان شَل مَاوَرا[2] رهين.

٥- مُنهنجي دِل جي چَاهہ جو خِيال ڪَر، موڙي مُنهن نہ تَنهنکي پَائمال ڪَر،
نِگاهُن سان دِل کي نِهال ڪَر، ايڏو سَخت ڇَا لاءِ تو مُون لاءِ رهين.

٦- تُنهنجي ڪَجل جي ڪانِيءَ جو قَسم، تُنهنجي آک مَستانيءَ جو قَسم،
تُنهن جي حُسن جَواني جو قَسم، مُونکي ڪُهندو تون ئي تو سَدا رهين.

٧- آعِجاز کي تہ آدب بہ آ، ۽ عَجيب تُنهنجو عَجب بہ آ،
تو وَٽ پيار لاءِ قَلب بہ آ، ڪِيئن تو پيار جي پوءِ سَوا رهين.

(١) صِلا: عيوض (٢) ماورا: آزاد، بري

ٿلهہ: دِل هَٿ ۾ ڪَري مُنهن جي، پوءِ سُهڻا سَتائين ٿو،
ڪُجهہ سوچ تي آءِ ظَالم ڪِيئَن سَاٿ نِڀائين ٿو.

١- جيـــڏو جي زَوراوَر تُون - ايـــڏو نـــہ زَوراورِ تِي،
ڏُوريءَ جا ڏيئي ڏَڙڪا، دِل مُنهن جي ڏَڪائين ٿــو.

٢- جو ڪَنهن جو هَميشہ لاءِ، سَاٿي نہ بَنيو ڪَڏهين،
تَنهن حُسن جي بَانور تي، ڪيڏو ظُلم ڪَمائين ٿـو.

٣- مُون جيـڪي وَفـا وَاريـون، تـو لاءِ وِڪـون پَريـون،
تَن مُنهن جي وِکُن تـي تُون، ڇَو نَظر نہ پَائين ٿــو.

٤- تُنهنجون تہ مَيـارون سَڀ، هِن سِر ۾ اکين تـي پَر،
تـون ئـي تہ بـيگـانـو تـي، بـيگـانـو بـنـائـين ٿــو.

٥- هِن دِل ۾ تُنهن جي چَاهت، هِن دِل ۾ وَسين تُون ٿـو،
هِيءَ دِل جي جَلائـين ٿـو، ڇَو خُود کي جَلائـين ٿــو.

٦- اَعجاز سِتم تُنهنجا، سِر تـي تہ سَهي وِيـندو،
پَر شَان وَڻـان پَنهن جي، پَت ڪين پَتـائـين ٿــو.

تلھ: دِل حُسن جي تير ڦٽي آ ـ ڦٽي هَر لحظي لُٽي آ.

١ـ هِڪ حُسن جون ظُلمي نِگاهون، نَٽ نَاز ڪَنڪ ۽ ڪَاهون،
پِيو زُلف جي دَم دَم داء، صُبح ۽ شَام گَهائل دِل گُهٽي آ.

٢ـ ڏِسي حُسن جون آلبيلايون، تَعجب ۾ اڪڙيون آيون،
تَڏهن هَر هَنڌ حُسن شَباب، مُنهن مَهتاب جَهلڪ دِل جَهٽي آ.

٣ـ لڳو تير حُسن جو ڪَاري، اِنهي گَهاء تہ دِل آزاري،
اُلٽو عِشق بہ آٽي يَار، غَمن جا هَزار ڪولي هِٽ هٽي آ.

٤ـ جِتي حُسن جي فوج آچي تي، اُتي عُضحىٰ عيد بہ ٽئي تي،
ڏاڍي شَوق شُغل شَادمان، سَان هَر مَيدان حُسن جَنگ کٽي آ.

٥ـ ڏِٺي جُنبش تير وَڪمان ڪي، لُٽيو حُسن آ هَر دوجَهان ڪي،
ٻُڌي هَر هَر آهڙا مِثال، اَعجازؔ ا ڪَمال نہ دِل تہ بہ هٽي آ.

جنبش: حرڪت

تلھ: دل تہ پنھنجي ڪانہ ڏنيئي - دل وٺين منھن جي ڦري،
دِل بِنا دِلبر مَنا جِند جان پئي منھن جي جھري.

۱- ھڪ تہ ڏاڍين ڪان تون ڏاڍو، سخت دِل سرڪش صفا،
ٻيو تہ تنھن جي حُسن جي پئي، تيغ سِر منھن جي ترِي.

۲- ھٿ ڏيئي ھٿ ۾ مونکي، تو ھٿ ڪيو ھٿڙي ھٿي،
آئون تہ ڦرجي ائين وينس، ھاڻ ڇا ھي چپ چري.

۳- تُنھن جي ليکي عام ۾، تُنھن جي نگي ويندي لکي،
پَرپرين ھيءُ ڳالھہ پلپل، اوڙي پاڙي پئي ٻري.

۴- دانھن ۽ فرياد جي، فطرت نڪا فرصت اٿم،
ڪير منھن جي ياران توڪان، دِل پلا منھن جي ڳھري.

۵- ھيءَ مَتان ڪا پُل ھُجئي، وسريل ناھين اعجاز کي،
سِڪ سڄڻ تُنھن جي آچان، سڄ ساھ سان گڏ پئي سري.

تلھ: ڪِٿان آئيان اُھا دِل جا، سَچوئي سُور بَنجي پئي،
پِريمي پيار جو ساغر، بحر پرپور بنجي پئي.

۱- صبر سِڪ سوز سان ثابت، سدائين ساھ سر واري،
سھي سِر مينھن مٿن جا، مچي مسرور بنجي پئي.

۲- ھُجي ھردم حقي حاضر، آڏي ۽ ڪات جي وچ ۾،
ھزارين تي ڳيا ٽُڪرا، چِچرجي چُور بنجي پئي.

۳- پري گھٽڪا غمن وارا، مُدامي موج محويت سان،
مولي جي مُلڪ ماٿھن ۾، مگن مخمور بنجي پئي.

۴- عجيبن جي اکين ۾ ھيءَ، تڏھين اعجاز پوندي دل،
جڏھن ڪنھن تاب تجلي ڪان، سڙي ڪوھ طور بنجي پئي.

تيغ: تلوار

تلهه: هيءِ دل چري بيحد چَري، جيئن جَهل تہ تيئن ويتر چَري،
هِن جي آدا هِن جي صَدا، جَڳ کان جُدا ظاهر چَري.

١- هِن دل چَريءَ جي حَق ۾ تيون، هٿ ڪَين چُميگويون[1] هَلن،
ڪِي تا چَون سُچ کان چَري، ڪي تا چَون ڏُک پَر چَري.

٢- هِن تي مَيارون سيئي ڪَن، مَحدود آجن جي نَظر،
جيڪي وَسيعُ العين[2] آهن، تن چَيو هِيءَ پَر چَري.

٣- يَومِ ازل کان مُنقطع[3]، هِن جا کَيائون رَابطا،
هَر دوجهان جي تَعلقن کان، هِيءَ بَري بَرتَر چَري.

٤- هيءَ نہ ڪَنهن جي غَم شَريک آ، ۽ نہ شَامل مَنجهہ خُوشي،
پَئي تہ بہ نِيائي چِيا آلائي، سوچيو سَمجهيو چَر چَري.

٥- هِن کان ڪَهن چِرڪن ٿا سَپ، شَايد تہ هِن ئي خِيال کان،
هِن جي وَفائي سِر فدائي، آسچائي پر چَري.

٦- هيءَ جَڏهن تي ڳَوڙها وَهائي، تو تَڏهن لَرزي سَمُوند،
۽ جَڏهن تي تَڙپي تپي، صَحرا چَوي ڻر ڻر چَري.

٧- هِن جي وَحشت جو سَبب، آ ڪنهن نہ ڪَنهن جي سَنگدلي،
هيءَ آ صُم بُڪم[4] مگر، هِن جي جو آ هُونگر چَري.

٨- تَہ بہ پَئي هَئي تن لاءِ سَٽون، جن ڪين سَڏ ۾ سَڏُ ڏنُس،
هِيءَ اَڪ تہ هئي لِڪ ۾ چري، تي هاڻ پَڌريءَ پَر چَري.

٩- هِن جو خُدا ۽ نَاخُدا، هِن جي خُدائي آ الڳ،
هِن کان تُون مَذهب ڪونہ پُڇ، جو هيءَ تہ آ هَر هَر چَري.

١٠- رِيءَ چَريائي جي اَعجَاز ا، ڪٿ نہ سنئين وَائي ڪَيئين،
گهر ۾ چَري پَر ۾ چَري، اَندر چَري بَاهر چَري.

(١) چميگويون: چوپچو، گهٽيون ڳالهيون (٢) وسيع العين: ڪشادي نظر، وڏي نظر
(٣) منقطع: ختم، ڪٽيل (٤) صُم بُڪم: ٻوڙا گونگا

تلھ: جِيءَ ۾ آجان جِيئي پَئي- مَحبوب سِڪ آوھان جي،
وِيھان اُتان سُمھان تہ ہ- چاتيءَ ۾ چِڪ آوھان جي.

۱- ٻيو ڪَنھن جي توھ تَاري- سِڪڙي تنگي وَيچاري،
وَرھن کان آ اُجاري- پَايوس پِڪ آوھان جي.

۲- ڪَڏھن تہ ڪُجھہ نِھاريو- نيڻن کي نيڻ ڏيکاريو،
مُنھن تي نہ پَاند ڍَاريو- مَاري تي لِڪ آوھان جي.

۳- وِيئو دِل گَي جَڏھن کان- سِڪ سِر جي آ تَڏھن کان،
ھَلندي رَھي ڪَڏھن کان، ھِت ڳَالھہ ھِڪ آوھان جي.

۴- مُون سان ڪَني ڪَني آ- سُورن سَني سَني آ،
ويچن ڏِني ڏِني آ- چِڪندي چِيتڪ آوھان جي.

۵- جَن کي نَصيب تِيندي- تَن لاءِ تي عِيد ويندي،
ڏَيھن کي ريس ڏِيندي- پَر پِيٽي پِڪ آوھان جي.

۶- اِئين آوھان جو ٿاني- پَانيان نہ زِندگاني،
جِيئن آھ جَڙيل جَاني- جِند جو ڙجُڪ آوھان جي.

۷- دَولت دُنيا تہ چَاھي- تَڪ سَاھ سِر تي نَاھي،
اَعجاز وَٽ جو آھي- آھي مِلڪ آوھان جي.

تلهه: مُونکي مَست رَهڻو پَئي ٿو، توڙي دِل مُنهنجي ڦٽيل آ،
ڪئين زَخم پِيا چڪن پَر، هَر زَخم چڻ چُٽيل آ.

١- هِتي مَرهمن جي حَاجت، نَڪا ڪَنهن جي دَم دُعا جي
مُنهن جي دَرد غَم جي صُورت، غَمِ عَام ڪان مٽيل آ.

٢- هٿي دَم دِيوانگيءَ جو، دَانهيان آئون وَجي جي دَر دَر،
مَستانگي مُنهن جيءَ جو، پوءِ تہ مَرتبو گهٽيل آ.

٣- جيڪي دَاغ ڏِنَ هِجر جا، اهي وَصل جَهوريا ويتر،
تو فِراق پَانيان فَرحت، حُب ملڻ ڪان هٽيل آ.

٤- مُون سان حَال پُرسي ڪَهڙي، مُنهنجي پَاس خاطري ڇو،
مُنهن جي شخصيت بہ ڇَاهي، مُنهنجو ڪَٿ بہ ڇَا ڪَٽيل آ.

٥- ڪِل مُک هُجڻ اَعجاز ا، مُنهن جي طَبع ۾ آ شَامل،
ڪِٿي ڪَنهن سَان مُنهن گُهنجائڻ، اِهو لَچڻ هِت لَٽيل آ.

تلهہ: توسان دِل جي آتم تہ پريت صنم، تُون چوين نہ چوين دُنيا چوندي،
مَن مُنهنجي جو بہ تہ تون مُحرم، تُون چوين نہ چوين دُنيا چوندي.

١- تُنهنجي پُرس صُورت جو پُوڄاري آهيان، اِنهي ذَوق ۾ تيو تہ زُناري آهيان،
دِيدار ئي تُنهنجو بَندگي آتم، تُون چوين نہ چوين دُنيا چوندي.

٢- تُنهنجي نَاز و ادا تي نِثار آئون، تُنهنجي جور و جَفا تي بَهار آئون،
تُنهنجي سَنگ دِليءَ جو مُونکي قَسم، تُون چوين نہ چوين دُنيا چوندي.

٣- مُون هجر فراق جا صَدما سَنا، مُون وَصل وِصال جا جَلوا ڏٺا،
مَعنيٰ خيز تَڏهن آ منهنجو نَظم، تُون چوين نہ چوين دُنيا چوندي.

٤- جو مُنهنجو قَدم سو آ تُنهنجو قَدم، جو آ مُنهنجو دَم سو آ تنهنجو دَم،
هَر مُنهنجي گُمان سَان آهين بَهم، تُون چوين نہ چوين دُنيا چوندي.

٥- مُنهنجي جان بہ تُون مُنهنجو جِيءُ بہ تُون، مُنهنجي شَعر و سُخن جو قَوِيءُ بہ تُون،
وَاللهُ سَچو آ مُنهنجو وَهم، تُون چوين نہ چوين دُنيا چوندي.

٦- نکي پَلُ تون پري نکي پَلُ مَان پَري، نَکي تُنهنجي سَري نَکي مُنهنجي سَري،
هِڪ ٻِئي جي سَواءِ جَڻ آهيون عَدم، تُون چوين نہ چوين دُنيا چوندي.

٧- هن پَاڳل دِل جا پُور نہ پُڇ، جي سَلٽا ڪَونهن سي سُور نہ پُڇ،
اَعجاز جو پوءِ ڇا رَهندو ڀَرم، تُون چوين نہ چوين دُنيا چوندي.

تلھ: ھيءِ دل ڪانہ ڦرندي ڪانہ۔ توڙي لک ڏيو تہ بيان.

١۔ يار ڪيو سون يار يگانو۔ ياد ھوندو دل جان.

٢۔ فَاذْكُرُونِيٓ اَذْكُرْكُمْ۔ آن آيت تي ايمان.

٣۔ مسجد ۾ جن مٿيا ڦيريا۔ تن صحي نہ ڪيو سبحان.

٤۔ ملن جا مسئلا مطلب وارا۔ مطلب جا مروان.

٥۔ موڙھيل مت جا ڪين تا ڄاڻن۔ اعجاز عليؒ جو شان.

تلھ: انھي سھٽل ڪي آھي دل ڦرڻ جي مرضي،
ديد ۾ وينو ديد ھٽي، ڪين ڇڏيندو خود غرضي.

١۔ ڏھ ڏھ پيرا ڏينھن ۾، ڪئين تو ويس ڪري،
سينڌ ڪڍي سر مون وجھي، درسني سامھون ڏري،
ڦريو پوي تو ڪيس ڪرڻ، ڪم اٿس اھو فرضي.

٢۔ برھ بڇڻ لاءِ ھر ھر، ھيرا ڦيرا ڏي تو،
ڇو ھٿون ڇنيو ٻئي اکڙيون، ڇرڪ ۾ ڇيرا ڏي تو،
نت نيون تجويزون سٽي، ناز ڪري طرحين طرزي.

٣۔ دوليو رخ تي بيھي، خلقتي زلف خم خم،
مرغ دلين مرڪيو، دام پايو نئي دم دم،
لاڪڻ جو اھو لاڏ پسي، لئون لئون منھن جي لرزي.

٤۔ اعجاز ڇوي آئون ڇاھيان، آھڙي فسونگر اڳيان،
مند انھي جي محبت جو، مانو يانيو متان،
ڪوڙئين ڪوپا قلندر، قرب ڏيئي ڪيئين قرضي.

فسونگر: جادوگر، ساحر

تلھ: جَنھن دِلبر سَان دِل مُنھن جي لڳي، تَنھن سَڄڻ ڏني کيئي سَال تيم.
ساري ساري آنھي کي رَاتو ڏينھان، روئي روئي اکڙيون لاَل تيم.

١- ڏسان آئون جڏھن تو آئينو گئي، پَنھن جي پَاڻ سُڃاڻي نہ صُورت سگھان،
ڦري رُخ جو وَرق رَنگ رُوپ ويم، سِکي ھئي ھئي ھَڙا حَال تيم.

٢- سَواءِ پيارِي پرين، پَرديسي جي، ھِت مَن پر پاڻ لاءِ ھينئر،
ھِڪ نَام سَندس تيو ورُونھ وندر، پي وَات نہ کَائي مَقَال تيم.

٣- اھو چَاٺي تو جَنھن سَاڻ لڳي، نہ تہ دِل جي لڳيءَ کي چَاٺي نہ کو،
تَنھن کي ظَاھر کَرڻ بہ مَحال تيم، تَنھن کي مَخفي رکڻ بہ مَحال تيم.

٤- ھِن جَرحِ جُدائيءَ وَاري لاءِ، اعجاز چَئي ڏس کَنھن کَان پُڇان،
جيکي دَرمان دَرمل دَارون کيم، سي تہ ويتر جِيءَ لاءِ جَنجال تيم.

تلھ: کيوسُون دِل گُھريو دِيدار- وَٺيوسُون سُھٽي جو سِينگار.

١- مُحب جو تَجلو طُور مِثل ھو، مُنھن مَحفوظي مَٺيا دَار.

٢- آبرو تير تَرار تکيرا، ظَاھر زور کُھن ذُوالفقار.

٣- اکڙيون عَجيب جون کيف کَجل سَان، آور عَجب اسرار.

٤- زُلف اعجازا ذَر ذَر زِيادھ، تي چَمکيا چَھبک چَلتيدار.

جَرح: ڦَٽُ: زَخم

ٺلهہ: دِل چوٽ ڇَري ڪَئي چِشمن جي، آئون نہ سگهان سَاسَنڀوري.

١- ويچن تہ وَيتر وَهلور ڪَئي آ، ڇاڪ ڇَريءَ جا تہ چوري.

٢- پِيار وَهيٽيءَ کي پِيار ڏئي کو، ڇاهي چتاري چتوري.

٣- چَار گهڙيون چَار چشمي ڪَري ڪَنهن، زَخمي ڪَيس ظُلمي زوري.

۴- جَن ڪَئي دِيواني تَن جي پَسڻ لِئہ، پير پَئي بَرِ مَنجهہ سوري.

۵- اُها ڪيئن اَعجَاز اِٿئي سَال سَئين دِل، جنهن کي هَر روز جهوري ڪا جهوري.

ٺلهہ: ڪَر وَيس وڳا مُون کي وَڻ وَڻ وَڻ- ڪَسي دِل تہ مُنهن جي اِئين ڪَڻ ڪَڻ ڪَڻ.

١- توکي وَيس هُجن تہ وِصالي هُجن، مَن مُهٽا سُهٽا مِثالي هُجن،
لئہ دَار لَقائي لاَ اُبالي هُجن، ڏسي ڇَئي پوءِ ڏيئين مُنهنجو بَڻ بَڻ بَڻ.

٢- تَوتي نَظر پوي دِل بَهار ِتئي، مُونتي طَاري وَجد ويرو تَار ِتئي،
تُنهنجو آهڙو سُهٽا سِينگار ِتئي، لَڳين شَاهُ حُسن جو ڇَڻ ڇَڻ ڇَڻ.

٣- ڇا ڇَوان تہ سچي تيو ڇا آهين آڇ، سِڪُون سَهسين سچڻ پيو لاهين آڇ،
ڪَنهن ٿَمر پَڪل جِيئن آهين آڇ، آڇي مُنهن جي جَهوليءَ ۾ ڇَڻ ڇَڻ ڇَڻ.

۴- هِيئن ڇَوندس آئون حِجاب بِنان، مَهڪايا ڇَمن تو نقاب بِنان،
موتيو مُشڪ عَنبر گُلاب حِنا، تُنهن جي رُخ جي پَسيني جو ڪَڻ ڪَڻ ڪَڻ.

۵- مُنهن جي دِل جو آهين تُون ئي ڏُٽيل، چِت چَاهہ سَان ڇَاهيل ڇُونڊ ڇُنيل،
اَعجَاز کي ڪَونهي پِيو ڪو وَٽيل، وَٽيو تَنهن کي وَريو وَريو وَڻ وَڻ وَڻ.

تلهه: لڳم دِل کي لکن مان هڪ ـ ڪيم سو مُنتخب سُهڻو،
صَنم صُورت ۾ مَن مُهڻو، عَجب سُهڻو غَضب سُهڻو.

١ـ هَزارن ۾ بـــــ هُو پَدِرو ـ تــــ پَارن ۾ بـــــ هُو پَدِرو،
سُونـهـارن ۾ بـ هُو پَدِرو ـ سِينـگـاريـل روز شَب سُهـڻـو.

٢ـ پَنيا سِرڪي پيشاني ۽ پيا ـ حَرم ڪَعبو حَيراني ۾ ٿيا،
تَجلا رُخ نهاني ۽ ڪَيا ـ ڏِنم چهرو آليپ سُهڻو.

٣ـ نَخل طُوبيٰ پُڄائي قَد ـ چَڙيو پَنهنجو لَڄائي قَد،
صَنم مُنهنجو سَوائي قَد ـ صَفا چَڻ سَاڳو رَبّ سُهڻو.

٤ـ سَچڻ آهڙو شَڪيل آهي ـ مَتِس هَر بُت خَجيل آهي،
ڏِنس جَنهن سو عَليل آهي ـ بِيمارن جو بہ طِب سُهڻو.

٥ـ پِرين ۽ جو حُسن جي ڏِسندين ـ وِڃائي حَوصلو وِهندين،
صُمٌّ بُکمٌ ٿي اُت کُسندين ـ اِهو ڄائي ڪَسب سُهڻو.

٦ـ ڪَندو جيڪو طَلب ڄا شيء ـ اُنهي کي ٿي مِلي سَا شَيء،
مِلي جَنهن سان نہ بي ڪَا شيء ـ ڪَيم آهڙو طَلب سُهڻو.

٧ـ چِشم ڪلٿا ڪٿي وينو ـ وَٽيو اَعجاز وَٽي وينو،
آندر دِل کي هَٽي وينو ـ نَيڻن سان نِت نَقب سُهڻو.

نقب: ڏار، شگاف

ٿلهہ: مَحبوب تو مَـچايو، آچي مَام ۾ آسان کي،
دِل جَان سَان ڦاسايُئي، هِن دَام ۾ آسان کي.

١- سَهـجئـون سَچہ سَڏائـي، سَاغر صُراحي چَائـي،
مَدهـوش وِئـين بَـنـائـي، هِڪ جَام ۾ آسـان کـي.

٢- وَنـخـن ۾ پَائـي ويـڙهـو، نيـٽـن کـان بَنجي نـيـڙو،
جِيءِ ۾ مَچائـي جِهيـڙو، وِڌُئـي ڪَام ۾ آسـان کـي.

٣- نَانگـا ٿِيـا سـون نِسري، نِت نَانِهہ ڏانـهن نِکري،
وِيـا وَرهـيـہ ڪـيـئـي گُذري، مَاتـام ۾ آسـان کـي.

۴- ڪَيڏا نہ تورا ڪَيا اَٿئي، ڏَس ڪنهن پَلا ڏَسيا اَٿئي،
ڏُک سُور مـوڪـلـيـا اَٿـئي، انـعـام ۾ آسـان کـي.

۵- اُلـٽـو تـو عِشـق لاَيـو، سَمـجهـڻ ۾ اِئـين آيـو،
هِت آهـي تـو رَهـايـو، آنـجام ۾ آسـان کـي.

٦- اَعجاز چَئـي چَا هـاٿـي، جَاٿـو ڪـو رَاز جَاٿـي،
بـيـحـد ڪَيـو اَٿـئـي آٿـي، بَدعـام ۾ آسـان کـي.

تلم: يَار جو تَصوّر ڪَندي، تَصوير وَئي دِل تي نَهي،
سَا سَدا سَامهون اکين جي، رَاهبر تي آ رَهي.

١- تو رَهان آئون رَات ڏينهان، مَحو تنهن جي حُسن ۾،
هِجر جي هَيهات حَشَري، مُونجهه مَن تان وَئي لَهي.

٢- فَاذڪُرُوني ءَ جي فَهم سان، دل اکين مَعراج ڪيو،
حَال هَمذاتي کُليو آ، ويا ٻُڌي آمر و نَهي.

٣- سُرخ سَاقي سُرخ سَاغر، سُرخ مِينا سُرخ مَئي،
سُرخرو تي تَنهن مَنجهان، سُرڪي پيتم سِڪ جي صَحي.

٤- آهي هي اَعجاز سَڀ ڪم عِشق حَضرت جو ڪَيل،
جو ڏسڻ ڪان هو ڏوراهون، سو ڏِنم پَر ۾ پَهي.

تلم: دِل تي چَوي دِلبر تُنهنجو مرڪڻ چُمان - تُنهنجو مُرڪڻ چُمان بولڻ ٻهڪڻ چُمان.

١- رُخ ۽ رُخسار[١] تُنهنجا گُلابي رُوءِ تي - نيڻ مَستانا تنهنجا عُنابي[٢] رُوءِ تي،
چُمي چِمڪڻ ٻنهي جو وري چهٽڻ چُمان.

٢- زُلف چوڙي تو تہ دِليون ڪَيون مَاندڙيون - رَنگا رَنگي رُخ تي سي رَءِ رَءِ ڪَن رَاندڙيون،
اهو اُلجهڻ انهن جو ۽ سُلجهڻ چُمان.

٣- عاشق آلمست[٣] جي منهن ڏي يَلغار[٤] ڪي - ڪولي ڍڪ نقاب ۾ نہ ابرو تلوار ڪي،
سيني سِر سا سَنڪاءِ تہ ستڪڻ چُمان.

٤- اَعجاز جو آهين سُهٹا چين تون آرام تُون - پري پيارا پيار سان ڏي وصل جو جام تون.
تنهن جي هٿ واري جام جو ڇُلڪڻ چُمان.

(١) رخسار: ڳل (٢) عنابي: عناب هيءَ ڳاڙهو ٻير جيڏو ٿئي ٿو، ان سان تشبيهہ (ڳاڙهي رنگ جهڙو)
(٣) المست: مدهوش، محو (٤) يلغار: ڪاهہ ڪرڻ

تلهہ: مُونکي تو وَنان پيو سَڀ مِليو- مليو نہ هڪ دل جو قَرار،
اِن دَرد غم سَوداءِ ۾- رُئَندو رَهيس آئون زَار و زَار.

۱- شَملا شَهنشاهي مِليا- اَلقاب بَرَ الاهي مِليا،
وَهوا وَارا بہ وَاهي مِليا- پَر ڪونہ مِليو غمگسار.

۲- ڪٿين طَعام تَازا تَر بَتر- ڪٿين سَبز ميوا سَر بَسر،
ڪٿين پَٽ پٽيهر زَر زيور- سيجون پَلنگ تڪيا هَزار.

۳- مِٺا ۽ طَعنا ڏُک ڏنئي- تن سان دُنيائي سُک ڏنئي،
سُهٽا سَلوٽا مڪ ڏنئي- ڏِنئي نہ اهو پَهريون پيار.

۴- حَاضر مَنبل مَئيخان آ- سَاز و سُرود سَامان آ،
اَفسوس هي اَرمان آ- نَاهي فَقط دِلدار يَار.

۵- اَعجاز چئي جَاهل هُئس، نَاسمجهہ نَاقابل هُئس،
تُنهنجو مگر گهائل هُئس، ذَاتي صِفاتي جَهاتي سَنيار.

تلهہ: توکي اَتم دِل ڏِني ڏِني اِظهار تي- سَارو سَجڻ هي لوڪ سِڪائي.

۱- سُنگت سَنگت ۽ سَاٿ تُنهنجو، وَتم پيرن کان پِني پِني- اِظهار تي.

۲- لڳ لاهَپا لِحاظ لَڙا سَڀ، ڇَڏيم تو لاءِ ڇِني ڇِني- اِظهار تي.

۳- رَمزون پَنهنجون پَاڻ تا چَاٽون، پول ٻُڌاسون ٻِني ٻِني- اِظهار تي.

۴- وَقت مِلڻ جي مُنهن جي مَنهين، بُوند بَهار جي پِني پِني- اِظهار تي.

۵- وَصل تُنهن جي مان سُهٽل سَائين، دل آ اَعجاز جي وَني وَني- اِظهار تي.

وَني وَني: رڱي رڱي، ڪنوار

ٿلهه: دِل مَن پُڇي جي نينهن لآيان ها تہ هو چڱو،
پَرديسيءَ سَان نہ پيچ پَايان ها تہ هو چڱو.

۱- پَنهنجو تي جَنهنکي ڄَاتم سو ثَان پَرايو هو،
ان بيوفا سَان پيار، ڪَرڻ ئي آجايو هو،
پَنهنجو نہ آئون تنهنکي، ڀَانيان ها تہ هو چڱو.

۲- گُذري ٿو وَقت ڪِيئن سو، ٻُڌايان ڇَا آئون ڇَئي،
پَڇتايان هَاڻ پيو مان، خَبر ڪَانہ اڳ پئي،
سِر بِرهہ جو نہ بَار، ڇَايان ها تہ هو چڱو.

۳- هِي آهون دانهون ۽ هي، حَشر آهي هَر گهڙي،
هِن زِندگيءَ جي سَاٿيءَ، سَواءِ ٿي زِندگي ڪَڙي،
هَهڙي جِيئڻ ڪان زَهر، کايان ها تہ هو چڱو.

۴- دِلبر ويو تہ دِل بہ وَئي، ڪَنهنکي ڇَوان وَڃي،
مُون ڏي مِڙئي مَيار، مُون آهي خَطا مَڃي،
سَمجهي جي دِل جو سودو، ڏَايان ها تہ هو چڱو.

۵- اَعجاز ڪيڏو عشق ۾، ڏِس آئون عَليل ٿيس،
ڪولي آندر جو رَاز، خوار و ذَليل ٿيس،
ڳُجهہ هي ڳَهيلو ٿي، نہ ڳَايان ها تہ هو چڱو.

ٺلهہ: مُنهن جي دِل جو آهي دَارون مٺا تُنهن جي ديد تنهنجو ديدارڙو،
پَنهن جي نَام لڳ مُون سان لَايو اَڄ پَنهن جي نَين جو تہ نظارڙو.

١- مُون ڏي ڪَنهن بہ طَور نهار پيو مُنهن جي جُنون کي تون ڄيار پيو،
جيڪو نَاز دَارين سو دَار پيو، آهي نَاز هَر تنهنجو پيارڙو.

٢- سَواءِ تو آ مُونکي پَوا نہ پي، پَانيان آئون پَوا بہ رَوا نہ پي،
مُون لاءِ سوچ لوچ دَوا نہ پي، آهيان بِرهہ جو آئون بيمارڙو.

٣- مُنهنجو تُون سَڄڻ مُنهنجو تُون صَنم، مُنهنجو پير مُغان تون مُحترم،
مُونکي گُهرجي دِلبر دَم بَدم، تُنهن جي سُونهن صُورت جو سَهارڙو.

٤- توکي آئون ڏسيو تو خُمار جان، ريءِ بَهار جي تو بَهار جان،
تُنهن جي مَوهہ ۾ تو مَلهار جان، پَايو پيچ تو سان نيارڙو.

٥- تُنهن جي حُسن تي تي نَظر پوي، تي ذَات ۾ صفت جي خَبر پوي،
دَردن غَمن ۾ تي ڪَر پوي، تو آڙهہ بہ ٿئي گُلزارڙو.

٦- اَعجاز چئي اهو قُرب ڪَر، ملي مون سان مُنهن جو تي عُمر پَر،
مُدت کان آهيان آئون مُنتظر، اَڄ ڪَر تون هي اِقرارڙو.

ٺلهہ: دل سان دلبر دل ملي، اُلڪو جُدائيءَ جو لٿو،
هِڪ حَال ٿيو هِڪ خيال ٿيو، حَق هيڪڙائيءَ جو لٿو.

١- پيچ پَاتاسُون پَڪا، پَڪ پيار پَنهنجو ويو وَڌي،
ڏُک ڏَنجهو ۾ ڳُنڪتو هن ڪَر ڪيتائيءَ جو لٿو.

٢- سُور غَم هڪ بئي سَندا، سر تي ڳَنياسون سَٽ بَڌي،
پَاڻ تَان اِلزام پيارا، بيوفائيءَ جو لٿو.

٣- بُود ٿيو نَابود بلڪل، بيخوديءَ ۾ تا رَهون،
پَنهن جي دَامن تَان تِڪو، اَڄ خود نُمائيءَ جو لٿو.

٤- دَم بَدم اَعجاز چئي، جَاني آهيون گَڏ جَابجا،
تَہ بہ نہ هن جڳ کي شُبهہ پَنهن جي جُدائيءَ جو لٿو.

ٽلھ: پيار ڪَيوسون پيارل توسان، پُلجي دِل جي ٽارڻ لاءِ،
پَر توکان اِھائي پَار پُني، جو ٻاريُئي دِل کي ٻارڻ لاءِ.

١- وَاعدا وَرتئي قَسم کَنايئي، قَولين ٻولين بَردو بَنايئي،
هَٿ نہ آسان ريءِ ٻيو ڪو آيئي، عِشق جي گهاٽَ اُتارڻ لاءِ.

٢- آسان تي سَمجهيو توکي عَجب تر، نڪري پئين پر تون سِتمگر[1]،
دانھن اِھا ڏيون هَاٺي ڪَھڙي دَر، سُھٹو بَنئين ڪَھڙي ڪَارڻ لاءِ.

٣- خَطا آسان کان ٿي ہہ اھا جو، سُوال ڪيوسون توکي وَفا جو،
وَفا ڇَڏي ڪَيئي وَس جَفا جو، پَنھن جي ڏاڍِ ڏيکارڻ لاءِ.

٤- جُوين حُسن جَواني جَاني، مُندِ اھا مَستاني جَاني،
سُڌ ٻُڌ کان آنجاني جَاني، ٻَڌل نہ آ غم ٽارڻ لاءِ.

٥- سَھوَ[2] ہہ ناھي ڏوھ ہہ ٿاھي، ويسر پولو آپوجھن آھي،
سِينو آپوجھن سان جو سَاھي، ڇَنجي ڇَا تنھنکي مَيارڻ لاءِ.

٦- غَير لاءِ سِينو سَخت ئي ڪونھي، ڇَنبو آسان سان رَبط[3] ئي ڪونھي،
پِرت جو آچ ڪَلھہ وَقت ئي ڪونھي، اَعجاز پُليو پِرت پَارڻ لاءِ.

(١) سِتمگر: پٿر دل، ظلم ڪندڙ (٢) سَھوَ: ڀُل (٣) رَبط: واسطو

تلھ: دِل پُراڻي پرت ڪاري، دِل مَٺايان پَر نہ ميان،
نينهن ڪَنهن صُورت نَئين جو، يار لايان پَر نہ ميان.

۱- هِڪ يَا ٻن تن چئن جي، حَاجت هُجي هَا تہ بہ چڱو،
هِت تہ وِيا هِي سَڀ آچا ِتي، ڪيس لايان پَر نہ ميان.

۲- جَان ۾ دِل ۾ جگر ۾، چند سَچيءَ ڪي جَا لڳي،
برهہ وَاري بَاهہ سَا هَئي هَئي اُجهايان پَر نہ ميان.

۳- مُنهن مَٽو جَنهن جو نہ مُورهئون، ڇيهہ ڇيڙو مُون ڏنو،
ڳَالهہ تَنهن ڳُجهڙيءَ ڪي آئون، ڳچ ڪي ڳَايان پَر نہ ميان.

۴- نَئينءَ صُورت ڪي آهہ اڄ ڪَلهہ، نَئين صُورت جي نِت تَلاش،
هِي پوءِ سيڪنڊ هئنڊ صُورت ڪيئن وَٺايان پَر نہ ميان.

۵- مُنهن لڪيرون سِيرون سيرون، لَحم ليڙون چَم چٻڙ،
جوت جوين جَر جوانيءَ، جو جوڙايان پَر نہ ميان.

۶- سَڀ پُراڻو سَاڻو ڪَاٺو، پيچ پُرزو آ سَندم،
ڏَس ڪَاٻاڙيءَ جو مليم سو، ڳَس پُڇايان پَر نہ ميان.

۷- ڇي ڏکي اِستاتِ ليان تہ بہ، سُپر هاءِ وي مَاٽيان،
ڪَئين سَڏون آهن اي خَاڪي، سَڏ ڪَا لاهيان پَر نہ ميان.

نوٽ: هي ڪلام سائين اعجاز جو ناهيل آهي. نالي واري مصرع ۾ استاد محمد صابن ”خاڪي“ جو نالو ڏيئي سندن همت افزائي ڪرڻ فرمائي اٿن.

تلھ: قَلب مُنھنجي کي قَريبا، چو کِپي کوري وِڌئي،
ڇاڪ ويترمُون ڇَريءِ جا، ڇُر ڪري ڇوري وِڌئي.

۱- ڪِين تو چاٿين طَبيبا، مَاٽ ڪَر مُونکي مَچور،
نِينھن جي نَاسور کي، نَاحق وَري جھوري وِڌئي.

۲- جن ڏُکن جي ڏور کان، مُنھنجا ڏَکيا تي ڏوھ ميان،
تن ڏکن جي ڏور آخر، ڏاھ سان ڏوري وِڌئي.

۳- تو مُون کيون تي مَام ۾، مَحبات وَاريون ٻَاتڙيون،
سي لِڪائي ڪين مُورھن، عَام سان آوري وِڌئي.

۴- آھي چُڪ تُنھنجي اَعجازا، آھون دانھون ڪِيم ڪَر،
جِيئن ڏنو ھوءِ يَار تيئن، گھر سر نَتي گھوري وِڌئي.

تلھ: دِل کان پَاسي نَاھيان مَان- دِل ۾ گھُول تہ آھيان مَان.

۱- دِل سان مِلنديِن مِلنداسون- مِلڻ نہ دِل ريءِ چَاھيان مَان.

۲- ھي شَعر نہ آ حَقيقت آ- نَاھ نَتو ڪو نَاھيان مَان.

۳- جيڏھن ڪَاھيان تيڏھن تو- دِل جي رَستي ڪَاھيان مَان.

۴- جَنھن ڏي رکان تہ توڙ نِبايان- ھِڪ لَحظو سِڪ نہ لاھيان مَان.

۵- جوڪُجھ چَاٽان دِل کان چَاٽان- سِينو نہ ڪَنھن سان سَاھيان مَان.

۶- دِل جو پيياسي دِل جو وَاسي- دِلجو سَاسي آھيان مَان.

۷- جي پيار ڏِينديِن تہ وَٺنديِن پيار- ھَاڻ تُون سوچ تہ چَاھيان مَان.

۸- مُنھنجون مَوجون ڇَا ڏسنديِن- وِيرون عِشق جون وَاھيان مَان.

۹- پِيا سَڀ ڏَاھيان ڪَعبہ مڪر- دِل جو ڪَعبو نہ ڏَاھيان مَان.

۱۰- اَکين جي ٻہ تہ دِل سَان اَعجازا- رَاند رَھان ۾ رَاھيان مَان.

تلھہ: آيِ دِل گُھريا دِلبر مُنھنجا، آھن عَجب آرا تُنھنجا،
تَعريف جي لائق ڏِنم لک لاَڏَ ڪَئين لاَرا تُنھنجا.

١- چَقمق چِشم چَھرو غَضب، پِنبٽين جو تت پَھرو غَضب،
آھن وَري قَھرو غَضب، ڪَاڪُل ڪُنڍا ڪَارا تُنھنجا.

٢- اي حُسن جا تابُوتڙا، خُوبين سان سَنوريَل خُوبڙا،
مُون تي تيا مَحبوبڙا، مَاٿا اِھي مَارا تُنھنجا.

٣- مرگھن[1] ۾ تنھنجي ڳالھہ آ، ھنبوَن[2] ۾ حيرت حال آ،
ڪُونجن ڪي سِڪ اڄ ڪَالھہ آ، ڪَبڪُن[3] تَڪيا چَارا تُنھنجا.

٤- مُرڪي نَظر مُون ڏي تون ڪَن، ۽ ڪَامِلن جي ميچ ھَڻ،
چَاھيان تو آئون چِپڙا چُمڻ، مِنڙا مِنين وَارا تُنھنجا.

٥- اَعجاز چَئي توسان وَري، مَتَ ڪِيئن تِيندا بُت مَرمَري،
توکي ڏِسي جيڪا پَري، بيشڪ ھَئي نَعرا تُنھنجا.

(١) مرگھن: ھرڻ (٢) ھنبون: ميھن وساڙا (٣) ڪَبڪ: تِترُ، چَڪور

تلم: سَنگ دل کي دِل ڏنيَمِ هي ڇا ڪَيم. پيار پٿر کان پِنيَمِ هي ڇا ڪَيم.

١- سِڪ پِري جَنهن دِل سُڃاتي ڪانہ ڪا. ڇا نہ ڇا تنهن لاءِ ڪَيَمِ هي ڇا ڪَيم.

٢- جو صَنم خَاني فَقط سُونهي صَنم. تَنهن کي جَانِ مَن ڇَيَمِ هي ڇا ڪَيم.

٣- مُنهنجي ليکي مُنهنجو آهين تُون مگر. پَاڻ کي دوکو ڏنَمِ هي ڇا ڪَيم.

٤- مُلحظو ظَاهر جي روئڻ کان ڪَيم. ڇَو نہ مَاٺهن جِيئن رُنَمِ هي ڇا ڪَيم.

٥- بيوفا جي بيوفائيءَ کي ڏسي. صَبر جو روزو پڳَمِ هي ڇا ڪَيم.

٦- جي نِجانا پيدا هئا نَاتا عَجب. سي ڇِنم ڪنهن لاءِ ڇِنمِ هي ڇا ڪَيم.

٧- رَشڪ ئي بس رَشڪ ۾ جَلندو وَتان. دَمِ مجازي ڇو هَنيمِ هي ڇا ڪَيم.

٨- آڄ تَڏهن هَرهڪ تَمنا تَڙپي پئي. جو مُقدر کي تَکيمِ هي ڇا ڪَيم.

٩- عِشق جِي ۽ حُسن جِي اَعجاز ڇئي. عُمر پَر عِزت رکيَمِ هي ڇا ڪَيم.

تلهہ: دِل وَاٽ ويندي تَو جَهتي، وَهہ دِلبر تُنهنجي جَهاتي،
هيءَ هَاڻ نہ وسري گَهتي، وَهہ دِلبر تُنهنجي جَهاتي.

١- عَجب اِهو آ ڪِيئن آچانڪ، اَکيون اَکين سَان اَڙيون،
اَڙيون تہ اَڙيون اَهڙيون تي، جو جَان جگر ۾ جَڙيون،
لَئون تو سان لڳي لڄ لَٿي، وَهہ دِلبر تُنهنجي جَهاتي.

٢- تَڪي ديد دُنالي شَايد، پوءِ دَري تو کولي،
دَريءَ کُلڻ سان عَاشق هِن لاءِ، حَال تہ تي وَئي هولي،
رَنگ خُوب لڳو اک پَٽي، وَهہ دِلبر تُنهنجي جَهاتي.

٣- دُنيا تي ڳولي دَولت کي، تُون تہ ڳولين دِل وارا،
پيار سَچي ۽ ڪُوڙي جي، پَرک پئي آ پيارا،
دِل مُنهن جي ڪَئي ڪَسوٽي، وَهہ دِلبر تُنهنجي جَهاتي.

٤- صُورت پِياري پِيارا تُنهن جي، نَظر نِيائڻ وَاري،
لَک لَک وَاري تو تان صَدقي، جَاني چِند هيءَ سَاري،
تہ حُسن ۾ بَازي کَٽي، وَهہ دِلبر تُنهنجي جَهاتي.

٥- اکيون تُنهنجون ٿَهر اڳيئي، وَري شوق ڪَجل فَرمايئي،
اَعجاز جي موهڻ لاءِ اِهو، ڏَاڍو ڍَنگ بَنايئي،
هِت ڪَيڏي پَکيسُون هَٽي، وَهہ دِلبر تُنهنجي جَهاتي.

ٿلھ: دل ڳھرئي دلدار جو- ديدار تيو آج اوچتو،
نازِ پريو ناز مان - نروار تيو آج اوچتو.

١- سڪ وچان پردو ڪنيو- نازڪ بدن آيو نظر،
آمهون سامهون آڪ اڙي - اقرار تيو آج اوچتو.

٢- حُسن تابش سان نرمل- نينهن جون نوڪون سَچي،
عاشقن آڏو اچي - اظهار تيو آج اوچتو.

٣- جيئن جهٽي تو باز چرڪي - تيئن جهٽي ويو محب دل،
هيءُ قهر مون سان آهي - يار تيو آج اوچتو.

٤- جان پري جاني قدم - مرڪي هليو تان مون ڏٺو،
طور جي تجلي مثل - چمڪار تيو آج اوچتو.

٥- تير پالي جي بجاءِ - آج گهور گهنڊ سان گڏ وري،
سيف ابروءِ جو سندم - سروار تيو آج اوچتو.

٦- دل وني ۽ دل ڏيئي هيئن - دلربا دلبر چيو،
واهه جو اعجاز هي - واپار تيو آج اوچتو.

ٿلھ: دم دم توکي ياد ڪيو دل - واٽون تنھنجون واجھائي.

١- آهي سچو تنھنجو عشق اويڙو- پرپي نہ مونکان اٿس مونسان جهيڙو،
ڪير تنهن کي پريائي.

٢- ڪيئن آ الائجي توسان اڙي دل- جادوءِ کھڙي سان تو آجڙي دل،
ڏسڻ نہ ٻئي ڪنھن ڏي پائي.

٣- پيار ڏئي وئين دل منھنجي کاري - صحبت تنھنجي ساري ساري،
پرم تو لاءِ فالون پائي.

٤- دل کي اعجاز چئي گھٹون سمجهايم - ياد تنھنجيءَ کان روڪي رهايم،
تہ بہ چاهہ نتي توتان چائي.

تلهہ: مِلايو سَاز چِڏيو ڪِل ڪِل- مَچايو مَحبت جي مَحفل.

١- ڪُلفت مان ڪُجهہ ڪِين ڪمائبو، نَاتو نِيائبو رَس نہ ڦنائبو،
فَيض رَبوبي تَنهن پرائبو، جَنهن تبو بِسمل.

٢- نئُرت نِياز سَچائي ڏاريو، وَهم بِيائيءَ وَارا وِساريو،
حَق جو نَعرو هَر هَر مَاريو، ڪُوڙ جا ٿيو قَاتل.

٣- پِيرِ مُغان جي پرت ۾ پَچجي، چڙهي نظاري نينهن جي نَچجي،
عِشق وَاريءَ آڏيءَ تي اَچجي، سِکڙي رکي مُکمل.

٤- ڪير ملون آ ڪير مَوالي، ڪير صوفي آ ڪير ڪلالي،
سَيکو آهڪ دَرجو سوالي، پَر پنهنجيءَ ۾ پَلپل.

٥- لوڪ ڪَري پَلي ٺوڪون رَوڪون، پَر نہ ڦٽائيون پيار جون جَهوڪون،
جِيءَ جِيءَ ڪَري ڏبيون جگ سَان جوکُون، اَعجاز چَوي تَهدل.

تلهہ: مَحبت آ وڪر اهڙو، سَودائيندين ڪمائيندين،
هِيئين سان جي مَحبت ڪي، هَنڍائيندين ڪمائيندين.

١- مَحبت ۾ سَچائي جو وَفائي جو وچن وَنندئي،
وَچن ڏئي سو وَچن پَاري پُڄائيندين ڪمائيندين.

٢- مَحبت ريءَ وڪر بيا سَپ، وَچن آخر پُرانا ٿيو،
مَحبت آ فَقط نِت نئين، وِهائيندين ڪمائيندين.

٣- ڏَجائون ڏَن خَزانا ڪئين، لُٽائيندين وِيندا لُٽجي،
مَحبت جِيئَن لُٽائيندي وَڌائيندين ڪمائيندين.

٤- مَحبت ڪي حڪايت چئي، حَقيقت ڪان نہ غافل ٿي،
سَچيءَ دِل سَان مَحبت گرچ لائيندين ڪمائيندين.

٥- مَحبت ٿيو وَجي اَعجاز، مَحبت ڪئي نہ ويندي آ،
مَحبت چيز نَاياب آ، جِي پَائيندين ڪمائيندين.

ٺلهه: آهي مَحبت چِيز عَجيب ـ پَر ڪَنهن ڪَنهن ٽئي ٿي نَصيب.

١ـ مَحبت غَرض عَرض ڪان آجي، مَحبت قَرض فَرض ڪان آجي،
مَحبت دَرد مَرض ڪان آجي، آ مَحبت پاڻ طَبيب.

٢ـ مَحبت اَنبيائن ميراث، مَحبت اوليائن ميراث،
مَحبت غُربائن ميراث، مَحبت مُربن جي تَرغيب.

٣ـ مَحبت ۾ سڀ ڪاڄ ٿين ٿا، مَحبت ۾ ڏَج ڏاڄ ٿين ٿا،
مَحبت ۾ مَعراج ٿين ٿا، مَحبت جي آهَنج حَبيب.

٤ـ مَحبت غَير بِيائيءَ ڪان پاڪ، مَحبت بي حَيائيءَ ڪان پاڪ،
مَحبت روڳ رِيائيءَ ڪان پاڪ، خَفا مَحبت ڪان ڇو خَطيب.

٥ـ مَحبت ۾ ڪو جهيڙو نہ جَنگ، مَحبت ۾ ڪو ضِد نہ زَنگ،
مَحبت ۾ ڪو ڪَنهن ڪان نہ تَنگ، مَحبت وُسعت ۾ بي حَسيب.

٦ـ مَحبت هيري ڦيري نہ ڄاڻي، مَحبت تيري ميري نہ ڄاڻي،
مَحبت وير ۽ ويري نہ ڄاڻي، مَحبت جي نہ نَظر رَقيب.

٧ـ مَحبت سوئي آهه ثَمر، سُرو اڏوهي نہ جَنهن کي گُهنگهر،
ذات مَحبت جي آ اَمر، توڙي چاڙهيوس نيئي صَليب.

٨ـ مَحبت چئوس جي اُلفت چئوس، اُنس چئوس جي چاهت چئوس،
پِرت پريت جي پاهت چئوس، چئوس اَعجازا چئوس وَري بہ.

تلم: مَحبت ۾ جيڪي مُيون مُيون - سي ٻئي جڳ جِيئنديون،
ٻئي جڳ جِيئنديون پَڙا پيئنديون.

١- هَوت جي هَردم حُضـور ۾ - جَيـڪـي هُونـديـون ۽ هُيـون.

٢- سِڪ سَان ثَابت سِريون جن جون - سُوريءَ تي تـوسُيـون.

٣- پَنهـنجي آنـدر مـان پَاڻ کي لوڏي - دُور ڪَيـون جن دُيـون.

۴- آچي اَعجَاز تَراريـن وِچ ۾ - تَڪـبـيـرون جِن چَيُون.

تلهه: اک ۾ ڪاني عشق جي ڪر، ڀان سينگارڻ ڪان پوءِ،
دَرسَني دِل وَاري ڏس ٽون، دِيد دِل ڏارڻ ڪان پوءِ.

١- ڪنهن به عاشق ڪانه ڪئي آ، ڪٿهن آزادي قبول،
زُلف جي ڪاري ڪمند بَند ۾، گهڙي گهارڻ ڪان پوءِ.

٢- ناز بَرداريءَ ۾ آهي، قيس مَجنيٰ جو ڪمال،
بَاغ تي بَرسِر بَهاريو، بَر ۾ بِيهارڻ ڪان پوءِ.

٣- دِل پَسند ڪو هڪ ڏٺي، دِلبر يَلي پَنهنجو بَناءِ،
ڪَر نہ تَنهن جِي ڪا شِڪايت، تَنهن جي آزارڻ ڪان پوءِ.

٤- سُو بَسُو سَنسار سَپ، تُنهنجو ڪَندا سَر سَر سَلام،
واعدي قَالُوا بَليٰ تي سَاهہ سِر وَارڻ ڪان پوءِ.

٥- مَعرفت واري ٿامائن، مَوج مَت عَارف عُشاق،
مُوتُوا قبل اَنتَ مُوتُو، پَر انهيءَ پَارڻ ڪان پوءِ.

٦- ڀَاڻ سِينگارڻ سَنوارڻ، مَرڪ مُشتاقن جو ناهہ،
سُونهي سُهڻن ڪي سَجاوٽ، سَابہ سِڪ ڏارڻ ڪان پوءِ.

٧- مُنهنجي خَطا سَهو غَلطي، ڪَابہ سَاقي ڪِيم ليڪ،
پَنهنجي پِڪ پِيالي ۾ پَائي، پِيالي تَنهن پِيارڻ ڪان پوءِ.

٨- بَارُ آ آزار آ، بَيڪارُ آ اَعجاز هَاڻ،
جَان جِند جي ڳَڻ ۽ ڳَڻتي جَان جِند ڳَارڻ ڪان پوءِ.

تلهہ: آسين يَار سَڄڻ جي اکڙين لاءِ، آهيون کيل تَماشو ذَري ذَري،
پَريو دُناليون ڍِيدن وَاريون، چکي تو مَاشو[1] ذَري ذَري.

۱- شَوقُ سَڄڻ جو شَاهہ شَاهاٺو- حُسن جو هَٽ ۾ مُلک ۾ مَاٺو،
بِرهہ وَارن لاءِ وَتي بيراٺو[2]- بَچي تو بَاشو[3] ذَري ذَري.

۲- کُوپا کُونتر تَکي تَاڙي- بَانکا بَهادر وَنگي وَاڙي،
سُوريءَ چَاڙهي گهَاٽي چَاڙهي- رَت تَلاشو ذَري ذَري.

۳- کَٿهن ڦَهر جو کَجل اکين ۾- کَٿهن سحر جو کَنول اکين ۾،
کَٿهن مَهر جو مَشعل اکين ۾- خُوب ۾ خَاشو ذَري ذَري.

۴- بِرهہ جون بَاهيون لاڳڻ لَايون- واءِ اَعجاز تيون وِلليُون[4] وَايون،
جَان جِسم کان جُدا تا پَانيون- بُت تيو لاشو ذَري ذَري.

تلهہ: تُنهنجي اکين جا تيرَ، نيٺ چڙهي پيا جَاني جگر ۾.

۱- وَهوا نَازڪ تُنهنجو نِهارڻ، مُرکي اُمالڪ گُزڙو مَارڻ،
سيگهہ کَري وِجهہ سِيرَ، ڦَٽکي لُڇي پيو سَاسِي پَٽر ۾.

۲- نَالي خُدا جي يَار پيارا، ڦَٽي ڦُري دِل کَر نہ ڪِنارا،
سُرت اَٽم نہ سُڌير، پَريشان آهيان فِراقِ فڪر ۾.

۳- سُرمون پَائي سُهٽين اکين ۾، کَئين تہ کُنا تو گُهمندي گَهٽين ۾،
پَنڊت پير فَقير، دِلگير کَيا اتئي سَاري دَهر ۾.

۴- اَعجاز چَوي پَرديسي آهيون، هتي هَميشہ رَهڻ وَارا نَاهيون،
اوچتو ٿياسون آسير، سَختي نہ ڏي سُهٽا ايڏي سَفر ۾.

---

(۱) ماشو: بندوق جو گهوڙو (۲) بيراٺو: شکار جي تلاش ۾ حملو ڪرڻ
(۳) بَاشو: باز (۴) وِلليُون: جُنوني، ديوانگي

ٿلهه: تَنهن جي مَست اکين تي مُلڪ ڇَڪن- ڇَاتن جي اَڳيان آهو نين لڳن.

١- مُلڪان مُلڪ تنهنجي اکڙين جا مُنل، ڪئين عاشق کُوپا کُونڌ کُنل،
مَاٺهو تہ مَاٺهو پَر مُحب مِنل، جي پهاڙ پَسن تہ پَاٽي ٿي پَون.

٢- آفغان عَمان اِيران چَوان، خَرطُوم خَتن خَاڪان چَوان،
هِندُ پَاڪ پشن پَرستان چَوان، يُونان چَوان يَثرب کي يَمن.

٣- مَد يَريون اکيون مَتواليون اِهي، آٿئي پِرت وَارن لاءِ پَاليون اِهي،
لا باليون اِهي بَرحاليون اِهي، کَوڙئين کَيف پِيالا کَدهہ لهن.

٤- آهڙي ڪجل ۾ آ ڪَاراڻ ڪِٿي، آهڙي لعلن ۾ لَالاڻ ڪِٿي،
آهڙي عام اکين ۾ آ چَاڻ ڪِٿي، جِيئن تنهنجون اکيون ٿيون رَمزڪن.

٥- لِيئن سَاڻ لُنيئُون لَاهوت وَجي، جَڙ حُسن جِيءَ سان جَبروت وَجي،
هَئي بَاڻ بَڌئُون مَلڪوت وَجي، نَاسوت نَمايو نَاز ٿيون ڪَن.

٦- تُنهنجي اکڙين جي جَلون عِشوَن کَان، تُنهنجي اکين جي غَلبَن دلبن کان،
تُنهنجي اکين جي عَرصن صَدمن کان، دِل وارا سَڄڻ ٿا دِيوان ٿهن.

٧- جن اکين مَوهيو سَڀ جَهان سَڄڻ، آئون تن تان ٿِيان قُربان سَڄڻ،
فَڪَان وارو فَرمان سَڄڻ، اَعجاز چَوي صَحي صَاف آٿن.

آهونبن: هرڻ جون اکيون

تلهہ: اکين وَاري نَاتي - ڏَاڍي چوٽ چَاڙهي،
اِهو دَرد لاَشڪ - ڪَندو نَئِي پَچاڙي.

١- ڪَيم وَس هَزارين تہ هي خيال مَنجي - چڙهي وِيو جو دِل تي نَئو حال مَنجي،
ڏَارون ڏَب تـہ هن لاءِ آهن چڻ اُمـاڙي.

٢- اکين سَان اکين جو مِلڻ ٿيو اَچانڪ - ٻنهي طَرفين مُرڪڻ کِلڻ ٿيو اَچانڪ،
لڳي جِيءُ کي اُن دم اُتان جَـڙ کا جَاڙي.

٣- چَڏيو عِشق ظَالم رَتي رَت نہ مُون ۾ - جوين جوتِ وَارو بہ سَت آت نہ مُون ۾،
صُورت سُونهن سَاري سِڪڻ سِڪ اُجاڙي.

٤- مَزو مَوج چَاچي، اَمن عيش چَاهي - لڳي جيڪا ٿئون سا ٿوري ڳَالهہ نَاهي،
مُون لاءِ هَر ڪَا مَحفل سَواء يَار ٻَاڙي.

٥- جِتي سَاهہ سِر جي آ اَعجاز بَازي - اُتي عَاشقن رِيءَ ٿيندو ڪير غَازي،
ڏِسڻ ڏُک اُنهن جو آهي ڪَم ڏِهاڙي.

تلهہ: آئين سُهڻا سِينگاري اکيُون اکيون - ڪَجل وَاري ڪَج رِيہَ سَان.

١- اکين سِينگارڻ جو قَابل آهين - ڏَاڍو سياڻو قَاتل آهين،
جهڙيون تيغُون نَاهي تو رَکيُون رَکيُون .

٢- هِڪ تہ سَارو سَچ مَنجهن آ - ٻيو تہ مجازي مَچ مَنجهن آ،
پِيَڙ لاَئي سي ٻکيُون ٻکيُون .

٣- ٻئي ٻَاجهاريُون مُرڪ وَاريُون - لَٿون لَٿون لَڳيُون پيچي پِياريُون ،
ٻَاڻ هَنئي سي ٻکيُون ٻکيُون .

٤- هَر هَر مُونکي شَهيد ڪَن ٿيون - سڪ سڪڻ ڏيو خَريد ڪَن ٿيون،
لوڪَ اَعجَازَا نہ لڪيُونَ لڪيُون .

تلھ: ڏسي ڏسي تو لاءِ سُڻُا - اکيون وهيون نار تي نار تي،
آئين ڪَونہ ٿُون، ڪَري ڏانھون دل يَار پَئي.

١- نَڪي گَام وَٽي نَڪي طَعَام وَٽي، نَڪي صُبح وَٽي نَڪي شَام وَٽي،
آنئي پَھر عِشق ۾ پيارا، تُنھنجو نَام وَٽي،
نَامِ خُدا جي وَچ هڪ وار تي هِڪ وار تي.

٢- مُون کي تہ اوهان ڏنا سُور نَوان، سِي کَھڙا چئي وري کَھڙا چَوان،
ڏُکيو گُذران ڏِينهن، رَاتو ڏينھان پيو مَان رُنان،
مَري نہ وڃان ڪٿي بيمَار تي بيمَار تي.

٣- آهِ يَارَ سَچا دِلدار سَچا، مُنھن جي مَحبت جا منتار سَچا،
ڪر آعجاز علي سان اقرار سَچا،
مُنھن جو دوست دلي دِلدار تي دِلدار تي.

تلھ: آڙي تہ اکيُون مُنھنجون پَتيون پَتيون - لڳون نہ ڪِٿي وري لاَئن لاَئن.

١- آرُ اکين اُن پَار جو ڪَيڙو، ڪڙي خِيال اُنھيءَ ۾ ڪُتيون ڪُتيون.

٢- جِھجِڻ جھوري نِند نہ نيٽين، پَئي نکت نِھاريان ڪَتيون ڪَتيون.

٣- وِرھہ وَاري ويٽي وَسايان - چوڙي چَڌيم سِر چَتيون چَتيون.

٤- عِشق وَارن تان آعجاز علي چَئي، لوڪ مَيارون لَتيون لَتيون.

تلم: تُنهنجون مَست مُغانيون مورُ اکيون، ڏاڍي حُسن وَاريون گهنگهور اکيون.

١- جاهي جوت حُسن سان جَلال پَريُون- خاصي خُوءِ خُنک سان خَصال پريون،
کَج آبرو کَمان سان کَمال پَريون- سَدا قتل کوڏيون تہ ڪَنور اکيون.

٢- آهي سُرمون کَجل بہ تہ شَانُ سَندُن- بِنا سُرمي کَجل بہ تہ مانُ لهن،
هَر طَرح دِليون حَيران رکن- اِهي کَاريون کَاريون پَنيور اکيون.

٣- تُنهنجي اکڙين جا جَلوا بہ سُونَهَن- تُهنجي اکڙين جا پَردا بہ سُونهَن،
تُنهنجي اکڙين جا دکبا بہ سُونهَن- آهن پِيون بہ مگر تُنهنجون آور اکيون.

٤- اهي آکَمَ آڙنگَ سَاڻُ ٻَئي- اِهي سَانوڻَ سَارنگ سَاڻ ٻِئي،
اِهي رُوپَ عَجب رَنگ سَاڻ ٻَئي- بيباڪَ بَري باشور اکيون.

٥- نَکا نَرگس گُلاب ۾ آهڙي وَفا- نَکا مَشعل چَراغ ۾ آهڙي سَخا،
نَکا اَلماسن ۾ آهڙي کَلا- آهڙيون ڏاريون اتئي شَهزور اکيون.

٦- ڏني جَن جي قَلب تو قرار وَني- ريءِ پِيتي خُمر جي خُمار وَني،
اَعجاز جيسين دِيدار وني- تيسين تُون نہ کيڏهن اِهي چور اکيون.

تلم: جَن اُکين آئون آهيان مَاري، تَن اکين رِيءِ جِيئنديس کَانہ.

١- يَاد پَون جَنهن دَم اُهيئي، وسريو وَجن پِيا کَم سَيئي،
نِيرُ وَهايو وَسايان وَاري.

٢- پَاپِي اکيون سي پَردي واريون، مُون جَهڙيون تن لکين مَاريون،
هَئي قَهر جي کيف کَناري.

٣- سج لِهي وِيا کَئين سَارِيندي، رَينُون گُذريون هَنجهون هَارِيندي،
کَانہ ڏنائون وَري کا ڏيکاري.

٤- عِشق اکين جي کَئي آ پچائي، ويئي جَلي مُنهنجي جوت جُواٽي،
ڦُرجي اَعجازا تيس ويچاري.

تلھ: چَقمق اَکيون ڇهتي وَيون، گهٽئي موڙيم پَر نا مُڙيون،
سُرمان پَائي سينگارجي، دِل جي کُسڻ لاءِ تيون ڪَڙيون.

١- ڪُنڍيون ڪَڪوريل ڪَارڙيون، مِرگهن ڪَنان مُوچارڙيون،
لَغڙن وَانگي تي وَارڙيون، ڪَاهون ڪَري ڪَوڏئون ڪَڙيون.

٢- نتُ تير مڙگن جا تَکي، اِيندي وِيندي وِڏئون ڏَکي،
اُستاد ڪَنهن پَاڙهيون پَکي لوڪان لِکي تڏهين لَڙيون.

٣- مَارڻ لَئہ آيون تيون رَهن، اِن آر تَان مُشڪل لَهن،
مَيچُون ڏِيو مُرڪيو ڪُهن، ڇَتريون اٿن کي چَالڙيون.

٤- وَئي لڳي سِر سَاھ سَان، اُدمان اُتيا هَر آھ سَان،
اَعجاز چئي اَلله سَان، آهن اهي جِتِ ڪِتِ رَڙيون.

تلھ: دلبر ڪَشيا اکين جا- پَيڪان اِيندي وِيندي،
مَاريو وَريو تو مَاري- مَهمان اِيندي وِيندي.

١- خُوني خَنجر ڪَنيائين- عَاشق قَتل ڪَيائين،
حَملا ڪَري هَنيائين- سَربان اِيندي وِيندي.

٢- نَازڪ سو نَاز پَرور- ڪُونتر پريِن قَداوَر،
گهُورن سَان گهَائي هَر هَر- جُنگ جُوان اِيندي وِيندي.

٣- سُهڻي جَا زُلف خَم خَم- ڏِس دَام وَانگي دَم دَم،
ڪَن تا هَزارين حَاڪم- زِندان اِيندي وِيندي.

٤- ظَالم زَورَاور تَئي تو- اَعجاز جي دِل نِئي تو،
سُورن سَندا ڏِئي تو- سَامان اِيندي وِيندي.

زِندان: قيد

تلهه: کلي جو اکڙيون کَنيُئي- جَهڙو جَادو کو ڪَيُئي،
تَي وِيُس هَوش کان بيهَوش صَنم وَالله.

١- پَهريِن نَظر سَاڻ عَقل هَوش ُچَڏايُئي،
بيخود بہ بَنايئي مُونکي بيوَس بہ بَنايئي.

٢- هک پَل بہ کيڏهن هَاڻ نہ ڦير نگاهون،
تَرساءِ نَکي هاڻ هي تڙپاءِ نگاهون.

٣- تُنهن جي نہ بَرابر پَانيان جَنت جا نظارا،
صُورت پڙئم تنهن جي آهڙو حُسن نِگارا.

٤- پيتم تہ پيا بہ مَئي جا پَيمان هَزارين،
پَر تُنهن جي اکين وارو نَشو آهي پِي پَارين.

٥- اَعجازؔ چَوي مُون ڏي نهاري تون وَري کلُ،
مَحبوب آهڙيءَ ريت مُون سان رَوزُ پيو تون مِل.

تلهه: هک منڙيون منڙيون ڳالهيون تُنهنجون، پيو نَاز پَريون اکيون مَارِن تيون،
اَسين عَاشق اَهڙيون وَصفون ڏسي، پوءِ ڪِيئَن نہ سَچڻ سِر سَاهہ ڏيون.

١- تُون چَاڻين نہ چَاڻين يَار منا، سَاري جَان آسان جي تُنهنجي آ،
مَحروم نہ کَر پَنهنجي پِيار کَان تُون، پَري پِيالو وَصل جو ڏي تہ پيون.

٢- پَاڻهي پَاڻ سِينگاري پَاڻ آئين، پَنهنجو پَاڻ ڏيکارڻ نَاز کَري،
اِنهي چَال تُنهنجيءَ جي پَئي نہ خَبر، دِلدار لُٽي کِيئَن دِلڙي وَيون.

٣- تَي سَاڻي دِل قَيد ويئي، تُنهن جي دَام زُلفن مَنجهہ سَدا،
تُون تہ تيو آهين هَرجائي مِنا، ڪِيئَن توريءَ جَانب هَاڻ جِيُون.

٤- ڏاڍي عِشق تُنهن جي جي ڳالهہ هلي، هَر جاءِ آهي اَعجازؔ کَئي،
ڏِينهن رَات اَٿس تَاري تَات تُنهن جي، چَڏي يار ڏنئين بس ڳالهيون پيون.

تلهه: جيئن وَٺي تيئن ڀَار، مُون ڏي تون نهار- گُهند پَائي يا ڪلي اکڙيون ڏيکار.

١- مُنهنجي نيڻن تُنهنجي نيڻن جو ملڻ- تو هزارن کي بَنائي حِرص وَار.

٢- تُون ۽ تُنهنجا ناز تا مُونکي وَڻن- تو وڌايو پاڻ پَنهنجو بار بار.

٣- تُون نهاريندين تہ توکي ڪنهن جو خوف- عاشقن جو آهين عَاشق آشڪار.

٤- ڪَر پيارڻ ڪان نہ بَس اي سَاقيا- نظر سان يَا جَام سان پَر پيو پيار.

٥- دِل جي چيري هيءَ ڏِسين آ دَاغ دَاغ- ڪٿي نہ ٻي ڪنهن تو ڪئي آ دَاغدار.

٦- کولي مُنهن مُون سان مِلين يا مُنهن ڍَڪين- هَر آدا تُنهنجي تي دِل مُنهنجي ٻَهار.

٧- جهڙو سُٺو پَاڻ تون تهڙيون اکيون- مَوت مُنهنجو بَخش ٿئي پيو موهہ مَار.

٨- جَا نظر تُنهنجي ڏنم سا لاَجواب- هَر نَظر ۾ رَاز پَوشِيده هزار.

٩- آهين ڪُل مُختيار تُون اعجاز چئي- يَا محبت يَا تُون نفرت اختيار.

تلهه: گول گِلولاَ اکين وَارا- چَائين تو تہ چُنين تو يَار.

١- ڪونہ گُسين تو ڪڏهين ڪنهن مَان- سَيکنهن ڏانهن سَنين تو يَار.

٢- تُون نِشاني بَاز نرالو- دليون تَڏهن تہ لُٽين تو يَار.

٣- زور يَريا هَٿيو زَاريون ڪَرائين- هَٿندي ڪونہ ڪُٽين تو يَار.

٤- زُلفن وَاريءَ سُوريءَ سان- نِڙگهٽ نِڙيون گُهٽين تو يَار.

٥- ڇَا ڪٽين تو ڇَا وَٽين تو، ڪيڏا نہ پَاپ ڪُٽين تو يَار.

٦- تَو وٽ گِلول رَتول رَنگينا- ٻيايون تَن سان ٻُنين تو يَار.

٧- اِنهيءَ ڪَري اعجاز علي چئي- هينئڙي تَان نہ هَٽين تو يَار.

تلهه: مُحب سَان اکڙيون تہ نت مَلنديون رَهيون،
پَر اُميدون دِل سَنديون جَلنديون رَهيون.

١- ڪيئن وَفا جو هاڻ ڪَنهن سَان پَرجي دَم،
لک وَفائون جَابجا لُڙهنديون رَهيون.

٢- آسرو رکجي پوءِ اُت ڇو پيار جو،
کُلفتون جت پيار کي کُهنديون رَهيون.

٣- دوستيءَ جي نَاتي کَان دِل ٿي کَٿي،
دوستيون اَڄ کَلهہ کُنڍيون ٿينديون رَهيون.

٤- هَيڪڙائي ڇَا ڪندي ٻيائيءَ اڳيان،
هَستيون ٻيائي کي جَڏهن، جُهڪنديون رَهيون.

٥- ڪُوڙ جو جِن وَٽ قَدر سَچ جو نہ مُور،
سَڀ اُنهن کي ڳالهيون ٿَبنديون رَهيون.

٦- ڪي تہ تِڪ ۾ تَار مَان تَريو وَڃن،
ڪي تہ ڪَشتيون پَر ڪَپر ٻُڏنديون رَهيون.

٧- ڇَا اکين جي آس هُئي اعجاز ڏس،
ڇَا اکيون هي دَم بَدم ڊِسنديون رَهيون.

تلم: هن تہ اکين جا آڙنگ آگم کير پُسي.

١- گوڙَن ۽ گمسانن سانُ مَست گگن وانگي،
اگِھ عَجيبن واري بَرسن اوڙڪ اوراـنگي،
اُت اوِهيرن ساڻ سندن چوهي چاٽ وَسي.

٢- نِينهن نظارا آوسر، نَئين سِجَ کَن نوان،
سَارنگ سانوڻ سَدائين، مَنجھ ملھار چوان،
هَٽن بُوند بَهار جا، گَسن گاهہ پُسي.

٣- سِڪ اُکَنڊ اکڙين جي، ڪِين اُکاٽي کَڌهين،
سائي سَوائي آٿهي، ڪِين کُوماٽي کَڌهين،
خُوءِ خُماري تِنهن جي، تَارين تُنرين هَسي.

٤- اکيون عُشاقن واريون کَن توحيدي وَسون،
کَکر کاپاري تَن جا، لاهِن قَلبن کَسُون،
کَونہ آعجازا کو تڙُ رکن مَنجھہ تَسي.

تلھ: سَچڻ تُنھنجون سُھڻيون - آھن دَنگُ اکيون،
ڪِتان لائي آيون - اِھَو رَنگ اکيون.

١- آئن چَڻ ڪي پيتل - نَديون مَئي جون نِياريون،
مگر مُحب آھن - خُمر ري خُماريون،
رکيو رَمز وَارو - وَتن رنگ اکيون.

٢- حُسن سَاڻ ھَر ھَر - دِليون دَست ڪَن ٿيون،
سَچو مُلڪ سارو - موھيو مَست ڪَن ٿيون،
مِجازي حَقيقي - ھَئن ڏَنگ اکيون.

٣- جَڏھين ٿيون تہ جَن سَان - پُورو پيچُ پَائن،
تَوڙان تَوڙ تَن سَان - نَيھي ٿيو نِبائن،
آڙڻ جو بہ چَاڻن - اِھو آنگ اکيون.

٤- يَلي لک پيو ڪو - جَھاڙا پَاڙھا آئي،
ذَرو ڪون ورندس - مَوليٰ پَاڪ چَائي،
رکيو وَصل وَارو - وَتن ڍَنگ اکيون.

٥- گھوريان گھور گَھڙي - اِنھن آئون اکين تَان،
اکين جي اعجازا - وِصالي وِڳن تان،
مِليو جي مِلن ٿيون - ڪَريو نَنگ اکيون.

ٿلهه: اَکڙيون آڙايون جن، سي نہ قُربئون ڪَاف ڪَين،
صُمٌّ بُکۡمٌ[1] عُمۡیٌ تي، ڪَنهن جي ڪَانہ ٻُڌن.

١- ڪَن دُور دَرازي پنڌ پهاڙي، پرِيَن پَارپُڇن،
پَاڻ پَتوڙيو پَتن سان ڪَبو، پگهر پَاڻي پِين،
لُڇي لَڪَن ۾ لَهُو[2] لَهُو تي، وِندر منجهہ وَڙڪن.

٢- فَرض فَرمودا[3] فَائق جا، سُئي فِراقي ڦَرڪن،
صُورت سُڃاڻي سَاهي سِر ڏِو، سُوري ءِ لاءِ سَنبرن،
عَاشق اکِيان معشوقن جي، اُت موت مَچيو مُرڪن.

٣- نِينهن نَقارا نَوبت سُئي، نِرت رکيو نِوڙن،
تَن اندر کي طَبل وَڄايو، طَالبئون طَلب مِلن،
طَواف ڪَن تا تَابع ٿيو، ڳَايو پَنو مِثل پَونرن.

٤- چَارئي پَهر چُور اُتي تيا، ڪَهي قُرب ڪَڙهن،
چَوٽ چڙهيو تي چَاهہ ڪَيائون، چُر پُر ڏِسيو چِشمَن
اَعۡجَازؔ اُنيئي عَاشق ويهي، نِدڪري نَانگا وِيا نَنگن.

(١) صُمٌّ بُکۡمٌ عُمۡیٌ: ٻوڙا، گونگا، انڌا (٢) لَهُو لَهُو: رتو رَت
(٣) فَرمودا: حُڪم، فرمان

ٺلهه: ايڏو اکين ۾ خُمار- آندو کٿان تو يَارِ پيارا.

۱- جَنهن ڏي ڏسين ٿو ٿَنهن کي ڪَرين ٿو- رِيءَ نشي سَرشَار،
عَجب لڳو سون اهوئي دُلارا.

۲- انهن اکين جو مُلهه ٿِو نه ڪوئِي، وَري به ڪلي تون نِهار،
رُخ تَان نِقابو کَڻ تون خُدارا.

۳- عَاشق کَڻ پيا آزيون نيزاريون- بي سِرِ ٿيو بَار بَار،
لاڪڻ توکي لَيل نِهارا.

۴- نَيڻ نِنداکا ٿُنهنجا ڏِسي نِت- نَرگس ٿيا تِه نِثار،
ٿُنهن جو قَسمُ مُونکي جِيءَ جا جِيارا.

۵- مَست نَظر سان مُنهن جو کَسيو تو- صَبر چَين قَرار،
پَلپل پُڇان پيو تَڏهن مَنتارا.

۶- اَعجاز ڇوي آئون آهيان اَصل کان- پِياسي ٿُنهنجو پينار،
مُنهن جي صَدا سُڻ يَشرب وَارا.

لَيل نِهارا: رات ڏينهن

تـلـھـ: مَست اڪيون ڏار مُنھن ۾- ڇو ھُجن رَت روئـٽـيـون،
سِر گنوائڻ جي نہ سِگھيون- ڪيئن چَوان سي گوئِٽيون.

١- ھُت تـہ مَا زَاغَ الـبَصَرُ[1] سَان- تـو نظـارو ٿـئـي سَچو،
ڇرڪيون ڇِنيٽيون ٿِيون ڪَر- ڪُرڪيون ڪَنڌ ڪوئِٽيون.

٢- سر جي بَازي جت لڳي- اُت سُورھـيُن جي سـوبِ ٿـئـي،
جَلـوا جوھـر ڪَن نـہ پڙ ۾- ڳوريـون ڳوڙھـن پُوئـٽـيـون.

٣- عَاشـقـن جون عشق آتش- ڪَان سڙي اڪـڙيـون سُڪـيـون،
رِيج پَاٽـيءَ ڪـان چڙھـي تِيـون- پَاڻ پَاٽـي چُوئـٽـيـون.

٤- مُون مجازا ٿيـون ڏِٺـيـون- اَعجاز چئـي اڪـيـون اُھـي،
حَال ھَر ڪَنھن مَنجھـہ مَرڪن- خِيـال خَـاصي ڊوئـٽـيـون.

تـلـھـ: ھي ڏٺـي نَازڪ ننڊ اڪيون- وَٽ اڪيون ڪي جَاڳـٽـيـون،
وَصـل وَحـدت وَاٽ ڪـان- وَاقـف ھُجن ويـرا ڳـٽـيـون.

١- تَن سُڪيون عَيشن بُڪيون- مَعراج ڪيئن مَاٽيندِيون،
مَا سِوَا الٰيُ[2] مَحبوب جي- تَھدل ڪِين ھُت تِياڳـٽيون[3].

٢- سُڪ سـمـھـڻ جو سـاءُ ڪَڏھين- ڪِين آديسين چکيو،
بِرھـ سَان رَاتيون سَڄيون- بِيـنَا ڪوڙي بيرا ڳـٽيون.

٣- ڏِي آوجاڳا ڪي اکين- نَہ تَہ رَنـگ پَسنديون ڪونَہ ڪو،
لَيلُون جَاڳي ڪـر مُنـين ڪـي- لاَل لاڳي لاڳـٽـيـون.

٤- پُورجڻ پَنـجڻ پَسـڻ- آ پـرتِ وَارن جو پَڪـو،
چَار ٿينديون يَار سان پوءِ- چِلوليون ڪِيئن جَاڳـٽيون.

٥- نَازڪَن جون نِت تَہ سُونھَن- اَعجاز خوابيده اکيون،
عَاشـقـن جون اوجِھـراٽـيءَ- ڪَان اَلـڳ اوجَاڳـٽـيـون.

(١) مَا زَاغَ البَصر: اک نہ لڙي نہ ڇنيي (٢) تياڳـٽيون: ترڪ ڪرڻ واريون (٣) مَا سِوَا الٰيُ: محبوب ڪان سواءِ

تلهہ: ڪَافر اَکيون مَحبوب جون - رُخنا وِجهن اِيمان ۾،
جَلوا ڪَري ڪَجلين ڪَيا - فِتنا کَڙا جِيءَ جَان ۾.

۱- دَعويٰ مُسلمانيءَ سَندي - تَقويٰ قَتي صُنعان ڪَئي،
هِندو صِفت ظَالم اَکين - وِڌو غُلغُلو گِيلان ۾.

۲- لَيليٰ جي لَهَ لاَري لَڳي - تِيو قَيس مَان مَجنون قَري،
آتڪائي دِل عَاشق وينو - ڪَيبَر ڪَجل جي ڪَان ۾.

۳- بَانڪيون ڪَتاريون بانَ چا - ڪِرپان خُود آکڙيون اُهي،
ڪَئين جَهڙپ ڪ سان ڪيترا - ڪَن جَهاتڪا جولان ۾.

۴- لائڻ نِيائڻ نينهڙو - آهي وَري تن جو عَجب،
مَنصور سان ڏِس ڪيئن مِلي - مَتڪا توڙيئون مَيدان ۾.

۵- تَڪ سان هَٽن رِيءَ تَڪ هَٽن - گُٽيون نَڪي ڪَڏهين گُسن،
چُستي چَالاڪيءَ سَان چُٽن - گهٽ ڪانَ ڪن نِيشان ۾.

۶- جيڏهن وَڃان تيڏهن سَدا - سَامهون اُهيئي سَانوِليون،
ڪَاشِي وَڃان ڪَعبي وَڃان - تُوڙي وَڃان خُمخان(۱) ۾.

۷- مَحبت جي شڪ مِلت سَوا - ٻيا دِين سَڀ ٻِيائي دُوئي،
آهڙا نِسنگ نَعرا آتن - نِت نِت عَلَي الاعلان ۾.

۸- هَر پَل پَهر اَعجاز چئي - جَن سِر اَکين جو مَامرو،
ڪيئن تَن مُنن تَنهن آڏ ڪُنن - جو جِيءُ لڳي قُرآن ۾.

(۱) خُمخان : مئي خانو، شراب خانو

تلهه: آهن ڪي ڪي اکيونِ اسرار مثل- اَڪسير علاج اوتار ِمثل.

١- اهي اکڙيون جيءَ جيارِن تيون- اُهي پَاڪ پيالا پيارِن تيون،
تَاثير عَجَب ڏيکارِن تيون- کُن[1] واري اَمر ڪِردار مثل.

٢- آهڙيون تہ اِهي وَٽيو تيون وَٽن- تي نِيشان بيهان پَلي بانَ هَٽن،
مَن مَاري مُونکي هَٽ پَائي کَن- ڪِلي خُوش تي شوق شِڪار مثل.

٣- بَا نقطي اکر جيئن ”ن“ بٽيو- تيئن نقش اکين گوناگُون بٽيو،
بِيچون اِتي اچي چُون بُٽيو- صَفا ”ن“ صورت جي سِينگار مثل.

٤- مُون جهڙا وَٽن تہ هَزار آڙيا- ڪَڙي قُرب وَاري مَنجه تي قَطار ڪَڙيا،
ڪِن پَاتا زُنار[2] ڪي دَار چڙهيا- ڪي بَرم بَهار يا بَهار مثل.

٥- جهڙيون ئي پُٺيم تهڙيون ئي ڏٺيم- وَسي وَنَحن ۾ اَعجاز ويٺيم،
سِر برهہ تَني جو بَرسي بِيٺيم، مُند سَانوڻ مَينگهہ مَلهار مثل.

تلهہ: ويٺي ويٺي اڄ وري- اکڙين سَاريا پَنهنجا سَڄڻ،
پيا گهڙي گهوڙها گهَلن تان- جيءَ لڳو مُنهنجو چلَڻ.

١- مُنهن لڳي مُرڪي ڪَيا- آنجام آذڪُرڪُم جني،
سي پرين ويٺا وِساري- ڪِين آيا سُڌ لَهڻ.

٢- هت مُنيءَ جو حَال هي آ- هُت پرين پَرواهہ نَاهہ،
سُورَهن سَاڙي آهيان- ۽ سَاهہ نيو هئي سِڪڻ.

٣- وَرُ ڪَريو وَاري ولهيءَ ڏي- اي وَسيلا وَاهرو،
وِرهہ مُنيءَ کي آ وَڪوڙيو- وِيا چُڪي سَيئي چلڻ.

٤- ريءَ عَجيبن جي اَعجازا- رُوح کي رَاحت نہ آهہ،
کَڏ پَون هي گَاڏا پيتا- کَڏ پون خُوشيون ڪِلڻ.

(١) کُن: ٿي پؤ (٢) زُنارُ: هندن جي مالها

تلھ: پيارا پرين تُون مُنھنجي اکين کان پَري نہ ٿي،
تُنھن جي سَري بہ ويندي، مُنھنجي سَري نَٿي.

١- تُون ئي حَبيب آھين مُنھنجو، تُون طَبيب بَس،
توريءَ دَوا تہ مُونکي، آٿر ٻي کَري نٿي.

٢- گھٽيئي چَوان تو دِل کي، سَين سان ٿي سُرخرو،
پَر تو سَواءِ ٻئي کَنھنجي، غُلامي پَري نٿي.

٣- سَجدو سَلام توکي، سَدائين کَيو کَندي،
وَالله غَير ڏانھن اَصل، دِل وَري نٿي.

٤- جَا برھ جي بَدن ۾، بَني يار باري تو،
سَا ھَاڻ ناري کير، ٻَري پئي ٺَري نٿي،

٥- رُوئندو ڏسي اَعجاز کي، ويتر رُئاڙين تو،
ھن من مان پوءِ بہ تنھنجي محبت مَري نٿي.

تلھ: اکڙيُون اکين کي کُرنشون کَن، قُرب وَاري کَاڻ ۾،
ڳُجھڙا ڳرا ڳَارا ڏيو، پُر پيچ پَائن پَاڻ ۾.

١- مُرکن مِلن مَستان ٿِين، ھِڪ ٻئي ڏي دَم دَم ڏِيان ڏين،
سِڪ سَوز جو پَيمان پِين، تَڙپن تڳن ٽِڪ تَاڻ ۾.

٢- ورچن نَٽيون سِينگار مان، دَرشن وَصل دِيدار مَان،
وَاعدا وَچن کَن پِيار مان، وِندريون وَتن وَاکاڻ ۾.

٣- نہ آھين سَانگو سَاھ جو، ٻي راھ جو اوڙاھ جو،
ڏَانوَڻ ڇِني ڏَنگ ڏَاھ جو، آڙيون وَڃي آوڳاڻ ۾.

٤- مَحبت مَنجھان جيکي مِليون، عَاشق اھي ديدون دليون،
آھن آزل کان واڳليون، اَعجاز ڏُک سُک مَاڻ ۾.

ٿلهه: توکي پَائي اکين ۾ توکي پَسان - تُنهنجي پُوڄا ڪَيان توسان پيار ڪَيان،
تُنهنجي جلون ۾ تي مَحوُ وَڃان - دِل دِلِهاءِ ڪَيان دِيدار ڪَيان.

۱- مَهراڻ تي تُنهنجي مَحبت ۾ - پَرپُور مُدامي موجن سان،
سَيراب[1] بَنايان سَارو جَهان - گُل غُنچه ڪَيان گُلزار ڪَيان.

۲- وَرِي بِرهه تُنهنجي ۾ بَادل تي - بَرخيز بَهارا ويس ڪَيان،
جِتي حُڪم ڪَرين اُتي پَلٽي پَوان - ڏاڍا جَلوا ڪيان جَهلڪار ڪَيان.

۳- سينني سَوز رکي تو سَانول جو - خود ساز پوان تي سوز پريو،
جڏهن بـه وَڃان وَڃي وَجُد[2] وِجهان - سِڪ بَرپا ڪَيان نين نَار ڪَيان.

۴- تُنهنجي عِشق ۾ تُنهنجي آمر سَندو - بَڌي بَانهُون تيان تُنهنجو بَردو بَندو،
تُنهنجي صُورت آڏو اي حُسنِ بُتان - سَوَ سَجدا ڪَيان آذڪار ڪَيان.

۵- تُنهنجي قَدم قَدم تي وِڇايان اکيون - تُون لَتاڙي لَنگهين لکين لُطف پَانيان،
تُنهنجا پير پيزار[3] چوڏار چُمان - لَب تَازا ڪَيان مُشڪ بَار ڪَيان.

۶- مُنهنجا صَنم مُون لِئه تُون آهين ڪَنوَل - آئون پَونري مِثل توتي مَست سَدا،
آغوش ۾ تُنهنجي شَام ڪَٽيان، پيچ پُختا ڪَيان رَد خار ڪَيان.

۷- جيئن شَمع جي پَڙڪن شُعلن ۾، پَروان پَتنگ جو حَال پرين،
تِيئن تَاب سَهان ۽ عَذاب سَهان، چِيري چَلهڪا ڪَيان ۽ چَلهڪار ڪَيان.

۸- تُنهن جي شَوق ۾ اکڙيون شَاميانه ڪَري - اِنتظار تُنهنجو ڪَئين زَمانه ڪَيم،
اَعجاز چَوي اَڄ جانِ جَان - تُو لاءِ ڪَجلا ڪَيان سِينگار ڪَيان.

(۱) سيراب: سائو، آباد (۲) وَجدُ: مستي (۳) پيزار: جُتي

تلھ: اکيون رَت رَت رُنيون زار و زار- آيو نہ اَڄ يار، ڪَرڻ مُونسان پيار،
اکيون رَت رَت رُنيون زار و زار.

١- اَڄ ساھ مُنھن جي جا ساٿي- دل دوست توسان مُنھن جي ٿاتي،
ايڏي دير آ تو ڇا ڪان لاتي- پَلا ڪَهڙي آ مون ڪان خطا تي،
آهين يادَ سَڄڻ هَروار، لڳل تُنھن جي تار، هيئين جا هار،
اکيون رَت رَت رُنيون زار و زار.

٢- تُنھن جي مُحب مَڇي مون غُلامي- هَر ماھ مَهيني مُدامي،
بي اَنت آهي بي آرامي- وَڃي روح ۾ رات وهامي،
تي خَتم وَڃي نہ بَهار، گَهڙيون ڪي گَهار، گُلِ گُلزار،
اکيون رَت رَت رُنيون زار و زار.

٣- غمگين سَدا مَان گُذاريان- تُنھنجون راهون مان ڏينھن نهاريان،
ڏيو دل کي دِلاسا ڏُناريان- ڳُجھہ ڳوھ ڳوڙها ڳاڙيان،
پَرائين نہ اعجاز کي مار، ملي ڪَر پيار، تنھن جي آ دَرڪار،
اکيون رَت رَت رُنيون زار و زار.

تلھ: اکيون هَنڌ آڙانگي آڙجي وَيون، ڪانهي جاءِ ڪُڇڻ جي قابو ڪَڙجي وَيون.

١- اکيون جاتي آڙيون تاتي رَحم نہ آ، سَواءِ ڪار قتل جي ٻيو ڪم نہ آ،
سُک چين آرام ڪو دَم نہ آ، گَهٽ گَهاٽ گُهورن جي ۾ گَهڙجي وَيون.

٢- اکيون ڪيئن اتھين آزاد ٿينديون، ڪَڏهن داد پائي خُوش شاد ٿينديون،
راتو ڏينهان وَتن فَرياد ڪنديون، ڇيءَ جان سُوڏيون جيکس جَڙجي وَيون.

٣- اکيون سَوز سِڪڻ سَڄُ ساڙي وِڌيون، سُکُ سُتُر وڃائي چٽ چاڙهي وِڌيون،
جيڏهن لوڪ نہ وَڃڻو اوڏهن لاڙي وِڌيون، مَٿن ڪيئي مَلامتون مَڙهجي وَيون.

٤- آهي عشق آهڙو ڪو آوڪو آديون، وَاهي لاشڪ مَرنديس نيٽين نير نَديون،
اعجاز عليءَ جي بِرھ بنديون، ٻيون ڳالهيون تَڏهان ڪَر دل مان تَڙجي وَيون.

ٺلهه: چُست چَتُر چالاڪ اکيون، چوري زوري وَٺن لڙنديون.

١- آهون وَاهون رَاهون بَنديو- ٽالا ٽاڙيون ٽاڪ اکيون،
چوري زوري وَٺن لڙنديون.

٢- چَرغن[1] وَانگي چُنگل پَايو ڪَن- چِٽ چِيهاڙيون چَاڪ اکيون،
چوري زوري وَٺن لڙنديون.

٣- بِرهه وَارين بَٽيين سَان سي- بي ڏَڙڪ بي بَاڪ اکيون،
چوري زوري وَٺن لڙنديون.

٤- حُسن جي جَلوي سَان هَميشه- هَر جاءِ ڪَدائن هَاڪ اکيون،
چوري زوري وَٺن لڙنديون.

٥- خُون عُشاقن وَارو پَسند ڪَن- خَاطر پَنهن جي خَوراڪ اکيون،
چوري زوري وَٺن لڙنديون.

٦- آرڏايــن سَان اَعجاز اُڪائن- هَوش عَقل اِدراڪ[2] اکيون،
چوري زوري وَٺن لڙنديون.

(١) چَرغن: شڪري يا باز جو قسم شڪاري پکي (٢) ادراڪ: عقل، سمجهه

ٿلهه: ڪَرُڪاريهر جان ڪنيو ٿو، آڄ تہ آڪڙين سان ڏنگين،
پِيو تہ ڀڄڻ ڀار ڀڪيو، ڀَنگ ڀاڻن سان ڀَنگين.

١- تِير تُنهن جي ڪان اتفاقًا، جو ٻچي ٿو تَنهن ڪي ٿُون،
وَرِ ڏيو وارن گهندڙيدارن، ڪيس ڪارن سان وَنگين.

٢- مَرد مانجهي موهيو مارين، ڪاڪ مُومل جي مِثال،
هِڪ تہ آنگ تن جا آنگين، پِيو سَردرَن سِرڙا ٽَنگين.

٣- سوڙهي گُهٽ سَپ ڪَنهن سان ڪَن، لاَيو چِڏن سِر ساهہ جي،
تِيئن سِکيون تُنهن جون آکيون، جِيئن تُون نَتو ڪنهن ڪان سَنگين.

٤- جِيئن نهاريو هيٺ ڏارين، تِيئن ٿو ماريو نهوڙين،
ڏار آهڙي ٿو اکين جي، ڏِنگ ڪهڙي لاءِ ڏِنگين.

٥- هِيري پارس ڪان بہ وڌ، پيارا پرين تُنهنجو پَسڻ،
راضپي سان رُوحِ ڏئي، جَنهن ڏي ڏِسين تَنهنکي رَنگين.

٦- ڪئين ڏِنم اعجاز چئي، تَنهن جي مِلڻ لاءِ مُنتظر،
خُوش نَصيب آهي اُهو آڄ، مُحب جَنهن کي تون مَنگين.

سُوڙهي: سختي، تڪليف

ٹلهه: مُنهن جي چئي نہ اکيون هي مُنهنجون مڙيون- پنهنجو ديس ڇڏي پرديس آڙيون.

۱- پاڻ مُرادو پاڻ وجي سي، لاَ خبر تي ڏِس تہ لڙيون،

۲- پيچ اکڙين پاتو اُتي آ، ڏاڍ کريو جت ڏِين تڙيون،

۳- آڻ ميو وٽي وِرهہ وينيون، سير نکي کي ورتئون ڏڙيون،

۴- درد انهيءَ ۾ دلڙي ويچاري، روز کري تي ريهون رڙيون،

۵- گھورن ۾ جي گھارڻ آيون، کِيئن سي گُذر تين هاڻ گھڙيون،

۶- سُورِ پرايئون کِيڏا تہ اعجازا، تہ بہ نہ اڃان تيون سمجهن سڙيون،

ٹلهه: اکڙيون عجيب جون اڄ- جهڙيون چُريون چُريون،
هک جهلک ساڻ کئين هِت- جانيون جُهريون جُهريون.

۱- کِن عاشقن تہ آسرو- سِر تان گئي ڇڏيو،
کِن سِر بخم تي نيت- پناهون گُهريون گُهريون.

۲- پر پُٹ حواس تي ويا- تن جا ٹٽان پٽان،
جنکي اکيون اڇي اِهي- هِينئڙي هُريون هُريون.

۳- هک بِن جي ڳالهہ کانهي- ڏانهون ٹا کن هزار،
ٹوروٹا جِيئن ٹريون کن- تِيئن کن ٹريون ٹريون.

۴- هر کنهن جي هُج ۾ حاجت- هرگز نہ هن اکين سان،
مانجهي مٽيير گُهرجن- هِت کي ڏُريون ڏُريون.

۵- کُهندي نہ قياس کو کن- کجليون کُنڍيون کُنڍيون،
کنهن جا پُڇڻ نہ جاڻن- پاڙا پُريون پُريون.

۶- اعجاز ساڻ هردم- لڙنديون اڇن اڃان،
چئجن تہ اکيون پر- آهن زُريون زُريون.

زُريون: شکاري پکي

تلهه: ڏاڍو نينهن نيڻن جو لڳو، لاهي ڇڏيم سانگو سِر ساهه جو.

۱- نيڻ پَسي هُونت نِرالا- پي پريمي پاڪ پيالا،
سوز جو پاتم سڳو- وَڃي مُشربِ تيس عِشق شاهه جو.

۲- ڪاڏي وئي تسبيح ڪاڏي وئي طاعت- ڪاڏي وئي لڄ ڪاڏي لياقت،
ياد صنم آهي رڳو، مُونکي قسم آهي ته الله جو.

۳- نڪي مسجد نڪي بُتخاني- يار مِليو سون منجهه مئيخاني،
توڙي دين ڪُفر جو نڱو- آسان دَرشن ڪيو دلخواهه جو.

۴- عِشق اعجازؔ آيو الستي- ماڻ حُلاجي موج ۾ مستي،
سيڙهو سنڌو سِڪ پڳو- وِرهه وڏو ونگ واهه جو.

تلهه: مُون سي ڏنا نيڻ او جيڏيون ڙي، ڏني جن جي لئون لئون نري نري پئي.

۱- گُهريا مون جيئي، مِلياُمون سيئي، اکيان اکين جي اُتم اُهيئي،
وِسريم ڪاڏا ڪيڻ، او جيڏيون ڙي، مُنهنجي ديد دَرشن ڪَريو ڪري پئي.

۲- نِظاري نيڻن جي بِرهه بچايم، پريم نَنگر جو گشت ڪرايم،
مَن تيم وانگي ميڻ، او جيڏيون ڙي، آهڙي جوت نيڻن ۾ ٻريو ٻري پئي.

۳- اُنهن نيڻن کي وِساري نه وِهنديس، ڏسڻ ريءَ تن جي گهڙي پل نه سهنديس،
سهنديس سوين ويڻ او جيڏيون ڙي، وڌيءَ سِڪ سان دل تن گُهريو گُهري پئي.

۴- ٻال جَتنيءَ ڪان لڳم ٻاڻ جن جو، اُتم اڄ ٻه اعجازؔ سوز ساڻ تن جو،
سي نيڻ سڄڻ سيڻ او جيڏيون ڙي، ڏسڻ تن جو دِل هيءَ سَريو سَري پئي.

تلهہ: ڪَي سُٺا مُٺا ڪُٺا نيڻ قابل، آچي ويٺين مَحفل ۾ مُون لاءِ ٿي قاتل.

١- هاسيڪار آئين سَينگاري نيٽن ڪي- موهڻ ناز مرڪڻ سيڪاري نيٽن ڪي،
ڪشش ساڻ تن جي ڪيئي موهي مائل.

٢- ڪُهڻ ڪَاڻ مُنهنجي آڻن سَاڻ سَيڪي- ڇاٽن ڇَاڻ ٻُنگ[1] ٻَاڻ[2] گُهنڊ مَاڻ سَيڪي،
ٻَچِي تن ڪي هَر هَر جهٽيئي جَان هيءِ دِل.

٣- حُسن جو ٻيڙ مَچ ڪَجل ڪَيف ڪَارو- ٻَندي ڇَارا بلڪل سو بيٺو تي مَارو،
ڇُرڻ اڳتي ڇُڪيو وَرڻ پوئتي مُشڪل.

٤- بيشڪ پِيا ٻہ ٽُنهن جي سِڪڻ سَاڙيا هُوندا- خَوابن خِيالن چوٽئين چَاڙهيا هُوندا،
مگر مُونکي گهايُئي ويهي مُنهن مُقابل.

٥- ڇَريا نيڻ مُنهنجا، ٽُنهنجا سَخت سِياڻا- فَقط ايترو تو آنهن ڪي سُڃاڻا،
ڇَريو آئون نہ ڇَوندس ڇَوَن ڪي پِيا پل.

٦- پَريءِ هن بَزم مَان وِڌئي مُون ۾ اڪيون- ڇَڏي ڏيهہ سَارو اچي مُونسان ٻڪيون،
تِنتر باز جيئن تورڪيو توڙان تَاڙِلُ.

٧- ڏِسڻ سَان سُٺا پَاتي سير توئي- ڪُهي ڪُل اَعجاز ڇَڏي ڏِنا جِهير توئي،
عَجب جهڙو ڪَيڙئي اهو شوق شَامل.

ٻنگ: ڀَاڪر ٻاڻ: تير

تلهہ: ڪِيئن نہ هي نيڻ اُجارا ٿيندا - يَاد جو پيار تو وَارا ٿيندا.

١- پيار ڪَجن تا پيار ڪَرڻ لاءِ - پيار وسارِيا نہ پيارا ويندا.

٢- يَاديون تُنهنجون يَار مُونکي نت - سَپ هي سَارا نظارا ڏيندا.

٣- هَاڻ تہ ٿانءَ آنن تا هي - گُوندَرن پَريا مُون وَارا گِيندا.

٤- ڪَئي تو جُدائي پَر ڪَانهي جُدائي - سَچ چَوڻ وَارا سَچيارا ٿيندا.

٥- تو ڏي تُنهنجا چَارا وَنائي - اَعجاز ڪي تُنهنجا اِشارا نيندا.

تلهہ: مَستانا نيڻ تُنهنجا ڪَارا ڪَارا سُرمہ سَا - ڪَارا ڪَارا سُرمہ سَا - پيارا پيارا نَرگسا.

١- نَازڪ نِقاب وَارا - شَرم و حِجاب وَارا،
حُسن و شَباب سَان نت - خَاصي خِطاب وَارا.

٢- تِن جو دِيدار وَهوا - جَهاتي جَهلڪار وَهوا،
ڪَڏهن ڪَجل تہ ڪَڏهن - سُرمون سِينگارُ وَهوا.

٣- چَاڻن تا نَاز ڏَا ڍَا - رَمزون ۽ رَاز ڏَا ڍَا،
تِکڙا تَمام آهن - تِيرن آنداز ڏَا ڍَا.

٤- مُونکي مَخمور ڪَن تا - مِليو مَسرور ڪَن تا،
مُنهن جي تہ موهڻ لاءِ سي - جَلوا پَرپور ڪَن تا.

٥- دِل کي پَسند پيڙا - تَن سان پيوند پيڙا،
اکڙين اَعجاز جي - سي ڏِسي آنند کَيڙا.

تلھ: مُحب مِلو نہ مَلوالا۔ نيڻ کَني تہ کِلوالا۔ هَام حُجت ِپي نَاهي.

١۔ آئون تہ اوهانجو آهيان۔ نَوکَرُ نَالي نِلو.

٢۔ حُسن جَواني ۽ جي صَدقي۔ لاهي حِجاب هلو.

٣۔ پَنھنجو پَاڻ سُجاڻي کَريو۔ نَاتو ڪِيم ڍِلو.

۴۔ مَحشر ڏِينھن اَعجاز چَوي۔ مُنھنجو ڪُجھ ڪو ڀلو.

تلھ: تُنھن جي تہ نيڻن کَيا او نرمل، نت نشانا نَوان نَوان،
سي دِل نشينا نَاز سِکيا، دِلبرانا نوان نَوان.

١۔ نيڻن مَان تُنھنجي جو تير نڪتا، تَن ۾ مَن تن ڦٽيا ڦٽيا،
نِثار ٿيين تہ بہ تُوتان هَزارين خَان خَانان نَوان نَوان.

٢۔ رَمز ڪَھڙي سَان ڦُرين ٿو، هُوشمندن جا حَوصلا،
تُنھن جي ڏِسڻ لاءِ ڏِنم جو تُنھن جي دَر ديوانا نَوان نَوان.

٣۔ هِڪ تہ مَاڻن تُنھن جي موهيا، کَيا حُسن پِيا هَٿي پَٽي،
مَوهڻ لاءِ تن جي وَري بَنايئي مِنھَن بَھانا نَوان نَوان.

۴۔ اَبرو بہ قَاتل اکيون بہ قَاتل، غَمزا بہ قَاتل تُنھنجا ڏِٺم،
پَرين اکيان تُنھن جي پِيا تَڏھن جُوان جَانا نَوان نَوان.

۵۔ تُنھن جي نِگاھ شوق جي آخر ڪِٿي ٿيندي انتھا،
تُون روز شَب جو کَرين ٿو پَنھنجا رَازدانا نَوان نَوان.

٦۔ بيتاب تُنھن جي ديدار کان ٿي، آندر مان اُڌمان کَائي اُٿيا،
اَعجاز جا هي عِجيب گُفتا عَاشقانا نَوان نَوان.

غمزه: ناز نخرا

ٿلهه: سُهڻي جا نيڻ نِينهن ۾ - ڏُوپَارَ ٿو ڏِسان،
۽ ڏَارَ ڪَجل جَا بہ ڏَنڌا - ڏَارَ ٿو ڏِسان.

١- نينهن جي نِياڻ[1] مان - ڪري آيا نَشا نبار[2]،
خُمارتَن نيڻن جَا - خُنڪ[3] دَارَ ٿو ڏِسان.

٢- بَانڪا بہ بَانورا بہ - بَهادر بہ نيڻ هُو،
چِرڪڻ چِپڻ نہ تَن وَٽ - ڪَنهن وَارَ ٿو ڏِسان.

٣- جَنهن سَان مِليا تہ - زِندگي پَرَ لاءِ مِليا ڪِليا،
چَقمق سي چَشم پَاڻ سَان - آئون چَارَ ٿو ڏِسان.

۴- رَت عَاشقن جي سَاڻ - اِها ڏَارَ ڪَجل جي،
لَيل و نِهار يَارَ سا - لَعلِ زار ٿو ڏِسان.

٥- صُورت ۾ سُونهن ۾ - ۽ صِفت ذَات ۾ سَچڻ،
پِرڪارين پَارين حُسن سان - پَيڪار ٿو ڏِسان.

٦- تَرڪَش[4] اکيون بَنيون تہ - بَنيا تير پِنبڻيون،
مُرچا مُچا انهن جا - جِگر پَارَ ٿو ڏِسان.

٧- ڪوليا جو عَنبر بَار - تَلَهڙ وَارَ دِلربا،
پَونرا مَتن نِثار - پَتنگ وَارَ ٿو ڏِسان.

٨- قَد آورو هو آهڙو - جو هُن جي اڳيان اڳيان،
شَمشاد نَخِل طُوبيٰ - شَرم سَار ٿو ڏِسان.

٩- آهڙي تہ سُهڻي تَان - سِر اَعجاز گهورجي،
ويا گهوري ايترا جو - نہ شُمار ٿو ڏِسان.

---

(١) نياڻ: ندي، تلاءُ (٢) نِبار: پاڪ (٣) خُنڪ دار: مستي موج (۴) ترڪش: تيرن جي رکڻ جو ٿيلهو

تلهه: مِنا مُنهن نہ آسان سَان گُهنجائي مِلو۔ مُرکي نيڻ نيڻن سَان مِلائي مِلو.

١۔ آسان جو آوهان سَان قُرب آهي کُل۔ نَاتو نينهن نظارو بيحد حُب اَصل، پنهن جي پياسن سان پَاکُر پَائي مِلو.

٢۔ مِنا مُحب ايذا نہ ماٺا کَجن۔ مِٺا طَعنا مِنڙا نہ مُنهن تي ڏجن، رِيجهي رَنج غُصو غَم مِٽائي مِلو.

٣۔ آوهين شَل اي سُهڻا خُوشايا هُجو۔ حُسن نَازسَان نِت سَوايا هُجو، مگر سوزُ سِيني سَمائي مِلو.

٤۔ چئي اَعجاز آسين اِهڙا قَابِلُ نَاهيُون۔ آهيون جَاهِل گهڻا پَر غَافل نَاهيُون، پَلي رَمزَن سان رَمزُون رَلائي مِلو.

تلهه: نيڻن جي نَٽ نَاٽ لُٽي دِل۔ نيڻَن جي نَٽ نَاٽ.

١۔ وَسان وَهسان وِنيُن ۾۔ وِنيُن جي وَٽ وَاٽ لُٽي دِل، نيڻَن جي نَٽ نَاٽ.

٢۔ گَهاٽ گَهڙيو کَنهن گُهورن وَارو۔ گُهورن جي گَهٽ گَهاٽ لُٽي دِل، نيڻَن جي نَٽ نَاٽ.

٣۔ چَندن وَارو چَنکو وَهوا۔ چَندن جي چَٽ چَاٽ لُٽي دِل، نيڻَن جي نَٽ نَاٽ.

٤۔ آسڻ مُنهنجو آهہ اکين ۾۔ اکين جي آٽ آٽ لُٽي دِل، نيڻَن جي نَٽ نَاٽ.

٥۔ اَعجاز عليءَ جي آڏيءَ تي۔ آڏيءَ جي کَٽ کَاٽ لُٽي دِل، نيڻَن جي نَٽ نَاٽ.

ٽلھ: ڏٺاسون نيٽن اکيان اکيان ڪنھن- نِقابي رُخ جا تہ جَھلڪا جَھلڪا،
شَباب ڪامل سان تابان تابان- شَبابي رُخ جا تہ جَھلڪا جَھلڪا.

۱- گَھٽن ئي نازن ڳان پوءِ نازڪ- نِقاب ڪوليو حِجاب ڪوليو،
جَھلياسون جھوليون جَھلي جَھلي اُن- حِجابي رُخ جا تہ جَھلڪا جَھلڪا.

۲- لَقاءُ مَحبوب مَہ لَقا جو- ڏِسي لَقائي لَقاءِ ٿي وِيا،
نَظر اُنھن کي نِمايان آيا- نجابي[1] رُخ جا تہ جَھلڪا جَھلڪا.

۳- شَمع ۾ اگني[2] جُدا پَئي تَڙپي- بَدل ۾ بِجلي جُدا پَئي تَڙپي،
پِنھي کي شَايد نَصيب ٿِيا- لاَجوابي رُخ جا تہ جَھلڪا جَھلڪا.

۴- گُلابي موسم سَواءِ بہ جَھڙي- گُلابي موسَم لَڳي پَئي آ،
گُلابي هَر شيءِ گُلابي مَحفل- گُلابي رُخ جا تہ جَھلڪا جَھلڪا.

۵- نَہ ماھتابي نَہ آفتابي- جَمال صُورت بَشر نَايابي،
صَنم جي اَعجاز سامھون ڇاھن- شُھابي[3] رُخ جا تہ جَھلڪا جَھلڪا.

(۱) نجابي: اعليٰ، اُتم (۲) آگني: بَاھ (۳) شھابي: چمڪندڙ

ٺلهه: نيڻن جي ناز نيڻن نچايا نواب ڪئين،
هِن عِشق حُسن آهڙا ڪَئيا هِت ثواب ڪئين.

۱- آبرن جي هِڪ اِشاري آڏو آڏ ڪَيا آهي،
جن تي هُما شهنشاهي جا خاصا خِطاب ڪئين.

۲- سَرمد عَطار قَيس بِلاول حُلاج ڏِس،
آچي عِشق جي آري ۾ ڏِناتن عَذاب ڪئين.

۳- فَرهاد فَرض پاريو شِيرين جي شَوق ۾،
رانجهن تي هِير ڪارڻ سَنا سِر عِتاب ڪئين.

۴- رَنگريز ٿيو پُنهل ۽ نماڇيءَ ڪنيون ڪُڙهيون،
گهانگها گِلا جا پائي، ٿيا ڪامياب ڪئين.

۵- ڪُنڊڙين جي قُوت لاءِ قَتل ڪاڪ ۾ ٿيا،
مُومَل ڏيو تي ميچ ڪَرايا ڪَباب ڪئين.

۶- چاليهئِي ٿيون تہ چريون ٿو قُرآن پاڪ چئي،
باتيون مِصر ۾ بڻيون زُليخان جي باب ڪئين.

۷- يَثرب ۾ آيو يار يَڪايَڪ ٿي روشني،
جَلوي نِما تي عَربي، جُهڪايا جَناب ڪئين.

۸- اَعجاز پَنهن جي آصلي چِڏي ڪِرت ڪار ڪي،
صُنعان وانگي سِڪ ۾ بڻيا مهٽي هاب ڪئين.

عتاب: ڏاڍ، جبر

ٿلهہ: نيڻن ڪَيا نيڻن سَان - نظارا نَوان نَوان،
اِقــرار خُوب خُوب - اِشــارا نَوان نَوان.

١- سِيــنــگــار نت نُوان ڪَن - دِيـدار نت نَوان،
ڪَن پيــــار نِت قُرار - نيـــارا نَوان نَوان.

٢- پَرچَن رُســن بہ ٿا - تہ هـي بَرسـن وَسـن بہ ٿا،
آپـــــت ۾ آٿــــــن نَاز - ۽ آرا نَوان نَوان.

٣- نَظرن جي مَيل ڪيل - دِليون هِڪ ڪَري ڇَڏيون،
ڍَريـا نَصــــيـب ٻَاڳ جَا - ڍَارا نَوان نَوان.

٤- کـولـيـا خُمـار خُوب - نَشا نيـنـهـن جا نيـڻَن،
جَاڳيــا جُنـون جيءَ - جِيـــارا نَوان نَوان.

٥- رَمـزُن جي رَنگ تَمـاشي - رَزم رَبـط (٢) ۾ رَهي،
مَاٿيـئـون مَعـراج ڪَاج - مَعـيـارا نَوان نَوان.

٦- اَعجاز هَر اَوقـــات ۾ - هَر هَر مِلـــي ڪِلـــي،
آڪـــڙيـن ڏِنـا آڪـين ڪـي - سَهـارا نَوان نَوان.

(٢) ربط: واسطو، تعلق

تلھ: ڪئين تہ ڪَيون تو ڇَريون ڇَريون - سُھڻا ناز نيڻن سان.

١- ڇَشم تُنھنجا ڇالاڪ ڇَترا - سُھڻا سَلوڻا پاڪيزه سُٺرا،
کَھڙي شَراڪت ڪَريون ڪَريون - سُھڻا ناز نيڻن سان.

٢- سَعيو ڪَري جي تَوکي پَسنديون - رَفيعُ الدرجَات(١) کي سيئي رَسنديون،
آگليون عيبن پَريون پَريون - سُھڻا ناز نيڻن سان.

٣- جَڏھين نَازن سان نقاب اٿائين - نَوڪندِ نمائي نَاٽ نَچائين،
پارين عَجب تو پَريون پَريون - سُھڻا ناز نيڻن سان.

٤- مُومَل وَاري بَازي بَنائي - سُورن سُکن جون سيجون وِڇائي،
پَرکيئي ڪَوتيون ڪَريون ڪَريون - سُھڻا ناز نيڻن سان.

٥- آھين اَعجاز جو وَالي وَارث - مَحبوب سَاقي پريتم پَارس،
ڪوليئي دَروني(٢) دَريون دَريون - سُھڻا ناز نيڻن سان.

تلھ: نھارين تو جي تہ نھاريندو رَھ - نَظر جُھڪائي مَار نہ تُون،
نَيڻَن کي نينَ ڏِسڻ تہ ڏي - سِڪ ۾ سِڪائي مَار نہ تُون.

١- نَظرون نِگاھون مُون ڏي ڳَئي - ڪَرمون تي نَوازش نھارڻ جي،
نِقاب ۾ ٻَئي نَازيَريا پنھنجا - نيڻ لِڪائي مَار نہ تُون.

٢- ڇَاڪ ڏنا آٿئي تہ ڇيٽ بہ تُون ئي - ڇَشم وَري مُون سان چار ڪَري،
آپيارَوارن جو اُصول اِھو - نہ تہ ڇَاڪ ڇِڪائي مَار نہ تُون.

٣- ھيئن تہ نہ ڪَر تُون پَاڻ پرين - رک پَنھن جي وَقار جو پَاڻ پَرم،
دِل وَاعدي اُڏاري تي مُون کان وَني - اَڄ وَاعدو ڳُسائي مَار نہ تُون.

٤- جَان ۾ جَان تَڏھن تو پَانيان - جَاني جَڏھن تو مُون ڏي ڏِسين،
ڏِسڻ پَسڻ ۾ اَعجاز ڇَوي - پوءِ وَقفا پَائي مَار نہ تُون.

---

(١) رفيع درجات: مٿاھون درجو (٢) دروني: اندر واري

تلھ: نينھن ڪَرايو نيازِ يار، نَازن وارِيءَ نَوڪ نَظر جو.

۱- سَاڙيو سَاڙي سَوين سَريرُون- سِڪ سَوز گُداز يار،
نَازن وارِيءَ نَوڪ نَظر جو.

۲- نَاميا نَاٽ نسنگ نَچائي- غَمز و حُسن غمّاز يار،
نَازن وارِيءَ نَوڪ نَظر جو.

۳- وِيرُون وَهائي ويو ڪَڍي دل- ٻَهري ٻانورو بَاز يار،
نَازن وارِيءَ نَوڪ نَظر جو.

۴- گَهايل گَهانو ۽ گَهٽيرو آهي- آصلِئُون اَعجاز يار،
نَازن وارِيءَ نَوڪ نَظر جو.

تلھ: حُسن جي لڳي جن نظر نَوڪ نِياري،
بزرگي ۽ شيخي پَرهيزي تَن وِساري.

۱- حُسن جي تہ حَلقن جَهاتيءَ ۽ تہ جَهلڪن،
اکين پيچ پَلڪن چَريا ڪيا چَوڌاري.

۲- حُسن مَاري ڪَاري، تُو هَلندا بيهَاري،
نِهاري ڏُتاري، جُهڪائي جُونجهارِي[1].

۳- حُسن ديد ڪوڙي، صُنعان شيخي ڇَوڙي،
رِدا[2] لاهي لوڙهي، ڌرمِ دين وَاري.

۴- پَسڻ سُونهن ڏاران، پرينءَ جي پَچاران،
لڳي لئون لَغاران، نہ تيا عَاشق عَاري.

۵- اَعجازا حَسينن، اُنهن نازِ نينن،
مُرڪي مَه جَبينن، ڪَئي غم گُساري.

(۱) جونجهاري: بهادر (۲) ردا: چَادر

تلهه: مُنهنجو تہ منا مَن تُون، مَنظور نَظر آهين،
مَحبوب مُغان سَاقي ۽ جانِ جِگر آهين.

١- سُهڻن جي نمائش ۾، اَڄ سَيني تُون سُهڻن کان،
غمزن ۾ آدائُن ۾، جلوَن ۾ ڪَثر آهين.

٢- تَڏهن تہ نَتو ليکيان، غم دَرد زَماني جا،
هَر روز مُون لاءِ چڻ ڪين، تُون نَويد سَحر آهين.

٣- مُون حُسن تُنهنجي جو بَس، هيئن لاَتو حِساب آهي،
پِيا رُوءِ قَمر سُهڻا، تُون رَشڪِ قَمر آهين.

٤- هڪ دَم بہ جُدا هَاٿي، مَحبوب نہ رَهہ مُون کان،
مُون سَاڻ سَچو دلبر سورهان آنا اگر آهين.

٥- دُنيا سان دُنيا چَاٿي، دُنيا ۾ چَا پَنهنجو وَجي،
دُنيا کان بَدر آئُون ۽ تُون بہ بَدر آهين.

٦- هِن دِل جي رِياست جو، تُون مير سَچڻ آهين،
هِڪ ڏينهن لاءِ تُون نَاهين، سَڀ ڏِينهن مگر آهين.

٧- مُنهن جي لاءِ تَلخ طَعنا، ۽ عُذر بَهانا ڪئين،
غَيرن لاءِ ڏنم تُوڪي، تُون شَهد و شڪر آهين.

٨- اَعجاز چوي مُون تان، تُون ڪَڻ نہ دلارا دِل،
هَمراز جي مُنهنجو تُون، هَم دوش سَفر آهين.

دوش: ڪَڏ

تـلـھـ: ھُـو مَـست نَظر سُھـٹـو، سَامـھـون جو ويـتـو آھـي،
سِر مُنھنجي تي صَاحب سو پَلِ مُرڪي خَنجر وَاھي.

١- دِل ھُن وَٽ مُنـھـنجي وئـي، ڪَنھـن رَمـز ۾ قَابـو ٿـي،
ھو جيئَن بہ ھَلي مُونسان، مُنھنجو ڪو بہ عَذر نَاھي.

٢- بَردار آھـيـان بـيـشـڪ، ھَر نَاز سَنـدس جو آئـون،
مُون اڪ آڙائي تَنھن سَان، پِيا سَانگا سَيئي لاَھي.

٣- جيـڪـو حُسن جو سَرگـرو آ، آختيـار آ سَڀ اُن ڪي،
جَنـھـن حَال ۾ عَاشـق ڪـي، رَاھـي تـہ پـلـي رَاھـي.

٤- ھُو مُونـڪـي ڏِسي ويـنـو، آئـون ھُن ڪي ڏِسان ويـنـو،
اِھـا قَاب قَوسـيـنـي مَـنزل، نَاھـي تـہ پِـيـو چَاھـي.

٥- اَعجاز عَجب حَالـت، ٿِي آھـي مُـنـھـنـجي دِل جي،
اُن يَار جي مُنھن رِيءَ پِيو، مُنھن ڪِين ڏِسڻ چَاھي.

عَذر: بھانو

ٿلهه: دِلبر جي دِيد ڏاران - تُون دِل جي دَوا نه ڳول،
عِلاج تُنهنجو آ اِهو - عِلاجِ بِيا نه ڳول.

١- ڪَنهن رِند مَست عَاشق - بيباڪ هيئن چيم،
جي تُون مَريضِ عِشق تہ - شَفقت شِفا نه ڳول.

٢- پَاتار جا غواصي - تُون پَاتار وَڃ پِئي،
دُر بي بَها جي ڪَارڻ - پَهريان پَنا نه ڳول.

٣- صُوفيءِ سَندو تَصوّر - تَحقيق مَڃ تَمام،
خُود کان پَري تہ خُود تُون - خُدارا خُدا نه ڳول.

٤- ڪَم سورهيَن جو آهي - مَٿو عِشق کي ڏيڻ،
بُزدل کي ڇِئہ تہ پاڻ لِئہ - آهڙي بَلا نه ڳول.

٥- آزار عِشق جي کي - سيني ساهه سَاڻ سَانڍ،
اِن سوز سَودا دَرد لاءِ - ڏاڳو دُعا نه ڳول.

٦- مِنٿون ڪَري جو تَوکي - ڏَئي سِڪ جي سُرڪ وِيو،
تَنهن يَار جي سَواءِ تہ - بي ڀيٽي ڀَوا نه ڳول.

٧- تُون پَنهنجو پَاڻ دَرمان - تُون پَنهنجو پَاڻ دَرد،
ويسَهه ڪَرين جي پَاڻ تي - مَندر مڪا نه ڳول.

٨- دَرمانُ دَردمَندن - دِيدار ديدِئہ يَار،
اعجاز چَئي بي فَائدا - پوءِ آشنا نه ڳول.

بيباڪ: سُورهيہ بهادر

تلهه: هن دل کي دِيد سان- ڏتارڻ ڇڏي ڏنئي،
ڀَهرين نهاري پوءِ- نهارڻ ڇڏي ڏنئي.

١- وَرتِئه مُون کان جي مُنهنجي، اُڏاري جي طور دل،
وَاپس وَرائي وَارڻ، سارڻ ڇڏي ڏنئي.

٢- مُونکي صلاح ڇاهه ڏني، عِشق جي تــ تو،
هڪ پَل بــ هَاڻ عِشق، ڀَچارڻ ڇڏي ڏنئي.

٣- هَيرائي هَٿ هِنيون کَري، هيرين جي ڀَچ مَ هَير،
ڪِيڏهن وَڃن اِهو تــ ويچارڻ ڇڏي ڏنئي.

٤- ڪَهڙي قُصور ڪَان آچ، ڪُجهه نَا کُڃين پُڇين،
خَصلت اِڳين مَٿائي، ڪِيڪارڻ ڇڏي ڏنئي.

٥- مَئي جا مَنگل مَلهائڻ، مَئي جا وَسائڻ مينهن،
ڀَاڙن پِياري پِيارڻ ڇڏي ڏنئي.

٦- ڪشتيءَ تي ڇَاڙهي تَختو، کَيڏڻ کَم اِهو کَرين،
مُوسيٰ خِضر جي ڳَالهه، وِسارڻ ڇڏي ڏنئي.

٧- جَنهن آڳ کي تون ٻَارين، اُها آڳ نت ٻَري،
اَعجاز ڇَئي ٻَريءَ کي، ٻَارڻ ڇڏي ڏنئي.

پاڙي: پِياسي، پيئڻ واري

تلم: دِيد مُنهنجيءَ آ پَسند هڪ بُو العجب دِلبر ڪَيو،
تنهن نِگاهِ ناز آ، دِل ۾ پَپا مَحشر ڪَيو.

١- صُورتون پِيون دِل اندر تان، سَڀ وَيون ميسارجي،
دِل ۾ صُورت سا رَهي، جَنهن دِل کي پَنهنجو گهر ڪَيو.

٢- ڪاڪُلِ مُشڪِين ڏسي، مون آبر بَاران کان پُڇيو،
شَاعرن ڪيئن زُلف دِلبر سان توکي هَمسر ڪَيو.

٣- مُرڪ سان هِن رَشڪِ گُل، هي ڪِرشمُون ڏيکاريو،
غَم الم جو مُنتشر[1] لحظي اندر لَشڪر ڪَيو.

٤- پئي ضَرورت يَار کي، رنگِ حِنا جي لئہ هَٿن،
مُون ڇَيو آڄ تورو ظَاهر آبُروءِ خَنجر ڪَيو.

٥- ڪَافرانہ عِشوا جَنهن جا، ڪَافرانہ عَزم ڪُل،
پُرزا پُرزا پَارسائيءَ، جو تہ تَنهن زيور ڪَيو.

٦- لَب بَدخشان لَعل کان، لَالان ۾ وڌ لَالَ هُئا،
جي دَهن[2] هن ۾ دَچن[3]، سِي وِچ چُمي تي وَر ڪَيو.

٧- هِجرجي ڏنگ ڏک جو، زَائِل[4] زَهر تيو لَٿون نَري،
مَہ جَبين مَحبوب آهڙو، ڪو مِلي مَنتر ڪَيو.

هلندڙ

٨- ڪِيئن تيو ڪَڏهن تيو ۽ ڪِٿ تيو ميلو مِلڻ،
حَال هَر ڪَنهن ۾ وَتان، حَاضر اُهو مَنظر ڪَيو.

٩- ڇَا سِڪي سِڪندو اُهو ۽ ڇَا پَڙهي پَڙهندو اُهو،
حِفظ قُرآن جِيئن حِفظ ۾ جنهن رخِ دلبر ڪَيو.

١٠- تو سَڄڻ سَاقي آچي، اي مَست تيو ڪُجهہ سُرت ۾،
گل گُلابي مئي سَان سَپ، هي گَس گهٽيون اَحمر[٥] ڪَيو.

١١- ڪَنڌ صُراحنِ جا جُهڪي پيا، سِرَ بَخم تيا جَام سَپ،
مَئيڪدهہ ۾ صَنم مُنهنجي، جيئن مَتي اڄ ڪَر ڪَيو.

١٢- يَار جَانان جي جُنون ۾ مُلحظو[٦] حَد جو پڳُم،
شيخ تَڏهين شور مُنهنجي شَعر تي آڪثر ڪَيو.

١٣- تُون ئي تو هِڪ تِين آي وَاعظ ضد هميشه عِشق جو،
توئي آهڪ عِشق اڳيان پَاڻ کي پَرڏَر[٧] ڪَيو.

١٤- ڪَڄ ۾ تَوکي قَاضيا، جِيڪر نَهي دِيوانِ عشق،
پر چڱو تيو تو مطعلہ، ڪونہ هي دَفتر ڪَيو.

١٥- عِشق جي شَاهين آڏو، دَام اڪرن جا آڏي،
ڪَنهن ويچاري لاَخبر، ڪيڏو نہ آباور ڪَيو.

١٦- ڪَاتبن قَارين نِڪي ڪو عَالمن ۽ عَاقلن،
نعرئہ مَوجود حَق هِت، عَاشقن آظهر ڪَيو.

١٧- پَاڻ ڪان پَرڏور هو، مُونکي پرين ۾ جوِ انتظار،
پَر هُو مُنهن جي مَن ۾ هو، مُون مَن عَبث[٨] مُضطر[٩] ڪَيو.

١٨- ڪئين نَوازيا نظر سان، آعجاز مُنهنجي دِلربا،
ڪِن کي تنهن ڪُندَن[١٠] ڪَيو، ڪِن کي گِران[١١] گوهر[١٢] ڪَيو.

---

(١) منتشر: ٽِڙيل، ختم　(٢) دَهن: وَات　(٣) دَچن: ڏَند
(٤) زائل: خَتم　(٥) احمر: ڳاڙهو　(٦) مُلحظو: لحاظ، خيال
(٧) پَرڏر: بهادر، بي ڊَپو　(٨) عبث: اجايو　(٩) مضطر: بي آرام
(١٠) ڪُندن: سون　(١١) گِران: مهانگو　(١٢) گوهر: موتي

تلھ: ڏِيدون دِلبر يَار جون - جِيئڻ ڪَن ڏُوناليون ڏُو تہ ڏُو،
هُو بهو بَس آهڙيون ظَالم - حُسن وَاريون هُو تہ هُو.

١- رَاز جون راٽيون ٻئي - سُرمي ڪَجل هَاٽيون ٻئي،
جوڙ جُٽ سِياٽيون ٻئي - نَظرون اُنھن جون ضُو(١) تہ ضُو.

٢- هوش هَڙ تَنھن دم نِيَن - تِيون رُو بَرو جَنھن دَم ٿِين،
رَنگ هَالارو(٢) ڏِين - جَنھن ڏي بہ ڪَن رُخ رُو تہ رُو(٣).

٣- بَانڪپن سَان بَالاتَر - آعليٰ ڪان آهن آعليٰ تَر،
جن ڪَيا پِڙ پالھا تر - ڏِس تُن اکين جي خُو تہ خُو.

٤- عِشق جِي آتش مَنجھن - ۽ حسن جِي تَابش مَنجھن،
قرب جِي ڪاوش مَنجھن - ڪَاميَاب سي هَر سُو تہ سُو.

٥- هِن اکين جِي حَاضِري - نِت ٿَا پِرَن ڪَئين مَنتَري،
جوتشي ڪي جَنتَري - وِسرِي سَپِين ڪان چُو تہ چُو.

٦- تو بچِين ڪَان جي تِڪيون - سَانگو(٤) سَنگڻ نَا جي سِڪيون،
عَاشقن آهڙيون ڏِڪيون - آعجاز الله هُو تہ هُو.

---

(١) ضُو تہ ضُو: چمڪ واريون، چمڪندڙ (٢) هالارو: ڳاڙهو

(٣) رو: مُنھن، رخ (٤) سانگو سَنگڻ: واسطو، ناتو

ٿلهه: اَڄ ڏا م پيا دِل کي وَرِي، دِلبر آوهان جي دِيد جَا.

١- دِيدُن مُنهنجي دِل دَست ڪئي، ٻي سَڀ وِڃا مُون کَان وِئي،
ويتو وَرَايان وَرق نِئي، هَر هَر حَبل[1] الوَرِيد جَا.

٢- مَحبوب تو مَاٽا مَنديا، ڪَج ڪَات کي کُهنا[2] ڪَيا،
آنگڙا اُنهن سين تو وَڍيا، هِن شَوق جي تہ شَهيد جَا.

٣- تُنهنجي تَاب کان بيتاب ٿي- رڳ رڳ وَيئي رَباب ٿي،
تَڏهين هِتي بي حِجاب ٿي، نَعرا هَنيم توحيد جَا.

٤- اَعجاز چَئي وَڄ ويا وَڄي، حَيرت ۾ ويو هينئڙو هَڄي،
رَنگي لَنا آيا ڪَڄي، ڏِس عَاشقن جي عِيد جَا.

ٿلهه: عيد تہ ڀَانيا هِيءَ مِيان، دِيد ڏِنيم هوءِ دِيد مِيان.

١- ڀَاڻ ڀَلائي پرينءَ ڀَسايو، مُنهن مُصحاف مَجيد مِيان.

٢- تيغ آبروءَ جو وَهڻ وَٽيو آ، هَر هَر ٿيا سون شَهيد مِيان.

٣- حَبس حَضرت هَاديءَ جو آئون، اَزلئون آهيان مُريد مِيان.

٤- يَار خَريدار دِلين وَاري، هيءَ بہ ڪَئي دِل خَريد مِيان.

٥- اَعجاز علي حَسنين ملِيا، غَم دَرد ٿيا تہ بَعيد مِيان.

---

(١) حبل الوريد: ساهه جي رڳ کان ويجهو (٢) کُهنا: پراڻا، قديمي

ٽلهہ: آسان عِيد تُنهن جي دِيد، ڏِسي ڪئي او سُهڻا.
آتـــئون مَوج دَر مَوج، لڳي پئي او سُهـــڻـــا.

١- آسين آهيون ڪِيئن ڇئون ناهيون، بيشڪ روزِ اَزل کان،
تُنهن جي پيـرڳس سيـرَ، سَندِي رَئي او سُهـڻــا.

٢- نَظــر مِلـــي جڏهــن دِلـــي، تَڏهـــن کان ئـــي مَن ۾،
سُهڻي صُورت تُنهن جي مُورت، وَسي وَئي او سُهــڻــا.

٣- هِيءَ جا مَســت دِل دَســت، ڪَري يار هَلـيـــو وِئـين،
لِڪي عَام ڪـــان ڪَا مَام، ڳُجهـــي ڏَئـــي او سُهــڻـــا.

٤- آســـان پيـــار جي بَهـــار، ڏِنـي تُنـهـــن جي اَکين ۾،
مِلــڻ وَاري دِلــداري، ڏِنـــي ٽَئـــي او سُهـــڻــــا.

٥- پِيي پِيــــالا مَتــــوالا، ڇَئـــي اَعجازَ آســـان ئـــي،
هِيـئـين هِڪ تُنـهـن جي سِڪ، ڪَلـي ڪَنـئـي او سُهـڻــا.

تلمه: نگاهہ دِلبر تہ مَهربان آ، هَل هَلون دِل حُضور ۾،
صَدائِ آرني قَبول پَئي مَن، پَنهن جي پَهرئين ئي پُور ۾.

١- دِيدار دِلبر کان تہ اڳ ۾ پَهہ نظاري جو پَچ تہ تُون،
نَظر چَمائي نِياز سَان رَک، دِل سَندي کوهہ طُور ۾.

٢- نَصيب وَارن نَصيب ٿئي تو، عَجيب دَرشن عَجيب جو،
مِثال جَنهن جو مِليِ نہ مُورهِن، کَنهن بہ حُور و قُصور ۾.

٣- وِصال جَانان نہ دُور آ پَر، خِيال عَاشق رَوان هُجي،
قريب کان سو قَريب تَر آ، شَوق وَاري شَعور ۾.

٤- مَقام عَاشق جو دَرحقيقت، سِدرةُ المُنتهائي آ،
پَروڙي مَعنيٰ پَتنگ وَانگر، عِشق جي پَچ تون نُور ۾.

٥- نِقاب کُلندو خِطاب ٿِيندو، نَاز وَاري جو نَاز سَان،
صَنم جا ڏِيندئي سَا گُهور سَهجئين، رَمز آ اِنهي گُهور ۾.

٦- هَزارين جَلوا هَزارين شعلا، ڏسندين حُسن و شَباب جا،
خَطانہ هَوش و حَواس ٿِئي، جِيئَن کيف و مَستي سُرُور ۾.

٧- ڪَواز[1] آهي کَمال آهي، عَاشقن لاءِ وَما تَغيٰ،
پَوي نہ تر جو فَرق اَعجاز، حَد بيحد جي عُبور ۾.

(١) ڪَواز: دارتي

تلهه: تُنهن جي حُسن نَازِ نگاهه سَان، تَہ بَهار آ مُنهنجي عَاشقي،
تُنهن جي ذَوق شوق ۾ بَار بَار، نثار آ مُنهنجي عَاشقي.

١- تُنهن جي زُلف جي تہ زَنجير سَان، تُنهن جي ترڇي سَامهين تير سان،
تُنهن جي رَمز رَمزجي ڏير سان، تي شُمار آ مُنهنجي عَاشقي.

٢- رَهي تُنهن جي روز ديدار ۾، ڏسي توکي هَار سينگار ۾،
توتان سِر گهوريان تنهن جي پيار ۾، جو بَيدار آ مُنهنجي عَاشقي.

٣- مُنهن جي عَاشقيءَ جي اي دِلربا، تُون ئي اِبتدا تُون ئي اِنتها،
تُون ئي بَحر عِشق جو نَاخدا، تَوسان پَار آ مُنهنجي عَاشقي.

٤- نَکي پَنهن جي نيکيءَ نَام لاءِ، نَکي پَنهن جي عَيش آرام لاءِ،
رُڳو تُنهن جي سَجدي سَلام لاءِ، ذميوار آ مُنهنجي عَاشقي.

٥- ڪِتي ڪِنهن لاءِ چَين قَرار آ، ڪتي ڪنهن لاءِ عين شعار آ،
ڪِتي ڪَنهن لاءِ بوجهہ ءِ بَار آ، يا بُخار آ مُنهنجي عَاشقي.

٦- تُنهن جي مرڪ سان جيڪي تا نهن، اِهي موتي دُرجي وِڪامجن،
تہ آول آول آي جَان مَن، خَريدار آ مُنهنجي عَاشقي.

٧- اَعجاز چَئي تَوکي بَاخبر، ڪَيان حَال پَنهن جي ڪَان آئون مگر،
مَا زَاغَ البَصَر تنهن جي آ نظر، سردار آ مُنهنجي عَاشقي.

مَا زَاغَ البَصَر: جتي نظر هئي، اک نہ لڙي نہ چنيي، ڦرڪي

تلهه : ڏسي توڏي ڏسن پئي ڏي- نگاهون سي ڪِتان آٿيان،
اکيان سڀ ڪنهن ڪجن اظهارُ- آهون سي ڪِتان آٿيان.

۱- پُلائڻ لاءِ مَاڻهن جي- پَلاروٽي پَوان ليڪن،
قُبائون[1] بُزرگانيون ۽- ڪُلاهون سي ڪِتان آٿيان.

۲- فَقير الحَال مان فُقراء- مُون وَٽ فَاقہ مَستي آ،
زَماني کي کپن جي- خَانقاهون[2] سي ڪِتان آٿيان.

۳- صَحيح ثَابت ڏين توکي- نِياپا نينهن جَا سَاري،
سَچڻ سَائين ثُون ئي سَچ چئو تہ وَاهون سي ڪِتان آٿيان.

۴- ڪَڏهن ڪَنهن سَان ڪَڏهن ڪَنهن سان- آڙائيندو وَتان اکيون،
مگر چلپل وَاريون چَاليون- ۽ چَاهون سي ڪِتان آٿيان.

۵- سِپر سينو ڪَريو سُهٺا- سَهان پيو تير سَڀ تُنهن جا،
ڪَجن جي آنکلن وَاريون- پَناهون سي ڪِتان آٿيان.

۶- وَفا جي جَوش ۾ مُون کان- وِڪون وَاديون وَيون پَرجي،
وَري پَرتي وَران پَاهون[3]- تہ رَاهون سي ڪِتان آٿيان.

۷- دُعائُون جي گُهرن تَوکان- دُنيا عُقبيٰ جي مَاڻ جُون،
چَوي اعجاز آهڙا بُک ڪِ- بَاهون سي ڪِتان آٿيان.

(۱) قبائون: جامون، جُبو، ڪُڙتو (۱) خَانقاهون: ننگر جي جاءِ، درگاهون
(۳) پاهون: رستو، راهہ، واپسي وارو

تلهه: نِرمل آلاجي چاهي تُنهنجي نِگاهه ۾،
مَارين پيو مُسافر روڪِيو تُون رَاهه ۾.

١- هيڪر ڏِٺو تو جَنهن ڏي، سو هُوندو نَه هَوش ۾،
آهڙو اَثر اَٿئي ڪو چشمِ سِياهه ۾.

٢- دِلڙي ڦُريو اُمالڪ، رُوپَوش ٿيو وَڃين،
هَرڪو ڪَري ٿو دَانهون اِنهي سَرد آهه ۾.

٣- سُهڻا سُوال هِن جو ڏي مُونکي جَواب تُون،
ذَر ذَر ٿو گهائين گهايل، ڪَهڙي گُناهه ۾.

٤- اَعجاز چَئي نه پَئي ڪَل، تُنهن جي فريب جي،
سُنهن ساک سَاڻ آهي، اِهو سُور سَاهه ۾.

تلهه: مَدمست چشم مُژگانا - ڏِسي دَانهه ٿيا تہ دِيوانا.

١- گهورون پَائن گهايل گهائن - بيحد پَرائن جَانا.

٢- نَازئون نِهارن ميچون مَارن - پيارِن پُر پَيمانا.

٣- عَين اُهي دِن رين نَظر ۾ - نَين آهن ذِيشَانا.

٤- اَعجاز رِنداني آنداز سان - بي نِياز رَهن روزَانا.

تلم: نگاهون خنجر، نگاهون نشتر- نگاهون درمل دوا دوا هُو،
ڪَڏهن سراپا جفا جفا هُو- ڪَڏهن سراپا وفا وفا هُو.

١- متان پيون ڪي ڪٽاريون سمجهو- اکيون ئي سمجهو ڪٽاريون قاتل،
ڪُنا ڪٽارين نہ جيڪي ڪَڏهن- اکين سي ڪُونتر ڪُنا ڪُنا هُو.

٢- نظارا نظرون نيڻن جون نوڪون- نيهي کي لائن نيهي نيائن
نيڻن جي نينهن جا نسنگ عاشق- نيڻن تان سِرڪن فدا فدا هو.

٣- نگاهون اول نگاهون آخر- نگاهون ظاهر نگاهون باطن،
نگاهون ڪامل سدائين شامل- نگاهون منزل رسا رسا هُو.

٤- جڏهن نقابن کُليو ڪڙيون تين- حشر ڪڙا تين نشر پڙها تين،
ٿُنيو وچن تيون لُٽيو وچن تيون- مگر وٺن تيون تہ آها آها هُو.

٥- نصيب جن کي قريب تن کي- وَنحن اقرب اُهي نگاهون،
عجيب نازن عجيب رازن- پريون تہ آهن سدا سدا هُو.

٦- خُدا بہ هو ناخُدا بہ هو ۽- جُدا بہ هو گڏ سدا بہ هُو حق،
نگاهون اعجاز مُنهنجي سڄڻ جون- مون لاءِ آهن لقا لقا هُو.

ڪٽاريون: تلواريون

تلھ: ڪَج تيغ ڪَجل جي بَناء وري ـ مُنھنجي مَرضي آ مُونکي گهاءِ وَري.

۱ـ ھَٿان تُنھنجي يَلي تہ فگار ھُجان ـ تُنھنجي شَوخ نَظر جو شِڪار ھُجان،
ھڪ وَار نہ پَر ھَر وار ھُجان ـ آزمايو اَٿئي آزماءِ وَري.

۲ـ جِيئڻ گهائين تو تڙپائين تو ـ تيئڻ شَوق مُنھنجي کي وَڌائين تو،
تہ بہ ٿورو لکن جو لاڪڻ لائين تو ـ مَونسان ڪَجليون اکيون تہ مِلاءِ وَري.

۳ـ ڪارِي ڪَجل وارِي ڪُنڍي تيغِ تکي ـ تو وانگي وَھائڻ ڪَنھن نہ سِکي،
مُنھنجي گھور تَوتان ھِيءَ سونِي سِسي ـ يَلي قَتل سُھٽا تہ ڪَماءِ وَري.

۴ـ نازڪ ناز بہ رک پَر نينھن بہ رک ـ عَاشق سَان مِلڻ جو ڏينھن بہ رک،
اَعجاز چوي پِيالو شِينھُن بَر رَکُ ـ پوءِ جَام تي جَام ھَلاءِ وَري.

تلھ: گهوڙا ڪَجل جي گهاءِ، آئون گهايس ـ نَا تہ مَران ٿي، نَا تہ جِيان ٿي.

۱ـ لاَعِلاج آھيان جيڏيون، رِيءِ وِصالي وَاءِ.

۲ـ گهاءِ اِھو ڪو آھڙو آھي ـ سَڀ وِڃايئين سَاءِ.

۳ـ نِير نيڻن ۾ جَان لَبن تي ـ بَر زبان بُڪاءِ.

۴ـ آھن اَعجازا مُون سِر ھَر ھَر ـ تيغ ابروءَ جا تاءِ.

بکاءُ: روئڻ، آھ زاري

تلهہ: رُخ سُرخ چشم مَئي گُونا - ڏس نَازنينن جَا نَمونا،
سي بينا مَارڻ موهَڻ لاءِ - تَي بي نقاب بي اُونا.

١- عَينا اَبرو انفُ(١) عَجائب - اَحمر لَب اَفزُونا(٢)،
دُرعَدن کان دَند دَرخشان - سُهڻا صَاف سَنونا.

٢- نيرَنگي جَا مان جَان مَتي - ٻ چَنچل چَال چگُونا،
گيسو(٣) گِرهہ گيرتَني جا - گِرفت کَن گِردونا.

٣- مَحبوبن جي مُنهن ڏسڻ لاءِ - ٿيا مَلک فَلک مَفتونا(۴)،
پِيا عَاشق اُن جي کَاڻ تي بينا - بَادل بُو کِلمونا.

۴- قُلزم واري کُن ۾ هئا اڳ - قائم کُن فَيکونا،
جَلوه نِما ٿيا جَابجا پوءِ - بُوالعَجَب بِي چونا.

۵- ان دَرشن دَرپن رُخ پرين جي - کوليا دَر دَرُونا،
لَائي نِينهن عُشاق اَعجاز - ٿيڙا لاَيحزنُونا.

تلهہ: ويهي سَامهون سُهڻل چوري چِشم چَنچل مُرکي مُحب مِثل اَڄ مَچائي وِڌئي.
کري کَنگاکَجل چوٽا مُشک رَتل وَهوا يَار سَانول دِل ڦاسائي وِڌئي.

١- سُهڻا اڄ تو سَنيون کِلي اکڙيون کَنيون وَسني رُوح ۾ وَيون، پَسٽيون پَلپَل پِيون،
لَڳيون نَوکون نَيون رَمزون تومُون هَنيون کَششون تَن تہ کَيون سِک سَامائي وِڌئي

٢- آهڙا زُلف دُتا تُنهنجا توئي ڳُتا، جَهڙا سَپ تي سُتا تَن ۾ خيال کُتا،
جُنبي جِيءَ ۾ جُتا، وڳا مَن ۾ مُتا، تَن طَبق تَتا مَچ مَچائي وِڌئي.

٣- ڦِري دِل تونيم خُوشي ڏاڍي ٿيم، اها آس هُيم پُوري توئي کَيم،
توسان پيچ پِيم جَذبا جوش جِيم، لَڳي لهر ويم جِنّ جَاڳائي وِڌئي.

۴- توکي اَعجاز ڏنا چَانئي مَن ۾ چَنا - اَچي دير بِنان ويهي پول آئا،
دَامن تُنهنجي ڳِنهان توکان پِرت پِنان، لِکي لوک کنان لَئون جي لاَئي وِڌئي.

---

(١) اَنف: نَڪُ (٢) افزونا: زياده، وڌيک (٣) گيسو: وَار (۴) مفتونا: فدا، عاشق

تلهه: ڪَجل ڪَنوريون ڪيف ڪَڪوريُون - قتل گهوريُون تو وَاريون آڪيون.

١- خُون عُشاقَن جي تي پَالي - ڪَاري ٻَر تو ڪَاريون آڪيون.

٢- ڪَنهنجو لحاظ ڪَرڻ نہ ڄاڻن - آهڙيون آئي ڪي سيڪاريون آڪيون.

٣- ڪَجل پَائن قَتل ڪَمائن - ڪَونت ڪُڏائن ڪَاريون آڪيون.

٤- سُهٹا سَدائين سَپ هَندَ تُنهنجون - سُورهہ تيو ڪَن سَاريون آڪيون.

٥- ڏَاڙادلين جا وَتن هَٹنديون - ڏَاڙيليون تو ڏَاريون آڪيون.

٦- رَائي پَنهنجي سَان رُخ ڪَن جيڏهن - رَنگ لائن رَنگ وَاريون آڪيون.

٧- تِڪن تَرارين جهڙا آبرو - سَانپ رکن سويَاريون آڪيون.

٨- ڪَڏهن اَعجاز ڇَئي ڪِلي ڪَندين - پَيار پَريون مُون ڏي پِياريون آڪيون.

تلهہ: ڪَجل وَاري ڪَاري لڳي ڪَج ڪَناري،
پُڳي ڪَانہ هڪ پَل پوءِ پَرهيزگاري.

١- آڪين پيچ پَلڪن جهاتين تَاب جَهلڪُن،
مِلڻ مَام مُرڪن لُٹي دِل هَزاري

٢- ڪَجل ڪَيفي ڪَاري ڏِني ٻَاهہ ٻَاري،
نِهاري تہ مَاري هٹي ڏَڪُ ڪَاپاري.

٣- طَاعت تَسبيح تَقويٰ ڇَاجي دُنيا عُقبيٰ،
ڪَئي عِشق دَعويٰ تِياسون زُناري.

٤- اَعجازا عَجيبن نگيٹن نَجيبن،
موهي مَن مُجيبن ڪَئي پنهنجي سَاري.

تلھ: ڪَجل وَاري ڪَاري - لڳي جَن ڪٽاري،
بُزرگي ۽ شيخي - پَرھيز تَن وساري.

١- حُسن وَاري حَلقن - جَھاتين ۽ تہ جَھلڪن،
آڪين پيچ پَلڪن - لُٽي سُرت سَاري.

٢- حُسن مَاري ڪَاري - تو ھَلندا بيھَاري،
نِھاري ڏُٺاري - جُھڪائي جُھونجھارِي.

٣- حُسن دِيد ڪوڙي - صُنعان شيخي ڇوڙي،
رِدا لاَھي لوڙھي - ڏَرم دِين وَاري.

٤- پَسڻ سُونھن ڏاران - پرين جي پَچاران،
لڳي لُٽون لَغاران - نہ ٽيا عاشق عَاري.

٥- اَعجاز! حَسِينن - انھن نَازنينن،
مُرڪي مَھ جَبِينن - چَريا ڪَيا چوڏاري.

تلھ: يَار جي اَبرن جي بِيھڪ - سُونھن سُھٽي ڏنگ آ،
خُوب خنجر ڪي بہ خَم آ - پَر ھُٽي بِيو رَنگ آ.

١- جي ڏسان تو زُلف اُن جا، تَہ بہ لڳي تو مُون عَجب،
ھَر ڏسڻ وَاري ڪي تَن، ھَر ھَر پَاتو وَر وَنگ آ.

٢- نين بَازيگر اھي، شَرطون ھَٽيو بَازيون ڪن،
ڇَا ڇَوان ڇَاھي وَٺن، ڇَا ڪيڏ جَادو ڍَنگ آ.

٣- لاَل لَعلون لاَل ھندوا، لاَل گُلڙا لاَل لاَڪ،
سَڀ سَين ڪي لَعلَ ھُن، لَبڙن لڳايو رَنگ آ.

٤- ڪيئن نہ بجليون مَنجھ بَدل، پَڙڪن پچن بيتاب تين،
عِشق سُھٽي جي ڪَيو آچ، ھَر طَرف آڙنگ آ.

٥- نَرم نَازڪ ڪَنول ڪان، سُھٽو سَدا سَارو بَدن،
الف قَد اَعجاز اُن جو، اِسرار ھَر آنگ آنگ آ.

تلهه: تُنهن جا آبرو سِياهه خم خم- آسان ڪاڻ سَچڻ سَجدي گاهه ٿيا.

١- رُخ آوهان جو ڪعبو آهـر- روز رَوشن نُور مُنوّر،
تَنهن کي طَواف ڪيوسون بَرابر- دِل جي ڏيان سان دِلبردَم دَم،
فَرض دُوگانه آداهه ٿيا.

٢- لائي اندر ۾ عِشق جي هَلچل- رَهيا مُشتاقن سان ٿي رَلمل،
چِشم تُنهن جا پيارا پَلپل- پائي ڪَجل ڪَري ڏاڍي رِم جِهم،
چَمڪي اُونداهيءَ ۾ راهه ٿيا.

٣- دِيد ۾ دِيد مِلي مَس آهي- هاڻ نَظر هيءَ ٿرٽي ناهي،
دوزَخ چاهي بِهشت چاهي- ڪَهڙو اُنهن سان مُنهن جو ڪَم،
تُوکان نه وَڌ سي بِالله ٿيا.

٤- آبرو مُژگان تُنرا تارا- چَمڪيو چَمڪن لَيل نهارا،
ڏَند مُبارڪ هِيرا هَزارا- لَب هِجر آسود قَسم،
چُمڻ اَعجازا مُباح ٿيا.

تلهہ: اکيان هن سيف ابرو جي، لکين ڏڙ سر جدا تي ويا.
حواس و هوش پسپا ڪئين، هنر حيلا خطا تي ويا.

١- تيغ ابرو جي تابش کان، پهاڙ بہ تيو پون پاڻي،
جُنبش کان تنهن جي قيامت خيز، سِينن سِيء ٻَپا تي ويا.

٢- اهائي فاتحِ عالم، اهائي غالب شاهان،
انهي تلوار جي آڏو، اُين جا هَٿ اُيا تي ويا.

٣- قُوّتِ بَازو کان پالهو، اهو جانباز آخر تيو،
جَرح ڦٽ حسن جي صَمصَام جا، جنهن سر عطا تي ويا.

٤- خفا سارو جهان تن کان، ۽ خائف سڀ شفاخانہ،
بنايل برهہ جا بيمار، لاشڪ لادوا تي ويا.

٥- ڪيا جي زلفِ جانان جي، ڪمند ڪاري سڏي قيدي،
چون تا هر دو جگ وارا، انهن تان بَندِ بدا تي ويا.

٦- ڪَيا مَحصور سَڀ ميدان، حسينن جي تہ ئي ماڻن،
صفِ اول جا پڻ سورهہ، اتي ازخود سِڌا تي ويا.

٧- رُخ دلبر جو جلوو چن، نصيب آ بزمِ حاضر ۾،
انهن جا فرض ۽ واجب، اهم سجدا آدا تي ويا.

هلندڙ

مَحصور: حراست ۾، قيد ۾

٨- پرون ئي قوس کج رنگي، پرون ئي خوش نما خنجر،
پرون ئي صورتِ محراب، وکعبہ جي بجاءِ تي ويا.

٩- ڏنم جو سيم گُون محبوب جي اڄ چشم مئيگون کي،
سراپا جان تي طاري نشا بي انتها تي ويا.

١٠- نہ مَنهن جي اُت نہ تُنهن جي اُت، نہ کنهن جي اُت هلي حجت،
مقابل تيا جي وحشت کان، اُهي آخر فدا تي ويا.

١١- نکا تو شاعري ڄاڻان، نکي تو شعر سمجهان پر،
جنونِ عشق ۾ جيکي، چيم گفتا سچا تي ويا.

١٢- سچن جي عشق جو سودو، مَنو مانو نہ تيو کڏهين،
کچائيءَ کان کچن جا کئين، ڏنم سودا کچا تي ويا.

١٣- رهيا زيرِ کمان اَعجازؔ جن جي آسمان وارا،
انهن ابرن انهن اکڙين جا، عاشق ڇا نہ ڇا تي ويا.

تلهه: مُک مُژگان[1] آبرو عَينا - نِروار نِظارا لڳا لڳا،
وَهه چِشمان چَقمَق چئينا - ڪَج[2] ڏار ڪَنارا لڳا لڳا.

١- غمزي ڏار بي پَرواهه بالم - پِرمَل پردي نشينا،
گھونگھٽ کولي وينا اولي - لائي ديد ڏُبينا،
ناز نئينا دِن رينا - خوءِ ڏار خُومارا لڳا لڳا.

٢- آڄ دوش بَدوش آغوش ۾ آهن - پکيون مَن مُدائون،
پُر پيمانن لُعاب لَبن سان - دِل جا ڏاغ ڏوتائون،
گھوريا سِر گھر سِينا - سِينگار سُونهارا لڳا لڳا.

٣- حُسُن تني جو ڪاني ڪَرامت - حُسن تَني جو جادو،
حُسن سان مارن حُسن سان جِيارن - حُسن سان ڪَن ٿا قابو،
تنهن حسن سان ڙيو طور سينا - آرنيءِ جا نعرا لڳا لڳا.

۴- هوش جو نالو هوش جو خانو - هوش هنيان چڏهاٽي،
مُنهڙو ڏيکاريو اعجاز پرين - مَدهوشيءَ ۾ پَسُ پاٺي،
ٻولي ٻولِ اي من جي مَينا - ديدا ردُبارا لڳا لڳا.

(١) مژگان: پنبٽيون (٢) ڪَج ڏار: ڪجل جي ڏار

تلھ: عِشق وَارن جَا عَجب ڏِناسون ۔ مَاڳ مَنَھَن مَئيخانہ،

مَاڳ مَنھن مَئيخانہ ۔ رَاڳ ويراڳ رِندانہ.

١۔ وَسندا رَھن تاء وَسندا رَھندا ۔ عَاشقن جا آستانہ.

٢۔ پَالوث پِريمي رَس جي اُن وٹ ۔ پُر فياض پَيمانہ.

٣۔ صُحبت مُحبت ڪَري انھن جي ۔ قَلب آئينو روزانہ.

٤۔ سَاھ بَرابر سَمجھي سَانيج ۔ گُفتا اُنھن جا گِيانہ.

٥۔ اُتي اَعجازا آھن سَلامي ۔ ڪَئين جگ ڪَئين زَمانہ.

تلم: آهيان حَضرت عِشق جَناب آئون- جِتي چَاهيان ڪَيان اُتي خِطاب آئون.

١- پيرن اميرن ۾، ميرن ۾، شَاهن بَادشاهن وَزيرن ۾،
ڪَن چيرن جوڳين فَقيرن ۾، آٽيان عَاشقي وارو انقلاب آئون.

٢- جِتي چَاهيان اُتي تيان مَنزل نَشين، هجي آرض و سَما توڙي عرشِ بَرين،
سَڀ جاءِ سگهان تو آچي ۽ وَڃي، هلايو حڪم سگهان هَر باب آئون.

٣- جَنهن ڍِي خيال ڪيان تنهنکي لَعل ڪَيان، جَنهنتي پال ُڪيان تَنهنجو وِصال ڪَيان،
جو قدم پَريان تنهن ۾ ڪَمالُ ڪَريان، نچايان ناڻ بہ ڪولي نقاب آئون.

٤- مُونسان آبِ خضر بہ ڪونہ لڳي، مُونسان شَهد و شَڪر بہ ڪونہ لڳي،
مُونسان قاتل زهر بہ ڪونہ لڳي، لاَفاني آهيان هِڪ شَراب آئون.

٥- مُون ڪان ڪوبہ تہ قَد ۾ دَراز ڪونهي، مُون ڪان ڪَنهنجو اوچو آواز ڪونهي،
مون ڪان ڪوبہ ڳجهو رنگ راز ڪونهي، ڇَاڻان خُوابن جو خُوب حساب آئون.

٦- ڪڏهن جُنونن[1] واري جَهان آندر، ڪَڏهن مَردن واري مَئيخان آندر،
ڪَڏهن طبلي تنبوري تان اندر، ڪڏهن شاعر مصوّر نَاياب[2] آئون.

٧- اڳيان مُنهنجي نہ پَنهنجي ڇَاڻ رکو، نَڪي عِلم عَقل جا مَاڻ رکو،
مُنهن جي سِر جي اَعجَاز ا سڃاڻ رکو، ماضي حال قبل جو ڪتاب آئون.

(١) جنونن: چريا (٢) نا ياب: اڻ لڀ

تلهه: قدم پَر عشق ۾ آهڙو- عدم کان جيئن ڏسئين اڳتي،
قضا ڪاتب جي مَس ڪاغذ- قلم کان جيئن ڏسئين اڳتي.

۱- جيڪو سمجهي اُنهي ڏي آ- سنيهو سالڪاڻو هي،
ڪراماً ڪاتبينَن جي- رَقم کان جيئن ڏسئين اڳتي.

۲- تَوکي عُشاق پوءِ چَوندس- تَوکي مُشاق(۱) پُوءِ چَوندس،
خُدا ۽ ناخُدا جي پَر- پَرم کان جيئن ڏسئين اڳتي.

۳- چِلانگ آ عشق جو اهڙو- نهايت نَاهه جَنهنجي ڪا،
اُهو ڪو عشق رَڪ وِتَ ۾- وتَم کان جيئن ڏسئين اڳتي.

۴- رِنداني راهه تي رَمندي- نه مَنزل جو تَلاشو تي،
لِوائل(۲) عشق سان وِيندو- ارَم کان جيئن ڏسئين اڳتي.

۵- اوراهان فن فَهم کهڙا- آوراهان دَم قدم ڪهڙا،
اوراهين دَرد دعويٰ دَم- قدم کان جيئن ڏسئين اڳتي.

۶- عَقل اِمڪان ڪان اڳتي- وِيندو عُشاق پَر ڪو ڪو،
عَقل جي حَد اِحاطي خَط- خَتم کان جيئن ڏسئين اڳتي.

۷- نَه جَنهن ۾ يَار جَائز آ- نه جَنهن ۾ پيار جَائز آ،
اِنهي دين و ڌَرم رِيت و- رَسم کان جيئن ڏسئين اڳتي.

۸- اِهي آهن زَماني جا- سَيئي آسباب اَعجاز ا،
جَلال و بُزرگي جَاهه و- حَشم کان جيئن ڏسئين اڳتي.

(۱) مشاق: ماهر (۲) لوائل: جهنبو، عَلم

تلمه: ڪونهي آمر لکئي سان عِشقُ بَدَل ـ تَقدير تي قَادر عِشقُ ئـي آ،
ڪُل شئي تي قَدم آ عِشقَ سَندو ـ ڪُل شئي تي مُسخِر(۱) عِشقُ ئي آ.

۱ـ اُهو پهريون ڪَافر ڪير هُيو، ڪَنهن پنهن جي پُوڄا پَئي پَاڻ ڪَئي،
جنهن تَخيل(۲) آدم پيشُ ڪَيو، اُهو پهريون ڪَافر عِشقُ ئي آ.

۲ـ تَقدير لکي تقدير پيـي، تَقدير جي قَيد ۾ راڄ ڪَڙي،
قَلمُ ڪَار کِتي مددگار کِتي، هَر ڪار جو مَاهِر عِشقُ ئي آ.

۴ـ چو عشق جُون ڳَالهيون تو مُون ڪان پُڇين، ڇَا عِشق جُون ڳَالهيون ٻُڌندين تون،
ڪُن حرف چَيئين ڪَائنات ٿي پَئي، اهڙو صانع(۳) نَادِر عِشقُ ئي آ.

۴ـ نَڪا عِشق اڳيان تَدبير هَلي، نَڪا قَاضِيءَ جي تَحرير هَلي،
نَڪا لوحي ليڪ لَڪير هَلي، اِهو شَاهي شَاطِر(۴) عِشقُ ئي آ.

۵ـ فرعون موسيٰ مُتضاد بَڻي، نَعرو نام ٻنهي جو الڳ الڳ،
پَر مُوسيٰ فرعون جي پَس پَرده، آداڪار آڪابُر عِشقُ ئي آ.

۶ـ ڪِنهن ٻـ بَند جو پَابندُ عِشقُ نـ ٿيو، آزاداني خيالُ جو خَالقُ آ،
حُريت جو عَلَم بَردارُ اَصل، حُريت سان نِشانبر عِشقُ ئي آ.

۷ـ مردن جي نِگاهن ۾ عِشق رهيو، مَردن جي نگاهن لکيون ميٽيون،
اَعجَازؔ اٿئي جي عشق تـ پوءِ، تنهنجو حَامي نَاصر عِشقُ ئي آ.

(۱) مسخر: فتح ٿيل قبضي ۾ (۲) تخيل: خيال
(۳) صانع: ڪاريگر ناهيندڙ (۴) شاطر: چالاڪ سياڻو

تلھہ: عاشق جي نظر ھر جاءِ- توکي جھات ڪَندي آ،
تنھن جي سِر کي ذري پُرزي ۾- اِثبات ڪَندي آ.

۱- جَنھن جاءِ ھجين جيئن بہ- جھڙي رَنگ ۽ ڍنگ ۾،
عَاشق کان لِڪي ڪين سگھندين- ڪِنھن بہ آنگ ۾،
بِينائي برھہ واري- عَجب گھات ڪَندي آ.

۲- ڪو جِيءُ نہ جُدا تنھنجي- ۽ ڪو تن نہ سواءِ تو،
تَحقيق عشاقن آ توکي- خُوب سُڃاتو،
بي کانہ ھستي سير- مَنجھہ صِفات ڪَندي آ.

۳- ھَر زمان ھَر مڪان- ھَر جَھان ۾ آھين،
ھَر گيان ھَر ڌيان- ھر گُمان ۾ آھين،
دُنيا تہ تنھنجي موجودگي کي- مَات ڪَندي آ.

۴- عَاشق جي سَواءِ ڪير- تُنھنجي مَام کي ڄاڻي،
تنھن جي مام التي گام- ڏاڻي ڏام کي ڄاڻي،
حسن دار روپ ھزار- تنھنجي ذات ڪَندي آ.

۵- جي اولو اِسم جو ڪَرين- جي چولو جِسم جو،
اَعجاز جي ناھي ڏِيد کي- ڪو پولو قِسم جو،
ھَر ھَات تنھن جي سان تہ- ھِيءَ بہ ھَات ڪَندي آ.

تلهہ: عَاشق جي تُون آهين تہ پَوءِ هيئن تَوکي بَجا چو،
سُهڻن جي سِتم تي تو کرين دانهن پَلا چو.

١- سُکَ جن سان ڏنئي سَاٿ تي، ڏس ڏُک بہ انهن سان،
رِندن جي اِها رَمز نتو سَمجهين رَوا چو.

٢- توکي تو ڦٽي تير مُڙگان[1] سان جي هُو سُهڻو،
آ چَم[2] تي اگهيان اُن جي، تون بِيهين نہ پَلا چو.

٣- سِر پاڻ کَنيو عشق کي تو پَنهنجي خُوشي سان،
پوءِ تولاءِ بَنيو عشق اچي هاڻ بَلا چو.

٤- کَڏهن بہ مروت جو حَسينن کي نہ کَر سُوال،
راضي هو رهن جنهن تي، رکين سا نہ رَضا چو.

٥- دَامان صبر سان سَندو دَم بہ جَهلي ويھ،
دَر دَر تو کرين دَانهون دَردن جون سدا چو.

٦- دلبر تہ وفائون بہ کندا، جورا جفائون بہ،
وَاقف تُون رکُو تن جي وفائن جو آدا چو.

٧- اَعجاز اکيون چار کجن، پيار پَکي سان،
کمزور هجن پيار جا، کي سودا سَتاچو.

(١) مُڙگان: پنبڻيون (٢) آچم: نيشان

تلهہ: عَاشقي جو دَم هڻي رُسوا ٿيا سون خَواهہ مَخواهہ،
پاڻ پنهنجي جَان جا بدخواهہ ٿيا سون خَواهہ مَخواهہ.

١- آ ظَلُومَا (١) ۽ جَهُولاً (٢) قول قُرآني سَچو،
پَنهنجي بي سَمجهائي کان تَڪڙا ٿيا سون خَواهہ مَخواهہ.

٢- وَقت آدم کان وَٺي اَڄ تائين آهيون بيقرار،
اَلوداع چئي بهشت کي ڏُکيا ٿيا سون خَواهہ مَخواهہ.

٣- ڪُجهہ نہ وَريو ڪُجهہ نہ سَريو، عشق جي وَاپارمَان،
پُل ۾ هي سودو ڪَري، سَستا ٿيا سون خَواهہ مَخواهہ.

٤- حُسن جي هَر جَهلڪ تي، حَيران ٿي هَر هَنڌ آسين،
رِيءَ قَدرِ قيمت ذَرا پُرزا ٿيا سون خَواهہ مَخواهہ.

٥- عشق تا جَنهن کي چَون، چَائيءَ جو سو هڪ ڏير آ،
مُنهن بَدن تَنهن مان مَلي ميرا ٿيا سون خَواهہ مَخواهہ.

٦- سڪ سچائي لاءِ ڪَري وَعدي وَفائي لاءِ ڪَري،
عَيش سُک آرام کان آرها ٿيا سون خَواهہ مَخواهہ.

٧- جوبہ آهي بُت حَسين سو في الحقيقت آفريب،
تہ بہ نَتا سَمجهون آسين چَريا ٿيا سون خَواهہ مَخواهہ.

٨- نيچ ڪَارن جي بہ اڳيان نِيچ ٿيٽو تو پَوي،
آبروءِ عشق لاءِ نيچا ٿيا سون خَواهہ مَخواهہ.

٩- دَامن بي دَاغ کي دَم دَم بَنائي دَاغدار،
غَير وَٽ نَاغير وَٽ هَلڪا ٿيا سون خَواهہ مَخواهہ.

١٠- جسم جَان گَاري گَري، لَحم و لَهُو بَاري بَري،
عِشق جا اَعجاز چئي چَمچا ٿيا سون خَواهہ مَخواهہ.

(١) ظَلُومًا: ظالم (٢) جَهُولاً: جاهل

ٿلهه: هڪ عِشق وَارا ڪَندِ ڪير ڏِنم پيو مُلڪ تَفرقي گير ڏِنم.

۱- حَقي عِشق جِتي هيڪڙائي اُتي، ڪَنهن وَار جُدائي نہ پِيائي اُتي،
تَفريق جي واهہ نہ وَائي اُتي، اُتي فِرقا بَندي ناگذير ڏِنم.

۲- هن نَظر مان گُذريا زمانہ ڪَئين، هَر زماني جا فَن فَسانہ ڪَئين،
هَر فَساني جا تَرجمانہ ڪَئين، بِنا بِرهہ سي سڀ بِي بَصير ڏِنم.

۳- چَوڦير چوداري چَڪاسيو سون، وِچ وچور ڏِسي مَن وِماسيو سون،
بي پير زَمانو آباسيو سُون، هِت نِينهن وَارن کي نَصير[1] ڏِنم.

۴- ڪِتي ڦُوند ڦُڏش کان ڦُوٽ ڦٽ، ڪِتي ڪِيني ڪروڌ کان ڦُرب قلت،
ڪِتي تُون ڇاتُون ڇا کان تَار تَپت، ڪِتي وِڙهندي ڪَبير و صَغير ڏِنم.

۵- پيو ڪُلجڳ ڪَاهي ڪُلفت ۾، هَر حِرص هَوَس ۾ حِرفت ۾،
پَري پير نہ ڪير ڪو اُلفت ۾، آهنڪار[2] ۾ هَرڪو آسير ڏِنم.

۶- جِن عِشق جو نَعرو نَمود[3] ڪَيو، تَن پهرين ترڪ وجود ڪيو،
پَاري پَاڻ کي عِشق جو دُود[4] ڪَيو، تَن جي آهُن ۾ تاثير ڏِنم.

۷- ڪَڏهن تڪر تَاڪيندڙ عِشق ئي آ، ڪَڏهن تَار تَانگهيندڙ عِشق ئي آ،
ڪَڏهن فَلڪ اورانگهيندڙ عِشق ئي آ، عِشق ڪَعبہ مَندر جو پِير ڏِنم.

۸- سَواءِ عِشق جي ڪَنهن کي ڪَير وَٽيو، سَواءِ عِشق جي ڪَنهن جو ڪَير ٽَٽيو،
سَواءِ عِشق جي پائي ڪير جَٽيو، جَٽيون عشق وارو آڪسير ڏِنم.

۹- جيڪي مَحبت جَا مَتوال سَدا، هَر حَال ۾ اُهي هَم خيال سَدا،
هي مِثال آتن هي ڪَمال سَدا، ڪَس رَس تي انهن کي قَدير ڏِنم.

۱۰- آجهي عِشق واري اَعجاز وَجي، مُون مِلت عُشاقن وَاري مَجي،
دِل هُئي جو مَحبت لاءِ اُجي، مِلي مَحبت دِل تي سُڏير[5] ڏِنم.

(۱) نصير: فتحياب (۲) اهنڪار: تڪبر (۳) نمود: ظاهر (۴) دود: مَچ (۵) سُڏير: خوش

تلھ: جي زھر ملي تہ بہ ڪُجھ نہ ڪَري، آسين زھر کي آمرت پَانيون ٿا،
جَڏھن عَاشق نَام سَڏايوسون، تَڏھن قَاتل ڪَثرت پَانيون ٿا.

١- اھو عَاشق پين ٿا پُر پيالو، نينھن نَشي وَارو نت نِرالو،
اُج آھي اَجان ڏي سَرس سُنوالو، آسين موت کي حَسرت پَانيون ٿا.

٢- جن قيد ڪَمايو قُرب مَنجھان، تَن چَاتو مَحبت مَام مَنجھان،
جَن سِر سَاھ منو ڪَيو نَام مَنجھان، آسين تَن کان نَفرت پَانيون ٿا.

٣- چَوي اَعجاز عَلي آءُ وَج نہ ھَٽي، ھت ويھي پيءُ تُون وِھ جي وَٽي،
ڪَاري ھُجي پَا تَوڙي ڪَِٽي، آسين شَافي شَربت پَانيون ٿا.

تلھ: حُسن پَائي تو جَھاتي- ڪَاتي عِشق وَھائي تو.

١- عِشق وَني تو اولو حُسن جو- ڳَالھ اِھا ڳُجھ ذَاتي- ڪَاتي عِشق وَھائي تو.

٢- حُسن کي شَوقُ شِڪار جو تِيڙو- تير ڪَمان تَنھن چَاتي- ڪَاتي عِشق وَھائي تو.

٣- حُسن ھو ڪَاريو عَاشق کي- ڪَڍي عَاشق بينو چَاتي- ڪَاتي عِشق وَھائي تو.

٤- عَاشق تني ويو مُرغ بِريان- ڪو ڪَائڻ وارو ھُجي پَاتي- ڪَاتي عِشق وَھائي تو.

٥- مَحبت جي مَيدان آندر آ- ڪُوڙن لاءِ مَماتي- ڪَاتي عِشق وَھائي تو.

٦- مُوتو قبلل تِيءُ تہ تَئي تو- حَاصل آمر حَياتي- ڪَاتي عِشق وَھائي تو.

٧- عِشق اَعجاز آھڙي شَخصيت- مُنھن نہ مَلائڪن لاتي- ڪَاتي عِشق وَھائي تو.

تلھ: ھن عِشق جي اَلمست کي ڦيٽا ڇنڊا مَنڊ ڇا ڪَندا،
رَاڪا رَکون ڀَھڙا پُڙيون جھٽڪا جَھلا جُھنڊ ڇا ڪَندا.

١- جَوھر تَکِي فرقئون ٽُٽي ويو عِشق جي چوھ ۾ چٽي،
تَنھن لاَغم لاَغرض تي ڏُک ۽ ڏَمر ڏَنڊ ڇا ڪَندا.

٢- جِت جِت مَلڪ وَڃنا نہ رَھنا اُت لَڳا آھن نين ھي،
تَنھن پَار پُھچڻ لاءِ تُرھا سيٺھيون سَنڊ ڇا ڪَندا.

٣- اي ميان پَارس پڙھيا تُون ڪَر پَنھنجي پُوري پَري،
جَن مليا وَنڊ ورھ جَا تن کي پِيا وَنڊ ڇا ڪَندا.

٤- اَعجَاز چَئي ھن دل تي آ آزلي حُسن جو اولڙو،
شمس شعلا شَمر بَتيون چَمڪي چَھرا چَنڊ ڇا ڪَندا.

تلھ: عِشق ڪَيم اِنسان، نَہ تہ اَلاجي ڇا ڇا ھُيڙس.

١- پريم ننگر ۾ پيرڙو پائي، پَنھنجو اُتي نت پاڻ وِڃائي،
پِرت جو ڏيئي پيمان، مُوتو قبلل ھَر ھَر تيڙس.

٢- عِشق جا اُلٽا آرا اويڙا، رَحماني شيطاني رَايا جھيڙا،
سَمجھي تيس سُجان، وَحدت جي جڏھن ويڙھي وِيڙس.

٣- پَنھنجي خُوشي ۽ پَنھنجي رَضا سان، پَنھنجي قَلم ۽ پَنھنجي قَضا سان،
سُورن وَارو سَامان، سَاڻ ڪٽي ھن پِڇري ۾ پيڙس.

٤- دَرد اَندر ۾ آزلي ڏِٺي تو، اَعجاز علي شاھ عَجب لَڳي تو،
جِيڏھن ھو نہ گُمان، نينھن اوڏاھين ناَلي نيڙس.

تلهہ: عاشق سدائين ٿا رهن- خود خيال پنهنجي تي مگن،
پيو ملڪ مايا تي مگن- هي حال پنهنجي تي مگن.

١- ڪنهن جي سُڻن سمجهن نڪو- ڪنهن جي پون شش پنج ۾،
آنئي پهر آهن عجب- احوال پنهنجي تي مگن.

٢- هڪ چال سان هڪ پل اندر- حق سان وڃي جي هڪ ٿيا،
سيئي ڏٺم بلڪل ڏٺم- تنهن چال پنهنجي تي مگن.

٣- آفاق ۾ آهن تہ ڪئين- عبرت پريا آشغال سڀ،
پرهي تہ ويا تي پاڻ سر- آشغال پنهنجي تي مگن.

٤- ڪي غرض پنهن جي تي مگن- ڪي قرض ڪنهن جي تي مگن،
ڪي فرض سنت ۽ عمل- اعمال پنهنجي تي مگن.

٥- هڪڙا اُڏارا پر وٽيو- پرواز ڪن پر ڏور جا،
هڪڙا تہ آهن فطرتي- پر بال پنهنجي تي مگن.

٦- جڳ ڪي مُباح آ سڀڪي پيو- ۽ عاشقن ڪي عاشقي،
اعجاز آ هر آدمي- تہ ڪمال پنهنجي تي مگن.

اشغال: شغل

تلهہ: عَاشق کي ڪَڏهن ڪَات ڪَان ڪَنڌ ڪَوئنو ڪَونهي،
وَقــارِ ائـين عِشــق وَارو ڪَوئـنـو ڪَونـهـي.

١- دَعـويٰ جي ڪَجي عِشق جي دَانـهـون پـوءِ ڪجن ڇو؟
لِيـلائـي اڳيـان لَوڪ، لَٿُون کي لَوئـٽـو ڪَونـهـي.

٢- جي چاڪ اٿـئي چِتِ ۾، اُهـي ڇڏ تـہ ڇِڪـن پـيــا،
دِيـدُن جي دُنـالـين جو، زَخم ڏوئـٽـو ڪَونـهـي.

٣- دِل ڏَار مـــتـي دَار، آڪـيـون نَہ نــہ ڪـڏهـن ڪَر،
رنـدن جي رَسُـومـات ۾، ڪـو رَوئـٽـو ڪَونـهـي.

٤- مَعنيٰ سـان حَقيـقـت سَان، مَعـرفـت سـان هُجي پُر،
بـي نِيـتـو ۽ بـي رِيـتـو، نَظم پُوئـٽـو ڪَونـهـي.

٥- سُهـٽـن جا سِتـم سَهـہ ۽ نِگـاهـن ۾ سـنـدن رَهـہ،
ڪَر چون نـہ چُرا تُون، تَوکي ڪُجهہ چوئـٽـو ڪَونـهـي.

٦- تـــي ڪُوپـو ڪُڏي آ، اچي ڪُس تــون اڏيءَ تــي،
هـت يـار بُزدلـيءَ جو، ٻج بـوئـٽـو(١) ڪَونـهـي.

٧- اَعجَاز مِلــي وَار اٿـــئـي، مُور نـــہ مُڙ تــون،
جند عشق جو ٻئي ڪنهن کي ڪڏهن جوئٽو(٢) ڪَونهي.

(١) بوئٽو ڪونهي: پوکڻو ڪونهي (٢) جوئٽو: پيهڻو

تلهہ: ڇڏِلياڪا لوڪ جا۔ ڇَا عَاشقن جو عَام سان،
پَاڻ آجو ڪر اتاهين۔ عِشق جي آحڪام سان.

١۔ هي هتي جا حال پائي۔ حَاڪماڻا حِرص ڏيئي،
هَٿ وني حَاويءَ ۾ هَٿندءِ۔ هُل وڏي هَاڳام سان.

٢۔ پُور پوري پيا پٽر ۾۔ پور پرين جو پچاءِ،
پاڻُ ماري لاءِ دلڙي۔ پرت جي پيغام سان.

٣۔ مَذهبن جي مَامرني ڪان۔ مُنهن مَٽي موشو ڪري،
من مڙهي مضبوط ڪر۔ مَحبوب واريءَ مَام سان.

٥۔ گُر منجهان جي گر ٿئين۔ گم نام تي گوشي گُذار،
گَاءِ گيرب[1] کي گَنوائي۔ گهم گياني گَام سان.

٥۔ فَرض فَرمودا وساري۔ فِتنتي فَاسد بَٿئين،
فيض فاسق[2] ٿئي نہ توکي۔ فَن فريبي فَام سان.

٦۔ کور کينو قلب تان۔ ڪامياب ٿيندين قرب ۾،
کر اڇو پنهنجي اندر کي۔ لا لاهوتي لام سان.

٧۔ آهہ واجب تو اَعجَازا۔ ننڊ آرس کي ڇڏي،
عشق جو ارشاد مڃ۔ اقرار با انجام سان.

(١) گيرب: ٻيائي، دوکو (٢) فاسق: فتنو کندڙ، جهيڙو کندڙ

تلهه: عِشق ظَالم جي اِشاري طَور اُلٽا توريا،
سَيف آبرو کي سِينگاري سِر ڪُلهن کان ڪَوريا.

١- وَر سورنواري لاءِ ويهي، چنگ ڪنهن پئي چوريا،
ڪنهن ڏِنو سر ڪَنهن رُنو چو داس داسيون دوريا.

٢- قَيس ڪي چَرئي ڪَرڻ لاءِ، نين ڪَهڙا ڪَڪوريا،
ڪيف ڪَهڙي مَست ڪَيو، ڪَهڙا متس وَل مَوريا[1].

٣- دَار تي منصور ڪي نيو ڪنهن ڪري هُل هَوريا،
آڪ پَائي انصاف ڪرهي ڪنهن جا هئا ڪُل پورهيا.

٤- شيخ ڪي وچڙي ويا لَٽ زلف هو شهزوريا،
دين مذهب بَن ڏيئي وچي خُوڪ[2] تَنهن ڏس توريا.

٥- ڪَربلا ۾ قرب هو ڪي شوم ناحق شوريا،
چا اهو هو چا تي گذريو چو گهوٽن سر گهوريا.

٦- سُڪ چِڏي ڪَنهن جي ڪَري، وَڃي سُور سسئي سَنيوريا،
هيڪلي سِرسَتُ ٻڌي، ڏينهن رات ڏونگر ڏوريا.

٧- عِشق هن جا عاشقن اَعجاز چئي ڏُک اوريا،
هي اُهو آهي ستمگر جنهن وڏا جُنگ جهوريا.

(١) موريا: ولين جو ڦٽڻ (٢) خُوڪ: سوئر

تلهه: عِشق عَقل گَڏرَهي رَهي، هڪ جاءِ تي،
اِهڙو اگي ڪوبہ مِثال تہ ڪونهي!!

١- ڪوبہ تہ ڪوڙو ڪونہ لڳي تو، ڪيئن حساب هي نهي نهي، هڪ جاءِ تي،
اِهڙو اگي ڪوبہ مِثال تہ ڪونهي!!

٢- بَاز بِرهہ جو زَاغ عَقل جو، ڪَنهن ڪان ٻُڌو تہ تو ٻَهي ٻَهي، هڪ جاءِ تي،
اِهڙو اگي ڪوبہ مِثال تہ ڪونهي!!

٣- ڪُتو فقير ڪي فَقير ڪُتي ڪي، ڪَهڙي هنڌ تو سَهي سَهي، هڪ جاءِ تي،
اِهڙو اگي ڪوبہ مِثال تہ ڪونهي!!

٤- حَق جڏهن آ حاضر هَر جاءِ، قَاضي تڏهن ڪِيئن تو ڪَهي ڪَهي، هڪ جاءِ تي،
اِهڙو اگي ڪوبہ مِثال تہ ڪونهي!!

٥- عِشق اَعجازَ اعَقل وانگي، ڳَاهہ ڏِٺو تي نہ ڳَهي ڳَهي، هڪ جاءِ تي،
اِهڙو اگي ڪوبہ مِثال تہ ڪونهي!!

تلھہ: آسان آ ٻُڌڻ ۾، آسان عشق نَاهي،
سَڀ ڪَنهنجي سودي سڌ جو، سَامان عِشق نَاهي.

١- جَن آ ڏنو وهايو، تن آ صحي سُنايو،
آرزان چيز ٻيا سَڀ، آرزان[1] عِشق نَاهي.

٢- سُوريءَ جو سُونهون وَاقف، ٻي رَهبري نہ چَاڻي،
زَاهد جي زُهد وارو، خَفقان عِشق نَاهي.

٣- مَسجد مَڙهيءَ مَندر ۾، مَهندار مُک تي وينو،
ڪَنهن قيد ”لا“ قَلم ۾، زِندان عِشق نَاهي.

۴- جَنهن عشق کي آ چاتو، آرام عَيش جيءَ جو،
تَنهن لاَخبر جي لَاشڪ، مَنجهہ جَان عِشق نَاهي.

۵- جِند جَان جيءَ جِسم سَان، حَيّ القَيُوم[2] آهي،
بي جَان چئو نہ تنهنکي، بي جان عِشق نَاهي.

٦- دَانهہ ڪري دِيوانا، دِيوانا بي زُبانا،
حَيران حَال تن جو، حَيران عِشق نَاهي.

٧- اَعجَازَا آ يقينًا، هَر ڳالهہ عِشق جي حَق،
ڪڏهن ڪِٿي بہ بَڪندو، هِذيان[3] عِشق نَاهي.

(١) ارزان: سستو، سهانگو، جام (٢) حي القيوم: سدا حيات، قائم (٣) هذيان: وِقلڻ

تلهه: اِها عَام کي نَاهي پَروڙ- عَاشق عِشق مَعشوق ڇَاهي.

١- ڳَالهه ڪِيئن آ ڪِيئن پَئي پُڇجي- ڪيڏا بَڏا آٿن ڪُوڙ،
ڪير ڪُوڙن کي سچ ڏي ڳَاهي.

٢- ڪيڏهن جا ڪيڏهن پيا ڪَانگ اُڏائن- مَاٺهون مُورک مُوڙهه،
وَهم ويا تَن کي ڪِيڏهن وَاهي.

٣- عَاشق عِشق مَعشوق سوئي- سَمجهن کي ڳُوڙها ڳُوڙهه،
ڳَاٺو ڇاٺُو شُبهه شَڪ لاهي.

٤- سِڪ ۾ سِيڪڙُو سَچڻ سَاندهه- سَيئي سَانپ سَنيُوڙ،
دَم بِه جُدائي دُوري نَاهي.

٥- حَق حَقيقت حَال اَعجَازا- هَڏ نه ڇَاٺن هُوڙهه،
آڪ ڏسڻ وَاري ڏسندي آهي.

تلهه: آهي عِشق جو آڙهه جِتي جِتي، آسين اُتي اُتي.

١- پِيو نه ڪيڏهن ڪو يار آسانکي، رُوح پَنهنجي ۾ رِتي رِتي،
آسين اُتي اُتي.

٢- چِت سان چَاهيو ڏِسڻ چتابو، چِشمن چِڏيا چِت چِتي چِتي،
آسين اُتي اُتي.

٣- نَار خليل الله وِسري ڪَانهي، وسري اُها تي ڪِتي ڪِتي،
آسين اُتي اُتي.

٤- هِت ڪو مُلاٺو ڪونهي مُشاهدو، عشق جي مَنزل مَتي مَتي،
آسين اُتي اُتي.

٥- جَهاتي آسان ڏي جَانب پَاتي، مَنجهان ڳُجهي ڪَنهن ڳِتي ڳِتي،
آسين اُتي اُتي.

٦- جِتي اَعجَاز ڇَئي حُسن جا جَهلڪا، تَن مَن عشاقن جو تِتي تِتي،
آسين اُتي اُتي.

ڳِتي: سوراخ، ڪڙڪي، دري

تلهہ: عِشق ۾ تي اِظهار- اَنڪل وَارو آولو ڇڏي ڏي.

١- ڏُورنگيءَ ۾ اچي ڏُوئي هٿ ڪئي تو، ڪُوڙي سچي جي پَرک نہ پئي تو،
وَحدت ڪيمِ وسان پَورو نہ تِي اهو پولو ڇڏي ڏي.

٢- مُخنث[1] مونث[2] مرن دنيا لاءِ، مَرد موليٰ جا مرن موليٰ لاءِ،
قَالو بَليٰ ڏي نِهار تو تين وارو ٽولو ڇڏي ڏي.

٣- پِرت پَنو پڙهي ڪَڙهہ تون قَلب ۾، وجهہ نہ وِتي ويچو حق جي طلب ۾،
مَحبت جا مَڻ ڏار رَتي مَاسو تَولو ڇڏي ڏي.

٤- ويس ويراڳي سراپا پائي، اڪٿيون اَعجازا يارسان لائي،
سورهہ تي سروان ڇرڪ ڇُپڻ جو ڇولو ڇڏي ڏي.

تلهہ: چَڙهيا عَاشق چَاڙهي صَبر جي سَهاري،
رَسيا رَاز رَنگ کي سُوريءَ سِرَ سِينگاري.

١- آصل هونِ جيڏهن دِلي خيال رايو- قَدم قُرب مان تن اوڏاهين چايو،
توڙي تال طلسم وِيا پِرت پَاري.

٢- نہ هَٽيا نہ هَٽندا، هَليا راهہ حَق تي- مَچي مَست تيڙا مَحويت مُلڪ تي،
دنيائي دَور دڪبو نہ سگهندن ڏُتاري.

٣- پَچائي پَاڻ پاٿي پتڻ پَار اُڪريا- آويسي[3] عَجائب عِشق سَاڻ اُڪريا،
پُنيان جڳ انهن جي پَلي جڪ پيو مَاري.

٤- اَعجاز عليءَ سان اَٽن نِينهن لَاتو- نَتا مُنهڙو موڙن تنهن ڪان ڏِينهن راتو،
ڪَيئون سَانگ سُرهو نظر جي نِظاري.

(١) مخنث: ڪدڙو (٢) مونث: عورت، مادي (٣) اويسي: اويسي حال وارو (اويس قرني)

ٽلهه: سر عشق ۾ واري پوءِ- ارمان وري کھڙا،
سارين ٿو نفعا نينهن ۾- نقصان وري کھڙا.

١- پاٿيهي خوشيان پنهن جي- آعشق اُنايو تو،
هر بار چشم هاٿي- گريان[1] وري کھڙا.

٢- تو عشق جنان اُپري- عاشق تي اتي بيهجي،
ميدان ملهائڻ ۾- آنجان وري کھڙا.

٣- ٿا عشق چون جنهن کي- سا آڳ الاهي آ،
تنهن آڳ الاهي تي- بُهتان وري کھڙا.

٤- پيمان تي پيمانو- ساقيءَ کان وٺي پيتئي،
اڄ کيئن ٿو چوين آهن- پيمان وري کھڙا.

٥- ڪٿهن به معرفت جو- بُرهان[2] اهو ڪونهي،
پيتين ٿو پيلا مندر- بُتخان وري کھڙا.

٦- وحدت ۾ وڃائي وڃ- وِيچا جي پيائي جا،
حق جهڙي حقيقت ۾- فُرقان وري کھڙا.

٧- جي هاڻ ٿو ڏارين سي- اڳ ۾ ئي تُون ڏارين ها،
هي هوش هينئر وارا- دم ڏيان وري کھڙا.

٨- وٺ ماٺ کان ڪم عاشق- ڏانهن مان نه کجھ ورندي،
جن آهه و فغان ڪئي سي- جُنگ جوان وري کھڙا.

٩- تو عشق کي ڪونه لُٽيو- ويو عشق لُٽي توکي،
سوجهين ٿو سمر اڳ لاءِ- سامان وري کھڙا.

١٠- اعجاز وساري ڇڏ- افسانه بعيدانه[3]،
گذريءَ جا پڌائين پيو- گُذران وري کھڙا.

(١) گريان: آلاڻ، روئڻ (٢) برهان: دليل، ثبوت (٣) بعيدانه: گذريل، پراڻا

تلهه: عَاشق قَلندر مَست تي ـ هُبڪار ها حُسنات جا،
بِجليون بَدل بيحد ڏنم ـ اُت برهہ جي برسات جا.

١ـ چوگان[١] ۾ باشان ها، شَمعدان شَمر شُغلات جا،
لوبان[٢] سرڪند ڌُوپ سان، دونهان اگر دِن رات جا.

٢ـ اوچو عَلم اعليٰ عجب، بَيرق مٿس برڪات جا،
مَستن اُتي مَستا هَنيا، جذبي منجهان جذبات جا.

٣ـ ماٺهو مُلڪ هِند سِند جا، حاضر ڏنم هر ذات جا،
ڪي سانولا ڪي سِيمہ وتن[٣]، ڪي گل رُخن گُجرات جا.

٤ـ مَد مَئي ڪَشا مَن موهنا، مُشتاق ٿيا تجلات جا،
سي سَر بَسر سينگاريل، سڀ سُرخُرو سُخنات جا.

٥ـ جلوي نما جانب هئا، جهلڪا لڳا شش جهات جا،
پَچندي رهيا نچندي رهيا، نانگا رِندي رسمات جا.

٦ـ دُرسا دَمالي دائما، دُن ديان جي درجات جا،
نيهي نَقارا نُوبتي، اَعجاز ها اِثبات[٤] جا.

---

(١) چوگان: ميدان. چوديواري (٢) لوبان: خوشبوء دار ٻوٽي
(٣) سيمہ وتن: چانديءَ جهڙو بدن (٤) اِثبات: ثبوت سان

تلھ: تُنهنجي عشق وَفا تان گھوريان هَر هَر گھور- عَرش بَرين گھوريان آسمان گھوريان،
سِر ساھ صَدق کَري توتان وَري، دُنيا دين گھوريان ٻَئي جهان گھوريان.

١- تُنهنجي جمال مَٿان پَنهنجو جَلال گھوريان- جيڪي حَاضر آٿم سو حَالُ گھوريان،
مَڏيون مَال گھوريان هِيرا لعل گھوريان- سون مين گھوريان سَڀ سَامان گھوريان.

٢- حُورون بَاغِ بهشت رضوان گھوريان- گُل گون گُل بدن غُلمان گھوريان،
شَمس و قمر گھوريان شَمع شمعدان گھوريان- مَاهِ جَبين گھوريان جِن و اِنسان گھوريان.

٣- توتَان هَر شيءِ آئون هر وار گھوريان- نيلُون اَرب پَدم لک هَزار گھوريان،
سَارا شَهر بَحر دَهر دَيار گھوريان- رُوءِ زَمين گھوريان رُوءِ زَمان گھوريان.

٤- توجي دَم قَدم مِلي مُون سان پَريا- ڍَارا بَخت وَارا خُوبان خُوب ڍَريا،
تو آئي اعجاز چَئي کُل ئي کَاج سَريا- شَاهي خَزين گھوريان شَاهي شَان گھوريان.

تلھ: جَني کي سِڪ سَچي ثَابت- تَني لاءِ تَار تَانگھو آ،
اُڪنڊ ءِ عِشق جي اَڳيان- نہ کو وَرُ وَهُ آٽانگو آ.

١- ڇَڏي ڪُوڙا بَهانا مِنهَن- جي هَليا سي وَڃي رَسيا،
اُنهن هُن پَار جو پُرجهي- لنگهيو گَهٽ گَهاٽ لَانگهو آ.

٢- عَهَدُ قَالُوا بَلىٰ پارڻ- ڏَاڍو مُشڪل آهي تَن لاءِ،
آ دُنيا جو اَچا جَن کي- لَارو لهڻُ ءِ آسانگو آ.

٣- نَہ هَئيا هيچ حُب وارا- مَلامت هُوس مهڻن کان،
ڳچيءَ ڳَل عَاشقن مرڪي- ڳِلا جو پَاتو ڳَانگهو آ.

٤- مَماتي موت نَاهي هَڏ- حَقيقي حَال وَارن تي،
آهڙو اعجاز کو اُن جو- اويارو ٻَل اُچانگو آ.

رضوان: جنت جا دربان، داروغو

تلهه: عِشق جو اُلٽو پَنڌ پَسارو، پير اِيڏاهين پَائيندو ڪير،
پير ٽِڪائڻ مُشڪل آ جِت، پير اُتي پورِ ٽڪائيندو ڪير.

١- عِشق جي رَاهه سان جيڪو رَمندو، آرض و سَما تنهن جا پيرا چُمندو،
رَاز بِرهه جو رِند ڪو ٿَمندو، آڙهه سيني چُپائيندو ڪير.

٢- دوستيءَ جي دَستور سواءِ، پيچ پَڪي پَهه پُور سَواءِ،
مَرد مگن مَنصور سواءِ، سِر ڏيئي سُوري سَجائيندو ڪير.

٣- عِشق جي اُلٽي ٻولي چَالي، عِشق جي اُلٽي بَازي بَنوالي،
عِشق جي اُلٽي دَام دُوالي، قيد ڪُريز ڪَمائيندو ڪير.

٤- لَنۡ تَنَالُوا الۡبِرَّ حَتّٰى سان، عَاشق چَوندءِ انهي آدا سان،
گَهر سِر گهورڻ واري وَفا سان، مَقام خَليل مَلهائيندو ڪير.

٥- عِشق حَقيقي عِشق مِجازي، مَعنيٰ ۾ ٻئي سَوزي گُدازي،
مَشق ٻنهي جي مُشڪل بازي، مَشق ٻنهي جي پَچائيندو ڪير.

٦- پَنڌ پَسارو عِشق جو اُلٽو، نَظر نظارو عِشق جو اُلٽو،
رَمز اِشارو عِشق جو اُلٽو، اُلٽي آڪ آڙائيندو ڪير.

٧- ڪُواتان وَاٽ بَنائيندو عَاشق، وَاٽ سان پير نه پَائيندو عَاشق،
لَاشڪ اُلٽ ڳَالهائيندو عَاشق، ٻيو اُلٽ اعجاز ڳَالهائيندو ڪير.

تلھ: اُھو ئي عِشق آھين تُون - جيڪو آدم تي آيو ھو،
آثر اِثبات وَاري سَان - آمر رَبّي پَچايو ھو.

١- چِيرايو جَنھن تہ زَڪريا ڪي - قَتل يَحيٰ ڪَرايو ھو،
يُوسف يَعقوب ڪان توڙي - مِصر ۾ مَچ مَچايو ھو.

٢- مَڇي جي پيٽ جَنھن يُونس - خَليل آڙھ ڏَرايو ھو،
اِنّي اِنّ الله مُوسيٰ سَان - عِيسيٰ سان قُم آلايو ھو.

٣- آچي جَنھن اولي احمد جي - رَسولي رَنگ رَچايو ھو،
شيرِ يَزدان سَان تي شامل - آڏو شِرڪي اُڏايو ھو.

٤- حُسيني حَال ھِمّت سان - حَقي جَنھن ھُل ھُلايو ھو،
حَاشو ڏئي حُڪم جو حُر ڪي - بَبر بَرسر بَنايو ھو.

٥- شَمس مَنصور مَجني جو - جَنھين قُرڪو قيرايو ھو،
عَالم صُنعان ڪي اعجاز - چئي بُت تي پُلايو ھو.

ٿلهه: تنهنجي عشق کان ڪريان ڇو آئون زاري، توسان ياري آ ياري آ ياري.
تُنهن جو برهه تہ مون لاءِ آ بهاري، توسان ياري آ ياري آ ياري.

۱- ڪر تون جفا پلي ڪر تون جفا، تنهنجي جور و جفا سان پيار اٿم،
تنهنجا ظلم ستم سنگ دلانا قدم، پانيان قرب ڪرم جي بجا ٿو صنم،
تنهنجو زخم زخم چڻ دلداري.

۲- روهه جبل جي آ دل تنهنجي، اٿل منهنجا بہ ارادا،
بي نياز حسن جي آ تنهنجو، پهه پور منهنجا بي باڪا،
آئون چاڻان نہ سچاڻان انڪساري.

۳- دور رهين جي نفور[1] رهين جي مور هئون تون مغرور رهين،
تاب ڪرين جي عتاب ڪرين، جي حساب ڪتاب شتاب ڪرين،
آهيان عشق جو تہ بہ اقراري.

۴- عشق جي صف ميدان ۾ آئون، تنهنجو شريڪِ شان آهيان،
عقل واري ايوان ۾ آئون، اعجازؔ چوي عصيان[2] آهيان،
آهيون هڪ ٿي شجر جي نہ تہ تاري.

(۱) نفور: نفرت ڪندڙ، ٿهندڙ (۲) عصيان: گنهگار

تلھ: ڪَيا عِشق وَارن نظارا نِيارا - آڻن آشڪارا تہ نَعرا سوِيارا.

١- سَچو عِشق جَن کي، خَبر سَڀ اُنھن کي، مِلي نرت واري نَظر سڀ اُنھن کي،
سُوري ۽ سر ڏيڻ سي، سَچارا سُڏيارا.

٢- نَکي عام سَمجهي نَکي خَام سمجهي، عجب عشق وَارو ڪوِ اسلام سَمجهي،
مُلن جا مَذاهب مُونجهارا اُونڌا.

٣- پَسن حَق کي هَرجاءِ، پُوري ۽ منجهہ پرجا، پُڄن ڪونہ مَسجد پُڄن ڪونہ گِرجا،
صُورت جا سَدا سي پُوڄارا اُڄارا.

٤- ڪِلي عِشق جن ڪيو، نِيائڻ بہ تَن پيو، برھہ بَار بَاري مُدامي مَٽن ٿيو،
پَڇي وِيا برھہ کان بِي تَارا بِي چَارا.

٥- پُڌم عِشق وَارن جون ڳَالهيون نِراليون - ڏٺم تن جون جڳ کان تہ چَاليون نِراليون،
سُبت جڳ اُبت عِشق وَارا اِشارا.

٦- اعجَازا عَلحدا تنهنجا قول گُفتا - نہ سَمجهن بي ڏيانا نہ نَادان بي بَختا،
سَچو تون سو سَچ چئہ سَو وارا اي يَارا.

تلھ: بَدہ نَامِ تيو اَٿم عَام ۾ - جَڏهن عِشق جي آيس آري.

١- اڪر عشق جو آهڙو ئي آهي، پَاڪ پوتي ۾ لَڄ لاَهي،
رَت رُنَا اَڙي رِڻ راهي، روز گُذري مَاتام ۾ زيب وِڃايم ذَوق ذَري.

٢- ورهہ وَڍيون ڪَڏهن سُک نہ سَنيرن، نِينهن جي نوڙي ۽ مَنجهہ نِجهرن،
نَاھ ڪان نَآنگيون تِيون نِڪرن، ڏوريو ڏسن ان گام ۾ هڪ سڄڻ جي پَڪ ڪري.

٣- پيرين پيادي ڪيچ ڏي ڳَاهيمہ، سُور ۽ سَختيون سر تي سَاهيمہ
بَار برھہ جو اوکو آيم دِل ڦَاٿي آ دَام ۾، تڏهن موت کان اڳ تي مَري.

٤- پَئي ڪَڙي جَن ڪَاڻ آهيان، تہ بہ آجان تن کي تي چَاهيان،
اعجاز اُميدون لَک تي پَانيان، موتي مِلندا مام ۾، ڪِين اٿن پَنڌ ڪو پري.

تلھ: عشق انھي ۾ آڙيل - ڦابو آھيان ڦڙيل،
چاھيان پُوڄيان حُسن - ڳالھ نہ ٻي ڪا ڳڙھيل.

١- سُونھن جيڏھن تي سُڄي - تہ رُوح تيڏھن تو تڄي،
برھہ اتانھين ٻڄي - ٻارو ٻار ٻڙھيل.

٢- قبل نماء ٻانيان حُسن - راھہ نما ٻانيان حُسن،
ڪعبة الله ٻانيان حُسن - خيال اتي آ ڪڙيل[1].

٣- چشمن واري چاڙھي - عشق ڏسي عشق پاڙھي،
عشق ملائي تاڙي - چوٽان چوٽ آئون چڙھيل.

٤- شمس عطارِ جُنيدي - رُومي شيرازي سعدي،
ڪاڪل يار جا قيدي - مَن تَن مينڊن مڙھيل.

٥- جن لاتو تَن چاتو - نيٽن وارو ناتو،
ليليٰ مجني لاتو - ناتو نانءِ چڙھيل.

٦- طعنا بُھتانا برسر - سَپ سُور سورھن آنا برسر،
آوڪا زمانا برسر - تہ بہ سمن[2] تي تيان سھڙيل[3].

٧- عاشق دِل اعجازا - ڪِرت چاٽي ٻي ناڪا،
پُڇڻ حسن جا پاچا - پاڇي[4] حُسن جي پڙيل[5] [1].

(١) ڪڙيل: بيٺل (٢) سمن: انجام، مقرر ٿائيم تي پھچڻ (٣) سھڙيل: پھتل
(٤) پاڇي: ڇانو، سايو (٥) پڙيل: پِيَل

تلھ: بَازار عشق جيءَ ۾، وَاپار آھي حَق جو،
سِر ڏين تہ عَاشق سَڏجين، وَھنوار آھي حَق جو.

١- ڪَچ ڪُوڙ دوڪو دڪبو، ڪَڏھن نہ اُت ھَليو آ،
ھوڪو صَريح ثابت، ھَروار آھي حَق جو.

٢- نَاڻي ۽ مَال زَر جي، نَاھي ڏَرو ضَرورت،
دِل پَاڪ صَاف گُھرجي، ھي آر آھي حَق جو.

٣- ڳُن چور ڪورَ جُونا، جَالي اُتي نہ سگھندا،
ھُت پَارکو پَڪو ھِڪ، پگدار آھي حَق جو.

٤- اعجاز عجز وارو، پِي جَام رَھ آدب ۾،
دِيدون آڙائي ڳُم تي، دِيدار آھي حَق جو.

تلھ: عِشق جو اَحسان آ- جِنھن پَاڻ کان پَالھو ڪَيم،
مَوج مَستي مَام ڏئي- مَخمُور مَتوالو ڪَيم.

١- عِشق جو بَردو بَندو- پَاڙي پِياسي آھيان،
نيڪ نَامي وارو نَقشو- ڳُم نِشان نَالو ڪَيم.

٢- عِشق مُنھنجو ھَادي مولىٰ- عِشق مُنھنجو رَھنما،
عِشق جي دَم بَانوري- بيخوف بي خِيالو ڪَيم.

٣- عَاشقن جي مُنڪرن کان- عِشق ڪَيڙو آشنا،
تَن اکيان ھِن دِل زُبان تي- صَبر جو تَالو ڪَيم.

٤- عَام ظَاھر ڏي اعجَازا- عِشق بَاطن ڏي ڇِڪي،
عَام کان اُلٽو تَڏھن- پَنھنجو چَلڻ چَالو ڪَيم.

تلهه: ڏسي عِشق وَارا آختيار- عَقل لاَچار ٿيو.

١- هَڙئي ڦِٽا هَٿيار ڪَري مِيان- عِشق اَڳيان ڪَائي هَار وِيو، لاَچار ٿِيو.

٢- وَايون عَقل جون وِيُون تہ مُنهجي مِيان- حَيرت ۾ هَر وار پِيو، لاَچار ٿيو.

٣- عِشق جي ذَات نِيات نسب ۾- پَاٽئين جِنهن وَار لِيو، لاَچار ٿيو.

۴- عِشق ائين آ جيئن ڪي سجّ آ- عَقل اِئين جيئن ٻَار ڏِيو، لاَچار ٿيو.

۵- جُهوٽي عِشق جي اُڏائي عَقل ڪي- نِت نِت اُلٽي پَار نيو، لاَچار ٿيو.

٦- عِشق سَواءِ اعجاز چوي- چِيهہ عَقل جو چَار چِيو، لاَچار ٿيو.

تلهه: شُعلي شَمع جو شَوقين، رُوح پَتنگ پَروان مُنهنجو.

١- سُونهن صُورت جو سيڪڙو آهيان، دَرم نہ ڄَاڻان دِين،
حُسن طَرف هَردم ڌِيان مُنهنجو.

٢- حُسن جا غمزا سِر وِچائُو، سُورِيءَ جا ڏَس ڏِين،
سِر نِيو ڪَن نيشان مُنهنجو.

٣- ڪَجل سُرمان ڪوڏئون پَايو، ڪوٺيو ڪَنڌ جي ڪَپين،
سي اَکيون آٿو عُنوان مُنهنجو.

۴- شُعلي شَمع سَان آتم پيار پُراڻو، سَمجهو سُڻو سَامعين،
آئون شَمع جو شَمع شَان مُنهنجو.

۵- ڏِينهن آزل واري آچ اعجاز، آمين ڪَيم آمين،
عِشق حُسن ٻَئي گُذران مُنهنجو.

ٿلهه: عَاشق ٿياسون، عِشق ڪَيوسون- لَڄ شَرم ڪي لوڙهي، ٻَئي جڳ ٻوڙي.

١- سَرڪش هو پَر سُوار ٿي وياسون- عِشق جي آهندي گهوڙي، ڪُڏ ڪُڏوڙي.

٢- عُمر وڃائجي عِشق ۾ وئيسون- وَوڙِوڏي سُون وَوڙي، آوڙڪ آوڙي.

٣- حُسن آسانجي جِيءَ جو جِياپو- حُسن آسان ڪان توڙي، مُنهڙو موڙي.

٤- ڪَج ڪمند جيئن زُلف ڪي ظالم- وِچڙي ويا تہ وَڪوڙي، ڪَنڌ اُڪوڙي.

٥- نيڪي نَاموس ڪي نَاس ڪَيوسون- نِينهن جي نوڙ ۾ نوڙي، نِپٽ نهوڙي.

٦- عِلم عَقل جي.گهران اُتاري- عِشق ڇڏيو تہ وِچوڙي، توڙي ڦوڙي،

٧- دِين ڪُفر جون حَدون لَتاڙي- اَعجاز ڪو عَاشق ويوڙي، پَار پيوڙي.

ٿلهه: عِشق تہ پئي ٿو رَت، ڪيرميان تَنهن ڪي ڏاري ۽ پَاري.

١- عِشق ڪان پَنهنجو پَاڻ لڪايو- پَري پَري پيو وَت،
نَالو ڇڏينس ٽَاري وِساري.

٢- ڪَونہ ڇڏيندو تُنهنجو تو وَٽ- هَوش عَقل ۽ آتُ،
دِلبن سان ڇڏيندءِ ڪاري ٻُهاري.

٣- آدم ذَات جي رَت جو قَطرو- عِشق لاءِ آهي آمرت،
اِنهي غِذا تي ٿو گَهاري گُذاري.

٤- جَان جِگر جِيءُ جوت ڪائي- سوئي سَمورو سَت،
نِست ڪَري پوءِ گَاري ۽ مَاري.

٥- شِينهن مِثل آهي شور تِنهن جو- چيري اَعجازا چِت،
ڏِيل ڏِهائي ڏاري ڍِيجاري.

تلهه: آيا عِشق آري ۾ کير کير، جن ڇڏي جي مَايا، سيئي سي آيا.

١- جيئري ڇڏيائون جِيءَ جِيا پا، لَبُ لالچ ۾ لڳ لاڳا پا،
پِيا ڦند ڦنا ڪَري ڦير ڦير، جَن ڇڏي جي مَايا، سيئي سي آيا.

٢- قُرب وَارا وِيا قُرب ڪَمائي، ڪُڙم قبيلو ڪُل ڪُهائي،
مَچي مَرد ٿيا سي متير متير، جَن ڇڏي جي مَايا، سيئي سي آيا.

٣- نَاتا نِينهن جا جِن سُڃاتا، پيچ پريٖن سان تَن ئي پَاتا،
ويهي وڃايئون نه وَير وَير، جَن ڇڏي جي مَايا، سيئي سي آيا.

٤- ڪَن پَرائي ڪين جي پيڙا، صُمٌ بُکمٌ عُميٌ ٿيڙا،
اعجاز عِشق جا اُهي اٿئي پير پير، جَن ڇڏي جي مَايا، سيئي سي آيا.

تلهه: عِشق جا آگم آچيو مُون مَٿي بَادل جيئن وَسن،
وَاهه واچولا وِرهه جا، لُوهيو لُٽيو لهسيو وِڃن.

١- نه سُڪ صَبر هن سَاهه کي، نه پر پيٽين هي ڏکيون ڏسن،
پَئي طَلب تَاڻي تِيئن تَنن، پوءِ پَار پَنڌ پرجا پُڇن.

٢- غَم غُبارا دِل مَٿان، دَرد ٿيو دُونهان دُکن،
سي سُور سيني کي سَنيو، سَنگهرون ڪَيو سر تي اَچن.

٣- عشق آتش جا اُلان، اندرئُون اُٿيو اُپ ڏي اُڏن،
اعجاز تَنهن سَببئُون سَيئي، تا جِيءَ جِگر جيرا جَلن.

تلمه: ڏنون ڏوين ويا عشق سر، پر عشق جي ڏڙ ڏُوم سا،
کانہ پنهن جي هڏ مَٽيائين، جهانءِ مستي جُهوم سا.

۱- دم اُپارا آشڪارا، ڪم ڳلارا عشق ۾،
عيب سارا پانڌ تنهن جي، ڳالهہ ڪر معلوم سا.

۲- برعڪس دُنيا جي بلڪل، آهي چاڙهي عاشقن،
حال وارن ڪي خبر آ، نا ڏسن محروم سا.

۳- ڏُم ڏڙي هي عشق جي، ميثاق ڪان آهي اڳي،
هاڻ سگهندا ڇا مٽائي، ڏڙ ڏڙي شر شوم سا.

۴- دل وڻان اعجاز چئي، جا ڳالهہ نڪريو ٿي وڃي،
لوح واري ورق ۾ آ، سمجهہ اڳ مرقوم سا.

تلمہ: آڇي هن عشق ڪرايا هي- آسان ڪي سير سُبحاني،
اڳي هڪاسون نہ هن رنگ ۾- نڪا صُورت هُئي انساني.

۱- ٻڌاسون ٻول پهرين پوءِ- پهريوسون پوش آدم جو،
بي رنگيءِ مان آڇي رنگ ۾- بڻياسون باوفا باني.

۲- ڪٿي وامق ڪٿي عذرا- ڪٿي مجنون ڪٿي ليلان،
ڪٿي فرهاد ڪٿي شيرين- ڪٿي منجهہ دلق صنعاني.

۳- ڪني ڪي سُلطنت حاصل، ڪني ڪي سائلي واصل،
ڪني ڪي تار توحيدي، ڪني ڪي ڪار ڪُفراني.

۴- آڇي ٿيو عشق جڏهن رهبر، تڏهن ڪان ٿي آسان يارو،
اول لا الله پوءِ الا الله، پڙهي ڪئي سون ثنا خواني.

۵- اُتي ناسوت مان آخر، وڃي ملڪوت ماٿيوسون،
اُتان جبروت ۽ لاهوت، جا تي وياسون سيلاني.

۶- بقا بالله جي بندر تي، هئي اعجاز لنگر جيئري،
لحد وارا لوڏا لحظا، لنگهي تياسون پوءِ لافاني.

تلھ: پَنھن جي عَاشق مَست کان - پيارا نہ ڪَر مُنھن پَاندڙا،
نِيڻ نَاحق چو ڪَرين تو - ھن مُنّي جَا مَاندڙا.

١- آنگ اَزلي جي اِرادي - ڪُل ڪَيِي ويچا ڇَڏيا،
قُرب جا پَائي ڪُنڍا تيون - ھَاڻ ٻَئي ھيڪاندڙا.

٢- لَڄ شَرم پَردي حَياء جو - نَاھ ھي موقعو مَنا،
ويھ تہ ويھي حَال وَنڊيون - وِرھ سان تي وَاندڙا.

٣- پَڄ جُدائي جو وِچان دَر - دَنگ دِلبر يَار تُون،
بيوفايون ڪِين ڇَاڻ - بِرھ جا جي بَاندڙا.

٤- مَن ئي مَن ۾ تي گھريا - جيڪي آسان تو ڏينھڙا،
ڏِس اُھي اَعجاز ڇئي - وَري ڏِينھن مَوليٰ آندڙا.

تلھ: عَاشقن جي سِر بَار - بِرھ ڏنا آھن بَاري بَاري.

١- بَار اُھي جي کَنيا نہ مَلڪن - نَڪي عَرشن نَڪي فَرشن،
سي تہ عُشاقن يَار - کِلي کَنيا ھَر وَاري وَاري.

٢- حَقّ ھِدايتون ھِينئڙي لاٿن - پِيرُ اَمُر کان ٻَاھر نہ پَاٿن،
ساري سَپ ڇمار - ڪَانہ وِڌائون گھاري گھاري.

٣- ھَر دوجھان جا سُک ڇَڏيائون - سَوز سِڪڻ ۽ سُور سَوديائون،
آھڙا ڪري وَاپار - نِيھي نِيائن يَاري يَاري.

٤- عُسرًا يُسريٰ وَارا دِلاسا - عَاشقن مِليا خَاص خُلاصا،
ڪَر نہ اَعجازَا قرار - سُوريء جي ڪَر تَياري تَياري.

عُسرًا يُسريٰ: ڏکن پٺيان سُک

تلهہ: عاشقن جا پَنڌ پَري پَري- ڪين پُڳا اُتي عقل وَارا.

۱- رَمز رنديء ڪي رِند رَسن ٿا- حَاضر نَاظر حَق پَسن ٿا،
سِرڙا سُوريء ڏَري ڏَري- نَعرا هَنيائُون اَنل وَارا.

۲- علم عَقل جا ڦرهي پڙهي جن- مَحبت مَن ۾ ڪين مڙهي تَن،
اَنڪل بَازي ڪَري ڪَري- عَهد يڳائون اَصل وَارا.

۳- اَنت ڪِنارو نَاهي جَنهين جو- سِڪ وَارن ڪيو سَير تَنهين جو،
سَيڪو سَت نہ سَري سَري- تَار تَرندا تَوڪل وَارا.

۴- عشق جو عَاشق اوڊي جَامون- ويا اَعجازؔ اَجل سَامهون،
دَوستيء جَا دم پَري پَري- وَنگ وڌائون وَصل وَارا.

تلهہ: عَاشق ڏِناسون دَم بَدم، پَنهنجي گريبانن ۾ گُم،
مَن جي لِياڪن جا سَي مَحرم، مَن جا صاحب مُحترم.

۱- خُود جا نظارا ئي اُهي، خَاصا خُمارا ئي اُهي،
ڪُل کان ڪِنارا ئي اُهي، ڪُل کان جُدا تَن جو جِسم.

۲- جند جَان جي جَذبات ۾، شَش جَهات جي شُغلات ۾،
اَثبات جي اَوقات ۾، ڪَن ٿا اَنا الحق جو حُڪم.

۳- رَسمون رَواجي رَابطا، ويجها پَرا هان وَاسطا،
ظَاهر وَارا سَڀ ضَابطا، آهن عُشاقن وَٽ عَدم.

۴- مَذهب نہ چَاڻن مُور ڪو، پَاتئون آهڙو بَس پُور ڪو،
دَم جو اَٿن دَستور ڪو، دَم کان نَہ ڪَن خَالي ڪو دَم.

۵- سر عَشاقن جا بُو العجب، رَنگين رَتولا روزُ شب،
اَعجازؔ چئي سي سَڀ جا سَڀ- سُوريء مَٿي ثَابت قَدم.

تلهہ: عَقل وَاري چَار ۾ـ عَاشق آڙيا ڪِينڪي،
الف سَواءِ اکر ٻيو ـ اَصلئون پڙهيا ڪِينڪي.

١ـ ب، ”ت“ وَاري بَاب جُون ـ بَند ڪَري بَنديون هَليا،
تَن قَيد حَرفن جي ۾ پَنهنجا ـ جِيءُ جڙيا ڪِينڪي.

٢ـ لوڏا لَمان لَهريون ـ جَر اَجهاڳ جَهاڳي ويا،
ڪَڙڪن ڪَڙڪن ڪُنن جي ڪان ـ اوري ڪَڙيا ڪِينڪي.

٣ـ سَاڙي سَڏون صفاتي ـ ٿيا سَالڪ صَاف دل صَفا،
سي لَوپ لاڪَچ ڏي ڪَڏهن ـ لَمي لَڙيا ڪِينڪي.

٤ـ رِيءُ رَاهبر جي رَاشدي ـ رَنگ نہ رندانو رَچي،
بِن عِشق جي اَعجاز چئي ـ ڪَنهن چيٺا[1] چڙيا ڪِينڪي.

تلهہ: عشق جِتي آ تہ اُت آ عشق کي سَلام،
نَمڻ ۽ نِياز ٻي هَنڌ، پَانيان تو حَرام.

١ـ عِشق کي سَلام مُنهنجو، عِشق کي سُجود،
عِشق سان قيام مُنهنجو، عِشق سان قُعُود[2]،
عِشق آئم رَهنما، عِشق آئم اِمام.

٢ـ عِشق جي ڪِتاب ۾، نَہ ڪنهن ڏي ڪو حساب،
عِشق جي جِناب ۾، نہ ڏوهہ نہ ثَواب،
عِشق جو دَستور عَجب، عَجب آ نِظام.

٣ـ اَرض و سَما ڪان ٻہ ٿيو، عِشق آ بَسيط[3]،
عَام خَاص پَاڇي تِنهنجي، پَاڪ ۽ پليت،
عِشق خُدا وناخدا ڪي، مُحيط آ تمام.

٤ـ عشق رَهي جنهن ٻہ دِل ۾، دِل سا بيپرواهہ،
سُرت اُنهي دِل جي صحي، نرت ۽ نگاهہ،
ڪو نہ لکو تنهن کَان ڪِتي، اَعجاز رَبّ کي رام.

---

(١) چيٺا چڙيا: تڪليف سان (٢) قُعود: ويهڻ (٣) بسيط: ڪشادو، ڪليل، ويڪرو

ٿلهہ: آهن عِشق جا اُلٽا گيڙا - هَر وقت تہ حَيرت جَهڙا.

۱- عِشق صُورت لَيليٰ ۾ ٿي آيو، ڪَري سَعيو،
مُرڪي قيس کي مَجنون بَنايو، مَن گهايو،
نَيئي نار ۾ تَنهنکي وَهايو، تَڙپايو.
سَئين جڳ جون جُنيون سِر جهيڙا.

۲- وَري مُنهن ۾ مجوسڻ ڪَيائين، دلبيائين،
شيخي شيخ صُنعان جي نيائين، پَرڪيائين،
وَيڙهي مُصلو تَسبيح رکيائين، تَرڪيائين،
پِريـن پوءِ آچي ٿيس پَيڙا.

۳- عِشق مَنصور تي زَور پاتو، رَنگ لاتو،
تَنهن گيت آنا الحق ڳاتو، ڏينهان راتو،
اُن لائي نِيائي ڄاتو، نينهن ناتو،
چَڙهيو سُوريءَ جَهلي ڪَئين ديڙا

۴- عِشق رانجهن کي ڏنو ڦيرو، چيري چيرو،
وينو رَنگپور ۾ هَئي ديرو، ٿي سَپيرو،
ڪَيئين آنگ بَيوت پَليرو، مُنهن ميرو،
لاَئي نين آويڙا نيڙا.

(هلندڙ)

٥- عِشق کِيچان ٻاهه پڙڪائي، آيو ڇائي،
وَاپار ٻهانو ٻنائي، لئون لائي،
وِيو سَتُر سَسئي جو ڇڏائي، ٻَدلائي،
ڪَشي ڪاهي هليو لَس ليڙا.

٦- عِشق ڪِينجهر ۾ ڪيون هوليون، کي آلوليون،
کيڏيون حُسن سان آنک مَچوليون، ڏيئي چوليون،
مَٽي مَدجون صُراحيون ڪوليون، رَنگ رَتوليون،
تِيا جهنگل ۾ مَنگل ۽ ميڙا.

٧- عِشق جِنهن ڏي اعجازا ايندو، پوءِ نه ويندو،
لُٽي دين دُنيا سک نيندو، ڏُک ڏيندو،
جِيئن ٻُڌئي ڏني تِيئن تِيندو، خُودي کِيندو،
ٻچي زلف ٻَشِيهر[٢] ويڙها.

(٢) ٻشيهر: نانگ جو قسم (ڪارو)

تلهہ: مَحبوب پَاڻ عَاشق - عَاشق عَجب اپارو،
صِفتن سَين جو صَاحب - صُورت ۾ سُونهن وَارو.

۱- هَر دُوسري هِڪوئي - سِڪ سَوز سَاڻ سوئي،
جَهڙس نہ جوڙ ڪوئي - پَنهن جو پَاڻ مَٽ پيارو.

۲- خُود ۾ خُودي ڏِنائين - مَحويت ۾ مُنهن وِڌائين،
آختيار عِشق ڪَيائين - خُود سان ڪَري نِظارو.

۳- بُوتو سَندس بَهانو - بِلڪل سو بيگمانو،
مَخفي مَنجهس خَزانو - نَاياب نُوري نِيارو.

۴- ڇَا سَير سَانگ صُورت - ڇَا مَام مَعنيٰ مُورت،
ڇَا ذَات ڇَا ضَرورت - ڇَا عَبد ڇَا اِشارو.

۵- هَر حَال تَنهن کي حَاصل - وَحدت وِصال وَاصل،
رِنداني رَنگ سان رَاسيلُ - اَعجاز سِر سو سَارو.

تلهه: عاشق جي هُجين ها تہ سارو راز هُجين ها،
الله سنـدي ذات جو، آواز هُجين هـا.

١- صُورت جي بجاءِ پهرين، سنواريـن ها تُون سِيـرت،
آحـكـام آمـراِن ۾ تُون، آيـاز هُجين هـا.

٢- وَازن ۾ آڙيـن هـا، نَكـي لارن ۾ آڙيـن هـا،
پَرواز جي پَركـا ۾ تُون، شَهـبـاز هُجين هـا.

٣- هِن لوڪ سان جهـگ جهـگ ۾، سَچي عُمـر گُذاريئـہ،
آفسـوس تُون هِن لـوڪ كـان، بِي نِيـاز هُجين هـا.

٤- كَنهن جي بـہ چُهنءِ سان كرين ها، تُون تُونهين تون،
وَحـدت جي گـواهـي لاءِ، مِثـل سـاز هُجين هـا.

٥- بيشـڪ تـو پُڏو آ، ۽ ڏنـو عِشـق نـہ آتـو،
جي عِشـق ڏِسـين هـا، تـہ سِران بـاز هُجين هـا.

٦- جو هـڪ ئـي نَظـر سان تـو كَري، قَيـد دِلـيون كَئين،
اُن چشـم مُبـارڪ جو، عَجب نَاز هُجين هـا.

٧- آڪ تـنـهن جي ڏِسي حَق، ۽ زُبان تُنهن جي چَوي حَق،
حَق جو تُون سـراپا پوءِ تـہ، آعجاز هُجين هـا.

تلھ: ويھ گھڙي ڪَا يار پَلا - سُڻ عَاشق جو آحوالڙو،
مَيج سُوالڙو.

۱- پَنھن جي هَٿن سَان پَاڻ پيارا - پيار پريمي پيالڙو،
مَيج سُوالڙو.

۲- سِگھڙو سِگھڙو آء آڳڻ تي اِهو پَلا ڪر پَالڙو،
مَيج سُوالڙو.

۳- نَذُر قبول پوي هي مُنھنجو- سِر گھر مال عَيالڙو،
مَيج سُوالڙو.

۴- اَعجاز چوي آسان عَاصين وارو- پَرتو توڪي آنالڙو،
مَيج سُوالڙو.

تلھ: عَاشق تي جي آيس تَولاءِ- تُنھن جو مُون سان مَيل نہ ٿيو،
وِيو آڌورو آڌ ۾ رَھجي- عِشق جو پُورو ڪَيل نہ ٿيو.

۱- اُٿندي وِھندي هَلندي چَلندي- آهي اهو آرمان مُونکي،
جَا پيِڙ هٿي وئين منهن جي بَدن ۾- تنھن مان ڪو ڪَڙتيل نہ ٿيو.

۲- آئون اِبوجھ آجاڻ آصل ڪان، ڳَالهيون لَوڪ جُون آهن لَکين،
ڪو چَوي وِيو وَيل توسان تي- ڪو چَوي توسان وَيل نہ ٿيو.

۳- دَرد دوريءَ جي سُوري وانگي- سَاهہ چِڪي ڪَيو قَيد سَچو،
جَھڙو جَيل جُدائي وَارو- تَھڙو بِيو ڪو جِيل نہ ٿيو.

۴- اَعجاز چَوي سَچ چاڻ سَچڻ- آٿئي سَالڪن وارو قَول سَچو،
عِشق نہ تيسين عِشق ٿيو- جيسين ڪيتُ عَقل جو پَيل نہ ٿيو.

تلهہ: عِشق بُتان کان عِشق جي، جو اِبتدا ڪَري،
ھِت سوئي تہ نمازِ مُحبت آدا ڪري.

١- دُوئي کان دِل صَفا رکي، ۽ پَاڪ نَظر جو،
دِل جي سو دِيد سان تہ، دِيدارِ خُدا ڪري.

٢- سَالڪ بہ آهي سوئي ۽ عَاشق بہ آهي سو،
صُورت کي ڪَعبو سَمجهي جو سَجدو سَدا ڪري.

٣- دراصل آ نماز جي معنيٰ اها ئي بس،
هر حال خيال ۾ هل حاضر خدا ڪري.

٤- ڪَنهن کي مَجال ڪَير تہ، هيئن عِشق ۾ ڪَري،
جيئن وِيو حُسين ؑ حَضرت، گهر سِر فدا ڪري.

٥- سَڀ ڪَنهن کي دِل اِها، نڪا سَڀ ڪَنهن کي سوجهہ سوِ،
هِڪ عَاشقن جي ذَات تي، حَق جي نِدا[1] ڪري.

٦- هِن هُن جَهان جي، تَعلق رَسم و رواج جا،
ڪو بَانڪو بي رِيا، بَبر بَند بِدا[2] ڪري.

٧- سُهٽي سَسئي کي مومل، لِيلان کي مَارئي،
سَڀ رَاز کي رَسيون، سِر رِندي رِدا[3] ڪري.

٨- جيڪا بہ عِشق ۾ هِت قُرباني جَنهن ڪئي،
ڪَٿهين نَٿو هِتان اُهو ير آلوداع ڪَري.

٩- اَعجاز اُن سان ڪَهڙا تہ پيتين آمير تُون،
جَنهن کي خُدا تہ شيرِ خُدا جو گدا ڪري.

(١) نِدا: سڏ، آواز (٢) بِدا: آزاد (٣) رِدا: پوتي

ٿلهہ: ڪَڻ ڏَارو هَڻ پَئُون - ڇَڪو رَاند عِشق جي ۾.

١- قسمت تُون آزمائي ڏِس - سَاري سِڪ سَان هَلائي ڏِس،
نُرخ ڪَڏي وَڃ نَئُون - پَڪو رَاند عِشق جي ۾.

٢- عَارف بَازي آهي هِيءَ - جُوا بَازي نَاهي هِيءَ،
سِڌو هَلَج سَنئُون - يَڪو رَاند عِشق جي ۾.

٣- ڪَڏي غير قلوب مَنجهان - مَنُ رَچاءِ مَطلوب مَنجهان،
تِي پاڻ مَدينو تُون - مَڪو رَاند عِشق جي ۾.

٤- ڪيڏ ڪيڏاري تَوڪل تَاٽي - آنا ڇئو اَعجاز هَاٽي،
نَہ تہ اَسين پيا ڇَئُون - ٽَڪو رَاند عِشق جي ۾.

ٿلهہ: مُون ۾ ويهہ مَلڪي - عِشق مُونکي بَدنام ڪَرڻ لاءِ.

١- اي ڪَٽر ظَالم عِشق ڪَنُورا - شُوم ڦِٽا ڪَر شَهر ڍَنيورا،
لَڄ آتَئي چوڪي - مَنهنجي ئي نِند حَرام ڪَرڻ لاءِ.

٢- لَوڪ مَجئي جِت لِڪ بہ اُتيئي - جَوڙ ٽِڪاٽا ٽِڪ بہ اُتيئي،
مُون وٽ ڪَنديِن چاٽِڪي - ڪُونہ ايندءِ رَام رَام ڪَرڻ لاءِ.

٣- ڪَاٽان ٽُنهنجا ڪَيڏ چَاٽان تو - ٽَاٽا ٽُوٽا تيڏ چاٽان تو،
چَاڪئُون ٽُنهن جي دِل چِڪي - دلبا ڇڏي ڏي دَام ڪَرڻ لاءِ.

٤- ٽُنهن جي پلپل پَهن پُورن ۾ - سُورن تَنورن ڪَانيُس ڪُورن ۾،
عُمر اِئين مُون ڏِڪي - ڪو تہ دَم ڏي آرام ڪَرڻ لاءِ.

٥- اَعجاز علي چَوي حَيران ٿِيندين - مُنهن جي جِيءَ ۾ رَهي پَشيمان ٿِيندين،
سَچ تہ مَرنديِن سِڪي - قُرب وَارن جي ڪَلام ڪَرڻ لاءِ.

تلہ: سُوريءِ چڙهيا سِر عَاشقن جا، لاَل لَب مَرجان لاءِ.

١- سِر حُسيني نوڪ نيزي سِر حُلاجي دَار تي،
سِر عَطاري وِيو قتل تي، پرت جي پِڪ پَان لاءِ.

٢- ڪَل ڪَلائي شَمس شَوقئون سُونهن صُورت ڪي پَسي،
قَيس مَجنون تي پيو ڪَنهن ديد دَرشن دَان لاءِ.

٣- گُهورجي گهاٽي ۾ پيڙيو، سِر بلاول شَاه جو،
ڪَنڌ سَرمد هو ڪَپايو، مِيم جي مَيلان لاءِ.

٤- فَرهاد شِيرين جي شُغل ۾، ٽَڪر ٽَاڪي ٽاڪيا،
تَسبيح بَجاءِ جَنيان جُڙيا پرين وٽان صُنعان لاءِ.

٥- توڙي هو يُوسف نَبي تہ بہ ڪين بچيو بِرهہ کان،
ڪِنعان کان آيو مِصر ۾، زلف جي زِندان لاءِ.

٦- ڪَئين پَچي وِيا ڪَئين پَچن پيا، ڪَئين آچان پَچندا پَتنگ،
مُڙيا نہ مُڙندا مَچ ڪَنان، صَرفو نہ ڪَن جِند جَان لاءِ.

٧- نَڪي دِين ۾ اِيمان لاءِ، نَڪي شَرف شَاهي شَان لاءِ،
عَاشق ڪُنا اَعجاز چئي، مَحبوب جي خِندان لاءِ.

خِندان: مرڪڻ، کلڻ

تلهہ: حَق عِشق جَو بَس، هيئن جي آدا تيو تہ بَجا تيو،
سِر يَار جي قَدمن ۾ فدا تيو تہ بَجا تيو.

١- جو عَقل نَتو عِشق کي تَسليم ڪَري هِت،
سو عَقل وَنان تو، جي وِداع تيو تہ بَجا تيو.

٢- سِر گهور ڪَجي گهور ڪَجي يار تان سَڀ ڪُجهہ،
يَاريءَ ۾ لُٽو جو بہ آدا تيو تہ بَجا تيو.

٣- دولت سَان نہ طَاقت سَان نہ دَولاب نَگيءَ سان،
هِت جو بہ مَحبت سان شِدا تيو تہ بَجا تيو.

٤- هُج بَند ڪمند[1] زُلف جي ۾ بَند هَميشہ،
بَند زُلفِ دُتا جو نہ بِدا[2] تيو تہ بَجا تيو.

٥- هيئن تيندو آچي تئي بہ پيو مَحبوب جي دَر تي،
ڪو شَاهي ڇَڏي گولو گدا تيو تہ بَجا تيو.

٦- عَاشق جي آنا الحَقُ چَوين تو تہ بَلي چئو،
تو ۾ جي پَڌر تُنهنجو خُدا تيو تہ بَجا تيو.

٧- مَرڪب بہ اتس عِشق ۽ مَذهب بہ اَتس عِشق،
عَاشق سو دَرم سڀ کان جُدا تيو تہ بَجا تيو.

٨- اَعجاز کي هِن ڳَالهہ کان اِنڪار ڪَڏهن آ،
سَاقي جي سَندس يَار سَدا تيو تہ بَجا تيو.

(١) ڪمند: پيچ، وڪڙ (٢) بِدا تيو: آزاد تيو

تلهه: عِشق سَواءِ تيئَن اُوندهه يَار- آڪ نہ ڏسي جِيئَن گوڏي ڪي.

۱- سِچ چَندرِ ڪان جو چِٽو سَدائين- سَڀ هَندَ حَاضر سَڀ ڪَنهن تائين،
ڏُوئيءَ ڪري تَا چَاڻن ڏَار- آوڏن ڳان بہ تہ اوڏي ڪي.

۲- ذَات مَغزات جي لُطف لَذت ڳان- مَحرومِ ڏناسُون مَعنيٰ جي مَت ڪان،
عِلم وَارن جا آڪر آچار- ڳَپُ چَڏيو پيا چُهن چوڏي ڪي.

۳- جو دَرد ڪَنهن جي ڳَان وَاقف نَاهي- تَنهن جو مِثال تہ هيئَن بہ آهي،
جِيئَن لِيڪَ۾ جُون جي خَبر نہ چَار- وَار بِنا سِر روڏي ڪي.

۴- رَهبري عشق جي جَن کي جوتي آ- ڪَاڪ جي مُومل تن کي مِلي آ،
توڙي اَعجَاز ا چَندن ڏار- نَايو نَايو چارن توڏي ڪي.

تلهه: آچي مَنجهه عِشق جي مَڪتب- دَرس پڙهجي تہ دِلبر جو.

۱- پڙهين ٽَان پڙهہ وَچي پُختو، بِرهہ جو بَاب بَرجُستو،
پَڪو ڪَر نَين جو نُقطو، پَسي مُنهن مُحب مُنور جو.

۲- پَري ڪَر پيش زَبر زيريون، چَڏي ڏي سَڀ تيريون ميريون،
پِرت پڙ ۾ بَڌي چيريون، فَهم ڪَر يَاد ڦَاڌڪُر جو.

۳- مُلان قَاضي نہ پُڇ مُفتي، حَيواني چَڏ حِرص ُهَستي،
کَني اُلفت سَندي تَختي، اَکر ڪَر حَل هِئين پِر جو.

۴- آچي اَعجَاز جا شُهرت، متان پائين تنهنکي پربت،
رکي سيني ۾ هُوءَ صُورت، وَٺيو هٿ وَج تُون رَهبر جو.

تلهہ: ڪانہ ڇڻي جند ڪانہ ڇڻي، هن عِشق مَنجهان جِند ڪانہ ڇڻي،
سڄ جواني وارو اُلهيو، پيريءَ جي اچي باک ڦٽي.

١- حيلا هَزارين وَس ڪيم، ڏاهن جا ڪئين ڏس ڪيم،
تعويذ تڙا آندلس ڪيم، تہ بہ عِشق جي ساڳي لُوهہ لڳي.

٢- مُلان مُراٽا ڇا سَمجهائن، ڇڻي ڇڻي ڪهڙو وقت وڃائن،
ڪئين وينا تعزير سُڻائن، پَر عِشق جي وائي ڪنهن نہ ٻڌي.

٣- حُسن وَارا اَڄ تائين وٽن، ڪَسيو اُمالڪ دل کي ڳن،
پَٽ تان ڳَيو عَرشين هٽن، سا ڏِس بہ تَن جي گهور گهٽي.

٤- مَاڻهن ليکي هاڻ لڳو آ، هي ٻال جنيءَ کان ٻاڻ لڳو آ،
جوين ڪٽي پيريءَ ساڻ لڳو آ، تہ بہ عشق نہ ساڳي سنگت مٽي.

٥- عَقل حَيا پائمال ڏسي، پُر ڏوهن سان اَعمال ڏسي،
اَعجاز جا هَهڙا حَال ڏسي، سالن جا ويا ساٿي ٽٽي.

تلهہ: حُسن عِشق جي جَنگ حَقاني لڳي وئي،
ٻنهي طَرفين آرني تَراني لڳي وئي.

١- حُسن تَجلي هَنيڙي، پٿر جيءَ تي پيڙي - هَڃي سُرت وَيڙي حَيراني لڳي وئي.

٢- هَوڏهن بينيازي، هيڏهن عجز آزي - رِندي رَمز بَازي، رُوحاني لڳي وئي.

٣- مَا زَاغَ البَصَر سَان، نِظاري نَظر سان - اِلاهي اَبر سان، بَاراني لڳي وئي.

٤- حُسن عشق ڪئي ڪَٽ مُڳي مستي مُنو هَٽ - ڏِسڻ جي پورِ ڏي وَٽ نِڌاني لڳي وئي.

٥- نِيارن کان نِياري، پيارن کان پياري - ڪَجل ڪَيف وَاري، ڪاڪاني لڳي وئي.

٦- بِرهہ حُسن لاَتي، چِتان بَاهہ چُناتي - اَي اعجاز جَهاتي، جِنداني لڳي وئي.

مَا زاغ البصر: نظر جيڪي ڏنو نہ لڙي نہ چنيي

تلهه: عِشق وڄايم خطرا خام - خُودِ نمائي خلل خسارا.

١- عِشق عجب کي دم پرايا - آڻ لکيا کُل کم ڪرايا،
برهه ۾ تيا سُون بام و بام - پسڻ وارا نت پسي پسارا.

٢- علم عقل جا صُفحا ساڙي - غير غنود جا گُونگهٽ ڦاڙي،
ٻه رنگا دفتر دُوئي دوام - ترڪ ڪيا سون وهم ويسارا.

٣- وحدت واري چاش چکي سُون - دل دوجهانئون دور رکي سون،
جت ناهي ڪُفرِ اسلام - اُت اسان جا نينِ نظارا.

٤- عِشق جي آهي اها عنايت - عين اعجاز ا همت حمايت،
جهڳ مڱ جوڙي پياريئين جام - نينهن ڪيا سون نيهي نيارا.

تلهه: عشق سان عاشقِ تي آيس، هر صُورت جي سانگ ۾،
عرش ۽ افلاڪ سڀ، آهن مُنهنجي آورانگهه ۾.

١- نينهن پنهنجي جا تو نامان، پاڻ ڏيان پنهنجي پرين،
هُت رسڻ جو سٽ سُجهي، قاصد نکو ڪنهن ڪانگ ۾.

٢- زند تي زُنار پاتم، صورت وٺي صُنعان جي،
دِين مذهب ڪان پڳس، توڙئون حُسن جي تانگهه ۾.

٣- دم انا الحق جو هنيم، منصور جي آولي آچي،
دار جي سواري ڪيم، محبوب جي گُهر مانگ ۾.

٤- ذات آ مُنهنجي اُها، جا ناهِ آتو جنهنجو مٽ،
جهول ۾ پاتم جهينگا آچي، هن ڇيري چانگ ۾.

٥- ڪانه هن اسلام جي، اعجاز چئي ٻُڌندس ڪنهن،
تو رکان ايمان مُڪمل، برهه واري بانگ ۾.

ٿلهه: عِشق مُنهن جي ڪي لَلڪارين ٿو. صُورت سُهڻي ڏيکاري يَار.

١. دلبيدار ٿُون دِلبر آهڙو. دِليون ڦُربن ٿو ڏٺاري يَار.

٢. آئُون تُنهن جي اِنهي صُورت تَان. وَاري وَاري وَاري يَار.

٣. توسان ناتو رکٽو آ. پَاڻ کي مَاري جِياري يَار.

٤. جَوڳي عَاشق بَنجي تُنهنجو. اِيندس تُنهن جي دُواري يَار.

٥. مُنهنجو سَڀ جاءِ سَير سَدائين. ڏَس نہ ڇڏهي وِساري يَار.

٦. ڪَالهہ ڪان آڄ اور عَجائب. آئين زُلف سَنواري يَار.

٧. سُرخي لَبن تي ڪَجل اکين ۾. چَقمق بَازي وَيو هَاري يَار.

٨. پيتل پُرِ آئُون آهيان تَوڙي. توکي سُجاڻان سَاري يَار.

٩. حُسن جو عَاشق پَتنگ شَمع جو. توريئُون تہ ٿيا هڪ ٽُراري يَار.

١٠. مِلندو آهين پر آڪ نہ مِلائي. اَعجاز توڏي پيو نِهاري يَار.

تلھہ: دَمر عَاشقي جو چَاٽان - دَمر عَاشقي جو چَاٽان،
دَمر "لاَ" جو دَمِر الا جو - دَمر ھُو ھُو حَق سُچاٽان.

١- دَمر دَمر سان مَعرفت جي - دَمر دَمر تو مَوج مَاٽيان،
آحوال آخفيٰ وَارا - آعليٰ عَجب تو آٽيان،
عَارف عُشاق سَمجھن - وَحدت وِصال ھَاٽان.

٢- ھَر حُسن گُل چَمن جو - ھَر سَن ۾ وَاسي آھيان،
بَلبل مَثال پَونري - پَلپل پياسي آھيان،
وَنيو وَنانس خُوشبو - چُميو چُمانس مَاٽان.

٣- وَھوا مَجازي جَھاتيون - وَھوا حَقيقي ليئڙا،
جَلوا صِفاتي ذَاتي - رَھبر ۽ رَاھِر تيڙا،
عَاشق جي کَان ٻَئي حق - دَيدار دِلبراٽا.

٤- آعجاز عَاشقيءَ ۾ - سَرمَستي شَرط آھي،
حَالت حُلاج وَاري - وَالله شِرڪ ناھي،
مَنصوري دَمر مَان چَاٽن - چَاھي مُلان مُراٽان.

تلهه: اورُون عاشق کَن- اُلٽي رَمز رکن.

١- بهشت دَوزخ جي اُون پَليو- پَڌر پٽ پون،
علم عَقل کان اوريون نہ ٿيون جي- ڳالهيون سي هُو ڪهن،
سوريءَ سِر سَو سيڪ سهيو- آنا الحق چون.

٢- دُنيا عقبيٰ دين ڌرم جو- دَم نہ دَرس وَٺن،
رِيءَ سڄڻ مَحبوب ٻيو سَڀ- ٻارهيوئي ٻن ڏِين،
لا الله الا هو هُو هَر هَر- هُو سان هُو ٿين.

٣- مئي مَتوالا مَست پيالا- مَانجهي مَرد پين،
ڪَند عُشاقن وارا ڪُڏيو- ڪَيفي ڪَات پچن،
دَم قدم اُنهن جي سَان ٿا- ڪَيفي[1] ڪَدهہ وسن.

٤- چشمن سَان چُمن ٿا چَاهئون- مَحبوب جيڪي مُنجن[2]،
سُهما مِهٽا صَدمان سَهاپا- سَختيون سُور سَهن،
جِيئن جِيئن تاءُ پسن سي- تِيئن تِيئن نِينهن نِيايو نِين.

٥- اورون گهورون سِر جِند جون- وَوڙون وُجودي وِجهن،
بَرق بِجلي کان بہ بَرابر- رَمزِ تکي ٿا رکن،
اِمکان کان اڳتي اَعجاز چئي- عَاشق رِند وَڃن.

(١) ڪيفي: مدهوش، نشيلا (٢) مُنجَن: موڪلين

تلھ: اَي عِشق تُنهنجا ڏُک دَردِ آزار- رَاڃن ڳَايا ڳَلين ڳَونن ۾.

١- سَسُئي تنهنجا سُور رُنا پي- سُهڻيءَ تَوتي حَرف ڏِنا پي،
مَارئي کَيَڙي تنهن جي کُوار- قَيد عُمر جي کَڙن کَونن ۾.

٢- ليلان جي تو مَت مُنجهائي- مُومل جي تو کَاڪ اُجهائي،
گَنبدري جي پَئي پَوي پُڪار- لاءِ تَماچي پَٽن پونن ۾.

٣- قَيس لَيليٰ جي جَڙ ۾ جَڙايئي- شَيخُ مَجُوسڻ سَاڻ آڙايئي،
سِرڙا جَلايئي سَو هَزار- حُسن جي بَاهين بَنن بونن ۾.

٤- اَعجاز چوي کَئين رُوپ بَنايو- وَرتِ فِريب جا وَتين وِچايو،
کَانهي سَچائي سَچ کنهن وار- تُنهنجي ساکُن سُنهَن سونن ۾.

تلھ: وَاھ عِشق اهي تنهنجا آرا- اوج ڏيکاري پَهرين پوءِ تو بَند کَرين دَر ديدارا.

١- آرا آويڙا کَريو ڇَاڻين- دَردمَنديون مَاريو موجون مَاڻين،
قياس نہ تن تي هرگز آڻين اُلٽا مِهڻا ڏئين مُنهن وارا.

٢- جيکي نَيڻ نَيڻن کي سِکن سَدائين- تِن کي هَرگز کين مِلائين،
شَايد کَنهن سان کِين نِيائين- تُنهنجا پَهه ڏنم پِرڪارا.

٣- آهڙيون آرڏايون جاڙون ۽ جنيون- ظَالم ضِدي کَري تو کَئين کُنيون،
کيڏهن وَجن سي موڳيون مُنيون- کَسَيئي جني جا نِظارا.

٤- تُنهن جي آڇڻ تي اَعتبار کَهڙو- تُنهن جي وَچڻ تي وِيچار کَهڙو،
اَعجاز کي آلاچار کهڙو- کَري تَرڪ طَرف سَڀ سَارا.

وَرت: رسو

تلهہ: سَڌايو پاڻ کي عَاشق- ڳولين اوتون آڙون چو پيو،
ڪريو پاتار کان پاسو- وَنين ڪِپرا ڪَڙون چو پيو.

۱- ڪَڙي قاتل حِلاهل[1] جا، تہ عَاشق پِياڪ تا ٻُڌجن،
تون تاريو وِهہ وَنيون مُنهن تان- تَڪين مِصريءَ تَڙون چو پيو.

۲- هَنيم مَهميز[2] جا توکي، سهي ساتي سَهُو سُر ۾،
بي سرائي وهٽ وانگي تون، هٽين هَر هَر جهڙون چو پيو.

۳- نہ تون قائل حقيقي جو، نہ تون مائل مِجازيءَ ڏي،
حقيقت کان رُوگردان ٿيو، پٽين پَنهنجون جَڙون چو پيو.

۴- نٿو جي شعر چئي چاٽين، ڪرين پوءِ شاعري چو ٿو،
وِساريو وَضع[3] داريءَ کي، گهڙين پنهن جون گهڙون چو پيو.

۵- حُريت آهي حجت سان، غلامي آهي نئُڙت سان،
بئي پهلو وڃايو تون، جهلين دَر دَر دَڙون چو پيو.

۶- بَهانو خوب هٿ آيئي، سُوريءَ کان سِر بچائڻ جو،
بُڌايو عُذر بانهپ جو، لِکيو حَق سان لَڙبن چو پيو.

۷- حُجائتو سوال آمنهنجو، چوي اَعجاز هر هر هِي،
بنايو مُنهن بزرگانو، ڳَنين ڪِيسا هَڙون چو پيو.

(۱) حلاهل: اهو زهر جنهن جي پيئڻ سان ماڻهو بچي نہ سگهي.
(۲) مهميز: گهوڙي کي پير جي ڪَڙي هڻڻ، اشارو ڪرڻ (۳) وضعدار: اصل ڳالهہ تي قائم

تلھ: آذان عِشق واري - عَاشق سُٽيو آچن ٿا،
پِرتئون لَبيڪ پڙهيو - صُورت کي سَجدو ڪَن ٿا.

١- نِيّتي نِماز نِينهن جي - مِيثاق وَاري ڏِينهن جي،
دَردن غَمن جي مِينهن جي - ڪُجھ ڪَاڻ نَا ڪَڍن ٿا.

٢- سالڪ سَچا سجودي - وَستيون مَٿي وجودي،
نيڪيون چڙهي نَمودي - تَڪبير پوءِ چَون ٿا.

٣- سُورهہ صُبوح سَانجهي - لِچڪي وِجهن نہ لاَنجهي،
مَردانگيءَ سان مَانجهي - مَيدان ۾ مَچن ٿا.

٤- طَالب ٿي آيا تَڙ تي - ڪَات ۾ آڏيءَ جي ڪڙ تي،
پِير مُغان جي پِڙ تي - پَروان جِيئَن پَچن ٿا.

٥- پورو پَنو هي پَاتئون - صُورت کي ڪَعبو ڄَاتئون،
بيو ڪِٿ نہ ڪَنڌ نَاتئون - نِر تي نَظر رکن ٿا.

٦- صفِ اَول جا عَاشق - شُعلہ شَمع جا شَائق،
رَبي لقاء جا لاَئق - رَنگ رُوبرو پَسن ٿا.

٧- اَعجاز آهي احدي - اکيان امام مهديؑ،
لُڙ جُهڙ آورانگهي لَحدي - نيهي نسنگ نَچن ٿا.

ٺلھ: رَاھِ عِشق ۾ ڪِٿ رُسڻ نہ ٺھي ٿو- وَفا وَاعدي کان ڦُرڻ نہ ٺھي ٿو.

١- چِنڻ چيھہ ڪنھن سان ڪَرڻ مِڻَن بھانا،
رَسم ريت اھڙي نہ ڄاڻن رِندانا،
قُرب رِيءَ اُنھن وَٽ ڪُسڻ نہ ٺھي ٿو.

٢- دِليون نيڻ ھِڪ ٿي جيڪي نينھن لائن،
اُھي عِشق وَاري نہ بَازي ھارائن،
ھِڪان ھِڪ ٿيڻ سِڪ، نَسڻ نہ ٺھي ٿو.

٣- نَاھي مَاٺ دِل کي تہ پوءِ مَاٺ ڇاجي،
آوريون سُور آڇتان ڳَولي جُوءِ آجي،
رکو مَاٺ ۾ ٿي مُسڻ نہ ٺھي ٿو.

٤- سَچي آ محبت سَچي سوز وائي،
سَچو آ خدا ۽ سَچي آ خُدائي،
سَچي ڳَالھہ سِڪ تي ھَسڻ نہ ٺھي ٿو.

٥- رُسڻ رَھہ آ جنھن جي، رُسڻ ڏي اُنھي کي،
سَارو ڏيھہ اعجازِ ڏسڻ ڏي اُنھي کي،
آسانکي تہ جڳ ڏي ڏِسڻ نہ ٺھي ٿو.

نَسڻ: لِڪڻ، پڄڻ

تلهہ: جَني جو عِشق رَهبر آ- تَني کي ڪَاڻ نَا ڪَنهنجي،
پَرائي ڳَاڻ پَراهان تِيا- پَچارن پَاڻ ۾ پَنهنجي.

۱- انـي اِنـا الله جا نـعـرا- هَـٽـي نَر نـيـهـي نَامـيـارا،
اُهـي مـروان جا مَارا- نِيـائـن تـا آوکـي آهـنـجي.

۲- پـريـنءِ کـي پَر ۾ پوڇن پيـا- نَظر نَاتي نَاسُوتئون نِيـا،
صُمٌّ بُكْمٌ اُمّـيٌّ تـيـا- ٻُڌن سي ڪِين تُنهنجي مُنهنجي.

۳- ڪَري ويـسـاهـ وَنـحـن ۾- مَچائـن مَوج تـا مَن ۾،
گَهڙيا تنهن بَحر جي کُن ۾- نَاهي هِيءَ هُوءَ ڪَنڌي جَنهنجي.

۴- عَدم اوڙاهـ ڏي ڳَاهـي- چِڏيـائـون ڏَاءَ ڏَپ لاَهـي،
اِهـو اَعجاز سَچ آهـي- سِڪـڻ سُوري انـهـن سَهـنـجي.

تلهہ: عِشق وَاري شَهباز ڪَيا پَرواز عَجب.

۱- عِشـق شَـهـبـاز جي خُوءِ خُونـي- آرڏا آٿـا نـڳـا نَاز
آرا آغـمـاز عَجب.

۲- پَنجا پِرت وَارا پَنجئي ڪوڙي- ڪوليئين آندر جا سَاز
اَخفائي[1] آواز عَجب.

۳- مَن مـشـتـاقن جا ڳولي ڦولـهـي، مـوهـيـا سَاڻ مِجاز
ڪَرائي ڪَواز[2] عَجب.

۴- عَرش جو ساڪِن فـرش جو مـالـڪ- آتس رِندانا رَاز
اَعـلـيٰ اَعجاز عَجب.

(۱) اَخفائي: ڳجهو، لڪل (۲) ڪواز: سوري جي تختي تي، ڦاسي تي

تلهه: عِشق جي شَطرنج اويڙي - هيءَ رندن جي رَاند آ،
هن ۾ هڪ دم جو نہ ويچو - ۽ نہ وَقفو وَاند آ.

۱- هَارِهن جي جيت آهي - جيت هن جي هار آ،
رَمز مَعنيٰ سَمجهہ سالِڪ - هِي وَڏي ڪا ڳاند آ.

۲- جن پڙها ڏَئي ڪالهہ ڪَئي هت - پَئي پڌَر هُن پڙ مَتي،
اَڄ بہ تن جو بي خبر - سِر سَاهہ نيزي پَاند آ.

۳- هن ۾ هاتي گهوڙا ناهن - هِن ۾ پيادو سوار آ،
بَادشاهن ۽ وَزيرن - جو عقلِ ات بَاند آ.

۴- شَهہ خودي بئي ڪَنهنجي چَاهي - شَهہ خودي ڏِس عُشق جي،
حَق آهي اعجاز حق - حَق ساڻ سا هيڪاند آ.

تلهه: محبوب جي لاءِ عاشقن ڏنا مام ۾ مَتا،
هڪ بئي پنيان پڙ تي هلي سورهہ ٿيا ستا.

۱- قربئون ڪري آيا جيڪا، ميثاق ڪان ڪَتا،
پوري ڪيئون پِر جي اڳيان، سا روح جي رتا.

۲- محبوب جي تہ وصال لاءِ، گهولي گهليون گهتا،
ڪاهي پيا ڪارونيار، ۾ غازي نہ سي گُتا.

۳- جڏهن حسن حقاني جو ڏسن، عاشق لقاء تا،
تڏهن مريو تا مات ٿين، مُورهئون مڙن نتا.

۴- اعجاز جن جا نيڻ نت، حق در وجي ڪُتا،
جَنڊي عشق جي تان، سرتني جا لال تي لتا.

ڪانڌ: بادشاهي، دائمي

تلهہ: اهي جگر عاشقن جا، تَوسان عشق تا ڪمائن،
تنهن جي حُسن تَاب سامهون، تَوسان نظر تا مِلائن.

۱- خُوني خَنجر اکين جا، ڪلندي تو خوب کوڙيا،
تہ بہ گهور گهور آهن، توکان منهن نتا مٺائن.

۲- جيڪو قدم سو اڳتي، پٺتي نہ مور ڏسندين،
هر پل ۾ سَوَ هزارين، توڙي تير تنهنجا گهائن.

۳- تِک تَاء شَعلا تَجلا، اُهي طور تي ڪيا هُئي،
هِتي نيڻ اٿئي نَينهن جا، ازخود پيا جِيءَ جَلائن.

۴- پرده نَشين تون آهين، پَر عاشقن جي اڳيان،
بي قابو دل آ تنهن جي، اهڙي رمز تا لڳائن.

۵- اَعجاز چئي عُشاقن، صَد آفرين سَدائين،
توکي سَاهہ ۾ سمايو، لَوڪئون وِيٺا لِڪائن.

تلهہ: آهي عشق آهڙو، چِڏيئين نَر نَچائي،
نِيائَن تا نِيهي سِر ڳائي وَڃائي.

۱- طَالب ڪَن طَبل سان، تَوحيدي تَنوارون- ڪَي سَاز سَارنگيون ۽ سرندا ستارون،
پَهري پيشوازيون، چِڏيئون مَچ مَچائي.

۲- مَلهي مَرڪي سِر تي، ڪنئي جن ملامت- ناهي تن احتياجي، چاهي لچ لياقت،
شرم ۽ حيا جا، چِرڪ وِين چِڏائي.

۳- سَچڻ سَاقي سُهٽو، سَدا سَاڻ آهي- نَفعي ۽ ضَرر جي ڏَرو ڪَاڻ ناهي،
چِڙهي موج مستي، هُو جا هُل هُلائي.

۴- ڪَئي عِشق اعجاز بيشڪ پلائي- مَنجهان مَنجهہ آڇي جَنهن، جَجهي جوت جَاڳائي،
حَقيقت هتي جي، هِتي تو بِڏائي.

تلهہ: سِکڻ پرَلاءِ لُڇڻ هَردم- اِنهي کي عِشق چئجي ٿو،
سُمهڻ سُک ٿي نہ سارو سَم- اِنهي کي عِشق چئجي ٿو.

١- پَرڻ آهون ڪرڻ دانهون- ٻَڌڻ پانهون تَڪڻ راهون،
مچائڻ من اندر ماتم- اِنهي کي عِشق چئجي ٿو.

٢- ڪَرائي عرض ۽ آزيون- نهايت نياز نئڙت سان،
اِهو آقرب جو بَس ڪم- اِنهي کي عِشق چئجي ٿو.

٣- اُمنگون پُور پرين جا- اُٿئي ويني اچن اُڌمان،
اُداسي دل اکيون پُرنَم- اِنهي کي عِشق چئجي ٿو.

٤- پَسي شُعلو حسن پِڙتي- پَتنگ وَانگي ڪَري پَرڙا،
جَلائڻ جَان ٿي بالَم- اِنهي کي عِشق چئجي ٿو.

٥- نہ ڏَڙڪي دارڪان دل ٿي- نہ ديڙن ۽ ڪُسڻ ڪان ڪي،
چوي الله کي آدم- اِنهي کي عِشق چئجي ٿو.

٦- بيهڻ مجذوب ٿي بَرم- پري پيالو ڏيڻ رت جو،
پيئڻ قاتل زهر باغم- اِنهي کي عِشق چئجي ٿو.

٧- وجي جنهن سان لڳي دلڙي، وساري ڪين سو سگهندي،
هجي توڙي لبن تي دم- اِنهي کي عِشق چئجي ٿو.

٨- سسئي وانگي ستي سانگا- پڙهي اعجاز بسم الله،
رَميوِان راهہ تي پيو رَم- اِنهي کي عِشق چئجي ٿو.

مجذوب: مَدهوش، مَحو

تلهه: ڪَري عِشق گُذاري مونسان ڙي آديون،
ڏِنئين مُون تہ مُنيءَ تي ڪَئين بار بَديون.

١- چَڏي عِشق نہ مُون ۾ رَتي رَت سَت جي،
سَنبران ڪَانہ گهڙي سُک رَاحت جي،
آهڙي مَيچ هَنيئين ڪا مَحبت جي،
سَهٽيون صَبر سان پيم سِرَ تي ڪوسيون ٽڏيون.

٢- سَاري لوڪ ۾ بُري بَدنام ٿيس،
نِڪتي نِذرِ نبر نَاڪام ٿيس،
بي چاڪ بي گهر بي آرام ٿيس،
ويني وَاهيان بيوس نيٽين نيرنديون.

٣- منهنجون آهون دانهون راهون بَندي،
مُونکي پنهن جي کيائين ڪاتي ڪنڌي،
سَاٿا سنڌ ٿيا، پَنڌ ڪَشالا ڪَندي،
ڪَڏهن پچندم اُميدون رُوح رَچنديون.

٤- اکڙيون آوجاڳن ۾ وييون آچي،
مَچن ڪيئن سِي مُنيون لڳين سِڪڙي
سَچي،
آٿينديون يَارُ اعجَازاً پر ۾ پچي،
سڪندي جنهن لاءِ ٿيا سارا سال صديون.

تلهہ: عِشق سَودا جو خَلل جِن جي سَمايو سِيني سِر،
حيف تن تي اي حريفا، ڍِيني ڏُنوي ڪِيم ڏَر.

١- ڪَاڻ سُڻندا ڪَاٻ تُنهنجي - ٻِي نَصيحت نَاصحا،
عِشق وَارن جي اڳيان ڪو - عِشق جو احوال ڪَر.

٢- پِرت جا پَابند پَازي - پِر پوڇاري جي تيا،
تَن کي حَاڪيماڻي هشمت - ڪِين ڳُهرجي مَال زَر.

٣- نَيهي نَاسُورين کي تُنهنجا - تِير طَعنا ڇَا ڪَندا،
صَبر جي پَاڻئون زِرهہ - ٻَنجي ويا بس بي خَطر.

٤- ٻنهي جهانن مان عُشاقن - عارفن کي آ وٽي،
يار جي سڪڙي اعجازا - يَار جي لوري لهر.

تلهہ: بِرهہ جي ڪَيڏ تا ٻانڪا ڪيڏن، بي سِر بي مثال تي برحال تي.

١- صُورت جي سَامان سَمر سان، صُوفي صَاحب حال تي بَاڪمال تي.

٢- نَاتئون نَاتِ تِين تا نيهي، نِيزَن سِر نهال تي نِينهن نَال تي.

٣- حُسن جي هَادي هوت هٿان - هَر هَر هيجئون حَلال تي هِڪ خيال تي.

٤- ڪَيفيت پَنهنجي پَاڻ پَروڙن، ڪَيف ڪَڏهہ ڪَلال تي مَتوال تي.

٥- لآ اِلله سانگي سِر لهرائن، لا اِلله سان لا يزال تي لا اُبال تي.

٦- اُلتي داءَ ۾ دم سان آعجاز، اُلتي عُشاقن ڳالهہ تي ۽ چال تي،

تلهہ: ڪير آ تيندو آلله - عِشق جي آڏو ڪَنڌ نہ ڪَٽندو.

١- عِشق آلله ڪي آلله بنايو - آهي پَاڻ گواه.

٢- نِينهن نَمائي ڪَيس نوڙي - تَخت ڪِبر تيس تباه.

٣- عِشق جي آڏو الله ويچارو - جَانا يَري هَر گاه.

٤- صُورت وَاري سَانگ ۾ وَرتئين - موجون مَزا سَپ واه.

٥- آعجاز علي چَئي رَاز اِنهي کي - سَمجهي کو سِياڻو سَاه.

لا يزال: دائمي، جنهن تي زوال نہ اچي

تلهہ: نينهن لائي پوءِ نازڪ يار- لوڪئون لاڪِ لڪِ ڪَهڙا.

١- آءُ تہ تيون نروار نچي نت- پرت پنهن جي ۾ پاڻ پچي نت،
برهہ ۾ بيهون ٿي بدل بهار- سواءِ گهمسانن سِڪڻ ڪَهڙا.

٢- سورهہ سدائين سوريءَ سامهان- هُل هزارين مٿن هاگامان،
ڏَڙڪ نہ ڏارن جوڏا جانِ نثار- تاهہ ڪائي ٿهي تڪڻ ڪَهڙا.

٣- چاهہ چاهڻ رک چاهڻ وانگي- سور سهڻ سِڪ صُحبت سانگي،
سَي ڏينهن هُجي سِڪ سار سنيار- چِٽن ڏينهن جا چِڪڻ ڪَهڙا.

٤- حال وارن ڪان سِڪڻ سِڪجي- عِشق جو اعجاز چِٽانڪو چڪجي،
مٿي پي ڪجي ڪا محبت پچار- محبت رِيءَ مٿي جا تڪڻ ڪَهڙا.

تلهہ: نينهن ڪرايو نياز يار- نازن واري نوڪ نظر جو.

١- ساڙيو ساڙي سوين سريرون- سِڪڻ سوز گُداز يار،
نازن واري نوڪ نظر جو.

٢- ناميا ناٽ نسنگ نچائي- غمزو حُسن غماز يار،
نازن واري نوڪ نظر جو.

٣- ويرون وهائي ويو ڪيي دِل- بحري بانورو باز يار،
نازن واري نوڪ نظر جو.

٤- گهايل گهانو ۽ گهٽيرو آهي- آصلئون اعجاز يار،
نازن واري نوڪ نظر جو.

تلهہ: بِنان ڪَنهن پَابندي بَندجي، آهي هِن نِينهن جو نَعرو،
سُمايو ڪِين حَد اَندر، عُشاقيِ عِشق جو آرو.

١- نَڪا اُپتار حَرفن جي، نَڪا تهذيب طَرفن جي،
نَڪا خواهش شَرفن جي، نَڪوئي هَوش سَماء سارو.

٢- ڏوهن جهڙا ڪَري ڪَم تو، ٻَڙا بيحد هٿي دَم تو،
اُنائي سِرَ تي آڱم تو، ٻَٽيو بَدنام بيڪارو.

٣- ٻُڌي نَاپَند نَصيحت ڪي، سُڃاڻي ڪِين شَريعت ڪي،
مَچي حَاضر حَقيقت ڪي، رَهي نِيارن ڪَنان نِيارو.

٤- ڪَري ڪَاڍو جَڏهن جيڏهن، پُري تَنهن پَار تَڏهن تيڏهن،
ڪَڏهن ڪِيڏهن ڪَڏهن ڪيڏهن، اَٽس هَر جاءِ اوتارو.

٥- عَزم اَزلي رکي رَايو، جُهلي اَعجاز تي آيو،
پَنهنجو تَنهن پَاڻ پُرجهايو، سَراسر تي لِوا وَارو.

تلهہ: بِرهہ بِنان نَاهي جَاءِ- لاَحد اَندر لِيئڙي پَائڻ جي.

١- ذَات صِفات جو نَاهي سَنڌو هت- نَڪا رِياءَ جي رَاءِ،
حَق هيڪڙائي صَاف سَچائي- صَبر تَنهن کان سَواءِ.

٢- نَانهہ تي نَانگا تہ نَاتَ نَوازئي- نَام نَاموس وِڃاءِ،
بَار مَلامت بَرسر چَائي- پير پِرت سَان پَاءِ.

٣- پَتيون عَقل جُون بِنهن پَچي جِڏ- سِڪڙي سيني سَماءِ،
ڏرٿو ساري لوڪ ڏهر جو- مَچ مَٿي سر مچاءِ.

٤- تَرڪ ڪَري تُون تهدل طَمع ڪي- تَند توحيدي وَڃاءِ،
عَين اليقين پوءِ اَعجازا- گيت انا الحق ڳاءِ.

لوا: جهنڊو، نشان

تلهہ: تُنهن جي نينهن هَٿايا نَعرا، آنا الحق وَارا يَارِ پيارا.

١- عِشق آنحدي آواز اُٿاريا، صِفت ثَنا جا سَبَق سَيکاريا،
ڏِيل ۾ تُنهنجا تَجلا ڏيکاريا، لَيل نِهارا لائي نِظارا.

٢- مَرڻ جِيئڻ وَارو مُلک مَتيوسون، لاَحد ۾ نيئي لوڙهہ لَنيوسُون،
سِر جو سَانگو صَاف سَنويوسون، لَتا مُونجهارا اڳ پوءِ وَارا.

٣- آهين يَار سَدا تُون عَين عَياني، نَابينا يَانئن توکي نِهاني،
سَپ جاءِ تنهنجي صفت سُهاني، ڏيئي ڏيکارا چِٽا چوڌارا.

٤- محب ڏنيوَ جا مونکي مُرکي، سوز گداز جي سَالم سُرکي،
دِلڙي اَعجاز چئي جَڏهن کَان چِرکي، قسم قرب وارا ساقي سوپارا.

تلهہ: بِرهہ کَيو بِي حِجاب- هَنيم صَدا رب آرني وَاري.

١- لَن تراني چئي مَحبوبن- رُخ تَان لاٿو نِقاب.

٢- مَا زَاغ البصر جي رَستي- ڏِٺم مُنهن مَهتاب.

٣- جَلوو جَانب يَار جو- بيشک آ لاَجواب.

٤- قَلب وارو کوهہ طُور سَارو- سَڙي پچي تيو کَباب.

٥- شَوق اَلستي شَور مَچايو- شَائق تيڙس شِتاب.

٦- اَعجاز علي چئي اَگڻ آسان جي- آيو عَربي جَناب.

(١) شتاب: جلدي، ترت

تلهہ: برهہ جا جيِ هت بَندا پابند هئا، سيِ رِند هئا،
اَکِتي رَف رَف کان تَني جا رَند هئا، سيِ رِند هئا.

١- پاڻ کان پاسي تي پَلپل پرتئون پرکي پَسي،
پرت جا پاتا جَني پيوند هئا، سيِ رِند هئا.

٢- خُمر خاص الخاص پي، خُمار ۾ خاموش تي،
خُوءِ سان خُود دار جي خُورسَند[1] هئا، سيِ رِند هئا.

٣- اَنحدي اکڙيون پٽي، انصاف ۽ ايمان سان،
چئو تہ حق جي راهہ ۾ کي چَند هئا، سيِ رِند هئا.

٤- عشق جي اسرار کان آگاهہ تي اَعجاز ڏس،
عَاشقن آپي چڏيا آنَند[2] هئا، سيِ رِند هئا.

تلهہ: برهہ بَدل جيئن بَرسي بَرسر- بارو بار باران کيا،
طُور سِينا وارا تَجلا لائي- تارا چَند تالان کيا.

١- اَحسن تي اَنوار اُپارو- آڙهنگ آگم سان اُجارو،
آيو اُلتا ن اَلت اويارو- عَين اُنهيءَ اَحسان کيا.

٢- سُهٹا ساز سُرود وڄائي- دَر دَر ڏاڍا ڏڄ ڏڄائي،
پاڪ پَڪا پيغام پُڄائي- هَوش حَواس حَيران کيا.

٣- حُسن وَاري آولي هَر هَر- پاڻ ڇُپايو مَاري خَنجر،
گَهائي گُرگِياني گوهر- نيزي سِر نيشان کيا.

٤- ”اَعجاز“ تي اُلتو آرکيئين- وَحدت جو وَسڪار کيئين،
نَيئين نِرت ڏيئي نِروار کيئين- تنهن شائق لک شُکران کيا.

(١) خُورسند: سَرها، خوش (٢) آنند: آرام، فرصت

تلهه: بِرهه چَوي تو بيرنگ آهيان - بَازي ڪُل بَنايان تو،
پَنهنجي رَائي رَاز سان پَنهنجو - نَالو نِينهن سَڏايان تو.

١- جي جَاٽي سگهين تان جَاڻ مُونکي - تو جَاڻ اهو جَاٽايان تو،
هر مظهر ۾ جلوو منهنجو - هَر جاءِ حُڪم هَلايان تو.

٢- اولي اوٽ حُسن جي بيهي - عَين اکيون اَنڪايان تو،
اُلٽا آر ڪَري پوءِ عَاشق - آڙهه مَنجهه اَڙايان تو.

٣- قُم بِاذني قَول ڪَري - ڪَلڙي خوب ڪلايان تو،
اَن الحَق جو نَعرو هَٽي - سُوليءَ سِر چڙهايان تو.

٤- لَيليٰ قيس فَرهاد شيرين - رَانجهن هير رَلايان تو،
سُهٽي ميهر سَسئي پُنهون - رَاٽو مومل رايان تو.

٥- مَستي حَقيقي مَنجهه رهان ڪٿ - مَوج مِجازي مَچايان تو،
مَرثيه قصيدا شغل مَداحون - صُوفي شَبد سٽايان تو.

٦- رند قلندر تَرڪ طَمع سان - سَامي سَاڌُ چَوايان تو،
مَلنگ مَوالي مَستانو تي - نَانگو نَاد وَڄايان تو.

٧- شيخ مَشائخ قَاضي بَنجي - شوق شريعت چَاهيان تو،
ڪَلمون پڙهائي ڪُفر سَندو - ڪِرشن ڪَانُ ڪَونايان تو.

٨- حُر حُسيني هَردم تي - قُدسي قُرب ڪَمايان تو،
طَالب تي اعجاز سَدا - مَطلوب سِڪندر ڳَايان تو.

تلھ: مِلي مَحبوبن کان مَام - بِرھہ جي دَام پئي.

١- نيڻ نوالا لائي مِلائي - حُسن هَلايا حُڪام،
مَيڻ هَر هَام پئي.

٢- ڪين تِکيا چِت ڪَٺهن ڪَنهن جا - رِيءَ ڪُسڻ جي قَدام،
پَرڻ اُت ڳَام پئي.

٣- مَوج مَحبت جي مَاٺن عَاشق - مَستو مَست پي جَام،
سَاقيءَ جي سَام پئي.

٤- شَاخ عَجائب عِشق شَجر جي - نَاهي ڏِٺي جا عَام،
لَڙي سَا لام پئي.

٥- مَام اَعجازؔ مَحبوبن جي - دين ڪُفر وَٽ حَرام،
خَبر ڀي ڪَام پئي.

تلھ: بِرھہ بَازار ۾ هَر وار - مَارومَار آ يارو،
تِير و تَلوار جي چَودار - وَارو وَار آ يارو.

١- وَسي جِيئن مينهن سَانوڻ جو، ڪُنڍين مان ڪَان تيئن ڪَڙڪن،
جُهرن جُونجهار وَهن رت نَار هَارو هَار آ يارو.

٢- پَلي ڪيڏا بہ ڪَن حيلا بَچڻ مُوڙهئون نہ تَن جو ڻِٽئي،
جني ڪي ڏَار جو ڏَک وَار آروپَار آ يارو.

٣- چَلي اُت ڪي چَرِيا تي پيا، ڪني جو دَم ويو دَمجي،
لَڳي تَن تَار ۾ اوچنگار زَارو زَار آ يارو.

٤- ڪُسڻ ڏَاران قَتل گھہ ۾ ڪُڇڻ جي وَاهہ ڪَا نَاهي،
آندر آزار سَان ٿمتار تَارو تَار آ يارو.

٥- عَجب اَعجازؔ چَئي هي آ، اکيون سُھڻيون سَيئي پَر،
مَنجهن دِيدار ۾ اسرار ڏَارو ڏَار آ يارو.

جُونجهار: بهادر، سورمو، دلير

تـلـه: ڪي رِند سَمي ڪَن رَاز- آهي عِشق عَجب آوران اَور مُنهنجو.

١- نَاز وَارن سـان نَاز ڪَريان تـو، نيـاز وَارن سـان نِيـاز،
آهي آذڪُرڪُم وارو طَور مُنـهـنجو.

٢- بـيـحـد وَاري بَحـر جو آهـيـان، بـيـحـد غوطي بَاز،
غَواصـن وَانـگـي غـور مُنـهـنجو.

٣- خَالـي خيـالـي پَوش پَرن سـان، پَلپـل ڪَيـان پَرواز،
شَاهي شَهـبـازي شـور مُنـهـنجو.

٤- وَحـدت ڪَثـرت مَنجهـ مُدامـي، سَچن سَان سَنـگ سَاز،
آحـدي اوتـارو آجهـور مُنـهـنجو.

٥- اَعجاز عَلي ؒ جي عَين عِنايت، سَدائين ڪَيـم سَرفـراز،
اِهو پيـرِ مُغان آهي زور مُنهنجو.

تـلـه: رِند رُوحاني رَاز سان، رَاڳي ويراڳي ٿي رَتا.

١- مَحُو ٿِـي مَحـبـوب ۾- ڏِس مَوت کي ڪَائـي مَتـا،
تَنـد تَوحـيـدي ڪَٽـي- تَن عِشـق ۾ تَائـي تَتـا.

٢- لَوڪ جا لَارا لِيـاڪـا- ”لَاَ“ سِين جِن لِڪ ۾ لتـا،
ڇَوهـ مـان ڇِڙجي تني- بَر سِر ڇِڏيا ڇوڙي ڇَتا.

٣- جَنهن وِلايت ۾ هـٿـا- وَڃي تـنهن وِلايت ۾ ڪتا،
سِر تـني جاسـون جِيئن- پَرکيو صَرافن پَي وَتا.

٤- پِرت جا اَعجاز تُون پُڇ- پِرت وارن کـان پَتـا،
آشـنـا آهن اُهـي- سَـپ رَاهـ جا سُونـهـان سَتـا.

صرافن: پرک وارا، ڄاڻ وارا، ماهر

سائين جن جي آخري بن ڪلامن مان هڪ ڪلام

ٿلهه: رِند ٿا رَهن ٿي مَاورا۔ دُنيا جي هَرِ فڪرات کان،
دُنيا جي هر فڪرات کان۔ عُقبيٰ جي هَر خَطرات کان.

١۔ دَيوانا حَاضر ديد جا۔ طَالب نہ وَعدي وَعيد جا،
تَشنا[1] نہ ڪنهن تائيد جا۔ خوش آيا نہ خُوشامدات کان.

٢۔ رِندن سَندي رَمزات ڪي۔ تَن جي سُپَر سُخنات ڪي،
رَندئي پَسن رِندات ڪي۔ تَارڪ طَمعُ طَاعات کان.

٣۔ رِندَ مَن خُدايم مَن چَون۔ اِن دَم سان ٿا دَمُ دَمُ رَهن،
موجود حَق موجود ڪَن۔ وَاصِلُ بِلا سَندي ذَات کان.

٤۔ لاَ يَحزنُون[2] مِليُن پُڳُر۔ عُقبيٰ جو تَن ڪَهڙو خَطَرُ،
سُونهين سُهاين اِيءَ سڳُر۔ مُبرّا رَهيا آموات کان.

٥۔ فِڪرِ دُنيا پَائن فُضُول۔ اَعليٰ اٿن اهڙو اُصول،
ڪيئون وَحدتا سِپ ڪجهہ وُصول۔ ٿيا پاڪ هَرهَر جَات کان.

٦۔ مُوتو قَبل جي ٿي ويا۔ جِيئندا اُهي جڳ ۾ سَدا،
سَپ فَرض ڪيئون پنهنجا ادا۔ وِيتَّا ٿيي ڪَثرات کان.

٧۔ "لا" کان لنگهي لاکا ٿِيا۔ گُر سان مِلي ساکا ٿِيا،
اَعجازَ جِيئن نَاکُنا ٿِيا۔ اُڪريا وَجي اِنتهات کان.

(١) تشنا: اُڃايل (٢) لايحزنون: انهن کي ڪو بہ خوف يا ڏپ نہ آهي.

تلھ: سَمجھين جي رَمز رِندي، دُک دَرد کان ڦين وَاندو،
آرام عيش بَابت- ڏِسجين نہ مَاندو مَاندو.

۱- عَاشق اَمُر جو تي پٽُ، قَائل صَبر جو تي پٽُ،
صَاحب نظر جو تي پٽُ، حَق تو سان آ هيکاندو.

۲- حَق جو هَميش بَنجي، سَڀ جو خَويش بَنجي،
وَج نيهي نيش بَنجي، ڪِيرو نکي بِڙاندو.

۳- ٻِيجا ٻَک نہ ٻَکجي، ٻَاٽي لُڙو نہ لَکجي،
ڪَنھنجو نہ عَيب تکجي، پَنھنجو تہ پَس پاڇاندو.

۴- جو مُون ڇيو سو تون لِک، سَمجهي سُٽي سوئي سِک،
تنهن راز کي کولي رَک، جو راز ڪَنهن نہ آندو.

۵- جَنھن مَاري کان ڊِڄين پيو، تَنھن سان تہ گَڏ هَلين پيو،
پَنھن جي پَاڻ لاءِ مَنڊين پيو، وِک وِک تي پاڻ ڦاندو.

۶- ڪَايا مَايا سَنياري، سَانگا سھا نھاري،
وَحدت ڇڏيئہ وِساري، دُوئي ڪَيُئي دُڪاندو.

۷- تُون مُرغ لا اُبالي، پَچ پيچرو ڪڻ بُوالي[1]،
ڇِن دَام سان دُوالي[2]، جنهن آٽِئي بنايو بَاندو.

۸- اَعجاز ڇئي ڇَوان ڇا، تو سان پَتِر پَوان ڇا،
هَر هَر هِجي رَوان ڇا، تي عِشق سان ٻي پاندو.

(۱) بوالي: پرواز، بولائي ڪاٺ (۲) دوالي: قيد، ڏوري

تلهه: ڀائين ڇو ٿو فقيرن سان، شِمر شيطان جي ٻرِ چڙهہ.

۱- سَتايِن کي سَتائين ٿو، صَبر تَن جو ڇا ڀائين ٿو،
ڏکويِن کي ڏکائين ٿو، مُنَي مَروان جي ٻرِ چڙهہ.

۲- تو هَٿ مَارڻ نہ جيارڻ آ، تَو هٿ ٻَارڻ نہ ٺَارڻ آ،
تو هَٿ جِيتڻ نہ هَارڻ آ، فرعون هَامان جي ٻرِ چڙهہ.

۳- پَراوا عيب ڳولي ڄاڻئي، نہ پَنهنجن تي نَظر پَائئي،
پَلارو پَاڻ کي ڄاڻئي، نَنڍ نعمان جي ٻرِ چڙهہ.

۴- بگهاڙا باهہ کيو پونکين، رُليا ڇو راهہ ويندا روکين،
اتي ڪائين اُتي اوکين، گدڙ گُرگان جي ٻرِ چڙهہ.

۵- آسين ڄاڻون الله ڄاڻي، آسان ۾ ڇا وَجي تُنهنجو،
نہ ڪر نَاحق سڙيا سَاڙو، نَنر نَادان جي ٻرِ چڙهہ.

۶- چَوي اعجاز پولو پيچ، مُحمّد ﷺ عَلي ؑ کي مَچ،
حَسد کان حَاسدا وَنئن وچ، ابوسفيان جي ٻرِ چڙهہ.

تلهه: فَقيرن تي آکثر ڪُتا ڀَهندا آهن- مگر رزق تن جا رَوان رَهندا آهن.

۱- فَقر ۽ فَقيري جا مَاٺهو کي مُنڪر- حَسد بُغض کان کن هَلائون تہ ٿا پَر،
تَڪبّر جا آخر تَکيا ڍَهندا آهن.

۲- نَتا رَمز رِندي جي ڄاڻن سُڃاڻن- اُهي رول آهن ڇَيو سَچ سِياڻن،
کوتا کر اُنهن سان تَڏهن کَهندا آهن.

۳- ڪُتو ۽ گَداگر ٻہ مُتضاد هَستيون- ڪَڏهن کونہ ڪَن هي کو اتحاد هَستيون،
هِنن جا هَنگامان ڏاڍا ٺَهندا آهن.

۴- ڪَڪڙ ڀَهڙو مَانگر، جي جُهونا تہ ڇَاهي- پَونڪڻ ۽ ٿونڪڻ کان تہ بس تن جي نَاهي،
اُتن ڪم اِهوئي نہ چُپ ڀَهندا آهن.

۵- اَي اعجاز آچار ڪَهڙا ڪَرين ٿو- حَيوانن تي ويچار ڪَهڙا ڪَرين ٿو،
سَنديءَ ذَات کي پِڻ نہ جي سَهندا آهن.

تلهہ: اُو اللعليٰ[1] آعظمت عِزت فَقير جي،
شَاهي ڪان شَان ۾ بَر صِفت فَقير جي.

١- حَقّ اليَقينَ سان حق حُلاج جي ندا،
ڏِس مَام گام هَام ۾ هِمّت فَقير جي.

٢- ظاهر ۾ زنگ آلُوده، بَاطن ۾ صَاف پَاڪ،
سِيرت ۾ ڪِرت ڪِيرت، نِيّت فَقير جي.

٣- نَوبت نَقاري نِينهن جي، نَعري نِظاري سان،
هَر دوجهان تي قَائم، حُجت فَقير جي.

٤- هَر ماڳ هَر مُقَام تي، هَر وَقت هَر گهڙي،
مَبسُوط[2] ۽ مُحيط[3]، مَحبت فَقير جي.

٥- هوئڻ هت فَقير ڪوڙ، فَقيري جي رُوپ ۾،
پَرڪَات ڪَڏ تہ آڇن، قِلت فَقير جي.

٦- دُنيا ڪَيو تصوّر، دَوزخ ڪِ بِهشت جِيئن،
بَرعڪس تَنهن جي جَهنم جَنت فَقير جي.

٧- اَعجَاز آهي الڳ، جُدا دِين ڪُفر کان،
خَالص خُلوص سَان تہ مِلت فَقير جي.

(١) اُواللعليٰ: تمام مٿاهون، اعليٰ (٢) مبسوط: ڪليل، ويڪرو، ڪشادو (٣) محيط: گهيرو ڪندڙ

تلھ: ڪَندي ڇَا آسانکي پيري اِميري- وٽي ويوسُون رُوح کي رَنگڙو فَقيري.

١- حقيقت ۾ حَق کي ڳولي لڌوسون- ڇڏي ڪُوڙ ڪِينو پَلئه سچ ٻڌوسُون،
مَڃي نَا مَڃي ڪو، نَاهي دِلگيري.

٢- هَنئي نِينهن نَاوڪ نِظاري تي ڇَاڙهي- ڪَاهي پَئي سا ڪَڙڪي جِگر سِينا ڦَاڙي،
عَجَبُ حَال حَالت ٿِئي بي نَظيري.

٣- آصل رِند آهيون کي آڄ ڪلهه ڇَا نَاهيون- قَتل گاهُ پُڄايُون ڪُسڻ ڪَاڻ ڪَاهيون،
چُمي ڪَنئي سُون چَشمين رَسم هيءَ شَبيري.

٤- اِهي مِهڻا طَعنا ٿيا ڳَل جا ڳَانا- اِنهي حَال تي خُوش کي رَهندا رِندانا،
بَاطِن ۾ بَهاريل ظَاهر ۾ ظَهيري.

٥- اِنهي رَنگ رَتيءَ مان تہ ڪوڙئين رَچي ويا- عَاشق تي اَعجاز آڏيءَ تي آچي ويا،
آچي سي نَچي ويا، تَوڙي هُين آخيري.

تلهه: آسين عَاشق صُوفي ڪَافر- نَتا مَذهب پِيو ڪو مَچون مَچون.

۱- دَائـم قَائـم قبل نُمـا- ڪـعـبـو اسين سِر آهـيـون،
جَنهـن دَر جڳ وَڃي ڏَام سـان- اُهـو آسين دَر آهـيـون،
ڏِسي ڏِسڻ تِياسون ڏَاتـر- ڪونهـي آسان تـي ڏُچون ڏُچون.

۲- تـبـيـح حَسِيَن آسـان جي نَظـر ۾- هَر هَر آهِڪ جَهـڙو،
ڦـورو ڪَنهـن جو ڪَونـہ ڦـا ڦـوريـون- تـوڙي هُجي ڪـو ڪَهـڙو،
وِچهـي پـولا پـول پـلا پَر- وَري پـولا پـول پچُون پچُون.

۳- مَسـتـي وَاري مَـوج بـَحـر جـا- غـوطـي بَـاز غـواصـي،
خَود داريءَ وَاري خُوءِ آسـان ۾- خَبـر سُڻـايـون خَاصـي،
آهيون پَنهنجا پَاڻ پُوڄا گَر- آسين پَاڻهي پَاڻ کي پُڄون پُڄون.

۴- مَدمـسـتن ۽ دل خَستن جو- پَنـڌ پُور پَراهـون آهـي،
خِيـال بَصـيـرت عَدم اَعجَازا- اُتم اُتـانـهـون آهـي،
سَرمـست پـيـو پُر سَاغـر- پَنهن جو سَاقي ڪوثـر سَچُون سَچُون.

ٿلهه: صُوفيءَ جي رَمز رَاهه کي - سَمجهڻ نه سُکيو آ،
اِن سِر ۾ انهيءَ سَاهه کي - سَمجهڻ نه سُکيو آ.

۱- اونهون به اَندر دل جو - اَٿو صُوفي اَصل کان،
صُوفيءَ جي ئي ڳُجهه ڳَاهه کي - سَمجهڻ نه سُکيو آ.

۲- ڪيڏو نه بهادر ٿي - ڪَيئين جَلوو بَرابر،
ڪَربل جي شَهنشاهه کي - سَمجهڻ نه سُکيو آ.

۳- حُلاج سَندي حَال کي - چاتو نه مُلين ڪَنهن،
اِن مرد خود آگاهه کي - سَمجهڻ نه سُکيو آ.

۴- لا الٰه الا الله کان - اڳتي نه چَيئين ڪجهه،
سَرمد جي هن ويساهه کي - سَمجهڻ نه سُکيو آ.

۵- ڪَعبي ۾ ڪَليسا ۾ - مَندر ۾ به وجي پيو،
عَاشق جي سَجدي گَاهه کي - سَمجهڻ نه سُکيو آ.

۶- اِثبات نَفي وَاري - ته چَاري ڪان سَواءِ يَار،
اِنسان ۾ الله کي - سَمجهڻ نه سُکيو آ.

۷- ڪير آهه ڪِٿي آهه - ڪَهڙو آهه سو سُهڻو،
اَعجاز جي دِلخواهه کي - سَمجهڻ نه سُکيو آ.

تلھ: آسين صُوفي صَافاً صاف آھيون. آسين ڪَنھنجي ڪِين خِلاف آھيون.

۱. آسين اَرني تا اِظھار ڪَريون. آسين لَن ترانِي آر ڪَريون،
آسينَ ڪَافي عَين ڪَشاف آھيون.

۲. آسين هُود داؤد جي حَال وَارا. آسين مَام مَسيحي مَقال وارا،
آسين سُرتا نِرتا صَراف آھيون.

۳. آسين پَاڻ پَنھنجا مَقصود آھيون. آسين سَاجد خُود مَسجود آھيون،
آسين عَادل با اِنصاف آھيون.

۴. آسين روز اَلستئون مَست سَدا. آسين دَردمَندا دِلي خَست سدا،
آسين بَاطن ظَاهر شَفاف آھيون.

۵. بي مثل مثل ۾ دَوام آسين. اَعجَاز جا آھيون اِمام آسين،
آسين نيزي پڙهندا مُصحاف آھيون.

تلھ: ڪَري ڪير صَحي سِر صُوفيءَ جو. گھٽ گھٽ ۾ آ گھر صُوفيءَ جو.

۱. اَحديت وَاريءَ اوڙ عَجب سان. هَر جاءِ هَلي هَر صُوفيءَ جو.

۲. اَزل کان بہ اَهِي بَرابر. نَعرو نِشابر صُوفيءَ جو.

۳. قُرب وَاري تہ ڪَمال سان. آھي ڪُل ڪان مٿي ڪَر صُوفيءَ جو.

۴. حَق حَق چئي چڙهيو سُوريءَ تي. بِرهُ بَهادر صُوفيءَ جو.

۵. هِن مان اُٿي جڻ هُن گھر ۾ ويو. آهڙو مَرڻ ڀَر صُوفيءَ جو.

۶. بُلبل وَانگي بَاغ حُسن ۾. سَير گُذر سر صُوفيءَ جو.

۷. ظَاهر ڪَارو ڪُفر وَارو. بَاطن اوجر صُوفيءَ جو.

۸. صُبح شَام مَعمور اَعجَازا. سَمجھہ تہ سَاغر صُوفيءَ جو.

ٿلهہ: جوڳي جاڳ لهہ ڪو لاڳ- مَاڻ سُهاڳ مَلڪوتي،
حَاصل حَال هَٽ ڪَر خِيال- جَاهہ وجَلال جَبروتي.

١- پَائـڻ بُود[1] ڇڏِ وجود ڪَر تـون عُود[2] آصـل ڏي،
سَيهہ[3] نہ سَاڻ سَڱ وِسار ڪِيمِ نهار نَسل ڏي،
آنڻ[4] آٽ رِيءِ اوسات ڪَانهي وَاٽ وَصل ڏي،
وِرهُ وِهاءِ جوڳ ڪَماءِ سِڪ سَماءِ ٿابوتي.

٢- ٿي آڏوت "لا" يَموت[5] آنگ پَيوتُ اَلفيارو،
پَاڻ سُڃاڻ سُرتي ءَ سَاڻ سِر جو ڇَاڻ رک سَارو،
سَيڪنهن وير مَالها ڦير مَٽيون سير مَن وَارو،
ڏَار ڊِيان گُر جوڳيان پيڌ بيان بَاهوتي.

٣- پَتنگ جيئن جوڳي تيئن مَچ ڪان ڪِيئن مُنهن موڙن،
ڪوريءَ ڪَام مَنجهہ مُدام خيمان خَيام ٿا ڪوڙن،
جوڙان جوڙ توڙان توڙ آحدي آوڙ ٿا اوڙن،
ٻَڌي سُنگ ٿِيا سي گُنگ، لاٿي لُنگ لاَهوتي.

٤- غفلت غَرق تُون ڪَر ترڪ، تُنهنجو مَرڪ نہ آرس،
جَاڳي جِيءِ ثابت ٿيءِ، وَحدت وِيءِ جو وَارث،
آهين ذَات بَالا بَات، پَيغامات سَان پَارس،
آعجازا نور تجلو طُور، تو پر حُضور هَاهوتي.

(١) بود: هئڻ، هستي (٢) عود: واپسي، موٽ (٣) سيهہ: لاڳاپو، آسرو
(۴) آنڻ: تڪليفون، سڙڻ، پَچڻ (۵) لا يموت: جنهن تي موت نہ آچي.

تـلـم: لِيا جوڳين جا وَجي لڳا، لاَحد جي تہ لَقاءَ ۾،
لاَحـد جي تـہ لَقـاء ۾، رَنـگ رَبُوبي رَچاءِ ۾.

١- نَاسُوت ۾ رَهندي تـيا نـہ نَاسـوتـي- لاَحـد وجـٹا لاَل لاَهـوتـي،
سُڪوت[1] ماٹيا تن مَلڪوتي- جَبروت ۾جن جا جُهوپا جُهڳا،
آسـڻ اسـتـغـنـاء[2] ۾.

٢- صُورت سِر پُوڄارا سَامـي- سَتـگـر گُر پُوڄارا سَامـي،
پرتـئـون پِر پوڄارا سـامـي- بُت ٻيائي جا انـهن ڀَـڳا،
صُورت جي تـہ سُهـاءَ ۾.

٣- هَمـہ اوست جا ڪَاپڙي قَائـل- خَيال انهي تي ڪُپ ڪُپايل،
مَاضيِ قبل ڏي مُور نـہ مَائل- سورين ڪين ايڏهن لاءِ سڳا،
رَهـيـا ڪِين رِيـاءَ ۾.

٤- حَاصل جن کي لَقـاء حُضـوري- مَاٹ مُطالـع تَن وٹ پُوري،
مَنطق[3] چَاٹـن ڪـونـہ ضَروري- دِيـن ڪُفـر جا ٹـوڙي ٹڳا،
پـهـتـا مُلـڪ بَقـاء ۾.

٥- جوڳي جَاڳي تيا سُهاڳي- تـوڙئـون هَردو جڳ جَا تـيـاڳي[4]،
شَبـد اُنـهن جا مَعـنـوي مَاڳي- سَنـک سِڱيـون ۽ صُور وڳا،
تَن جي مَسـت سَمـاع ۾.

٦- مُلڪ جوڳين جو آهي مَحويت- ايڪ ايڪائيءَ اُلوهيت ،
پُڇ نـہ انـهن جي اَعجاز مَاهيت- جوڳي ڪَونـهن ٻـي دڳا،
پَنڌ آهـــن پڙاءَ ۾.

(١) سڪوت: آرام، فرحت (٢) استغناء: بيپرواهي (٣) منطق: ڳالهائڻ، بحث، مناظرو
(٤) تياڳي: تارڪ

ٿلهه: جوڳي مُلڪ اَمرجا- سَامي مُلڪ اَمرجا،
صُورت مُورت وَاري- سُونهان سَانگ سَفرجا.

١- صُورت پيٽي آيا، اُت سِرڙا ٽيڪي آيا،
سَتگر[1] ٽيٽي آيا، نِرتا نَين نَظرجا.

٢- سَٽي آپا ڪاپا، آرس اُونگهه آجهاپا،
جُڳ جُڳ ڪَن جِياپا، جِيوا جَاوي جَرجا.

٣- ڪَنگڻ ڪُلاهه ڪَفنيون، پَوش پَوشاڪون بَسنيون،
دُويون نيئي تَن دَفنيون، هيرڪ حَق حَاضرجا.

٤- سِڪ جون تن سَنگهرڙيون، سَامين هَٽ سَمرڙيون[2]،
گيڙو ڳَل گَبرڙيون، مَاهر مَخفي خَبرجا.

٥- هَر مَري تہ گُرو مري، ويتا اِهو دَم ڌَري،
مَوت مَٿي سي ڌَري ڌَري، وِجهن ڪَرٽ ڪِينرجا.

٦- سَامي چِڏي سُوات[3]، وَٺي وِيا ڪُوات[4]،
هَٿي اُلٽي جَاٽ، پوريئون پُور پَڌرجا.

٧- وِيا جي گَنگا جَمنا، تَرڪي هَرنمتا،
چُمي پِرجا چرنا، آچا ٽيا آندرجا.

٨- پَنڌ تَني جا پُڇجن، ڏوري اُهيئي ڏِسجن،
سَامي اعجازا سَڌجن، صَاحب سي صَبرجا.

(١) ستگر: مرشد (٢) سمرڙيون: تسبيحون

(٣) سوات: سڌو رستو (٤) ڪوات: اٽائو رستو

تلھ: جوڳين سَنجهي جَبروت ۾- بَرحق ڳوڙيون بيراڳڻيون.

١- سَامينُ سَفر سر تي ڪَيو- سورن سَندو سڪ سُوز پِئِي،
سُج ۾ قَراريا سَپ وَجي- سيجون ڇڏي تہ سُهاڳڻيون.

٢- وَڏيل وَڇوڙيل وَحدتي- وَڻ تِڻ وَاسي ويا وِرهہ سان،
وَرورَ مونکي تيون سي وَڪَن، وايون سندن ويراڳڻيون.

٣- لَڳ پڳ ڇڏيائون لوڪ جي- وِيا لوپ لاَلچ ڪان لڙي،
لاَهوت ۾ لائُون لَيو- لاتيون لَنون تا لاڳڻيون.

٤- ڪنهن تان ڪَکوريا ڪيف ڏئي- ڀي ڪرت نَاڪن ڪَاپڙي،
روئن رُئَاڙن رَاڄ ڪَئين- رَاَنيو رچايو راڳڻيون.

٥- آرامِ آديسين نہ ڪيو- آهي قَسم الله جو،
اَعجاز آيا عَلَي الفجر- اڪڙيون ڪري اوجاڳڻيون.

تلھ: جِيءَ جَلائي ويا جوڳيئڙا- سي مَن کو پيرو ڪن،
جيکي مُورت جا هُنَر موتيئڙا- سِي هن ويل هِينئڙِهت هُجن.

١- جڏهن سَاٿُ سَاٿين تي سَنباهيو- سِيءُ پيمُ سَاري جَان ۾،
ڪَاڪ ڪُوما يل ڏسي- آيس وڏي آرمان ۾،
ڪَل نہ پَيم ڪو گوديئڙا- تا مُئيءَ جو جِيئڙو چِنن.

٢- لَاَل لڙڪن ڪيا لتا- رنگ رنگي ڪُهنبا رَتا،
لوئي تِيم ليڙون لَڳن- وار وري نہ مون ڳُتا،
هاڻي هوش ۾ هل هينئڙا- متان محب کي ميرو چون.

٣- مُنهن ڪَٿي ڪِنهن سَاٿ مُرڪان- مَوج مُئِيءَ ڪان سَپ وَئي،
رويو رَڙيو ريهون ڪَريان- ريجهہ رَاحت رُوح جي وَئي،
اعجاز اُهيئي اوسِيئڙا- تا تَن ۾ ڪَيو ديرو رَهن.

بيراڳڻيون: ڪُندريون

ٿلهه: اگن[1] عِشق وَاري لَڳن لاَتي جوڳين- ڪَري بَيڪ بَازي نَظر پَاتي جوڳين.

١- شَما[2] ۾ دَيا سان چِتائي چِيتاري- هَٿي جَال شَبدي ڍِيئا ڏيل ٻَاري،
ڳُونگي ٻوڙي ٻاتي ڪَيس آتي جوڳين.

٢- سَوزي سَازڪولي سَنگمي سُر سُڻائي- مَڌم مُرليون مِردنگ اُپنگ چَنگ ٻُرائي،
ٻُرائي جُهرائي پوءِ دل چَاتي جوڳين.

٣- نَاهيان هَوش مَت ۾ نہ انحد ۾ حَد ۾- ويس وت وجود ان لوچڻ لَئہ لاَحد ۾،
پيرائتي پَارايم آيل جَهاتي جوڳين.

٤- سِڱيون سَنک سَامين ڪِينر ڪَر مَنڊل هُٿا- سَي ڪَنچير ڪَلداري خُود سَر مَنڊل هُٿا،
ڳجهي ڳالهہ اعجاز تن ڳَاتي جوڳين.

ٿلهه: ڪهڙا جوڳين جا مَاڳ سَامي رَهن سَفر ۾.

١- ڪَٿهن ڳنگا ڪَٿهن جَمنا- ڪَٿهن پُورب پَاڳ،
ڪَٿهن جَاوي جي جَر ۾.

٢- رَاهه مَٿي روز رَمندا ڏناسون- جَهاڳن رِڻ اجهاڳ[3]،
تَن جا مَانجهاندا مگر[4] ۾.

٣- چوڻا آيوڳا ميرا مُنهڙا- ڪين جوڳ ويراڳُ،
ٻَابُو ٻَپُوتيا ٻَر ۾.

٤- گَهر نہ ٽِڪاڻو هِڪڙو تَن جو- تہ بہ سُلطاني سُهاڳ،
ماڻن هَري هَر ۾.

٥- گُرو مَرڻو نَاهي جَن جو- سي مَرندا ڪِين مُور هَانڳ،
آهن مُلڪ آمر ۾.

٦- اُهي اعجازا پَار اُنهن جا- وَنن ڏين سي لاڳ،
لاَهوتي مَوج لهر ۾.

(١) اگن: باهه (٢) شما: پيار سان، محبت سان (٣) اجهاڳ: بي انت، بيحد (٤) مگر: گس ۾، راهه ۾

تلھ: جوڳي ھٿي وِيا جڙ- حَال جي کولي ھڙ.

١- سَادا سُودا ويس اُنھن جا- ڪفنيون ڪُلاھ ڪپڙ،
گيان گُنن سان ھَريا ڀَريا- گاروڙين⁽¹⁾ گودڙ،
آھڙين آرين پَارين ھُئا سي- بِرھ بَچن جا پَڙ.

٢- ڪِينر سازي آوازي تَن سان- ڏُومُن واري ڏڙ،
سنک سڱيون ۽ صُورن ڦوڪون- نَاد نَفيلون نڙ،
لِئہ لاَھوتين وَاري لڳي- چَاتيءَ ۾ پئي چڙ.

٣- مَعنيٰ وَاري مُلڪ جا سَامي- وَاقف سُونھان سُتڙ،
ڪَڙوڪڙي ۾ ڪڙيو ڪَنوتيا- سَاھ ھَٿن سلھڙ⁽²⁾،
شَبد پَچن جي جَادوءَ جڙ سان- ڪَاپڙين جي ڪڙ.

۴- اَلک پُوڄارا آديسي سي- وَنيو بکيا جي آڙ،
نَظر شما ڪَري نام جپائيون- وَڏا وڏا ڪِيئون وڙ،
اَعجاز "عَلي ؑ" آ گُرو- اُنھن جو لڳيس تن جي لڙ.

تلھ: جيجل جوڳين سَاڻ- آيل سَامن سَاڻ،
لاَشڪ مُنھنجي- لُنئڙي لڳي وَئي.

١- ھَاري تَاري تَات تَني جي- تَن مَن تاڻو تاڻ.

٢- رَاتو ڏِينھان رُوح سِڪي پيو- صُورت وارن ڪَاڻ.

٣- آئون اُداسڻ جن لاءِ آھيان- مَوليٰ تَن کي آڻ.

۴- مَاري مَھيسي مَونکي ھَليا- تَاڪ سُڃا ڪَري تاڻ.

۵- رَاحت راوڻ رِيءَ نہ اَچي ٿي- ريجھ وَٽي نہ رِھاڻ.

٦- عِشق اُنھن جي مَنجھ "اَعجازا"- پيئي پَتوڙي پاڻ.

(١) گاروڙين: منتر وجھندڙ. ڪاپڙي: نشو پيئندڙ (٢) سلھڙ: گڏ، ٻتو

ٽلم: سَامِيئڙن صُورت جو ڏِنو ڏَس صَحي صَحي
ڏوري سو ڏِس نون ڏيه ڪَما حَق ڪَهي ڪَهي.

۱- جوڳي ويراڳي جُوان ڪَيِي جوڳ جُهد ڪَئين،
رِيا مَعرفت جي مُلڪ ڏي وَهوا وَهي وَهي.

۲- پِيا طَرف سَيئي تَرڪ ڪَري سَامي ڪَاپڙي،
ڪُر ڪي ٿَا ڪن سَجود ڳوڏا سِر ڳَهي ڳَهي.

۳- اوجَهڙ ڳَهٽو آٿاوا، پِيا ڳَهاڙو ڳَس مِڙئي،
صُورت جو پَنڌ سَٽائو جي آسِڪ صَحي صَحي.

۴- پُوربُ سَندا ٿون پَار پَتا پُوريين ڪَان پُڇ،
پُورا سي ڏَسڙا ڏِيندئي پَرم پَهي پَهي.

۵- جَمنا ڳَنگا جَاوي جو ٿَانگهي جر اورانگهي بر،
لَاهوتي آيا لاڳ لَولا ڪي لَهي لَهي.

۶- اَعجَازِ چَئي صُورت جي پُوڄارن جي ڪَر پُوڄا،
رَب رَام پَس اُنهن جي اَمر تي رَهي رَهي.

ٽلم: آبل ڙي آديسين جي- مَاريس خَالي مَڙهين.

۱- ڪِين ڏِسان سي ڏيهم- جيڪي ڏِنا اڪڙين.

۲- آڏي رات اُٿي وِيا- ڪو جو پُور چَڙهين.

۳- ڪَين رَهايا ڪَاپڙي- مُنهن جي تَان مِيڙين.

۴- جِيءَ اَعجَاز السٿئون- جِيڪس مُنهنجو جَڙين.

تلهہ: صُورت سَامين سَناسين جي، سَمايل آ سَندم سيني،
دُوريءَ کان دَرد جا دُونهان، دُکن پيا دَم بَدم سيني.

۱- وَٺي وَرتم وڪر ورَهي، وِهايان وِرد جيان ويهي،
اِيندا پَارَڻ مُون پَرڏيهي، پَسڻ پيا پُون پَري ڪِينهي.

۲- مَجائي مَن هي مُرلين سان، مَچائي موج آ ديسين،
مَندي مَندِ مُونکي پوءِ مُحبن- بَتايو بَاب بِرهہ بيني.

۳- سَچي سِڪ سَاڻ ڪَئي آجن، اُڏوهي آر نہ سِرو سِرتن،
اوڪر اوڪا سيئي اُڪرن، ڪاهي قابل قنڌار ڪيني.

۴- لُنگئون لُنگ پَاڪ لاَنگوتيا، لَڙي لَنگهيا جي لاَلچ کان،
ڪَنوتي ڪُوڙ يَڳا ڪَچ کان، اَعجازؔا عَهد آميني.

تلهہ: آيو دُور دِس کان سوداگر ڪو سر جو،
هنيوسين سَامي گَهري دَان ڏُرِ جو.

۲- نِڪي ناءُ نيشان نڪي نرم الائي- صفا صاف سودو پيو سر جو سٽائي،
آهي مَرد مَانجهي پُڇائي تو پِرَجو.

۲- اٿس ٻولي ٻي ڪاٺي سٽائي پيو سوائي- پني پئسو نہ پائي ڪندو الوداعي،
وٺي نيٺ ويندو چني وَر وڳر جو.

۳- منهنجو ملڪ ملڪوت مُڪومون ڏي مولا- ڪيان ساهہ سوگها ڏيان ڏک ۾ ڏولا،
حڪم تيو هليس مان هن ئي ويل هينئر جو.

۴- پيو سيءَ سين ۾ چانيو سِرَسيانو- رنورت تي راٺين مٿان اپ تي ٿانو،
وڏائين ورهہ وچوڙو اَعجازؔا عُمر جو.

باب ٽيون

سورميون

نوري، چام، تماچي، سسئي

تلهه: سَما جام صُبح شام اَچ منهن جي اوتاري،
آهين پاڳ تون سُهاڳ نامِيس تُنهنجي نظاري.

١- پائي تاج سر سُکاج[1] ڪَر تون راڄ ڪينجهر تي،
مَنجهان جُود ڪَر آسُود[2] آڙيا آب احمر تي،
ناچيز هيءُ ڪَنيز اهوئي عَرض گذاري.

٢- عَيبن دار آئون نِڪار مُنهن جي ڪِرت سَڀ ڪوجهي،
آهيان آناڙءِ آواڙ اَصل کان ئي اَبوجهي،
آهڙي حال سان لَچپال پيِيس تُنهن جي پَناري.

٣- تُنهن جو عِشق عَطر مُشڪ مُنهن جي ڪانِ تيڙو،
حَجُ حُضور مَن مَسرور ڏسي توکي مُون ڪيڙو.
سَواءِ تو نه هِتي ڪو نه مُونکي پاري سَنياري.

٤- چئي اعجاز رکي راز ناتو نينهن نِيائج،
سَچڻ سائين تُون سَدائين مُنهن مُرڪي پَسائج،
مَحصول مَعاف ڪَر صاف صُورت آءُ سينگاري.

(١) سُکاج: فتحياب، سوڀارو (٢) آسود: سکيا

تلهه: تَماچي جي تَڪئي تڙ تي - حُسن جي هَاڪ هولي هُئي،
پَساري پرت وَاري جي - اُتي پَلپل پرولي هُئي.

۱- ڪَليون ۾ ڪَونر ڪِينجهر جا - قرار يا ڪُل پنهي ڪَنڌئين،
مُعتدِل(۱) مُشڪ موتئي جي - چَرُن ۾ چَاٽ چولي هُئي.

۲- اَمُلهه اَلماس(۲) آنواري - اِلاهي اوج آنند(۳) هُئا،
وائي وَر وَر وَصل وَاري - ٻُڌڻ ۾ ٻي نه ٻولي هُئي.

۳- نگاهون نين پُرڪَيفي - نظارا نَاز آرايون،
نِرالي نينهن نَاتي سان - نُوريءَ جي نُور جهولي هُئي.

۴- سَمي جي سَانگ سُلطاني - سَيئي سَر سَرفرازي(۴) ڪيا،
مَتا مِياڻين ۾ مئيخانا - مَنجهن مَئي مَدجي لولي هُئي.

۵- شَاهاڻي شَان شَوڪت سان - شِڪاري شُغل شَهسواريون،
عَجب اَعجاز مَڏمَڪڙا - عَجبِ اسرار ڏولي هُئي.

تلهه: تَنبو تَماچي جَام جا - اَچي کُتا آهن ڪِينجهر ڪِناري.

۱- نسنگ نظارا نين لڳي ويا - هَار سينگار دن رَين لڳي ويا،
ڏَورا هَليا مَئي جَام جا - وَڳا نَقارا وَصل جَا وَاري.

۲- ڇَاڻي سُڇاڻي ڇَار ڪَنيائين - عَيب ڏَارن جا آر ڪنيائين،
هَنئي مَلاحن هَام جا - پُوري سَمي ڪئي سَاري سَنياري.

۳- ڪَنيا تي اَڳ جَن ڪڪيءَ جا ڪارا - اَچن اُنهن مَان عَنبر اوٻارا،
گُل گُلزاريا تَنهن گَام جا - پير گُهمايا جَنهن ۾ پَاڪ پياري.

۴- صُورت سَيّد جي سِيني سَمائي - جَانب آسو جَاءِ ٻَجائي،
نَعرا هَنياسون تنهن جي نَام جا - پرت اَعجازا اُهوئي تو پَاري.

---

(۱) مُعتدل: دل کي وڻندڙ خوشبوءِ، نارمل (۲) الماس: هيرو چمڪندڙ
(۳) آنند: سُک، آرام (۴) سرفرازي: وڏي شان مان وارا

تلهه: آيو چَامر تَماچي آيو ڙِي- ڳَايو گِيت خُوشيءَ جا ڳَايو ڙِي.

١- صُورت سِيرت مَنجهه سَپن كان- چَامر سَمون آسوايو ڙِي.
٢- ڀَائي ليا كوپرت مَنجهارئون- پيار پَاڻ پَسايو ڙِي.
٣- سَهسين شُكرانا سائين جا- لَايو تيو آسَجايو ڙِي.
٤- كوجهيون كاريون ڪِينجهر وَاريون- كوني پيو سو كَنايو ڙِي.
٥- رَهيل بَاقي رَنگ هو جيكو- رَاءَ آچي سو رَچايو ڙِي.
٦- تي اعجاز مَعافي هِت هُت- پَئُو نه پيو كو ڀَانيو ڙِي.

تلهه: تَماچي چَامر جي آئي- لَٿيون تُوكون لَڳيون نَوكون[1]،
سَجايو سَير سَمي جو ٿيو- وَيون روكون وَسيون جَهوكون.

١- چَڙهي نُوري نظاري تي- پَسڻ وَاري پَساري تي،
نَچي نَوبت نَقاري تي- ظَاهر ذَوقئون شَاهي شَوقئون.

٢- هِيرن جَا هَار پَائن ٿِيون- لِڳين سِر كَند[2] لائِن ٿِيون،
مَهاٽيون ڏس مَلهائن ٿِيون- مِليون مَوكون[3] مَنڊل مَوكُون[4].

٣- حُسن لَاٽي هوري كوري- هَٽي رَمزون زوري زوري،
چِشم چَقمَق چوري چوري- ڏِين چوكُون پائن طَوقون[5].

٤- سَمي جي سَارِ تِي تَڙ تَڙ- هَكل هَر وَار تِي تَڙ تَڙ،
اَعجاز ا تَار تِي تَڙ تَڙ- پَكيون پوكُون سَايون سوكُون.

---

(١) نوكون: ميخون، تير جي ڇهنب (٢) سر كَند: سُرهي كاٺي
(٣) موكون: مباركون، واڌايون، نذرانو (٤) موكون: ڄجهو، گهڻو، چام
(٥) طوقون: ڦاهو، ڳٽ

ٿلهه: جَبل ڏي جڏيءَ کي - جَنن جو ڪو ڏسڙو،
وِيا ڪاهي ڪَرها - وَني ڪَهڙو گَسڙو.

۱- ڪَيان پَئي جَني ڪاڻ، پَنڌ ۾ ڪَشالا،
مِلــن مَن اُهــي مُون، اَڪـين جا اُجالا،
مَران پــوءِ اڳ ۾، ڪَريـــان مَن دَرَسڙو.

۲- جڏهن ڪان اَڪُر لَا تَقۡنُطُوۡا ٻُڌو مُون،
تَڏهن ڪان چِڏي وَڻ رکيو رُخ سِڏو مُون،
اَٿـم هاڻ پَڪَ تان، ڪَنــدا هُو تَرسِڙو.

۳- نَتي ماٺ ٿئي هِنَ، مُنيءَ بي سَمرِ ڪان،
وَجي ڏانهن نِڪريو، اهائي نِڌر ڳان،
بنا ڪَنهن سَبب جي، ٿِنائي وِيا رَسڙو.

۴- لِڳيءَ دل اَعجازا، روليون ڪَئين رِڻن ۾،
مُيــون وَرَڪي ووڙي، وِندرجي وَڻن ۾،
وِيـنيون ڪِينَ تيسين، پُڄن جيسين وَسڙو.

لَا تَقۡنُطُوا: منهنجي رحمت مان نا اميد نہ ٿيو

تلھ: ڪيچي آوھان تي نَاھي مَيار، ڪَانھي مَيار،
آھي مَني ڪَا قِسمت مُنھن جي.

١- ويتي ويتي پَاڻ تي وَڏا ڪَيم ويچار،
هُوند جاڳان ها جيڏيون، ڪانہ ٿيان ها ڏار.

٢- هُيس نياڳي ننڊ ۾، سُرت نہ پَيَرَم سار،
هَاٺي ڪَهڙي طَرح سان ڪَريان ڪيچين جي ڪُوار[1].

٣- مُنهنجي پَنيور ڪان بَس آ، ڏاران وَرَ پتار،
ڪَندي وِينديس ڪَيچ ڏي سَرَتيون هيءَ تَنوار.

٤- آهن اِهي اَعجاز چئي، اَمُرلڪئي جا پار،
هَاڙهي مَنجھہ هَجان پئي، پَائي هَنجُن جا هار.

تلھ: آهيان ذَات جَتن جي گَولي آديون- ڪَئي پال جَتيءَ ڪان مون ٻَولي آديون.

١- لڳو عشق آزل ڪان مَون گگهيرن جو- ڪَونهي ڏوھ اُنَن ۾ ڏَيرن جو،
هي ڪَم آ قدرتي قيرن جو- جِن رَوھن ۾ آٺي رولي آديون.

٢- سُنھن ساڪ سان آهي هي ڳالھ صَحي- مون کي ماڳ وٺن ٿا هاڻ نہ رهي،
وِينديس هِڪڙي جَتي ڪَيچن ڏانهن ڪَهي- گُهرجي ڪانہ مونکي هَمجَولي[2] آديون.

٣- سِڪ ساڻ ڪري ڏُونگر ڏوريندیس- وَجي وَرُتہ وندر ۾ وُوڙيندیس،
جِندجان جُهري تان جَهوريندیس- مَرُتئي ليڙون لڪن ۾ چولي آديون.

٤- مَنُ مُون تہ مُنيءَ جو نرندو تَڏهن- آري جام اَڳن تي اِيندو جَڏهن،
اِهو ڏينهن اَعجازا ٿيندو ڪَڏهن- ڪَنديس هوتن سان گَڏ هَولي آديون.

---

(١) ڪوار: شڪايت، گلا (٢) همجولي: هڪ جيڏي

ٿلهه: ڪَئي ڪانهه ڪَيڇين وَري ڪَا وَرڻ جي- هَٽي جڙ هَليا ويا مُنيءَ ڪي مرڻ جي.

١- پُچان تي لُچان تي جَلان تي جَنن لاءِ- آديون آئون آيس اَترِبَن[1] ۾ اُن لاءِ، وِيَم سُرت تڏهين صبر سڪ ڪرڻ جي.

٢- ڏِينهڻُون ڏينهن ڏُک نئون ڏِنو مُون ڏونگر ۾- آهيان هاڙهي ڪاڙهيءَ هاڃي حَشر ۾، لڳِي ڪَانڌ ڪارڻ ڳَاروٽي[2] ڳَرڻ جي.

٣- وَاجهايان پٽي وَاتون نِهاريان پٽي نِرمل- پَوي مَن نَظر تي پنهون پاڪ پِرمل، ڪَريان پيٽ اُن دم پِيرين سِر ڏَرڻ جي.

٤- ٿَڪيس ڏوري ٿَر بر ونـدر جا هي وَر وَر- اَچي مل اَعجاز ڪي هَاٿي هوت رَهبر، هِمت ڏينم هَادي قدم دَم پَرڻ جي.

ٿلهه: ڏُونگر ڏورڻ ڏِينم- ونڊر وَوڙڻ ڏِينم- جِيجل جَهل پَل ڪِيم جَڏيءَ ڪي.

١- هَوت پُنهل تان گَهڙِي گَهڙِيءَ ۾- گَهر سر گُهورڻ ڏِينم.

١- جَانب ڪارڻ هن تہ جَبل ۾- جِيئڙو جَهورڻ ڏِينم.

٣- قُرب اِنهيءَ ۾ ڪَنڌ ڪلهن تان- ڪَپڻ ڪَورڻ ڏِينم.

٤- آريءَ سان اَعجاز عَليؑ چئي- آندر آورڻ ڏِينم.

---

(١) اتربن: ڏکن ڏولائن ۾ (٢) ڳاروٽي: جهڄڻ، سڙڻ

تـلـھ: ياد پَوي تـو ھَر ھَر مُونکـي- پَل پَل پَنھنجو آري جام،
سِک سَڄڻ جي کَيو سَودائي- سُک ڦِٽو ٿي ننڊ حَرام.

١- آلـف آدي جو اُٺ اُٺــاري- ٻي تـہ ڪَري ويـا ڀِيـنـگ پَنـيـون،
تي تـہ تَکڙ مان توڙا ڇِکيائون- ٿي تـہ صَفا ٿي مُون کان زون،
جِيم جَنن جي جاڙ ٿي مَاري- حي تـہ کَنديس مـان حَشر حَشام.

٢- خي تـہ خُونـي خَفــقــان لڳي وِيــو- دَال دِلاور دُوسـت ڪَاڻ،
ذَال ذَري ذَري نــام آريء جو- ري نـہ وَڃِ ٻـي رِيـجھــرِ رھــاڻ،
زي تـہ آھيان مـان ظَاھر تَنھنجي- سِين کيـو دِل جَنھن کي سَلام.

٣- شِين شُکـر کَيـم صـاد سَين کـان- ضـاد آ مـنـھنجو زور ضَمـان،
طي سـان طالب ٿي جا حَق جي- ظَي نـہ ذَرو ٿِئي تَنھنجو زِيان،
عَين عَلـيؑ آھـي عَاصـين اوڏو- غَين لاھــيــنـدو غم غَمـــام.

٤- فَي تـہ ڦَٽيء کي فَرحت اِينـدي- قـاف قِيـامـت ٿائين کـانـہ،
کـاف کَنديس پَٺي تيـسين کَشالا- لاَم لـکـن ۾ لـوئـي جَان،
مِيـم تـہ مِلـنـدم مُحــرم مَن جو- نُون نِجو ٿـي صُبـح شَام.

٥- وَاوُ وَريـا ڇَڻ وَاء وِصــالـي- ھـي نـہ ھـاٿـي دِل ھِيـٺـي ٻول،
لاَم لَڳل آ جنـھــن جي لَوري- آلـــف اَعجاز اِيـنـدو سـو ڍول،
يـي تـہ يـقـيـنـًا يـاقي ٿِيـنـدو- يَار پـريـن سـو مُحـب مُدام.

خفقان: خفو ءاڻ تڻ

تلهه: مُنهنجو نيڻهن نه ڳوڙهي پير- ترسي ڪيرڙي،
پيئنر شهر پنيور ۾.

١- آرڏو عِشق ڪيچن جو- ڏان ڏان ڪري دليـر.

٢- مون لئه لکيئون ميثاق ڪان- هاڙهي جو سفر سير.

٣- سِڪ جي آڏو آ لحظو لمحو- سارو سخت سُمير(١).

۴- ياد پيم ڪو يار پنهل جو- من موهيندڙ پير.

۵- آن سُونهن سان اعجاز چئي- حامي آ حيدر شير.

تلهه: هيئي ء جو ناهي حال- ٻاجهه ڪجان ڪا يار ٻاروچا.

١- ڏونگر ڏوريان ڏوريو نا ٿئي- آوڪو آ پنڌ ڪشال.

٢- ڪُوڙ ڪمايو ڪُوڙ پئي ڪاوان- آهڙو آتم افعالُ.

٣- اُپٽين(٢) متان مُنهنجا عيب اڳلا- سڀ ڏينهن توڪي آسوالُ.

۴- جهڙي تهڙي حال سان- پرتيس توڪي لڄپال.

۵- آهين اعجاز جو تون ئي سهارو- لاهه هجر جو ڪال.

(١) سُمير: جبل (٢) اپٽين : کولين

تلہ: هَوت پُنهل آچ هاڻ، ڪَر ڪَارِهاڻ - رِڻ ۾ رُلِيءِ سان بَر ۾ پُلِيءِ سان.

١- ڪَاف ڪِشالا ڏُک ڏولاوا - سِر ڪَيم تو ڪَاڻ.
٢- آوڳي آجاڻي آئون آهيان - ڪَانهيم ڄَاڻ پَڇاڻ.
٣- وِندر وَوڙيندي ڏُونگر ڏوريندي - آيم تُنهنجي اولاڻ.
٤- عِجز ساڻ اَعجاز عليءَ چئي - آوري اُتڙا آڻ.

تلہ: هِڪ ڪَئي ڄَنن جاڙ او جَبلڙا - پِيو تَو نہ ڪَيڙو تَرس مُون مُنيءِ تي.

١- ڏَاڍا ڏَير هُئا جَهل نہ ڪَنهنجي جَهليا،
ڇَڏي ڇَوري ڪَري ڇِني ساڻ هليا،
آئون ڏِيان چاڪي اوهاڙ آو جَبلڙا.

٢- سَهسين ڪَيم سَڏڙا وِيا سي نَٽا وَرن،
اِنهي سَبب ڪان نِت پيا چاڪ چِڪن،
رَويو ڪَريان رِيهاڙ آو جَبلڙا.

٣- مُنهن جا مِٺا تي مُون سان مِنڙيون پوليون پولي،
چَلي ويا ڇَورن جِيئن لائي چِٽنگ چولي،
دُکي تِيا پوءِ دُونهاڙ آو جَبلڙا.

٤- هَٿندي هَاڻ نہ هَڏهِتئون جَڏي هيءِ،
اَڳي پوءِ اَعجاز چَئي مَنهنجي آريءِ رِيءِ،
نَاهي پُٽ ڪاپاڙ آو جَبلڙا،
پِيو تَو نہ ڪَيڙو تَرس مُون مُنيءِ تي.

اوهاڙ: وڙول ڳولاَ

تلھ: ساري چَو نہ سَڄڻ کي - مُئين ۽ تون مُئي،
جِيئري آھين آڄان - نَاھين قُرب کُٺي.

۱- کَر ترک سَندو گهر ترَ ڙي تَني - ڳَنڊ ھوت پُنھل ۾ پوءِ پَتي،
بَڌي سَندرو ثابوتي تي تُون سَتي - ڏي نہ ياڳ پَنهنجي کي پاڻ پُني.

۲- تَوتي فَرض آھي ھَڻ نَعرو حَقي - نسري تِي ۽ نسنگ، دَعويٰ کَر نہ لکي،
کَچي کَانہ ھَلي رک پُرت پَکي - سَچي آھي اُھا جا وَئي اَمُروني.

۳- ھُو پاري نہ پاري تُون پَار اُتي - ھُو ساري نہ سَاري تُون سَار اُتي،
ڇَڏ آڏ وَڏائي، پِيائي بار اتي - وَعدو کِيمَ وِسار اُتئي صَلاح سُني.

۴- ڇَو تِي پُنتي پَوين تون کُسکي کَنبي - سِر سوري ۽ لاءِ کَر تيار تنبي،
جِن ناتو نيايو نَچي ۽ پَنبي - تَن تي مِھر مَولئٰ جي اَعجاز اَني.

تلھ: سِر جو سَانگو لاَھ - کَيچ ڏي ڪَاھ،
سَاھ مِتو نَا کَر سَسئي.

۱- وَيلا وَيساھِيون کَر نہ وِچ تي - وِک کي اَگهتي وَاھ،
سَاھ مِتو نَا کَر سَسئي.

۲- سَاٿ ڏَٿي سَرخيل جي - صُورت سَاڻ سَنباھ،
سَاھ مِتو نَا کَر سَسئي.

۳- تُنهنجي بَاب پَنيور ۾ - بَاري بَلوچن بَاھ،
سَاھ مِتو نَا کَر سَسئي.

۴- آرِي ۽ رِي ۽ اَعجاز چئي - آسرو کَنهنجو نہ چَاھ،
سَاھ مِتو نَا کَر سَسئي.

سرخيل: اڳواڻ، رھبر

ٿلهہ: وَسُ هَليو ڪَونہ وَسُ آلا- پَيرين آئون نہ پڳيس آلا،
وِيندڙ مونکان وِيندي رَهيا.

۱- ڪَرها هن تہ ڪَنيز ڪان- لَڪ لَنگهي وِيا لَس آلا،
هَوت پُنهل مُنهنجو نِيندي رَهيا.

۲- حَال مُنهنجي هن هيٺي تي- تِل نہ ڪيائون تَرس آلا،
ڏُک تہ ڏُکيءَ کي ڏِيندي رَهيا.

۳- جَانب چِناڻونم چِيڙي- جَتن کي هُجي جَس آلا،
ڇَوري ڇَپر ۾ ڇَڏيندي رَهيا.

۴- سُڏڪا پري سَرواڻن کي- سَڏڙا ڪيم سَرس آلا،
مُنهڙو مُونکان مَٽيندي رَهيا.

۵- رُلي رَوهن وِچ ۾- رُڪندي رَوز رَهيس آلا،
ڏَکر آنڌيون اِيندي رَهيا.

۶- آريءَ جو تہ اعجاز چئي- وَڻ تَڻ ڏيندم ڏَس آلا،
آٿت اُهيئي ڏِيندي رَهيا.

تلهه: هيئن نہ هُيس آئون آڳ ڙي آديون- هاٿي ڪيس هَمڙي نينهن نهوڙي آلا.

١- هن تہ اپالڙي حال مُنهنجي تي- چٽرون ڪري پَلي جڳ ڙي آديون،
هوش وِچايـم ورهہ وِچوڙي آلا.

٢- دوست ڪارڻ تيس ديواني- وَني دائم وينيس دڳ ڙي آديون،
لڳ لاڳاپا پِيا سَپ لوڙهي آلا.

٣- پَڪ جاڻو آوهين پاڙي واريون- پُنتي نہ پائينديس پڳ[1] ڙي آديون،
پِرت پارينديس پاڻ پتوڙي آلا.

۴- اتم اُميدون شاهہ اعجازا- واري اِيندِيس وڳ ڙي آديون،
وَر وَراڪا وِندر جا وَوڙي آلا.

تلهه: هوت پرين هڪ واري، ڏي دِلداري، باروچا بانهيءَ کي.

١- آهي تُنهن جي آسري، ويٺي هِتي ويچاري.

٢- ڪُونهي ڪميني جو ٻيو، تُوري تڪيو تاري.

٣- ڏيئي ڏيکاري لاهہ ڏکيءَ تان، آهنجڻ جي آنڌاري.

۴- پَنهن جي پَسائيي جا پاٿي پِيارا، سا صُورت مُون نہ وِساري.

۵- اتم آجان تائين ياد تُنهن جي، جَهنڊي جِي جهلڪاري.

٦- بخش خطائون بدڪار کي، تو دَر توبهہ زاري.

٧- سَيّد سائين صاحب سُنت جا- سَچڻ ڪر سرداري.

٨- بيراهي لاءِ بَهلول[2] چوي- موٽ مِنا مهنداري.

(١) پَڳ: پير (٢) بَهلول: سائين اعجاز جو ٻيو تخلص

تلھ: ڪِيڏھن تُنھن جو پَنڌ- ڪِيڏھن ڏَس ڳَس ڪَيچ جو.

۱- سَپ ڪي ڄاڻئي غير پُنھونءَ جو- اِئين تہ وِڃايئي پير پُنھونءَ جو، ڏار نہ ايڏو آنڌ.

۲- جِيڏھن مُنھن ۾ مُھاڙ نہ تُنھنجي- طَلب تَلاش ۾ تاڙ نہ تُنھنجي، وَوڙ وَڃي وري سو ھَنڌ.

۳- واٽ وڃائي ڪُواٽ ساڻ وڃ تون- مام مُنھن جي ھيءَ مَن ساڻ مَڃ تون، صُورت اڳيان ناءِ ڪَنڌ.

۴- تُبصر واري رَمز سَچي ٿِئي- ڳُل ٻي آعجاز چئي ڪَمت ڪچي ٿِئي، قولھ سَندو سَنڌ سَنڌ.

تلھ: ڪا تہ آئم ڙِي ڪاڻ، سُھمان سَھان تي ھَوت پُنھونءَ لاءِ.

۱- وَرڻ وَاري وَيل ڄا ويئي- پُنتي وَران ڇو ھاڻ،
ڪَھيو ڪَھان تي ھَوت پُنھونءَ لاءِ.

۲- ھيڏن وَيرين وِچ ۾- پَرور جي پَھري ساڻ،
جيئري رَھان تي ھَوت پُنھونءَ لاءِ.

۳- حَال سَودائي ڄاءِ نہ جِيئڙو- پَلپل پاٺي پاڻ،
ڍَھان نھان تي ھَوت پُنھونءَ لاءِ.

۴- مَان لَڳي ڪو لياڪڙو- پَسان سِر سَرواڻ،
پُور پَھان تي ھَوت پُنھونءَ لاءِ.

۵- آلله سائين آعجاز چئي- آرياڻيءَ ڪي آڻ،
چِرڪ لَھان تي ھَوت پُنھونءَ لاءِ.

تـلـه: ڪُني هِيءَ جا ڪيچين - مُني ڪيئن ڪَري ڙي،
نَڪـا تـي جِيـئـي سـا - نَڪـا تِي مَري ڙي.

١- آديـون آڏ ڪُنـل جو - آهـڙو حـال آهـي،
سُڪـن جو سَڙيءَ وَٽ - قَحـطُ ڪـال آهـي،
رُڳو سُور سَختيون - ڇَريو پَئي ڇَري ڙي.

٢- وَهـائي وِلـهيءَ تـي - اِهـا سِيـر تَقـديـر،
اَبوجهي اوڳيءَ جي - هَلـي ڪـانـہ تَدبيـر،
آئـي عِشـق ظَالـم - جي آوَر اَري ڙي.

٣- اُداسـڻ سَوَدائـڻ - وِيـراڳڻ ويـچاري،
رَوئـي زار و زَاري - آيـس بـار بـاري،
بِنـان هوت هـائـي - ڪَهڙي پَر پَري ڙي.

٤- حِمايت عَلي ؑ جي - ٽِڪيءَ سان ٽِيندي،
وَري وَر وَرائـي - پُلـي پـاڻ ايـنـدي،
اَعجازا آسـائـتـڻ - ائـين نَا وَري ڙي.

تلهه: ڪيچين وَڃي ڪيچ وَسايو- آئون ڪاڙهن ۾ پئي ڪڙهان،
سَنجهي ساَجهر مُون نہ سَنڀاريو- هاڻ سڙيو ٿي سڙان.

١- ڪَڪرا ڪَوسا تَڪر تامون- لُڪون جهولا لَڳن سامهون،
مِرون هاڙهي جا ڪن هَاڳامون- ڪيڏهن رِڙهي رِڙهان.

٢- جَبل اُوچا پَنڌ اَٿائو- سائين ڪَري شَل سَٺائو،
ڏَير ڏيئي ويا ڏُک ڏولائو- هَٿئون پَنهنجي هڙان.

٣- جَهوري اِنهي ڪَيم جُهور- وِرهه هَٿي سي وِيا وَهلور،
چَلڻ ڪان آئون ٿِيڙس چُور- ڪِيئن چاڙهيڪين چڙهان.

٤- آئون تہ اَعجازا آهون پَريو- مَريو وَڃان ٿِي گَهڄ ڳَريو،
ياد ڪَوهيارَل ڪَيچي ڪَريو- رَندن مَٿي پَئي رڙان.

تلهه: آءُ آرياڻي اوري- سگهان نہ ڏوري- توريءِ ڏُونگر پَٿيون.

١- جَهولن جهانڪن جَل جَبل جي- جِيءِ جِگر وِڌو جهوري.

٢- پاڻ سُڃاڻج پَنهنجو پيارل- پَنهنجي پَلائي تَوري.

٣- مُون تہ نِنڊر ڪان پَنڌ نہ نِبري- تَوڙي هَليس سِر گهوري.

٤- آهون ڏانهون هي تہ ڪَرايم- بارِ برهہ جي ڳوري.

٥- آندم اَعجازا هاڙهي حَب ۾- ظُلم جَنن جي زوري.

تلهه: ٻاروچل لَئي ٻاڻ- ڪَشي ڪان ڪَماڻ- مَاري مُونکي هَليو، ڏيد ڏُنالي ساڻ.

۱- ٻَائي ڪَجل ڏارَ مَوهيو مِنڙي يار- هَٽي تير هَزار، ڇُليو⁽¹⁾ ڪَري نه ڇَاڻ.

۲- هِيٺا ٿِيڙم حال، ڏاڍا ڪَيم ڪَشال- مِلي هوت مُون سَال، آئُم تَنهن جو اولاڻ.

۳- ڏُسڪان ڏُونگر ڏوريان، ڇنڊڙي پَنهنجي جهوريان- گهوريو سِرڙو گهوريان، ٻَوي مَن پِرياڻ⁽²⁾.

۴- هَردم ٿي هَيهات، صَبر ناهي سانت- وِرهه وائي وَات، ڪَيچئيڙن جي ڪاڻ.

۵- اڪين سان اعجاز ڏِسان مَحرم رازَ- ساڳيا اُنڙا ساز سَرخيل⁽³⁾ سَرواڻ.

(۱) ڇليو: هليو

(۲) پرياڻ: خيال، يادگيرو، قياس، رحم

(۳) سرخيل: اڳواڻ، رهبر

ٿلهه: دِل تان ڪانڌ ڪَوهيارو نَہ لاهيندِيس،
تَنهن سان نَاتو نينهن نِڀاهيندِيس،

١- صُورت هَوت پُنهل جي سان ڪَري،
وِينديس ترڪ پَنيور جا پاڻ ڪَري،
پٿون پَهڻن سان پَنهنجو پاڻ ڪَري،
ڦُربئون ڪيچ وَٽن ڏي ڪاهينديس.

٢- مُون سان سَرتي ساهيڙي ڪا هَلي نہ هَلي،
هَلي تَنهي جَبل ۾ ڪا جَلي نہ جَلي،
پَنهنجا سانگا سَيئي ڪا پَلي نہ پَلي،
آئون تہ لُڙڪ لَڪن ۾ وَاهينديس.

٣- ڏِني ڪانہ ڪَنهين، مُونسان جا تي آديون،
چاٽي سائين رَبّ، سِر جو ساٿي آديون،
تَہ بہ ڏاگهن ڏيرن ڪَريان دُعا تِي آديون،
تَن سَان سِينو نہ ڪَڏهين ساهينديس.

٤- ڪَندو ڪَرم ڪُوهيارو ڪيچ ڏٿي،
هِن چَوري چِني ڏي نين ڪٿي،
تِيندو ساٿي اعجاز آهيان هِڪڙي چٽي،
تَنهنڪي رُوح اڪين ۾ راهينديس.

تلهه: وَوڙي وَوڙي تڪيس وَڻ واهڻ- او وَري آ ٻاروچل وَري آ ڙي يار.

۱- هَلڻ چَلڻ ڳان چُورجو تيڙيس، مُنهنجا پير ڇنا پَب پاهڻ،
ڪَري تورو ٻَلا تُون سِري آ ڙي يار.

۲- مُون ڪان هَوت پُنهل جي مَحبت ۾، وِيو وِسري آرٿ ۽ آتڻ،
تَڏهن لوڪ چَوي پِيو هيءَ چَري آ ڙي يار.

۳- ڏِنم نہ وِيندي ڏيرن ڪي، نَہ تہ ڪَرها نہ ڏِيان هاڪا هڻ،
اِها نِند آڏو مُون ڪي ڦِري آ ڙي يار.

۴- آريءَ ساڻ اَعجاز چوي، مُون تہ ڇَڏي ڏِنو آ سينو ساهڻ،
دِل ڏاڍو تَوَڏ[1] ڪان ڏَري آ ڙي يار.

تلهه: مُونکي رُئاڙي رَتُ آلا- ڪَرها ڪيچن ڪاهيا.

۱- ايڏي سِٺاڻي سَفر جو، مُونکي نہ پِيو ڪو آتُ آلا- ڪَرها ڪيچين ڪاهيا.

۲- نَڪي ڏِنائون مَوت مُون- نَڪي ڏِنائون مُهت آلا- ڪَرها ڪيچين ڪاهيا.

۳- سَرواڻن جي سُور جو- دِل ۾ سَمايو دَرخت آلا- ڪَرها ڪيچين ڪاهيا.

۴- جَشن مَلهايان جيڏيون- جِيئري مِليم جي جَت آلا- ڪَرها ڪيچين ڪاهيا.

۵- اِيندو آرياڻي اَعجاز چئي- ڪَري ڏُکيءَ تي ڏَت[2] آلا- ڪَرها ڪيچين ڪاهيا.

(۱) تَوڏُ: هَٺ، وڏائي (۲) ڏَتُ: مهرباني

تلهه: هوت پنهل توري ۽، ڪنهن سان ڪنديس آئون روح رهاڻيون.

١- مون سان لائي دل ۾ ديدون، ڪيچ وڃي ڪيون توجي عيدون،
ڪيئن گذاريندي هي ۽، اکيون ڪٽي هِت کُهليون[1] ڪاٽيون[2].

٢- حال ڏسي تون پال ڪرين ها، وانديءِ ولهي ۽ ڏي وَهلو ورين ها،
پُرس پريمي پِي ۽، پرت ڪيون تنهنجي مون سان پچاٽيون.

٣- لَڪ آويڙا واءُ ۾ واري، بار بِرهه جا بَرسِر ٻاري،
جُهد ڪيا جڏي جِي ۽، تُنهن جون سنياري قرب ڪهاٽيون.

٤- سُڻ ڪيچي ڪامل منهنجون پُڪارون، موڙ اعجاز چئي مَين مُهارون،
هي ۽ ڏوهڻ سمجهي ڏي ۽، ڪر نه اکئين وڃي ڪيچ ڪيچاٽيون.

(١) کهليون: اداسيل، ٿڪلون (٢) ڪاٽيون: سڙيلون

تلهه: سَرتيون آوهين ڏيو ڏس مُونکي، آئون ڪِيئن رِيجهايان پنهنجي يار کي.

۱- ڪانڌ ڏنيون کي مُون ۾ ڪچايون، جيڪس ڪَري ويو تنهن جُدايون،
جهوري اِنهي ۾ پيوجِيءُ جُکي، مَن بَخشي بَديون مُون بَدڪار کي.

۲- پِريـن پَرچائـڻ لاءِ پَهـــ پَچايم، هَزاريـن حيـلا هُنـر هَلايم،
ڏُک ڏُهاڳ ۾ پيـو ڏيل ڏُکـي، تَنـو سَچو سُٽـي هِن سَڏ تَنـوار کي.

۳- يار ڪَري ويـنيس آئون جي رُسـٽو، تَنهن اڳيان پيم هَر هَر ڪُسـٽو،
دَردِ اهوئـي پيـو دِل ۾ دُکي، وِيو وِره وَکوڙي مُنهنجي وَار وَار کي.

۴- عَـبَـسَ [1] وَتَـوَلّٰـى پَر آ عـجيبن، کـيـر اَعجازا چَوي قَريـبن،
رَت رُنّا ڙيم رُخ رُکي، کُجهه چئي نه سگهان آئون سامهون پُتار کي.

(۱) عَبَسَ وَتَـوَلّٰـى: اجايو منهن گهنجائڻ، منهن ۾ گهنڊ وجهڻ

تلھ: خَبرون کاھڙ جُون، ڪانگل مُون سان ڪَر،
ڪَڏھن ايندم مارو، ڪَڏھن نيندم ٿَر.

۱- ڪِٿي مارو مال، ڪِٿي پکڙا پال، ڪِٿي جالين جال، ڪِٿي ڦيرين ڦَرَ.

۲- آھيان آئون اُداسڻ، پَلر جي پياسڻ، ڪَيس بَند بيراڳڻ، پَھچان ڪَھڙي پَر.

۳- سَرتيون سَڀ سَڳر(۱) ۾، وِھسن پنھنجي وڳر ۾، مارو خُوش موھر(۲) ۾، آئون قَيد اَندر.

۴- ساريو نيڻ سِڪن، جھاتيون پَايو جِھڄَن، رَاتو ڏينھن رَهن، طَلب اِنھي ۾ تَر.

۵- اَعجازَا آوساريان، اَندر کي اُجاريان، وَڃن ڪين وِساريان، پَسي زِيور زَر.

تلھ: سَانگي لَڏي وِيا ڪَنھن سانگ ڙي- مُونکي ماري مارن جي تانگھ ڙي.

۱- قَيد قَضا جو بَند قَرارو- ڇَوڻ ڇَلڻ جو ناهي چارو،
ڦَاٽيس هَنڌ آٽانگ ڙي.

۲- سِڪي گُذاريم ھيءِ مُند ساري- ڪَنھن نہ آندي ڪا دِلداري،
ڪيئي اُڏايم ڪَانگ ڙي.

۳- سَون مُھرون هِيرا جَواھر- زمرد زَريون زَربَفت زِيور،
سَڀ يانيان تِي نانگ ڙي.

۴- مَاري آھيان هِن ماري- اَعجاز اَباڻي آسري،
مُون نہ سِينگاري مَانگ(۳) ڙي.

(۱) سَڳر: راھ گس، ولر (۲) موھر: ٿر، ملڪ، وطن (۳) مانگ: سينڌ

ٿلهه: ڪين وَريا وِلهار ڏاڍا ڏينهڙا وڌائون،
ڏينهڙا وِڌائون، ڳل نه لڳائون.

١- جيڪس عُمر سان صَلاحي ٿيڙا، مُنهنجا سانگي سَنگهار،
ڳاري ساهه ڳڌائون، ڳل نه لڳائون.

٢- ڏيئي ٻاپيسون ٻاروتڻ ڪان، پَرنيئون سان پَنهوار،
پيڙو ٻانهن ٻڌائون، ڳل نه لڳائون.

٣- مُون ڏي مَياروُن مَارن مُڪيون، مُنهنجي ٻه آهي مَيار،
مُون سان رُوح نه رُڌائون، ڳل نه لڳائون.

٤- اٿم اعجازؔ جَهوري جَهانگين، ايندا ڪهڙي وار،
مُنهنجون سُٽي صَدائون، ڳل نه لڳائون.

ٿلهه: مِينهن وَٺا هُت مَوڪ، مُلڪ مَارن جو ماڪي ماڪي.

١- آئون اُهو ڪيئن مُلڪ وِساريان، نيئر لوڏي ٿنهنڪي اُجاريان،
جِيءُ سان اُهي جر جَهوڪ، سَاريو سَاريان ساڪي ساڪي.

٢- پَٽ پَٽيهر هي ته وَبالي، لَبر لِيڙون هُولَڄ پالي،
لَس اُتي جا لوڪ، لويون اوڍين ٿا لاڪي لاڪي.

٣- هينئڙا پيار ۾ هيڪ اُنهن جا- چيلا چَرن چُڙ چَيڪ اُنهن جا،
رَند نڪا ٻي روڪ، رَب اُٿن بَس رَاڪي رَاڪي.

٤- سُرها سَاوا پَٽ ۾ پونا، مَڪ مانڌاٽا مُگ ۾ مونا،
ٿر جا عَجب سَپ ٿوڪ، ڳالهه سچي مُون آڪي آڪي.

٥- اعجازؔ چئي آئون آهيان ٿَن جي، رِيت رَسم هيءَ آهي جَن جي،
گگهريون گهڙا سِر ٻوڪ، مِٽيون پُڪارون ٻاڪي ٻاڪي.

ٻوڪ: چمڙي جي سانداري

تلهه: آئُم تانگهه تَن ۾ آباڻي وَطن جي- وِساريان نہ وِسري ٻَهاري پِٽن جي.

۱- ڪَڙهيو ڪَوٽ هِن ۾ هَنجهون رَوز هاريان- سِڪيو روز سُڏڪيو سَنگهارن ڪي ساريان،
سَندم ساهہ هُت آ، هِتي مُٺ هَڏن جي.

۲- هِيُون ڪِين پر پِيي پَسي هندُ هندورا- نَہ پاتم نہ پَايان جُهومڪ هار جورا،
نہ خُوشبوءِ وَٽي تَنهن جي مُشڪِ خَتن جِي.

۳- عُمر آئون ڇا ڇاٽان مَنجهان انب انجيرن- پُسي ڪاچ مُنهنجو پيئڻ ڪي پَنيرن،
پِياسڻ آهيان بَس، پُلر پس پَڪن جي.

۴- مکڻ تيل سُرها، آڇا عام آوڏڻ، ڪَنين سَونُ سنگهرون، هتين سِيم[1] و ڪَنگڻ،
اِها پَرِ ڏنيم هِت، آچي مَرد و زَن جي.

۵- ظُلم جي زَنجيرن زَهر زندگي ڪئي- صَبر سَانت[2] نَاهي مَران بَند ۾ پئي،
حَقيقت اِها آ هجر جي حُزن[3] جي.

۶- هُتي وَرُ ڇَڏي هِت، وهان سيج تي ڪِيئن- مَتيان سيڻ پَنهنجا کُوڙي هيج تي ڪِيئن،
لَِني تئي نہ مُون کان، ائين لَڄ لکن جي.

۷- ڪَري غور حاڪم سَندو ڪَن قدم تُون- حرص ۽ هَوَس ۾ پئي هَڻ نہ دَمُ تُون،
سدائين نہ هُوندي ڪا سَاري سگهن جي.

۸- مُندائتا وَسڻ مينهَن هُت موتي آيا- ڪاهڙ پَاسي ڪنوٽين ڪِڙي ڪيل لايا،
اُتي بُوند تَر بَر، مَٿي رُوءِ بَن جي.

۹- مِلان مانَ مارُن وَجي بَا امانت- پَسان شال پَنهن جي سگهر ڪي سَلامت،
نَرن نين ٻَئي پوءِ، لَهي مُونجهہ مَن جي.

۱۰- اچي پوءِ اَعجازَ الله آ آڙيءَ جو- سَتر سِيل ثَابُت سو رَکندو سَڙيءَ جو،
مُلڪ مَوتي ڏَنديس، مَٿي مَرُ بَدن جي.

(۱) سيم: چاندي (۲) سانت: صبر، ماٺ (۳) حُزن: ڏک، غم، ڳڻتي

ٿلهه: پَلي وَس ٿُون بادل ويڙهيچن جي ويڙهي،
مَڌمر ساز سَرگم، طَبل تان ڇيڙي.

۱- ڇيڙي سُر سُريلا- لائي رَس رَسيلا،
ڪَجان بَرسي بيحد- وسڻ سان ڇيلا،
ڏِجان حَال مُنهنجو- مِڙئي مَارو ميڙي.

۲- پَلر پاڪ پَلتي- پياسَن پِيارج،
وَسي جُوءِ جِهانگين جي- ساري سينگارج،
سانگي سانگِي مَن ڪَنهن- آچي ٿِين نيڙي.

۳- بَنديائي جو بَندِ- بلو ناهه پِيو ڪو،
نَڪي ڪانگ قاصد- نَہ هَڏ ڏوڪي ٿِيو ڪو،
نَڪي مَارو آيا- روڪيا رَاز ڪَهڙي.

۴- مُنهنجا نج سَنيها- مُنهن جي وَرو ڳر ڪي،
اُتان ڪا اَعجاز چئي- آئي خُوش خَبر ڏي.
مُنهنجو جِيءُ عُمر جي- جَهوريو ڇهٽڪ جهيڙي.

ٿلهه: پرهه آيم پانڌيئڙو- پَنهوارن جي پارجو،
سَاري ڏئين سَنيهڙو- سانگي چام سَنگهارجو.

۱- ڇپائين آس نہ لاهجان- نيئَرن ۾ ننهن نباهجان،
چَندن مُشڪ نہ چاهجان- رکجان پَرم اقرار جو.

۲- عُمر ڏُک ڪَٿين ڏيندڻي- پيڙي هَڏ پِيڙيندڻي،
اُٿئي ويني آچيندئي- سَامان هار سينگار جو.

۳- مينهَن لَايو هُت لَقاء- پپون پَڪا پيرون پَڪا،
ڪِين آچيم هِت ٽڪاء- پيغام مليم پيار جو.

۴- قاصد پَانڌي آونيءِ تان- سرگهوريان تنهن ڳوٺيءِ تان،
لَهي حَرَف مَن لُوڻيءِ تَان- اَعجاز چئي ميار جو.

لوڻيءِ: ناقص، عيبدار، سڙيل

تلهه: مَنهَن مَڏ مَارن جا چَنا مُون نه وِسرن،
پَکيون پوکون آپون ڳَنا مُون نه وِسرن.

١- ڪَريان ڳَالهيون ڪَهڙيون، عُمر آئون ٿَر جُون،
عَجب شَاديون آهن، عَجب لائون ٿَر جون.
اُتي جون وَنيون ۽ وَنا مُون نه وِسرن.

٢- مُنهنجا مَارو آهن، حَقِي حال وارا،
چڱي چال گهورا، خَاصي خِيال وَارا،
اُنهن جَيڪي پَاڙهيم پَنان مُون نه وِسرن.

٣- وِهان ڪِيئن وِساري، وِلوڙڻ جُون ويرُون،
ٻبريَاٽ پِيريون، پَڪا پاڪ پَيرون،
اُهي مال چَرها، چِنا مُون نه وِسرن.

٤- سَڙي آئون اَعجازا، سُجاڻپ ڪان وِيڙس،
قَفس قَيد آهِڙي، ڪاڙهي ڪاري ڪَيڙس،
عُمر ڏاڍا ڏُک تو، ڏِنا مُون نه وِسرن.

تلھ: پَلي ڪِنوٽيون ڪِنوَن - پَلي بُوندون وَسن،
مُنھنجا ماروِ ٿيندا تہ بَھاريءِ ۾.

١- اُڪئين ڪَڪرِ ڏسن ڪَنين گوڙيون ٻُڌن
جيئو جَھانگي پَون مِڙيو سَانگ وِڃن،
هڪ پِئي کي واڌايون ڏا وَسَ جون ڏين،
آڏيو پڪڙا ويھن ٿَڏڙي واريءِ ۾.

٢- رَب ڪَرم ڪَيُن وَٺو ديس سَندن،
چِڙا چَنگ وَڄن مَٿي تار ٽڙن،
سَرسبز پَٽن چيلا چيڪ چَرن،
لَڳي عِيدوِيَن وَسڪاريءِ ۾.

٣- مُنھنجو مَارن لاءِ آهي مَاندو مَن،
هُو ياد نہ ڪَن مُونکي يَاد آهن،
وڃان ويڙهہ وَطن وَٺان وَاس وَلين،
هَردم آهيان انھي تَات تَاريءِ ۾.

٤- گَڏ ڪَائِن پِيَن گَڏ اُٿن ويھن،
گَڏ گُھمن ڦِرن گَڏ کِلن ڪُڏن،
اِها ريت اعجازؔ آهي سَنديِن،
حَسد هُوڏ نہ ڪن عُمر ساريءِ ۾.

ٿلهه: ٻوليون ٻاٻاڻن جون- ٻُڌان هاٺي ڪِيئن،
مَارو هُت ٿيا هُونئن- آئون هِتي هِيئن.

۱- قَيدُ المَاءِ[1] قوِيءِ، ويڙهيون ڇڏايم ويءِ[2]،
نَاهي جَمعيت جِيءِ، لُڇان ڪُرڙي جيئن.

۲- رويو نيڻ هي رُونِ، ڪَنِ سي ٻوليون نه پُون،
جِيئن ڪَنهن سُيون جي هُونِ، مُونکي سٽائي سو تيئن.

۳- وَرِ پَنهوار ڪا پِير، خُواجه خيبر گير،
آچي ٽوڙ زَنجير هادي هَڪل سِينءَ.

۴- آهين تُون ئي حَال، اَعجاز جو لجپال،
سُڻندو ڪير پيو سُوال، نَاهيم پيٽي[3] پِينءَ.

---

(۱) قَيدُ المَاءِ قويءِ: جسم جو قيد وڏو (۲) ويءِ: جوءِ، آزادي
(۳) پيٽيءِ پينءَ: اڳيان، ڪنارو (آسرو)

ٿلهه: مُنهن جي مُلڪ تي اَڄ - مَلهاريون ٿِيون هُونديون،
پِنيءِ وِيا ٿي بادل - ٻَهاريون ٿِيون هُونديون.

١- ويڙهيچن ڏي وِڇڙيون - وَراڪا ڏِيو وَڙڪن،
ڳَارونيار لاَيو سي - ڪَرنايو ڪَڙڪن،
سَندم خُوش سَيئي اَڄ - سَنگهاريون ٿِيون هُونديون.

٢- سُونهَنِ ڳاهه ساوا - ٿُنّا ٿوڳ ٿَر ڙِيون،
ڪُوڪيون ڳَاريون ڪَمريون - ڳَاموريون ۽ بَرڙيون،
مَڇيِ هن سي مُندم ۾ - مَتاريون ٿِيون هُونديون.

٣- سَانگين ساڻ آهي - سَمر سُاٿي ٿَر جو،
ٿنڌيون ڇَانئون تَڙ تَڙ - ٿَڏو ٻَاٽي ٿَر جو،
پِٽن پَر پَاڳين جُون - بَازاريون ٿِيون هُونديون.

٤- جَنبو ڏيئي جَنڊي ۾ - جالين ٿَا هُو جهانگي،
پُورو ڪَنِ انهي پَر - سَفر سانگ سانگي،
پِرهه ڳَڏ پَاٽيءِ تي - پَهنواريون ٿِيون هُونديون.

٥- نَڪي مَحل ماڙيون - نَڪي هَنڌ هندورا،
نَڪي پَلنگ پالڪيون - نَڪي طُول تَونرا،
پَلالي پِيهين تي - پَاٿاريون ٿِيون هُونديون.

٦- اُتم آهي جيڪو - اَڳين ڪان آڳاهون،
اُنهي در اَعجازا - ڪَيم آهون دَانهون،
قَبول اُت هي آزيون - نيزاريون ٿِيون هُونديون.

تلھ: مُنھنجو رُوح تو رِيھون ڪَري- عُمر آباٽي پار لاءِ.

۱- ڇڏ تان وَجي ٿَر ٽيان، جھانگين سَان ڳَنڍجي جَھڻ پيان،
اُن ريءِ نہ آئُون هِت جِيان، ڏِيان ٿي دم وَطن وٽڪار لاءِ.

۲- مُون سان ظُلم تو ظالم ڪَيو، مُونکي ڪُوھہ تَان ڪوتا ڪَنيو،
نِيئرن ۾ آٿي تو هَنيو، ڪَھڙي قَصد لاَچار لاءِ.

۳- مُورھئون نہ تَوکي آئون مَجان، تُنھن جي پَرم کي پيري پَچان،
ڪُسجي وَڃان وَڃي وَڃان، تہ بہ وائي وَاريندِيس وکھار لاءِ.

۴- اعجاز چئي ڏي موڪل ڪَٿي، آڙيال جون آھون سُٽي،
ڏَاڍو آٿئي قَادر ڏَٽي، جوڙيندين جَواب ڇا جَبار لاءِ.

تلھ: وِينديس قيد ڪَٽي، ڪُوٽن ۾ رَهي رَھنديس ڪيترو.

۱- نَظر بَندياٽي سُومرا، آهيان ڏِينھن ٻَٽي،

۲- حُسن ويو تان گھورِيو، حُبڙي شل نہ هَٽي،

۳- سَانگين ۽ سَاٿيھہ جو، ٿوڙائو تو ٿَٽي،

۴- لَوئي ڏجائيم لڳن تي، لَحد منجھہ لَٽي،

۵- آزلي اِرادي اعجاز چئي، مارو ڇڏيا تہ مَٽي.

تلهه: قيد نہ ڪجن سومرا، ناحق هيئن نماڻيون،
لاهہ بند ﷲ لڳ، لوءِ پسان لُنب لاڻيون.

۱- اهي رسمون عُمر تنهنجون، آڏنگيون آهن اياڻيون،
آٽيو آڙائن اڙهہ ۾، اڪڙيون پوريون اجاڻيون.

۲- ڪوڏن جهڙيون ڪوٽن ۾، ڪيتريون ڪڙهي ڪوماڻيون،
وتن اهي وطن لاءِ، ويڏن منجهہ ويڳاڻيون.

۳- رهن ڪن جي رُجن ۾، رڃ رڃ رس رهاڻيون،
روڪ وِجهي سي روڪي تو، روز شب رنجاڻيون.

۴- ڏيهہ اباڻي اعجاز چئي، اسري وکيون اڪاڻيون[1]،
موڪل ڏي تہ مليرِ وڃي، عُمر موجون ماڻيون.

تلهہ: ڪِتي جاڻي ڪِتي آئي- ڪِتي پئي قيد اچ ڪاڻي،
ڪِتي ورتيس ڪِتي ٿر تيس- ڪِتي پئي آگ ۾ آني.

۱- ڪيو جف القلم[2] ڪرهي-آچي نہ تہ ڪير ڪوٽن ۾،
ڪريو ڪُوڪون هِتي هاڻي- آندر تو آر[3] جيئن ڦاني.

۲- عُمر آزاد ڪر جيئري- آهيان جِن جي وڃان تن ڏي،
مُيس جي هِت تہ پوندو هي- مُئيء جو خُون تو ڳاني.

۳- نڪو سو ست نڪي صُورت- نڪي سو حُسن اعجازا،
وِڇوڙي جي لڳي لڪ لُوهَہ، وڌو تنهن مُئيء ڪي لُوساڻي.

(۱) اڪاڻيون: ڦٽيون (۲) جف القلم: تلم لکي سکي ويو
(۳) آر: هي هڪ ننڍو جيت جيڪو وٽن ۾ دانهون ڪندو آهي

ٿلهه: آئون مَاندي ھِت مَران ٿي - مَارن جي مُنهن ڏسڻ لاءِ.

۱- سائيم سانگي ساريان - جهاتيون پايان جُهونگاريان،
ٻَانهون ڪَٺان ٻَاڪاريان - ٻَر ٻَر ٻَريو ٻَران ٿي.

۲- ڪَايو ٻُل پيئي ڪامان - پَرڙا هجن اُڏامان،
اَڄ سُومرا توکان مان - رُخصَت رويو گُهران ٿي.

۳- هيءَ لَڄ ٻَچائي لَوئي - ڳَنگهر ڳَنيم ڳَهٽوئي،
ڏُڪڙو ڏِنم سَيوئي - سُڪڙو نه ڪو سَران ٿي.

۴- اَعجاز هن جِيئڻ کان - خُوش ٿي ڪِلڻ ڪِيَن کان،
ٿَر کان پري ٿِيڻ کان - ڳَٽيون ڪَريو ڳَران ٿي.

ٿلهه: ڪوٺن ۾ آهيان دَم ڪوئي عُمر - آئون ويندس آباٽي ڏيهه ڏاڏاٽي.

۱- ساري سانگ سُهج سانگين جا، مَرنديس روئي روئي؟ عُمر

۲- مَيين نه مَيين مِيان سومرا، آهم سُور اهوئي؟ عمر

۳- جَن جي ڄائي نِپائي آهيان - سيئي ڪَندم دِلجوئي؟ عمر

۴- عَلي ؑ مولیٰ نام جَنهين جو، ٿِيندم سَاٿي سوئي؟ عمر

۵- بهلول چئي هي بَندي بَندياٽي، نَاهي هٿ ڪا توئي؟ عمر

تلهه: عُمر ڄام آمير، آئون وَطن ڪِيئن وساريان، سَاريو ٿي سَاريان.

١- حُبُّ الْوَطَنِ⁽¹⁾ مِنَ الْإِيْمَانِ، حَق آمُونٽي حَمير.

٢- حِلمُ النّائم⁽٢⁾ حَال ھِتي جو، حِرص نہ رَک حَقير.

٣- اَلدُّنْيَا⁽٣⁾ سِجْنُ الْمُؤْمِنُ، عيدون ڪَن نہ آسير.

٤- فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ جِي، سُرت ڏنائون سُڌير.

٥- مُنگهٽ⁽٤⁾ مَهارا⁽٤⁾ مورچل مَاڙيون - مَرڪ نہ منهنجو مِير.

٦- مُنهنجو اڳي پوءِ ڪَم مَارن سانُ، ظُلم جا لاھہ زَنجير.

٧- آندر اعجازا سَارو اُجاريو، اُڪنيد اباڻي اُڪير.

(١) حُبُّ الْوَطَنِ مِنَ الْإِيْمَانِ: وطن جي حب منهنجو ايمان آ
(٢) حلمُ النّائم: خواب واري ننڊ
(٣) اَلدُّنْيَا سِجْنُ الْمُؤْمِنُ: هيءَ دنيا مؤمن لاءِ قيد آهي.
(٤) منگهٽ: تاج، ڇٽ
(٥) مهارا: گهوٽ ڪنوار جي سُمهَن جي سيج (جاءِ)
(٦) مورچل: مور جي ڪنبين جو ٺهيل پکو، ونجڻو

تلهه: جيئن هي سارو گذاري تو لوڪ عُمر،
اِئين آئون بہ گذاريان، مُنهنجو بند موڪ عُمر.

١- مُنهنجو ساهہ بندئي، سِرواهہ بندئي، مُنهن جي دِل بندئي دِلخواهہ بندئي،
مُنهنجو ڪِلڻ خُوشي چِس چاهہ بندئي، مُنهن جي وار وار ۾ آ تنهنجو طوق عُمر.

٢- تُنهنجي بند ڪيو مُونکي مَليران پَري، آباڻي آهل اُڪنڊ اُڪيران پَري،
سُرت سُڌيران پَري سُک سَريران پَري، ايڏو قهر ڪَري نہ اُلٽو توڪ عُمر.

٣- آئون نہ ڄاڻان تُنهنجي لئون لائڻ مان، پيچ پائڻ مان قُرب ڪَمائڻ مان،
نَڪي سَمجهان تُنهن جي سَمجهائڻ مان، هجي نيبہ تُنهنجو توکي شَوق عُمر.

٤- تُنهنجي جَشن ۾ جيءُ جاءِ نہ تيو، توسان رُوح مُنهنجو يَڪ راءِ نہ تيو،
تُنهنجو اَمُر اَعجاز چئي بَرجاءِ نہ تيو، ناحق ڪِيم رَنجائي مُئيءَ کي رُوڪ عُمر.

تلهه: ڇڏ مُونکي عُمر وَڃان مُلڪ هينئر، هِن مِينهَن واري مَلهاريءَ ۾.

١- مُنهنجي دِل تي چوي هَلان ئي هَلان، هَلي مَارن سان هِن مُند ۾ مِلان،
اُتي ڪِيت سان گڏجي گُهمان ۽ ڪِلان، هِتي ڪونهي لُطف ڪَنهنجي ياريءَ ۾.

٢- تُنهن جي باغن ڪان مُونکي بَر تا وَڻن، پِٽون چونرا ڪکاوان گهر تا وَڻن،
سَندا سانگين ڏڻ ڦَر تا وَڻن، پَئي تِن جي گهران بيقراريءَ ۾.

٣- جِيئن لائي جُهڙن هُتي جِهم جِهم آ، تيئن لائي نيڻن هِتي نِم نِم آ،
وَڏي روڪڻ ڪان هِيءَ شم شم آ، ڪيو ناحق بند اُٿئي آنڌاريءَ ۾.

٤- اَعجاز چوي خالي جِيءَ نہ جَلاءِ، جِتان آندو اُٿئي اُتي مُونکي رَساءِ،
پڪا لال پَهنوارن وارا پَساءِ، نڪري دَم نہ وَڃي غم گهاريءَ ۾.

تلھ: مُونکي مُلک آباڻو وسري نَٿو، گھوريو وَقت وِڇوڙي جو گُذري نَٿو.

١- قَابو قَيد آهيان هَاڻي کَريان مان ڪِيئن، آچي مُشڪل ۾ وِيَس جِيئن جو تِيئن،
مَوليٰ! ڇو ڪيو تو مُونسان هِيئن، سَهان سُور پٽي دَم نڪري نٿو.

٢- جَھوري جَھانگين جي انئي پَهر آتم، ڪاڏا پيتا وِيا تي زَهر آتم،
لَڳي لوري اهائي لَهر اتم، مُون لاءِ تہ سڪن جو سِجُ اُڀري نٿو.

٣- وَسئون مَاٽ کَرِي ويني ڪين آهيان، دَم دَم آڏو عُمر جي پٽي دَانهن کَيان،
پَرچا ڪَٿُون آلاجي اعجازؔ آجان، مُنهن جي دَانهن مان ڪجھہ سِجھري نَٿو.

تلھ: عُمر کَھڙي خَطا مُون تُنهنجي ڪَئي- ڇو مَارن کان آندئي مُونکي ڇِني.

١- ڇَا هَٿ آيئي جو مُلڪ ڇَڏايئي، اوڇو تو ستائين هي قَيد ڏئي.

٢- آئون کَھڙو وَٺي مُنهن وِينديس وَطن، مُنهن جي سُونهن سَڙي هِت سَاري وَئي.

٣- ايڏو ظُلم کَرين تو ضَعيفن سان، شَايد يومُ القيام نہ يَاد آئي.

٤- پَنهنجي سَانگين رِيءَ ڇَئي اعجازؔ علي، هِڪ سَاعت بہ يَانيان سَال پَئي.

تلھ: مَنڙو مَارن رِيءَ مُور نہ پريي، ڪِيئن پَھنوار پَسان،
ڪِيئن پھنوار پَسان، گھڙي رِيت آئون رَسان.

۱- مُنھن پايو مُونن ۾- وَهُ ڦُٽِي جيئن وَسان.

۲- هَسَ ڪٽِرلا هَار پَائي- حَقَّ پَچي ڪِيئن هَسان.

۳- سَاريو سَنيارپو سَانگي جَھانگي- نِيرن ڪان پَئِي نَسان.

۴- اُڪند آباٽي اعجاز نہ ڇَڏيان- نَاهي اِها پَرَ آسان.

تلھ: وَطن وَجان شَل وَري وَري- ڪَڙهيو مَران پئي هِن ڪوٽن ۾.

۱- سَانگين مَان ڪو عُمر پَائو- پويان مُئيءَ جي تيو نہ پُڇائُو،
گَٽتي اِنھي ۾ ويَس گهَري گهَري- ڪَڙهيو مَران پئي هِن ڪوٽن ۾.

۲- مُون نہ وَٽن هي چَمن ڦُوهارا- سَيج پَلنگ ۾ مُنگھٽ مَهارا،
زَر نہ کَپي تَنهن جي زَري زَري- ڪَڙهيو مَران پئي هِن ڪوٽن ۾.

۳- چوڙيلين جي سَاري چَھہ بَھہ- لُڙڪ گَڙي پيا مُون ڪان نَھہ پَھہ،
سَرتين سَواءِ ٿيس چَري چَري- ڪَڙهيو مَران پئي هِن ڪوٽن ۾.

۴- مِيندين ۾ مُونکي ڪِيت مِلي ويو- پيوند تَنهن سان پرت جو پَئي وِيو،
سوچي پَسان تہ پَوان ٿَري ٿَري- ڪَڙهيو مَران پئي هِن ڪوٽن ۾.

۵- قَيد ڪَٽي تُنهنجو نيٺ ڦَاري- وِينديس وَيڙهيچن هَلي ڪَنهن وَاري،
لوئي ڏَڪي هيءَ ٿَري ٿَري- ڪَڙهيو مَران پئي هِن ڪوٽن ۾.

۶- جَنهن جي ڪَرم ۾ لڪيل هو جيئن- تَنهن کي اعجازا پوڳڻ پيو ٿيئن،
ڪِين قَضا تَنهن تان ٽَري ٽَري- ڪَڙهيو مَران پئي هِن ڪوٽن ۾.

تلھ: مَارو مُنھن جا آئون مَارن جي، اِھو نَاتو نہ ٽُٽنو آ،
مُٺي کان پوءِ بہ مَڙھہ مُٺيءَ جو، لَڏائي لوءِ لَٽنو آ.

۱- صُبح سانجھي پِيان کانجھي، ناھي لانجھي کا سُورن ۾،
ڏيان کنھن کي نہ ڏوراپو، ڏُکن جو وَقت کَٽنو آ.

۲- پَسيو رُوءِ دَاد، نَاھيان شَاد، عُمر بَرباد تي بَند ۾،
لِکيو ھيئن کَاتبِ تقدير، جَفائن ۾ بہ جُٽنو آ.

۳- پکا پَھنوار لاٿا لِيار، ڏونرن ڏَارِ وِساريان کِيئن،
ھئين مان وَطن جو ھورو، نہ ھَٽيو آ نہ ھَٽنو آ.

۴- لوئي تِيمرِ ليڙ چوني چيڙھ، وِچوڙي پيڙ نت لَائي،
جُدائي مَوت تي آئي، سُوريءَ سِر روز سَٽنو آ.

۵- جَھکو کَر جَوش کَر کو ھَوش، رَھہ خَاموش اعجاز،
ھَٿن پَنھنجن سان ھِت ھَر ھَر، گَلو پَنھنجو ئي گُھٽنو آ.

لوءِ: وطن، ملڪ

تلھ: وَائي وَرڻ جي مَروَار- ڳهڙ وي گهاتو اَج گِردابين.

١- ڪَهڙي ڪپر تي هَاج آ تنهنجي- وَج پيهي مَنجھ پَاتار.

٢- سَمَر سمورو سَاڻ تو آهي- ڪَر الله توهار.

٣- نَفس آمارو مَچ جيئن آهي- تَنهن مُني کي مَار.

٤- ”لا“ جي ڪَاتي لَائي چَائي- ڪَر ڪَا سائڪي ڪَار.

٥- سَمجهي مَعنيٰ مَام اُنهي کي- ويسَهه سَاڻ وِيچار.

٦- اَعجاز عَلي ؑ جو عَاشق آهين- دِل رِنداني ڏَار.

تلھ: وَج تَارِوچ پَاتار ۾- مَتان ڪُن پَسي موتي پَوين.

١- ڪَر ڪو نه سَانگو سَاهه جو- هِن دَهشتي دَرياهه جو،
پَوءِ دَرس ڪَر دِلخواهه جو- لاَتيون تون لاَحد جون لَنوين.

٢- ”لا“ ڪٽُون لَنگهي لاَٿان ُتي- نَانگو نِسنگ نيشان ُتي،
هِت مَرد تون مَردان تي- جي رَاهه رِنديءِ سان رَوين.

٣- دَم کي سَنيارج دَم بَدم- هِڪ دَم لهي تو لِک پَدم،
ڪُل شئي مَٿي تنهنجو قَدم- جِي نينهن اکيان تون نَوين.

٤- اَعجاز چئي اَعتراف[١] سان- دَائم رهج دِل صاف سان،
لَعلُون نه لَهندين لاَف[٢] سان- تُون ڪَر ايئين جيئن تو چَوين.

(١) اعتراف: قبولڻ، مڃڻ (٢) لاَف: ٻَٽاڪ

ٿلهه: آئون تہ گهڙنديس اڄ دَرياءَ ۾ - ٻَڙڪ ڏَرو مُنهنجي دِل کي نَاهي،
عِشق کي هي مَهراڻ ڪَندو ڇا - عِشق اُتاهون هِن کان آهي.

١- سَمَن مِليم جَڏهن ساهڙ جو، تَڏهن سَندرو ٻَڌو اٿم ثابوتي،
نَاسُوتان نِروار تي نِڪري، لُنگ ڇاڙهيو اٿم لاهوتي،
تَوَڪل تُرهو سِڪ جي سيٽهه، ساڻ ڪَنيم هاڻ مُونکي ڇاهي.

٢- سُرڪ پيئڻ سان سُرت ويئي، ٻي ڪا آڏو شيءِ نہ ڏِسان،
هِڪ صُورت مُورت ميهر جي، جاڏي ڪاڏي پَئي تہ پسان،
لاَڄ رکندم لاَڄ ڏٺي، مُنهنجو رُوحِ ائين پيو چَوي ۽ چاهي.

٣- سِير جو سَڙڪو کُنَن جو کَڙڪو، ڇولين ڇِڪو ذَري ذَري،
بَحر بَرهڙا بادل بُوندون، بَرسر آيو بِرهہ ڪَري،
نَصۡرٌ مِّنَ اللّٰهِ فَتحُون ٿينديون، نِينهن جو ناتو وينديس نِباهي.

٤- پيلو پُري تان پُري پوي، مُونکي مُور نہ پوئتي وَرڻو آ،
حَق جي پَاسي نَعرو هَڻي، اڄ سِينو کَڻي مُونکي تَرڻو آ،
ٻُڏان تہ پينر ٻُڏي وَڃان، مُون سانگو ڇَڏيو آ سِر جو لاهي.

٥- جَر جي جانارن کان هَرگز، مَحبت واريون ڪين مُڙن،
سيسر وَاڳون کُمَ ڪَچائون، لُڏڙا پَلي پِيا لانگون هَڻن،
ڪانهي پرواهہ ڪابہ 'اَعجاز'، مَوت اکئين ڏِسي آيَس ڪاهي.

سَمَن: نياپو

تـلـهـ: اي دِلا تُنهنجو ڪونهي مُلهہ- مِٿي تُنهن جي مُقدس ڪُل،
مُنهنجو توئي ڪَرايو وَصل- مُنهنجو حَال پَائي تُون اَصل.

١- تُنهن جي ئي بَهاني ڪَيمِ نظارو وَقت بِيگاهہ وقت ميهر وارو.

٢- جِيئڻ مَرڻ ۾ بہ رَلِمل هُونداسُون- ٻُڏڻ تَرڻ ۾ بہ رلمل هُونداسون.

٣- ڪَچو جي پَڪو تہ بہ مُنهنجو تُون سَاٿي- سَاٿي بہ جهڙو مَن پَايو پَاتي.

٤- اُبتا دَرياء جَا آرا تہ چَاهي- سِڪ جو آسان سَان سَاٿي آهي.

٥- سَنڌ ٻانڌ ِسيٺهہ تُرهو تُنبو تُون- واهر وَاهہ وَسيلو جِيلو ٻِلو تُون.

٦- وَصل وَنگ وَارو عَجب رَنگ رَيني- ڏِنو تو اَعجاز چَئي دِلا عَينا عَيني.

تـلـهـ: تُنهن جو سَاهڙو توئي سَاڻ، وَهِ تِڪ وَاهڙ تَار ترين چو.

١- وَنَحْنُ اَقْرَبُ وَصل سَدائين، جَرِ۾ وجيو چو جُهوتون پائين،
پُرجهہ پَروڙج پَنهنجو پَاڻ، قُرب ڪَاڍو ڀي پار ڪَرين چو.

٢- چُليو چَولين ۾ چيڙيو چيڙين، پَر جي پَهن تي پِر سان جهيڙين،
آهي اِهو تَان جَتڪو جَاڻ، ٻِيجا ڏَم ٻِيڪار پَرين چو.

٣- مَنجهئي پَاڻ وَتَاڻ ميهر جَا، منجهئي ماڻ ماندان مَيهر جا،
مَنجهئي وَهي تو مَست مَهراڻ، پيهي پَس پاتار وَرين چو.

٤- آورار پَرار جا پَنڌ نہ پُڇ تُون، اَعجاز چَوي اکيان لوڪ نہ لُڇ تُون،
سَاڃهہ ڪَر پنهنجو پاڻ سُڃاڻ، ڳَالهين جي ڳَٽ ڳار ڳَرين چو.

تلم: موت ميهر تي مران مهراڻ ۾ اڌ رات جو،
دادلي درياهه ۾، دلو وڌم ظلمات جو.

١- آءُ سِگهو اوري آچي ڪَڏُ ڪُنن مان هيءَ ڪِني،
نه ته چوهُ چولين جو ڇني تو تارُوهي تِڪ تاتِ جو.

٢- هيءُ گهڙو ڪچ ۾ ڪچو، ڀينر پيو ڀيلو ڀُري،
اوچتا سَپَ سِرڪٽا واڳون هٽن چَڪُ وات جو.

٣- ناهي ٽُنبو ناهي ٽُرهو، ناهي سَنڌُ سِيٽهه سَچي،
هاڻ جِيلا سپ ويا، لهرو چڙهيو لهرات جو.

٤- اي اعجازؔ وَٽُ وَرِي واري عليءَ عه جِي تون ڳَلي،
نامُ نالو آهي مون وٽ، پاڪ سندس ذات جو.

تلم: ساهڙ کي سا ڪيئن نه وٽي جيڪا حب منجهان تي هٽ پانهون هٽي

١- سڏ ساهڙ جا سڪ سان پري تي، توڪل تي تڪ تار تري تي،
سندبَ نه سيٽهه تي ساڻ ڪٽي، اهو بار ڇڏايس عشق گهٽي.

٢- ڏر ڇڏيائين ڏيهه ۽ ڏم جو، اون اوسيڙو ڪري نه ڪنهن ڪم جو،
محبت جا اٿس مڻ مٽي، ميهر ڏي پئي تانگهي تٽي.

٣- حق جي طالب حق سان ملي وئي، رمز پروڙي رنگ ۾ رلي وئي،
ڳالهه اها ڪو ڳاٺو ڳٽي، سهڻيءَ جيئن پيو ڪونه پٽي.

٤- دور درياءَ جا دائم دڙڪا، قدم قدم تي ڪنن جا ڪڙڪا،
سٽيو سائر منجهه سٽي، ته به اعجازؔ دل نه هٽي.

ٿلهہ: ڪٿڻ هَاڻ مون لاءِ، سَرتيون سُور ٿيڙو،
چيٽڪ عشق واري، چرخو چُور ڪَيڙو.

۱- اديون ارٹ منهنجو چَندن عاج جو هو،
ڀوري مُون بَنديءَ جي هَلٽ هاج جو هو،
ڀيرڻِ تنهنجو وسريم، اڇي ڪو پور پيڙو.

۲- آٽڻ منهنجي آيو، آري ڄام جيڏيون،
ڀري گام قربئون، هٿي هام جيڏيون،
ڏسڻ ڏٺي سو مونکي، ڏيهان ڏُور ٿيڙو.

۳- ٻَوان پُٽ پنهون جي، ڪٿڻ نا سونهي مون،
ويهڻ وَاندِ ٻَنِ جو، وٽڻ نا سونهي مون،
وڃي هوت ريءَ ٿو، هي وهلور جيئڙو.

۴- مَرارين جون مارون، ميارون مٿي تن،
ڪتڻ ڪاپي وارو، عقل هوش آڇن،
اِهو منهنجو اَعجازؔ نينهن شعورِ نيڙو.

ٿلهه: آئون ڀلان ڀا ڪتان، ڪتان ٿڙي- مُونکي ڪتڻ آيو ڪِينڪي.

١- مُحبن کي آئون مام ۾ چوندس- ڪيو مَيارون مَتان، مَتان ٿڙي،
مُونکي ڪتڻ آيو ڪِينڪي.

٢- ڀي نہ اُجهي ٿي مُون تہ آوڳيءَ کان- نام وَتيو هڪ وَتان، وَتان ٿڙي،
مُونکي ڪتڻ آيو ڪِينڪي.

٣- سَمجهائڻ خاطر سَرتيون سَڀيئي- ڦِري ويتيم هتان هُتان ٿڙي،
مُونکي ڪتڻ آيو ڪِينڪي.

٤- آئي پهر اعجاز پرين جو- چاهُ نہ لاهيان چِتان چِتان ٿڙي،
مُونکي ڪتڻ آيو ڪِينڪي.

ٿلهه: ڪَرڪو سَوداگر يارِ ڙي- ڪتڻ ڪونہ ٿو ڪَنهنجي جوڙي.

١- سُٽ ڪتڻ جا سَرتيون- طَعنا ڏِيندي توڙي.

٢- آرٽ اتڻ آسري- جا لڳي سالوڙي.

٣- رَک تون ناتو ٽَنگيءَ سان- اکيون اکين مَنجهہ کوڙي.

٤- سَچڻ سپاجهو پاجهہ ڀئي- کوني ڪَنڌُني پَنهنجي ڪوڙي.

٥- ڪاڻ صَرافن جِيءَ ۾- ڪير ڀِيو پاڻ پَتوڙي.

٦- سِر ٻہ سَڻي ۾ يار ڪي- دِل ٻہ ڏجي هُوند چوڙي.

٧- مَنُ اعجاز چئي ماڻهن جي- ڇَڏ مَنن کان موڙي.

تلھ: مِل تہ ڪَريون مَينڌِرا - وَرِي ڪَاڪ تي بَھاريون،
بَاقي حَياتي ڏِينھڙا - تِي گوشي گُذاريون.

١- ساريو صُحبتون تُنھنجون - پَسيو خالي پاٽاريون،
سڙان پَچان پَرِ ۾ - رُئان راتيون ساريون.

٢- تُنھنجي ڪَري ڪَاڪ جون - مُون وٽون(١) سَڀِ وساريون،
دَردِ فراق تُنھنجي کان - مُون آڪيون هيٺ ڍاريون.

٣- لاهينم طَعنا لوڪ جا - ڪَر وايون وَصل واريون،
ساڳيون ڳِراتيون پاءِ پَرچي - تہ ڏيھہ کي ڏيکاريون.

٤- آئون تہ تِيَس چَري پر - ڏِس پيو ويچاريون؛
تنھنجي رِھاڻ ڪاڻ تيون - ڪيئي سِڪن ڪُنواريون.

٥- اَعجاز چئي آئون آيس وَني - پَنج پَاڪ ميڙيون موچاريون،
پِيہ نام تُنھنجو توَٽ - آزيون لڪ نيزاريون(٢)

(١) وٽون: شيون (٢) نيزاريون: توبه تائب، منٿون

تلھ: رَاڻا تُنھنجا رَس رِھاڻيون - رَمزون رَنگ وِسرن نَٿا،
وَصل واريءِ رَات وَارا - پِيچ وَنگ وِسرن نَٿا.

۱- سي بَھاريون بَيٺڪُون - سي خُم خُماريون خِلوتون،
سي مِلڻ مُرڪڻ نھارڻ ہاڻ ٻَنگ وِسرن نَٿا.

۲- برھ باتيون ساريون راتيون - جاڳي پرياتيون ڪَرڻ،
آھڙا ويرا پَال پيرا - سَنگم سُنگ وِسرن نَٿا.

۳- رُوح رَچڻيون رَاڳڻيون - سُر ساز سازيندڙ اُھي،
مَدم مِردنگ ڌُن ڌُمارا - چَنگ اُپنگ وِسرن نَٿا.

۴- سُرت سِياڻپ ۾ سَين ڪان - آھين سودا تون سَرس،
تُنھنجا اُلٽا داءُ آنگ ءِ ڍارا ڍنگ وِسرن نٿا.

۵- تو ڪَيا اَعجاز چِٽي جي ڪاڪ واريِن تي اچي
تُنھنجا سي وڙ تورا لائق نيھي ننگ وِسرن نٿا.

تلھ: پَنڌ کي ڪَرھا وَاڪي وَاڪ- مَاٽيون سُجھنديِ مُومل ڪَاڪ.

۱- رَات چَانبوڪي راھہ سَئين آ- چا ڪان وِجھين تو چِرڪي چَاڪ.

۲- ڪاڪ جا غُنچا گُل ڦُل گَونتا- آھن تُنھن جي اِملاڪ.

۳- وَعَمِلُ الصَّالِحَاتِ سُئي ڪَر پَنھنجا- خِيال تون پَاڪن پاڪ.

۴- مَاڳ مَحبوباڻي ھَل تہ مَيا ھَلي مِيان- چِت آندر جا چيٽيون چاڪ.

۵- اَعجاز چَوي اُنھن پَار پُٽن تي- حُسن جي آھي ڏَاڍي ھاڪ.

تلھ: اي راڻا ڏور ڪر ڏمر، ڪيئن ڇڏي وئين ڪانڌ تون گھوٽ پنھنجو گھر.

۱- سُومل سُمھاريم سيج تي محلات کي خالي ڏسي،
چون تہ تو صفا ڪيو ھُئين وڪھو منھنجو ور.

۲- ڪِيئن موٽي وئين ڪاڪ تان مومل کي ماري وِڌءِ،
داغ ڏئي وئين داسڙا آھيان تو آڌر.

۳- اَعجاز چئي اويل ڪيئي ڻائيم ڻاري تون آئين،
مونتي ميار ڪانھي ڪا ايڏو ھاچو نہ ڪر حشر.

وَعَمِلُ الصَّالِحَاتِ: عمل صالح، چڱا ڪم

تلهه: جيسين جانب يار نہ ايندو۔ تيسين دِل کي قرار نہ ايندو،
نير وَهندو پيو جگر جلندو پيو۔ جيسين جانب يار نہ ايندو.

١۔ ڪَيان مات ڪَهڙي آچي مات نَتي، وِڃهي دِلبر ويو ايڏي ڇا ڪان وِتي،
اِهو ويندو ڪونہ غم پيو ٿيندو ڪونہ ڪم، جيسين نيڻن ٺار نہ ايندو.

٢۔ دِل آهڙي سَڄڻ سان وَئي آلڳي، آهي ڳالهہ سَچي ناهي ڪُوڙ نڳي،
چوتہ هُن ڪان سَواءِ هڪ ڇاٽي ٿو خدا، مُونکي ڪَرڻ سينگار نہ ايندو.

٣۔ هي مُلڪ مِڙئي آ اکين تي مگر، پَنهنجي يار جَهڙو آچي ڪونہ نَظر،
ڳَائي زَهر مَران جي پيو يار ڪَريان، آهڙو ڏينهن يا وار نہ ايندو.

۴۔ ڪَهڙي مَيار ڏبي بي مَيار مَتي، آهي نپائٽو اَعجاز هَر وار توڪي،
هَلي وِڃبو وَٽس دَر چُمبو سَندس، هُو جي لَهڻ سَنيار نہ ايندو.

تلهه: جو ڇاٽي سُچائي نہ ڪَنهن جي وَفا،
سو ٿيو جي نہ ٿيو۔ ڪَنهن جو دِلبر تہ ڇا.

١۔ وَفا شُعار نہ جَنهن جو، تَنهنجو ڇا وَقار،
تَنهن سَان پيارُ ڪَهڙو، تَنهن جو ڪير يار،
وَفا سَان ئي وَاعدا تہ ٿين ٿا سَچا.

٢۔ جَنهن جو آهي ڪَم بيوفائي رڳو،
جَنهن جو آهي دَم خُود نمائي رڳو،
اُهو عِشق وَارن ڪَان آهي جُدا.

٣۔ رکي جو نپائڻ جو سَت نہ پَرم،
ڪَهڙو دِين تَنهن جو ڪَهڙو آ دَرم،
سَچائيءَ جي اُن ڪان نَہ پهچندي آدا.

۴۔ عَجب آ ڏنو مُونکي اَعجاز تَن،
مَحبت وَارن سان جي مَحبت ٿا ڪَن،
جَفا جان ڪي ڏيئي سَدا مُند سَدا.

تلهه: جيئري مُون کان جاني، جُدا تون نہ ٿين ها،
ڏِسي مُنهنجون خاميون، خَفا تُون نہ ٿين ها.

١- آچي قُرب وارو چو پاتو ڪَمند هُئي،
جي پَردي نَشين هُئين ۽ پَردو پَسند هُئي،
تہ پَهلُو ۾ جَلوي نُما تُون نہ ٿين هَا.

٢- ڏِنم اڳ نہ جيڪي، سي ڏُکڙا ڏِيکاريُئي،
مَٿي مُنهنڙو مِنٿڙا بِنان مَوت ماريُئي،
سَجڻ ايڏو سَنگدل صفَا تُون نہ ٿين ها.

٣- گِلا هن ۾ نا هي، هِي فَرياد آهي،
قَدر ڪونہ ڪَيَڙُئي ڇڏيُئي دِل تان لاهي،
تَڏهن تو چَوان بيوفا تُون نہ ٿين ها.

٤- نہ پانيو دنيا جي نَوابن تہ چا ٿيو،
چنون سات پنهنجن پراون تہ چا ٿيو،
مگر هِڪ سِتَمگر مِنا تُون نہ ٿين ها.

٥- چَوي شاهہ اَعجاز پرين پيچ پائي،
ڪِلي نينهن لائي چُنل ڦٽ چڪائي،
پَري پوءِ نالي خُدا تُون نہ ٿين ها.

تلهہ: اَچ پُورِ پرين جو پَرپور آتم۔ مَن مَست مگن مَخمور آتم۔

۱۔ چورُ چوَنِ کي چاري چوَنِ، کي زَاهد چوَن کي زُناري چوَن،
کي بَازيگر بازاري چوَنِ، مُونکي جوبہ چوَن مَنظور آتم۔

۲۔ مئي نوشي کَري مَدهوش تيس، رَهي خيال جي خَاني خَاموش تيس،
سِر راز رَبّي جو پوش تيس، کَيو ذَات ۾ گُم تي ظَهور آتم۔

۳۔ ما اَعظم شَاني نَعرو هَنيم، کَهڙو قَاضي مُلان جو قُصور کَيم،
جيئن عِشق چَيو مُونکي تيئن چَيم، تي رِند رَهڻ دَستور آتم۔

۴۔ مُنهنجو نينهن اَصل کان نرالو آ، پَکو پَاتل پيچ نوالو آ،
جِت چَنچل حسن جو چالو آ، اُتي چاکَن سبان دِل چُور آتم۔

۵۔ اَعجاز عَليءَ جو غلام آهيان، تَنهن جي مَام ۾ مَحوُ تمام آهيان،
پِي جام چَپيندو نام آهيان، ڏِنو مَستيءَ مَنجهہ حُضور آتم۔

تلهہ: مُون سان رَس کَس ۾ گَذ گُذاريو نہ تو۔ مُنهن جي حَال هيٺي ڏي نِهاريو نہ تو۔

۱۔ هَر حال ۾ مُون سان رهائٽو هُيئي۔ ناتو نينهن وَارو نِت نِيائٽو هُيئي،
مُونتي تَرس مِٺا مَن کائٽو هُيئي۔ ويهي پَر ۾ اهو وِيچاريو نہ تو۔

۲۔ مُونکي خُوار خَراب کَاري کَريو کَري۔ چَٽ چاهہ ڏيئي چوري چَريو کَري،
چَڏي پوءِ ڏِنئي عَيبن پَريو کَري۔ آئون تہ مَيرو مَدو هوسِ اُجاريو نہ تو۔

۳۔ تَوکي پَنهنجو کَري پِرين چاتو تي مُون۔ تُنهنجي پاران گهٽنئي سان پاتو تي مُون،
چا چا نہ تَولِئہ چُمي چاتو تي مُون۔ پَر مُنهن جو کَڌهن مَن ناريو نہ تو۔

۴۔ هاٽي وَئي وهاٽي اَچي چا تون کَندين۔ يَکي دل سَچي يَلا کيئن تُون کَندين،
کَهڙي اَعجاز چَئي سَئين مُون لاءِ کَندين، جيئن آئون تو ڏي وَران تيئن وَاريو نہ تو.

ٿلهه: سِڪ ڏيو سِڪندن سِڪائين، چو پيارا ڇا سَبب،
مُنهن لڳيو مُنهنڙو لڪائين، چو پيارا ڇا سَبب.

۱- نَاز تُنهنجو ناز پَرور- لوڪ کان نِيارو ڏٺم،
دَرِ سڏيو در تان دِڪائين، چو پيارا ڇا سَبب.

۲- تُون طَبيب آهين عَجب- تُنهنجي طَبابت آور آ،
ڪي چُنائين ڪي چِڪائين، چو پيارا ڇا سَبب.

۳- اڪ جي عاشق ڪان ڪَندين تون- ڪِيترو اڪ ڪي قَرار،
آڪ نتو آڪ ۾ لِڪائين، چو پيارا ڇا سَبب.

۴- قُرب جي ڏاڳي ڪَچي ڪي- ڀين هٿان ڀَڳڻ پرين،
چو چِنائين چو چِڪائين، چو پيارا ڇا سَبب.

۵- سِڪ جي چِڪ ۾ هڪُ آچي تِيءَ- لِڪ لِڪوتي چِڏ ڪٽي،
هِڪ تيڻ ڪان هَڪ ڪائين، چو پيارا ڇا سَبب.

۶- لڪ ڀيرا ڪَلمان پڙهان- جي لڪ ڀيرا الهرين لُڙهان،
چولي تہ بہ هيءَ چِڪ چِڪائين، چو پيارا ڇا سَبب.

۷- عِشق جي باري ۾ توسان- سَوال آ اَعجاز جو،
مَنجهہ مِصر يُوسف وِڪائين، چو پيارا ڇا سَبب.

تلهہ: تُنهن جي اَچڻ واري انتظار ۾۔ پانيان مَوج مَزو نہ بهار ۾.
سِگهو اَچ دِلبند مُنهنجي رَوح جا پَسند۔ سَواءِ تُنهنجي هي هَنڌ وَٽن سُرها نہ سُڳنڌ.

۱۔ يَاد ۾ تُنهن جي يار پيارا۔ سُونهن پَريا هي سَيئي نِظارا،
ناهِن مُنهن جي نَظرِ نهار ۾.

۲۔ تُون جو ايندين آچي هڪ تيندين۔ هڪ هيڪڙائيءَ جو جام بہ ڏيندين،
اِنهي طَلب ۾ آهيان اِنهي تار ۾.

۳۔ نِيڻ هي تُنهن جي نِيڻن جا گهورا۔ نِيڻ پَسائين تہ تُنهنجا تورا،
گهايان هَر هَنڌ هَر ڪنهن وار ۾.

۴۔ آنجام آچڻ جو وَسُون نہ وسارج۔ وَاعدي وَفا کي پرتئون پارج،
ڪَجان گهٽ نہ ڪَڏهن اِقرار ۾.

۵۔ اَعجاز چَوي اِها پَڪ تو پانيان۔ توکي بہ ساڳي سِڪ تو پانيان،
هُوندين تُون بہ مُنهن جي سار سَنڀار ۾.

تلهہ: ڏوري ڪتي سو ڏسان ڙي ڏسان۔ اچ هينئڙي ساريو سڄڻ کي.

۱۔ هينئڙو نہ منهنجي ہڏڻ جو۔ ڪهڙي ہنڌڻ سان ہڏان ڙي ہڏان.

۲۔ اکڙيون پرجي آيون۔ گهوڙها وينی اگهان ڙي اگهان.

۳۔ ڪير ڏيندم اهو ڏس مون۔ ڏاهي ڪنهن کان پڇان ڙي پڇان.

۴۔ صورت سونهن پرين جي، ڪيئن بہ ڪري پسان ڙي پسان.

۵۔ جتي هجي وجي اتي الا، ڪيئن بہ ڪري سو ڏسان ڙي ڏسان.

۶۔ اُڏران اڏاهين اَعجاز چئي۔ پرجي پکيئڙو هجان ڙي هجان.

ٺلھ: سِڪ جي تہ ڪَيا سَجدن، پَٿر بہ پِٽي پاٽي- پَٿر بہ پِٽي پاٽي آخگر[1] بہ پِٽي پاٽي.

١- ڪيئن نارِ خليل اللهؑ ڏس مانند گُلشن ٿي،
ڪيئن موسيٰ جي سامهون ٿيا منتر بہ پِٽي پاٽي.

٢- ڪاعِشق جي اَڳيان ڪٿ، بربريت ڪانہ رهي،
ٿيا دَورِ هلاڪوءَ جا سَنسر بہ پِٽي پاٽي.

٣- هي عِشق سَوا هڙوِيو ڪير ڪمال ڪري،
جَنهن پَل ۾ ڪَيا ڪَسريٰ قيصر بہ پِٽي پاٽي.

٤- هت شرط سچي سڪ آ، هت رمزِ رندي گهرجي،
ٿا رِند لڪئي جا ڪَن دفتر بہ پِٽي پاٽي.

٥- ڪَو ڪِيئن بہ ڳي ڪيڏو سهڻو جي سِتمگر ٿئي،
پر عشق بنائي ٿو ڏونگر بہ پِٽي پاٽي.

٦- مَردن جي جَسارت[2] ڏس، مَردن جي حقيقت سُڻ،
ڪيا همتِ حيدر ڪِيئن خَيبر بہ پِٽي پاٽي.

٧- جن جن بہ ڪمند پاتا، افلاڪ ٽپي اڳتي،
انصاف ڪيا تن جي سَيّر[3] بہ پِٽي پاٽي.

٨- اعجاز اتئي جي سِڪ پرپور برابر پوءِ،
پٿر جو صنم ٿيندو هر هر بہ پِٽي پاٽي.

(١) آخگر: ٽانڊا (٢) جسارت: همت، طاقت (٣) سَيّر: سياره، تارا

تلھ: سِلیان سُورَ تو سان ـ سَچَڻَ ڪِھڙا ڪِھڙا،
خَبَرِ وَار آھين ـ پُڇَڻَ ڪِھڙا ڪِھڙا.

١ـ اِھا آ آجائي ـ ڏاڍائي وَڏائي،
ڪِتي آ جُدائي ـ جِھڄڻَ ڪِھڙا ڪِھڙا.

٢ـ تون حاضر تون نَاظُر ـ ذَري پُرزي ظاھر،
اندر توڙي ٻاھر ـ لِڪَڻَ ڪِھڙا ڪِھڙا.

٣ـ مِنا مَن جا مُھٽا ـ ڏَئي طعنا مِھڻا،
ساڙي ساھُ سُھٽا ـ ٿَھَڻَ ڪِھڙا ڪِھڙا.

٤ـ ڪَيِي ڪَجُ ڪَمانا ـ بَترڪَشِ پيڪانا،
ھَئي نِتُ نشانا ـ ھَسَڻَ ڪِھڙا ڪِھڙا.

٥ـ چوي اَعجاز بَيوسِ ـ ڏِسُڻَ ساڻ تون ڏِسُ،
مونکي ماتِ آ بَسِ ـ چِڱڻَ ڪِھڙا ڪِھڙا.

جھڄڻ: ڳرڻ، فکر ڪرڻ، ڳڻتي ڪرڻ

تلهہ: آهين يادِ پرين مُونکي تُون، هَر پَل ۾ پَهر ۾
هَر پَل ۾ پَهر ۾، هَر شَام و سَحر ۾.

١- مُون جاني تُنهن جي ڪاڻ، پَنهن جي سِر تي جَفا ڪئي،
جا مُون کان پُڄي تي سا سَچ مُون پي وَفا ڪئي،
هَر حال ۾ هَر خِيال ۾، هَر مَوج لَهر ۾.

٢- تُنهن جي تہ پَٺي مُونکي، آجان تار تَنهائي،
مُنهن جي تي سُتل سَوز کي سا روز جاڳائي،
بَربَن ۾ هُجان توڙي هُجان بَحر شَهر ۾.

٣- تو پيار پَٺي کونہ ڪَڏهن مُنهنجو پُڄايو،
مُنهنجو تہ اَندر سَارو هي هو تولاءِ اُجايو،
تو قياس ڪَڍي رُوح مان، پاتو مُنهن چو قَهر ۾.

٤- مُون توکي ڏنو دِل سان سو مُون توکي ڏني دِل،
دِل مون سان ڳَنڍڻ جي تہ بَجاءِ وِئين تون ڇِني دِل،
آهڙو نہ تِين ها حُسن جَواني ءَ جي ڳَهر ۾.

٥- آئون نِينهن جي لايان ها، تہ ڪِٿ لائي بہ سگهيس تي،
اَعجاز چوي لائي نِيائي بہ سگهيس تي،
پَر کونہ مِليم تو پارين هن سَاري دَهر ۾.

ٿلهه: توڏي آئم اُهوئي خيال سُٺا - جيڪو اَڄ ڪان سَڄڻ ڪي سَال اڳي هو هر وار.

١- جِيئن جو تيئن اَجان يَاد آ دِل تي - لَب سان لائڻ لَبُ لال سُھٽا،
جيڪو اَڄ ڪان سَڄڻ ڪي سال اڳي هو هر وار.

٢- اڪين آڏو روزِ قري پيو - هُو جو هُتي وَارو حال سُھٽا،
جيڪو اَڄ ڪان سَڄڻ ڪي سال اڳي هو هر وار.

٣- سَاڳيءَ طَرح سَامهون تُنهنجي - مُنهنجو آتوڪي سُوال سُھٽا،
جيڪو اَڄ ڪان سَڄڻ ڪي سال اڳي هو هر وار.

٤- ڪونہ مَنيو مون ڏِسڻ قديمي - ڏِس تہ مُنهنجو هي ڪَمال سُھٽا،
جيڪو اَڄ ڪان سَڄڻ ڪي سال اڳي هو هر وار.

٥- اَعجاز چوي آئون عَجب ۾ آهيان - ڪِيئن ٿو وسارين سو وِصال سُھٽا،
جيڪو اَڄ ڪان سَڄڻ ڪي سال اڳي هو هر وار.

تلهه: سِڪ جي هٿن سان سَوزان- پِرين پاڻ وينو سورِين،
ڪِيئن آگ سا اُجهي پوءِ- جَنهن کي تون سورين ڦورين.

١- پِرين لوڪ کان لِڪايو- مَچ کي آچين مَچايو،
پَهڻن کي تو پَچايو- رُڪ هاڻ ڇو تو ڳورين.

٢- مَهِ تابان هُوبَهُو تون- شَمِ خُوبان هُو بَهُو تون،
سِڪ سوزان هُوبَهُو تون- جَلندن جَلائين جهورين.

٣- اڇي سيڪ سِڪ جو جَنهن کي- سُجهي سيڪ سِڪ جو تنهن کي،
هيءَ ڳَل نہ پَئي ٻي ڪَنهن کي- ڪِيئن تو چُوانتي چورين.

۴- سِڪ جِي اگن چوان هيءَ- لَنئُون ڪِي لگن چَوان هيءَ،
جِيءَ جِي جَلن چَوان هيءَ- تون ئِي ڏِين تہ تون سَنيورِين.

۵- ڪَڏهن تہ مُنهن پَسائڻ- ڪَڏهن تہ مُنهن لِڪائڻ،
ڪَڏهن تہ ڳُجهو ڳالهائڻ- ڪَڏهن ڪُجهہ نہ اورين.

٦- سَواءِ تون نہ هيءَ ڪو ٻاري- سَواءِ تون نہ هيءَ ڪو ٺاري،
سَواءِ تون نہ هيءَ ڪو ڏاري- ڪو ڏاري تہ سِر تون گهورين.

٧- هن بِرهہ جي ٻَيڙ سان- مَچ مَحبتي مَمَڙ سَان،
اَلعِشق جي اُمڙ سان- ڪَوهہ طُور تون ڪَڪورين.

٨- سِڪندن لاءِ سِڪ جون ٻاهيون- ٺئين سِر سَچڻ سَنباهيون،
چَيائين اسين تا چاهيون- اَعجاز چَپ نہ چورين.

تلهه: ڪَريان خال ڇا آحوال - جَرمون جال وَهايا،
بي نيازجي ناز - بِره باز بَچايا.

١- ڪَري ويس ڪولبيس، هِن ديس تي آيو،
بي حِجاب تي نقاب، مَاهتاب اُٿايو،
ڪِلي ريب سان فريب، بي عيب پُلايو،
تنهن ڏينهن لڳو نينهن، اکين مينهن وسايا.

٢- ڪُنڍيل وَار خَمدار - چَڙيا يار چوڙي،
ڪَجل ڪَيف واري سَيف، سان تو ضيف[1] نهوڙي،
سُو مَحبوب ۾ مَرغوب[2]، خَنجر خُوب ويو ڪوڙي،
ڏيئي سُور مَنجهه گُهور، نَوان سُور تَنهن لايا.

٣- جِن يَار پَڳدارُهڪ وَار سُڃاتو،
ڌِي هيڃ سَرويچ تني پيچُ آپاتو،
اُهي رِيهان ڪَن ڪِيهان رُڪن ڏِينهان رَاتو،
اُتن تَانگهه سِپ وَانگ تيندن سَانگ سجايا.

٤- عِشق شَاهه جي بَاهه، پَتر پَاهه ڪَيڙا،
جَلي مِير ڪئين آمير پَچي وِير وِيڙا،
سَندا شان چَڙي مان، ڌِي قُربان پيڙا،
اَعجازا ذَوق اِنهي شَوق لکين لوڪ لُڇايا.

(١) ضَيف: مهمان . (٢) مرغوب: دل پسند

تلهه: دِيوانو دلربا ڪيو، دَلبا ڏئي ڏئي- آنجام آسرا ڪئين عَرصا ڏئي ڏئي.

١- مِلندو هو آءُ تہ هَر هَر، هَاٿي لِڪيو لِڪي- گُهونگهٽ نِقاب رُخ سِر پَردا ڏئي ڏئي.

٢- شُعلا شَرارا شَمع ڪان، سُهڻي جا شوخ شوخ- چِند جَان جِيءَ جَلايئين جَهلڪا ڏئي ڏئي.

٣- مَحبوبُ مُونکي ذَر ذَر، تو اڌ ڪُنو ڪَري- تَلوار حُسن جا گَلي گهڪا ڏئي ڏئي.

٤- دِيدن سَنديون ڏُناليون ڏيڪاري دَم بَدم- دِليون ڦُري تو آڪثر دَڙڪا ڏئي ڏئي.

٥- مِليو نہ پَان ۾ نَڪي ڪَنهن سان مِلڻ ڏِنئين- ڏَاڍي ڪئي سِتمگر ڏَنڙا ڏئي ڏئي.

٦- جَنهن دَم بہ آئون بِرهہ ڪان بيزار ٿي پِيُس- تَنهن دم موٽايو دِلبر چَنڙا ڏئي ڏئي.

٧- مُون مسجدون بہ پيتيون مَحبوب جي ڪَري- پَر بي مُراد موٽيس سَجدا ڏئي ڏئي.

٨- مُنهن ۾ حَسين مَهربان، ڪِردار ۾ قَصاب- چُريون اکين جون وَاهي تو چيرا ڏئي ڏئي.

٩- اَعجاز جو جُنون، اَڳي ڪَان بہ اڳيرو- تَسليٰ ڪَئي طَبيبن خَاڪا ڏئي ڏئي.

قصاب: ڪاسائي

تـلهہ: تُنهنجو سُنهُن تہ سَڄڻ تُنهن جي سِر لاءِ، سَڀ عُمر گُذاريم سِگهي سِگهي.

١- وَرهين ڳَان وَٺي سُهڻل سَائين وَڏيل تُنهنجو آهيان،
وَڏِ اهي وَڏي ڦَٽ نِپٽ ٿِيا، چُئن تو مُشڪل پَانيان،
سِڪ جي سَهاري هَلان ڇِلان پِيو، نَہ تہ مَران هُوند ڇِڪي ڇِڪي.

٢- رَمز ۾ آهي رَت رُنو مون، تنهن جي دَرد هِجر جو،
جڳ جي اڳيان ڪِلي لِڪايم جاني زَخم جِگر جو،
ڳُجهڙي سُور ڪي ڳجهہ ۾ ڳَايم، ڏَاري ءَ ڏَاري ءَ ٽِڪي ٽِڪي.

٣- لاڳڻ تو لاءِ لاڳ وَهي، ويهي ويهي وِڃايم،
ديس وارا دِل تان پُلائي، تُوکي پَنهنجو پَانيم،
عُمر حَياتي پَنهنجي سَڄي مُون، سَمجهہ تہ تو وَٽ وِڪي وِڪي.

٤- لوڪُ تَہ سُهڻا لِک لَهي پَر، تُنهنجي ٻَجا ڪو ڏِيندو،
تو جيئن مُنهن جي مَرض دَرد جي، ڇَا دَوا ڪو ڏِيندو،
تَنهن توري ءَ مُنهنجا مُحب مِٺا، هر مَحفل آمون لاءِ ڦِڪي ڦِڪي.

٥- اَعجاز ڇَوي هَر حال خِيال ۾، دِلبر دل آ تو ڏي،
سَار سَچي ءَ تَار طَلب سَان آهيون گَڏ جڻ گو ڏي
پَر ظَاهر ۾ بہ جي پِيارا مِلين، تَان عَجب ٿئي پَنهن جي اِڪي اِڪي.

تلهہ: موٽ ُمنا دِل جاني وي - پرت سَنديون سُٽي يار پُڪارون.

١- مُند بَهار جي موٽي آئي - مَست هَوا مَستاني وي،
موڙ وَصل جون مُحب مَهارون.

٢- هينئڙي مُنهنجي تي حُزن تُنهنجي جي - هَردم آ حيراني وي،
حال جا حاذق ڏي ڪو دارون.

٣- پارس پيارا يار پَسائج - پُونم ماهہ پيشاني وي،
پَرِ ۾ ڪَيان پَئي تُنهنجون پَچارون.

٤- جَوش جُدائي جي آهہ جَلائي - مُنهنجي جَوت جَواني وي،
جَهر جَهنگ ڪَرايم عِشق جُهونگارون.

٥- اَڄ تہ تين هي مُشڪ عَطر جيئن - چَوڪا ماڳ مَڪاني وي،
اَعجاز چَوي مَيڄ اڱلي آرون.

تلهہ: اڃان تُون نہ آئين آلائي ڇو او پيارا - تولئہ نين ۾ هي هت آهن انتظارا.

١- اِنهي مُونجهہ سودا، پريشان ڪَيڙو - هنيو حال حَيرت ۾ حَيرانِ ٿيڙو،
وَهم حَول دِل تي، آيَم ڪَئين دُلارا.

٢- تُنهنجا چَارا رَاهون، تَڪيندي تَڪيندي - ڏُکيا ڏينهن رَاتيون ڪَٽيندي ڪَٽيندي،
آيو دَم لبن تي اَچي مِل خُدارا.

٣- هُيم جي اُميدون، اُهي سَڀ پَسم ٿيون - رِٿون رُوح وَاريون خُوشيون سَڀ خَتم ٿيون،
زَهر زِندگي تي جِيءَ جا جِيارا.

٤- ڪَجل سِينڌ سُرخي، ڪَيان ڪِيئن سَواءِ تو - وڳا ويس پَائي وِهان ڪيئن سَواءِ تو،
لڳي تُنهن جي لاَري، ڇِنا سڳ مُون سارا.

٥- اَچي سُهٽا هيڪر، صُورت وَج ڏيکاري - نَظر پيار وَاري وَري ڪَر تون وَاري،
تو اَعجاز چَئي ٿِيَن، نَوان ڪي نِظارا.

حزن: ڏک، ڳٽتي، غم

تلھ: ڪالھ بہ موهي مَاري وِئين، تُون اَڄ بہ موهي ماري وَڃ،
عِشق اکين ۾ پائي پيارا، پارڻ پيھر پاري وَڃ.

۱- پاڻ سِينگاري گُھنڊ اُتاري، مُنھڙو ڏِهاڙي ڏيکاري وڃ،
نيڻ گُلابي نِيمر ننداکا، چَائي چِتائي نِھاري وَڃ.

۲- جان جُدائي مَنجھ جَلي تي، ڪَا تہ گھڙي گَڏ گھاري وڃ،
پِيار مَنجھان ڪو پَنھن جي هَٿن سان، پَٽُ پِريم جو پِياري وَڃ.

۳- مُحب مِجاز جا مَچ مَچائي، دِلبر دِلڙي اُتاري وڃ،
بَاز حَقيقت وَارو بَچي پوءِ، عَرشين خِيال اُڏاري وَڃ.

۴- سِڪڻ جي مُونکي سُڌ نہ پُوري، سِڪڻ پِلا تون سيکاري وَڃ،
ڪِيئن سِڪان تو لاءِ ڪِيئن سڙان آئون، پَھ اهو تہ پَچاري وَڃ.

۵- اکيون مِلائي پَنھنجو بَنائي، وَرَ ڏئي مُونکي وَالاري وَڃ،
آئون بہ سَڌجان تُنھنجو اَعجاز چئي، نالو رکي ننگ پَاري وَڃ.

تلھ: جِيئڻ ڪَھڙو آ جَانب ڏاران - وِرھ وِڇوڙو تو ماري، هَر هَر ڳاري.

۱- ساريون راتيون سارا ڏِينھڙا، سَاھ سَڄڻ کي ساري، دَم نہ وِساري.

۲- سَوزُ پُراٿو سُورَ نَوان، آڇي پاند پِيا مون پناري، سانوڻ سِياري.

۳- ڏُوھ پِئي جو ڪونھي يارو، لڳا سون جَنھن جي لاري، سو پِيو رُئاري.

۴- اَعجاز علي شَاھ مُرشد سَائين، اَگڻ آڇي جي اوتاري، مُئي دِل جِياري.

تلهہ: آئون اِئين ڪِيئن ڇوان، جانب تو ڪا ڪئي آ جُدائي.

١- ٻولي ڪئي مُون ٻانهپ واري- گولي آهيان سا عُمر ساري،
پُوري ڪئن نہ پوان پوان- پاڻ ڪري تو سان جائي.

٢- صُورت سُهڻي سُونهن الاهي- لالي لبن تي سُرمي سياهي،
ناز وري نت نوان نوان- ماڻن تُنهنجن دلڙي چورائي.

٣- حاڪم آهيو حُسن وارا- رُوءِ زمين جا روشن تارا،
جيئن هلو تيئن سنوان سنوان- ڪانهي آوهان ۾ ڪا بہ ڏنگائي.

٤- مُونکي ناهي ٻيو ڪو مُطالعو- نينهن پڙهايو تُنهنجو نالو،
روز هجي ۾ روان روان- وات اعجاز جي اِهائي وائي.

تلھ: توسَواءِ تُنهنجي سَڄڻ، تَصويرِخيالي ٿا ڪَندي،
بي حُضوري عَاشقي، نَخچيرِخيالي ٿا ڪَندي.

١- سال سڪندي ٿيا اٿم، پر مَن نٿوٿئي مُطمئَن،
غائبانا دوستي دِل ڏيرِخيالي ٿا ڪَندي.

٢- ڪانگ قاصد ٿا ڪَندا، پَيغام پانڌي ٿا ڪَندا،
خَط وڪِتابت ٿا ڪندي، تَحريرِخيالي ٿا ڪَندي.

٣- ميل مَحبت مَهر و مَروّت، هَم خَيالي جي بَجاءِ،
بي رُخي جَلادگي بي پيرِخيالي ٿا ڪَندي.

٤- مُون وَڏائي وَس ڪَيا، پَر نا اُميدي پَئي پَلئِه،
تقدير ۾ ناهي وَصل، تَدبيرِخيالي ٿا ڪَندي.

٥- هن مُرغ دل دَاناءِ ۾، آزخُود اَلف آزاد ڪي،
زُلفِ ڏُتاوارو ڪَمند، زَنجيرِخيالي ٿا ڪَندي.

٦- تَوڙئون تَنازع[1] ڪاڻ جو، تَڪرارضِدتي آ بيٺو،
تَنهن بَڏوءَ[2] بي ڏِيان ڪي، شَمشيرِخيالي ٿا ڪَندي.

٧- آءُ آڇي اَعجاز ڇَئي، تُون تِي مُلاقي رُوبرو،
توسان توريءِ گُفتگو، تَذڪيرِخيالي ٿا ڪَندي.

(١) تَنازع: جهڳڙو، تڪرار (٢) تَذڪير: ذڪر

ٿلهه: بي دَرد بيوفا جي - بَرتاء بي رُخيءَ کان،
رَهڻو مُونکي پَري پيو - پَنهن جي غَمي خُوشيءَ کان.

١- بَهتر آهَي هُن ڳان - آئون بہ پاڻ پليان،
دَامن بَچي پَوي مَن - هُن جي مُنهن جي بَدي کان.

٢- اي دِل هَزار پيرا - دُوري وَڏيک آهي،
کَنهن بي قَدر سِتمگر - جِي پيچ لَئون لَڳيءَ کان.

٣- تُنهنجو ڏِسڻ تَکڻ رُخ - ميلو مِلڻ بہ گهوريو،
جَنهن وَٽ سُڃاڻ دِل جي - نَاهي کَشمَکَشيءَ کان.

٤- نڪريو وَڃن ڏُکاريون - سَنگ دِل جي حَق ۾ هائي،
آهون هي بَعضي دانهون - دَر مانِدي دل جَليءَ کان.

٥- کَنهن تي مَيار کَهڙي - کَنهن جي خَطا نہ کائي،
مُنهن جي وَفا لُڙهي وئي - مُنهنجي ئي سادگيءَ کان.

٦- کَهڙي طَرح وَٽايان - دُنيا کي پاڻ پنهنجو،
آهيان نِکارُ جَڏهين - دُنيا جي کَم کَميءَ کان.

٧- جَنهن جو جيئڻ وَڃي ٿيو - بَرزخ جي جِيئڻ وانگي،
تَنهنکي ڇا هاڻ حاصل - سِچ جَهڙي صُورتيءَ کان.

٨- اَعجاز جَنهن جي آئون - تِيس پيار جي نہ قابل،
مَرڻو بہ دُور پَئي وِيو - تِنهن جي شَهر گهَليءَ کان.

تلهه: دَم نہ سَهان تُنهن جي دُوري آلا - ويجهو ويهي وَري وِجهه مَرِوتيون.

١- تَرسي تَو لاءِ تُنهنجا نهاريم، تَڙ تَڪيا سَپ تِتيون آلا،
ذوق ۾ پانيم ائين ضَروري.

٢- چُستيون چَلاڪيون چَنچل چاليون، عِشق جي چوٽن چِتيون آلا،
ساهه سَدا ٿِيم مَٿي سِر سوري.

٣- جُڳ جُڳ جَنهن لاءِ تو در جاني، جُتيون جڳن جُون گُٿيون آلا،
پِرت بَچايئي سا مُونکي پَڪ پُوري.

٤- اَڄ تہ اَعجاز چَئي پاڻ ۾ پَنهنجون، پُوريون ڪَيون اَڳ رِتيون آلا،
جِن جي مِيثاقان آهي مَنظوري.

تلهه: آهيان آئون آجان تائين مُنتظر - ڏسان ڪَڏهن تو مُون سان وَفا ڪَرين،
مُون سان وَفا بہ مُنهن جي ٿي دِل وَٽان - نہ تہ سَمجهندس تہ تو دَغا ڪَرين.

١- تُنهن جي وَاعدن تہ ڪُنم گهٽئي - تُنهن جي آسرن تہ مُنم گهٽئي،
تُنهن جي ساڪپڻ ڪي ڏِنم گهٽئي - رڳو عاشق سان تو آنا ڪَرين.

٢- تُنهن جي وَفا جو مُونکي ضَرور آ - تُنهن جي وَفا ۾ مُنهنجو ظهور آ،
تيسين ذَات مُنهن جي مَستور آ - جيسين نَٿو تون جَلوي نِما ڪَرين.

٣- جي وَفا نہ پُڄئي تہ جَفا بہ ڪَر - جي نيڪي نہ پُڄئي تہ گلا بہ ڪَر،
اختيار راهه تُون ڪابہ ڪَر - چو تو خَتم ٿئي رَستا ڪَرين.

٤- ناهيون پاڻ اَڄ جا ڪي آشنا - جو نہ سَمجهون هِڪ ٻئي کي مِنا،
چَوان سَچ مگر اَعجاز چَئي - تُون چوندين تہ تو شِڪوا ڪَرين.

مَستُور: پردي ۾ لِڪل

تلھ: مُون ڏِنا ھا اڳ ۾ تُنھنجا مُحرمانہ آرِپیار،
ھاڻ ڪِيئن پَردا سَھان، ۽ غیرگانہ آرِپیار.

١- تُون بہ مُنھنجو آشنا، آئون بہ تُنھنجو آشنا،
پوءِ بہ مُون سان ڪِيئن ڪَرين جيئن ڪَن بيگانہ آرِپیار.

٢- تُنھن جي دِل جي تُنھن جي رُخ مان- پَئي خَبر مُون کي پَوي،
دِلربا لاشڪُ وِساريئي- دوستانہ آرِپیار.

٣- بادشاھن ۽ دَريائن- جا پُڏم پَھہ پُور جيئن،
ھوبھو تُنھنجا ڏِٺم تيئن- جانِ جانہ آرِپیار.

٤- توڙي چَريا مَست آھيون- تُنھنجا تہ بہ سَمجھيو وَيون،
بي دِلانہ آرِپیار ۽ بَا دِلانہ آرِپیار.

٥- ڪِين ڪوڙا سَمجھہ ڪَڍھين- سَڀ سَچا ثابت آئئي،
عاشقانہ رازِ نیاز ۽ عاشقانہ آرِپیار.

٦- مون لئہ مَھنگا ٿِين لئہ سَستا- اي مَنا مَحبوب چو،
مَھربانہ پال پاڪر دِلبرانہ آرِپیار.

٧- آئون وِساريان ڪِيئن اُھي- اَعجاز چئي تُنھنجا عَجيب،
لَب لَبن تي وَصل دَم بانھون سِرانہ آرِپیار.

تلھ: جي ھُجئي فُرصت تہ پيارا - پائي وَج کا جھاتڙي،
تُنھن جي عاشق جي آ تو لئہ - دِل گھٽي اَج آتڙي.

١- طَلب تي تَکرار تُنھن جي - ڪِيئن ڪَيان آئون صَبر،
مُنھن ڏسان مَحبوب تُنھنجو - تئيم تَن تَسلاتڙي.

٢- چُورُ مُونکي ڪَيو چُرڻ کان - تُنھن جي چِشمن ھِت چُٽي،
ڳانہ مون کان ھاڻ پُڇندي - تو سواءِ ہِي باتڙي.

٣- حال ھاجُون ھَڙ وِساري - اَچ مِنا مُنھن جي تَڏي،
با خبر تِي با وَفا - پوءِ برھہ جِي سُڻ باتڙي.

٤- جو مِلڻ جو ڏينھن ڏِين - يا جا مِلڻ جي رات ڏِين،
ڏِينھن سو سوغات ياڻيان - رَات سا باراتڙي.

٥- مُنتظر تِي تِي اکيون - ھي نيت يَرجي آگميون،
ڏِس مَتان ڪِٿ ڪَن نہ مُنيون - مُند بِنا برساتڙي.

٦- آڳ نہ ڪَڏھين ھيڏو ڪَنھن لاءِ - بي آرامون آئون تِيس،
تو آلائي اَعجاز چَئي - ڪَئي ڪَھڙي گھائي گھاتڙي.

ٿلهه: زندگي زَهر آ تو بنا، توکان پل نہ پري مان ٿيان،
جلي جان جگر ٿو هنياءُ، زندگي زهر آ تو بنا.

١- نکي ننڊ نيٽين ڦٿو آرام آسک تنهنجي تن ۾ تمام آ،
جيءَ ۾ جولان آ موت مهمان آ اهو ارمان آ،
توکان ڌار نہ دلبر جيان.

٢- لڳي آڳ اندر ۾ باهه پڙڪي پئي دل درد اثر کان ڌڙڪي پئي،
هي دل مدهوش آ خوشي خاموش آ برهہ بي هوش آ،
ڪنهن کي حال هي دل جو ڏيان.

٣- رات انڌيري آ گهٽجي ٿو هيءُ دم اهو اعجازؔ اندر جو متجي نہ غم،
چپ ڪيئن رهان ويٺو سور سهان ڪٿي ڳولي لهان،
تنهن کان قاتل ملي تہ پيان.

ٿلهه: مَاري مَاري نَہ مارِ سُهڻا- ڪَرِ ڪو قياس ڪُنل جو.

١- ڪايا مايا ڪِين مَنگان آئون، تُنهن جي آتم دَرِڪارِ سُهڻا.

٢- عِشق آسان سِر آگم لايو، نيٽين وَهن پيا نار سُهڻا.

٣- ڪَر مَسيحائي ماٺا چڏي تون- جاني جَنازا جِيارِ سُهڻا.

٤- مِهر مَنجهان ٿي مُرڪي هيڪر، جَام پريمي پيارِ سُهڻا.

٥- حُجت جي ڪا حاجت ناهي، حال ڪَريان ڇا هَروارِ سُهڻا.

٦- دَرد مُنهن جي جِي تُون دَوا ڏيندين، آهيان تُنهن جي آڌارِ سُهڻا.

٧- هِيءَ ويل مِلڻ جِي وَاجب آهي، وَائي وَصُل جِي وارِ سُهڻا.

٨- ياڦي آچي ڏِي يار اعجازؔ سان، رَنج رُسا مان وِسارِ سُهڻا.

تلھ: تُنھن جي مِلڻ کان وَڌيڪ، تُنھن جي جُدائي بَھتر يَانيان،

١- تُنھن جي وَفا کان تہ تُنھن جي بيوفائي- ڏاڍي لڳي ٿي مُونکي سٺائي،
تــوڙي غمــن جا آورِيــڪ[1] - تــہ بــہ سَرھــائــي سَر سَريــانــيــان،

٢- ھجرِ وصـــال جو راز پَروڙيم- ۽ سِڪ نــہ سِڪ جو ســـاز پَروڙيم،
سَوز سَواءِ سَڀ تَاريــڪ، ڪَانــہ سَھــائــي ڪَنھــن پَريــانــيــان،

٣- تُنــھــن جي ويجھــائيءَ وَارا ٿــورا - ڪِين ٿــا سَمــجھــن مــاٺھــو پــورا،
شَوق بِنــا جي شَريــڪ- طَوق تُنــھــنــجا ٿــوتِن سِر يــانــيــان،

٤- ڏُور جي توکَان تُون تن لاءِ مانــدو- وِيجھا جي توکي تُون تن لاءِ ويسانــدو،
تــوکــي نــہ جيــکــي نَزديــڪ، تُنــھــن جي پَلائــي تــن سِر يــانــيــان،

٥- تُنــھــنجا گــھــورا ٿِيــنــدا ڪــي پــورا - سي بــہ صَفَــا ڪــي بِلڪل ٿــورا،
تَن ســان بــہ تُنــھــن جي شِيــڪ[2] - ۽ مُنــھــن گــھــنجائِي آڪــثر يــانــيــان،

٦- چِت ۾ آتــم جا تُنــھــن جي چاھــت- شَل ســا آعجاز چٿي رَھــي سَلامــت،
سَرس سَدا هِڪ ســـاريــڪ[3] - نــہ تــہ عُمــر آجائــي آبــتــر يــانــيــان،

(١) اوريڪ: گھٽو، وڌيڪ، مينھن (٢) شيڪ: ڏاڍائي، ڪاوڙجڻ، نفرت
(٣) ساريڪ: لڳاتار، سدائين

تلھ: ھُو ڏسي مُون کان ھُو ويا۔ ھَر دم حُب ھِڪ جي رَھي،
لَوڪان لِڪي جَنھن ليئڙو پاتو۔ رُڳو ياد سَنديس لِڪَ جي رھي.

١- سُونھن جي ساراھ ۾ پَنھنجو پاڻ مَٽ ھو پِيو نہ ڪو،
جوڙجڪ جو جِنسار ھو، بَس لوڏ لڪ جي رھي.

٢- پاڪ پَوشاڪ پائي پرين، ميم سان مُرڪيو پئي،
جَواھري داٿا آڪ ڏسي، حَقيقت سچي حَق جي رھي.

٣- مُنھن مَسجد ھو مَحراب مثل، مُون ڪٽي ڪَعبو ڪيو،
سَامھون ڪَيم سَجدو اُتي، اھا ڳالھ ساري سِڪ جي رھي.

۴- جَو نہ مَڃي مَحبوب کي، سو ڪافر چَوان ڪُفران مان،
اَعجاز جِيئن ھو مُون ڏنو، تيئن ئي تَنھن جي چِڪَ جي رھي.

تلھ: تو سَچڻ سڪڙي ڏِني۔ مُنھنجو تہ ڪو رايو نہ ھو،
پَنھنجي پَڌرائيءَ جي لاءِ۔ ڇا پيچ تو پايو نہ ھو؟

١- نينھن جي نَالي ۾ نَاتي۔ جي پِيَم تو کان خَبر،
آئون تہ ھُئس نا آشنا۔ اَڱ نينھن مُون لايو نہ ھو.

٢- يَاد ڪَر اُن ڏِينھن کي۔ جَنھن ڏينھن لَبُ لَبَ تي رَکي،
پِيار ڏَئي پَنھنجو مُونکي۔ تو ڪُجھ کي فرمايو نہ ھو.

٣- ھُت تو موھيو ھُونئن مِنا۔ ۽ ھت تو موھيو ھيئن وَري،
مَھ جَبين مَحبوب تي۔ تو گھور سَان گھايو نہ ھو.

۴- جي آچيئي پَت پِرين۔ "اَعجاز" چَئي ھِن ڳالھ تي،
تو سَواءِ تُنھنجو قَسم۔ ھِن دل ۾ ڪو آيو نہ ھو.

تلهه: هاڻ تہ جُدائي ڇڏ او سِتمگر، گهڻئي سَهايو سِڪايو اٿئي،
نِيڻن جو ڦٽُ بَدنامُ نِپَٽُ، ناسُورُ وَري بہ ڇڪايو اٿئي.

۱- سالَ سَنيارِ تہ ڪيڏا ظالمَ تَسِيا ڏيئي تَسايو اٿئي،
پَنهن جي چاهِيندڙ عاشِق ڪان، ڪيڏو ڏُور ڏسايو اٿئي.

۲- ڏُک ڏُکن تي ڏيئي اُلٽو، ڏکويَل ڏيل ڏُکايو اٿئي،
ڏاڍُ ڪمائيئي چا هَٿ آيئي، کهڙو پڳڙُ پرايو اٿئي.

۳- ڪَيئي گهٽا پَڙهڪ بہ مون سان، وعدو ڪونہ وَفايو اٿئي،
سَمجهي دِيوانُو پاڳَل مُونکي، لَحظي لَحظي لُڀايو اٿئي.

۴- پَري پَري ڪان جَلوا ڪَري ڏِس، ذَري ذَري تڙپايو اٿئي،
قَريب نہ ٿِين ٿو دِل نہ ڳِنديِن ٿو، يَار کي يَارُ نہ ڀانيو اٿئي.

۵- دُوريء وَارا دَنگَ وِجهي، تانگهن ۾ تَرِسايو اٿئي،
دَرشَنَ کاڻ سِڪائِڻُ ڪِنهن کي، سَانولَ ڪِيئن سِيبايو اٿئي.

۶- جَرحَ ڪَرِين ٿو جَرحَنِ تي، ٻيو عِلاجُ نَظر نہ آيو اٿئي،
وِيجُ سَڏائِڻُ ڦَٽُ نہ ڇڏائِڻُ، مُنهن تي ڪونہ سُونهايو اٿئي.

۷- اَلستُ چَئي پوءِ وقت اَزلَ جي، ڀيج اَعجازَ سان پايو اٿئي،
يَادِ اٿئي يا وِسري وِيئي، يا يَاد نہ ڪنهن ڪرايو اٿئي.

پڳڙ: سوپ، ڪاميابي

ٿلهہ: منهن جي توکان سَواءِ سُهٽا سَرَنِدي پَئي،
تـنـهـن جي پيـارِ بنان دِل پَرَنـدي پَئي.

۱- هاڻي هيئَن وَڃي پَنهنجو هوش کَندس- هَر ڳالهہ تُنهن جي فراموش کَندس،
تـوتَان خِيـال ڪَڍي خَامـوش ڪَنـدُس- تـوڙي جَانِ جُدائـيءَ ۾ ڳـرَنـدي پَئي.

۲- تـوکـان پاڻ پلڻ جي ڳولـي ڳَري- ڏيـنـدس دِل نـہ وَري وِيـنـدي پـوءِ سَري،
بَاقـي بَاهِہ آزل کـان جَا آهِہ بَري- سَا بَاهِہ بَدَنَ ۾ ٻَرَنـدي پَئي.

۳- تون کـونہ مُنـهنجو رَازِدَانـو هُئين- نـکـي دَرد مُنـهن جي جو دَرمانُو هُئين،
تـون تـہ مُون لاءِ هکـڙو بَهـانـو هُئين- کـولـي نيـٿ اِهـا ڏيَـئي وَرَنـدي پَئي.

۴- هن ديـوانـي دِل جَا ڏوراپَا سُڻـي- ٽيـنـديئہ اَعجَاز ڇَـئي دِل گَـرم گـهـٽـي،
نَاهيان آئُون بـہ نِـدَڻـکـو آئـم ڏٺي- کـندو مـوليٰ عَلي ؑ بيـڙي تَرَنـدي پَئي.

ٿلهہ: منهن نہ آسان کان تُون موڙ، سُهٽا آسِين اَصل کَان آهِيون غلام تُنهنجا.

۱- عَرض تـوکـي هِي کَن ٿَا عَاشِق- نـيـنـهـن نِمـاڻَن سَان وِي نَازڪَ،
لاڻِـي تَان کَر تــوڙ.

۲- پهرِيائين سَڏائي پِيار ڏِيئي پِيارا- سِک وَنديِن جي پوءِ سِيني سَچارا،
خَنجر جدائـي جو نـہ کـوڙ.

۳- مُنهن موڙَڻ جو ڇَڏ خِيال مَـٺائي- عِشق تُنهنجو مِک ماس ٿو کائـي،
شِينهن واري ڏيو گـوڙ.

۴- اَعجَاز چوي اَڃ حِجَاب لاهـــي- تــــو سَواءِجيءُ جاءِ نَاهـــي،
تـــيءُ جَڏن سَان جَوڙ.

تلھ: اُھي اينبا موتي مِلندا، وَتان جي وِيَم وَرھ ويھي.

١- آچي جي حَال ھڪ ٽيندا، ٻُڪيون ٻَھگِڻ ڏسي ڏيندا،
ڪَري ننگ نَال نِتر نيندا، ڪاپارِي ڪَرَ جلي جلندا،
ڪَيئون جِيھي ٽينديَن تيھي.

٢- ڏِنيون جِن تي وِرھ وٽيون، ڪولي جَھڳ مڳ مَئي مَٽيون،
اُنھنَ ريءَ پَئي وِييون گھٽيون، ھُتا ياڳين ٻَختين ٻُلندا،
صِفت تَن جي ڪَريان ڪَيھي.

٣- ڏَاڍا ڏُک سُور ڏِنم ھَردم- سُھمان صَدمان سَنم ھَردم،
آچان تہ بہ آس اَٿم ھَردم، صحن ھِن تي سَجڻ تِلندا،
سِينگاري نين نَنگي نِيھي.

٤- ڏِني آفَال وَاڏائي، آھي وَڻ وَڻ اِھا وَائي،
مُنھن جي لَٿون لَٿون بہ گَاگھائي، مون سان خُوش تي وَري ڪِلندا،
پرين اَعجاز پَکي پيھي.

تلهه: گَڏجي گُذار گُل(1) عَذار اوي - لاَهه مُنيءِ تان لوڪ جون توڪون.

١- ڪِين وَٽن تا تَوريءِ دِل ڪي - هار سينگار ويس سارا وي،
طَعام تَراوتي طُول وِهاٽا وِهه تيا منگهٽ(2) مُهارا (3) وي،
آهڙيون وِڏيون مُونکي تُنهن جي عِشق طوقون.

٢- تَرڪ ڪَيا مون تُنهن جي خاطر - ماٺهو وَطن جا موچارا وي،
طَعنن تُنکن سِينو ساڙيو - مَن تي چڙهيا ڪئين مُونجهارا وي،
سَورن سَجيون سِر تَيون نَيون نوڪون.

٣- سَيئي مُندون تنهنجي سِڪڙي سانڍي - وڙير توکي هَر پارا وي،
سَمند دَرياءَ شَهر بَاغيچا - روهه رُليس ريگڙ يارا وي،
سَوجهي سُجهيم سَايون سوکون.

٤- ڪائنه آچن تا اَعجاز چَوي هي - آسن خَالي اوتارا وي،
سُورِ انهي ڪان پَائي مُنهن مُونين - نِير وَهايم نارا وي،
آءِ وَساءِ آچي اُجڙيون جهوکون.

(١) گل عذارا: گل جهڙو چهرو (٢) منگهٽ: تاج ڪلنگي
(٣) مهارا: سيج، پلنگ

تلهه: سڪندي سڪندي يار پيارا، نيٺ وِياسون اَچ مِلي،
هِڪ ٻي جا حال وارا، خُوب ٿياسون اَچ مِلي.

١- آسرن آرسن اُميدن اِنتظارن ۾ مَري،
جڳ اندر جاني وَري، جيڪر جِياسون اَچ مِلي.

٢- تارتانگها تيز ڏارا، ٽُرهي توڪل جي تَري،
لُڙ لنگهي لس ليٽ لارا، پار پياسون اَچ مِلي.

٣- پيار سان پنهنجو مِلڻ، هِت آ عِبادت جي بجاءِ،
دَر خُدا جي آيِ دِلارا، چَڻ نياسون اَچ مِلي.

٤- مَن چِيو چاهيو تي جيئن، اعجاز چئي مَحبوب تيئن،
تِي نيارا مَن قرارا، قُرب ڪياسون اَچ مِلي.

تلهه: گُذري وِيا ڪئين جڳ مِٺا، موتي نه مُنهن ڏيکاريئي،
دِل جي ڦرهي تان پرين، لاشڪ مونکي ميساريئي.

١- ڏُک ڏنجها مُنهن جي بلي ڪَري، پاڻ تئين وَڃي سُک سَچڻ،
ايڏي ڏاڍائي ڪَرڻ جو، ڪنهن سبق سيکاريئي.

٢- قبر جهڙا ڏينهڙا، ۽ قيام جهڙيون راتيون،
پئي ڪتيان آئون صبر سان، ساجن سُخن نا پاريئي.

٣- جَل جنجل تي هيءَ حياتي، تو پُڇاڻان جانِ مَن،
هُئين جِيا پو جان جو، سو ڪِين گذجي گهاريئي.

٤- ڪَل هُئي توکي جڏهن، هِن مَست جي هَر حال جي،
پوءِ هجر جي جاني جيئڻ ڪان هِيو نه اڳ ۾ ماريئي.

٥- دَر بَدر ٿيس دِلربا، تُنهن جي ڏسڻ ديدار لاءِ،
آءِ اَچي مِل ماهرو، اعجاز کي چو وساريئي.

تلھ: سي پَلا ڪيئن سُکِ سُمھن، جَن کي نيئَر پيو نينھن جو.

١- عَيش عِشرت دِين دنيا، شوق شاهانا ڇڏيئون،
اوچتو وِيڙن لڳي، ڏکُ عِشق واري شِينھن جو.

٢- ناز نينن جي نِگاهن، نيم بِسمِل جَن کي ڪيو،
نيڻ تن جا تيئن وَسَن تا، جيئن وَسڻ آ مينھَن جو.

٣- عام سان اعجاز عاشق، حَال دِل جو ڪِين ڪَن،
ڳُجھ اندر ڳَرندا وَتن، اُهي رَات تو ڙي ڏينھن جو.

تلھ: سَجڻ تُنھن جي جُدائيءَ ۾- جَلي پَئي جَان جِند سَاري،
رِھين ڪَان بَس چِني ناتو- يَکي توسان رکيم يَاري.

١- سِڪڻ تُنھن جي نِيو سُکڙو- رُئان رَاتو ڏِينهان رَتڙو،
حَياتي تَان ڪَنيم هَتڙو- ڪيان ذَر ذَر پيو زاري.

٢- ڪِتان آئين تُون پَرڏيھي- هَٽي رَمزون تو دِل ريھي،
گَھڙي پَل گَڏ پرين ويھي- ڏِنيئي پوءِ ڪَانء ڏيکاري.

٣- ڇَيو تو پِرت سان پَرجان- ڏُکن کان ڪِيم کي ڏَرجان،
قِران تان هاڻ مان قُرجان- ھِمت ڏي مُونکي هَر واري.

٤- هَنيو دِيدون تُنھن جي دَر ۾- پچان ڪامان پيو پَر ۾،
رکي سَودا ڪي هِن سِر ۾- ڪَنئي اعجاز سِر خُواري.

تــلــهـ: بـيـوفـا دِلـبـر وفـائـيءَ جو قدر ڪڏهن ڪـنـديـن،
صبر مُنهن جي ۾ سچائيءَ جو قدر ڪڏهن ڪنديـن.

١- رهـ رقـيبن سـان پـلـي، رلمل مگر محبوب تُون،
سوز جي سـاڙيل سوداـئيءَ جو قدر ڪڏهن ڪنديـن.

٢- نام تُنهن جي تان اي دلبر، ٿيو وَتي جو نت نثار،
اُن جي اُلـفـت آشـنـائيءَ جو قدر ڪڏهن ڪنديـن.

٣- مُنهن جُدائي ۾ وجهي، محروم مُونکي ڪيم ڪر،
همـنـوائـي هـيـڪـڙائـيءَ جو قدر ڪڏهن ڪنديـن.

٤- دم بدم ديـــدار لاءِ، آهـــون پري اعجاز تـــو،
شاهِ خُوبان[1] هن شيدائيءَ جو قدر ڪڏهن ڪنديـن.

تـلـهـ: مَن دانهن ڪا مُنهنجي سُٽي- محبوب ڪن مُون تي ڪرم.

١- آديـون آوهـان ۾ آهـي ڪا، ناتاهـ پرين ڪـي نـاهـي ڪا،
پِي واهـ مُنيءَ ڪي ناهي ڪا، چت ۾ رکيم جن ڪي چٽي،
شل پـيـــڙو ٿـئـي تن جو پرم.

٢- اِهي سُور اچي ته آنبوهـ[2] ٿيا، ڏاڍا مون کان هت ڏوهـ ٿيا،
سِي ڪِيئن ٿـيـا ۾ ڪوهـ ٿيا، جن جي سزا پوڳيان پٽي،
ماري ٿـو هي جيـئـري مرم[3].

٣- ريءَ تن جي ڪيئن آرامجان، پٽي نالي جن جي نامجان،
ڪامـيـو تـنـي لاءِ ڪامجان، دل سان ڪنيا سي مون ڏٺي،
ڏريان چڏي پنهنجو جهم جرم.

٤- اعجاز چا آئـون پـائـيـان، رب جي رضـا ڪي رانـئـيـان،
هي ڪم قضا جو پائـيان، جنهن سـاهـ ساجن سان اُٺي[4]،
ورُ ڏيـئـي وڏو ويـڇو ورم[5]

---

(١) شاهِ خوبان: سُھڻن جو سردار (٢) انبوهـ: بيشمار (٣) مرم: پشيماني، پڇتاءُ
(۴) اُٽي: واٽيل ڳنڍيل (۵) ورم: ڦٽ، زخم

تلھ: وَھوا سَڄڻ مُون سَان خُوب نِڀايُئي، جِيئن بہ نِڀايئي پَاڻ پَلايئي.

۱- تُوسَان ئي تُوسَان نينهن ڙو لاَتم، تَوکي ئي تَوکي پَنهنجو ڄاتم،
پَاڻ کَڏهن مُونکي پَنهنجو نہ ڀَانيُئي، جِيئن بہ ڀَانيئي پَاڻ پَلايئي.

۲- پيچ پراڻو پيار پيارا، قرب وفا اِقرار پيارا،
ڀَانيان تو بِلکل دِل تان ڀُلايئي جِيئن بہ ڀُلايئي پَاڻ پَلايئي.

۳- تُنهنجي تہ سَانگي تُنهنجي تہ خَاطر، بَنيُس بيراڳي مَست مُسافر،
دِيد آڙائي ديس ڇَڏايئي، جِيئن بہ ڇَڏايئي پَاڻ پَلايئي.

۴- حَال پُڇين هَامون کان آندر جو، رَايو ايراضو سَانگ سَفر جو،
سَخت ڪِشالو سُهڻا کَرايئي، جِيئن بہ کَرايئي پَاڻ پَلايئي.

۵- ڄَا آئون ڄَوان پِيو ڇَئي نہ سَگهان ڪُجھ، ڏُک جو ڏورا پو ڏيئي نہ سَگهان ڪُجھ،
سُور سَلڻ کَان بہ دُور رَهايئي، جِيئن بہ رَهايئي پَاڻ پَلايئي.

۶- اَڄ بہ اعجازؔ جي آ تُوسَان يَاري، سِتم جَفائون تُنهنجا بہ جَاري،
يَاريءَ کي گُلزار بَنايئي، جِيئن بہ بَنايئي پَاڻ پَلايئي.

ٿلهہ: مُون وِسارِيُّي ڪِين ڪُونئر- تو وِساريو ڪِيئن هُوندو،
سِڪ لَڳِي ٿي سِڪ ڪي دِلبر- تو وِساريو ڪِيئن هُوندو.

۱- سَارڻ آهي سَارڻ وَنان- سَارڻ سَواءِ سَارڻ نہ ٿئي،
اِن مَان ثَابت آهي هَر هَر- تو وِساريو ڪِيئن هُوندو.

۲- آڪ مِلائڻ پَٽ پلائڻ- رُخ رلائڻ پيار سَان،
پيچ پَائڻ نَاز پَرور- تو وِساريو ڪِيئن هُوندو.

۳- وِچ وَاهن وَيرِيُن جي چورَن- ۽ ڀَچورڻ تي لَڳي،
اي حُسن جا پيرَ پيڪر- تو وِساريو ڪِيئن هُوندو.

۴- دِل جي ڌَڙڪن دِل جي تَڙپَن- دِل جي ڀَڙڪن ڪي ڏسي،
تو چوان تَڏهين تہ مُنور- تو وِساريو ڪِيئن هُوندو.

۵- جو وَچن ڏِيئي وَني- اَعجاز ڪي پَنهنجو ڪَيُّي،
سو يگانا يَار يَاور- تو وِساريو ڪِيئن هُوندو.

ٿلهہ: جَڏهن يَاد پوين تو پيارا- وَهيو نيڻين پَون ٿا نَارا.

۱- اَڄ دَانهون ڪَري ٿي دِل تو لاءِ- سَواءِ تُنهنجي مَرڻ آ مون لاءِ،
ٿِي ڳَائڻ پيئڻ وِيا ڪارا.

۲- لَڳو ڪَهڙو خِزان جو هي جُهوتو- مِليو پَن نہ پن ڪي ڪو ٻوٽو،
ٿِي وِيران گُلشن پيا سَارا.

۳- سُڻ شَاهہ اَعجاز جا سُهڻا- توڪي آهي عَرض مَن مُهڻا،
اَچِي لَاهہ مَنهنجا غَم غُبارا.

تلھ: ڏي ڪامُون يارِ ڏيکاري - ڪَري سُھڻا قُربدارِي.

١- تُنھنجي ديدار لاءِ دلبر - ڏوريا مُون ڏُک ڪٽي ڏُونگر،
ڏِسڻ ۾ آءُ تُون ھيڪر - سَجائي ٿِئيم سِڪ سارِي.

٢- سَتم تو ڪاڻ ڪَئين طَعنا - بَديون ۽ بار بُھتانا،
ڪَيم تَنھين بہ شُڪرانا - لَحظي لَحظي ۾ لک وارِي.

٣- رَقيبن جي وِڏا رولا - تُنھنجي مُنھنجي وِچان اررولا،
لاھي سي مِل نامِ مَوليٰ - جُدائي جان جِند ڳارِي.

٤- پَلئہ ۾ عَيب لک پائي - آيو اَعجاز تو سائي،
سَچڻ سيني تَنھن کي لائي - وَري وِجھہ کين ھَڏ ڳارِي.

تلھ: نَاھي ڪا نَاھي دَوا - دوست اوھين ڏيو ڪا صلاح،
ھيٺو حَال ٿي ويو سچڻ سواء.

١- لڳي دل جو دارون ديدار آھي - حڪيمن طبيبن کي خبر چار چاھي،
شفا دار ايندو ڏيندو شفا.

٢- آڏو اکين جي آئي انذاري - سَوين سُور سِر جِيا مونجھہ دل آماري،
وڏي ھن وچوڙي وڌو آصفا.

٣- اُھا پياري صُورت ڪونہ ڏِسان تو - جَنھن لاءِ اَعجاز چَئي رَوز رئان تو،
ايندو نيت موتي ماھِ لقا.

ساپو، سائي: چانوَ

تلهہ: مُنهن جي رِيجهہ واري آدا تي نہ توکان،
ڪيم جا سا پوري صدا تي نہ توکان.

۱۔ عَجب آهي مونکي اهو يار تُنهنجو،
ڪري ڪيئن وساريو تو اقرار پنهنجو،
ڏري جي بہ مون لاءِ وفا تي نہ توکان.

۲۔ هيڏي جان هوندي نہ حِڪمت هلايئي،
دِلاسن ۾ خالي مُنهنجو جيءُ جلايئي،
منهنجي دِل دکيءَ جي دوا تي نہ توکان.

۳۔ توسان نينهن لايم اِها چُڪ ڪئي مون،
توکي پنهنجو ڀانيم اِها چُڪ ڪئي مون،
خطا مُنهنجي آهي خطا تي نہ توکان.

۴۔ اَصُل بِرهہ وا ن تي سَڀ بار آهي،
سُوري سِڪ عُشاقن جو سينگار آهي،
چئي اعجاز چڱو جو ڏيا تي نہ توکان.

تلھ: يَڪي سر يار سان يَڪ جا- ملڻ جو ڏنگ مُشڪل آ،
وصل وارو چئُون پيا جو- ورڻ سو ونگ مُشڪل آ.

۱- چڙهي واتُون اصل اڳ جون- الاهي عشق جي ڏڳ جون،
ونِي رسمون تہ هن جڳ جون- ٽپڻ هُو ڏنگ مُشڪل آ.

۲- مَحو بَنجي مَستاني جيان- رهي دم دم ديواني جيان،
ڪَري دَعويٰ پرواني جيان- پچڻ تي پَتنگ مُشڪل آ.

۳- سچائيءَ سِڪ ۽ صحبت سان- مردن جي تہ محبت سان،
سِواءِ رندن جي رَغبت سان- تيڻ آڙپنگ مُشڪل آ.

۴- پري پِنڌ آعشاقيءَ جو- فَنا في الله فراقيءَ جو،
چوي اعجاز مُشتاقيءَ جو- پرڻ نت نَنگ مُشڪل آ.

تلھ: دلبر پلي ملياسون- تياسون نوان سوان،
رستو بہ پيار وارو وري تيو روان دوان.

۱- سُورن سَلڻ جي موڪل، جيڪر ملي تہ ڪَريان،
سَاري سَنياري سُر سان چيتاري چوان لَنوان،

۲- توڙي هُجن ڪي تاءُ ۽، تڙڪا تڪا تَبر،
تَہ بہ تُون نہ مُنهڙو موڙجَان ڪَنهن جيَ پَوان تَوان.

۳- سُهٽا تون ڪَر سينگار، آئون گهور گهور ٿيان،
آئينو بنجي تُنهنجو، تو اڳيان پَوان ڪنوان.

۴- وَرهن ڪان هن اکين ڪي، هو انتظار تُنهنجو،
هَاڻي نہ وڃ وڪَنان مُون- غيرن جي پَوان تَوان.

۵- اعجاز دم بَدم تو، ڪَري توڪي هيءَ دُعا،
جويَن اِنهي سَان جَاني، هُجين شَل آوان جَوان.

رغبت: واسطو، ميل ملاپ، صحبت

ٿلهه: دلربا جو جن کي هٿ- ديدار ٿيو دم دم نصيب،
دم نه آ دوريءَ جو تن کي- وصل آ پيهم نصيب.

١- دل جي بي تابيءَ ڪئي- ديوانگي جڏهن قبول،
من کي تڏهين ٿيو برابر- من سندو محرم نصيب.

٢- طب طبيبن جي ڪان جيڪو- درد ويو ٿي لاعلاج،
تنهن کي ٿيو محبوب تنهنجي- ديد جو مرهم نصيب.

٣- بس سوئي ڪافي ٿو پائيان- زندگيءَ ۾ لاءِ يار،
جو هٿان ساقيءَ جي ٿيڙم- خُمر جو هڪ خُم نصيب.

٤- سخن سوزيده سچو ۽- پيچ پختو پائدار،
سالمن کي ٿيو ۽ ٿيندو- سودو هي سالم نصيب.

٥- عارفن ۽ عاشقن کي- هر گهڙيءَ هر جاءِ آهه،
دل جو دُر دل جي حضوري- دل وارو عالم نصيب.

٦- هيئن هجي شل هر هميشه- هيئن هجي شل سو بسو،
عشق جي جيئن اڄ اٿم- هي دست در پرچم نصيب.

٧- هردو عالم جو اعجازا- بي شبه حاڪم سو چاڻ،
عاشقيءَ سان جنهن کي آ ڳڏ- دلبريءَ جو دم نصيب.

ٺلهہ: تُون جو چمن ۾ آئين - تہ هي هُل مَچي ويو،
جَنهن جو هو اِنتظار سو- خُوبان اَچي ويو.

١- نِرمل جي نيم خواب - اَکين کي ڏِسي ڏِسو،
نَرگس کَنول گُلاب - نِيلوفر نَچي ويو.

٢- گُل غُنچہ گِرفتار - تہ تو وَٽ ڏِنم اَچي،
پَر جو پَتنگ پَهتو سو- تو وَٽ پَچي ويو.

٣- تُنهنجي تہ دِيد جي هِت - اَڄ هِيءَ بہ ڳالهہ آ،
جَنهن ڏي ڪَنيئي سو وِيو - ڪُسي ڪَهڙو بَچي ويو.

٤- گُلشن ۾ گُهمندي - جِتي تو قَدم ڌريو،
سَجدو ڪَرڻ تي فَرض - اُتي اَڄ سَچي ويو.

٥- سَڄڻن ۾ آ خُوشي - ۽ رَقيبن ۾ غَم اِهو،
اَعجاز تُنهنجي عِشق ۾ - ڏِس ڪِيئن آ رَچي ويو.

تلھ: پلي يار آئين تُنھنجون لک پلايون، آسان پاڻ تُنھنجون ڳالھيون ويٺي ڳايون.

١- پرين تُنھنجي پَلپل پچارن ۾ ھُناسون،
اُڪنديا اُڪيرُن اوتارن ۾ ھُناسون،
آچا ھَوڪا مَس ٿي، مَٿان تون بہ آيون.

٢- سچڻ تي مُتوَجَہ، خُوش خوش ڪريون ڪا،
بيحد بَندگين سان غُلامي پَريون ڪا،
آسين تُنھنجي بيلھَپ عبادت تا پَانيون.

٣- تو لاءِ ھن ڪَکَنِ ۾ اڪين ۾ بہ جايون،
تو لاءِ تَن ۾ مَن جي تَھن ۾ بہ جايون،
تو لاءِ ھَنڌ ھئين ۾ سيجُون سَوَرِچايون.

٤- آسانکي تو چاھيو، آسان توکي چاھيو،
آسان سان اَعجاز چئي، ريجھي رَس تو راھيو،
فَهُمْ فَاذْكُرُونِيْ ڪيون سپ سٽايون.

ٿلهه: طَبيعت رَوان ٿِئي ٿي ٿُوکي ڏِسڻ سان- حَقيقت عَيان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سَان.
١- تُون آهڙو ته آهين صُورت وَند سُهڻو- مَحبت جَوان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سَان.
٢- گُلستان گُلن ۾ عَجب مَنظرن جي- عَدم دَاستان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سَان.
٣- حُورن ۾ پَرين ۾ حَسينن سَين ۾- خِجالت[1] نِهان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سَان.
٤- اُجُون آب کي جِيئن بِنا دَم پيئي تيئن- پيان ۾ پيان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سَان.
٥- نَظم جي نَموني سَڄڻ يَار تُنهن جي- حِکايت بَيان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سَان.
٦- جَڏهن گُهنڊ پَائي گُهمي تو گُلن ۾- ته آهه و فغان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سَان.
٧- بَيان حُسن تُنهنجو کَيان کيئن سَمورو- گُونگن جِيئن زَبان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سَان.
٨- تيوهڪ وَجون تا حَيقت جي پڙ ۾- خَتم تُون ۾ مَان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سَان.
٩- کُلي کَانه اَعجاز جي هُونئن کَڏهن دِل- کَنول ڦُول جان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سَان.

ٿلهه: کِليا گُهنڊ کولي سَڄڻ گُل آندامي- پريمي مِلياسُون پرين خُوش خِرامي.
١- مِلي پيچ پَاتئون کِلي نيڻ لاتئون- پَنهنجو تَنگ سُڄاتئون ٿِيا هَم کَلامي.
٢- نيڙا تيا نِظارا نيهي نَين پيارا- کَجل رَيهه وَارا بَبينه[2] بَادامي.
٣- عَجب رُوپ رُو سَان، خُمر خُوب خُو سان- عَطر مُشڪ بُو سان زُلف سِيهُ[3] فَامي.
٤- ڏَاڍا نَاز ٿا کَن ڏِسي کَهڙا ڏِسجن- صَدق سَاهه لاکن، کَيو مون مُدامي.
٥- رَقيبن جا رَايا پَچي پَاڻ آيا- اَعجاز آجايا کَيم وَهم خَامي.

(١) خجالت: شرمائڻ (٢) ببينه: نظر وارا (٣) سِيهه فامي: ڪارو رنگ

تلھ: وِيھ تہ ڇالڙا وَندبيون وَندبيون، ڊولِيا ڪَر نہ وَڃڻ جي.
ڪَر نہ وَڃڻ جي، ڪَر نہ وَڃڻ جي، ويھ تہ ڇالڙا وَندبيون.

۱- ڏِٺي نہ ڏِٺي وري مُحب مِلڻ هيئن- ڏسڻ پَسڻ ۾ رَمزرکڻ هيئن،
ڳوڀُون ڏِٺي مَن ڳَنديون ڳَنديون، ڊولِيا ڪَر نہ وَڃڻ جي.

۲- آهڙو آئي ڪو جادو نَظر ۾، لوچَ لڳي وِئي قلب اندر ۾،
ڪاهي پَيون تُنهنجون ڪُنديون ڪُنديون، ڊولِيا ڪَر نہ وَڃڻ جي.

۳- مُند بَهار جي مَست هَوائون، گُل ڦُل بَرسيل گهانيون ڇانئون،
مَينگهون مَلارُون مَنديون مَنديون، ڊولِيا ڪَر نہ وَڃڻ جي.

۴- آئون نہ اعجاز ڇِٺي هڪڙو هِتي ئي، تُنهن جي مِلڻ ڪَيا مُشرف ڪيئي،
لِڪين نوازيون تو لَنديون لَنديون، ڊولِيا ڪَر نہ وَڃڻ جي.

تلھ: پاڻ ملون ٿا تہ رَنگ رچن ٿا- اَزلي سَچا ڏِين اَنگ وچن ٿا.

۱- ريس ٿئي تي راڇن ڪي- وصل جا پاڻ ڪي ڍَنگ اَچن ٿا.

۲- پَنهن جي حُسن جا جلوا جَهلڪا- پَايو پَلئہ ۾ پَتنگ پچن ٿا.

۳- جِت آئون تون ملُون اُت ڏُوم مچي ٿي- اَرض وسَماءَ تو مون سَنگ نچن ٿا.

۴- مَئي جا پِياڪ جو پِيئندا مَئي- مَئي جا ڪِٿي پوءِ دُنگ بچن ٿا.

۵- جي ميلا هُجن تہ اعجاز هَمڙا- عِشق جا جِن ۾ آڙنگ مچن ٿا.

ٽلم: رَشڪِ نَصيب آهيان، ڪَمتر نَصيب هُوندي،
آغوش ۾ صَنَم آ رَهزن رَقيب هُوندي.

١- هن مُرغِ دل لاءِ دلبر، پيا قيد ۽ ڪَمند ڇو،
دَڪبا دُوال دَامون ڦانڌا فريب ڦند ڇو،
آبروءِ خَنجر هُوندي، زُلفِ صَليب هُوندي.

٢- جيڪي مِناڻ شِيرين جيڪي لَذيذ چيزون،
وِسريا سَواد تَن جا، طَرحون مَزا تَميزون،
هِن لاَل لال لَب ۽ لاڪڻ لَبيب هُوندي.

٣- مُنهن جي نِگاهه ۾ پيو نَقشو نَڪي نظارو،
مَشغل مُشاهدو آ بَس جانِ جانان وارو،
پِيا سَپ نِظارا گهوريم نرمل نَجيب هُوندي.

٤- هي بَخت ڪي سِتارو، ڪي آ ڪَمال مُنهنجو،
مَحنت چوان ڪي مَشقت ڪي حَال خِيال مُنهنجو،
تِيس غيرتِ تَونگر مُفلس غَريب هُوندي.

٥- آئون دَاغ پَنهن جي دِل جا، دِل ڪَان بہ پيو لڪايان،
ڪِيئن عَام ڪي پَوءِ تن جو، وَاقف سَڏي بَنايان،
مَن جي طَبيب مَحرم مَاهر مُجيب هُوندي.

٦- بَرسات بُوند جُهڙ ڦڙ بَن بَاغ نَو بَهارا،
مَئي جَام مِينا ساقي خُمار مَن قَرارا،
قُربان جَان دِل هِن مَوسم عَجيب هُوندي.

٧- اڄ ڪَلهہ جَا نينهن نَاتا، اعجاز بي نَويدا،
بيجا رَواج رَسمون بيجا عَمل عقيدا،
ڪَن غائبانہ يَاريون حَاضر حَبيب هُوندي.

ٿلهه: اَڳڻ مُنهن جي دِلبر- عَجب ٿي ٿُون آئين،
سَڄڻ سَائين سِڪ جو- سَبب ٿي ٿُون آئين.

۱- نَازڪ تَن بَدن سَان- حُسن مَن مگن سَان،
رَنگي رُخ چَمن سَان- مِني لَب لَحن سَان،
گُلابي چِمن سَان- غَضب ٿي ٿُون آئين.

۲- مُلهه نه تو املهه جو- پَارس پَٽ پُنهل جو،
پَاريئي انگ اَصل جو- وَاريئي وَنگ وَصل جو،
ڦَٽيل جِيءَ وَڍيل جو- ترِطب ٿي ٿُون آئين.

۳- مِتا مَن اندر ۾- جَاني جِيءَ جِگر ۾،
فَهم ۾ فِڪر ۾- نَظر ۾ خَبر ۾،
مُنهن جي هَر لَهر ۾- جَذب ٿي ٿُون آئين.

۴- نِسنگ ٿي نِظاري- صُورت وِئين ڏيکاري،
تنهن جِي سونهن ساري- اَعجاز چَا پَچاري،
اولي عَين وَاري- عَرب ٿي ٿُون آئين.

چمن: اکيون

ٿلهه: مُحب مِليو وِيو مُونجهارو- کُليو چَمن اَڄ سَارو.

١- مُون ويٺي سَرتيون وَاٽون وَاجهايون- وَاهه ڍريو اٿم ڍَارو.

٢- نِرمل نَازئون نِقاب اُٿـايـو- لڳو نـوري نَين نِظارو.

٣- مِلي دِيد ديد سان عِيد ٿي پئي- دَرشن ٿيـو دِل وَارو.

٤- سـوئي اَعجازؔ صورت سهڻو- سَچُ ڏنـوسـون سَچارو.

ٿلهه: ڏسندي پَسندي پيار سَان- هِڪ ٻئي کي پيارا ٿياسون ٻئي،
عِشق مَان ٿي عَاشقي سـو- عِشق وارا ٿيـاسـون ٻئي.

١- دِلربا ديدون مليون دُوري دلين جي دُور ٿـي،
دَم قَدم دَم دَم مِليا هَمدم دِلارا ٿِيـاسـون ٻئي.

٢- تو پيـاري مُونکي، مُون تـوکي پيـاري مَست مئي،
مَست مئي جي مَستي ۾ سَرمست سارا ٿياسون ٻئي.

٣- ٻَاڻ آهيـون هِڪ مگر، هي لـوڪ ڄاڻي ڪين هڪ،
ٻِن اکين ٻيائي ڏٺي، ٻيائيءَ جا مَارا ٿياسون ٻئي.

٤- ڇڏ شَرم ۽ پيچ پَرم، اَڄ ڳَالهه جا نَاهيون آشنا،
هُت تہ هُونئن هُنا هُل هتي هيئن آشڪارا ٿياسون ٻئي.

٥- هيڪڙائي ۾ هُئي، حَالات پَنهن جي حَيرتي،
ڀَهرين ٻُت پوءِ جَان جِيءُ پوءِ سِر پُوڄارا ٿياسون ٻئي.

تلهہ: آئون صَنم پَنهنجي سَان آهيان رُوبرو،
ڪِيئَن چَوان آئون نَاهيان نَاهيان رُوبرو.

۱- ڇَاهِ پِيءِ چِنتا کان آ منهنجو چڙهيل- چِتَ سَان دِلبر کي ٿو ڇَاهيان روبرو.

۲- هُونئَن تہ لاَهي هڪ بہ سگهندس ڪِين مَان- ڳَائي ڳَائي ٿورا لاهيان روبرو.

۳- شَوق ۾ مَحبوب جي شَاعر بہ ٿي- شَعر ٿو هِڪ روز نَاهيان روبرو.

۴- دَانهن مُنهن جي ڪِيئَن وَجي پوءِ رَائگان- دِلربا وَٽ آئون ٿو دَانهيان روبرو.

۵- خِيال يا هي خَواب نَاهي خُوب ڏس- ڇَا مَنجهان اَعجَاز ڇَاهيان روبرو.

تلهہ: آيو يار اڳڻ اَڄ آر ڪَري، سُرمون سينڌ ڦٽي سينگار ڪَري.

۱- اکڙيون الست کيئين. بڇيون بان هٽي بي وس کيئين،
دل درد مندن جي دست کيئين، پنهن جو زور ظلم اختيار ڪَري.

۲- ڏسو جوڀن جلوو جمال سندس، نئون ناز نيارو خيال سندس،
ڪن پيا ابرو کهڻ سان ڪمال سندس، تن سان ڪير وري تکرار ڪَري.

۳- پوشاڪ سراپا پشم ميان، هٿ پير حنائي هردم ميان،
ڪولي زلف سياهہ خم خم ميان، پيو محبوب جلادي ڪار ڪَري.

۴- لب لال چُريا لولاڪ لڏي، حُورن پَريُن سُڌ سرت ڇڏي،
ڪوڙي ڪاڻ عشاقن ڪات اڏي، پيو دوست سريون ڏڙ ڏار ڪَري.

۵- جنگ نيڻن جي تہ نرالي لڳي، سر سيني ديد دنالي لڳي،
جند جان جلڻ لا يزالي لڳي، اهو جاڻ اعجازا تون اعتبار ڪَري.

تلـهـ: ڇا ڪيـان قـربان ھِن دم - ڇا ڪيـان پـي حـاضـري،
جو اڳڻ منهن جيٖ آلائي ڪيئن - ڪئي تو تشريف آوري.

١- قُرب جو پهـريـون قـدم هـي - هِن جي ڇا ڇئـجي بَهـا،
هيءَ نـوازش مـهـربـانـي - هن جي ڪهڙي ٿـئـي ثـنا،
ڇا وفـائـي ڇا سـچـائـي - ڇا سَنـدءِ آ دلـبـري.

٢- حَمـد تَسـبـيـحـون هـزارين - لَک دوگـانـہ اڄ ڪَيـان،
گـهـورسـڀ ارض و سَمـاء - وارا خزانـہ اڄ ڪـيـان،
سَر لَڄُون قـربـان ۾ - ڪَون و مَڪـان ڪُل شـيء وري.

٣- بَخت پَنهنجي جي ڪيان ڇو - بَرتري آئون بيان،
اڄ نـہ تـيـنـدا ڇا تـيـو - فَردا ۾ تـيـنـدا بِل عَيـان،
بخت مُنهن جي جا مَدح خَوان - مِهـر مـاهـ و مُشـتـري.

٤- جا نَہ خواب و خيـال ۾ هُئـي - سـا وفـا دلـبـر ڪَيئـي،
دل وٺـي ۽ دل ڏيـئـي، وعـدو ادا دِلـبـر ڪَيئـي،
وهـم مـنـهـنجو ڇا ۽ ڇا - تُنـهـن جي عِنايت پَروَري.

٥- سُونهن ڏسان صورت ڏسان - ڪِي سادگي سِيرت ڏسان،
هَلُ ذَرا ڪجهه هن اڳڻ تي - تان قـد و قـامـت ڏسـان،
آهـين بـيـشـڪ سَروُ نَـازو - غَيـرتِ حُور و پَري.

هلندڙ

۶- باغ بلبل باغبان- بادِ صبا بَرکا بهار،
۽ عَطار و عطر سڀ تنهنجي هئا منجهه انتظار،
وڻ هي ٽِڻ واسيئي آچي- جاني کري جلوه گري.

۷- روز کان اڄ چو الاجي- چشمِ گريان هُس گهٽو،
دل پريشان حال حيران- وَيران وَيران هُس گهٽو،
شَاهِ خُوبان مُنهن ڏيکاري- حَج کرايُئي اکبري.

۸- ذَوق پنهنجي جي مان ذري کا- ذَوق جي مونکي ڏِنئي،
ڦرهي آٽي هٿ ۾ فهم الفَوقُ- جي مُونکي ڏِنيئي،
پَرده پوشي تنهن کيم- نہ تہ هي دنيا دَس نمبري.

۹- ٿي تون ساقي ڏي تون ساغر- صبح تا اعجاز کي،
پيچ پائي پنهنجو کر هي- حسرت آ اعجاز کي،
تُنهن جِي گهر جي دلربا- نِت ياوَري و دَاوري.

تلهہ: اَڄ ڀَانيان هي مَئيخان - بَرابر بَيت الله،
تُنهنجي دَم قَدم سَان سَاقي - تنهنجي سُنگ سَنگم سان ساقي،
هن مئيڪده جو شان، عجب سبحان الله.

١- قدم مبارڪ تنهنجو قائم - قائم دائم بر سر ڀانيم،
هت غير جي جاءِ نہ جائي - هت باطل رتي نہ رائي،
وَاِذَا جَآءَ الْحَقُّ سندو اعلان ڪيو جي ڪلام الله.

٢- تون جت آيون سي سڀ جايون - وحدت واريون ڏين واڌايون،
مئيخانہ هجن بتخانا - صحرانا هجن ويرانا،
سڀ تنهنجو حمد ڏُگان پڙهن ٿا الله الله.

٣- وهوا ساقي سهڻا سانول پيارِ پلاڪي پرتئون پيارل،
پر پيالا مئي متوالا بَرخيز ببر برحالا،
تنهن جي قدح تان ٿيون قربان - پري ڏي بسم الله.

٤- تنهن جي پساري، سير سونهاري - نظر نظاري صورت واري،
گَس لايا سياڻا آياڻا - ٿيا حال حقيقت هاڻان،
اعجاز چئي تن لاءِ جهان - سمورو وَجہُ الله.

تلمه: تُنهنجي جام جي تصرف کي ساقي الله الله ڇا چئجي،
جنهن جي پيڻ سان سَير ٿئي بُراقي الله الله ڇا چئجي.

۱- هي بي پرواهي بي باڪي- هن ڇاتيء جي ڪليل تاڪي،
هيءُ پرزا ٿيل دَرُ فيراقي الله الله ڇا چئجي.

۲- ميخانہ تنهنجي ۾ صبح و مَسا- مئي مد جي سخا مستيء جي فضا،
مستن جي صدا پر پر ساقي الله الله ڇا چئجي.

۳- آئون آبِ خضر کي سارا هيان ڇو- آئون زم زم جي ڪڍ ڪاهيان ڇو،
طَهورا بہ پيڻ ڪا آ مشتاقي الله الله ڇا چئجي.

۴- ڇا جلوو آ ڇا جلال سندوءِ- ڇا ڪيف ڪَدهہ[1] ڇا ڪمال سندوءِ،
ڇا حُسن آ ڇا خُوش اخلاقي الله الله ڇا چئجي.

۵- تنهنجو مست ڪيل هوشيار بہ آ- هِن پار بہ آ هُن پار بہ آ،
ائين ڪير ڪندو ٻيو الحاقي[2] الله الله ڇا چئجي.

۶- جي اٿئي تہ ساقي آڻ اجان- پُر جام اَعجازَ جي ڪاڻ اجان،
آ مهل عجيب هيء اشراقي[3] الله الله ڇا چئجي.

(۱) ڪَدهه: ميخانہ (۲) الحاقي: ڳانڍاپو، ڳنڍجاڻي
(۳) اَشراقي: صبح سج ايرڻ ڪان پوءِ

تلھ: ٻُڌو اتم تنھنجي مَحفل ۾ - خُمر[1] خوري بہ ٿيندي آ،
دليري سان صنم دل جي - چِٻي چوري بہ ٿيندي آ.

١- خوشيءَ سان دل ڏني جي ڪنھن تہ بھتر آ ٻنھن تنھن لاءِ،
نگاھِ ناز سان وَرتہ - زوران زوري بہ ٿيندي آ.

٢- گُلِ رخ کي ڏسي عاشق - اُمالڪ گھور سِر ڪن ٿا،
دلِ مُشتاق بلبل جيئن - چَري پوري بہ ٿيندي آ.

٣- لُٽايون زر وڏايون سِر - رھون بيزر ٿيون بيسر،
مستي ۾ عشق وارن کي - اِھا قوري[2] بہ ٿيندي آ.

٤- چون ٿا حُسن وارن وٽ - ماھيگيرن وانگي ھردم،
ڪُڙھي چِٽ عشق واري ۾ - ڪُنڊي ڏوري بہ ٿيندي آ.

٥- سدائين ڏاڍ ڏاڍائي - سِتم جورو نتو سُونھي،
حَسينن جي تہ دل ڪڏھين - رحم گھوري بہ ٿيندي آ.

٦- تُنھن جي محفل جي شب ساقي - وڏي ڪنھن رنگ واري آ،
مگر بيائيءَ وارين اکين ۾ - شب ڪوري[3] بہ ٿيندي آ.

٧- ھجر[4] جي رات ڪان بلڪل - وصل جي رات آعجاز آ،
بيحد پُرلطف آھي پَر - اُھا ٿوري بہ ٿيندي آ.

(١) خُمر خوري: شراب پيئڻ
(٢) قوري: مڳي مستي
(٣) شب ڪوري: رات جو نہ ڏسڻ
(٤) ھجر: وڇوڙو

تلھہ: اَڄ جَامِ مَئي کي بيحد- گھرو بَناءِ ساَقي،
دُک درد غم ۾ ٽيندو- نہ تہ جِيءُ نہ جاءِ ساَقي.

١- گھاٽي ڳَان گھاٽو گھرجي- وِھَہ ڪان وِھاٽو گھرجي،
سورن غمن ۾ اڄ ڪلھہ- تو سَرس ساَٿو گھرجي،
ھِت مَٽ نہ ماٽو گھرجي- دَرياءِ وَھاءِ ساَقي.

٢- دُنيا جي دَور ڏي ڏِس- دُنيا جي دَور آھہ،
دَم دَم فراغ[1] دِل سان- پِيا ڪَن ڪي پيار ساغر،
پنھنجو تون پاڻ آخر- نالو ملھاءِ ساَقي.

٣- جامِ شراب سان ھي- دِلڪش شَباب ٽُنھنجو،
اکڙيون گلاب وَرنيون- مُنھن ماھتاب تنھنجو،
ڪونھي جواب تنھنجو- ٽُنھن جي بَجاءِ ساَقي.

٤- ڦِريو ڦِٽت جو ڦِرڪو- چِڙو چِڙو تي ٿوھر ڪو،
ڪنھن جو نہ ڪير آھي- اِئين لڳي ٿو ھرڪو،
پِيالي ۾ اڄ آٿر ڪو- اُلفت جو پاءِ ساَقي.

٥- پَٽَ ۾ نگاھہ پائي- چِڏ عام خاص ڍائي،
ڳُڻ ٿورا ھرڪو تنھنجا- خُم خُم سان روز ڳائي،
لَٽُون لَٽُون ڪي رنگ لائي- لَٽُون لَٽُون رَچاءِ ساَقي.

٦- تنهن جي سواءِ بہ ساقي- محفل مَدم[٢] مَدم آ،
ساغر صراحي مئي جو- قصوئي چڻ ختم آ،
جي آهين تون بہ حاضر- پوءِ تہ هاءِ هاءِ سَاقي۔

٧- هر فصل گل ۾ آهيون- خارن سان نت مقابل[٣]،
مَغمُوم كرنہ پوءِ تون- ساقي دِل عَنادل[٤]،
آ دَور دنيا نازک- هٿ کي وڏاءِ سَاقي.

٨- ڪِن لاءِ شرابِ عشرت[٥]- مُهيا ڪرين ٿو ذَرِ ذَرِ،
ڪن لاءِ شرابِ غم پيي- تو وٽ نہ آ مُيسّر[٦]،
اعجاز چئي نہ هيئن ٿو- توکي جڳاءِ سَاقي.

(١) فراغ: كشادي دل، خوشي سان (٢) مذم: آهستہ (٣) مقابل: سامهون
(٤) عَنادل: بُلبلون (٥) عشرت: عيش (٦) ميسر: حاضر، مليو

تلہ: اَڄ تُون توسُٺا پيارين - پيئٽو شَراب پَئي ويو،
قاضي مُلان جو هاٿي - ڇَڏِٽو حِجاب پَئي ويو.

۱- بَس هٿ کَنيم توبھ تان - اِڄ هن سونهاري سُنهَن تان،
توکي بہ هاٿي مُنهن تان - کَٽٽو نِقاب[۱] پَئي ويو.

۲- اکڙين جو کَيُئي اشارو - چليو نہ پيو کو چارو،
شايد شرابي وارو - مونتي خِطاب[۲] پَئي ويو.

۳- هي پَائي هَتڙا پيئي - پيتم تہ سُڌ پوءِ پيئي،
مَحشر وارو هتيئي - ڏيٽو حِساب پَئي ويو.

۴- مَستاني حال هن تي - خُودگاني خِيال هن تي،
پَٽ با ڪمال هن تي - نالو خَراب پَئي ويو.

۵- آئون چيلو تون گُروڄي - صورت مون تُنهنجي پُوڄي،
تُنهنجي عشق جو عُرُوڄي[۳] - پير ہ رِڪاب پَئي ويو.

۶- سُرڪي لاَيا سَانون - اَعجاز رَنگ هي راوڻ،
منهنجو عَرض يَار لاڪڻ - وَٽ مُستجاب[۴] پَئي ويو.

(۱) نقاب: پردو (۲) خِطاب: لقب (۳) عُرُوڄي: متاهون (۴) مستجاب: قبول

تلھہ: وَجُ وَجَ اَيَ وَاعظا ـ نہ تہ ھت غَار تي ويندين،
اِيندين جي مَئيڪدہ ۾ ـ تہ مَئي خار تي وِيندين.

۱ـ مَئيخاني واري مَدَ جو ـ مَتان تين تون آشنا[1]،
تيندين جي آشنا ـ تہ سُوري سُوار تي وِيندين.

۲ـ يَا رَمزَ ۾ نگاھ ۾ ـ يَا زُلفِ يَار ۾،
يا يَار جي منجھہ ناز ـ گرفتار تي وِيندين.

۳ـ جَنھن دَم اَچي جي گَڏِبِي ـ اَکيون مَست مُرڪٽيون،
چوندين نہ پيان نہ پيان ـ پَرپي تار تي وِيندين.

۴ـ پيتي کان پوءِ پاڻھي ـ ڪَندين پاڻ سَپ سَچيون،
اِنڪار جي بَجاءِ ـ بَا اِقرار تي وِيندين.

۵ـ پَرھيزي پَارسائي ڇَڏي ـ شيخي بُزرگي،
پِيرِ مُغان جي پِڙ جو ـ پَرستار تي وِيندين.

۶ـ دل جانِ ڏيئي هيڪار ـ چکيو هڪ چُڻاڪو[2] جَن،
تِن سان گڏِ نڪار ـ ناحق خُوار تي وِيندين.

۷ـ آيو هتي آجو بہ ـ سو گاپي ضَرور تو،
ڪَنھن ڪَنھن گناھ لاءِ تہ ـ تُون بہ تيار تي وِيندين.

۸ـ هِن جاءِ تي تو شَرم ـ شَريعت کي تَرڪ تئي،
هيڏھن نہ پير پاءِ ـ جو سَنگسار تي وِيندين.

۹ـ هت شراب هت ڪباب ـ هت رَنگ چَنگ رَباب،
هِت حُسن هت شَباب ـ هتَ شِڪار تي وِيندين.

۱۰ـ لَعنت کان چِرڪ ڪِيم ـ تي ڪافر سچو پَچو،
اعجاز چئي اسان جو ـ پوءِ تہ يار تي وِيندين.

(۱) آشِنا: واقف (۲) چِڻاڪو: ذرو، ڍڪ

تـلـهـ: اَچ پُور ۾ آ ســاقــي، اَچ دورِ جام ڏيـنـدو،
مَستن جو مئي مِٺيءَ تي تَجمّل[1] تمام ڏيندو.

١- پنهنجي هٿن سان پياري، ساقي ثواب ڪَندو،
هَر دو جَهــان وارو، دِل تـان حِجاب هـٽـنـدو،
معـراج مئي ڪَشن جو، منجهہ مَخفي[2] مام ڏيندو.

٢- گَهري گهاٽي پيئڻ سان، مَستن جا مُکڙا ڪِڙندا،
سُر تــار ســاڻ بـزمـي، آواز ســاز ڇِڙنـدا،
رَس راڳ رَقص رِنـدي ڪـافـي ڪَلام ڏيـنـدو.

٣- مَستي جي موج مئي ۾، سَودا سِرن جا مَندبا،
وحدت واري وِٿيءَ سان، وَند وصل وارا وندبا،
اڪڙيون اڪين سان مـلـنديون ڏَچ ڏُوم ڏام ڏيندو.

٤- مئيخانـي جا جي واقف، وِيرانا سي پڇن چو،
مَحـبـوب جن ڏي مـائِل، بـتخانـہ سي پڇن چو،
صـورت ۾ ثـاب[3] تـن جو سَجدو سَلام ڏيـنـدو.

٥- هَر مَسـت رِنـد عــاشـق، هَر دَرشـنـي ديـوانـو،
هر پَتـنـگ پَازي[4] غازي، هـر سُخن وَر سُهـانـو،
مُنهنجي پيرِ مُغان وٽ، سُرڪي لاءِ سام ڏيـنـدو.

٦- پَالوٽ مئي جي پَلپل، سَاغر صُبوحي چَل چَل،
جَلوا حسن جا هَل پل، رمزون نـگاهون رَل مل،
اعجاز اهـڙو مَنـظـر، بـا اهـتـمــام ڏيـنـدو.

---

(١) تَجمُل: شان شوڪت (٢) مخفي: ڳجهو، لڪل
(٣) ثاب: قبول (٤) پازي: پيئندڙ

تلم: محفل جانان ۾ اي، اوپارسا پيئنٹو تو پئي،
پاڪ پاڪيزي نہ پڇ، هت ري پُڇا پيئنٹو تو پئي.

١- پيئندي پيئندي جو ڪِريو- سو ٿيو بَجا بلڪل بَجا،
مئيڪدهہ تنهن تان فدا- ساغر فدا ساقي فدا،
مَرتبا اهڙا ڏسي- اُن مست جان پيئنٹو تو پئي.

٢- هن متي مئيخان اندر- ڏوهہ آ انڪارِ مئي،
ڏوهہ آ اندوهہ آ- رَنج روهہ آ انڪارِ مئي،
هت نَفي نفرت چِڏي- سڪ سان سدا پيئنٹو تو پئي.

٣- جي حَلال آهي تہ هت- هر شيءِ حَلال آهي هتي،
هوش واروڪم حرام- ۽ دم وَبال آهي هتي،
اِن تَقابُل هوش لاءِ- اِرشاد آ پيئنٹو تو پئي.

٤- ماسِوي ڪان ٿي جُدا- حرص و هَوا ڪان ٿي جدا،
ڪَج ادا ڪان ٿي جدا- شِڪوي گلا ڪان ٿي جدا،
هر خطا ڪان ٿي جدا- پوءِ بيخطا پيئنٹو تو پئي.

٥- برهہ جي بيباڪ دم سان- بَانوَرو هڪ جام هي،
موج مستي اوج ۾- آ ماوَرو هڪ جام هي،
عاشقن تي آ آلستان- ٿيو عطا پيئنٹو تو پئي.

(هلندڙ

٦- پي تہ ٿُنهنجو راز توتي- سپ سمورو ٿئي عيان،
پي تہ دوزخ بهشت جي- آزاد ٿين خفقان کان،
رندي مَشرب جي تَحت- ڇاٽي خدا پيئٽو تو پئي.

٧- هڪ خمر جو ٻيو خبر جو، ٽيون نظر جو جام هت،
چوٿون درد و غم الم جي، در گذر جو جام هت،
تنهن مٿان پنجون صبر جو، جابجا پيئٽو تو پوي.

٨- حُسن جلوي گر بہ آ هت، عشق جلوي گر بہ آ،
روح پرور راڳ رس ۾، دل کُشا ساغر بہ آ،
اُت آوس اعجاز ڇئي، بس بارها پيئٽو تو پوي.

تـلـه: تُنهن جي مئي جي مَٽي مَئيخاني تي- مَئي پِياڪ هَزارين مَان نہ رڳو،
تُنـهـنجي جُود و ڪـرم جي آيا سُٽـي- نِت هاڪ هـزاريـن مـان نـہ رڳو.

١- تُنـهـنجا جَام ڪِمـام(١) دَمـام(٢) سـاقـي- پَسـي خُوب خِرام گِرام سَاقـي،
تـيـا خان خِدام(٣) مُدام سـاقـي- پـئـہ خاڪ هـزاريـن مـان نـہ رڳو.

٢- تُنهنجي جُودِي جَرس تنهنجي توهي ترس رُخ واري عڪس رنگ روحي رس،
هــر وار نـــواز يـا خارو(٤) خَس- خَاشـــاڪ هَزاريــن مـــان نـــہ رڳو.

٣- مَد مَاڪ تُنهنجي مَئيخان سَندي- پڪ تِڪ بہ تُنهنجي پرين پان سندي،
تــا گُهـرن ڏيـو دل جان سـنـدي- اِمـلاڪ(٥) هَزاريــن مـــان نـــہ رڳو.

٤- هــمـــڙا جن ڪـي جُرَعَ(٦) امـداد تـيـا- سي عـقـبيٰ دنـيـا ڪـان آزاد تـيـا،
تـنـهـنجي شـوق شـغل ۾ شـاد تـيـا- تَمـنـاڪ هَزاريـن مـان نـہ رڳو.

٥- تُنـهـنجي مَسـت مَٽي جو اَعجَاز ڏنـم- هـر پَيـئـنـدڙ ڪي نَاز و نـيـاز ڏنـم،
تــن ۾ عِشــق جو ســوز و گُداز ڏنـم- چِت چاڪ هَزاريــن مـــان نــہ رڳو.

---

(١) ڪِمام: سامان، پئمانہ (٢) دمام: رونق، نقارا (٣) خدام: نوڪر، چاڪر
(٤) خار و خس: ڪنڊا، ميرامنڊا (٥) املاڪ: ملڪيتون، ملڪ (٦) جُرَعَ: ڍُڪ

ٺلهہ: مَحبت عِشق جي مئي پي، عَجب مَستان ٿي وَڃجي،
هَمہ کي ٽُنهنجِي حَيرت ٿئي، هَمئہ حيران ٿي وڃجي.

١- ٽُنهنجي مَستي ڊِسي مَنصور، چَوي صَد مَرحبا توکي،
گهوري مَجنون توتَان گهورُون، لَقاء لاٿان ٿي وڃجي.

٢- ٽُنهنجا گُفتا هجن گِياني - ٽُنهنجا نُقطا هُجن نيهي،
ٽُنهنجون رَمزون هُجن رِندي، آهڙو دِيوان ٿي وڃجي.

٣- سِتارا ڪَن قَدم بوسي، فَلڪ ٽُنهنجا سلامي ٿين،
مَلائڪ ڪَن توکي سَجدو، اُهو انسان ٿي وڃجي.

٤- اَمُر ڪُن جو سدائين آ، جِيڪي ٿِيٽو اَٿئي ٿي پَئُہ،
يَا خود ڪان بيخبر يا بَاخبر، بَاشان ٿي وڃجي.

٥- سَڏائي پَاڻ کي عَاشق، مُڙن موٽڻ يَانئج مِهٽو،
پَسي صورت پرين وَاري، پَتنگ پَروان ٿي وڃجي.

٦- اَعجاز اِعلم وَارن جو، چَوڻ آ عَبد ٿي وڃجي،
عُشاقن جو اِشارو آ، تہ سِر سُبحان ٿي وڃجي.

گياني: معنيٰ خيز، چاٹڻ وارا

تلھ: توکي ڏنم تہ بَس، پُر خُمار تي وِيُس. ساغر جي ڄا ضرورت، سَرشار تي وِيُس.

١. تُون ڇو ڪَرين تو تَعجب. توئي تہ ھيئن ڪَيم،
جو خاڪ و خَس مَان گوھرِ. شَھوار تي وِيُس.

٢. وِينجھار کو ھُجي. جو سُڄائي مُونکي صحي،
شِيشا گَرن جو واڪ. ٻُڌي ڄار تي وِيُس.

٣. تُنھن جي نِگاھ ۾ نہ سَھي. منھن جي عاشقي،
پر آئون تہ تُنھنجي عِشق ۾. اِظھار تي وِيُس.

٤. ھَمر جنس آ سَندم. ۽ جو ھَمر فعل پڻ ڇوان،
اُن وٽ ڇو بيگُناھ. گُنھگار تي وِيُس.

٥. توئي نِگاھ نيم رَسان. آ قيمتي ڪَيو،
توتان ئي بار بار مان. بَلھار تي وِيُس.

٦. مُونکي بہ چوڙ مَاڻ. صَنم گڏ شَباب سَان،
آئون بہ تُنھن جي پيرَ جو. پيزار تي وِيُس.

٧. اَفسوس آ مونکي. صَد اَفسوس آمونکي،
تُنھن جي بہ اَڄ نظر ۾. تہ بيڪار تي وِيُس.

٨. اَعجاز مُنھنجو عَالمِ. مَستي نہ پُڇ مُونکان،
دُنيا و عُقبيٰ کان. ڏِس اَحرار تي وِيُس.

احرار: آزاد، بري

تلھہ: صُراحِي جَام مَئي مُون وٽ - نيشاني يَار مُنھنجي جي،
مُون تي ھيء تي ھَتو ھَٽ - مَھرباني يَار مُنھنجي جي.

١- پيئڻ پيارڻ مَحبت ۾ - چَيائين صَدحَلال آھي،
پياري وَحدتي پيالا - يَاراني يار منھنجي جي.

٢- ڪَجئين نا تَرڪ نَا توبھہ - ڪَڏھن پيالي پريمي ء گَان،
مُونکي آھڙي ھِدايت آ - روزاني يار مُنھنجي جي.

٣- نيشاني آ عَجب جَھڙي - ڪَتب جَھڙي طَلب جَھڙي،
نيشاني ۾ لِڪل مَستي - لاَثاني يَار مُنھنجي جي.

٤- تَڏھن ھَر ڳالھہ مُنھنجي ۾ - رھُو آ مَست مَئي جي بُوء،
خُمر ھُئي ڪَا خُودي وَاري - حَقاني يَار مُنھنجي جي.

٥- پيان تو پوء اَعجَازا - ھِئين حَاضر ڪَريان پَھرين،
مُحقق ءَ ۾ مگن صُورت - مُغاني يَار مُنھنجي جي.

تـلھ: قَدم قَدم تي بَزم بَھاريون- بَاده خَانہ مَينگھ مَلھاريون، عِشق حُسن ھِن جاءِ.
سَاقِيا سَاقِيا ھِت مَستي گُھرجي- سَاغر مَست ھَلاءِ، عِشق حسن ھِن جاءِ.

١- ھِت دَم دَم ڪَئين دِيدارَ- رُخ آنوار عَجب جھلڪارا،
ھِت سَاندھ سَوَ سِينگار- ھَمَہ ھُبڪار سَنگم سَپ سارا،
نَين نَين جا نَاز نِيارا- آرَ آنوڪا عَين اِشارا،
پَل پَل پيارجي لاءِ.

٢- ھِت حُورون ھِت غُلمان- چَمن چَوگان[1] بَندر بُستانا،
ھِت پِرت وَارا پَيمان- پِڪُون ۽ پَان لَبِ مَرجَانَا،
چَند چَراغ شَمع شَھانا- ھِيرا موتي گوھَر گرانا،
گُل ڦُل جاءِ بَجاءِ.

٣- ھِت ذَاتي نُور ظُھُور- تَجلو طُور ۽ ڪعبو ڪاشي،
ھِت سُور سُرُور ضَرور- قَھر ڪَلور تہ عَيش عَياشي،
ھِت وَاعظ قَاري رِند قَلاشي[2]- تَارڪ طَامِع[3] طِرزي
تَماشي،
فَيض فَھم فَحشاءِ.

٤- ھِت قَبر ھتيئي قِيام- جَنت جَا جَام ھَتو ھَتَ جَاري،
ھِت ڪَات آڏيون قَتلام- صَنم گُل فام ڪَونتَل[4] ڪَلتاري[5]،
عَاشق عَارف ھِت اِسراري- مِجاز حَقيقت جا اقراري،
اَعجاز جي وَٽ ھت رَاءِ.

(١) چوگان: ميدان (٢) قلاشي: سچو (٣) طامع: لالچ
(٤) ڪونتل: سوار جي بنا وھٽ (٥) ڪلتاري: خالق، رزاق، مالڪ

تلم: کُسڻ قَبولي آيا عُشاق- تُنهن جي مَئي مَئيخان تي سَاقي.

١- آزلُتُون هُئا جي توسان اَنجامي- عِشق سَچي سان عَاشق اِحرامي،
مَئي پِياڪ سي مَست مُدامي- تُنهن جي سَري ۾ سِر جا مُشتاق،
سِر ڏِيندا سَرِ مَيدان تي سَاقي.

٢- آج مَتَ اُپَتَ اُهي عُشاقن آئي- جي تو سَنڌيا آهن سِڪون پَائي،
بِسمِ الله سَان تن مان وَڏائي- پيار تہ پَري تَئي نَجس نفاق،
پُورا رَهون پَيمان تي سَاقي.

٣- مَئي کَشن جا قول کرارا- قَالُو بَلائِي بِرهہ وَارا،
خِيال تني جا نِهايت نِيارا- وِيا اورانگهي عَرش آفلاڪ،
تُنهن جي حُکم فَرمان تي سَاقي.

٤- تُنهن جي مَئيء مئيخان جَا پَازي- پَتنگن وَانگي آهن پَروازي،
مَوج تني سِر حَقيقي مِجازي- ڏين وينا سي وَحدتي وَاڪ،
اَعجاز وَاري آيوان تي سَاقي.

(١) نجس: ناپاڪ

تلھ: مُون تہ پيتو آ پر جو جَام۔ مَاٺهو چَون ٿا آهي حرام.

١۔ زَم زَم جو نَاهي شَوق مُونکي۔ آ پَٽ پريمي جو شَوق مُونکي،
تَنهن تَرڪ ڪَرايا طَرف تَمام۔ مَاٺهو چَون ٿا آهي حَرام.

٢۔ سُرڪ سَچيءَ جو آهيان عَادي۔ سَائي سَوائي ڏيندو هَادي،
ڪِين هَٿان ٿو رِپي ڪا هَام۔ مَاٺهو چَون ٿا آهي حَرام.

٣۔ مَئي مَد پيالو جوئي پِيئندو۔ ٻَئي جُڳ جيڏيون سوئي جِيئندو،
ڪو گُرد اَعجاز پَريندو گَام۔ مَاٺهو چَون ٿا آهي حَرام.

تلھ: نَدي پَر جا پِي پيمانہ۔ دَم پرياسون دوستانہ،
آسان سَاقيءَ کي سَجدا ڪَري۔ ڪيا سِر سَاھ نَذرانہ.

١۔ آسين وَحدت جا وَڻجارا۔ آسين صُحبت جا اُڃارا،
آسين صُورت پَرِستارا۔ آسان جا سِينا صَنم خانہ.

٢۔ ڏسو سَاقيءَ جي عَجب سَخا۔ ڪَري سَاغرِ عِشق عَطا،
ڏِسي سَاقيءَ جي دِلڪش ادا۔ ٿِين دَانهہ بہ دِيوانا.

٣۔ جتي جام لَبالب جُڙن۔ جتي نين نيڻن کي مِڙن،
اُتي ساز وصل جا ڇِڙن۔ وڃن مِردنگ مُغرمانہ.

٤۔ آهيون بيشڪ مَوالا آسين۔ پريم پيالي جِيالا آسين،
ملهايون مَنگل نِرالا آسين۔ آسان جا جَشن جُداگانہ.

٥۔ پِرت پيرِ مُغان جي پَچي۔ نَعرا نينهن جا هَنياسون نَچي،
هَتان اَعجاز عَليءَ جي اَچي۔ مِليا پَهہ پور عَاشقانہ.

---

(١) گُرد: پهلوان، همت وارو

تلھ: آسين مئي پَرستا مَوالي مَوالي- پَرستِش آسان جي نِرالي نِرالي.

١- صَدائون ۾ نَعرا آسان جا سَدائين- قَدَح سان قائم ڪَمالي ڪَمالي.

٢- شيشي جَام سَاقيءَ اڳيان سر نَمائي- نِمازي بَنياسون آوالي آوالي.

٣- آدائن ۾ مَستي صَدائن ۾ مَستي- وَفائن ۾ مَستي مِثالي مِثالي.

۴- ڏِهاڙي ڏِهاڙي اڳياڙي پُوڇاڙي- ڪَيو ڪات مئي جي حَلالي حَلالي.

۵- ڪَلين ڪان وني جو ڪَليجو تو چيري- ڪَڙو آهڙو پيون تا پِياليءَ تي پِيالي.

٦- مُقدر سان مِليو سرَي جو ڏَٺي سِر- سَڏي مئي ڏني تنهن سُنوالي سُنوالي.

٧- پِيون ۾ پِياريون جِيُون ۾ جِياريون- اِهي ڪَم اِهي دم بَحالي بَحالي.

٨- شَرابي جَشن ۾ آلهُوني نَشن ۾- تِيون پاڻ سان پاڻ حَالي حَوالي.

٩- مَوالَپ جي ڪَارهن مان ڪَارا اسين تيئن- تِي ڪَاري تئي جيئن دُنالي دُنالي.

١٠- عَليؑ پيو پِياري آسين پِيا پِيون نِت- تِين ڏي نہ پِئي دَر سُوالي سُوالي.

١١- مَئيخانہ پيمانہ موالين جي ميراث- مَتا ڏيئي موالين سنيالي سنيالي.

١٢- صُورت حُسن وَاري ڏِسون جِت وَسون اُت- رکون عَاشقانہ خِيالي خِيالي.

١٣- جَپي جَام سَان نَام اَعجاز تِياسون- وَنيءَ وَتَ جا وَارث وِصالي وِصالي.

تـلـهہ: نَشو هَٽ نِينهن وَارو ڪر- نَشا آهن پِيا فَاني،
جَهالت ۾ پَئي جَاهل- وَئيون چو پين تو وَهشاني.

١- اندر وَارِي مَئي اُپٽي- تِڪون ڏئي تَنهن مان مَئي پيءُ تون،
تہ حَاصل تـوڪـي هَاٿـي ِتئـي- لَاهـوتـي لاڳ لَاٿـانـي.

٢- مَئيان تـوتِي لَڳِي مُوڙهل- اَٿـئي مصلحت هي موچاري،
رَبـوبـي رَمــز ڪي سَمــجهـي- رَمي وٺ راهہ رِنـدانـي.

٣- سَارو سَامـــــان سِري وَارو- سَدا مـــــوجود آ تـــوسَان،
پَائـي ڏِس پَاڻ ۾ جَهـاتـي- نِهـوڙي خِيـال نَفـسـانـي.

٤- پِيـالا پِرت جا پَلـپـل- پَري پِيـاسي جيـڪي پِيـئـندا،
مُـوتُوا قَبـِلل اُهي تِيـنـدا- مَهـيـسـي مَرد مَيـدانِي.

٥- وِرهہ ويـرَاڳ ۾ ويـهـي- وَحـدانـيـت مـان تـون وَاقف ٿـي،
سَواءِ سِڪ سَوز جي آوڳا- پَلـئہ پَونـدئہ پَشـيـمـانـي.

٦- پـيـرِ مُغان جي پَئي قَدمين- ڪَيل واعـدي تـي رَهہ پُورو،
عَهــد شِڪـنـي ڪَرڻ اعجاز- نـســوري آه نَادانــي.

عهد شڪني: وعدو پورو نہ ڪرڻ

تلھ: مَاري جِياريس جَن- پُر جام پِياريا تَن.

١- خُوبان خُوب سَنيال لَڌي، خُوشنودي سَان سَڄڻن،
شَاهي شَفاعت شَان وَڏي سان، شُڪر ڪئي شافِن،
ڪوڏئون بيھو قَبر مَٿان، سي قُربِ ناداني ڪَهن.

٢- گُونا گُوني غَمزا رَمزون، گُهورون گُهنڊ سَندن،
نُوري نيڻ نظارا لَايو، نَاز نيارا ڪَن،
دَم دَم ۾ هن ديدن ڪَيڙو، دُرس اهو دَرشن.

٣- مَحبت مَجلس مَحبوبن جي، موهي پَئي تَن مَن،
سُخن سَچارا سَڄڻن جا، سُٽيو سِڪون سِرجن،
رُوح رهائيون رَس رَچايو، رَاز رَضائون رکن.

٤- ويجهو ويهي وَصل وَارا، وَنگ وڏا وِينگسن،
پلپل پيار مَنجهاران پِيارِيون، پَان پِڪون پِرين،
اِيڏيون عين عِنايتون ڪَن، آهڙا پَاڇهارا آهن.

٥- ڪر ڪوتا هي خَبرون سُٽيو، ڪاميو تا ڪامن،
ڏَنجهه مِڙئي ڏِس ڏُور ڪيا، ڏئي مَعافيون ڏيھ ڏَڻين،
آئون تہ آهيان پَاڻهي، اَعجازا اوتَ اُنهن.

تلهہ: دِلي دِلبر زَهر قَاتل، پِيارِيندو تہ بِسم الله،
ڪِلي هن حَلق[1] تي خَنجر، گذارِيندو تہ بسم الله.

۱- چڙهيو پِيا طرف سڀ جنهن لاءِ- اُهو مَحبوب سَاقي سر،
سرِ ميدان سوريءَ لاءِ- هوڪارِيندو تہ بسم الله.

۲- ڪُهي سو ماهہ[2] رُو مونکي- ڪري صورت ڪَوابي جان،
برهہ جي باه سيخن سر، ڏيارِيندو تہ بسم الله.

۳- پرين جي پيار سان پرتئون- پائي ڪنڌ ۾ ڪمند[3] بندڪي،
پنهنجي زلفن[4] جي قيدين سان- قطارِيندو تہ بسم الله.

۴- نہ جِيارڻ ڪنهن جي سان جيئندس- چوي اعجاز مُئي ڪان پوءِ،
لبن تي لَب رکي لاڪن- جِيارِيندو تہ بسم الله.

(۱) حلق: گلو (۲) مَاه رو: چنڊ جهڙو (۳) ڪَمند: پيچوڪڙ
(۴) زُلفن: وارن

تلهہ: پُڇ نہ مُون کان وَاري وَاري پيار جو پيالو،
ڪِيئن ڇَوان ويو ڪير ڪري، پياري پيار جو پيالو.

١- نت نئين خُمار سان، آتَر نشو تنهنجو،
ڳالهہ پيتم اڄ بہ آهي، پُر نشو تنهنجو،
پائداري[1] تو سيڪاري پيار جو پيالو.

٢- درد ڇا درمان ڇا هي، ڇا دوا درمَل،
پرت جي پَيمان ۾ آ، هر شفا پلپل،
ڇو ويهان اهڙو وِساري پيار جو پيالو.

٣- دَم بہ ڏاري دَم بہ مَاري، دَم بہ جياري سو،
سِڪ سَنواري، سِرُ بہ وَاري قول پَاري سو،
جنهن ڪي تئي چاڙهي نظاري پيار جو پيالو.

٤- تئي نہ تئي هت ڪا بہ هاڻي جي ڪڙي محفل،
مون سان منهنجي يار جي هر گهڙي محفل،
هي عجب تو رنگ ڏيڪاري پيار جو پيالو.

٥- نام آ آظهر اُنهي جو، جام جَلوي گر،
صِف شِڪن[2] سو شير آفگن[3] ساقيءِ ڪوثر،
سالڪن ڪي ڏي سنياري پيار جو پيالو.

٦- سُو بَسُو تو ساڻ پانيان آئون صنم پنهنجو،
ڪِيئن ٽِڙي ٽِڙڪي پوءِ يارو دم قدم پنهنجو،
سُرت[4] تو اعجاز ڏياري پيار جو پيالو.

(١) پائداري: پڪو پختو قائم (٢) صف شڪن: صفون پچندڙ
(٣) شير افگن: شينهن کي چيريندڙ (٤) سرت: سمجھ، عقل، هوش

ٽلھ: پِيءُ تہ پاسي ٽئي حجاب۔ هُوئڻ نہ ڏيندي هيڪڙائي.

۱۔ هي حَيا ۽ هي حجاب۔ سِڪ وَندي دل لاءِ عذاب،
چو سِڪائين ٿو ڇپايو۔ مُنهن منوّر مَاهتاب.
ڪر ذرا جلوي نُمائي.

۲۔ جَام جَن پيتو ڏنو تن۔ غَير ٻيائي کي جَواب،
ڪو ڏسڻ ۾ ڪونہ آيِن۔ پوءِ ڪنهن جو ڏوهہ و ثواب،
ڏِس تہ ساغر جي صفائي.

۳۔ هيڪڙائي ريءَ نہ ڏيندي۔ هَمنوائي آءِ جناب،
تون ۽ مون ويندي نہ وچ مان۔ هر گهڙي رهندو حساب،
ڇَڏ حسابن واري وائي.

۴۔ آئون تُنهنجو آشنائيءِ رازُ۔ آهيان هِڪ نَاياب،
۽ ڪتابت قَلب جي سان۔ قرب جو آهيان ڪتاب،
ڪَهت آ منهن جي اهائي.

۵۔ عِشق تنهنجو آهي تيئن۔ جِيئن آهہ بي پير و عُقاب،
مَاس مِڪ روڙي هڏن تان۔ رت پيئي شوقئون شتاب،
تہ بہ ايان تنهن جي جُدائي.

(هلندڙ)

٦- ڪَن ڪروڙين عشق پيا - پرڪو وڃي ٿيو ڪامياب،
ڪي ٿَڏي ٿي ئي ٿَڪي پيا - ڪي هلي ٿيا مِهٽي هاب،
واٽ وچ تان موٽ ڪائي.

٧- ڪونہ پِيو ڪِٿ هَمَڙو ڏسندين- نيهي پيالو ناب ناب،
پيئڻ جنهن جي سان پوي ٿي - سالڪن وٽ ٿاب ثاب[1]،
سالڪي ۾ سِر فدائي.

٨- آي دل پَندار[2] آ- آعجاز جو تو سان خطاب،
آڻ پَنهنجي زندگي ۾ - عشق وارو انقلاب،
سَپ آٿئي ٻي سَڏ آجائي.

(١) ثاب: قبول (٢) پندار: نصيحت

تلهہ: شام جي پيالي ۾ پيارا، تون بہ شامل ٿيءُ شام،
ماهِ ڪامل وانگي اُڀري، مِيرِ محفل ٿيءُ شام.

۱- منهنجي اڄ مهماني هيءَ، ۽ ميزباني ڪر قبول،
شام هڪڙي لاءِ منهنجو، محرمِ دل ٿيءُ شام.

۲- نوش نوشان[۱] موسمِ گل، دوش دوشان[۲] انتظار،
ڪاروانِ عشق سان اڄ، اڄ بامنزل ٿيءُ شام.

۳- بِدهہ خارن جي بزم جي، تون شمع تون شغل شان،
شاهِ خوبان[۳] شوق پائي، مُنهن مقابل ٿيءُ شام.

۴- دام داڻي حُسن واري، دل موهيندڙ دل فريب،
سا تون پَهِہ در پَهِہ مَندي، مُسخرِ[۴] دل ٿيءُ شام.

۵- سِير سائر جي برابر، سوز جو سَاغر ڪو پيار،
سو پياري سچ ساقي، سانيپ[۵] ساحِل[۶] ٿيءُ شام.

۶- جن نگاهن جن آدائُن، سَاڻ پائين پيچ تو،
تن نگاهن تن آدائن، ساڻ مائِل ٿيءُ شام.

۷- عرض آ اعجاز جو، غور طَلب اي حسن مآب،
قرب جي تقريب دَوران، ڪيئن بہ داخل ٿيءُ شام.

---

(۱) نوش نوشان: پيءُ پيئاڻ (۲) دوش دوشان: گڏ ڪلهو ڪلهي سان
(۲) شاهِ خوبان: سهڻن جو سردار (۳) مسخر: گهيري ۾، قابو، فتح ٿيل
سانيپ: گڏ (۶) ساحل: ڪناري

ٿلھ: پِيالا پريم جا پَٽ- عَاشق پِيَن پِيَن،
سڀ ڪنهن نٿا نصيب هي- سَاغر ٿين ٿين.

۱- دَريَاءِ پَرلَبَالَب- مَستيءِ جا جام پي،
ڪيپَن ۾ سِرّ خدائي ڪي- ڪوليو ڪِيَن ڪِيَن.

۲- سيکو نہ پي سگهي- نڪي سيکوئي سَڌ ڪري،
عشاق مئي پِيَن پِيو- جُڳ جُڳ جِيَن جِيَن.

۳- ساقي جو هٿ مبارڪ- فَاتح سَخي فَياض،
ٻَاڙي پِيَاڪِ ڪِيئَن نہ پوءِ- سِرڙا ڏِيَن ڏِيَن.

۴- هَر جام سَاڻ نام- جَپڻ ڪِرت مئي ڪشن،
مَدهوشي ۾ بہ نام نہ- وِسري وِيُن وِيُن.

۵- سَاقي ۽ مَد پِياڪِي- پيئڻ سان ٿَا هِڪ ٿين،
تن هيڪڙائي گهرجي- پِيائي پِيَن پِيَن.

۶- اَعجاز عاشقن ئي- ڪَيا نوش پيالا نيش،
غَالب نَشا انهن جا- مٿان سڀ سِيَن سِيَن.

تلھ: سُھٹل آيمِ تي سَاقي وي - صِفت ثَنا تَنھنجي گھڙي سُٽايون.

١- مَحفل ۾ وِينو مُحب مِنڙو - مَسنن سان تي مُلاقي وي،
مُيسّر تيو مَحبوبي مشاهدو - قول پريو مِيثاقي وي،
مرسل مرڪي اکڙيون چايون.

٢- هِڪَ هَٿ سَاغر ٻي هٿ خَنجر - هي رَوش ڏسو رَزاقي وي،
سرڪي عيوض سر ساھ وٺي تو - بوتو چڏي تو بَاقي وي،
بَيعَت ڪري اھو نَاتو تا نيايون.

٣- مَست پِيالو مَحبت وَارو - يار پِياريو تي يَاقي وي،
مَحو تياسون عَرش وِياسون - آوج ڏناسون عُشاقي وي،
احديت ۾ تيون اسان جون جايون.

۴- پڪ سان مليوسون پر ۾ اَعجَازا - پِرمل پاڪ پوشاڪي وي،
وِرھ وَنڊيوسون تنھن سان - ويھي وَرق وَرائي وَفاقي وي،
وصل سنديون اچ مليون سون وَاڌايون.

تلھ: آسان چاھِ ذنخ[1] مان پيتو زمزمَ - وسري ويوسون بيت حرم.

١- چاهہِ ذنخ ۾ ماري غوطا - داغ اسان نت دِل تان ڌوتا،
ڏيان ڏاريوسون اهو دَم دَم.

٢- بِرهہ واري هٽ بات ڪئي سون - جهاتيءِ سان ڏس جهات ڪئي سون،
جام جلالي لڳو جم جم[2].

٣- پل چوي ڪو ڪافر منڪر - عشق حُسن جو دم نہ ڇڏيون در،
دين ڌرم اتئون زلفِ خم خم[3].

٤- اي ميان ناصح مُعلم[4] - اتئي اعجاز جا ڏوهہ ڪُلئي ڪم،
راھ وٺي تون پنهنجي رَم رَم.

تلھ: پُر جام پيار ساقي - پياڪن کي پيار سان،
پلٽاءِ آب احمر - پلپل پُڪار سان.

١- ميٺي مڙئي مَيارون - سيني جون لهہ سنيارون،
رَبّ لڪ ڏيئي ڇمارون - بَر سِر بهار سان.

٢- گُلفام وِجهہ نہ گهاري - آهي دِل آجان اُجاري،
ويرا اِڳ وِرهہ واري - وٺي ٿير وار سان.

٣- سڪ سوز جنهن ۾ آهي - ساڪا پيار ناهي،
نينهڙو ويجون نباهي - تُو نامدار سان.

٤- دَر ڪين تنهنجو ڇڏبو - اتيئي اوتارو اڏبو،
لالڻ هتان جي لڏبو - تہ برهن پچار سان.

٥- اعجاز چئي ٿي راضي - مچ ميڙ منت آزي،
ڏي فيض ڪر فياضي - هن دل فگار[5] سان.

---

(١) چاهہ ذنخ: ڪاڏيءَ جو گهب (٢) جم جم: لڳاتار سدا (٣) خم خم: گول ڇلي وانگر
(٤) معلم: استاد (٥) دل فگار: دل قتيل

تلہ: جَامِ هي پيئندا رَهون - هيئن روزُهت مِلندا رَهون،
پيار وَارو وَاعدو - هَردم سَچو رکندا رَهون.

۱- پيار پنهنجو تئي تہ تئي، دُنيا جي آڏو هِڪ مِثال،
سِر غمن جا هَڙهہ ٽُٽن، تہ بہ هر گهڙي هَسندا رَهون.

۲- هن زَماني جي هَنگامن کي، رکي بالائي(۱) تَاڪ،
پَاڻ پنهنجي لئون لڳيء جا، پور پَهہ پَهندا رَهون.

۳- هي اُهوئي جَام آ - جو احترامًا آي صَنم،
جام هن جي هر جُرَع(۲) تي، بِسم الله پڙهندا رَهون.

۴- قُرب واري قَاعدي، قانون سان ئي قُرب ۾،
ايترو ويجها هجون، جيئن چشم لَب چُمندا رَهون.

۵- چَا بہ چَئي دُنيا مگر - دُنيا جي چَئي تيندو بہ چَا،
ساڪ جي آهيون برابر، سَاڪ سان چَوندا رَهون.

۶- هِت جا هي ميلا ملڻ ۽، هِت جُون هي هَمرصُحبتون،
سَر بَسر اَعجاز چَئي سي، دل تي سيپ لکندا رَهون.

(۱) بالائي تاڪ: مٿي، پاسي تي (۲) جُرع: ڍُڪ، سُرڪي

ٿلهہ: ڏاڍو ٿا پيُون پيُون، تڏهن ٿا جيُون جيُون،
نَشِيلا نيڻ گڏيا، نَشا ڏئي ٿَن تہ چڙهيا.

۱- انهي ديدار ۾، انهي خُمار ۾- ڪيا سون ٿَن مَن فدا، انهي تَات تار ۾،
هَوائي هوش لَڏيا نَشيلا نيڻ گڏيا- نشا ڏئي تن تہ چڙهيا.

۲- ڪجل ڪاني ڪري، اڪ مستاني ڪري- ملڻ واري سدا مهرباني ڪري،
سڪايل ساقي سڏيا، نَشيلا نيڻ گڏيا- نشا ڏئي تن تہ چڙهيا.

۳- جام هلندو رهيو، خيال کُلندو رهيو- ساقي رازِ محبت سَلندو رهيو،
اوتارا عشق اڏيا، نَشيلا نيڻ گڏيا- نشا ڏئي تن تہ چڙهيا.

۴- اسان جو مَرڪ آ پيئڻ، اَعجازا مست ٿيڻ- گهوري گهوري پيمان تي سرڙو ڏيڻ،
تڪبّرهِت نہ پَڏيا، نَشيلا نيڻ گڏيا- نشا ڏئي تن تہ چڙهيا.

ٿلهہ: ڏِس دور شَور سَاقي سَاغر جو جُود[1] ڪر،
ڏي پَٽ الاحِسابي، اُجن آسود ڪر.

۱- تون نيهي نام وارو، تون ڪل ڪِمام وارو،
تون جام مام وارو، نعرو نمود[1] ڪر.

۲- تُنهنجو هٿ آ پاڪ پَريو، پيو پيار وريو وريو،
پِياڪن جو توڪان گُهريو، سوئي موجود ڪر.

۳- ٿئي حالِ استغنائِي[۳]، وڃي هوش ما سِوائي،
وسري پي سيئي وائي، وِرهئون وروِد ڪر.

۴- ڪلي لاءِ نيڻ نظارا، ڪجلا ڪَبودي[۴] ڪارا،
شُعلاتي شَمَ شَرارا، شُعلا شهود ڪر.

۵- هِن سَن ۾ سارو عالم، بيدرد زور ظالم،
اعجاز چئي تي فالم، دردن جو دُود ڪر.

(۱) جود: سخا (۲) نمود: ظاهر (۳) استغنائي: بيپرواهي (۴) ڪبودي: آسماني نيلو

تلہ: هي نَشو هن مَئي ۾ آ، ڪي تنهنجي پڪ پيالي ۾ آ،
عُمر پَر لاءِ مَست تي وِيس، دِل عَجب چالي ۾ آ.

۱- هَوش ۾ آهيان ڪي ناهيان، پَر چُپايان آئون نہ حقّ،
هَرمزو هر لطف حاصل، حال لا اُبالي[1] ۾ آ.

۲- خِيال منهنجي تي وَري، هيو خيال غالب ٿِئي ڪٿان،
خِيال منهنجو بَند تنهنجي، خِيال جي ٽالي ۾ آ.

۳- تو هٿان هَر هَر ڪُسڻ جي، سَڏ عشاقن کي ڏنيم،
ڳا تہ وٽندڙ ڳالہ تنهنجي، بِرهہ جي پالي ۾ آ.

۴- ناهہ سو اعجاز چئي ڪِٿ، گهاٽ تَڙ ڪُهيُس گهٽا،
جو تَصرّف[2] ساقي تنهنجي، دَم جَپڻ ٽالي ۾ آ.

تلہ: پِياريو جام پِرين پِيان ٿو پِيان ٿو- پيئڻ سان جُڳ جُڳ جِيان ٿو جِيان ٿو.

۱- بِرهہ سِر تي بَاسي، چَارا سَپ چَڪاسي- نَفس نَانہ پَاسي نِيان ٿو نِيان ٿو.

۲- جَپي نَام ذَاتي، پَائي جِيءَ ۾ جَهاتي- اَٿا آن اِثباتي ٿِيان ٿو ٿِيان ٿو.

۳- نہ ڇاٿان مَدي کي نہ نيڪي بَدي کي- خُمر سان خودي کي ڪِيان ٿو ڪِيان ٿو.

۴- اعجاز اِظهارو هَئي نينهن نَعرو- حَقي حال سارو ڏِيان ٿو ڏِيان ٿو.

---

(۱) لا اُبالي: بي پرواهي (۲) تصرف: قبضہ ۾، اختيار ۾، مزو

تلھ: ساقي الالصبوح- سِک جا ساغر پيارڻ آيو.

۱- قُمِ بِاذني[1] آمر کيائين- ماڻ مئي جا مئي ڏنائين،
پِيا مُئن ۾ روح، مُردا جنازا جيارڻ آيو.

۲- سو صنم ساقي سراسر- بي بھا سھٹو برابر،
پِياري کيف ککوھ، قلب کارا اُجارڻ آيو.

۳- در موکيء جي کئين موالي- کئين قوالي کئين سُوالي،
کئين ڏنم مجروح- نپڙا اُنھن جا نارڻ آيو.

۴- پک پرو اعجاز آ پاتو- چاڻ عجائب تنھن ھي چاتو،
ھئا جي نفس[2] نصوح- تن کي توبھ کارڻ آيو.

تلھ: پِيالو مئي سندو پي مُون- کئي فرضِ آدائي آ،
دُنيا عُقبيٰ کان تارِک ٿي- رِنداني راھ پائي آ.

۱- جڏھن کان جام جم پيَاريو، مُونکي دِلبر پنھنجي دستئُون،
تڏھن کان مات واري مون، وجي وستي وسائي آ.

۲- ڏيکاريم پِرت جي پيالي، نوان نجھرا[3] نيئي نت نت،
ڏِني تنھن سير سربستي، اندر دِل کي صفائي آ.

۳- چڏي ننگ نام نيکي کي- وڃايم نينھن جي نوبت،
نہ آتم اِنکار دوزخ کان- مُون اک کسان آڙائي آ.

۴- جاڳائي جوت ميثاقي- ھٿي جھاتي ڏنم جيء ۾،
خُدا جي ذاتِ جي مُون کان، نہ ھِک پل کا جُدائي آ.

۵- اھا اعجاز سرمستي- آئي آ عشق جي جنھن سر،
انھي جِي ھن دُنيا وارن- سِري سُورِي چڙھائي آ.

(۱) قُمِ بِاذني: اٿ منھنجي حکم سان (۲) نفس نصوح: کتا نفس، پکا نفس
(۳) نجھرا: ماڳ، رھڻ جي جاء، آستانہ، جھوپڙا

تلهہ: ساقيا تو لاءِ سِڪن ٿيون، تُنهنجي پياسَن جُون اکيون،
تو سواءِ تڙپن پيون، تو در اُداسين جُون اکيون.

١- فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ پَري ڏي، اڄ فقيرن ڪي سوجام،
جَنهن لاءِ آهن مُنتظر، نت نت نِراسن[1] جُون اکيون.

٢- ساهہ آهي پر نہ جهڙو، سوز اهڙو حال ڪيو،
سُور سورن تي ڏيئي، ساڙين چو ساسين جُون اکيون.

٣- ڪِلندا وَتن جي خَواهہ مَخواهہ، تُنهن جي آسان جي عِشق تان،
شرمنديون ڪَر تُون مِلي، تَن بِي شَناسن جُون اکيون.

٤- هِي اکيون تنهنجي ڏسڻ لاءِ، ائين آهن آتيون،
جيئن آچارن[2] لاءِ آهن، حَيران غواصن[3] جُون اکيون.

٥- اڳ بہ تُنهنجا پوءِ بہ تُنهنجا، ٿيا ٿيندا تورا مَتن،
تو سواءِ اَعجاز چئي، مَرڪن نہ عاصين[4] جُون اکيون.

(١) نِراسن: اداسين، مايوسين (٢) آچارن: نشان، سايہ
(٣) غواصن: ٽوبن (٤) عاصين: گنهگارن

تلفہ: ڪٿي شِيشي شَراب جي ڳُٽ ڳُٽ۔ سَاقي هَٿان مُونکي پيولُٽ لُٽ.

١۔ تـي سَاقي مُنهنجو سَنـيـار مُونکي، دَورِ جام دَوران نہ وِسار مُونکي،
پَائي نيڻ نيڻن ۾ پيار مُونکي، چُٽي تير اکين جا چُٽ چُٽ.

٢۔ شِيشي جَام شَراب جو پير چَوئين، مئيڪده قَدح جو مير چَوئين،
وَندمئي جي وندڻ جو وِير چَوئين، ٻُڌي وَرتئي ديواني جي پُٽ پُٽ.

٣۔ اڄ تنهنجي هٿان پُرباش آهيان، تيو چڻ تہ وَڃي آڪاش آهيان،
آغوش سندءِ جو تلاش آهيان، اَچي جوڙتي مون سان جُٽ جُٽ.

۴۔ تُنهنجي پيالي لاَيُو ڏَڄ ڏَڄ ڏَڄ، پِي مون بہ ڪيو آرَڄ رَڄ رَڄ،
چيو عشق عقل کي اڄ اڄ اڄ، هتان ڦِرٽي ڪاءِ هتان ڦُٽ ڦُٽ.

۵۔ مون لاءِ رات بہ هي تہ بَرات بہ هي، مُغان سان ميلو مُلاقات بہ هي،
هُجي ٽَات بہ هي تہ بات بہ هي، پِيون ڳالهيون مِڙئي ڪٿي ٻُٽ ٻُٽ.

٦۔ سَاقي جَام اکيان تہ هُجيئي هُجي، اُها پِيءُ پيئان تہ هُجيئي هُجي،
جي مران جي جيان تہ هجيئي هجي، نشو نينهن وارو اڻ ڪُٽ ڪُٽ.

٧۔ لُٽ جيڪي لُٽين سو مُباح توکي، گهٽ ڪَاٻہ ڪَندين تہ گُناهہ توکي،
سِر سَاهہ ڏِنم سِر وَاهہ توکي، اَعجاز چوي لِٽي ڪُٽ ڪُٽ.

مغان: مرشد

تلھ: پُران پُر جَامُ پي جَمَ جَمَ (١)، پرينءَ سان پيچ مون پَاتا،
دُنيا عُقبيٰ (٢) مٿي دم دم، پرينءَ سان پيچ مون پَاتا.

١- نِتان نت جُھڙ ملھاري آ، نَشي ان نينھن واري جي،
اُٿم نيڻن ۾ سا نَم نَم، پرينءَ سان پيچ مون پَاتا.

٢- منھنجو آب خضر ۾ چا، منھنجو شھد و شَکر ۾ چا،
پچايان چو پيلا زَم زَم، پرينءَ سان پيچ مون پَاتا.

٣- وِڃائي وَھم پيائي جا، وَڃائي وحدتي واڇا،
ھِڪان ھِڪ حال تي ھَمدم، پرينءَ سان پيچ مون پَاتا.

٤- لڳا جيئن نين نيڻن سان، ھَنيم نَعرو نظاري تي،
پيو چاٽان نَکو دَم کم، پرينءَ سان پيچ مون پَاتا.

٥- رَھي سگھيس نہ پَنھنجي وس، ڇڏائي ھوش ويو مون کان،
ڏِسي کا کُل (٣) کُنڍا خم خم (٤)، پرينءَ سان پيچ مون پَاتا.

٦- صورت محبوب جِيءَ ۾ آئون، چوي اَعجاز گم تي ويس،
ڀَڏي چيريون کيان چَم چَم، پرينءَ سان پيچ مون پَاتا.

(١) جَم جَم: لڳاتار (٢) عُقبيٰ: ھُوءَ دنيا (٣) کاکل: وار
(٤) خَم خَم: گول ڇلي وانگر وريل

تلھ: مُونکي ديرو مَندر نَکي مَسجد جي، مُونکي مَام مِلي مئيخاني جي،
مُونکي پُوڄا عِبادت کرڻي آ، هِڪ ساقي پيو پيماني جي.

١- مُنهنجو دين ڌرم مئي پَرستي آ، مُنهنجو مَنشو مَتو سَرمستي آ،
سوا مئي جي سراسر پستي آ، انسان جي شان شاهاني جي.

٢- مُونسان هوش عقل جي ڳالهہ نہ ڪَر، مُونکي سُونهون سِياڻو سَمجھہ نہ تون،
رکي تَوقّع مون ۾ زماني جي، دل ڏکاءِ نہ مون ديواني جي.

٣- دَانائي مُون لاءِ دَاغ بڻي، ديوانگي دُرس دِماغ بڻي،
هر آتش مون لاءِ بَاغ بڻي، هَر باغ صِفت وِيراني جي.

٤- توکي سَودا طَاعت[1] تَقويٰ جي، مونکي سَودا سُرڪ سَوائي جي،
توکي زاهد پيار وزُهد تنهنجو، مُونکي بَوتَل اَرغواني[2] جي.

٥- تُنهنجي رَاھ جُدا مُنهنجي رَاھ جُدا، تُنهنجي مَسيت مُدعا منهنجي پريت مُدعا،
تُنهنجي زبان فِدا منهنجي جَان فِدا، توکي کَھڙي خبر يَاراني جي.

٦- مُنهن ساقي جو مُصحافَ بَجا، مَيخانو سَارو ئي بيت الله،
مَئي نوشي خَاموشي نِماز آ اُت، اَعجاز جهڙي عِصياني[3] جي.

(١) طاعت: تابعدار، فرمانبردار (٢) ارغواني: ڳاڙهو شراب
(٣) عصياني: گنهگار

تلھ: سُرڪ سَاقي ڪَان مليم، سرجي سَنياري سُرت لاءِ،
نسنگ نيھي تي نيائن، نينھن نظاري نرت[1] لاءِ.

۱- چَند اچان چڪيم ڦُڙا، ويو خيال سمجھي حَال ڪي،
ڪير گھاري پيو گذاري، هن ڪناري ڪِرت لاءِ.

۲- پاڻ حيرت ۾ پيُس، هَر ڪي سراپا حق پسي،
تي اُمڙ اُپريس پوءِ پنھنجي، طلب نعري ترت لاءِ.

۳- دَمُ جياري دل اُجاري، لاءِ تا عَاشق تين،
ڏيھ ڪارڻ لاءِ نڪي، ڏيھ جي ڏنجھاري ڏُرت لاءِ.

۴- مَد پيئڻ تان خود تيڻ، نہ تہ مَد پيڻ بيحد بُرو،
رِند مئي ڪَشُ غير پيائي، چُرُ نہ ڏاري چُرٽ لاءِ.

۵- دم بدم دامن رکيم، اَعجاز پنھنجي داغدار،
پور الٿي پھ سيڪاريم، هيءُ پساري پر ت لاءِ.

تلھ: آجَان سَاغر[2] نہ رَک خَالي- يَري گُلفام[3] ڏي ڏي ڏي،
يَلي هت صبح تئي تئي- يَلي هت شام تئي تئي تئي.

۱- بٽا سانوڻ بٽيون عيدون- بٽا پوءِ ياڳ يَائيندس،
ملائين پيالي پيارڻ سان- چشم بادام جي جي جي.

۲- پنھنجي زُلفن جي سائي ۾- پيڻ ڏي ۽ جيئڻ ڏي تون،
مونسان پورا تہ ڪر پنھنجا- پرين انجام ڪي ڪي ڪي.

۳- درس خانا ڇڏي ساقي- تنھنجي مئيخان ۾ آيس،
پڙھائين تڙن بہ پيو مونکي- تہ سبَ آيام[4] بي بي بي.

۴- لڳي مئي جي بہ لَئہ اچ اچ- لڳي لب سان بہ لب اچ اچ،
سڄڻ پوءِ سمجھنداسون پيا- قَاضي جي قِيام ڪي ڪي ڪي.

۵- حُورون غِلمان جَنت جا- طھورا توڪان وڌ ناھن،
اھي اَعجاز ڇئي ڪَنھن- غير وَٽ انعام ني ني ني.

(۱) نرت: نظر (۲) ساغر: پيالہ (۳) گُلفام: معشوق.(گل جھڙو) (۴) ايام: ڏينھن

ٺلهه: پيءُ ته آهڙو پيءُ جو- پَنهنجو تَماشو پاڻ ڏِين.
حال وَهوا ھيءُ جو- پَنهنجو تَماشو پاڻ ڏِين.

۱- جِيئن جِئي هي جڳ ٿو ٽيئن- جي تون جِيئين تان ڇا ٿيو.
جڳ کان اُلٽو جِيءُ جو- پَنهنجو تَماشو پاڻ ڏِين.

۲- حقّ ۽ باطل جو جي ڇاڻُو- ڏئين ته مڙئي خير آ،
پَنهنجو ڇاڻو ٿيءُ جو- پَنهنجو تَماشو پاڻ ڏِين.

۳- پاڻ ٽُوکي ٽنهنجو چِت- تَعجب لڳي ٽپرس[1] لڳي،
سو وَسائج وِيءُ[2] جو- پَنهنجو تَماشو پاڻ ڏِين.

۴- تَرڪ تَجويزون تَميزون- ڪَر تَفاوت جون صفا،
دِل جو ڏي تون ڦويءُ جو- پَنهنجو تَماشو پاڻ ڏِين.

۵- هِن جهان جي هر ڪا شيء- هَر ڳالهه تي مَعنيٰ رکي،
بُڌ ڀِيائي رِيءُ جو- پَنهنجو تَماشو پاڻ ڏِين.

۶- جو گريبان ۾ ورجهائي- مُنهن ڇڏئي پَلپل اندر،
پوچ سوئي پِيءُ جو- پَنهنجو تَماشو پاڻ ڏِين.

۷- آهين جي اَعجاز ڇئي- تون واقفِ رازِ رَبّي،
پوءِ ڇا جو سِيءُ جو- پَنهنجو تَماشو پاڻ ڏِين.

(۱) ٽپرس: حيرت (۲) ويء: جوءِ ميدان

تلمہ: پرين پيار جي نَظر سَان پيارين جيءِ تہ شَراب جو پيالو كير پُڇي،
مَنهنجو سَاقي تي مُونكي سَنيارين جي، تہ دُكان كَلالو كير پُڇي.

١- هڪ صورت اڳيئي مَن مُهٽي اَٿئي، بِيءِ مَوليٰ اَكيون مَخمور ڏنئي،
ٿورو ڪجل وَري تَن ۾ ڏارين جي، پوءِ بَٽڇي پَالو كير پُڇي.

٢- كَرين بَحال نہ بحال مگر سُوال تہ پُڏ، هم خيال تي هيكر حَال تہ پُڏ،
لَبُ لَبَ سان لائي دل ٺارين جي، تہ كَوثر جو حوالو كير پُڇي.

٣- مونكي خَبر آهي تُنهن جي نَظر آهي، پَر جَهان جي يَقين ۾ كَتر آهي،
تون ئي جَهان جو يقين سَنوارين جي، تہ مُون كان پَند كَشالو كير پُڇي.

٤- تُنهن جي دَرجي خَاڪ بہ كَٽ جي مِثل، لكين لاَل پلنگ پانيان لَٽ جي مِثل،
تُون كَفني قرب جي ڏيارين جي، تہ پَٽ جو دُشالو[1] كير پُڇي.

٥- اَعجاز چوي سُهٽا سَچ سَچي، مُنهن جي مرضيءَ تي مُنهنجي اڱڻ اچي،
مونكي هَلڻ چَلڻ پنهنجو ڏيكارين جي، تہ چنچل[2] جو چَالو كير پُڇي.

تلمہ: پيئڻ سان جَام مَئي كَش جي، گهمون ٿا بيرنگي رَستا،
اَها فِطرت اسان جي آ، هَٽون ٿا حَيدري مَستا.

١- مڙُون مَئيخار مَئيخاني، رِياضت لاءِ رَوزاني،
نِهوڙيون نفس نيراني، بَرابر تي تہ بَرجُستا[3].

٢- فہ م فَاقيء فِكر غَم كَرڻ آهي آسان جو كم،
هَمَہ كي حَق چئُون هردم، فِضولي پانيون پيا فَستا.

٣- محب پنهنجو پِسي ماهي، ڦٽي كئي سون شهنشاهي،
كري هٿ حال فُقراهي، كنيون سين كُندريون كِستا.

٤- كَفن سِر سَان بَڌيو آڻ هي، اَجل ووڙيون چڙيون وَڻ هي،
كَڙهون مَنجھ قُرب جي كَٺِهي، اسين اَعجاز دِل[4] خَستا.

(١) دشالو: شال، چادر (٢) چنچل: هاٿي (٣) بَرجستا: همت وارا (٤) دِل خَستا: دل سڙيل

تلھ: پيتاسون پُران پُر پيمانا پرين سان - پَائي پيچ پُختا نهانا[1] پرين سان.

١- اُڪنڊ ۾ اُمنگ ۾ ملڻ واري مَنگ ۾،
رضا راز رس ۽ رقص راڳ رنگ ۾،
چيڙياسون اُپنگ چَنگ، پيانا پرين سان.

٢- ديمُن[2] سان دومُن سنان دَمالي دُنُن سان،
سُرن سان گُرن سان گِياني گينن سان،
هَسيا تي وَسيا تي، مئيخانہ پرين سان.

٣- عَجب ڏينهن هُئا سي عَجب نِينهن هُئا سي،
مئي خَارن تي وَسندا مئي جا مِينهن هئا سي،
عَجب جهڙا گُذريا زمانہ پرين سان.

٤- پيا ريو پئي پرين سَوايو سَوايو،
اکين سان اکيون مِلايو مِلايو،
نِظارا هئا مُحرمانہ پرين سان.

٥- نہ وسرن نہ اُترن نہ اُسرن اندر مان،
وينا ئي وينا آهن صُورت سونهن سُندر سان،
پَهون[3] پُورپَهہ پيا روزانہ پرين سان.

(هلندڙ)

(١) نهانا: ڳجهو، لڪل (٢) ديمن: ٽولہ (٣) پهون: سليون

٦- پِيتاسون بہ اهڙا جو حَيران آهيون،
پيئڻ جي سَواءِ جڻ تہ ويران آهيون،
پِيو ٿا ٿيون ايڪ گانہ پرين سان.

٧- سدائين اُهي گڏ سچا پيچ جَن جا،
جُدايون پيون تَن ڪَچا پيچ جن جا،
جَتا ڪَن سَتا ڪن دِيوانہ پرين سان.

٨- پِيتل آهيون پِيالا نَديءَ پَرِ نرالا،
نَشا تِن جا نئين سِجَ نَوان نَرِ نرالا،
جَذب جِيءَ ڪَيا سي پَيمانہ پرين سان.

٩- شُڪر يار اَعجاز ياتي مِليوسُون،
مُحقق مُغان پير سَاقي مِليوسون،
ڪَياسُون شغل شَادمانہ پرين سان.

ٿلهہ: مُحتسب تڪرار ڇڏہ هي هڪ پيالو پِي تہ ڏِس،
بَزمِ رندان ۾ اچي، تون رِندي مَشرب[1] ٿي تہ ڏِس.

١- مام واري مام پاتي، جام هن ۾ عام ڪان،
مام با اِسرار آ، سا مام اچ سمجهي تہ ڏِس.

٢- مئي مَئيءَ تي مَئين متائن، مئيڪشن منصب متو،
مئي مَئي پِي مَئين مَئي جن، مئي مَئي تن جي تہ ڏِس.

٣- هَست ريءَ هت پَست[2] هوندين، هست ٿي هستي ڏيکار،
هَست سمجهي پاڻ کي تون، پنهنجي هِت هستي تہ ڏِس.

٤- جنهن چاڙهي سِر چڙهئو ناهي، تنهن چاڙهي جي چوٽ تان،
دل جهلي پنهنجي عمر ۾ هڪ دفعو ٽڙڪي تہ ڏِس.

٥- خون خوري تنهنجو ڪَرتب، خُمر خوري منهنجو ڪم،
ڇا سزا هوندي ٻنهي جي، هَل ڪتابين هي تہ ڏِس.

٦- هڪ دنيا هِي ٻي دنيا هُو، تي دنيا تنهنجي اندر،
جا دنيا تنهنجي اندر، تنهن دُنيا ۾ جِي تہ ڏِس.

٧- جا نَفِي آ تنهنجو مَشغل[3]، تنهن نفي جي تَهہ ٻہ تَهہ،
آلڪل اقرار حق، اَعجاز چئي سو پِي تہ ڏِس.

(١) مشرب: شراب پيئندڙ (٢) پَست: هيٺ (٣) مشغل: ڪِرت

ٺلهہ: سَاغر سَواءِ نہ سَاقي- سَالم ٿئي هَوش منهنجو.
نَاقص(١) آهيان نَشوئي- پَردو آ پوش منهنجو.

١- نَاٺو نَاهي تہ چَاهي- سِر سَاقي وَٽ هي لَاهي،
قَاتل کَکوهہ آهي- نيرانو نُوش(٢) مُنهنجو.

٢- پيالو نہ پيش هُوندو- طَبيعت ۾ تَيش هُوندو،
جِگر ريش ريش(٣) هوندو- مَجرُوح(٤) جَوش مُنهنجو.

٣- تَن ۾ رکي ترس کي- بَرساءِ رَس بَرس کي،
مِيثاق جي جرس(٥) کي- سُڻندو پوءِ گَوش(٦) مُنهنجو.

٤- اَعجاز چئي شُغل سان- مَئي جي وُضو غُسل سان،
تَر تَازو کَر وَصل سان- هر هر آغوش مُنهنجو.

ٺلهہ: مَنهن مَئي کَشن جي، مَنگل آهي مَئي جو- مَزو مَوج ميلو مَندل آهي مَئي جو.

١- مَندل مَيڱهہ مَلهاري بدل بوند بهاري- مگر(٧) مچ هزاري مثل آهي مَئي جو.

٢- چَنچل چَاهہ چَالو، بِرهہ حُسن پَالو، پُران پُر بہ پيالو، پيتل آهي مَئي جو.

٣- شَمع رُخ شِتابي، اکيون نِيم(٨) خوابي- شِيشو گُل گُلابي کُليل آهي مَئي جو.

٤- سَبُو جام ساقي، اُتي ڏچ عشاقي- اڏي کات پَاکي کُتل آهي مَئي جو.

٥- آسان وَٽ جو ايندو پيئڻ ري نہ ويندو- اَصل آهڙو ٿيندو شُغل آهي مَئي جو.

٦- اَعجازا تو وَارو نَظم شَعر نيارو- غَضب جهڙو سَارو غَزل آهي مَئي جو.

---

(١) ناقص: عيبدار (٢) نوش: پيئڻ (٣) ريش ريش: زخمي
(٤) مجروح: قتيل (٥) جرس: گهنڊ آواز چڙو (٦) گوش: ڪن
(٧) مگر: باهہ، آڙاهہ (٨) نيم خوابي: خماري، اڌ ننڊ

تـلهہ: سِگهو ڪَروي سَاقي،پَيمان پَٽ جي- عَجب مَئي آ تُنهن جي مئيخان مَٽ جي.

۱- تُنهن جي مَئي مَٽيءَ جي، ڪَريون ڳَالهہ ڪهڙي،
جَهـــڙي هَاڪ سُئي سـون، آ تَحـقـيـق تَهــڙي،
نَاهي ڏَڙڪ دِل تـي، ڪَا سِرجَان سَٽ جي.

۲- سَنـــدءِ وَٽ وَٽـــيءَ ۾ آهـــي ڪَا تـــہ قُدرت،
جَنـي پـيـتِي تَن جي، کُلـي اَک بَصــيــرت،
پِيَن سوجهہ پَنهن جي گِريبان گهٽ جي.

۳- ڇَون نـيـنـهـن وَارو ڦَا نَاسـور جَنـهـن کـي،
ڏيئي سُرڪ سَاڳي، تون ئي چيٽ تـنهن کي،
اِهـــا آ دوا ِهن تــــہ نَادان ڦَٽ جي.

۴- نِهـــو نُور تُنـــهـــن جو قَدح جَامِ وَســندڙ،
ڪَيــفِي ڪَات وَهــندڙ حُسن سَاڻ هَســندڙ
ڇَتَا پـيـتـي نـيـٽـن جي نـيشـان نَٽ جي.

۵- مُغَان مـوڪـي مَحــبـوب، تُون خُوب خُوبـان،
عُشـــاقـن جي تــو دَر آهــي ڏوهِ تومـــان،
نَہ اَٽـن هيـر اَعجاز ٻـي دُڪـان هَٽ جي.

ٺلهه: ڪَر سَڄڻ سِنگار يَار - آ بَسنتي دَور آيو.

۱- گُونا گُوني رَنگ بَرنگي - ڪَئي گُلن گُلزار يَار
وَئي خِزان آئي بَهار آ - دِل گُهريا دِلدار يَار
ويس هَر وَڻ تڻ مَٽايو.

۲- هَلڪيون هَلڪيون مَست هِيرون - هَر طَرف ٻُهڪار يَار
مُعتدل خُشبوءِ کُلي آ - مَن موهَن مَنتار يَار
بُوند شَبنم بَن بَنايو.

۳- سَر بسر سِينگار سَان - پَائي ڪَجل جي ڌَار يَار
دَرسني دَربار کولي - پِرت جَا پَٽ پِيار يَار
بَزمِ رِندان جو آرايو.

۴- پَونءِ بُلبل سَندي سُڻ - گوش ڏيئي گُفتار يَار
وَصل جي اعجاز چئي - اَڄ تُون به وَائي وَار يَار
عِشق تُنهن جي مَچ مچايو.

ٺلهه: بَادل بَرسي ڇَانيو آ، ڪَٺي سَاز سمورا آيو آ.

١- طَبل تَنبُورا تَرنگي تَرنم، سُرندا سَتارون سَاڻ ٻيا سَرگم،
ڇَيرين جو ٻُڌ ڇَمڪو ڇَم ڇَم، رِم جهِم رَنگڙو لايو آ.

٢- ٻَينڊُون ٻَاجا ٻِينون ٻِگل ۽، نَاد نَقارا نَفيلون وَٽڪَل،
مُرلين مُنن موڪ ڏيئي موڪل، ٿَر بَر شُور مَچايو آ.

٣- پَنهنجا گولا پَنهنجون بجليون، پَنهنجا شُعلا پَنهنجون تجليون،
پَنهنجا مَنَهَن پَنهنجون مَنڊليون، ڪَري مينگهه مَلهار بَنايو آ.

٤- اَعجاز عَلي شَاهه گَگن گَجي ٿو، ٺَهڪو وَڻ ٽِڻ منجهه وِجهي ٿو،
رُوح سَڄڻ لاءِ خَاص ڪِجي ٿو، مُحب مِلڻ جو سَعيو آ.

ٺلهه: سَارنگ ڪَيڙا سِينگار- آئي مُند سَانوڻ جي،
تَاڙن لاٽي تَنوار- آئي مُند سَانوڻ جي.

١- مِرون مَاڻهون جِيت پکيئڙا- پڙهن حَمد هَزار.

٢- وَڻ ٽِڻ ٻُوٽا وِهسن وِلڙيون- لَڳي ٻُوند ٻَهار.

٣- پُورب ڪُليو پُور ٻه پَلٽيا- پَئي پَلرجي پَچار.

٤- مَڪه مَدينه مِينا پَاسي- ڏِنم مَينگهه مَلهار.

٥- سَرتيون سَرتا رُنل پَرتا- پَئي پَاڙي پَاڙي پَچار.

٦- اکين جو اَعجازا لائي نِظارو- عَاشِق ٿِيا اِظهار.

ڪجي: تڙپي، ڏکي ٿو

ٺلهه: ڪَڪر ڪَارا ڪَيس ڪَيس - ڪَري وَسڻ جا وَيس وَيس،
دَيس آسان جي تي آيا - آيا دَيس آسان جي تي آيا.

۱- سَار سَنيار لاءِ پَاڻ سِبنـ ـاري - سَارنگ ڪَيڙو سَعيو،
گوڙيون ۾ گَمـ ـ مَچائي، گَگن گهما گهم آيو،
ڪِنوٽين ڪَيا ڪيل ڪيل - رَحمت سَندا ريلَ ريلَ،
وَاحد واهڙ وَاهيا - وَاهيا دَيس آسان جي تي آيا.

۲- مَشڪون مَحبت مينگهه پَريون - ڏس چوهٽون تو چِٽڪاري،
دَرد وَندن جي دِلين وَارا - دَاغ ڌُتاريو ڌُتاري،
بَرس بَاراني ٻيچ ٻيچ - پِپُون پَٽن سِر پَيچ پَيچ،
سَاوا گاهه سَمايا - سَمايا دَيس آسان جي تي آيا.

۳- سَارنگ سَانوڻ ڪَيا سَجايا - سَاجن ٿيو سون سَاٿي،
هيج هِيئين سَان حَج ڪَيوسون - حَق ڏِنوسون هَاٿي،
چَم چَم چِمڪاءِ چِير چِير - تَانَ سُناسون تير بَتير،
ڳُڻ اَعجاز ٻـ ڳَايا - ڳَايا دَيس آسان جي تي آيا.

ٺلهه: موڪَل ڪَئي مَالڪن ٺُوڪي، سَارنگ سِينگار ڪر وهوا،
سُڪاري سانگ سان سانوڻ، سَراسر يار ڪر وهوا.

۱- مُگهٽ(۱) مُوڙون ٻَڌي مُک سِر، وَڃائي سَر منڊل مُنڊ ڇا،
مَگهن مَستان تي ٻَنرو، مَلهي ملهار ڪر وهوا.

۲- ٻَنائي ٻَرخيزا ٻَادل، ٻَلي ٻِجليون ٻه ٻڙڪائي،
ٻَحر ٻَرساءِ ٻَرڪاتي، ٻَرين ٻَازار ڪر وهوا.

۳- حُڪم هي آهلي هَر جاءِ، هَمه هَرديس تي هَس وَس،
هَرا هَاري هَرا هَر گهر، هَرا هَرنار ڪر وهوا.

۴- الاهي آب آمرت مَان، اوتون ڏيئي آڄ آوهيرن سَان،
اُچل آلماس اوڙڪ تي، آوجونِ اسرار ڪر وَهوا.

۵- ڪَمانيون قوس(۲) ڪَج رَنگي، ڪَڪر ڪَجلا ڪَري ڪوڏئون،
ڪَڏي ڪَنهن ڪُنڊ ڪان ڪَلنگيون، ڪي ڪَارونيار ڪر وَهوا.

۶- ڇَنين ڇپرين هَٽي ڇانون، ڇيڇن سَان ڇانئجي وَڃ ٿُون،
ڇَرون تين ڇڙهه وَهن ڇاڙهُون، ڇوها ڇڇڪار ڪر وَهوا.

۷- گگن تون گهوٽ گهن گهوري، گهورُون گهوريان ٿوتان گهائيون،
گهٽو گهٽ گاهه گُل ڦل ڇٽ، گهاٽا گُلزار ڪر وَهوا.

۸- چَمن چوگان(۳) چَمڪن ٿا، ٿُنهنجي چَمڪيلي چَهري سان،
چَوي اَعجاز چڙهه چَوٽئين، چڙهي چمڪار ڪر وَهوا.

(۱) منگهٽ: تاج چٽ (۲) قوس: انڊلٺ (۳) چوگان: ڪليل ميدان

تلھ: آچنُون سَجڻ وِي سَانولڙا، سَانوڻ جَا ڏينھن آيا.

۱- دل پئي تُنھن جي پيار لئہ تَانگھي، ڏِينھن لآيا تو کَھڙي سَانگي،
وَرُ وَري کَر وِچڙين وَانگي، او مَن موھن مَن پَايا.

۲- سَارنگ وَاري سُھج سِينگارن، رَنگي قَوس کَمان نِظارن،
چِيھن پَپِيھن جي پريمي پُکارن، چوري ھِي چَاڪ چِڪايا.

۳- توريءِ مينگھہ مَلھار نہ سُونھن، توريءِ بُوند بَھار نہ سُونھن،
توريءِ کَجلا ڏار نہ سُونھن، سُرخيون مُساڳ آجايا.

۴- آءُ تہ اَعجاز چئي توسان اوريان، ڳَالھيون سَوين پئي سَانديان سَنيوريان،
سَاھہ صَدق کَري گھر سِر گھوريان، کوري کَايا مَايا.

تلھ: بَادل بَاد بَھارا وي- پَلٿيا پَٽن تي تِيا رَنگ رَيلا.

۱- بَيشڪ آھن بَرکت پَريا- کَکر کَارونيَارا وي،
بَرسيا بَر تَر ٻَھکيا ٻيلا.

۲- سُرخ سَاوا گَھرا گُلابي- سَنھڙا جِھرمر وَارا وي،
سَجڻ کَيڙا سِر تي سَيلا.

۳- بَرگ بَادامان موتيا نَرگس- آرنا آرگ آنارا وي،
بُوند پِچايا چُنار چَنبيلا.

۴- پُوريون کَاريون چَالون چَلھن سان- کُوھان کن کُڏ کارا وي،
رَاوا رَتا ۽ تَنبَنِ تيلا.

۵- کَڏھن کَڏھن تا تين ھَھڙا- سَانوڻ سَانگ سُکارا وي،
اعجاز اچانڪ مَنگل ميلا.

تلهه: پکي پَنڌ پَرواز تُنهنجو ڪاڍارو- ڇَون سَير عَرشئون تا اڳتي تو وارو.

١- آڏوتاڪ تُنهنجو وَانهيرو ٻـ اوڏهن- وَاسع وِيءِ تُنهنجو ناليرو ٻـ اوڏهن،
طَعامون قُوت تو لاءِ اُتي آقرارو.

٢- اُڏامڻ جي هِمت تون آغاز ۾ ڪَر- پَيدا بَرق رَفتار پَرواز ۾ ڪَر،
اُڏر چڙهـ آڪاسين، هَٽي دَم هَاڪارو.

٣- تُون شَهباز شَاهين، تَو وٽ بَس نـ مَورهئون- بِرهـ تُنهنجو ٻَاري تُون بيوس نـ مَورهئون،
مَقدر تي تُنهنجو مُقدم لاَمارو.

٤- اڳيان مَنزلون ڪئين اُتئي مَاڳ مَٿا- آنڌيون بَحر طُوفان آجهاڳ مَٿا،
ڀَڏي سَٽ تُون پيٽو نيائج نِظارو.

٥- وَجودئون تي وَاندو، وَائي وَحدهٔ سان- جَاڳي جُستجو سان اُمنگ آرزو سَان،
ويهين جيئن نـ وِچ تي تي وَهمئو وَيسارو.

٦- سَندءِ ذَوق آڏو، زِيلُون دُواليون ڇَا هن- دَامون لاَڙڪيون لڪ جَهلا جَاليون ڇَا هن،
ٻَاقي هِڪ ڏي پڙڪي، هَٽي دَم هَاڪارو.

٧- پِرت جَا ٻـ تَوڪي پکي ٻَال پَرپٽي- سِڪڻ سُوز سيني اِهي پِٽ ثَمر پٽي،
توسان پيو اَعجَازؔ اَ صُورت جو سَهارو.

لاڙڪيون: ڦاندا، ڦاسائڻ جون ڏوريون

ٿلهه: پکيئڙا هَنُ پرڙا - آهي پَند پري.

١- ويهه وساري نه وِچ تي - ويني ڪِين وَري.

٢- ڇنو ته سُڃي هن سَرَ ۾ - تُنهنجي ڪيئن ٿي سَري.

٣- سَاٿي وِيا تُنهنجا سَيئي - توتي ميار ڌَري.

٤- تُون نه مَري وِيندين - تُنهنجي مَحبت ڪِين مَري.

٥- اَڄ تُون اُلوهيت ۾ - دوستي جو دَم ڀَري.

٦- اُڏر هتان اعجاز چوي - تُوت آڌورو ڪَري.

ٿلهه: اَڄ اَڄ سَنيها آنَ ڪي - نئين سِڄ نَوان اي ڪنياتڙا،
آصلئون اِها آهَاج ڳنئي - سِر تي آوهان اي ڪنياتڙا.

١- ويلا وِيساهيون ويسريون، ۽ ڇَڏليا لَهَ لوڪ جا،
ڏي نِياپا نِينهن جا، سَاري سَوان اي ڪنياتڙا.

٢- مَتَ آوهان جي ذَات جو، قاصد نه پَانڌي ڪو ڀيو،
پَلپل تَڏهن ٿو آئون تو، پِيرين پَوان اي ڪنياتڙا.

٣- هَوش مُوڙهل پَست دِليون، مَاندا مَاندا رُوحڙا،
دَم دِلاسي تُنهن جي سَان، ٿِيندا رَوان اي ڪنياتڙا.

٤- اَڄ سُڏيون آنڌئي عَجب، صَد آفرين اَعجاز چَئي،
نامه بَر نيهي سَچو، توکي چَوان اي ڪنياتڙا.

تلهه: هُئي ڪَا مُنهن جي مَقال او ڪَانگلڙا - مُنهن جي يار دِلبر سُٺي سَچڻ وَٽ.

١- مَحبوب سَاڻ مَحفل ڪَئي تيمر ڏينهڙا، مُقدر لِکئي کان وِچان پيمر ڏينهڙا،
نہ تہ ڪِيئن سَهان سَال او ڪَانگلڙا، وِڃان هُوند اُڏري پَلَ ۾ ڍولڻ وٽ.

٢- اُتان کان هَٽي آ لاَمارو وَري ڪو، سَچڻ کي ڪِي تَئي مَن سَنيارو وَري ڪو،
پَانيان تُنهنجا پَال او ڪانگلڙا، اڏامي عَجيب جي وَجي ويهہ اَڱڻ وٽ.

٣- سَدائين آمونکي وِرُونهَن سَنديَس، سَاريو روزُ سَاريان آئون سُونهن سَنديس،
چَنچل مَوهٽي چَال او ڪانگلڙا، مُنهن جي نَازڪ نِرمل لاَکڻ لُڏڻ وٽ.

۴- وَصل لاءِ وَني آ ڪِيانتا[١] ڪوکُن[٢] تُون - چَوي جيڪي سُهٽو ڪَن ڏيئي سُڻ تون،
شَاد هُجين شَال او ڪانگلڙا، سوپَارو تي آءُ تون منهن جي آتڻ وٽ.

۵- سڪڻ نينهن لاَئڻ مُونکي سيڪاري - پِرين پَاڻ وِهندو تَنهن کي ڪِيئن وِساري،
هُوندي سِڪ سَنيال او ڪَانگلڙا، مُون کان اَعجاز چَئي پِيٽي بَهڳڻ وٽ.

تلهه: ڪِٿ ڏِنا تو وي ڪَانگ - اَڄ ڪلهہ ڏي ڪَا سُڌ سڄڻ جي،

١- ڪَهڙي قِبلي ڪَهڙي ڏس تي - سَندن آهن سَانگ - اَڄ ڪلهہ ڏي ڪَا سُڌ سُڄڻ جي.

٢- آچي آچانڪ اُيري من ۾ - طَلب ڏَادي تَانگهہ - اَڄ ڪلهہ ڏي ڪَا سُڌ سُڄڻ جي.

٣- اُڏر ڪَانگل چَڙهہ آڪاسين - پُوندي چَارئي دَانگ[٣] - اَڄ ڪلهہ ڏي ڪَا سُڌ سُڄڻ جي.

۴- ڪونہ سُٺي هِن ڏيهہ ۾ تن ري - بِرهہ وَاري بَانگ - اَڄ ڪلهہ ڏي ڪَا سُڌ سُڄڻ جي.

۵- ڏِس اَعجاز چَئي رِيءَ پِرين جي لَڳي لُڇن جي پَئي لاَنگ - اَڄ ڪلهہ ڏي ڪَا سُڌ سُڄڻ جي.

---

(١) ڪيانتا: پيغام پهچائيندڙ (٢) کُن: انجام، ڏينهن (٣) دَانگ: دَنگ

تلھ: ڪَنگن جون ٻُڌم ڪُوڪُون، تہ مونکي هَنج ياد آيا،
انهي جي معنيٰ اي يارو، سُخن جا سَنج ياد آيا.

١- وَري جو ڪَانئرن وارا، ڏٺم چُنج روز چِلڙن ۾،
اَمُل موتين پريا مُعطر، هَنجن جا چُنج ياد آيا.

٢- سُخن جا سَنج سي آهن، سُخن شِيرين سدا جن جا،
سُٹڻ وارو سُٹي ڪوجي، تہ اَڄ سي گَنج ياد آيا.

٣- مِلن اهڙا بہ ماڻهون تا، ڪَڏهن هن زندگيءَ ۾ جو،
جَڏهن سي يَاد آيا جي، تہ جهڙا تُرنج(١) ياد آيا.

۴- ڏٺم مَحبوب جي رُخ تي، جو ڪَارا ڪي ٻَہ تي تِرهُو،
تہ ٺهہ پَهہ دل منجهان، اُپري يَمن جا زَنج(٢) ياد آيا.

۵- تو سُهٹي جا تہ عَاشق ڪَيِين، اُنهن مان تنهنجا اي سُهٹا،
ڪِني کي سَهنج ياد آيا، ڪِني کي آهنج ياد آيا.

٦- هَنجَن وٹ حال جي هَئي هَئي، ڪَنگن وٹ قَال جي هَئي هَئي،
هِنن کي قُرب ياد آيا- هُنن کي رَنج ياد آيا.

٧- پکين جي پرک وارن کان- ٻُڌو اَعجاز هيئن هر پَل،
هَزارين هَنج هُوندا پَر، آسانکي پَنج ياد آيا.

(١) ترنج: ڪٺا (٢) زَنج: يمن جا ڪارا ماڻهو (حبشي)

تلھ: اُڏر ڪانگل وَڃ اوڏاھين - جاڏي آ منھنجو جانب يار.

١- ڏَس ڏِيئين تو آئون جِتي جا - مَاٺھو مھانگا آتئي اُتي جا،
سِڪ گھٽي ڪَا سَاڻ سَنباھِين.

٢- ڪَشِ ڪمر ڪر ترت تيَاري - پَنڌ پري آمَنزل ڪا ڀاري،
لَڏمستان ڪِٿ وِرچي لَاھين.

٣- نَمي ڪمِي وچ زَاغِ نرتئُون - پَائي ڳچيءَ ڳَل پَاندِ پرتئُون،
دَر دلبر جي مون ڪاڻ دَانھِين.

٤- آئون تو ڀُھاريان وَاٽ اڳڻ ڪي - آڻ سِگھو تون مُنھنجي سجڻ ڪي،
سو ڏيندو سِئين جيڪي تون چاھين.

٥- آھيان اَعجاز چئي اُڪنيو آئون - تَڏھن ڪَريان تو توکي صَدائون،
خَالي نہ وَرجان ائين ڪَجاھين.

تلھ: ھِي عشق پڪيئڙو ھِت آندو - ڪِيئن سو وھي وِرھ ڪان وانْدو.

١- ڪَن نہ لائي ٻِي ڪا ڪَھاٺي - آھي رَاڳ ويرا ڳ لاءِ مَاندو.

٢- جيڏھن تَاٺيس تيڏھن تَانگھي - آھڙو مارِيءِ وِڌس ڪو ڦاندو.

٣- مَن نہ گَڏائي مَال مَايا سان - ھِن ماڳ ڪي جَاتئين مَانجھاندو.

٤- وَتي وڳر ڪان وِڇڙيو شَاھ اَعجاز ا - ڪونہ جاڻان ڪَڏھن تئي ھيڪاندو.

تلهه: ٻيلهه ٻگهن سان ٻهي وو يار- پرت پکيئڙو پاري هليو ويو.

١- سال ساڪن هو هن ئي سر ۾- سُر نہ ڪيُس ڪنهن سهي وو يار.

٢- لاتيون سباجهُون لنوندو لنوندو- ڪالهہ هتان ويو ڪهي وو يار.

٣- آنا احمد بلا ميمي- پر ۾ ويڙهو پهي وو يار.

۴- آدم اولي سمجهہ اعجازا - رُوپ انهيءَ ۾ رهي وو يار.

تلهه: پرت جي پنڌ پساري جو- آنت نہ آهي ڪانئر ڪنگن کي.

١- سوز نہ سانديئون سيني ۾- هن سات سگهر سُونهاري جو.

٢- ڪپر متي ڪن ڪُوڪون ڪڙيون- منجهہ نہ لهن منجڌاري جو.

٣- ياد نہ ڪيائون يوم قيامت- وهہ وڙين ويساري جو.

۴- اُڪنڊ اُڌو اعجاز هنجهن کي- اصلي ماڳ اوتاري جو.

اُڪنڊ اُڌو: سڪ سار سنڀال

ٿلهه: پکيئڙا اُڏالهه سَل پوري - ڪِٿي ساري سَنگت ٿُنهنجي،
وِيڳاٽو ڇو وَتين رُوح ۾ - ڪيڏهن وَئي لَئي لَنوت ٿُنهنجي.

۱- تـوسـان پُر پـيچ هُنـا جن جا، تـوکـي نِت نـاز هـو جَن تـي،
ڪِٿـي آهـن اُهـي اَڄ سـي، ڪِٿـي سـا مَوج مَت ٿُنـهـنـجي.

۲- اُداسِيل دِل اکـيـون صُورت، بِيـراڳيل حـال ۾ حـيـرت،
سَتوهِيل سَرس پَئي ڏِسجي، رَنجويَل رُوءِ رَنگت ٿُنهنجي.

۳- ڪِٿـان آئـين ڪـيـڏهـن وِيـنـدين، اِها ڪا سُڌ سَچي ڏيـنـدين،
اَصل ٿُون ڪَهڙي ڪَم دَم سان، اَصل ڪَهڙي ڪِرت ٿُنهنجي.

۴- وِسـاري وَطـن وَٽـڪـارون، اَچي ويـتـين وِيـرانـن ۾
سَنـيـارج سَبـز سَر سـاڳيـا، اُهـا آ جُوءِ جَنـت ٿُنـهـنـجي.

۵- سُهـم سـختـيـون سِتـم هـاجان، آهـن آنـڌ ڌُنـڌ اعجاز اِ هت،
نَظر نَاهـي سُڄاپـي ڪـيـئن، ذَاتـو ذَاتـي صِفـت ٿُنـهـنـجي.

تلھ: چئو تہ عجيبن چيزُني ڪانگل چا چا چا،
مِلندا ڪڏھن ماڻن پرِيا، مُونسان مُحب مِنا.

۱- وَڃڻ اَچڻ ۾ دَير تہ توکي- ڪانہ لڳي ٿي ڪِيانتا،
وَڃ وَڃي هُتان وَر سگھو هِت- آڻ پيغام پيرائتا،
وَاتان تُنھن جي جيئن پُڏان- وَاڏايون وَھوا.

۲- اُڪنڍئي عَاشق جو اي ڪانگل- عَرض نِيارو ٿي سَلجان،
نِياپو اُت هي نِياز آدب سان- سَمجھہ وَارو ٿي سَلجان،
ڏَاڍا سِياڻا سَمجھو آٿئي- هُو سَانول سُونھن وَندا.

۳- ڪوڪڻ وَني اَچ پرين ڪان- تہ پياريئين مِصرين پَاڻي،
اِنصاف اِنهي ۾ ڪانگ ڏيئين- هِيء سَاري حَاڪيماڻي،
پِيو جيڪي طَلبين حَاضر ڪَريان- وَاعدو توسَان آ.

۴- زَاغن ۾ تُون زَاغ[1] نِرالو- تُنھن جي ذَات اُتاهين،
سَنيھا سَنديسا ثَابت ڏِين تون- خِيانت ڪانہ رَسائين،
جُو ڪُجھہ چيزُني پَاڻ پرين- سو ڪُجھہ چَئي پُڏاءِ.

۵- خَاصو خبرائيل تُون ڪِيانتا[2]- تُنھنجون خَبرون خَيري،
فُرقت وَارن جي بہ آ توکي- چِنتا اون جَجھيري،
عَاشقن جو اَعجاز چوي- تُون سَاٿي سَنگتي سَدا.

(۱) زاغ: ڪانگ (۲) ڪيانتا: پيغام پھچائيندڙ

تلھ: آھي ڪِرت ڪانگل تُنھنجي قاصدائي، وِساري نہ ويھہ سَا پَنھن جي پَر پُرائي.

۱- نَامان نينھن جَا آھن، آڻ فَرض توتي،
تَندا پِيا ڪِي نَاھن، تَاڻ فَرض توتي،
جَاڻي جَاڻ سَڀ تو، پَوروتي نہ جَاڻي.

۲- هِتان جا هُتان جا، چتان چئو چيتاري،
ذَرو ڪَر نہ ضايع، سَمورا ڏي سَاري،
سَنيھا نِيا پا، ڏوري ڏِيھہ ڏِھاڻي.

۳- اِھي پَال ٿورا، مُون تي ڪانگ ڪَر تون،
سِڪاين جا سَولا، سُوري سَانگ ڪَر تون،
مِلن مَحبتي مَن رَچي رَس رھاڻي.

۴- دُوريءَ جا اَعجاز چئي، وِچان دَنگ وِيڙا،
پَورھيا پَنڌ تنھنجا، پَڪي ٿاب پيڙا،
اَصُل ڪان توکي آ، دُعا عَاشقاڻي.

ٿلهه: ڪنهن ٻرِ پرين اِيندا وَري - ڏي ڪانگ قاصد سُڌ صَحي.

١- موهي مُونکي جن مَست ڪَيو - وڇڙئي تَني کان وَقت ٿِيو،
گُوندرن ۾ گهارڻ پَس پِيو - تَن ري سَڙي سِڪ ۾ ٻَري،
ويهي وِجائي مُون وَهي.

٢- اُڪنديو اَندر آرواح آ - وِسريو وَطن وَڏ راهه آ،
شَاهد گواهه الله آ - سَاري سَڄڻ ويندي مَري،
پَهه سُور پَنهنجي پَر ۾ پَهي.

٣- ووءِ ووءِ ڪَيم خَفقان کَان - چَوٽيا خَفا نَاتوان کَان،
اِنهي وَڏي آرمان کَان - آيا اکين ڳوڙها تَري،
سي ڳَل ڳَڙي پِيا جَهولي لَهي.

٤- اَعجاز آئون جِيان نہ جِيان - هُو خُوش هُجن صَدقي ٿِيان،
شَل حُب سَندن ۾ دَم ڏِيان - ٻِي ڪانہ ٻَانيان تو ڳَري،
مَنَ مُئي پُڄاڻان آچن ڪَهي.

ٿلهہ: نَاسُوت(١) جا پُوڄاري - ڪَر لاَهُوت جي تياري،
اُها جُوءِ اصل آ تنهنجِي - ڪِيئن تو ويهي وساري.

١- هَڻ وَٽ ڪي هٿ لڳي وئين - هَيا(٢) حيف آهي توکي،
تَڪ تور تَرازي چڙهتون - تنهنجو مرڪ ناهي مَراري.

٢- جِيڏهن نظر تنهن جي ناهي - تيڏهن موليٰ پاڻ آهي،
شڪ وهم شبها لاهي - ٿي پرت جو پاساري.

٣- حِلمُ النائِم(٣) حديث آ - حَضرتﷺ سندي حقاني،
منڪر نہ ٿي انهيءَ جو - سُڻ سمجهہ بات ساري.

٤- پيڙيو پراوا هڏڙا - پَارين ٿو پيٽ پنهنجو،
اُٿ پاڻ ڪي ايذائي - لَهُ فِيرا منجهہ هزاري.

٥- اَعجاز سچ الايو - تون مَچين نہ مچين موڳا،
دَارُ الفنا(٤) جو لارو - ڪَنديئي قيام ڪاري.

---

(١) ناسوت: هيءَ دنيا (٢) هَيا: بي سمجهہ، بي عقل
(٣) حلم النائم: خوابن واري ننڊ (٤) دار الفنا: هي دنيا، فاني جهان

تلھ: ھِن مست بِيِ لحاظ تي، قاضي مرتاب[1] ڪر،
تون پاڻ لاءِ ڪو پهرين، مقرر عذاب ڪر.

۱- ٽُوٽي اٿر پيو نہ، تنھنجي پَند[2] جو سو چو؟!
يا چڏ قِصا ڪتابي، يا خود ڪي ڪتاب ڪر.

۲- بيشڪ شَراب آھي تہ بيحد خراب شيءِ،
پر تون بہ ترڪ غير غُصي ڪي شتاب ڪر.

۳- اچ ڪِيم ڪنھن جي عيب ۽ قول فعل تي،
فاعِل حقيقي ڪير آ، سمجھي جواب ڪر.

۴- مُون مَست جي صلاح مَرفُوعُ القلم صحي،
منھنجا بہ ڏوھ ثواب مَرفُوعُ الحِساب[3] ڪر.

۵- مَوليٰ وڏو آ منھنجو، مولائي تہ بنجي ڏسُ،
معنيٰ وسيلو ھادي، وچي بُو تُراب[4] ڪر.

۶- مُلوائي قيل و قال، مَڪرُ قَند قَنو ڪري،
اعجاز چئي ڪا عشق سان، دل دَستياب[5] ڪر.

(۱) تاب: ڪاوڙ ڏاڍ (۲) پند: نصيحت (۳) مَرفُوعُ الحساب: حساب ڪان آجو
(۴) بُو تراب: حضرت علي ڪرم الله وجھه، مٽي جو پيءُ (۵) دستياب: ھٿ ۾

تلهه: مُنافق مُنافق مَجوسي- سُچاٽو سُچاٽو سُچاٽو سي لُوسي.

۱- پتا پَار تن جا سُٽو تان سُٽايان- سُٽي سي سَپيئي لڪو تان لڪايان،
لِڪايا نہ قُرآن آئون ڪيئن لِڪايان- ڏِسو سُوره توبهہ ۾ تَن جي مَنحوسي.

۲- رڳو مُنهن زبان ۾ رکن تا صَفائي- اُٽن دل اندر ۾ دُوئي ۽ دَغائي،
ڇڏي سِڪ سَچائي تڙيا تِيا توائي- ڪَيُن خُوار قادر قائم رَبّ قُدوسي.

۳- قلب جن جو حَق کان پَاسيرو آهَر دم- نَتا پَاڻ جهڙو ڇاڻن ڪَنهن کي ڪَنهن دم،
مَٿان تَن جي مَولا جي لَعنت آمُحڪم- جيڪي ميڙو مَال جا کَتا کُڙا ڪَنجوسي.

۴- لَاَيولئہ لباسي لڪيو جيئن لِڪن تا- ڏِسڻ وارا تَن کي ڏِسيو تيئن ڏِسن تا،
اجان تہ بہ اَعجازا ڇِپيرا ڇِپن تا- يَلَي بُغض رکن سي اُٽن حَق موروُثي.

تلهہ: مُلان ڪِيئن تو گُذارين عِشق سواءِ- ڪَڏهن عِشق جي پيڙي چڙهہ تہ سَهي،
بِرهہ وَارو سِر مَچ مَچائي- قُرب جي ڪُٺهي ڪڙهہ تہ سَهي.

۱- شدت شتابي، اُڏت عَتابي، حَدون حِسابي، قِصا ڪِتابي،
تَرڪ ڪَري سُڻ رُون رُون رَبابي، رَاهہ وٺي اِها رِڙهہ تہ سَهي.

۲- پَنهنجا عَيب پَسي پَنهنجي پَرِ ۾، وَج مُلان مَري مَرمين شَرمين،
هَادي هِڪو آهَر جاءِ هَر ۾، ويڙهي وَحدت جي وَڙ تہ سَهي.

۳- جتي حُسن جا تَجلا تاءِ هُجن، گُهنڊ گُهورُون گهرا گهاءِ هُجن،
هَر لحظي عَجب لقاءِ هُجن، ڪو لحظو اُتي ڪُپي ڪَڙ تہ سَهي.

۴- بيون ڳالهيون سَيئي بَن ڏيئي، بُڌ قَول عُشاقي ڪَن ڏيئي،
اَعجاز علي ؑ کي مَن ڏيئي، پِرت وَارو پنو پڙهہ تہ سَهي.

موروثي: ورثي ۾ مليل

تلهہ: گُفتار جو پَلوڙ تُون، ڪِردار جو ڪَسو،
گويا تُون خَابرو، پَر اَبصار جو ڪَسو.

١- بَحرِ عَميق[1] عِشق جو، تَارُو تہ تِئين مگر،
اُونهي اوياري آرَ ۾ پَاتار جو ڪَسو.

٢- يَا مَستِ تِي سَراپا، يَا مَستي جو دَم نہ هَڻ،
نہ تہ مَست مُنهن تي چَوندءِ خُمار جو ڪَسو.

٣- پَنهن جي تُون پر ۾ مُلڪ جو وَالي تہ ٿيو وَڃين،
پَر آئي ويل آهين ڇو اَختيار جو ڪَسو.

٤- ڪُليات ۽ دِيوانِ تہ تَصنيف[2] تو ڪَيا،
پَرعِشق جي مَتاهين تُون مَعيار جو ڪَسو.

٥- تو ڪي ڪَجي جي يَاد تہ هِن يَاد سان ڪَجي،
وَعدي وَفا کان مُڪريل وَهنوار جو ڪَسو.

٦- تُنهنجي ڪَمال جو تہ پَتو ڳالهہ هِن ۾ پيو،
تَڪرار ۾ جَريد[3] تون، آدبار جو ڪَسو.

٧- اَعجاز ڪي مَهارت سُخنات جي ڪِٿي،
آهي اَجان بہ سُخن جي سِينگار جو ڪَسو.

(١) بحرِ عميق: اونهون پاڻي (٢) تصنيف: لکيا، ٺاهيا (٣) جريد: تمام گهٽو، تکو

تلهه: لاَيو آچي آچان چور پچور- ڪين مُڙي تو مُدعي مَڪارو.

١- جِتان ڪَتان جُنبيو جهيڙو جوني، خُواه مَخواهه پيو ڳڏون ڪوني،
آهي اَصلون اور آنون، احمق آهڙو اَهَنڊ اهنڪارو.

٢- ڦَند وَڏي سان ڦيتا وِجهي تو، وِچ وِچور وِچيتا وِجهي تو،
ڏينهَون ڏينهن آزور بہ زور، رَهزن رَقيب رِذيل رِيسارو.

٣- شُوم شَرير شِمر شَهپالي، دُز دُرنگو دَنگي دَجالي،
هُل هاَگامون هور ۾ شَور، هِڏ نہ ڇَڏي تو هَيو هَچارو.

٤- اَعجاز چَوي آچ ذُوالفقارا، جَنگ خيبر وَانگي وَني ڪي وَارا،
ڪَاهي ڪُهي وِجهہ ڪور ڪَنور، ليبي لَعنتي بَدُو بُڇارو.

تلهه: پرت جي پَنڌ پيچري جو، پِيو نہ پڙهين ڪي پَتو،
پُڇ تَني کان جِن جي سِر تي، عِشق جو مچڙو مَتو.

١- وِيا پَچي جي برهه ڪان، سي ڪِين ڏِيندءِ ڏَس اهو،
پَاڻ پَنهنجو تُون پَروڙي، وَڃ هتان تُرتئون تَتو.

٢- سَوز سِڪ غم سُور ڏِي، سَيڪو سَنڍيندو ڪِينڪي،
وِرهہ وَحدت جو ڪر، ڪَنهن ڪَنهن وِجي وِڙلي وَتو.

٣- قُرب جي ڪَاٺاهه ۾، جَنهن قَلب ڪَاڙهي صَاف ڪيو،
سو آهي عَاشق صَحي، سَپ رَاهه جو سُونهون سَتو.

٤- بي پَروڙن ڪَل نہ پَئي، هِن اُلتي اُبتي آرجي،
عِشق جي رَنگ مان اَعجازا، رُوح عوشاقن رَتو.

تـلـه: زَمانـي کي وِساري ڇڏ ـ زَمانـي ساز ڏي ڏِس ٽُون،
زَمانوسِر تـي وَاري ڇڏ ـ زَمانـي ساز ڏي ڏِس ٽُون.

۱ـ زَمـانـو جيئـن هُجي جَهڙو ـ نَہ ڪَر شِڪوئ شِڪايت ڪا،
گِلا جي گَت گُذاري ڇڏ ـ زَمـانـي ساز ڏي ڏِس ٽُون.

۲ـ حَقـي فَاعـل خُدا آهـي ـ زَمـانـو فـعـل آ اُن جو،
سَجڻ هـي هَوش ڏاري ڇڏ ـ زَمـانـي ساز ڏي ڏِس ٽُون.

۳ـ زَمـانـا ڪَئين آهـن آڇٽـا ـ زَمـانـا ڪَئين آهـن وَڇٽـا،
زَمـانـا ڪُل اُڪـاري ڇڏ ـ زَمـانـي ساز ڏي ڏِس ٽُون.

۴ـ زَمـانـو جي ڪَري لِڻ مِڻ ـ زَمـانـو جي ڪـري هِڻ ڇهڻ،
ٽَاٽي جيئـن سَيڪي ٽَاري ڇڏ ـ زَماني ساز ڏي ڏِس ٽُون.

۵ـ زَمـانـي حَال تـي هَل تـون ـ سَراپـا حَال ھِت بَـنـجي،
قِبل مَاضي وِسـاري ڇڏ ـ زَمـانـي ساز ڏي ڏِس ٽُون.

۶ـ مَاٺـو مَنـجن تـہ پيا مَنـجن ـ مَاٺـن جو غَـم وَري ڪَهڙو،
گَهڙيون ٽَن سان بہ گَهاري ڇڏ ـ زَماني ساز ڏي ڏِس ٽُون.

۷ـ زَمـانـي رَنـگ ڪَيـا بِـلڪل ـ ڪَڏهـن ڪَهـڙا ڪَڏهـن ڪَهـڙا،
سـي پَر ۾ بَس پَچاري ڇڏ ـ زَمـانـي ساز ڏي ڏِس ٽُون.

۸ـ جيـڪـو ناسـاز آ اَعجازؔ ـ آخر ساز تـي پَونـدو،
صـبر جي سِٽ سَنواري ڇڏ ـ زَمـانـي ساز ڏي ڏِس ٽُون.

تلهه: ڪونہ قضا تي ڀاڙ- تُنهنجي قضا تہ تُنهنجي وس آ.

١- ڀاڻ تي قادر ڀاڻ ئي تي پڻُ- ڪاهلِ تي نہ ڪنهہ ڪياڙ.

٢- لِکيا لکيرُون لوح تحريرُون- ڀاڻ سُڃاڻي پوءِ ڀاڙ.

٣- همتِ مردان يادِ نہ آئِئي ڇا- ڦاڙ آکيان تي ڦاڙ.

٤- قاضيءِ ڪاتب واري لِکتِ ڇا- ڦوڪي ڇنا سڀ ساڙ.

٥- جيڪو ٻَري تيو تيڏ قضا ڪان- مُنهنجي اُنهيءَ تي ماڙ.

٦- توڪي اهو اختيار بہ آهي- ڀاڻُ سنوارڪ بِگاڙ.

٧- ڪر مَن قائل رُنِدي ڏنا مُون- پر تُون نہ ڪوڙها ڳاڙ.

٨- اعجاز چوي چو، مَسيتِ مَندرَ ۾ تڪ ڪسائين نراڙ.

تلهہ: سچ سِک يار سچ ٻولڻ- دُنيا جا خوف ڏپ لاهي،
اوتاري مُنصفن جي اچ- ڏيها سڀ ڪُوڙ جا ڏاهي.

١- اُڏامن لاءِ تہ پر آهن، پيارا ڪُوڙ ڪي هت پر،
پيهڻ لئہ پير ڪونهي ڪي، ڀِهي جِن تي بَدن ساهي.

٢- آصل چانديءَ جي رُپئي جيئن، چٽو ڇنڪ ڪان بہ تي وَڄ تُون،
ٻاڙو ٻوڙومنو تين چو، مِنا تو ۾ تہ مت ناهي.

٣- قبل ۽ حال ماضي لاءِ، ڪلام الله ۾ هر هَر،
سچن جي ساک جو شاهد، خُدا خُود پاڻ تيو آهي.

٤- قلب آ ڪسوٽي تُنهنجو، پرک تنهن سان تُون حق باطل،
سواءِ دِل جي نہ سُڌ پوندي تہ حق ڇا هي باطل ڇاهي.

٥- صُورتِ اثبات حق جي جيئن، ڪئي منصور سُوريءَ تي،
سچائيءَ ۾ تي ثابت تيئن، سچي اعجاز سچ ڇاهي.

ٿلهه: هَاءِ ڙِي ظَالم زَمانا - تو ڪَري پُوريون ڇَڏيون،
نين رئا ڙِيئي نِت نيرانا - تو ڪَري پُوريون ڇَڏيون.

١- نِينهن جي نَاپيد نَاتي - ڪي نہ ڄَاتئي نَاحقي،
نِت رَنجايئي نَاتوانا - تو ڪَري پُوريون ڇَڏيون.

٢- قَافلن جا قَافلا تو - بي قياسي سَان ڪُنا،
ڏِيان ڏر اي بي ڏِيانا - تو ڪَري پُوريون ڇَڏيون.

٣- يَاد ڪريو اَڄ بہ لرزن - تا زَمين و آسمان،
ڪَربلا وَارا فَسانا - تو ڪَري پُوريون ڇَڏيون.

٤- ڪي زَنجيرن ۾ ٻَڌايئي - ڪَي ڪرايئي دَربَدر،
ڪئين ڪَيئي دَانهہ دِيوانا - تو ڪَري پُوريون ڇَڏيون.

٥- ڪونہ تُون سَهندين ڪَڏهن ڪا - ٻن دلين جي دوستي،
زور آهين تُون زَمانا - تو ڪَري پُوريون ڇَڏيون.

٦- سَمجهہ وارن سَمجهي توکي - دُور کان ڪَيڙو سَلام،
تو هَنيا تَن کي بہ طَعنا - تو ڪَري پُوريون ڇَڏيون.

٧- چوٽ تو جَن کي ڏِني - دَر دَر سُڻائي وِيا اُهي،
دَرد ڀَريا دَاستانا - تو ڪَري پُوريون ڇَڏيون.

٨- هَر گهڙي هَر جاءِ تُنهنجا - ظُلم زَنگ ۾ ضِد ڏِسي،
تو پري اَعجاز جَانا - تو ڪَري پُوريون ڇَڏيون.

تلهه: هن جهان جا هِي جَلوا يار جيکي پيو پَسين،
سي اَٿئي ڦاندن مِثل، مَنان تَني ۾ ٿون ڦسين.

١- هِي گُل گُلابي گونچڙا، هي مَحل بَنگلا اُوچڙا،
هِي خَاص گادا خُومچڙا، حَاضَر پَسيو هَر هَسين.

٢- حلمُ النّائم^(١) حَديث سُڻ، حرص بَازي پَن ۾ هَڻ،
دِل دنيا دُورنگي تان کَڻ، جو مُوهَه مَايا ۾ مُسين.

٣- سک سَمجهه سَالک سُرت کَر، تون نَين کولي نِرت کَر،
هَت کِين کوڙي کِرت کر، جو گَند گاهڻ ۾ گسين.

٤- اَعجاز تو آگاهه آ، سَاتي نه تُنهن جو سَاهه آ،
اگ پوءِ بَس الله آ، ظَاهر بَاطن هَر هَند وَسين.

تلهه: هِي خَفو جُوفو^(٢) خَسارو، هن دُنيا جو ڇڏ کٽي،
کونه ٿو پَئي تُنهنجي مُنهن تي، هَڻ انهي کي گَڏ کٽي.

١- آجل ايندءِ اوچتو، سر تي آصل عُقاب جَان،
سو لڏائيندءِ سَڏي، تَنهن کان اڳي تُون لَڏ کٽي.

٢- ڇو مُنڌو مُوڙهو تون آهين، مَت مُسافر مَچ مُنهنجي،
اَڇ عَدم جي کُن اندر، اَڄ ڙئي اوتارو آڏ کٽي.

٣- بي بَقا هيءَ آهي دُنيا، بَي بَقَا هن جو آ ڦَل،
تُون کٽي هيئن ترک کَر، دِل کي نه هِن سَان گَڏ کٽي.

٤- پَاڻ پَنهنجو سِرِ سُڃاڻ، ڇڏ صفاتي سَڀ سَڏون،
سِک ۾ سَڏ رک تنهن سَندي، جَنهن کُن چئي کيو سَڏ کٽي.

٥- عجز سان اَعجاز چَئي، الله کي اثبات کَر،
رَهه فَنا جي فِکر ۾ تُون، ڇڏ فَخر ۽ وَڏ کٽي.

---

(١) حِلمُ النّائم: خواب واري ننڊ، گهر خمار واري ننڊ (٢) جوفو: لالچ، حرص

تلهه: نُقط چينن جي بَزم ۾ - نينهن جو نالو نہ آهہ،
پِرت وارن لاءِ تن وَٽ - پِرت جو پيالو نہ آهہ.

١- ڪُوڙيون آهون ڪوڙيون دانهون - ڪُوڙيون دعوائون تا ڪن،
آشڪ[1] باريءَ ساڻ ڏامن - تن جو ڏِس آلو نہ آهہ.

٢- مات ڪَر تيندو تماشو - هُت هلي اي همسفر،
هِت تہ ڪَنهن جي وات مُنهن تي - طاق يا تالو نہ آهہ.

٣- سُخن وارن جو سُخن - تلوار جي آهي بجاءِ،
ظاهري تن جي هٿن ۾ - تير يا ڀالو نہ آهہ.

٤- ڪين اعجازا ايندا - طعني زني کان باز هُو،
چال مرداني جو جن ۾، چاهُ ۽ چالو نہ آهہ.

تلهه: ڪُوڙ جو اَڄ ڪلهه اگهه وَڌي ويو، سچ جي بازر موڙي آ،
حال زماني ڏوراها، نُرخ بازي نئين جوڙي آ.

١- ڪُوڙ جا ڪرا مان ڏسو، دلال واپاري دُوڪان ڏسو،
سودا سَستا سامان ڏِسو، عجب پسي دِل ڏوڙي آ.

٢- اَڄ وَقت زمانو ناهي سچ جو، چاهہ چلامانو ناهي سچ جو،
ڪنهن وات فسانو ناهي سچ جو، ڪُوڙ جي ڳالهہ ڪِروڙي آ.

٣- سچ ويچارن وانگي ويچارو، ڪوڙ ڪرارن وانگي ڪرارو،
سَمجهہ اِهو تُون يار اِشارو، ڳاٺن[2] هَنئي اِها ڳوڙهي آ.

٤- ڪير اعجازا سچ سَودائي، پاڻ لاءِ پاڻهي ويرو هائي،
ڪئين سچا ويا ڪَنڌ ڪپائي، دُنيا ٻُڌڻ کان ٻوڙي آ.

---

(١) آشڪ: اکين جا لُڙڪ (٢) ڳاٺن: سچا، سالِڪ

تلھ: آھڙو ڪو وَريو واءُ - جو گُل خارِ تي پيا،
سِر ساھ جا سِينگار - مِثل مَار[1] تي پيا.

١- جَفَ[2] القَلم ڪان پَانيان - ڏِ پانيان آئون پاڻ ڪان،
پَنھنجا ٻـ ڏيئي پيـار - سِتمگارِ تي پيا.

٢- بُلبل لاَچار ڪَنھن ڪان - وَسايو آ ٻَرُوَچي،
بَاغن ۾ ويھي زَاغ[3] - دِڳي دارِ تي پيا.

٣- لاَلچ ۾ لَوپ لَبَ جي - ھُئي ڪانـ جن ۾ بوءِ،
سي گھر سنياري پَنھنجو - طَمعدارِ تي پيا.

٤- سَاري سَنگت ۾ دُنيا - چِڱو جو ڦِري وِئي،
پَنجتن پيارا پَاڪ - مَددگارِ تي پيا.

٥- رَويو رُنن ھي اکڙيون - ۾ جَليون جَلي جِگر،
دَرشن جي ھُنا آسان - سي دُشوارِ تي پيا.

٦- سَچ سَالڪن آ چَيڙو - اي اَعجاز ڪر صَبر،
يَارن وِساري ياري - جو اَغيار[4] تي پيا.

(١) مار: نانگ (٤) جَفَ القلم: لوحِ محفوظ، تقدير ، قلم لکي سکي ويو
(٢) زاغ: ڪانگ (٣) اغيار: بيوفا، غير

تلھ: عمر اناڙپ منجھ گذرتي- سَمجھ هوشياري ڪئي نہ اسان،
دين ڌرم تان هٿ ڪنيوسين- مڪر عياري ڪئي نہ اسان.

١- ڍھاپائي حُجرا وسائي- ڏاهپون ڏائي ڏيهہ پُلائي،
عابد زاهد نيڪ سڏائي- عيش بهاري ڪئي نہ اسان.

٢- دلق دولابي ڏاڳا ڌاري- پڙهين وارا تال پاتاري،
تپٽا ٽوٽا رمل ماري- پيٽ گذاري ڪئي نہ اسان.

٣- ڪعبو پيٽڻ جُهنڊ لپيٽڻ- تلون تيٽڻ لب تي ليٽڻ،
ميم جو اڪر من تان ميٽڻ- اهڙي غداري ڪئي نہ اسان.

٤- لولي ڪارڻ لاهي پاهي- در در ويهڻ سندرو ساهي،
گهر بار ڪٽنب ڪان دوري چاهي- چال آواري ڪئي نہ اسان.

٥- دين ڪفر ڪان دور رهون ٿا- عشق حسن جا گهاٽ گهمون ٿا،
اعجاز عليءَ جا قدم چمون ٿا- جڳ جي جُهاري ڪئي نہ اسان.

جهاري: پوجا

تلھ: مُونکي دُوست آيا ـ کَتب کَھڙا کَھڙا،
بَنيا بي وَفا ـ بي سَبب کَھڙا کَھڙا.

١ـ گايو گَڏ پِيو گَڏ، اُٿيو گَڏ وِيھو گَڏ،
گِلائون پِيا کَن، روز و شَب کَھڙا کَھڙا.

٢ـ دَغا دُوئي دِل مان کَڍي کِين آيا،
ڏِسو حَق جي کَن پِيا طَلب کَھڙا کَھڙا.

٣ـ پَڙھيو عِلم بيحد اَکابر ٿي پِنھنجو،
لِکائن ٿا نَسل و نَسب کَھڙا کَھڙا.

۴ـ سَچائي صَداقت سَان آل نبيءِ ﷺ جو،
ڏِسان پِيو رکن پيا اَدب کَھڙا کَھڙا.

۵ـ وَري هيئن بہ جَانچي ڏِٺو مون يَارن کي،
ڏين ٿا اَچيو يَاد رَب کَھڙا کَھڙا.

٦ـ مُنھن جي دِل ۾ ٿَڏھن بہ اُلفت آ تن لاءِ،
جي لائين ٿا پَر پُٺ لَقب کَھڙا کَھڙا.

٧ـ سُجھن پِيا مگر آئون کَندس کِين ظَاھر،
اَچا کَارا آھن قَلب کَھڙا کَھڙا.

٨ـ سُٺي دَرد وَاريون سَندم دَانھون دَم دَم،
اَعجاز! وَٽن پِيا، عَجب کَھڙا کَھڙا.

ٿلهہ: اَجوڪي دَور ۾ سَاٿي- وَفا وارو بہ ڪو هُوندو!!
سَچو ڪَامل ۽ سَالمِ دِل- صَفا وارو بہ ڪو هُوندو!!

١- دَغا ڪان دُور پَچندڙ ۽- ٺڳي دولاب جو قَاتل،
سُپت سَڀ سان ڪَري آهڙو- خُدا وارو بہ ڪو هُوندو!!

٢- سَخي بَنجي تہ هُوئَن سَيڪو- چُٺل هَٿ جو تِئي تو پَر،
سَواءِ ڪنهن لوڀ لالچ جي- سَخا وارو بہ ڪو هُوندو!!

٣- ڇڏي فِردوس جون مَوجون- قَبولي دَرد اُلفت جو،
درِ دِلبر تي اچ آهڙي- صَدا وارو بہ ڪو هُوندو!!

٤- اِلاهي عِشق ڏي مَائل- ڪَري جو سُهٽو دِل دَم دَم،
اِنهي غَمزي اِنهي نَازو- آدا وارو بہ ڪو هُوندو!!

٥- ڇوڙ سَوڪو تِين آوڪو- سَراپا يَار تان صَدقي،
آدا عَاشق گهٽا پَر سِر- فِدا وارو بہ ڪو هُوندو!!

٦- دُنيا عُقبيٰ ڪان تَارڪ تي- نِهوڙي خيال نَفساني،
رَبُوبِي رَاهہ تي رَاضي- رَضا وارو بہ ڪو هُوندو!!

٧- مِجازي مَوج ۾ ڦَاسي- لڪين آشعار تا ٿَاهن،
حَقيقي يَار جي حُب ۾- ثَنا وارو بہ ڪو هُوندو!!

٨- هتي حَاذق گهٽئي آهن- اَعجازؔ ا دَرد بي سَڀ لاءِ،
مَريضِ عِشق جي خَاطر- دَوا وارو بہ ڪو هُوندو!!

حاذق: طبيب، حڪيم

ٿلھ: تن وِڇايو وَصل ُهت- جَن نين نِنڊ تي هيريا،
جُھوٽي غفلت جي جَھٽي- ڪٿين گُھون[1] ۾ نيئي گهيريا.

۱- ڪِيئن ڪِتان ڏِسندا اُهي- پوءِ جلوا جانب يار جا،
ننڊ اگھوريءَ ۾ پئي، جِن سَهسين سِجڙا اُيِيريا.

۲- سيڪڙو خود کي سڏايو- جُنُونڪ[2] سان راتيون جيئن،
عاشق الله جي نت- آرٿ جاڳي پيريا.

۳- سَخت سکيا ڏي اکين کي- گُهمنڊ[3] آرس[4] ڪر ڦٽو،
ويا ائين چوندا هتان ڪان- جوڳي جُنگ جا ميريا.

۴- هي اهوئي ماڳ آ- اعجاز چئي اي ويسرا،
جنهن کي سپنو خواب سمجھي- سالڪن رخ ڦيريا.

(۱) گھون: اونهون (۲) جنُونڪ: ذوق شوق
(۳) گھمنڊ: فخر، وڏائي، هٺ (۴) آرس: سستي، غفلت

باب چوٿون

متفرقات سرائکي

سہ حرفي

اردو هندي

الف: آسان کن یَار پیارا۔ آیا تي اِظهارا کیتم نظارا،
عَجب عَجائب روپ رکیندا۔ رُخ شمع انوارا کیتم نظارا،
نازک ناز سراپا ویکیم۔ نونهال نیارا کیتم نظارا،
سونهن صورت دا صاحب هي۔ سیرت سهٹا سارا کیتم نظارا،
آکے اَعجاز ا ڈیک اُهین کون۔ دل ڈتم چایارا کیتم نظارا.

ب: بنفشہ سُنبل کیا هي۔ زلف سجن دي چَلي چَلي بَر سِر هُو هُو بَلي بَلي،
بند کمند گهت قید کریندي۔ مُرغ دلیان دي گَلي گَلي بَر سِر هُو هُو بَلي بَلي،
اکُون اُنهان دي جاني پریندي۔ پیر پیغمبر پَلي پَلي بَر سِر هُو هُو بَلي بَلي،
پیچ زُلفان دي اصل آویڑي۔ وس نہ کِنهندا چَلي چَلي بَر سِر هُو هُو بَلي بَلي،
آکے اَعجاز ا عشقِ تنهان دا۔ پیا عُشاقان دي پَلي پَلي بَر سِر هُو هُو بَلي بَلي،

ت: تاري ستاري کیون وَت پوچان۔ پاک پیشاني ویکیم سرڑا ٹیکیم
ہي تِلک تِلو کڑي تَرک کیتم۔ هک سِیماهم کُون سیٹیم سرڑا ٹیکیم
جلوا سهٹي جَبین دا ویکن۔ بخت باري کر لیکیم سرڑا ٹیکیم
ول نہ کَڈاهین نکت نواڑان۔ تیڑو کَتیان لیٹیم سرڑا ٹیکیم
آکے اَعجاز ا پڑهہ شکراني۔ پیچ پرین نال پیچیم سرڑا ٹیکیم

ث: ثَابت ول ڈُون پروان دا، جَلوا جُنبش جَهلکاریي هي سرواریي هي سَنکاریي هي،
هوش تان هک ئي وارِ نیتا، ول ڈُوجهي وار چمکاریي هي سَنکاریي هي،
سوچ ویچارِ دي وار نہ ڈیوَن، ڈک اُتي ڈک تیاریي هي سَنکاریي هي،
تیغ خنجر دا وار نہ ایوین، اینجها عجب اسراریي هي سَنکاریي هي،
آکے اَعجاز ا جیوین زخم وَدّ وَدّ، تیوین وَدّ وَدّ پیاریي هي سَنکاریي هي.

ج: جَذباتي جَھاتي لگي، پنبٹیان دي پیکان چُني، نا جان چُني،
سورھ سپاھ مژگان دا، نَال فَنان دي نیشان چُني، نا جان چُني،
چُپ چُپ چُپکا چاکِ تنھان دا، دَرَک عقل مَت ڈیان لُني، نا جان چُني،
نوک نوک دي چوک نرالي، نیزي اینجھي آن کُتي، نا جان چُني،
آکے اَعجازا فوج حسن دا، سِلح نا سامان کُني، نا جان چُني.

ح: حَد کَنون بیحد کیتا، گُھوران گھیرا گھایل تي، من مائل تي،
گھاٹي ماٹي آن گُھمایوني، قلب کَلیجي قائل تي، من مائل تي،
گُھور گُھور تي پُور سوایا، سُور ناسُور سَمایل تي، من مائل تي،
سُھٹي ایڈي سِتم کِتي کیون، سک دي سخت ستایل تي، من مائل تي،
آکے اَعجازا ترس نہ کِیتس، میڈي تَن تَنتڑي تَایل تي، من مائل تي.

خ: خوبان خوب خُماري اکیان، خوشتر خوش نِگاھ ڈِتم بیپرواھ ڈِتم
شغل نظارا شوقِ تنھاں دا، ھرھک کُون ھر گاھ ڈِتم بیپرواھ ڈِتم
سَھسین عشاقان دا کانِ تنھان دي، سُولي تي سِر سَاھ ڈِتم بیپرواھ ڈِتم
عشق دا آوران آور اُنھان وچ، ماگ مُلک رَندرَاھ ڈِتم بیپرواھ ڈِتم
آکے اَعجازا نین پیاري، روبروبِاللہ ڈِتم بیپرواھ ڈِتم.

د: دُرس دیدار کیتم چار اکیان چوتاريَ تئي، دُک پاري تئي،
قَول قَالُو دي ساري پُني، جانِ قلب قَراري تئي، دُک پاري تئي،
قُلزم والي کُن اندر غَواصان وانگون گُذاري تئي، دُک پاري تئي،
ذاتي صفاتي عِشق حُسن دي، سَیر سَیوئي ساري تئي، دُک پاري تئي،
آکے اَعجازا نال محبوبان عین عجیب اشاري تئي، دُک پاري تئي.

ذ: ذرا تان ڏيک وي طوطا، نک کُنڍا ميڏي يار کُنيل دا، سُھڻي سُھڻل دا،
مَٿ نا تيسين تون کو ھرگز، ميڏي عجيب املھ دا، سُھڻي سُھڻل دا،
نک اکيان خط خال چِتا کر، ول ول ڏيک پنھل دا، سُھڻي سُھڻل دا،
جي مَنين تہ تيکون ميان منو، ايھ نقش ڏکايم روز ازل دا، سُھڻي سُھڻل دا،
آکے اعجازا اکيان اڳون ھِم نت سدا سو نرمل دا، سُھڻي سُھڻل دا.

ر: راز پريان سي رمزان ھن- جي مليم يار دي کولان، سرڑا گھولان،
چُپ چاپ چُپائي ہيٺا ھان- نال پنھان دي نہ کولان، سرڑا گھولان،
ھر دوجھان کنون پياري ھن- جڏان جڏان تک تولان، سرڑا گھولان،
سبب کيتا چا مالک سائين- چوڑ چُڑا ايس پولان، سرڑا گھولان،
آکے اعجازا يار تان من وچ- ڳوٹ ڳليان کيون ڳولان، سرڑا گھولان.

ز: زياده قند کنبون ھن، مني لب سجڻ دي- سي تان وٹندي،
مرک مرک دي نال تنھان وچون، مرجان موتي بڻ دي- سي تان وٹندي،
جڏان ڏکيون تڏاھن تيوَن، ڏٹي سموري ڏڻ دي- سي تان وٹندي،
ول جو چُسکا ڏيوڻ ڏيوَن، کيپ چڑھن مڻ مڻ دي- سي تان وٹندي،
آکے اعجازا طرف لبان دي، تخت بخت پئي تَڻ دي- سي تان وٹندي.

س: سونھاري ڏند مبارک، سِين بہ سِين سبحان الله سبحان الله،
تجلي کر کر پاک کِتونسي، طُور سينين سبحان الله سبحان الله،
گھولان اُنھان تون املھ عقيق، سِيم تي مِين سبحان الله سبحان الله،
کِل ڏيندي ھن خوشان دي، خوب خزين سبحان الله سبحان الله،
آکے اعجازا يار ميڏا ھي، اينجھا حَسين سبحان الله سبحان الله.

ش: شَيدائي شائق کُل تي، غَار ڈتن وچ غار گئي لنگھ پار گئي،
عشق والي اوڑاھ ڈھون، سَمجھئون سرڑا وار گئي لنگھ پار گئي،
شوق اِھين کڑ ذوق اُتي، حال خيال سَنوار گئي لنگھ پار گئي،
گام و گام گمان گُم ھوکي، گياني کر گفتار گئي لنگھ پار گئي،
آکے اعجازا ڈيان ڈتن دا، دم دم ديوچ ڈار گئي لنگھ پار گئي.

ص: صفا دل سالک صوفيان، سِر سبحاني پايا ھي، سِر گايا ھي،
سر دي سُرت سِر وچ رک کر، سِر دا سُر بسمجھايا ھي، سِر گايا ھي،
سر مبارک سرخ جنھان دا، سِر دا تنھان سِر سايا ھي، سِر گايا ھي،
سر دي نال عشاقان کون، پيار پريم سوايا ھي، سِر گايا ھي،
آکے اعجازا سِر آپڻي کون، سائين آپ سجايا ھي، سِر گايا ھي.

ض: ضمانت عشق ڈتي ھي، توڑان توڑ نياوڻ دي- رنگ لاوڻ دي،
مُوتُوا قبلل آنتموتو، ميچ ڈتس رچ جاوڻ دي- رنگ لاوڻ دي،
ملي اجازت منصوران کون، انا الحق الاوڻ دي- رنگ لاوڻ دي،
مام ملايس مئي پلايس، جذبي جوش جگاوڻ دي- رنگ لاوڻ دي،
آکے اعجازا عشق بغيرون، جاء نھين اِتان آوڻ دي- رنگ لاوڻ دي.

ط: طواف سجود کريسون، اسان آپڻي سجن کون گلِ رخن کون،
بيت حرم دي بجا پائيسون، گُل گون گل بدن کون گلِ رخن کون،
حِجر اسود وانگون ڈيسون منڑيان، من موھن کون گلِ رخن کون،
ايوين ول ول پوچ پوچيسون، حضرت پاک حسن کون گلِ رخن کون،
آکے اعجازا اسان نہ چوڑون، عشق دي خاص رُکن کون گلِ رخن کون.

ظ: ظاهر حال رندا دا، شيشا شوق شرابي - خُمر خرابي،
باطن دي وچ بلا واصل، نيک انيک نايابي - نور نجابي،
مُليان والا قند نہ تنهان کڻ، نکا مت کتابي - شور شتابي،
راهہ ثوابي مول نہ گهندي، گهندي راهہ عذابي - رقص ربابي،
آکے اَعجاز عاشق رهندي، هردم بي حجابي - نت بي خوابي.

ع: عشاقان کون عشق پڑهايا، ورقا هک وحدت دا، سِک صحبت دا،
دوئي ڈُتائي چوڑ تنهان وچ، هُل مچايا حُريت دا، سِک صحبت دا،
ذرا نہ ضايع پچي کتو نسي، دم کڏاهين مَحبت دا، سِک صحبت دا،
حق همہ وچ حاضر هي، هوکا سڻ حَقيقت دا، سِک صحبت دا،
آکے اَعجاز عام نہ پائيسن - انت عشاقي عقيدت دا، سِک صحبت دا.

غ: غلبا نِينهن نشي دا - نيهي ناث پچاون کي - من پاون کي،
مئي پي مئي دي مستي کون - مرد متير ملهاون کي - من پاون کي،
باز بحري دي پنجان وچ - بانکي هوش تکاون کي - من پاون کي،
نہ تہ آپي کنون کئين نکل ڳئي - آپي دي وچ آون کي - من پاون کي،
آکے اَعجاز نال برهہ دي - وِک وچالي چاون کي - من پاون کي.

ف: فهم عشق دا پاوٹا هئي، هَٿ کر سُهٹا ساقي مغان ميثاقي،
هتئون پيالا تنهن دي پيوين، جو هووي پاک پوشاکي، ازلئون عشاقي،
نال اُهين دي نظر ملاکر، يکدل تيوين پاکي، شک دا شاکي،
هستي کنون هوشيار رهين، نہ تہ عشق نہ تيسئي اوطاقي، مور ملاقي،
آکے اَعجاز ساقي محقق مئي پليسئي باقي، کُلسئي تاکي.

ق: قالو دي قول كيتي، كُسڻ كم مردانا ـ منصورانا،
كُڏ كُڏ آوڻ مئيكده وچ، كوڙ قلندرانا ـ منصورانا،
طبل وڄاوڻ توحيدي، مرڪ متا عارفانا ـ منصورانا،
موج مجازي حال حقيقي، شوق شيوا شائقانا ـ منصورانا،
آکے اعجازؔا ساکون پسند هي، راهہ رسمِ رندانا ـ منصورانا.

ڪ: كفر اسلام وچون تان، عشق گيا كٿ بازي ـ تي كر غازي،
علم عقل دا ڇيهہ جتاهين، عشق اُتون آغازي ـ الٽ آوازي،
كل شكاريان كنون تكي هي، عشق دي تير اندازي ـ نشانا بازي،
دين ڌرمِ نت دام قفس وچ، عشق كُليا پروازي ـ دُور درازي،
آکے اعجازؔا نال جهين دي، عشق تيوي همرازي ـ پُرسو پازي.

ل: لقائي لاحد والي، آوران آور ليا كي، ڏاكي ڏاكي،
گيا جو اُتان سو آيا نهين، جو آيا سو حق پاكي، ڏاكي ڏاكي،
بيحد والي بازي بيحد، كيڏڻ بي سر بانكي، ڏاكي ڏاكي،
نام هجر دا مول نہ اُتان، چكڻ وصل دي چُٽانكي، ڏاكي ڏاكي،
آکے اعجازؔا حامي اساڏا، حيدر پير تيا آكي، ڏاكي ڏاكي.

م: مَساجد مندر ديوچ، ساڏي لا اللہ الىٰ، دم هو اللہ،
وچ مئيخاني وسدي ويراني، هرجا نور تجليٰ، دم هو اللہ،
كاشي تيرٿ سوئي سانول، سوئي كعبة اللہ، دم هو اللہ،
فرق متايا فهم بتايا، عشق فَثَمَ وَجهُ اللہ، دم هو اللہ،
آکے اعجازؔا مين نہ منيسان، مُليان دا مسئلا، دم هو اللہ.

ن: نہایت نہین اساڈي، خیال ایوین پیا وگي، هي ذات اساڈڑي اگي،
کُنت کنز دي سانیر هي، ایهہ کُن دي قلم هڻ لگي، هي ذات اساڈڑي اگي،
سانگ صورت دا اسم جسم هن، سبھ پچي سگ سگي، هي ذات اساڈڑي اگي،
کَل نہ اُنهان کون پوسيِ اهائي، عهد اٿان جنهان پگي، هي ذات اساڈڑي اگي،
آکے اعجازا یار دي تار وچ، جگ جگ پیا تن تگي، هي ذات اساڈڑي اگي.

و: وسیلا جُنگ جیلاني، فضل جنهن تي فرماسي، راز سو پاسي،
نَوکندِ جنهن کون ثمن پئي، اگڻ اُهو جنهن دي آسي، رنگڑا لاسي،
طور طریقا تنهن دا اعلیٰ، راهہ رسالت تاسي، جو کوئي جاسي،
علي نبي دا آل سید سو، عرض اساڈي اگهاسي، پار پُچاسي،
آکے اعجازا مئین هان اُهین دا، گولا خاص میراثي، واصف واسي.

ه: همہ وچ هُو هُو بولي، هُل نہ بیا کو هُلیجي حق بٹیجي،
سِردا صرفا سانگ ستیجي، طرف نہ بي کو تٹیجي حق بٹیجي،
حال خیال اهین وچ، خواه وٹیجي خواه نہ وٹیجي حق بٹیجي،
دم اهو هي چوتي والا، دم اهوئي ڈٹیجي حق بٹیجي،
آکے اعجازا اگون عجیبان، آپ نہ اپٹا گھٹیجي حق بٹیجي،

ل: لگي هي ناوک نینهن دي، جيءَ جگر وچ کاري۔ نِیي شل یاري،
هادي مرشد همت ڈیوین، بار آیا سر باري۔ نِیي شل یاري،
کامل کلنگي دار کلالي، سید کرین کا ستاري۔ نِیي شل یاري،
اوڑ عشق دي اوڑوچان، ثابت قدم ساري۔ نِیي شل یاري،
آکے اعجازا احمد چام دي، تیوان اگون نہ میاري۔ نِیي شل یاري.

ي: یاد اهوئي یار میکون، جنهن من میڈا مستان کِتا۔ پیمان ڈِتا،
کجلیان اکیان نال سدا کر، ناز بهون نیشان کِتا۔ پیمان ڈِتا،
زلف والي زنجیر دي وچ، عمر پر دا زندان کِتا۔ پیمان ڈِتا،
دل دي اندر دیرا لاکي، دائم دُرس دُکان کِتا۔ پیمان ڈِتا،
آکے اعجازا ایهہ مکمل، آپ اُهین دیوان کِتا۔ پیمان ڈِتا۔

تلمہ: ھَر جَاءِ تیڈا نُور تجلا۔ ھَر شيء بولي تُون ھین تُون،
شَھر بحرِ وچ مَاڑي بنگلي۔ لاَل ھِندولي تُون ھین تُون۔

۱۔ شَمس قمرِ وچ تَاب تیڈا۔ تي بِجلي گولي تُون ھین تُون،
آپڻا آپي جِسم جَلیندین۔ آگ دي شعلي تُون ھین تُون۔

۲۔ کِتنان سَیر کریندین پَاکي سَراپا۔ بَشري چَولي تُون ھین تُون،
مُشتاق مَریندین لُک چُپ کَي۔ عَین دي آولي تُون ھین تُون۔

۳۔ مَوت کَنون وَدِ وِچھڑڻ وَالي۔ گھتیندین رَولي تُون ھین تُون،
کِتنان سودي کَریندین رَوز وَصل دي۔ سَرس سَٹولي تُون ھین تُون۔

۴۔ دَرد مَندان کُون دَم دَم ڈیندین۔ دِرد ڈَنڈولي تُون ھین تُون،
اَعجاز کُون مَولیٰ ھُڻ چَامِلاوین۔ حَسنیني ٹولي تُون ھین تُون۔

تلمہ: تَن مَن لائي تُون ھین تُون۔ صورت ویک صنم دي یار۔

۱۔ نظر نگاہ تئین نازک لائي۔ ھوش رھیا نا حِرص ھوائي،
اُلٹي جھاتي پاوڻ آئي۔ ویکھي سُون راہ عدم دي یار۔

۲۔ ساقي جام صُراحي مئیخاني۔ پیوڻ پلاوڻ پاک پَیماني،
رَسیلي راگ ویراگ رندانی۔ بیشک بھاري بَزم دي یار۔

۳۔ مُرشد ساڈي نال مُلاقي۔ ھَردم شَاہ سکندر ساقي،
حَجڑا اَعجاز دا اِھوئي بَاقي۔ کیھي کاڻ حَرم دي یار۔

تلم: وَنَحنُ اَقرَبُ دَرشن کِیتُم۔ نُورُ اعليٰ نُور دَا حُضور دا.

۱۔ گهرا گُلابي چِهرا ویکیُم۔ تاب تَجلا طُور دَا حُضور دا.

۲۔ غَمزَه ناز غُرور هي دِل کَش۔ مَستُ چِشمُ مَخمور دَا حُضور دا.

۳۔ عِشق وِکایا جَلوه نِظارا۔ باب بَیتُ المَعمور دَا حُضور دا.

۴۔ جامِ انعام عُشاقان مِلیا۔ صاف شَرابًا طَهور دَا حُضور دا.

۵۔ اَعجاز علي ؑ دي صُورت اِهائي۔ تي سَاجِد تَنهن صُبُور دَا حُضور دا.

تلم: صُورت بیک سُبحاني وي۔ ظَاهر بَاطن مَوليٰ مَوليٰ.

۱۔ حَاضر هَرجا هي هَمـ وِچ۔ حَق دي ذَات حَقاني وي،
هَٹ کَر حَال حُلاجي وَالا۔ هَستي چوڑ حَیواني وي،
پَن دُوئي دا پولا پوڑ.

۲۔ پیید[1] بَشر دا پَاکي بلکل۔ دَوجَگ دا بَن بَاني وي،
مَن رآني[2] مام پَروڑین۔ رَمز اها هي رِنداني وي،
رَاهم اهین وچ نا رَولا رَولا.

۳۔ آپڻا آپ وکاوي جَنهن نون۔ جِٹ کِٹ ویکي سَو جاني وي،
رَنگ بیرنگ وِچ یَار هکوئي۔ سَمجهه تیا هي سَیلاني وي،
چَو رَنگا پاکر چَولا چَولا.

۴۔ اَعجاز عَلي دا عشق اثباتي۔ نُورُ عَليٰ نُوراني وي،
مَخفي راز دا کَاشف[3] مَاهر۔ مَخزن[4] گنج مُعاني[5] وي،
تي تُون تَنهین دا گولا گولا.

---

(۱) پیید: راز گجهه (۲) من راني: جنهن مون کي ڈٹو
(۳) کاشف: ظاهر کرڻ وارو (۴) مخزن: خزانه (۵) معاني: مقصد وارو، معنيٰ

ٹلہ: حَق هي ظاهر حَق هي باطن۔ اول آخر حق وو یار۔

۱۔ اِتّان حق اُتّان حق۔ آندر باهر حق وو یار۔

۲۔ مَسجد حَق مَندر حَق۔ هِندو مومن حق وو یار۔

۳۔ باغان حق بَحران حق۔ بَربن بَازر حق وو یار۔

۴۔ مرشد حق هادي حق۔ اَعجاز والا سر حق وو یار۔

ٹلہ: لا الله الا هو هُودي بَاجهون ٻیا حرف نہ پڑھسون۔

۱۔ هُودا هُل چاهر جا۔ هِردي آندر هُو۔

۲۔ حال خیال هاهوتي ساڈا۔ هُو همہ حق هو۔

۳۔ دَم قدم هو نال پَریسان۔ هو وچ گُم هي هُو۔

۴۔ هو اَعجازا حاضر ناظر۔ هو مظاهر هو۔

ٹلہ: یَار مَیڈا رَنگي رَنگي، نِت نَوان رَنگ لائي کَڑا هي۔

۱۔ آدم اولي بَازي پکیڑیس، وِچوڑ اُنهان کون وَل چَامیڑیس،
آپ اِهو سِر آنگي آنگي، سَهسین پوشاکان پَائي کَڑا هي۔

۲۔ مصر کنعان دا وَالي تِیا سو، سُونهن حُسن وچ عَالي تِیا سو،
صُورت سُهٹا سو سَنگي سَنگي، تَنڑا عُشاقان دا تائي کَڑا هي۔

۳۔ قَیس لَیلان دي صُورت گِهن کي، هَوش عَقل کَنون بَاغي بَن کي،
عَاشق تي آڑٻنگي ٻَنگي، چِشم اویڑي چَائي کَڑا هي۔

۴۔ کَنهن کُون جَٹیا زُنار پَویندا، کَنهن کون کُڑهیان چَار چَویندا،
کول زُلف زور زَنگي زَنگي، مُرغ دلیان کُون قاسائي کَڑا هي۔

۵۔ آکي اَعجازا یَار رَنگینا، عَجب عَجائب بَازیگر بینا،
نَاز نَظر کَر نَنگي نَنگي، گُهوران نَال مَیکون گهائي کَڑا هي۔

تلم: جَلوا جَانب دَا جَنات عَدني۔ مُک پاک مُصحاف سَرتاج کُندني.

۱۔ جَلوا جَانب دَا جَانیاں جَلیندا۔ فَرض فَنا دا پُورا پڑھیندا،
پِچھي وَصل دا پِیالا پِلیندا۔ لَک وَار لَلکار ڈیندا لاکھ لُدني.

۲۔ گُھنڈڑا گُھونگھٹڑا پَا یَار پَاوي۔ گَھاوي گَھایل کُون سَھاوي سِکاوي،
وَل مُرک جَڈھاں مُکھڑا وِکاوي۔ شَمع بَاھ شَرماوي شَب چَاند چَاندني.

۳۔ نِت رَوز نیاں چَالیاں نِرالیاں۔ عَجب عَجائب بَاتیاں بَرحالیاں،
تِیا مَست مُوسیٰ سُٹدي مَقالیاں۔ پَر آھ آکیس رَب اَرني اَرني.

۴۔ جَھلکار جَھلکا بَس لاَجوابي۔ صُورت صَنم دي ویکھن ثَوابي،
اَعجازا اُنھاں تُون مَعافي حِسابي۔ مِلیا جِنھاں کُون مَھندار مَدني.

تلم: وَھوا عَربي رَبّي دَا جَلوا جَھلک۔ جَنھن دي کیتي تي گِیا فَرش فَلک.

۱۔ جَڈاں آدم وِچ اھو نُور آیا۔ تَڈاں مَلکاں تي سَجدا اُمور[1] آیا،
پِچھي ھر جاء کَریندا ظَھور آیا۔ پَاکي بُرقعا بَشر دا پَوش دَلق[2].

۲۔ سر میم دَا شَملا شَاھ بَڈا۔ لَولاک لَما دا لَقب لَڈا،
کُل نبیاں کَنون دَم قَدم وَڈا۔ مَعراج کیتس ھَر پَلک پَلک.

۳۔ ھي پَاک سو پیارا سَراپا حق۔ اَنوار آپارا سَراپا حق،
تَنھن دا حُسن نَظارا سَراپا حق۔ قُربان اُھین تون حُور و مَلک.

۴۔ لَگا عِشق جِنھاں کُون عَربي دا۔ مَنّي مَدني مُحمّد مُربي دا،
لَتا طعنا اُنھاں تون بي قربي دا۔ آکان مُقرب[3] اَعجازا تنھاں قیام تلک.

---

(۱) امور: ضروري حکم (۲) دلق: پوش، ویس، جامون (۳) مقرب: قربدار

تلھ: اسم پاک علي ؑ دا اعليٰ۔ ذات صفت بي آنتو آنت،
دائم قائم شان مُشرف۔ آن عِزت بي آنتو آنت.

۱۔ اول آخر ظاھر باطن۔ عشق ملت بي آنتو آنت،
جاھ جلال کمال حُسن۔ حال ھِمت بي آنتو آنت.

۲۔ سر سلوني والي سند۔ سُرت سامت بي آنتو آنت،
رمز رفعت روش رِندي۔ راز رُجت بي آنتو آنت.

۳۔ حُکم حقاني حيدر دا۔ جبر جُراءت بي آنتو آنت،
کُفر اُتي تيا قادر موليٰ۔ وقت بہ وقت بي آنتو آنت.

۴۔ لعنت دا ڈيوو لعينان کُون۔ پھر پھت بي آنتو آنت،
حاسد کريندي حُبداران تي۔ ھلان ھلت بي آنتو آنت.

۵۔ آپٹي عُشاقان نال علي ؑ دي۔ خاص خلت بي آنتو آنت،
قُرب کرم اعجاز اُھين دا۔ عفو[1] عِفت[2] بي آنتو آنت.

تلھ: مستو مست ملنگ آسان ھُون۔ ھادي حيدر پير دي،
مُلکان مُلک بيان کريسون۔ فضائل خيبر گير دي.

۱۔ اُحد بدر خندق دا۔ فاتح پيدرا يا علي ؑ،
ايجھي شُجاعت والي لکين ھِن۔ قِصي ازده چير دي.

۲۔ تنھن ديان وصفان صفتان ڳائيسون۔ پيريان چيريان وچاکي،
نچ نچ نعري مار ماريسون۔ موليٰ مرد آمير دي.

۳۔ علي ؑ محمد ﷺ حسن ؑ حُسين ؑ۔ پنجوان تن بتول ھي،
اُنھان اُتي ھي چادر آئي۔ نال اَمر تطھير دي.

۴۔ مُنکران دي مارڻ کيتي۔ اعجاز علي ؑ شاھ آپ آيا،
ول ول ڳاوان ڳُڻ اُھين۔ والي وارث وير دي.

(۱) عفو: درگذر (۲) عفت: پرھيزگار، پاک

تلھ: علي ؑ ھُݨ ہِي حاضر ھي ھَر جاء۔ ہِینا آپ کري کُل دي پرچا،
نِرتان کَنون مَستور نَھین سو۔

۱۔ ھِن تاري اکیان دي گڏ جیوین۔ حُبداران ویکیا گڏ تیوین،
دِل والیان کَنون دَم دور نَھین سو۔

۲۔ جَنھن کون ڏیکݨ آپ سو ڈیندا۔ اُھو ڈیک اُھین کون ویندا،
ھَر کنھن کُون حاصل تنھن دا حُضور نَھین سو۔

۳۔ جَنھن پیالا عَلي ؑ ھٿئون پیتا۔ تَنھن سَاھ عَلي ؑ نَال سِیتا،
تَنھن سَاقي جیھا ہِیا سَاقي مُور نَھین سو۔

۴۔ مَیڈا آکݨ چَاھݨ مَن میان۔ اینجھا پِیر وَسیلا گھن مِیان،
کُل مُختیار ھي مَجبور نَھین سو۔

۵۔ اعجاز علي والي دَر دا۔ ھي دِلان بَجانڻُون بَردا،
مَست و مَست وَتدا مَھجور[۱] نَھین سو۔

تلھ: نَامئین شیعا سُني۔ نَا مئین وِچ دي مُني،
مئین ھَان مَولیٰ پِیر عَلي ؑ دا۔ مُطرب[۲] مَست مُغني[۳]۔

۱۔ مَیڈا مُرشد رند رندانا۔ مُحقق مُطلق[۴] چند چندانا،
خُواجا خَیبر گیر خِندانا[۵]۔ گَوھر گِیاني گُني۔

۲۔ سَاقي سُرکي سَچ دي پلائي۔ اُلٹي اکر دي رَمز رَلائي،
عِشق دي اَلفي اُھین پوائي۔ کَرپور کِیني دي کُني۔

۳۔ ورد میڈا ھي وَڄاوݨ وَاڄي۔ چِیریان تَلیان لاوݨ تاڄي،
ڈُکڑ خَنجریان ڈَڄاوݨ ڈاڄي۔ ڈُومي ڈَمامي ڈُني۔

۴۔ پَیٹݨ مَکر تیرت کِیا ھي۔ پَندت مُلان دي کیرت کِیا ھي،
اعجاز علي ؑ دي سِیرت کِیا ھي۔ چوڑ ڈوئي دُشمني۔

---

(۱) مَھجور: ھجر ءِ جدائي (۲) مُطرب: ڳائݨ وڄائݨ وارو
(۳) مُغني: ڳائٹو (۴) مطلق: آزاد (۵) خِندانا: مرکݨ، کلندڑ

تلھ: ھشمت دراز ھادي ھمارا حیدر صفدر حق وي حق،
برسر بندا بانکا بھادر شیر ببر نر حق وي حق.

۱- حملا پاوي عرش ھلاوي، سیف چلاوي کفر کنباوي،
دیو نساوي پوت پچاوي، غازي غضنفر حق وي حق.

۲- پتنگ پیاسي پیغمبر دا، مالک مصلي منبر دا،
قائم آقا قنبر دا، قاتل عنتر حق وي حق.

۳- لحمک لحمي جسمک جسمي، روحک روحي دمک دمي،
ایوین آکیا ھا عربي اُمي، ساقيء کوثر حق وي حق.

۴- نبي ؐ دا پوش نقابا سوئي، حسنؑ حسینؑ دا بابا سوئي،
شاھ اعجاز دا کعبا سوئي، عین اطھر حق وي حق.

تلھ: ڏاڍا فراق آیا نَدي فُرات اُتي - وُڙھا خنجرِ وچوڙي دَا سَادات اُتي.

۱- ھِکڙي عَرب مِصر ایران دي ھن، ٻي شَامي شُومي شَام دي ھن،
کُل کَلمي گو قَاري قُرآن دي ھن، کیتا حَملا اُنھان حَق دِي ذَات اُتي.

۲- جیوین کَوس پَووي تیوین شُکر کَري، سَھ سَختیان سَاریان صَبر کَري،
ذَوقئون ذَاتِ الاھي دا ذِکر کَري، سَیّد صَابر نیزي سَانگ اُتي.

۳- ٻي دید پَلید یَزید ھَویا - سَاڌا شَاھ حُسین شَھید ھَویا،
تَر تَازا اَعجَاز ا تَوحید ھَویا، جَڏان عَاشقان ڏِتا سِر صِراط[1] اُتي.

(۱) صراط: راھ

تلھ: وَیکو تَماشَا یَار سُھٹي دا - کِیوین چُپ چُپ آیا.

۱- مُک مُبـرا[1] مُنور مَاھي - شَان شَرافت شَاھنشاھي،
تَاج لَولاکـــي پَایـــا.

۲- نِرمل نُور نَشیمن نَیھي - دِید رَلاکي دِلڑي رِیھي،
ھَس ھَس ھَوش گَنـوایـا.

۳- فَوج حُسن سِپـاھـ مُجسّم - نَاز خِرامـان واھـ تَبـسّم،
تَن مـــن تَابـــان تَایـــا.

۴- آیا اَعجاز یَار اوتاري - لَٹي آسان تُون پُل پُلکاري،
مُربـــي دَسـت مِلایـــا.

(۱) مبرا: آزاد، بري، مٿاھان

ٹلھ: نَنگي نَنگ نَال تُون ھَئین۔ ھَادي مَیڈا حَال تُون ھَئین،
نَاتا نینھن نِیاوٹا۔ نَاتا نینھن نِیاوٹا.

۱۔ مَیڈي سِر دا مَالک تُون ھَئین۔ آک بِیا کِیا آکان،
سَمجھو سُرتا سَالک تُون ھَئین۔ آک بِیا کِیا آکان،
قَدردار کلال[1] تُون ھئین۔ سَاقي صُراحي وَال تُون ھئین،
پِیالا پُر پِلاوٹا۔ پِیالا پُر پِلاوٹا.

۲۔ آندر تَیڈي نَال آوریسان۔ آوران نَال نہ آوران،
چَرخا تَیڈي کَاں چوریسان۔ چَوران کَاں نہ چَوران،
مَیڈا سُڈا سُوال تُون ھئین۔ مَیڈا غم نَال تُون ھئین،
رَولان دَر نہ رُلاوٹا۔ رَولان دَر نہ رُلاوٹا.

۳۔ سَختیان چَایم سُور وِھایم۔ تَیڈي خَاطر تَیڈي،
چِیریان پَایم دَر دَر گَایم۔ تَیڈي خَاطر تَیڈي،
لَعلان دا بي لَعل تُون ھئین۔ لَائق لاَیَزال[2] تُون ھئین،
آپٹا آپ پَلاوٹا۔ آپٹا آپ پَلاوٹا.

۴۔ غَمزي تَیڈي وِچ سَدا مَین۔ گُم سُم ھَوکي قِردا،
آکي آعجازا عِشقئون کِیتم۔ سَجدا تَیڈي سِر دا،
جِت کِت مَیڈي نَال تُون ھئین۔ بَاوفا بحال تُون ھئین،
سِینا سِینی لاَوٹا۔ سِینا سِینی لاَوٹا.

(۱) کلال: شراب وکٹندڑ (۲) لا یزال: ازل کاں قائم دائم

تلھ: دِلیان عُشاقان دِیان دَم دَم لُٹیان۔ لُٹیان اِھین نَینان دي ناز.

۱۔ چَاکي چَنبان وِچ بَازان وَانگون۔ وَج عَرشان عَرش تي سَٹیان وو سَٹیان.

۲۔ عِشق دي ڦانـدي وِچ ڦساکي۔ نَال فِراق دي ڦٹیان وو ڦٹیان.

۳۔ ڳُجھڑیان ڳُجھڑیان جَھاتیان پَاکي۔ ڳَل پَوایو نـي ڳَنیان ڳَنیان.

۴۔ پِیـر جَھندي وِچ آکي اَعجاز ا۔ پرت دِیان پَڑھایو نـي پَٹیان وو پَٹیان.

تلھ: صِحن مَیڈا پیا سونھي سُھٹا۔ تَیڈي قُرب کَرم دي نَال،
فَرش ھَویا ھَي عَرش دي مَانـنـد۔ تَیـڈي دَم قَدم دي نَال.

۱۔ قَاب قَوسـیـنـي کَمَـال تَیـڈا۔ مُحـکـم عِشق عَزم دي نَال،
رَاز عُرُوجي رفـعـت(۱) وَالا۔ رِنـدي رَمـز رَسـم دي نَال.

۲۔ حُسـن نـاز عَجائـب تَیـڈا۔ جَلـوي اِسـم جِسـم دي نَال،
مَلـک فَلـک تَسـلیـم کَریـنـدي۔ تَیـکـون سَدا سِر خَم(۲) دي نَال.

۳۔ مِلـڻ کِلـڻ تَیـڈا ڈِیکـڻ وَیکـڻ۔ بَولـڻ فَیـض فَھـم دي نَال،
ھَرکـو آکـي مـئـین کُون مِلـیـا۔ یَار اِھـو دَم دَم دي نَال.

۴۔ اَعجاز آکي اُھن کُون غَم کیھا۔ جَنھن دي چَم لَڳي تیڈي چَم(۳) دي نَال،
ھَر دو جھـان دَا مَالـک تُون ئـي۔ دَفـتـر لَوح قـلـم دي نَال.

---

(۱) رفعت: مٿاھون شان، عزت (۲) سِرخم: سر جھکائڻ (۳) چم: نیڻ، اکیون

تلھ: آیا نَالي آساڈي خط یار دا وي۔ خط یار دا وي جِيءِ جِیار دا وي.

۱۔ بَند لِفافي اَندر خَط کون ڈیک مَئین خُوش خُوش تَیان،
کولڻ کَنون آکَ خَط وِچون کیتم چھَر چُمیان دِي سَنیان،
ھِینئڑا نار دا وي.

۲۔ خَاص الخاص خُلاصیان خَبران یَار دي خط وچ ڈیکیم
پڑھڻ پُرجھڻ وَالي سَاري، گُم حَیرت وِچ ڈیکیم
ھَوش اُڈار دا وي.

۳۔ سِتران خَط دیان اِیوین جِوین بَحر عَمیق دِیان لَھریان،
غوطي بَازان وَانگو مَاریم، تنھن وِچ ٹُبیان گھریان،
پِرت پچار دا وي.

۴۔ فَثَمَّ وَجہُ الله نِظارا، مَیڈي مَحبوبان والا،
چَو طرف کَعبہ قبلا، چَو طرف حَق تَعالیٰ،
حُکم دیدار دا وي.

۵۔ نُکتا نُکتا یَار دي نَامي دا، نُور نسورا پَایُم
عَجب عَجائب رَمزان تَنھن وِچ، پَنت[1] آنوکا پَایُم
سِر اسرار دا وي.

۶۔ رَاز رُقعي دا گول لَدم، پڑھ کي مُراسلا سَارا،
خط کُون اَعجازا چَاتم پَاتم روءِ بَروءِ دا رِیہارا[2]،
یَار دي پَار دا وي.

(۱) پنت: رستو (۲) ریہارا: نیاپو

تلھ: مَیرا سِر تیرا ھویا۔ آزل سي غُلام،
آزل سي غُلام مَاھي۔ بي زَر بي دَام۔

۱۔ آلست بِربکم سن کي کیتم۔ قالو بلیٰ دا کلام۔

۲۔ آلانسان سِري وَآنا سِرہ۔ آپي کِتوئي آنجام۔

۳۔ مَا سِوَ المَحبوب تیڈي ھي۔ سَجدا مَیڈا آحرام۔

۴۔ محبت تَیڈي مَن وچ نہ مَاوي۔ مَرمَر جِیوان مئین مُدام۔

۵۔ آکي آعجازا تُون ئي مَیڈا۔ اِتان اُتان دَا اِمام۔

تلھ: لَگیا خِیال سَاڈا تَیڈي نَال صَنم۔ ھک نَظر پِیار دي یَال صَنم۔

۱۔ سَپ حُسن وَالیان دي سَرکار ھَین تُون۔ بَاغِ عشق دي کَاڻ بَھار ھین تون،
مَجبور ھَان مَین مُختیار ھین تون۔ اِھو دِل دا کِیتُم آحوال صَنم۔

۲۔ جَاتون رَاھ گھِني اُھا رَاھ تیوان۔ جَا تُون آھ مَني اُھا آھ تِیوان،
تَیڈي چَاھ دي وِچ سَارا چاھ تِیوان۔ کِل چَاوین جو چشم غزال صَنم۔

۳۔ تُون جو نَظر کَریسین پِیار وِچون۔ گھُنڈ کول کي خُوش خُنکار وِچون،
دِل بَھار تِیسي دیدار وِچون۔ تَیڈا ڈیک کي حُسن کَمال صَنم۔

۴۔ تَیڈي کَاڻ سَاڈا دِل رَیشم پَٹ۔ ڈُنھان کَاڻ ھي سَنگ خَارا دا مَٹ،
مَت تَیڈا نہ کو سَپ تئین کَنون گَھٹ۔ مِلیا کَونہ تَیڈي کو مِثال صَنم۔

۵۔ تَیڈي صُورت دا کَر نظارا آسان۔ تَیڈي عِشق دا مَاریا نَعرا آسان،
کِتنا حُسن تیڈا آشکارا آسان۔ آعجاز آکي ھَر حَال صَنم۔

تلمہ: مَاهي ملیانِي مَاهي۔ سَانولي صُورت وَالا.

۱۔ بَاد بَهارا حُسن مَاهي دَا۔ لَالا رُخ شَباهي،
اَکیان دي وِچ ڈَار کَجل دي۔ سُرخي سرمان سِیاهي،
جَاهي جَلوانِي جَاهي۔ سَانولي صُورت وَالا.

۲۔ بِین بَانسري ڦُوک اَلستي۔ رَاز رَموزِ الاهي،
نَاتي لَاوڻ تَوڙ نِیاوڻ۔ وَالا پُشت پَنَاهي،
وَاهي وِلهي داني وَاهي۔ سَانولي صُورت وَالا.

۳۔ خُرقہ پَوش فَقیري پَهریس۔ قَلندري تَاج کُلاهي،
فَقر فاقیہ شَیوا تَنهن دا۔ رکدا بیپرواهي،
شَاهي چَوڙني شَاهي۔ سَانولي صُورت وَالا.

۴۔ کَرکي کِتُون ول پَنڈ کشالا۔ پهتا پَاک نگاهي،
حَضرت عشق دِي ڈیک۔ اَعجازا ڈیوڻ سرت آگاهي،
کَاهي آیا نِي کاهي۔ سَانولي صُورت وَالا.

تلمہ: کڈݨ کڈݨ میڈي پي اگݨ آیا کروي یار
آیا کروي یار گلے لایا کروي یار.

۱۔ کر یاد اهین وار کون پهلے نظر دي پیار کون،
دل پسند دیدار کون، پل نہ پلایا کروي یار.

۲۔ کُندیان اکیان کالیان، نینهن تي نازوالیان،
غمزہ دار غزالیان کل کے چایا کروي یار.

۳۔ پک پریمي پان دي، لاگ لب مرجان دي،
وتي وصل وجدان دي، پي تے پلایا کروي یار.

۴۔ اگݨ ساڈي آوڻ جاوڻ، سینا سینے لاوڻ پاوڻ،
اعجاز آکے پیچڑا پاوڻ، سک تے سکایا کروي یار.

تلھ: مِنڑا مَاھي پَاڪ نگاھي۔ نُورِ الاھي نَسب[1] نِيات،
نِينھن نظارا لاَوڻ آيا۔ عِشق ڪيتا ھي ھُڻ اثبات.

١۔ عشق وکَایا ظَاھر بَاطن۔ سِر سُبحَاني وِچ صِفات،
آنَا آنَا آواز اُھين دا۔ بِلا مِيمي ذَاتي ذَات.

٢۔ جَانب جوڳي جيھانہ ڪوئي۔ صفت سَامي دِي بيحد بَات،
لُنگ سُنگ صاف ثابوت اُھين داَ۔ قُرب ڪما حق سچ سُخنات.

٣۔ رُخ دا وَرنا آور آنوکا۔ تَابش تَاب حُسن تجلات،
اَبرو پَيڪان نين نيرنگي[2]۔ زُلف بَشير ذُو الظلمات[3].

۴۔ سَمجھ وَاليان دي ڪَاڻ ھي سَيان۔ عشق رانجھو دا آب حَيات،
عَام دي لَيڪي ھِير اَعجازا۔ آئي اجل دي وَات.

تلھ: جُنيان قنيان ڳانديان۔ ميڏي مَاھي دَا مَٹ نہ پَانديان،
لَوڪ دي طَعني لَوڪ دي مَھٽي۔ چُم چُم چشمين چَانديان.

١۔ ھيٹا ھجر حَال ڪيتم۔ نَال نہ ڪَنھن دي ڳالھ ڪيتم،
رَو رَو اکيان لاَل ڪيتم۔ وَيل نہ ھِڪ مئين وَانديان.

٢۔ غمان دي وِچ ڳُذار دي۔ گھڙي نہ سکڑا سَار دي،
پَلپل پَيئي پُوڪار دي۔ پَاند ڳِچي ڳَل پَانديان.

٣۔ لاَيان جو عِشق اُمَاڑيان۔ جَنھن آندر اَڳڙيان سَاڑيان،
پِرت پَتيان پَاڑھيان۔ بَيوس برھ بَانديان.

۴۔ اَعجاز الله چَاڻدا۔ ھم آسرا اُھين پَار دا،
نِينھڑا لگا جَنھن يَار دا۔ ڪَاڻ تَنھين دي مَانديان.

---

(١) نسب نيات: حسب، قبيلو، خاندان (٢) نيرنگي: سرمائي، سحر انگيز
(٣) ذو الظلمات: اونداھي

تلھ: تَیڈي نَقش صُورت دا نِظارا کِتم۔ آپڻا ذَوق اَزل آشکارا کِتم۔

۱۔ مَیڈي مَخفي رَاز دَا مَظھر تُون۔ تَفتیش وَرھیان دِي دا تَصوّر تُون،
میڈي دِل دي شَوق دا دِلبر تُون۔ تَیڈي سَانگي سَانگ گوارا کِتم۔

۲۔ تَیڈي حُسن دا نِت حِساب نَھین۔ تَیڈا جَوڑ تي تَیڈا جَواب نَھین،
تَیڈي شَباب دَا بَدل شَراب نَھین۔ سُھڻا سَیر اِھو یي سَارا کِتم۔

۳۔ تَیڈي نَین وَیکان آبرو عَین وَیکان۔ یا شَام و سِحر شَفتین وَیکان،
یا زُلفان وَالي رَین وَیکان۔ تَیڈي مُکڑي ھَوش آوارا کِتم۔

۴۔ ھِک پَل دي جَھلک صَد بھار بَجا۔ دَم ھِجر دَا دوزخ في النار بجا،
تَیڈي نیم نظر حَج ھزار بجا۔ مَن پریم نَنگر دَا پُوجارا کِتم۔

۵۔ جِتان آپ پَلاکي جَلوا کِتّي۔ اُتان جَلوي ویکن دي نگاھ ڈِتّي،
دُوئي وَالاوَھم دِلیئُون دُور نیتّي۔ وِچ وَحدت خُوب پَسارا کِتم۔

۶۔ تَیڈي صُورت رَھبر رَاھ یي ھي۔ سِر مَستان دا سَجدي گَاھ یي ھي،
فِي الوقت فَثم وَجہُ الله یي ھي۔ تَڈان اَنا الحَق وے پُکارا کِتم۔

۷۔ اَعجاز آکي دلجائي والا۔ اِھین سیني اَندر دي صَفائي والا،
تَیڈي یاد کِتي یَکتائي والا۔ ھَت حَال پَریا یَکتارا کِتم۔

تلھ: مَستا عِشق دا ماریم میثاق کنون۔ آیا خاک اُتی ھان افلاک کنون۔

۱۔ جڈان آپ کون آپ سجاتا مین۔ تڈان خیمان عدم وچون چاتا مین،
آکی موجود وِچ رنگ لاتا مئین۔ چوڑیم کُنت کُنزا[1] اِشتیاق[2] کنون۔

۲۔ آپٹی خُوشیئون ڈاٹا کاکی گندم۔ کیتم پورا دل دا ارادا عَزم،
کرِبسم اللہ پَریم بِھشتئون قدم۔ پاریم فرض بِریت دا فِراق کنون۔

۳۔ میڈا ذاتی صفاتی سَیر ھَویا۔ میڈا بیرنگ رنگ وِچ پیر ھَویا،
میڈا پاتئون پاتی پیر ھویا۔ تھین لوک مَنیندا نِفاق[3] کنون۔

۴۔ ازلئون عاشق اعجاز علیؑ دا ھان۔ شاعر شائق شیر جلی دا ھان،
پیاسا ساقی سِکندر علیؑ دا ھان۔ مڑسان کَونہ کنھین دي مَذاق کنون۔

تلھ: مین آپ ہ آوݨ والا۔ میکون جاݨی کونہ پچاݨی۔

۱۔ مین خیال ھان خیال ہ ملنا۔ ھرحال تی ڳالھ ہ ملنا،
بَد نیک اعمال ہ ملنا۔ کوئی پاوی پاوݨ والا۔

۲۔ میڈي کل دي کل[4] قلیلان[5]۔ کنھان خاص الخاص خلیلان،
میکون ویکیا مست علیلان۔ مین مَن وِچ ماوݨ والا۔

۳۔ میڈي ھر گت عالي پولي۔ میڈي چکن الفي چولي،
میڈي لاحد والي بولي۔ مین رمز رلاوݨ والا۔

۴۔ مین پاکي پلیدي اندر۔ مین مسجد گرجا مندر،
مین کوپ[6] کلال قلندر۔ جم جام پلاوݨ والا۔

۵۔ میڈا مسلک عین شرابي۔ میڈا پردا پوش خرابي،
نامین منٹان راھ ثوابي۔ مین عشق اُٹاوݨ والا۔

۶۔ میڈي اُلٹي چاري چالي۔ میڈي رند نشان نرالي،
میڈا حال اعجاز دي نالي۔ مین نام جپاوݨ والا۔

(۱) کُنت کُنزا: ڳجھي کان ڳجھو، لکل (۲) اشتیاق: شوق (۳) نفاق: ڈیائي، دوئي
(۴) کل: خبر (۵) قلیلان: تھوڑا (۶) کوپ: ھمت وارو مرد، دلیر

تلہ: جَاني پُل نہ پوین ڈیک خَاکي جُھل[1]۔ حق پاوین اساڈا الاوݨ کل.

۱۔ ساڈا ھلݨ چلݨ ساڈا اٹھݨ بہݨ۔ ساڈا ملݨ کلݨ ساڈا رہݨ سہݨ،
سَاڈا قول کَلام دَا کَہݨ نَا کَہݨ۔ ھي ازلي اشاري نَال اٹل.

۲۔ تیڈي نال کَیہا مک کولان مئین۔ اگون تیڈي کیا بہہ بولان مئین،
ھَمراز ھووین تان گُجھہ قولان مئین۔ وَما یَنطق[2] وَالا سُݨ تان ھُل.

۳۔ آسان عِشق کِتني جھپ جَھانئون کِتا۔ لاَمکانئون کِتا تي مَکانئون کِتا،
ھر ظاھر والي زَمانئون کِتا۔ ساڈا دم ھي سُجاݨ ڈاڈا مُشکل.

۴۔ شایدخبران دا ھئین شیدائي تُون۔ نھین راز رموز دا شناسائي تون،
بَݨ آھل نَظر تَماشائي تُون۔ کڈي گُفتي رِندي کڈي گُلابي گُل.

۵۔ کیون وَل وَل قول کي ویکیندائین۔ کِیا آکان آسان کُون کِیا لیکیندائین،
کَائي کل نہ اسان ڈي رکیندائین۔ سَاڈي حَقیقت دَانھین مِنتڑا مُل.

۶۔ ایہہ جو اِسم جِسم دا آولا ھي۔ اھین اولي گھتیا تئین وچ پَولا ھي،
پَولا لاَھین تان مَحض مَولاھي۔ نَھین غیر دا آعجَازا شَور و غُل[3]

(۱) جُھل: پوش (۲) وما ینطق: جیکي ڳالھایان تو اھو اللہ تو ڳالھائي.
(۳) غُل: ھُل، گوڑ، ڳالھائݨ

تلہ: آسان رَمز رِندي دي قَائل ھُون۔ آصلون طَرف حُسن دي مَائل ھون۔

۱۔ آپڻا آپي کیتا ھَٹ حَال آسان۔ خاصُ الخاص خُدائي خِیال آسان،
مَوليٰ نَال ڈِٹا دَم جَال آسان۔ آسان تَھدل توحیدي تَائل ھون۔

۲۔ ڈِتا عِشق سَبق سَرمستي دا۔ شَیوا شَوق حُسن پَرستي دا،
لَگا تیر چَالاک نَظر چُستي دا۔ گُھونا گُھوني گُھوران دي گَھائل ھون۔

۳۔ آسان کُون عِشق دا پیشا کَافي ھي۔ سودا سُود اھو صَافن صَافي ھي،
ڈُوجھي کَار کِرت کَنون مَعافي ھي۔ سَدا دِید دِیدار دي سَائل ھون۔

۴۔ آکي اَعجاز آساڈا ھي حَقي ھُل۔ جَاني پُل نہ پووین ڈیک خَاکي جُھل،
نَھین راز اھین دِي کنھن کُون کل۔ ھر سَیر دي سُونھین سُلجھائل ھون۔

تلہ: کَلمان میڈا قُرآن مَیڈا۔ قُدرت کُل دا مَاھر مَئین۔

۱۔ یَزید کُون بي دِید بَنایم۔ کَربل دي وِچ کِیس کَرایم،
سَجدي دي وِچ سِیس کَٹایم۔ بَن کي حُسین صَابر مَئین۔

۲۔ مَکہ مَدینہ جِدہ جوڑایم۔ عَرفات اُتي دوڑا دَوڑایم،
اِبراھیم ھَتھُون اِسماعیل کُھایم۔ کِیتا پَاڻي زَم زَم ظَاھر مَئین۔

۳۔ کِتان مُھران تي وَچ سِر جو مَتیم۔ کِتان مَار کي نَعري بَر بَر ڈکیم،
کِتان ھَوکي حَیدر خیبر کَتیم۔ نَال نَبي دي جَاکر مَئین۔

۴۔ اَعجاز علي شاہ شَعر سُنایا۔ کَھ کي قَصیدا قُرب کَمایا،
دِل وِچ جَنھن دي دَرد سَمایا۔ تَنھن دا وَالي وَارث وَاھر مَئین۔

تلھ: آللہ ڈیکھݨ وَالي آللہ ڈیک ویندي۔ آللہ نَال اُھي تي ایک ویندي.

۱۔ اِھا نرت نَظر ھي عُشاقان کون۔ اِھا خُوب خَبر ھي عُشاقان کُون،
اینجھا عِشق آندر ھي عُشاقان کُون۔ جَھل کي تَاب رَبّي تجلي تیک وَیندي.

۲۔ وَجَھہ ُ اللہ والا ویساھ صَحي۔ اِھو ڈیان دُرس رَند رَاھ صَحي،
آیا آدم اولي آللہ صَحي۔ عَاشق ایوین لَیکا لَیک وَیندي.

۳۔ وَنحن آقرب آکݨ کِیا ھي مُلان۔ وَمَا یَنطِق[1] واکݨ کِیا ھي مُلان،
تیڈا ڈیکھݨ ڈَاکݨ کِیا ھي مُلان۔ لَاشک تَیکون پُلا بَشري بَیک ویندي.

۴۔ جنھان دا عِشق اَعجَازا ھَادي ھني۔ آنا الحق اُنھان دي مَنادي ھي،
اُنھان کَاݨ سُولي شُغل شَادي ھي۔ عَاشق ازل کُون سَیک ویندین.

تلھ: بَار و بَار آجل دي لُٹ پئي پَوندي ھي،
ھَلدِي چَلدِي سارِي کُٹ پئي پَوندي ھي.

۱۔ اِذَا جَآءَ اَجَلُھُمۡ کُون کَون پَلي، کَتّھن کَنھن تون تَلیا نَکو ٹَالئي ٹَلي،
جِتّان آوي اُتّان خَالي وَل نہ وَلي، اِھا رَوز خَبر پَٹ پئي پَوندي ھي.

۲۔ ھَر کَنھن کُون ھَمیشہ ھَردم گَھڑي، پَیغام آجل دا ھي مِلدا پَڑي،
ویکو لائي کَڑا ھي سو ڈُوم ڈَڑي، تُساڈي آجان پَٹ پئي پَوندي ھي.

۳۔ اِھا رَاھ آصل کَنون جَاري ھي، سَپ کَنھن دي مَرݨ دَي وَاري ھي،
تِیوي خُوش نہ کوئي اِھو وَقت زَاري ھي، پُچھو اُنھان جِنھان گَھٹ پئي پَوندي ھي.

۴۔ جیڈّھن ویک اَعجَازا تیڈّھن خَام خَلل، نَکو خَوف خُدائي نَکو قیاس کَھل،
ڳَئي ڳَالھ مَحبت وَالي نِکل، جِت کِت کُلفت وِچون ڦُٹ پئي پَوندي ھي.

---

(۱) وَمَا یَنطِقُ: جیکي ڳَالھائین تو سو اللہ تو ڳالھائي

تلھ: سِک رِیت پریت نِیاوڻ دي۔ سَپ نَال تُون قُرب کَماوڻ دِي۔

۱۔ جي تُون طَالب هئَين تَوحيد مَندا، جَي تُون صَاحب هئَين دِل دِيد مَندا، ڏَنڌا چوڙ گَندا، تَنقيد مَندا، کَر صُحبت سوز پراوڻ دِي۔

۲۔ ايوين وَاصل تيا نَا تِيسي کو، پيالا وَصل پريم دا پِيسي سو، وِچ وَحدت دي مرجِيسي جو، جَس جَس هي اُهين لَئُون لاوڻ دِي۔

۳۔ ہے آکيائي نَال نہ ڏيک مِيان، ہے چِتائي نَال نہ لِيک مِيان، جنهان مَحبت دِي مَن ميک مِيان، تنهان رَاءِ ڏتي رَس رَهاوڻ دِي۔

۴۔ هَي حَق ئي حَق مَوجود اتان، ڏَس باطل دا هي وجود کتان، وِچ صفات دي ذات نَمود جِتان، اُتان جاءِ نہ باطل آوڻ دِي۔

۵۔ وَج کَشف قبوران دَا قَائل تِيون۔ تَسبيح تَال مَکر دا قَابل تِيون، آپي آپ آکھون آپ حائل تِيون۔ اها تَميز نَهين حَق پَاوڻ دِي۔

۶۔ مَت چوڑ فَقيهان[1] وَالي تُون، بَڻ عَاشق هِمت عَالي تُون، رَک آپڻي رَمز نِرالي تُون، گِھن مَستي هَر مَن مَاوڻ دِي۔

۷۔ آوتان هَر جاءِ هِک هکائي هي، پِيا آکڻ تَنهن کُون پِيائي هي، اِها عَين اِشارت آئي هي، پَن دُوئي ڏُون ڏُون پَاوڻ دِي۔

۸۔ کَو وَڌ چَاهو وي کَو گَهٽ چَاهو وي، کَو شَان تيڏي دَا مَت چَاهو وي، کَو چَاٹو هَو وي کَو جَٽ چَاهو وي، کَر نَال نہ کَنهن دي ڦَٿاوڻ دِي۔

۹۔ جَنهن دَا حَال هَووي جَهڑا جِيوين، تَنهن دي نَال نِيا تَهڑا تِيوين، رَک مِزاج طَبع آهڑا اِيوين، سَٹ اُوچ تي نِيچ بَناوڻ دِي۔

۱۰۔ اَعجاز آکي اِصراف[2] نہ بَک، صُوفي صَاف تي کُوڑ کَشاف نہ بَک، فَثَمّ وَجهُ الله دي خِلاف نہ بَک، هَر صُورت هَي سَرهاوڻ دِي۔

---

(۱) فقيهان: عقل وارا (۲) اصراف: گهٽ وڌ ڳالهه کرڻ، فضول

تلھ: اُڈخِیال ڳیا تہ آوڈاھین، نَھین مَوت تي فَوت جَیڈاھین.

۱۔ مَوت فَوت دَا مُلک آوراھان، خِیال اُھین کَنُون ڳیا اَڳاھان،
آنند ھي ھَرِھک کون اُتاھان، دُک سُک دا سُجھي نَادَانھین.

۲۔ نَکو مَندر مَسجد جَامي، نَکو مَیّت مَسڻ سَامي،
نَکو خَائف ھي نَکا خَامي، نَکو دَوزخِ بھشت بہ نَاھین.

۳۔ اُتان خَبر نہ شام و سحر دي، نَکا قَبر قیام قَھر دي،
اُتان بَارش بُوند مھر دي، سَدا بَھار مَلھار مَتانھین.

۴۔ ھي عِشق اَعجازا عَظیمي، ھي قَول تي فَعل کَریمي،
ھي وَصل قُرب قَدیمي، ھِن نگاھین وچ نگاھین.

تلھ: چَل ویک سَیوھڻ دَامیلا۔ وَي یَار سَجن اَکیلا،
خُوب نِظارا دَرشن دَارا۔ شَاھ دَریاھ دا رَیلا.

۱۔ کِیا بَابل بَلخ بُخارا۔ کِیا قَابل چین تَاتارا،
کِیا دکن دِلي دِلارا۔ کِیا مَري تي مَاتیلا.

۲۔ اُتان لُطف لَقائي لَھري۔ اُتان چَاند بَدر مُک چَھري،
اُتان نَین گُلابي گَھري۔ لَک نَاز پَھون گُھندبسیلا.

۳۔ ھَرعَالي مَوالي سَوالي۔ ھَر ڈَاچي ڈُن ڈَمالي،
ھَر حَاضر شَيء برحالي۔ ھَر مَست مَلنگ گُرچیلا.

۴۔ عَليؑ نبيؐ دا پَال سیوھڻ تي۔ حَال خُدائي خِیال سَیوھڻ تي،
شَھباز قَلندر لَعل سیوھڻ تي۔ صُوفیان دا سَرخیلا.

۵۔ آمِل سَانول یَار پیاري۔ کَرنہ آسان کَنُون دُور گُذاري،
اعجاز آکي ھک واري۔ تِي سَاڈي نَال سُنگیلا.

تلم: جَنهن کُون آپڻا نہ آتا پَتا۔ تَنهن کُون کیوین آکیجي رَتا.

۱۔ وَ فِيٓ اَنۡفُسُکُمۡ(۱) والا۔ وَیسھ نَا جنهن وَتا۔ تَنهن کُون کِیوین آکیجي رَتا.

۲۔ مَني نَاجو مَنصوري۔ مَنصب مُول مَتا۔ تَنهن کُون کِیوین آکیجي رَتا.

۳۔ هِکَ وِچون جَنهن ڏُون کِتي۔ سو گَپ پِیائي وِچ گَتا۔ تَنهن کُون کِیوین آکیجي رَتا.

۴۔ اُهو بَچاهي ايان کَچاهي۔ جَنهن کون پَالن مَاتا پِتا۔ تَنهن کُون کِیوین آکیجي رَتا.

۵۔ حَسد والي دَا حَال اِهو۔ جو کام کر گتا۔ تَنهن کُون کِیوین آکیجي رَتا.

۶۔ اَعجاز دي حَق سَچ آکڻ تي۔ تَکڙا تي جو تَنا۔ تَنهن کُون کیوین آکیجي رَتا.

تلم: زَماني کُون چَوڙ۔ زَماني کُون چَوڙ پِچي نَاتا آسان نَال جَوڙ.

۱۔ عَیاري مَکاري دَا گهر هي زَمانہ۔ زَمانہ آسان کَنُون کَریسئي بَیگانہ،
اِهو نِیاوڻ نہ ڏیسئي تَوڙ.

۲۔ دَردان غَمان وِچ نَا گهبراوِین۔ ڏیک ڏُکان کُون چُم سِر چَاوِین،
آپڻا قَدم اِتان پُختا کَوڙ.

۳۔ عِشق آسا ڏا آرڏا آٽانگا۔ جو لاَوي سو چَاوي سِر دا سَانگا،
سِر تي سُولي دا بَدچیرا مَوڙ(۲).

۴۔ حَال اَعجاز دَا خِیال اِهوئي۔ آور نہ کَوئي هي سُوال اِهوئي،
دَعوىٰ دِین کُفر دي تَوڙ.

---

(۱) وَ فِيٓ اَنۡفُسُکُمۡ: توهان جي نفسن ۾ ڳڌ.

(۲) چیرا موڙ: دلیري جي پڳ، بهادريءَ جي پڳ، دشالو، رنگین، پٽکو

ٿلھ: ھُڻ ڇَوڙ حَيواني ھَستي کُون- ڳِھن مَوج اَلستي مَستي کُون.

١- کَوڙ ڦُرب کُل نال کَماوين- دَم قدم ڏُن ڏِيان سي چَاوين،
ڦُمر ڦُمر[1] دا کَن کَلام لاَوين- ڀَارين قول اَلستي کُون.

٢- سَير صِفاتي دَا سَايا ڇوڙين- مَقصد کَايا مَايا ڇوڙين،
ڀَاند ڀلاند ڀَايا ڇوڙين- حِرص حَيواني ھَستي کُون.

٣- شَک دِکيلان کَر دُور گُذارا- حُسن حَقاني وَيک هَزارا،
نَاز نينان نَال لاَکي نَظارا- مَاڻ بَاغ بَقائي بَستي کُون.

۴- نَقش نَقاشا نُور بے نُوري- تَجلا تَابش طُور بے طُوري،
هَويا حَاصل اَعجازا حَج حُضوري- دَم دَم وِچ دل خَستي[2] کُون.

ٿلھ: کُھ تون آپڻا آپا آپي، لاَدِي لاَکي کَاتي چُپ چُپاتي.

١- وَدِ نُک آپا گَھت کُتيان نُون، مَجِ اھا مَصلحاتي چُپ چُپاتي.

٢- پِير مُغان دي صُورت کُون کَر، سَجدا سَاري حَياتي چُپ چُپاتي.

٣- سمر سمورا ڇوڙ صفاتي، ذوقِ ھِکو ڳِھن ذاتي چُپ چُپاتي.

۴- يَار دِي نِيشاني عِشق آمانت، رَک ڇپا وِچ ڇَاتي چُپ چُپاتي.

٥- اَعجاز عَلي ؑ دي حُب وِچ رَھ کي، هَٽ کر ويل وَصلاتي چُپ چُپاتي.

(١) ڦُمر ڦُمر: اتي، اتي (٢) خستي: ڃَليل، سَڙيل

ٹلھہ: ایھہ دنیا ساري کنبا اللہ دا - اللہ پچڑیوال وي لوگو.
اپٹےکنبےکون آپ ھي پالے- آپ ھي ھےجگپال وي لوگو.

۱- آدم اولي اللہ دا جیوٹ- آدم اولے اللہ دا تیوٹ،
آدم اولے مرکے جیوٹ- ویکو اللہ دي چال وي لوگو.

۲- ارض و سماء دا خالق ویکو- ھر دوجھان دا مالک ویکو،
سپ سطح دا سالک ویکو- سولي تےھسوال وي لوگو.

۳- کتان آدم ھوکےآیا ھي- کتان عیسیٰ بن کےچایا ھے
کتان موسیٰ تي فرمایا ھے- ارني تراني مقال وي لوگو.

۴- کوئي اللہ نون دا دا آکے- کوئي اللہ نون بابا آکے
کوئي اللہ نون چاچا آکے- اللہ نانا ماما بحال وي لوگو.

۵- کون اللہ کون چاٹي پچاٹي- کون اللہ کون گھاٹےگھماٹے
کون اللہ دا ماٹا ماٹے- ویکو اللہ دا بیک بتال وي لوگو۔

۶- لوکي اللہ نون کیا کیا اھدي- لوکي اللہ نون جیا جیا اھدي،
لوکي اللہ نون پیا پیا اھدي- اعجاز آکےھر حال وي لوگو۔

تلھ: غم نال جوگیان دا گُذران میان۔ فاقیہ فقر اُنھان دا شان میان۔

۱۔ جوگي جوگ گھنن جگ چوڑ ڈُونھین۔ درماندي رھن دُکا درد دُونھین،
سِک نال تیون سامي گُردي سُونھین۔ پیا ثمر نہ چاون سامان میان۔

۲۔ جوگي جوگ وانگون تي بیراگي رھن۔ سُوران نال سدا تي سُھاگي رھن،
ساري رات سُجاگ ویراگي رھن۔ پانون آپ کون پَل دا مھمان میان۔

۳۔ جوگي ڈیھ نوان نت ڈوریندي۔ اِسم ذاتي اُتان بھہ آوریندي،
اُونڈي کنڈ سمرڑیان[1] سوریندي۔ ھر نام ھري کُون مان میان۔

۴۔ احرام آدیسیان جیوین جو ہدا۔ تیوین صُورت دا وچ سیر گِڈا،
اکیان پُور آوڈاھین وِکڑیان وڈا۔ آئي ول نہ اعجاز سي لاٹان میان۔

تلھ: مین ھُون بندہ بیکار بِدعتي۔ مُجھ مین کھان سے آیا اللہ۔

۱۔ کُوڑ بدُوڑ دا اولاگھن کي۔ ساري سگ سِیاپي چِن کي،
پیٹ کي خاطر پگلا بن کي۔ جھر جھنگ کیتم جھیڑا جنگاھ۔

۲۔ محض فقیري فندُپکیڑیم۔ لنبي لنبي قصي چیڑیم،
صبر سچائي کون نہ سھیڑیم۔ کُوڑ دا پاتم سِر کُلاھ۔

۳۔ پرین پسن دا ماگ پراھان۔ اوکیان آویڑیان منزلان راھان،
نان اُتي ھِن میڈیان نِگاھان۔ بِرھ نھین کو میکون باللہ۔

۴۔ عشق والي سر آورکي ھوسن۔ مُوتو قبلل مورسي ھوسن،
بُلند بقائي دور تي ھوسن۔ مرد اعجاز نیک نِگاھ۔

(۱) سمرڑیان: تسبیحون، اندر ہِ ذکر کرڻ

تلھ: دِل ڈاھي ڈاڈا دِلدار مَیڈا۔ نہ حَال سُڻدا کَنھین وَار مَیڈا.

۱۔ آیا ھا پَل وِچ اکیان چَار کَرگِیا۔ لائیس عشق آوکا لاچار کَر گِیا،
بَي ڈاغ دِل کُون ڈاغدار کَر گِیا۔ اِھین ڈُکھ ڈُکویا وَار وَار مَیڈا.

۲۔ نَال پَتر دي نَاتا لائیر ڑي۔ اھو عشق اُھین دا چُم چُم چایر ڑي،
اِھو ھَوش پَھلئون کِیون نہ آیر ڑي۔ لُچڻ کُچڻ تیا بَیکار مَیڈا.

۳۔ صَبر وَالي دَامن ھَتئون چُٹ گئي ھي۔ ڈانھان کَرڻ دل ڈَم ڈَم پئي ھي،
اِھا بات کَر کَر بَیزار تئي ھي۔ آھدِي تہ آوي آوي یَار مَیڈا.

۴۔ اُچل مَیکُون آڑھ وِچ تماشا وِکیندا۔ مَیڈي آہ زَاري کُون نہ کَنھان لیکیندا،
آکي اَعجاز ا سَڑ سَاھ وَیندا۔ ھَلدا نہ وَس کو آختیار مَیڈا.

تلھ: سُھٹا آوین، دلبر آوین، تَیکون آوٹا ھي،
تَیکون آوٹا ھي، نِینھن نِیاوٹا ھي.

۱۔ آئیان مَینگھ مَلھاران۔ بَاغ و بَاغ بَھاران،
چِڑیان سَاز سَتاران۔ مِل کي گاوٹا ھي.

۲۔ تَن مَن مَیڈا تَانگھ وِچ۔ تَیڈي سَانگي سَانگ وِچ،
حَال بِرھ دي بَانگ وِچ۔ سُٹاوٹا ھي.

۳۔ لوک دا عشق سَھانگا۔ تَیڈا عشق مَھانگا،
آوکا بَار آٹانگا۔ کِل کي چَاوٹا ھي.

۴۔ نَین ڈُونھین تَیڈي ڈِیئي۔ وَل مَستو مَست کیئي[1]،
مئي دي بِن بِن پِیئي۔ ھَوش اُڑاوٹا ھي.

۵۔ اَعجاز آکي ھُڻ آوین۔ مَاھي مک وکاوین،
آولا گھنڈ اُٹھاوین۔ دَرشن پَاوٹا ھي.

(۱) کیئي: خماریل

تلھ: مُرک آلاوݨ دِلڑي چھوراوݨ۔ مَحبوبان دِي چالي،
خُوش دِل ھوکي خُون کرݨ دا۔ خَاص اِرادا خِيالي.

۱۔ جوبَن جوت حُسن تان ويکو۔ شَمع کَنون رُخ لاکي،
آبرو کالي نَين بي کالي۔ زُلف بي کالي کالي.

۲۔ مُشتاقان دي مَارݨ دا۔ سَامان سُھٹيان دي نَالي،
ديد دُناليان دَام دُواليان۔ تيز تَمنچا ڈَالي.

۳۔ چُپ چُپ آوݨ جَھاتيان پَاوݨ۔ گُھونگھٹ مَارݨ پَالي،
نَاز غُماز دي نَال نھارݨ۔ عَاشقان کَاݨ جَنجالي.

۴۔ دل بي دي نيوَن آپٹي نہ ڈيون۔ ڈيک اِھو تان کَمالي،
آکي اَعجاز اِھائي ھَلدي۔ مُلکان مُلک مَقالي.

تلھ: ڈَادا حُسن کيتئي گُھنڈڑي پَاوݨ نَال،
گُھنڈڑي پَاوݨ نَال، نَاز وِکاوݨ نَال.

۱۔ قُربان تَيڈي گُھنڈ گُھور تون مئين۔ رُخ لَال دي تجلي نُور تون مئين،
وَل گَھول تيوان تَئين حضور تون مئين۔ اُلٹا مَست کِيتئي شَوخ آلاوݨ نَال.

۲۔ کَر تاب عتاب بَيتاب کِيتئي۔ خُوشي خُواب چُڑا بَيخواب کيتئي،
لَاشک عِشق مَيڈا کاميَاب کِيتئي۔ بي رُخي دي آنداز بَناوݨ نَال.

۳۔ کڈي عِشق تَيڈي دِي آتش کَران۔ کِتان بِرھ دي وچ مئين بارش کَران،
اگون کنھن دي بيان تيڈي نازش کران۔ دل وچ پيار ڈاريئي الھاوݨ نَال.

۴۔ اِھا خُوۓ سُھٹا تيڈي خاصي ھي۔ اَعجاز اُھين دا پياسي ھي،
کچي عاشق کاݨ تان قاسي ھي۔ بِن سُولي دي لٹکاوݨ نَال.

- تلھ: تَیڈا سُھٹا مُکڑا صَنم۔ تَیڈي نَین سَراپانَاز ڈُوھین،
تَیڈي نَین سَراپانَاز ڈُوھین۔

۱۔ پَن پِي سَنیوئي،پُلایي ڈِتوئي، سَاڈا رَوزا نِماز ڈُوھین۔

۲۔ حَقیقي مِجازي ھَٹ وِچ تَیڈي، بَانکي بانوري بَاز ڈُوھین۔

۳۔ ڈِنگڑي ڈِنگڑي آبرو تیڈي، قَتل کَرن بي آنداز ڈُوھین۔

۴۔ شَمشاد طُوبیٰ تَئین اگوں سَاجد، تَوڑي قَدوچ ھن جو دَراز ڈُوھین۔

۵۔ آرني آرني تَراني تَراني، عِشق دي ھن آواز ڈُوھین۔

۶۔ حُسن تیڈا تي جوبن تَیڈا، جَوش جُنون دي جَواز[1] ڈُوھین۔

۷۔ آساڈا تُساڈا نَاتا اِیوین، جِیوین مَحمود آیاز ڈُوھین۔

۸۔ لَبڑي تَیڈي حوضِ کَوثر، لَبڑي اَعجاز دي یَاز[2] ڈُوھین۔

(۱) جواز: سبب، جائز روا تھین (۲) یاز: اجارا،پیئندڑ

تلھہ: ڈاڈا حُسن کِتئي- آپ سَجاوَن نَال،
وَھوا وَل وَل- وَیس مَناون نَال.

۱- جیھا سُھَنا ھِئین تُون تیھاسینگار کِتئي- جَامان جَوڑ عَجَب چِنسار کِتئي،
ایویں آپ کُون آپ پروار کِتئي- رَنگي رُوپ سروپ بَناون نَال.

۲- آیجھا ڈیک حُسن مُنھن مَھتاب مِنا- تیوان کیویں نہ مین بي تاب مِنا،
مَنڑا مَوھ موھیا تین ھَر بَاب مِنا- سُرخي لاون تي کَجل پاون نَال.

۳- سَج سَج کي سیلا سِر تےڈاریندئین- ڈَج ڈَج کي دماغ دلبر ڈاریندئین،
کیڈکے گھونگٹ وَل میکون ماریندئین- ڈڑیان ڈَاون سِینڈ چِناون نَال.

۴- نَخري ناز نَنک وِچ سُھنا تُون ئي سُبک[1]- تَیڈي چَال چَلت ھےرشکِ کَبک،
تیڈي قدمان کُون چُمندي چَوڈھن طَبق- پَیرڑي چَاون چیر چَمکاون نَال.

۵- آکے اعجاز تیوان بَلھارامین- تیڈي نظاري تون سو سو وَارامین،
تیڈا درشن کِتا سُھَنا سَارا مین- دِل دي آئینے وِچ نَظر آون نَال.

(۱) سُبک: سنهي چیلھ وارو، چالاک

تلھ: دِيدار دَارينِي پَايا، نَظر آيا۔ دِلدار کےنَينن مين

۱۔ وَاھ نَقاش تَيڏي نَقاشي۔ تَصوير عَجب تَراشي،
کِيوين جَوڙ جِسم کُون بَنايا رَنگ رَچَايا۔ دِلدار کےنَينن مين

۲۔ رُخ دِلبر دَا ھےدَرپن۔ کَرو اُھين وچ اپنا دَرشن،
دُوجا ذَوق سَيوھي ضَايع سَچ بَتايا۔ دِلدار کےنَينن مين

۳۔ ايوين رَنگ اَکيان دَا لالے۔ جيوين سُرخ شَرابي پيالے
خُوبان خُوب خُمار پِرايا، نُور ڈَرايا۔ دِلدار کےنَينن مين

۴۔ شَک چَوڑ شَکي، کَر شور نَھين۔ اھين نينان وِچ کوئي آور نھين،
رَب سَائين آپ سَمايا، ڈيرا ڈمايا۔ دِلدار کےنُينن مين

۵۔ پُر جام پِريم دَا پي کَر، گُر گِياني وِچ گُم تي کر،
پِچےسوز اَعجاز پِرايا، مَن پَر پِايا۔ دِلدار کےنَينن مين

تلھ: ديد آڙاوڻ وِچون وي سَيان۔ بِرھ لگا مئين نُون بَاري آلا،
نَوبت نِينھن نَقارا سِر تي۔ وَجدا وَارو وَاري آلا.

۱۔ نَونھالي نَقش صُورت وِچ۔ نَين وَيکيم نَٺ دَاري آلا،
خُمر خُمَاري حُسن ھَزاري۔ جَوت جَھلک جَھلکاري آلا.

۲۔ اِھين مَوج لَھر مَن مَست کيتا۔ مَيکُون ھَوش نَکا ھُوشياري آلا،
سَمجھ سَمجھاوڻ وَاليَان ڳَالھيان۔ وِسريان يَار وِساري آلا.

۳۔ مَحبت وَالي کَرکي مَلاري۔ وِرھ لائي وَسکاري آلا،
سِک داسِيني وَڻ سمايا۔ کيتس گُل گُلزاري آلا.

۴۔ لُکي لُکائي کَنھن دي نہ رَھسي۔ لئون لگي دِل يَاري آلا،
آکي اَعجازا ضَرور کَريندا۔ عِشق آکي اِظھاري آلا.

درپن: آئينو

تلھ: قمري نَین ڍولڻ دي کالي۔ ھِن مست سدا متوالي.

١۔ کر ناز جڈاھیں نھارن، مت ھوش عقل اڈارن،
لکین عاشق مفت آزارن، وھ چشمان دي اھي چالي.

٢۔ ...ین مارئي مول نہ چھوڑن، وت خوني خنجر کوڑن،
نت نت اسان کون نھوڑن، وھ پروان دي اھي پالي.

٣۔ کر ڈیل ڈھوٹا ڈراون، گھنڈ مار تي گھوٹ پئي گھاون،
سو ساھ پرئي تتکاون، بس کھندي مرغ مثالي.

٤۔ ھي عشق اکیان دا اویڑا، پن اعجاز گھتیس تک تیڑا،
جيء نال لگا وچ جھیڑا، دل دردان دي وچ جالي.

تلھ: نینان ماریا تیر برھ دا۔ جگر گیا او چھور میان،
ویجان والا ویچ نہ لگڑا۔ زخم ھي زوران زور میان.

١۔ نیند نہ آندي سیج نہ پاندي۔ دل ھي ماندي ماندي،
جل گئي میڈي جان لکان دي۔ چاک نہ میڈي چور میان.

٢۔ حسن جمالئون سرت سنیالئون۔ نکل گئي ھان حالئون حوالئون،
سر تي ساوڻ مینھن مثالئون۔ دردان لائي ھي جھکور میان.

٣۔ لوک آکیندا چري چري۔ کم کار کنون ھي کري کري،
مئین عشقئون تئي ھان ھري پري۔ میکون آھنج نہ کوئي آور میان.

٤۔ ماھي آوي کل آلاوي۔ درد آندر دا جاوي جاوي،
آکي اعجازا آکڻ سھاوي۔ تور تلي شھ زور میان.

جھکور: لگاتار سدائین

تلہ: چُم اکیان سِر چَاوین، سینے لاَوین۔ عِشق جیھي سَوغات نون.

١۔ عِلمان وَالیان اِڑتیان ڦڑتیان، چھوڑکي عِشق اُتاوین، سینے لاَوین.

٢۔ عِشق کِتیان ھن نَال جو تیڏي، ڳالھیان ڳُڻ سي ڳاوین، سینے لاَوین.

٣۔ عِشق بَشیرُ عِشق نَظیرُ، عِشق بَصیرُ پَاوین، سینے لاَوین.

۴۔ ذَات سَوغات آفات پِي عِشق، عِشق اڳون سِر نَاوین، سینے لاَوین.

۵۔ صُوفیان والا مَسلک اَعلیٰ، سَمجھ پِچي سَمجھاوین، سینے لاَوین.

٦۔ رُومي رَازي، شَمس شِیرازي، عِشق سَراپا پَاوین، سینے لاَوین.

٧۔ اَعجاز آکي جِتان عِشق ڏیکین، ہِک پاکَول ہِلھاوین، سینے لاَوین.

تلہ: کَڏھان تہ اکیان ملاوین، ملاوین کل آلاوین،
اِیوین چَا آپ پِلاَوین، پِلاَوین کَل آلاوین.

١۔ طَرف آسادي جو تون آوین۔ آوین پَر رُوح رَلاوین رَلاوین،
کِل آلاوین.

٢۔ سَامھان ڏیکڻ چھوڑ ڏتُي کیون۔ تِرچي پِیا تیر چَلاوین چَلاوین،
کِل آلاوین.

٣۔ ڏُوران ڏِکالیان رُخ دِیان ڏي کَر۔ جِيءَ پِیا مُفت جَلاوین جَلاوین،
کِل آلاوین.

۴۔ شَرم حِجاب دَا وقت نَھین ھُڻ۔ شَرم حِجاب پُلاوین پُلاوین،
کِل آلاوین.

۵۔ مِل گُھل سَانول نَال آسادي۔ عَھد شباب مَلھاوین مَلھاوین،
کِل آلاوین.

٦۔ لاَل ھَتڑي نَال اَعجاز کون۔ پِیالا مَست پِلاوین پِلاوین،
کِل آلاوین.

تلھ: مَیڈا ڈیکھ پَلپل تَتَن ڈھن۔ تَیڈا ڈیکھ چِبدا چِبدا.

۱۔ اَگھ مَیـــڈي تُون آرنـــدا ھــین۔ پَر مَیـــڈا ڈِولــݨ چِبدا چِبدا.

۲۔ گھُــوران نَال تــون گَھــاتــا گَھــاتــا۔ یَاویـن مُرکـݨ چِبدا چِبدا.

۳۔ آپــݨــي عَاشــق نَال نــہ کَرتــون۔ ہَولــݨ چَولــݨ چِبدا چِبدا.

۴۔ چَنـچل اَکــیــان شَوخ آدائــین۔ قِیــاس کَمــاوݨ چِبدا چِبدا.

۵۔ مَین تـان تَیـکـون ڈیـک نہ رَجدا۔ تُون کِیـون مَئین کَݨ چِبدا چِبدا.

۶۔ یَاد اَعجاز کــون یَار کَریــنـدئــین۔ اڳي کَنــون ھُݨ چِبدا چِبدا.

تلھ: یَر یَر پلایا سَاقي جو پیالا۔ اُھین پیالي وِچ ھَا نَشا نِینھن وَالا.

۱۔ نَشــا نِیـنــھـن وَالا نَامِــیَـل نِرالا۔ نَال پِیــوݨ دي ڳَیــا نَفــسي نَالا،
نَا ھَوش رَھــیــا نَا خَوف خِیــالا۔ تَن دا تَڈا ھــان کــون کُلیــا تَاک تَالا.

۲۔ مــوکي مِیـشــاقي مِلیــا مَئي تـي۔ حَق والــي حَاضــر ھَسـدي ھَئي تــي،
سِرڑا ڳڈا تِنــھــن وِرھــہ وَنـي تــي۔ کَر آر اُلــتــا اِظــھــار آعــلـیٰ.

۳۔ چَوڑیم مَذاھــب کِتــاب چَارئــي۔ مُلــپـي مَشــائـخي خِطاب چَارئــي،
وِسرئــي اِھي ھُݨ آسبــاب چَارئــي۔ عَصيٰ تــي کُوزا مُصلیٰ تــي مــالــھا.

۴۔ صُورت سَاقي دي سَاھ کُون سِیبائــي۔ اَکیان اَگھون ھي اَعجازا اِھائــي،
لاکـي تــنــھــن لاٹــي لَئُون لَئــون رَچائــي۔ بـیـشـک اسـاڈا تــیــا بَخت بَالا.

تلھ: پيالا شام دا پي پُر۔ کرون پر يار دي پوچا.

۱۔ گائون سنگيتي ساري سُر۔ رھون گمنام تي وچ گُر،
اھين توري ترازي تر۔ کرون پر يار دي پوچا.

۲۔ محبت وچ سدا مَر جُھر۔ تورون ناتا ناجي ٹُر قر،
پيون گھاني گھري مئي گُھر۔ کرون پر يار دي پوچا.

۳۔ ويکون دلدار ڈاور دَر۔ برھ وچ پر پائون پاکُر،
کيون کاھي لجائون کُر۔ کرون پر يارِ دي پوچا.

۴۔ ھميشه بَڻ حسيني حُر۔ آکون اعجاز حق حاضر،
سيت سبحان تيا صَادر۔ کرون پر يار دي پوچا.

تلھ: پيالا وحدت وَالا پُر پيناسي۔ چڱا کيتاسي چڱا کيتاسي.

۱۔ سُورھ سوز لڳا چِرکڻ چوڙ ڳيا۔ نھين لوک کنون ھُڻ کوئي ليا،
پيوند پرت وَالا ھُڻ پُختا پيا۔ سِر ساھ سڄڻ دي سَنگ سِيتاسي.

۲۔ نَشا نينھن وَالا ھي ناپيد ميان۔ کيا ڄاڻن قاضي مُلڙي ويد ميان،
اِھو برھ بَنايا باطوني پيد ميان۔ قرکا پيائي وَالا چوڙ ڈتاسي.

۳۔ پَرکي دَم قدم سِرفروشي وِچ۔ ڳھن کي خيال خُدائي خموشي وِچ،
مئي نُوشي دي مَدھوشي وِچ۔ نت نَفس نَابودي ڈانھن نيتاسي.

۴۔ پيرِ مغان پلايا اھو جَام آسان۔ مَخمور وَدي ھُون مدام اسان،
کَر کي عِشق اعجاز اِمام آسان۔ مَيدان مَحبت وَالا جيتياسي،
چڱا کيتاسي.

(۱) صَادُر: ظاھر

تلھ: یَار سُڻائي بَانگ الَستي۔ عِشق پڑھائي لَبیک مِیان۔

۱۔ ھَرجاء کَعبہ ھَرجا قِبلا۔ ھَرجَاء سِرڑا ٹیک مِیان۔

۲۔ جِتھان کِتھان وِج جَھاتي پَایم۔ اُھوئي وَیکیم ایک مِیان۔

۳۔ جَنھن نُون لَوک سَڈیندا چَاکي۔ اُھیندا نَظارا نیک مِیان۔

۴۔ آپڻي اَعجَازا آٹین چَاڑھین۔ آپڻي اُتي ھَٹ سیک مِیان۔

تلھ: لَگي رَمزرَبي آنا آلاوڻ دي، چُم عِشق آمانت چَاوڻ دي۔

۱۔ اِتھان بُزدلان دي بَات نَھین، اِتھان دَرک وَالیان کون دَرجات نَھین،
اِتھان کَات آڈي بن پِي تَات نھین، اِتھان رَوَش رِندي کِل کِل کَل کَلاوڻ دي۔

۲۔ بیچون برھہ دا ھي بیچوني بَحر، تَارتَار طُغیاني مَوج لَھر،
کیوین ظَاھر کَران مئین حَقیقت سِر، نھین اِجازت سَلڻ سَمجھاوڻ دي۔

۳۔ عِشق وَالي آمانت چَائي جِنھان، سُڌ ذَات صِفت دي پَائي تِنھان،
حَاصل حَال کِتنا آثباتي اُنھان، کیھي کَل پِنھان کُون لُٹُون لَاوڻ دي۔

۴۔ جَھگڑا چوڑا اسم جِسم پوستي دا، تي قَائل اَعجَازا ھَمہ اوستي دا،
ڈي سِرڑا نِیا حَق دوستي دا، نَوبت مَار نِسنگ نِینھن نِیاوڻ دي۔

ٹلہ: عشق دي چاڑھي عَاشق چڑھسن، آوران دي نَھین بَات مِیان،
اَوکا آٹاوا ھي پَنڈِ اھو جو، ڈورٹا ھيِ ڈِینھن رَات مِیان.

۱- عَالي همت عشق کَمائیندي، سک دا دَریاء سیني سَمائیندي،
اُلٹیَان خبَران آٹ سٹائیندي، اُلٹي پَاکي جھَات مِیان.

۲- عِشق عُشَاقان دا مَذهب ملت، حَال حُلاجي هَلت چَلت،
هِک کَر چاٹن عِزت ذِلت، فَرق نہ پَاون ذَات مِیان.

۳- بُزدل کَرکي عُذر بَهانا، آپي ویندي نکلِ ایمانا،
مَرد هَووي کَورِ رندِ رندانا، مَرجي مَاٹي ذَات مِیان.

۴- عِشقئون اعجَازا رَاھ ویکیوسي، فَثَم وَجہُ[1] الله وَیکیوسي،
اِٹان اُٹان الله وَیکیوسي، کَرکي نَفي اِثبات مِیان.

ٹلہ: عشق کیتا ارشاد- اَنا الحق آلایوسي،
شَادرَھو نَاشَاد- سَچا سُخن سٹایوسي.

۱- اکیان وَالي اُلٹ اشاري- وَیک نِرالي نَاز نظاري،
نِسنگ نقارا نَاد- بیسر بین بَجایوسي.

۲- پَٹ پربهي پُر پیتوسي- خُون خُودي دا کَر[2] کِتوسي،
فِتنا چوڑ فَساد- مُحبت مَچ مَچایوسي.

۳- آپي آوٹ آپي جَاوٹ- رَنگ عُروجي نُزولي رَچاوٹ،
آپي آپ جَلاد- آپي سِر کَٹایوسي.

۴- مُشتاقان دا مَرک مَلامت- سک سَچائي سَوز صَداقت،
یَارکون کَرکي یَاد- نَاتا نیِنھن نیَایوسي.

۵- پِیر مُغان دَست ملایا- پِیر کُپیري وچ پَرایا،
اَعجاز عَلي[ع] اُستاد- کَرکي قُرب کَمایوسي.

(۱) فَثَم وَجہُ الله: جیڈاهین نظر کیم الله جي سامهائي آ، هر طرف الله نظر آیو (۲) کر: دشمن، نفس اماره

تلھ: عِشقِ اثباتي آیا آندرِ وِچ۔ ٻولي آنا الحق دي ٻول.

١۔ تَسبیح مُصلیٰ تَرک کَرایس۔ طَرف حُسن دي سُجود کَرایس،
عَجب عَجائب مَام مِلایس۔ مَعنیٰ جَنھن دي سِرڑا گھول.

٢۔ قبل مَاضي حَال والیان۔ جَذبي جَوش جَلال وَالیان،
خَبران خُدائي خِیال وَالیان۔ خِلوت وِچ سُٹیندا کول.

٣۔ هَرجاء حَقّ سماوݨ کِیتي۔ بَاطل بَات مِٹاوݨ کِیتي،
جِیتي ئي مَرجاوݨ کِیتي۔ قَالوا بَلیٰ دا پَاریس قَول.

٤۔ پِیر کُپیري وِچ پَریندا۔ سِري خفي دا سَیر کَریندا،
ڈِیان وَحدانیت ڈانھن ڈَرئیندا۔ یَن سَٹ دُوئي والا پول.

٥۔ اعجاز علیؑ هي رَهبر اَگ دا۔ وِرھ اُهین دا دل وِچ وگدا،
تَن مَن تَنھن دي تَاري تگدا۔ مُلّا قَاضي چُوڑ مَخول.

تلھ: عِشق پَوشاک حُسن دي پَاکي۔ دِلیان لُٹاوݨ آیا هي.

١۔ سُھٹیان اکیان سُھٹیان صُورتان۔ وَیکݨ وکاوݨ آیا هي.

٢۔ کِتان امیري کِتان فقیري۔ طَبل وَجاوݨ آیا هي.

٣۔ سَاقي بَن کي مَئیکده وِچ۔ پِیوݨ پِلاوݨ آیا هي.

٤۔ جَٹیان کُفر دا پَاکي ظَاهر۔ اِسلام جگاوݨ آیا هي.

٥۔ مَوج مَنصوري وِچ مُدامي۔ آنا آلاوݨ آیا هي.

٦۔ عَاشقي مَعشوقي وَالا اعجازا۔ کیل کِلاوݨ آیا هي.

خلوت: اکیلائي، گوشه نشیني

تلھ: عِشق ذَاتي دي جَوش کَنون - پَتر پَيان لِک وَاليان - سِک وَاليان۔

١- نَعري نَقَاري مَارن نينھن دي - اَزلي اَمُر چِک وَاليان - سِک وَاليان۔

٢- صَبر سَتُروچ جَال نہ سگھديان - حَال حَقي حَق وَاليان - سِک وَاليان۔

٣- پُور اکيان لَنگھ پَار پَونديان - پِياک پِربمي پِک وَاليان - سِک وَاليان۔

٤- سَچڻ ويکڻ نَال صَاف تي وَينديان - ميل چِکڻ چِک وَاليان - سِک وَاليان۔

٥- ڳَالھيان اُنھان دي وَاتون اعجَازا - سُڻسين ھِن پَک وَاليان - سِک وَاليان۔

تلھ: آصل عَاشقان دِي عَجائب ھَي چَالي - مُلان قَاضيان نُون نہ سُڌ بِرھان وَالي۔

١- عَاشق وَچ اُتانھين اکيان نينھن لئندي - جِتان جِن ملائک پکي پيير نہ پئندي، اُھين مُلک دي نِت سُڻندي مَقَالي۔

٢- شَريعت دي شَائق طَريقت دي طَاھر[1] - حَقيقت دي ھَادي مَعرفت دي مَاھر، صَبر وَالي مَصَاحب[2] وِلايت دي وَالي۔

٣- مَحبت کَماون مَحبت جَتاون - مَحبت دي سَانگي بَديان سِر تي چَاون، عُمر سَاري ايوين، عُشاقان ھي جَالي۔

٤- آصل کم عُشاقان مُتابِعَت شَبيري - قَتل وِچ کَمئندي دُولھ دَاد گيري، آڏي تي اعجَازا وَتيندي وِصالي۔

---

(١) طاھر: پاک
(٢) مصاحب: ھم صحبت، ھم نشين

تلھ: مَحبوب عَاشق تہ بَھم تي وَیندي - ہِک بئي دي حَال مُحرم تي وِیندي.

١- ہِک جِسم تیندي ہِک جَان تیندي - ہِک ڳَالھ تي ھک زُبان تیندي،
ہِک دِید تي ھک ڈِیان تیندي - ایویں عَاشق ذَوقئون ضم تي وِیندي.

٢- مَحبوب عَاشق دا رَاز خَفي - تي نَاز نیاز آنداز خَفي،
عَینان عَیني عَجب اغماز خَفي - اِتان عَقل فرشتان دي گُم تي وِیندي.

٣- ہِن عشق والیان دي آر عَجب - پَھ پُور نِرالي پَار عَجب،
تي ھجر وصل دي وَھنوار عَجب - کَڈھان قَطرہ کَڈاھن قُلزم تي وِیندي.

٤- جِیویں رنگ تي بُوء گُل نال کَني - جیویں مَوج لَھر جَل نال کَني،
جِیویں بِجلي بَادل نَال کَني - اِیویں عِشق والي ھَمدم تي وِیندي.

٥- جِنھان پیرا آپڻا پاتا صَحي - تنھان آپ کون آپ سُجاتا صَحي،
آسان ایویں اعجازؔ جاتا صَحي - اُھي آپي کَعبہ حَرم تي وِیندي.

تلھ: بِرھ دِیان بَاھیان لڳیان - سَیان حُسن حَضرت شَاہ ویکیوسي.

١- مُک مَحبوبان ظَاھر کِیتا - پِتیان پَرم دیان پڳیان پڳیان.

٢- نین نِظاري لَاکي کَڑیوسي - نِینھن دِیان نَوبتان وڳیان وڳیان.

٣- حُسن عَجائب چَال چَلیندا - کَر کي مَستیان مڳیان مڳیان.

٤- اِھین آڑھ وِچ دِلیان عَاشقان دِیان - دُونھین کَر کَر دڳیان دڳیان.

٥- آکي اعجازؔ آج تہ مَیڈیان - آسان اُمیدان پُڳیان پُڳیان.

تلھ: عَاشق سَیر حُسن کَنون نَس نَھین۔ اِھا رَاہ حَقیقت کَنھن کون ڈَس نَھین.

١۔ لاَکي نَین نِظارا گُمان گُم تي رَھین۔ خَادم خُوبرویان دَا دَمان دَم تي رَھین،
پَتنگان وَانگون سَدا شَمَا شَم تي رَھین۔ کَڈھان تیکون جَلڻ وِچ کَس نَھین.

٢۔ فَنا فِي المَعشوقي دَا فَرض پَڑھین۔ تَجلي تَاب طَبل وِچ کُپ کَڑین،
چِشمان والي چَاڑھي نَال چَڑھین۔ پِیا کو پیچرا چَارا پَس نَھین.

٣۔ بَیشک بَاغ حُسن دا بُلبُل تي۔ پِیالا جَام وَصل دا پَلپل پِي،
ھَرجا ڈُوم مَچا ھُودي ھُل غُل دي۔ ھُودي بَاجھئون کِتان رَچدا رَس نَھین.

٤۔ عَاشق عِشق حُسن وِچ تي مُستغرق[1]، تَرک و تَرک کَریندي دِین دَرک[2]،
سَودڻ دَرد اعجازؔا دَردمَندان دَا دَرک۔ بَیدردان کُون جائي جَس نَھین.

تلھ: دُکیا عِشق دَا کُورا حُسنات وِچون۔ لَگي مَوج لَھر جَھاتي جَھات وِچون.

١۔ کِیتي حُسن چَڑھائي چَوڈار مِیان۔ سَاکون وِسرئي کُل اَذکار مِیان،
ھویا دَم دَم وِچ دِیدار مِیان۔ اَکیان اَڑیان عَجب اَثبات وِچون.

٢۔ کِیوین تَجلا وِچ کِنعان کِیتس۔ کِیوین مُوسيٰ دا ھَس ھَوش نِیتس،
کِیوین کَربل وچ کَپ سِیس ڈِتس۔ آپي ظَاھر تِیا ھر بَات وِچون.

٣۔ جَنھن طُور اُتي تَجلات کِتي۔ اُھین بِرھا اِتان بَرسات کِتي،
کَالي رَات وِچون پرِیات کِتي۔ کَج گِیا نَفس دا خیمان جِسمات وِچون.

٤۔ اھو حُسن ھَر کنھن کون موھ وَیندا۔ وَس لُون لُون وِچ کَر لوھ وَیندا،
مَار عَاشقان دا تَہ اَنبوھ وَیندا۔ جَھاتي پَاکي اعجازؔا ذَات صِفات وِچون.

---

(١) مستغرق: محو، گم (٢) دَرک: عَقل، سمجھ

تلھ: جَنھن کُون عِشق دي مِلي ڈات ـ تِنھن کون تَات نَکا پِي بَات.

١ـ چَولڻ تي چَپ چَوليندا ـ بَولڻ تي وَل بوليندا،
گھولڻ تي سِر گھوليندا ـ پَاکي جھَاتي نَال جھَات.

٢ـ مَئي پي مَچ مَچيندا هي ـ نَچ کي نِينھن نَچيندا هي،
رَنگ وِچ رَنگ رَچيندا هي ـ جَان جَلا جِسمات.

٣ـ عِشقي قَول کَلام سُڻاوي ـ عِشقي بَاب بَياض بَناوي،
عِشقي ميلا مَوج مَناوي ـ عِشق دي وَائي وَات.

٤ـ اعجاز عَلي دا مَني رَايا ـ قُربئون چوڑيس کَايا مَايا،
دَر اُھين دي بَر دا دَايا ـ سَچي سُڻو سُخنات.

تلھ: رَک طَور طَريقا رِندي ـ بَن بيخود بيخود بيخود.

١ـ کَر تَرک کِتابان آکران ـ اِهي پيش تي زيران زَبران،
سُڻ عِشق دِيان وَل وَل خَبران ـ چوڑ شَد مَد شَد مَد شَد مَد.

٢ـ تِيوين مَحو تون وِچ مَحبوبان ـ پيوين خُوب خُمر سَنگ خُوبان،
پَئُو پيش اَگھون مَطلوبان ـ سَٹ رَد قَدرَد قَدرَد قَد.

٣ـ اِها هَستي خُودي جَنھن کوئي ـ سَردار دَوجگ دَا سَوئي،
تنھن دا سُخن سَچا هي سَيوئي ـ آنّ آشھد آشھد آشھد.

٤ـ پَڑھ عِشق دا کَلمان سَارا ـ وَچا نَوبت نِينھن نَقارا،
اعجاز علي دا نَعرا ـ مَار بَيحد بَيحد بَيحد.

تلم: کیھا عشق دا پچدئین شان،
عشق دا بالا ھي بیان.

۱- عشق اساڈا عالیشان، عشق اساڈا دین ایمان،
عشق اساڈا آخر زمان، عشق دا عرش آشیان.

۲- عشق حبیب طبیب حقاني، عشق بتاوي راز نھاني،
عشق الاھي عین نشاني، عشق اناوي جوان.

۳- عشق چڑاوي سوالون جوابون، عشق چڑاوي قائدون کتابون،
عشق چڑاوي ڈوھون ثوابون، عشق دا اور ڈیان.

۴- عشق شریعت شوق وڈاوي، عشق طریقت طور سکاوي،
عشق حقیقت معرفت پاوي، عشق کري انسان.

۵- عشق اگھون نم نیاز کَري جي، عشق همون همراز کَري جي،
عشق سدا اعجاز کري جي، فرضي ھي فرمان.

تلم: پچون خَان پُنھل دي لَگ ڑي - گِھن کیچ شَھر دا دگ ڑي.

۱- بَي خَوف اِتون چُل پوري - بَڻ گھوٹ پُنھل دي گھوري،
جَو چَوران نتڑا چوري - سو آپي مِلسئي سگ ڑي.

۲- سَٹ مَرڻ جِیوڻ دي سَانگي - لَنگھ لَحظي وِچون لَک لاَنگھي،
گَلي پَاوین گِلا دي گَھانگھي - پَل جُنیان کَري پِیا چگ ڑي.

۳- چَامال خَزاني شُکران دي - کَر بَرسِر ڈکڑي بَران دي،
سَھ لوڈي لَمي سَفران دي - وَج ویندا وَلاوین وگ ڑي.

۴- اَعجاز آکي مَاشاء الله - اھو کونہ مَریسئي کَشالا.
تِیسئي رَھبر کَلمي وَالا - تون تاري تَنھین دي تگ ڑي.

تلھہ: آکیان یاد پُنھل کر روندیان نِي،
رو رو داغ جِگر دي ڌوندیان نـي.

۱۔ راتیان ڏینھان جاڳ گذارن۔ سوز سڙیان نھین سوندیان نـي.

۲۔ آپ کون آپي ازلـوں آڙاکي۔ پچتاوڻ ھُڻ پوندیان نـي.

۳۔ ڏکڙي ڏونگر دي پلڙي پاکي۔ کیچ روانیان ھوندیان نـي.

۴۔ گِھن کي اعجازؔ اِعشق آري دا۔ بٹیان غم دِیان گوندیان نـي.

تلھہ: جندڙي جتان مین جیندي تک گھولسان
وڻ وڻ وڙولسان.

۱۔ آون نـہ آون پـانـون نـہ پـانـون،
پاڙا مین نہ پولسان.

۲۔ صبح سانجھي ٹُرقر آڌي مانجھي مَرجُھر،
سجڻان کون ڳولسان.

۳۔ وقـت ازل دي کـاڻ پـُنـھـل دي،
چیڙي پئي چولسان.

۴۔ آري دا اعجازؔا دک پـا درازا،
سیني سک سنجولسان.

ٹلہ: رَانجھا جَوگِي رَمزان لاَوندا هي ـ رَمزا لاَونداهي مَن پَاوندا هَي.

۱ـ مَاهي مُزمل مِنتڑا مِنتڑا ـ نال مئین دِل دي ڈِنتڑا ڈِنتڑا،
چَولا چَورنگ چِنتڑا ـ آنگ سِر پَاوندا هَي.

۲ـ ڈُوهین نَین تَنهین دي ڈیئي ـ مَست و مَست کِل مُک کیئي،
نَال تِنهان وَل پَاکي لیئي ـ لئون ڑي لاوندا هَي.

۳ـ رَانجھا جَوگِي رَاز والا ـ عَجب عِشق اَعجاز وَالا،
حَیرت حُسن نَاز وَالا ـ مَیڈي وَیڑهي آوندا هَي.

ٹلہ: رَانجھا جَوگِي دِلبر جَوگِي ـ رَمزان لاَوندا هي،
رَمزان لاوندا هي ـ مَن پَاوندا هي.

۱ـ هَولي جَنهن دي جَام دي ـ مَین گَولي تَنهن دي نَام دي،
آک اُلَسٹ کي عَام دي ـ اِهو آوندا هي.

۲ـ رَنگ پُوردي وِچ آیا ـ وَه مُرلي شَور مَچایا،
گَهول کي کَایا مَایا ـ لَٹُنڑي لاوندا هي.

۳ـ مَاهي مُزمل مِنتڑا ـ نَال مین دِل دي ڈِنتڑا،
چَولا چَورنگ چِنتڑا ـ آنگ سِر پَاوندا هي.

۴ـ رَانجھا جوگِي رَاز والا ـ رَاشدي اَعجاز والا،
سُرکا سَوز گُداز وَالا ـ پِلاوندا هي.

مزمل: حضور اکرم صلي الله علیه وسلم جو نالو، اٹ چادر ویڑهن وارا.

تلھ: آسان ڊيدان رانجھو نال رکيان- اِھا ڳالھ ھي ڳليان ڳليان.

۱- آسان لايا نظارا نسنگ ھي- اھو پريا آزلي آنگ ھي،
ڪيون لوڪ پيا ٿيندا تنگ ھي- دِليان لڳيان نہ ھرگز پليان.

۲- آسان آپڻا آپ ڪھيسون- ھُڻ پير نہ پُٽ تي پيسون،
اِھو ناتا نينھن نِبيسون- چا چُوچڪ چاڙھي گھليان.

۳- آسان نُور مُنوّر ڈٺڑا- لڳا تن مَن کون سو مٺڑا،
رَھيا دائم قائم ڪنڑا- ھَر جاء ڪِتيان تنھن تجليان.

۴- آسان عشق اعجازا چاتا- ڳل گھانگھا گلا دا پاتا،
رنگ لاحد والا لاتا- سِر سيفان حُسن دِيان چليان.

تلھ: ٻير ٻيُوتي کر رانجھن- ٻسني بيراڳي ٻڻيا،
رنگڑا رنگي دا ويکو، ڈنگڑا ڈنگيدا ويکو- ڈوڑمتي کون ڈُٺيا.

۱- بڻيا بيراڳي برھي پي پيالا پُرپرھي،
حال ونديندا ورھي وصف انھين وچ وٹيا.

۲- ڈوڑمتي ڈُڻ ماھي، سائين وچون ٿيا سپاھي،
چوڑکي شوقئون شاھي، پاتس جامان جٹيا.

۳- جھنگ پُچيئندا آيا، چاک سڈيئندا آيا،
راز چپيئندا آيا، جو مَن اندر وچ اُٹيا.

۴- بخت سيالين دا کُليا، چٹ ھزاري دا جُھليا،
ھِير دي نالے ھُليا، ساري سيالين سٹيا.

۵- وچن اعجاز پاريندا، مالک منجھيان چاريندا،
مست خيال ڈاريندا، ھس مَڻ والا سِر مٹيا.

(۱) گھليان: فوج، سپاہ، کٹک (۲) سيفان: تلوارون

تلہ: سِک وَندیان دي سَانگي آیا۔ سِک وَندیان دي سَانگي،
حَاکم مُلک هَزاري دا۔ صَاحب تَخت هَزاري دا۔

١۔ بَخت سِتارا آݨ کُلیا هي۔ رَنگپور راوي کِناري دا.

٢۔ هُل هُلیا هي وِچ سیالین۔ پِرت پریم پوچاري دا.

٣۔ چلوني وَل وَل ویکݨ چَلین۔ مُکڑا یار پیاري دا.

۴۔ مَیڈي مَن وچ شادمانا هي۔ تَنهن دي دَرس دُواري دا.

۵۔ آکي اَعجاز عَجائب هي۔ عِشق وکر وَٹجاري دا.

تلہ: رَانجها چُوڑ کي تَخت هَزاري نُون۔ آیا لاَوݨ نینهن نَظاري نَون.

١۔ آکیان نَال آکیان مَاهي لاَکي کَڑا۔ پَکا پیچ پِریت وَالا پَاکي کَڑا،
جَهنگ سِیالیان دي جهیڑي سِر چَاکي کَڑا۔ پَالیس روز آلستي، اِشاري نَون.

٢۔ رَانجها چَاک سَڈاکي مَنجهیان چَاریندا۔ کَڈان فَخر وَڈائي نہ ڈَاریندا،
ویکو فاقیہ فَکر تي گُذاریندا۔ اِهو سَبق سِکیندا جَگ سَاري نَون.

٣۔ کَنهین کَاݨ دي کَاݨ فَقیر بَݨیا۔ جوگي قوگي کُنڈِیل کَن چیر بَݨیا،
بي بَصیران اگون هي حَقیر بَݨیا۔ پاوي نِرت والا کو تنهن دي پَساري نَون.

۴۔ کَر عِجز اَعجازا سِر نَذر ڈِیوان۔ چَاسون چَاندي زَر زَیور ڈِیوان،
هَر جاءِ اِها خُوش خَبر ڈِیوان۔ آسان وِیکیا دِلبر پیاري نَون.

تلھ: رَنگپور دي وِچ رَانجھن سَائین، رَمز ہُجھي رَک آیا،
مُک وِچ مُرلي کَنڈ وِچ کِستا، بیک فَقیري بَنایا.

۱۔ جَوگِیان وَالا جَٹیا مَٹیا پَاتس مَحبت سَانگي،
تَرک کَرایس تَخت هَزارا، آوکي عِشق آٹانگي،
نَوکر چَاکر چوڑ اُٹاهین جَھنگ سِیال وَسایا.

۲۔ آلفراق دي آلفي پَاکر، کَنڑي قُربئون سِیتس،
چَنتڑان دي وِچ گَهت کي چَائي، حَال آہالڑي کِیتس،
نِینهن نِیاوڻ کِیتي مَاهي، بَار برهہ دا چَایا.

۳۔ سَین مَریندا بِین وَجیندا، دَر دَر کَڑا وَجهائي،
لَحظي لَحظي آهین پَردا، لُک لُک نِیر وَهائي،
آکیان آلیان آندر اُداسي، رَاز نہ کولي رَایا.

۴۔ مَال نہ مَایا عَاشق مَنگدا، دَرشن دَاهي سُوالي،
سِرڑا ڈي کَر سِرڑا نیسي، ویسي مُول نہ خَالي،
آخر شَاهہ اعجازا رانجھن، نَاز شَهید کَرایا.

تلہ: آئي مَست سکي مُند سَانوڻ دي۔ مَن موھڻي یار مَناوڻ دي،
رَاگ رَقص رَس رَاوڻ دِي۔

١۔ گُت گُنڈاوَڻ سینڈ چِتاوڻ، مُشک عطر مِلاوڻ دي،
سُرخي لَاوڻ کَجلي پَاوڻ، وَل وَل ویس مَٹاوڻ دي۔

٢۔ هَسڻ هَساوڻ بَات بَتاوڻ، غم اَلم پُلاوڻ دي،
نَام جَپاوڻ رَاهِ وِکاوڻ، یَاگ سُهاگ جَگاوڻ دِي۔

٣۔ پِیوَڻ پِلاوڻ سُرت سَماوڻ، بَزم نَظم بَناوڻ دي،
سَاز اُٹھاوڻ ڈُوم مَچاوڻ، بُوند بَدل بَرساوڻ دي۔

٤۔ طَبل وَجاوڻ سَمجھ پراوڻ، سُر گُر تَال مُکاوڻ دي،
سَارنگ دیس مَلھار سُڻاوڻ، سَرگم تان جُھوماوڻ دي۔

٥۔ سَانوڻ سَدا مُند سَانوڻ اُتّان، جتّان جَاءِ بِرھ دي مَاوڻ دي،
اعجاز آسان کَڻ یَار سَجڻ، هُڻ آپي کَریسي آوڻ دي۔

تلہ: تي بُلبل گُل گُلزاري دَا۔ حُسن بَسنت بَھاري دَا۔

١۔ رَنگ بَرنگي هِن قول قُلاري۔ کِل کِل موھن کَٹھاري،
سگُنڈ سُواسي سَرو سُونهاري۔ هُبکار ھگّاء هَزاري دَا۔

٢۔ پَن پَن دِي پَس جوت جَواني۔ هَرهک وِچ هي جَھلک نُوراني،
آویک نظارا عین سُبحاني۔ گِھن وَاس چَمن قُلواري دَا۔

٣۔ مُکڑیان دي مُک سُونهي شَبنم۔ بُوند بُونداري سَاوک سَوکم،
کَشش کَرن اِهي دَرُوشي دَم دَم۔ کوئي مُل نھین خُوشبوداري دَا۔

٤۔ یَار رَنگي بَیک بَنایا۔ گُل قُل دا کَر آولا آیا،
بُلبل یَوئري نُون بِرھ بَچایا۔ عَجب اعجازِ اسراري دَا۔

تلھ: رُت بَدلا مینگُھ مَلار بَسنت بَھار۔ نظارا آب آب کا وھوا،
ھر طرف حُسن ھُبکار گُل و گُلزار۔ ھَرا رَنگ سَب سَب کا وھوا.

١۔ رخ رُوپ آنوکا آناري سُھٹي صُورت سَرو سُونھاري۔ نَینان نَرگس خُوب خُماري،
کَمل کھلئے کتٹھار ھویا چَمکار۔ ھَسَڻ مُک لَب لَب کا وھوا.

٢۔ لَٹ لَیلي کالے کالے سَر خَم خَم خُوشبوء والي۔ بَھوین مُژگان خَنجر بھالے
بلھار جائون بلھار سَدا صَدبار۔ غوطا چاھِ غَب غَب کا وھوا.

٣۔ کیا بُلبل ھولي کھیلے کیا بھونرا گُل ڦُل بھیلے۔ کیا چاند چکور کے میلے
کِیا عاشق پَتنگ کا پیار شَمع شُعلیدار۔ وَصُل وَنگ شَب شَب کا وھوا.

٤۔ سَرمَستان جَلوہ پایا سَب گَھٹ ۾ یار سَمایا۔ گُونان گوني رَنگ رَچایا،
آعجاز ویکھو اِسرار کرو دِیدار۔ بِلا عیني رَب رَب کا وھوا،

تلھ: رُت بھار دي آئي وي۔ آمِل سانول سائین سگھیرا.

١۔ رُت بَسنتي ھَر جاءِ آئي۔ ھَر جاءِ ویک ھَرائي وي،
بُوءِ بَاغان دي باد صَباتے۔ بُوند بَھاري پائي وي،
یاد پِیا ھِین جاني جھیرا،

٢۔ قُمري کوئل پونئري بُلبل۔ چُڻ پُڻ چَمن وِچ لائي وي،
چِیھے پپیھے مُور چَکُوري۔ مِل مِل کے مُند گائي وي،
طوطا تنواري سدا نام تیرا.

٣۔ سَینیئان کُون آپڻا سَاجن ملیا۔ سَینیان بَھار مَلھائي وي،
مَین ھان آکیلي مَین ھان نَویلي۔ مَیڈي کَر کا دوائي وي،
اکیان آکھون ھے تئین بِن آنڈیرا.

٤۔ جِیء دا جِیارا جَانب پیارا۔ جِگر جلئیندي جُدائي وي،
رونـدي کـڙي آن راھے گُذر تي۔ دَردان ڈُوم مَچائي وي،
آکے آعجاز کر پُورل پیرا.

نام علیؑ اظہار، پڑھنا مومن بندے

۱- حمایت تیری حیدر ہوگا' ہوگا حشر کے وار
۲- میرا ' مالک ہے وہ مولاؑ ساقی سچا سردار
۳- اُس دل سے دل کو تار ملا' جس میں علیؑ کی جھنکار
۴- عجز سے اعجازا پنجتن کا' پاؤ پریم و پیار

مسلک صوفی کا سارا — راسخ[۱] رِندانہ بَرحق
جس نے نہ جانا یارا — اُس نے نہ مانا بَرحق

۱- لا قید لا تحرک[۲] — لا اُبالی لا سے لا شک
لا فانی لا خسارہ — ہے لا مکانہ برحق

۲- صوفی کا من سرمستا — صوفی کا بن برجستا
صوفی کا کھیل نیارا — یکتا یگانہ بَرحق

۳- صوفی الاہی مقرب — مجذوب[۳] مغنی مطرب
ارنی آلاپ کارا — عاشق عیانہ برحق

۴- حق الیقین حاضر — محبوب ساقی ماہر
انا الحق نقارا — سر صوفیانہ برحق

۵- اعجاز صوفی اعلیٰ — پینے پلانے والا
اس کا نہاں نظارا — ناتا یارانہ برحق

---

(۱) راسخ: رنگا ہوا، قائم، مضبوط
(۲) لاتحرک: جو حرکت میں نہ آئے
(۳) مجذوب: خدا کی محبت میں غرق محو، بے خود

جپودم نام ذاتی کا، کرو اثبات ھُو اللہ
ہوا ارشاد ہادی کا، ہمہ اوقات ھُو اللہ

۱- دما دم دم سنبھارا کر، خودی کو آشکارا کر،
درونی[1] سیر سارا کر، لگا شش جہات ھُو اللہ

۲- کرو دم دھیان میثاقی، نظر میں صورتِ ساقی،
بنو شہہ سوار براقی، کہو کلمات ھُو اللہ

۳- نظارا نور عینا عینی کما حق قاب قوسینی،
دیکھو دیدار دارینی، ہمہ حسنات ھُو اللہ

۴- کھیلو تم کھیل منصوری سَرِ میدان سرسوری
نہیں اعجاز دم دُوری، تُو ہوجا ذات ھُو اللہ

(۱) درونی: اندر میں، گھٹ میں

ہمہٗ ہو حق ہمہ ہو حق ہمہٗ اسرار سُبحان اللہ
ہمہٗ کا دم ہمہ کا غم ہمہٗ ہموار سبحان اللہ

۱- ہمہٗ ہم سے، ہمہ سے ہمٗ ہمہٗ ہردم ہَمہ میں گم
ہمہٗ بادم ہمہ بیدمٗ ہمہٗ دیدار سبحان اللہ

۲- ہمہٗ حق حق حقیقت ہےٗ ہمہٗ معرفت بصیرت ہے
ہمہٗ شریعت طریقت ہےٗ ہمہٗ انوار سبحان اللہ

۳- ہمہٗ جلوے ہمہ جھلکےٗ ہمہٗ حسنات حُکم ہلکے
ہمہٗ چمکار چمک چلتےٗ ہمہٗ بازار سبحان اللہ

۴- ہمہٗ سے ناز ہمہ سے نیازٗ ہمہٗ کا راز متا ممتاز
ہمہٗ آواز ہمہ سُرسازٗ ہمہٗ گرتار سبحان اللہ

۵- ہمہٗ اوستِی میں گئی ہستیٗ ہمہٗ اوستی بنی لبستی
ہمہٗ اعجاز عجب مستیٗ ہمہٗ ہر بار سبحان اللہ

انہیں دیکھتے ہیںٗ خدا دیکھتے ہیں خدا کو نہ اُن سےٗ جدا دیکھتے ہیں

۱- کسی اور جانب نہ دیکھا کریں گے کہ رَشکِ ارم دلربا دیکھتے ہیں
۲- برستی گھٹائیںٗ مہکتی بہاریں وہاں ہیں جہاں مَہ لقا دیکھتے ہیں
۳- زمین آسماں اور تاروں کی گردش تصرف میں ان کے سدا دیکھتے ہیں
۴- جدھر کو وہ کرتے ہیں اپنا توجہ اُدھر کعبۃ اللہ کھڑا دیکھتے ہیں
۵- قبل از وہ عیسیٰ، قبل از وہ موسیٰ قبل از وہ آدمؑ حوا دیکھتے ہیں
۶- وہ احد وہ احمد، وہ نور و بشر بھی وہ شقِ القمر بھی بجا دیکھتے ہیں
۷- ہے ان کی اداؤں میںٗ اعجاز ہردم سراپا انہیں معجزہ دیکھتے ہیں

مین سارا رنگ برنگی، میرا عشق عجب آڑنگی۔

۱- مین نیاز نماز نہ جانوں، ناتوبہ تسبیح مانوں،
نادین کفر پہچانوں، میرا نعرہ نادسنگی۔

۲- مین گلشن گلشن گھوموں، میں ہر کلی کو چوموں،
میں شعلہ شمع پر جھوموں، میری ریت پریت پتنگی۔

۳- میرا سخن یگانا پکا، میرا طبل ترانہ پکا،
میرا گانا بجانا پکا، میرا جگر ہے جلترنگی[1]۔

۴- میں حُسن شباباں عاشق، شب روز شراباں شائق،
میں لکھ نواباں لائق، جاگیر میری بے دنگی۔

۵- میرا حال خیال پیچیدا، میرا وصل فراق پوشیدا،
میرا رستا چارا چیدا، میرا رہبر نیھی ننگی،

۶- میں آدم سے پہلے آدم، میرا آدم گُہنا[2] کالم[3]
میں عشق کا ہر جاء آچم،[4] میرا بھکڑ اعجاز بنگی

(۱) جلترنگی: ساز کا نام (۲) گُہنا: پرانا، قدیمی
(۳) کالم: جسم، تن، بوتو، قارب، کالب (۴) آچم: نیشان

الاہی عشق سے اظہر، اویسی[1] ہوں اویسی ہوں،
مگن مخمور متوالا، مھیسی ہوں مھیسی ہوں۔

۱- حسن ذاتی صفاتی کا، شیدائی شیفتا[2] بن کر،
اسی کے سامنے ہر پل، اُمیسی ہوں امیسی ہوں۔

۲- نہ رکھتا ہوں میں کچھ پرواہ، کسی تعزیر و تہمت کی،
انا الحق کیوں نہ میں کہہ دوں، آدیسی ہوں آدیسی ہوں۔

۳- کسی کے خیال نظروں میں، موحد[3] ہوں مدامی میں،
کسی کے شک وگماں میں اب، لِبیسی ہوں لبیسی ہوں۔

۴- علیؑ اعجاز آپس میں، ہوئے ہیں دائمی ہم دم،
صراط الذین کا سمجھو، سندیسی ہوں سندیسی ہوں۔

(۱) اویسی: حضرت اویس قرنی سے مشابہت رکھنے والے
(۲) شیفتا: عاشق پریشان
(۳) موحد: خدا کو اکیلا ماننے والا

غزل

صبا! اُس گُل بداماں سے کلام آہستہ آہستہ
انہیں دینا مگر میرا پیام آہستہ آہستہ

۱- وہ میرے جان و دِل بھی ہیں وہ میرے دلربا بھی ہیں
سلام اس جانِ جاناں کو سلام آہستہ آہستہ

۲- بہت بیٹھے وہاں ہوں گے عدو(۱) ہم عندلیبوں(۲) کے
وہاں جو نام لو میرا تو نام آہستہ آہستہ

۳- جہاں وہ بے حجابانہ اداؤں سے لپٹتے ہیں
کبھی ایسا بھی آئے گا مقام آہستہ آہستہ

۴- نہ جانے گفتگو ہو کب گل وبلبل کی آپس میں
خزاں کرتی ہے اپنا اختتام آہستہ آہستہ

۵- کبھی تو بوئے مئے سے وہ ملا منہ ڈھانپ لیتا تھا
مگر اب چوم کر پیتا ہے جام آہستہ آہستہ

۶- میرے محبوب نے اکثر بنا رکھا جو زلفوں کا
پکڑتا دل رہا میرا وہ دام آہستہ آہستہ

۷- ہزاروں سرو تھے ساجد ہزاروں پھول تھے حیراں
چلا سج کے وہ جب سوئے بام آہستہ آہستہ

۸- خرامِ ناز(۳) جو بھی ہیں انہیں اعجازؔ یوں سمجھو
کہ دل دیتے ہیں لیکن دل کو تھام آہستہ آہستہ

---

(۱) عدو: دشمن (۲) عندلیبوں: بلبلوں
(۳) خرامِ ناز: ناز انداز سے

غزل

بیتاب کرو تم، اور بیخواب کرو تم،
لِلّٰہ اِدھر بھی رخ، مہتاب کرو تم۔

۱- میں سوکھے ہوئے پیڑ کے، مانند کھڑا ہوں،
پَت جھڑ کی ہواؤں سے ، تو ہر چند لڑا ہوں،
سیراب کرو تم، اور شاداب کرو تم۔

۲- اپنوں میں نہیں مجھ کو، تو بیگانوں میں گِن لو،
بیگانوں کو بھی تو کبھی، انسانوں میں گِن لو،
یہ پاپ ہے تو پاپ، یہ ہر باب کرو تم۔

۳- اِن مَد بھری آنکھوں کا، ذرا بھر دو نظارا،
ہوجائیگا یہ میرے، لیئے کافی سہارا،
اب رسمِ زَمانے کو، تھہِ آب کرو تم۔

۴- تو ساقی ہے میرا تو، میں ہوں تیرا ہی پازی،
پھر پازی نہیں تیرا، یہ اک گھونٹ پہ راضی،
پُر جام دینے کا کوئی، اسباب کرو تم۔

۵- دیوانا ہوں دیوانا، بے آرام کرونگا،
تیرے عشق کی باتیں، تو سرِ عام کرونگا،
دیوانگی میری کا، صَد باب کرو تم۔ (جاری ہے)

۶- خیالوں میں سجایا تجھے، خوابوں میں سجایا،
آنکھوں میں بٹھایا تجھے، سانسوں میں بسایا،
اب کچھ تو بجا پیار کے، آداب کرو تم۔

۷- تم سب سے دل آویز ہو، تم سب سے صبیحا[1]،
تم رشکِ فلاطوں[2] ہو، تم رشکِ مسیحا[3]،
اکسیرِ نظر سے مجھے، نایاب کرو تم۔

۸- تم لوہے کو سونا، جو بناؤ تو بنے گا،
اس خاک کے ذرے کو، پھلاؤ تو پھلے گا،
اعجاز کو بھی سخن کا، اَرباب کرو تم۔

(۱) صبیحا: خوبصورت
(۲) فلاطوں: چوڑی چھاتی والا، ماہر، دانا
(۳) مسیحا: حضرت عیسیٰ کا لقب، جِلانے والا

کلام

ملتا نہیں کوئی بھی مجھے میرے حال پر
ہر ایک نے لبھایا(۱) ہے اپنے خیال پر

۱- روزِ ازل سے جو کچھ دیکھا ہے آج تک
ہر آدمی ہے نازاں اپنے جمال پر

۲- جتنا ہی جسکو چاہا وہ اتنا ہی عدو ہوا
اب اپنا کس کو سمجھیں چلیں کِس کی چال پر

۳- اتنی شدید ضربیں لگیں دل کو میرے جو
شاید نہ آئے پھر یہ اوجِ کمال پر

۴- حاضر کے حال میں جب موجود وہ نہیں
توجان کیوں جلائیں وعدۂ وصال پر

۵- ہر سمت(۲) قرأتوں سے اذانیں تو ہیں مگر
سوزِ اذاں ختم ہوا حبشی بلال پر

۶- اعجازؔ کیا بتائیں حقیقت کو کھول کر
معنیٰ کہ جب فدا ہو، کوئی قیل وقال پر

(۱) لبھایا: موہنا، مائل کرنا
(۲) سمت: طرف

وَہ اَبرو کَمان گُمان کجل گاہانْ گُھارا بِرہن کا وَہوا،
مَدمست چشم مُوگانْ نظر نِیشان نظارا نَین کا وَہوا۔

۱- وَہ کلنگی تاج شہانی، وَہ جاماں زَر اَفشانی(۱)، وَہ پُونم ماہ پیشانی،
وَہ رُوپ تجلا شانْ نہ جلوا مانْ تُمہارا دِن دِن کا وہوا۔

۲- وَہ ابرو سَیف اُٹھائیْ وہ چشماں چوٹ چلائی، وَہ خُوباں مَام مِلائی،
وَہ جان و دل قُربانْ صنم ہر آنْ اِشارا اَن اَن کا وہوا۔

۳- وَہ سرخ لباں سِر لَالیْ وَہ دَند دَہن(۲) دُرعالی، وَہ چالی خُوب نِرالی،
وَہ مَن ہو یا مَستانْ تیرا اَحسان دُوبارا درشن کا وَہوا۔

۴- وَہ تیرا نَقش نِگاراْ وہ تیرا حُسن نظارا، وَہ تیرا تخَیُّل(۳) سَارا،
وَہ عاشق کا دَم دِھیان، سخن گُن گِیان، سنوارا ہَر فن کا وَہوا ۔

۵- وَہ پیرِ مُغاں حق ہادیْ وَہ عشق وَالی امدادیْ وَہ من عَرف مَنادی(۴)،
وَہ بھید اعجازاْ بَیانْ شَاہی فَرمانْ نقارا وَحن(۵) کا وَہوا۔

(۱) زرافشانی: زرات سے جڑا ہوا، چمکدار، ہیروں سے جڑا ہوا
(۲) دہن: مونہ:منہ (۳) تخیل: خیال
(۴) منادی: اعلان (۵) وحن: نزد، قریب

وَحدت کا جام پی کر دیکھو نظارا حق کا
آدم کو اللہ جانو شملا اتارو شک کا

۱- اے قاضیا خلیفا اے ناصحا حریفا
سب سے سچا صحیفا[1] ہے صوفی کے سبق کا

۲- مئیخوار کی بات مانو جھوٹا اسے نہ جانو
اپنی صورت پہچانو فتنا چھوڑو فرق کا

۳- کہتے ہو جس کو خاکی وہ سارا ہے نور ساقی
کرتے ہو کیوں قُزاقی[2] خانہ خراب خلق کا

۴- اعجاز دھیان دھرنا سچ کہنے سے نہ ڈرنا
پھر دم کُلاجی بھرنا دیا بجھا کے دَرک[3] کا

وہ شاہِ خوباں ساقی، جسکو بھی مئے پلائے،
النّفس[4] آفاق کے صد، اسرار وہ ہی پائے۔

۱- کُھل جائے گی حقیقت، اس پر ربوبیت کی،
پیمانہ جس کو دیکر، مستان وہ بنائے۔

۲- منصور کو ملا جب، وہ جام وہی ساقی،
سرمست بن کے تب تو، سولی کے سمت آئے۔

۳- قبضے میں ہیں انہیں کے، قونین کے میخانے،
مئے خار کوئی پینے، چاہے جہاں بھی جائے۔

۴- پیرِ مغان ہمارا، اعجاز کی نظر سے۔
تحریرِ لوح مٹائے، تقدیر کو سجائے۔

---

(۱) صحیفا: اللہ کی طرف سے بھیجا ہوا (کتاب)   (۲) قزاقی: رہزنی لٹیرا
(۳) درک: عقل   (۴) النفس: نفس میں

ساغر میں تیرے ساقی دل کا سکون دیکھا
لا خوف آج خود کو لا یحزنون(۱) دیکھا

۱- حیران رہ گیا میں یہ نظارا کرتے کرتے
رخ جامِ(۲) جم میں تیرا جب گونا(۳) گون دیکھا

۲- تونے پلایا جن کو دَستِ حنا سے ہنس کر
اوروں سے اور ان کا دشتِ(۴) جنون دیکھا

۳- ہنرِ مسیح میں تھا مُردوں کو جان دینا
پر جاں کو جان دینا تیرا فنون دیکھا

۴- من عرف کا اشارا برحق ہے ساقی تیرا
ربِ جلیل کا گھر دل کے درون دیکھا

۵- جس کو ملا نہ تیرے اک قطرہ میکدہ سے
اعجاز نے تو اس کو زیر و زبون دیکھا

(۱) لایحزنون: ان کو کوئی غم یا فکر نہیں ہے
(۲) جام جم: جم یہ فارس ملک کا بادشاہ تھا اس نے ایک پیالہ بنوایا تھا جس میں سات لکیریں تھیں اس سے غیب معلوم کرتا تھا اس کو "جام جم" کہتے ہیں۔
(۳) گونا گون: رنگ برنگی (۴) دشت: میدان، صحرا

مئے ناب ناب[1] پی کر مستی میں آ گیا ہوں
دونوں جہاں کا درشن اس دل میں پا گیا ہوں

۱- عرشِ بریں سے آگے میرا ہے آشیانہ
دنیا نہ جانے لیکن میں سچ بتا گیا ہوں

۲- آنکھیں ملا کے ساقی جم جام جو پلایا
بارانِ عشق بن کر ہر من پہ چھا گیا ہوں

۳- عُشاق ہوں میں جن کا عُشاق ہیں وہ میرے
وہ مجھ کو پاگئے ہیں میں ان کو پا گیا ہوں

۴- دل آنکھ کھول دیکھو اعجاز ہوں علی کا
ہر رمز رنگ ڈھنگ میں سکا جما گیا ہوں

تاب تپش کوہ طور تجلیئے
ظاہر ظہور کلور کجلیئے

(۱) چاند بدر سے موہنی مکھ کا
جلوا شعلا جوت جلیئے

(۲) خوب خرام گرام خوباں کا
باغِ ارم کے پھول نجلیئے[2]

(۳) کار قتل کج دھار کٹارا
عین عجب مخمور اجلیئے[3]

(۴) ارنی ترانی شاہ اعجاز
میم مغان کی خوب ونجھلیئے[4]

---

(۱) ناب ناب: خالص، پاک (۲) نجلیئے: شرمندہ ہونا (۳) اجلیئے: موت (۴) ونجھلیئے: مرلی، بانسری

تلهہ: هم گروگرنات - نانک نام همارا رے،
نانک نام همارا رے - هر گهٹ گام همارا رے.

١- كان كَنيا كرسن مين- سيتل سيتا لچمن مين،
كرونہ ميري كات- اكتا[1] كام همارا رے.

٢- كا شي تيرت تَكيا ميرا- گنگا جَمنا كُٹيا[2] ميرا،
ساكي پتي سومنات ميل مدام همارا رے.

٣- سنو سناؤں شبد نرالے- اصل اتاهي[3] انحد والے
ساز آواز كي سات- پاك پيام همارا رے.

٤- آدم حوىٰ كي صورت هون- ميم عين كي مورت هون،
عرب عجم عرفات- ذوم ذمام همارا رے.

٥- آپ ہر آپ سمايا هون- اولي اعجاز كي آيا هون،
سب كو باندون هات- سب كو سلام همارا رے.

(١) اكتا: بي حساب
(٢) كٹيا: جهوپڑي رهنے كي جگہ
(٣) اتاهي: بهت زياده

اروپ نگر کے پنچھی تم کیوں؛ روپ نگر میں آیا رے،
کس کس خواہش کارن تونے؛ کایا کو اپنایا رے۔

۱- پنچھی نکلا بہت پگلا؛ پاپی پنجرا بسایا رے،
پھنسنے والا نہیں تھا اس میں؛ عشق کے دام پھسایا رے۔

۲- تیں حصوں میں جیون تیرا؛ کہاں کہاں وہ گنوایا رے،
جیون جیسی غنیمت کو؛ کیا کیا تونے بھایا رے۔

۳- کایا کے اس قید قفس میں، سوسو برس کمایا رے،
کیا کچھ کھویا کیا کچھ پایا؛ کیا کچھ بھید پرایا رے۔

۴- کہاں لڑائے نین کہاں تم؛ عشق کا کھیل کھلایا رے،
کون پریتم تیرا رے؛ اور کس نے پریم سکھایا رے۔

۵- روپ سروپ تمہارا رنگی؛ سب گھٹ تو ہی سمایا رے،
اعجاز کے روپ میں آکر کاہے اپنا آپ چھپایا رے۔

کاہے کو پھیروں تسبیح مالہا — من کا منکا پھرنے لگا

۱- جب پریم نگر کا واسی ہوں — تب بے حد میں دم بھرنے لگا

۲- سب کو مائی باپ سمجھ کر — پیار سبھوں سے کرنے لگا

۳- پوجا پاٹھ نہ دوجی کروں میں — اوم(۱) الکھ دل دھرنے(۲) لگا

۴- واہ گرو ہر نام گرو — قدم قدم پہ کرنے لگا

۵- اعجازؔ علی کا چیلا ہوں — اور کسی سے نہ ڈرنے لگا

ستگر ایسا بھید بتایا، — مرنا جینا یاد نہیں۔

۱- ہنسنا رونا جاگنا سونا، — کھانا پینا یاد نہیں۔

۲- پڑھنا پڑھانا لڑنا لڑانا، — کرودھ کینا یاد نہیں۔

۳- مرشد ٹکانہ دیر کلیسا، — مکہ مدینہ یاد نہیں۔

۴- اعجازؔ علیؑ کے بیڑے چڑھیا، — نوح سفینہ یاد نہیں۔

(۱) اوم: اللہ تعالیٰ (۲) دھرنے: قائم کرنا

مورا یار لے گیا من مورا
میں حیران پھروں حیرت میں

۱-آؤ ری سکھیاں ڈھونڈھیں اس کو
عرض مانو یہ مورا

۲-دل مورا ہوا پاگل ایسے
جیسے پاگل بھونرا

۳-ایک جھلک دکھلا کے وہ
چھپ گیا رے شہہ زورا

۴-یار ہمارا شاہ اعجازا
نور نبار(۱) نسورا

سانچ کہورے سانچ کہو　　سادھو(۲) بنو تو سانچ(۳) کہو

۱- ذرا سی ٹھوکر پر جو ٹوٹے　　کچا اسی کو کانچ(۴) کہو

۲- کوئی بھی اپنے عشق کے اوپر　　آنے نہ دو گے آنچ(۵) کہو

۳- رنگ ربوبی والا راسخ(۶)　　سانچ اسی میں رانچ(۷) کہو

۴- عشق نہ پیرو رہبر جس کا　　آدمی وہ کھر کھانچ(۸) کہو

۵- اعجاز کا کہنا مانو تم　　جھوٹے کو جھوٹا نانچ کہو

---

(۱) نبار: پاک، خالص (۲) سادھو: نیک، پرہیزگار (۳) سانچ: سچ
(۴) کانچ: شیشہ (۵) آنچ: تپش، تاب (۶) راسخ: رنگا ہوا، قائم، مضبوط
(۷) رانچ: سمایا ہوا (۸) کھانچ: ادرنگا، بیکار

آنکھ سے آنکھ ملا مورے بالمؑ دل پیاسا ہے تیرے درشن کا

۱- آؤ کھیلیں اب آنکھ مچولی، پلکیں نہ نیچے جھکا
۲- اپنوں سے یوں شرمانا، نہیں تجھ کو روا
۳- خوف نہ کھا میرے مَرنے کا، خُوب سے تیر چلا
۴- ایسے نہ چھوڑوں دامن تیرا، وعدا اپنا نبھا
۵- ناتا اعجازؔ سے جوڑ پریتمؑ ساتھ رہ کے سدا

جب عشق میرے گھٹ آتا ہے شدا بہت شور مچاتا ہے

۱- گھٹ میں بیٹھ کے گونگھٹ کھولے باری باری انا بولے
مستی خودی میں جھومے ڈولے تھاں تھاں کر کے نچاتا ہے

۲- عشق نہ کوئی اور کام کرے شام و صبح بدنام کرے
نیند آرام حرام کرے ہوش حواس اڑاتا ہے

۳- بے شرم بیانہ عشق ایمان سے ہے انجانہ عشق
ہر دو جہاں سے بیگانہ عشق دین دھرم بھلاتا ہے

۴- کبھی کہے میخانے چلو کبھی کہے بتخانے چلو
کبھی کہے ہرخانے چلو ہرخانے مکھ اپنا دکھاتا ہے

۵- عشق میرا پرستار حسن کا روز ازل سے یار حسن کا
مانگے چاہے پیار حسن کا حسن اسے تڑپاتا ہے

۶- اتنا سارا جہاں پڑا ہے عشق گلے میرے آن پڑا ہے
مہنگا اعجازا جان پڑا ہے دیکھو کتنا ستاتا ہے

سائين محي الدين شاهه
عرف اعجاز جي وڏي فرزند جا ڪلام

نالو: امان الله شاهه راشدي

تخلص: بيخود، غازي، امان علي

ٿلهه: محفل محبوب جي آ شوق شراب ٿيندو،
جلندا جگر ۾ جانيون روشن مهتاب ٿيندو.

١- وه موسم مند مستي آ، هر نظر ۾ ڪا هستي آ،
رخسار گل گلابي، ڪومل ڪنول هي لبڙا،
اکيون عجب سان اڙيون ڇا جو حجاب ٿيندو.

٢- پيمانه ٽڪرجي ويا، لب جام سان ٽڪرايو،
خاموش نگاهون تڙپيون، مدهوش مسڪراهٽ تي،
محبن چيو اچ مرڪي، توسان حساب ٿيندو.

٣- مخمور آ ساقي اچ، مجبور آ عاشق اچ،
سامهون تي سهڻل ويٺو اچ، ڪو ڪلام چوندو،
خادم ٿيا سون تنهنجا، حاصل ثواب ٿيندو.

٤- بيخوديءَ جي عالم ۾، بيخود ڏٺو خدا کي،
ظاهر ۾ هو صنم آ، اصل ۾ ته آهي خدا،
ناصح جي نصاب ۾، هي منطق خراب ٿيندو.

ٿلهه: ملڻ ۾ جلڻ ۾ کنبڻ نا نهي ٿو،
جفا ۾ جدا ۾ رهڻ نا نهي ٿو.

١- چپن جي چمڻ سان چاهت وڌي ٿي،
لبن لئابن سان لنئه لنئه رچي ٿي،
پکن جي پيئڻ ۾ رکڻ نا نهي ٿو.

٢- اکين جي اشارن کئي دل ديواني،
ڏسڻ سان اچانک وڌي آ حيراني،
وجهي گهور گهائي وڃڻ نا نهي ٿو.

٣- ويجهو ٿي وهڻ سان محبت وڌي ٿي،
دلي راز رنگ سان ته فرحت ملي ٿي،
گهڙي عشق آڙهه هٽڻ نا نهي ٿو.

٤- کري پيار ڏس تون امانؔ عليءَ سان،
رکي رمز روحي دل جي لڳيءَ سان،
رڳو دور دلبر سکڻ نا نهي ٿو.

ٿلهه: ياد آهين تون صنم تنهنجو قسم،
تو سواءِ تو لئه رنم تنهنجو قسم.

١- ياد تنهنجيءَ ۾ وئي جند جان سڙي،
سختيون تو لاءِ ستم تنهنجو قسم.

٢- راضپو تنهنجو کپي پيو چا کپي،
آرزو بس هيءَ اتم تنهنجو قسم.

٣- تنهنجي لاءِ اي دلارا دلربا،
سؤ ستم سر تي کنيم تنهنجو قسم.

٤- تات تنهنجيءَ ۾ آهي غازيؔ عدم،
ويو وڌي دل جو زخم تنهنجو قسم.

ٿلهہ: رات تنهنجي ياد ۾ تنهنجو فسانو ياد هو،
دير سان تنهنجي اچڻ وارو بهانو ياد هو.

١- ڪاريون هي راتيون سپ ڪٽيم تو يار لاءِ،
روز راهن ۾ تڪڻ وارو بهانو ياد هو.

٢- آر انگڙايون دوست سي وسرن نٿيون،
ناز نخري سان هلڻ وارو چلانو ياد هو.

٣- حال تنهنجي ۾ ڏنم بيحد لقا آباد هو،
ڳاڙهن ڳلڙن تي سوتر جو نشانو ياد هو.

٤- دل تہ ڦاسائي وئين تون يار هڪ ئي وَار ۾،
اڄ بہ بيخود کي سو ٺهڪن جو ترانو ياد هو.

ٿلهہ: منا منهنجا سوا تنهنجي حياتي هيءَ اجائي آ.
سنم تو لاءِ سوين صدمہ ڪئي قسمت جدائي آ.

١- خفا تي ويو زمانو آ فنا ٿي ويو فسانو آ،
رڳو تنهنجي خيالن ۾ ڏکن سان دل لڳائي آ.

٢- نٿي اُسري ادا تنهنجي، نٿي وسري وفا تنهنجي،
ويو بنجي ڏچو مون لاءِ اها کهڙي خدائي آ.

٣- خطا کهڙي پلا مون ڪئي، نہ اهڙي ڪا خبر مون پئي،
پلا جي بي خبر بنيس، سزا مون ڇو ڪمائي آ.

٤- زخم بنجي پيا دل ۾، بنا دلبر جيئڻ کهڙو،
ڪري ڪيئن صبر غازي، واڪن دل هي وڏائي آ.

ٿلھ: ڏنو توبہ مونکي جواب آ- ٿي زندگي مون لاءِ عذاب آ.

١- تون ٻڌين ڪٿي نہ ٻڌين- تون ڪڇين ڪٿي نہ ڪڇين،
منھنجو توسان ئي خطاب آ.

٢- منھنجو توسان اھڙو پيار آ- ساري عمر جو اعتبار آ،
تنھنجي اکين ۾ مون لاءِ شراب آ.

٣- آئين اڱڻ تي عجيب تون- ڪولي وئين ڪئين نصيب تون،
اڃان بہ توکي مون کان حجاب آ.

٤- غازي ڪي آھي اھو غم- ھاڻ ڪري پيو کھڙو ڪم،
ايندو تري اکين ۾ آب آ.

ٿلھ: درد ڏئي جو دل ڦري ٿو ڪير آ- خار ڏئي جو گل گھري ٿو ڪير آ.

١- وصال فڪر ۾ ڪيئن ٿئي پلا منھنجو گذر- جو ساھ سان گڏجي سُري ٿو ڪير آ.

٢- صورت سندس پسڻ لاءِ ٿيس دربدر- سو جانِ من جيءَ ۾ جھري ٿو ڪير آ.

٣- ڇا مسجد ڇا مندر ڇا مڪتبِ فڪر- ھَر ھَنڌ تي حاضر ھُري ٿو ڪير آ.

٤- بزم بيخود جو سٽي ڪو سوال- چو طرف چوڌار چري ٿو ڪير آ.

باب پنجون

بيت

وحدانيت هم اوستي حال

(١) اسم جن الله، اوريو ويهي اول ۾،
سڀ سٽائي تنهنجي ڪري، والي سو الله،
پالڻهار جهانن جو، هو ٻاري بيپرواهه،
ناقص ڪامل تنهنجي نظر ۾ راهي ۽ بيراهه،
تصرف هر تدبير تي، تنهن واحد سندو واهه،
رزق به تيئن تو ڏي وني، جيئن ڏي وني تو ساهه،
انسانن تي اعجاز چئي، تنهنجو توهه آتاهه،
تڏهن واجب آهه، ساراهه تنهن سبحان جي.

(٢) ساراهه تنهن سبحان ڪي، جنهنجو هي سڀ فام،
ٻاري بِن بنايو، چئي قادر ڪُن ڪلام،
لَوْلَاكَ لَمَّا خَلَقْتُ الْاَفْلَاكَ، سيد لاءِ سرانجام،
هر دوجهان اعجاز چئي، آگي ڪيس انعام،
سو تارن ساڻ نمام، چٽو چوڏهين چنڊ جيان.

(٣) وجي ويڙهي وَحدهٗ جي، نمي تي نزديڪ،
ڪلمون چئي ڪريم تي، چئو لاحد لاشريڪ،
تون سين جو تحريڪ، تنهنجو تحريڪ ناهه ڪو.

(٤) وجي ويڙهي وَحدهٗ جي، تي سلميت سان ساجد،
ميچ محمد ﷺ مير ڪي، مَجيد ۽ ماجد،
وهاب ۽ واجد، ساڳيو اتئي سو ڏٺي.

(٥) وچي ويڙهي وَحدهٗ جي، چتو چتئون چئہ،
تون احد احمد تون، لات اهائي لئہ،
پيش پرين جي پئہ، عاشق تي اعجاز چئي.

(٦) وچي ويڙهي وَحدهٗ جي، سينو ساهہ سَٽ،
هنئون هيٺ لهي کري، کينو ڪروڌ ڪَٽ،
انِي آنا آن آن جي، وائي پرين وٽ،
تون ٿي گهٽ ۾ گهٽ، تہ لڳئي رنگ راشدي چوي.

(٧) وچي ويڙهي وَحدهٗ جي، احدي ڪلمون پڙ،
لا الٰہ الا الله محمد چئي، چُپ چپاتي ڪر،
ڏڙئون ڏار ڌر، اُتي سر اعجاز چئي.

(٨) وچي ويڙهي وحده جي، ڏنم ڪونہ ٻيو،
الله ئي الله، اعجاز چئي تنهن ري ڪونہ ٻيو،
وهم گمان ويو، نفي ۽ اثبات سان.

(٩) ويتا اتم وَٽ ۾، ووڙيان ڪِٿ وچي،
وَنَحنُ اَقرَب امر ڪي، سگهندس ڪين پچي،
ويو مَن مَچي، تہ هو آهن هر جاءِ اعجاز چئي.

(١٠) پري ٻہ ٿيان نہ پرينءَ کان، ويجهو ٻہ ڪين وَڃان،
ڏِسانس نہ سَگهين اک سان، اُلٽي ساڻ سَجان،
ٻَرِ ۾ سِکان پوڇيان، ظاهر ذرو نہ مَجان،
اظهاري جي اعجاز چئي، دَعويٰ پيري پڃان،
جي وَس پُڇيم تہ اچان، پَليان پَاڻ پين کي.

(١١) پَري بہ ٿيان نہ پرينء ڳان، ويجهو وَڃن نہ ڀانيان،
آهيان انهي خيال جو، تہ سِڪ نہ لڪايان،
نِينهن ڙو نِيايان، بِنا آنت اَعجاز چئي.

(١٢) پَري بہ ٿيان نہ پرينء ڪان، ويجهو بہ وَڃان نہ مُون،
بيهان ٿي بِرهہ ۾، آهڙو اکين پُون،
جو سڄڻ بہ سَمجهي مَس ڪي، مُنهنجو سِڪڻ سُون،
مُرڪان ٻَهڪان مُنهن ۾، چِت ۾ رَهان چُون،
ظاهر هوش ضرور، گهايل هُجان گهٽ ۾.

(١٣) اول آخر هُو، مالڪ آهہ مِڙن جو،
وحدت واري واٽ سان، بندا ٿي وَهُو،
اٿئي جيسين اَعجاز چئي، جسم جان لَهُو،
تہ ويل نہ وسار هڪڙي، تون واسع وحده،
ٿي سالمؔ سَهُو، حق ۾ هڪ الله جي.

(١٤) حق ۾ هڪ الله جي، جائي ٻي سڀ جوڙ،
تنهن جي هيڪڙائي ۾، اوڙ نہ ٻي ڪا اوڙ،
لَهو واري وَهندڙي جيان، ڪر وحده ڏي ڊوڙ،
سونهين ڪانہ صَراط ۾، ڏکيلائي ڏَوڙ،
تون ڪر تيڏهن موڙ، آهي موڙ محمد ﷺ جنهن جي.

(١٥) موڙ محمد ﷺ جنهن جي، محمد ﷺ جو سو سِر،
لا الٰہ ۾ لڪو وَهي، الا الله جو ڄَر،
محمد ﷺ رسول چئي، هيڪڙائي تي هِرُ،
ڪونهي تفاوت تِرُ، عبد ۽ معبود ۾.

(۱۶) سوئي بَصير پاڻ تون، سوئي سر سَميع،
سوئي عين تَعين آ، سوئي عين وَسيع،
سوئي قانع قنيع آ، سوئي صانع صنيع،
سوئي محيّ مميت آ، سوئي متعالي مطيع،
سوئي جامع جميع، سوئي جوڙ جهان سان.

(۱۷) سوئي جوڙ جهان سان، سوئي سو ڳاءِ،
رکي طلب توحيدي، تنڌُهَڻ تنهين لاءِ،
توڪل توشو تون ڪر، مَڃي مڃ مَڃاءِ،
اِلا الله جي اقرار سان، ويڇا سڀ وڃاءِ،
جيءَ ۾ هڪ جي جاءِ، گهٽي گهورو ڪيم ٿي.

(۱۸) گهٽڻ گهورو ڪيم ٿيءَ، گهٽڻ گهورو هَول،
ڏُکي واري دائري ۾، اهو فعل قول،
آهين جنهن الله جو، تون تنهين ڪي ڳول،
انهيءَ لاءِ اَعجاز چئي، ڏس ٻُڌءِ ٻول،
ڪن اکيون دل ڪول، ته ماٺي ڪو مشاهدو.

(۱۹) جي ماٺي ڪو مشاهدو، ته ٻپائي ڪڍ ٻاهر،
بحث بازي بند ڪري، هينئُون ڪر حاضر،
باطن ءِ ظاهر، پوءِ ايندءِ هڪ نظر ۾.

(۲۰) جي ماٺين ڪو مشاهدو، ته ٻيائي ڏي ٻَن،
سڏُون سڀ نفس جون، پيري هڻ تون پَن،
هير هيڪڙائيءَ جي، وجھه هينئين ۾ اکين،
مَڍيءَ ڪان موشو ڪري، چڱي رکج مَن،
ته ظاهر ۽ باطن، پوءِ ايندءِ هڪ نظر ۾.

(٢١) انــدر بـاهـرِ هكــڙو، بـيــائــي بـولــي وَئــي،
جانـــــي جيء اكـــين ۾، جُڙي جاءِ ڪَئـــــي،
ڏسڻ پسڻ پرينء جي مـان، پڪي سُڌ پئـي،
چوان چا چئـــي، چتـــو چوڻ نــا تــئــي.

(٢٢) انــدر بـاهــر هــكــبـڙو، جانـــب جلـوي دار،
عـاشـقـن اَعجاز چئـــي، ڏٺـــو نت نـــروار،
ڪري انا الحق اقرار، تن سوريء سر سنباهيا.

(٢٣) انـــدر بـاهــر هــكـــڙو، حـــاضـــر نـاظـر نُور،
هو ڏس جنهين جو ڏُور، سو ڏوري ڏٺئون ڏيل ۾.

(٢٤) انــدر بـاهــر آهــ هُو، بـيــائـي بـولــي وَئــي،
عَاشــقــن اَعجاز چئـــي، پـــڪـــي سُڌ پَئـــي،
انـا الحق چئـي، تـن ســوريء ســر سنبـاهـيـا.

(٢٥) پـن پـن مــنـجـهــ پـريـن، تــن مــن ۾ ســو نُور،
پـلـپـل پـسـڻِ تـنـهـجو، پـلـپـل تـنـهـنجو پُور،
هنڌ هنڌ حُسن حبيب جو، هَنڌ هَنڌ ظهور حضور،
دلــبـــر نــاهــي دُور، دائــمِ ڪن ديـدن كــان.

(٢٦) پـن پـن مـنجهـ پرين، هـنـڌ هـنـڌ هـوت حـضـور،
ڏنـــڌ يــارن دُور، پــاڻــان چاتــو پـــريـن كــي.

(٢٧) پن پن منجھہ پرين، هنڌ هنڌ ياقي يار،
سڀ جاءِ جانب جلوو، سڀ جاءِ جانب جنسار،
هر رنگ ۾ هر هر وسي، هر رنگ وَسٽهار،
عشق پَسايو اَعجاز چئي، نظارو نروار،
دنبر جو ديدار، دمدم آهي دائمي.

(٢٨) وحدت جي واڪاڻ ۾، تَڪڻ طمع ڇڏ،
سُر گُر سان گڏ، ڪري ڪينر ڪلهي ۾.

(٢٩) وحدت جي واڪاڻ ۾، وجهہ مَرِوتي وار،
گڏ سدائين گهار، سُر گُر سان سمجهہ تون.

(٣٠) وَحدت جي وَاڪاڻ ۾ توڙ، تڪبر ترڪ،
ايءُ محبتين مَرڪ، اصل آهہ اَعجاز چئي.

(٣١) وَحدت جي وَاڪاڻ ۾، اوڳو تي مَ اُجهہ،
ڪر سَوايو ڪُجهہ، سيني منجهان سُر ڪي.

(٣٢) وَحدت جي وَاڪاڻ ۾ ڪيو جنين پاڻ،
سچڻ تنين ساڻ، هَڏ نہ هيڪاندو تئي.

(٣٣) وَحدت جي وَاڪاڻ ۾ ڪيو جنين ڪينو،
صاف تنين سينو، اصل نہ هوندو اَعجاز چئي.

(٣٤) وَحدت جي وَاڪاڻ ۾، وڌ ڦُڙي جيئن وَس،
تهان پوءِ تسڪين سان، لاهہ قلب جي ڪس،
گُروءَ سَندو گس، اِهو اتئي اَعجاز چئي.

(٣٥) جيڏهن ڪيڏهن تون، جاني آهين جڳ ۾،
وَهُوَ اللّٰهُ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ، پئي معلوميت مون،
سڀ ۾ تنهنجون سپرين، سهسين ٿيون صفتون،
آئون نہ چوان ڏون، آهين تون اَعجاز چئي.

(٣٦) ٿيڏ چڏين جي ٿيڏي، تہ هيءَ هُو اتئي هيڪ،
الانسان سِري وآنا سِرهٗ، نرت نظر ڪر نيڪ،
آهي اهوئي ايڪ، اَحديت ۾ اَعجاز چئي.

(٣٧) احديت ۾ اَعجاز چئي، هر جاءِ چاڻج حق،
رندي ريت رسم جو، ساري سڪ سبق،
اندر مان احمق، تڙي ڪڍ تحليل[1] سان.

(٣٨) تڙي ڪڍ تحليل سان، آذر عزازيل،
تہ نيٽن ڪان نيڙو پَسين، جت ڪٿ رب جليل،
قلب منجهہ قنديل، ڪر روشن ربوبيت جو.

(٣٩) حقيقت ۾ هيڪ ٿيو، مرشد ۽ مريد،
معنيٰ آهہ مزيد، التي هن اسرار جي.

(٤٠) ڪر روشن ربوبيت جو، ڏيئو راتو ڏينهن،
هٿج نعرو حق جو، نرتئون منجهان نينهن،
گڏڙ ۽ شينهن، حقيقت ۾ هيڪ ٿيا.

(٤١) حقيقت ۾ هيڪ ٿيو صياد[2] ۽ صيد[3]،
بي رنگ جي بازي جو، باطن آهي پيد[4]،
وَرُنہ لهي ويد[5]، التي هن اسرار جو.

(١) تَحليل: جذب ڪري، نفي ڪري (٢) صياد: شڪاري (٣) صيد: شِڪار
(٤) پيد: رازَ (٥) ويد: ڄاڻو، عالم

(٤٢) حقيقت ۾ هيڪ تيو، محيِ[1] ۽ مُميت[2]،
عَلیٰ کُلِّ شَیۡءٍ[3] مُّحِیۡطٌ، هادي آهي حق جو.

(٤٣) حقيقت ۾ هيڪ تيو، آدم ۽ الله،
آنا احمد بلا ميمي، آهي پاڻ گواهه،
وِيچو وِتي ناهه، پورا پُلج ڪيم ڪي.

(٤٤) قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ، اَللّٰهُ الصَّمَدُ سوئي،
لَمۡ یَلِدۡ وَلَمۡ یُوۡلَدۡ، ڪونهي تنهن ري ڪوئي،
وَلَمۡ یَکُنۡ لَّهٗ کُفُوًا اَحَدٌ، هادي هر دوئي،
دليئون دل جوئي، انهي ڪئي اَعجاز چئي.

(٤٥) جڏهن تڏهن اسين، ڪو سمجهي جيڪڏهن،
جڏهن ڪم نه هو ڪُن جو، ته به هئاسون تڏهن،
ته به هونداسين اسين، جڳ نه هوندو جڏهن،
الحقيقت اَعجاز چئي، ٻڌايون چا ٻڌهن،
هجڻ اسانجو هڏهن، ڪونهي جدا ڪنهن وقت ڪان.

(٤٦) ڪيوسون بيڪ بشر جو، تي سيلاني سَير،
ڪونهي ٻيو ڪير، آسان رِيءِ اَعجاز چئي.

(٤٧) آسان رِيءِ اَعجاز چئي، نَاهي هَڏهن هُو،
اسين به سُو بَسُو، هُن ري نه آهيون هَڏهين.

(٤٨) هُو سان تياسون هُو وچي، هي هُو چاڻج هڪ،
ڪنهن ڳالهه ڪري لڪ، ڪيوسون بيڪ بشر جو.

(١) محي: جيارينڌڙ (٢) مُميت: مارينڌڙ (٣) مُحيط: قبضي ۾، گهيري ۾

(١) همہ اوستي حال کي، کو کو پوھٽ کري،
انهي موج مَحوبيت جو، آهي پنڌ پري،
ريء اثباتي عشق جي، قدم کونہ پري،
جو اول سر آعجاز چئي، ڏڙان ڏار ڏري،
مٿي تنهن يري، لاشڪ حال همہ جو.

(٢) همہ اوستي حال کي، حاصل حق حضور،
آهہ اتاهين شرطًا، ذاتي جو ظهور،
منجهان منجهہ پيدا ٿئي، تاب تجلو طور،
ائين اتئي آعجاز چئي، مچ اهو مذڪور،
آنورٌ علي نور، لاشڪ حال همہ جو.

(٣) همہ اوستي حال کي، کو هاتڪ وجهي هٿ،
وڏي آهي وَٿ، لاشڪ حال همہ جو.

(٤) همہ اوستي حال ۾، هستي نہ حيواني،
شرڪ نکي شڪ کو، نکا شورش شيطاني،
هتي هر جاء حق ٿيو، عين العياني،
اثباتي آعجاز چئي، بر سر باراني،
مخزن گنج معاني، لاشڪ حال همہ جو.

(٥) همہ اوستي حال ۾، جن وڃايو وجود،
اُوچ نيچ جو آعجاز چئي، تن فرق ڇاتو فرسود،
جي اياز جي محمود چئوجي ساجد جي مسجود،
مڙئي آ معبود، پڳي اوٽ عبديت جي.

(٦) همہ اوستي حال ۾، مَستي مَنصوري،
چوڻ اَنَا الحَق جو، آهي ضروري،
محو يا نئج محويت ۾، وصل ۽ دُوري،
سوريءَ ري پوري، بات نہ بقا جي بنجي.

(٧) همہ اوستي حال جي، شاهد مستي منصوريؒ
آهي انهيءَ سِر اعجازؔ چئي کوس قتل سوري،
پئي سون سڌ پوري، حالت مان حلاج جي.

(٨) همہ اوستي حال ۾، چيو حلاجي حق،
کري دوئي کي شِق،[1] لنگهي لک لاجو ويو.

(٩) لنگهي لک لاجو ويو، نسنگ حلاجي نعرو،
غوغاء تنهن غازي جو، هل حقيقت وارو،
عرشن کان اڳتي کيو، نيهي نظارو،
منصب موچارو، متو شاهہ منصور جو.

(١٠) لاجو لک لنگهي ويو، عاشق اويارو،
نيهي ۽ نيارو، نعرو شاهہ منصور جو.

(١١) نعرو شاهہ منصور جو، آزارن اوتار،
پهريائين سروار، پوءِ پس تماشو تنهنجو.

(١٢) نعرو شاهہ منصور جو، سالکن سبق،
جو پورو رهي پڙ تي کاٽي سر حلق،
تنهن کي چوڏهن طبق، آجيان کن اعجازؔ چئي.

(١) شِق: ختم کرڻ، ٽُکرا کرڻ

(١٣) نعرو شاهہ منصور جو، هو بهو حُسيني
درشن عينا عيني، احديت ساڻ اعجاز چئي.

(١٤) نعرو شاهہ منصور جو، ناهي لکيو لوڪ،
جن جي منجهس جهوڪ، عيان ٿيو انهن تي.

(١٥) عيان ٿيو انهن تي، عجب راز انائي،
ساري حالت حلاج جي آهي استغنائي،
وحداني وائي، مرڪ منصورن جو.

(١٦) مرڪ منصورن جو، دار مٿي ديدار،
انا وارو آر، واجب آهي ان جو.

(١٧) واجب آهي ان کي، چوڻ آنّا آنّا،
ويا جي فنا في الله تي، پڙهي پريمي پنا،
تني جي مَنان، پيو اکر اُڃهي کينکي.

(١٨) لاشڪ حال همہ ۾، اثباتي عروج،
بقائي بُروج،[1] ٿيو امر ۾ آعجاز چئي.

(١٩) لاشڪ حال همہ ۾، گم اسين آهيون
ڪيئن ڪعبي ڏي ڪاهيون، ڪئي ڪعبي ڪاهہ اسان.

(٢٠) لاشڪ حال همہ ۾، آهيون گم اسين،
ڏسڻ جي ڏسين، تہ عبديت ناهہ آعجاز چئي.

(١) بُروج: ڪائنات جو دائرو

(٢١) الله الله ڪن جي، سي اجان اورئين پار،
آهي ملڪ اپار، اسان جو اعجاز چئي.

(٢٢) الله الله ڪن جي، سي اجان اوراهون،
اسين آڳاهون، هُوسان تياسون هو وڃي.

(٢٣) هُوسان تياسون هُو وڃي، هي هُو چاٽج هڪ،
ڪنهن ڳالهه ڪري لِڪ، ڪيوسون بيڪ بشر جو.

(٢٤) ڪيوسون بيڪ بشر ۾، تي سيلاني سير،
ڪونهي ٻيو ڪير، اسان رِيءَ اعجاز چئي.

(٢٥) اسان رِيءَ اعجاز چئي، ناهي هڏهن هُو،
اسين ٻه سُو ٻَسُو، هُن ريءِ ناهيون هڏهين.

(١) حاضر حال وصال جي، سمجهه روح رهاڻ،
جاري آهه ميثاق کان، جيءَ جي جيءَ ساڻ،
مَا زَاغَ البَصَرَ سان، معنيٰ صورت ماڻ،
فَكَانَ قَابَ قَوسَين، جاءِ ملڻ جي چاڻ،
اتي سونهن سُرهاڻ، اثباتي اعجاز چئي.

(٢) حاضر حال وصال جي، ميثاقئون مقال،
اَلَستُ بِرَبِّكُم تي، وائي لاءِ وصال،
قَالُوا بَلىٰ قلبئون چئي، بندي هن بحال،
بيشڪ تي بحال، بازي بات برهه جي.

(٣) حاضر حال وصال جو، خوبان خوبي کيل،
نيڻن واري ناز سان، محبوباڻو ميل،
قتل ويل ڪُويل، سر سدائين سَٽ ۾.

(٤) حاضر حال وصال جا، آشنا عارف،
تنين جا تعارف، تن جي قول ڪلام ۾.

(٥) حاضر حال وصال جا، سِر عاشقن الهام،
عَلامُ الغُيُوب جا، پهچائن پيغام،
مخفي سندين مام، آهي عجائب اعجاز چئي.

(٦) حاضر حال وصال جا، متي عاشقن مچ،
سڙي پَچي سوز ۾، سچن چيا سچ،
ڪديا تنين ڪچ، ڪوڙن جي قلب مان.

(٧) حاضر حال وصال جا، عاشق آگاهي،
آهن نازل انهن تي، احوال الواحي،
جن جو الله اصلاحي، سي ڪاڻ نہ ڪين ڪنهنجي.

(٨) حاضر حال وصال جو، سِر عاشقن ڪُلاهُ[1]،
آمرو نَهي[2] جو اُن تي، ڪونهي گـوڙ گُناهہ،
سـڀ عِشق ۾ آعجاز چئي، تين معاف مُباح،
جن جو اصلاحي الله، سي ڪاڻ نہ ڪين ڪنهنجي.

(٩) حاضر حال وصال جا، عاشق پاڻ ڪتاب،
آمر و نَهي جو انهن تي، ڪونهي حق حساب،
سبق صُبوري تن جي، صورت سوال جواب،
الف لام ميمَ جو مَتن خود خطاب.
عشق جو آرڪاب[3]، آسپ[4] آعجازا ان ڪـي.

(١٠) حاضر حال وصال جا، سِر عاشقن آرا،
پاڻ چيرائي پانهنجو، بار ڪنيئون بارا،
تن نيهينِ جا نعرا، عالم ۾ اظهار ٿيا.

(١١) حاضر حال وصال سان، عاشق ٿيا آمَر،
آين هت آعجاز چئي، دمن وارو دُر،
سُر سان سَليئون سِر، ڪو سمجهي سِر انهن جو.

(١) ڪُلاهہ: تاج (٢) آمر و نَهي: چڱاين جا ڪم چئي برائين کان روڪيو
(٣) آرڪاب: رڪيب (٤) اسپ: گهوڙو

(١٢) ڪو سمجهي سِر انهن جو، آٿي سِر آڏي،
ڪَنڌ ڪَپائي قريب ٿئي، دمدم دل وڏي،
ڪنا مال مڏي، پالهو ڪري پاڻ کي.

(١٣) ڪو سمجهي سِر انهن جو، آڏيءَ سِرُ رکي،
ڪنڌ ڪپائي قريب ٿئي، بنجي لعل لکي،
ڳجهان ڳجهه پريم جي، ڏسي چاس چکي،
نہ تہ سمجهڻ ناه سُکي، اها رمز اَعجاز چئي.

(١٤) ڪو سمجهي سِر انهن جو، بي سِر و بيباڪ،
سالڪ الٽي سلوڪ جو، واچين الٽو واڪ،
اُلٽو اٿن ٿاڪ، اُلٽي گام اَعجاز چئي.

(١٥) اُلٽي گام اَعجاز چئي، اُلٽي رمز هٽن،
اُلٽي رمت انهن جي، اُلٽي ڪَمت ڪَهن،
اُلٽي ريت پريت سان، الٽي جهات وجهن،
الٽا دم جپن، الٽي چوٽ انهن جي.

(١٦) الٽي چوٽ انهن جي، الٽي چاٽي چاش،
الٽي راهہ تلاش، الٽو آهين آئيو.

(١٧) اُلٽو آهين آئيو، الٽو وري ويندين،
الٽ بنا اي اُلٽا، تانءَ نہ ڪٽ تيندين،
الٽو دم ڏيندين، اُلٽو ونندين اَعجاز چئي.

(١٨) الـتـوآئـين آعجاز چئي، اُلـت كـمـائـي ڏس،
الـتـو وچي وس، الـتـو پس پسـڻ كـي.

(١٩) الـتـو پس پسـڻ كـي، الـتـو پسـڻ آهـ،
الـت ريءِ اونـداهـ، اتـئـي الـتـي عـالـم ۾.

(٢٠) اچي الـتـي عـالـم ۾، الـتـان الـت الاءِ،
الـتـي مـام مـلاءِ، الـت سـمـاء انـدر ۾.

(٢١) الـت سـمـاء انـدر ۾، اُلـتـو چاڻ سُڄاڻ،
الـتـو هيءِ اهڃاڻ، سمجهـ صـوفـيءَ جي سِر جو.

(٢٢) سـمـجـهـ صـوفـيءَ جي سِر كي، سِر الاهي صـاف،
نـاهي لاف گـذاف[1]، صـوفـي سـمـايـو سـيـ ۾.

(٢٣) صوفـي سمايو سيـ ۾، صوفيءَ جي پس پريت،
كل شيءِ محيط، تـيـو تـوحـيـدي تـصـرف سـان.

(٢٤) صـوفـي سنمـايـو سـيـ ۾، پَس صُوفـي جي پـرت،
نـيـنـهـن بـنـا نـاهـيس پـي، سُرت نـكـا نِرت،
قـرب واري كِرت، اُتـاهـون كـيـس آعجاز چئـي.

(٢٥) صـوفـي سمايو سيـ ۾، پس صـوفـي جي حكـمـت،
پـاڻـهـي پـنـهـنـجـو پـاڻ تـيـو، قـلـم قـضـا قـسـمـت،
اعـلـيٰ اتـس عـظـمـت، عـجـب ذات صـفـات سـان.

لاف گذاف: كوڙ بكواس، اجايو ڳالهائڻ

(٢٦) صوفي سمايو سيپ ۾، پَسُ صوفيءَ جو پرياڻ[1]،
پسڻ پسي پاڻهنجو، پُورو لڌئين پاڻ،
متاهون اتس ماڻ، بَصيرت ۽ بينائي سان.

(٢٧) صوفي سمايو سيپ ۾، پَسُ صوفيءَ جو سُياءُ،
پاڻ ئي ڪعبو قبلو آ، پاڻ ئي قبلي نُماءُ،
پاڻ ئي آهه هُماءُ، پاڻ ئي پاڇو تنهنجو.

(٢٨) صوفي سمايو سيپ ۾، هي صوفيءَ جو تصرّف،
انا الحق حرف، پڙهي پڙهايئين عام کي.

(٢٩) صوفي سمايو سيپ ۾، صوفيءَ ۾ ڪونه سمايو،
ريءَ اسم ذاتيءَ جي، پيو نہ منجهس مايو،
صوفي سوايو، هر جاءِ هر ڪنهن کيل ۾.

(٣٠) صوفي سمايو سيپ ۾، بنجي سُور سُرور،
قدم ڏريئين قونين تي، دم انهي کان دور،
پرکي کو پهہ پور، صوفيءَ سندي سِر جو.

(٣١) صُوفي سمايو سيپ ۾، سُور سُرور جيئن،
انهيءَ ڪري اعجاز چئي، ڪو ڪيئن پائيس ڪو ڪيئن،
بي مثل سيئن، پَاڻ وَهيٽو پَاڻ ٿيو.

(٣٢) صوفي سيپ طرح ٿئي، صوفي طرح نہ ڪوءِ،
اُهڃاڻ اهوئي هوءِ، صوفيءَ سندي سِر جو.

(١) پرياڻ: ارادو، خيال، سوچ

(٣٣) صوفيءَ سندي سِر جو، بيحد آهہ بيان،
صوفي سر سبحان، اسم واري اوٽ ۾.

(٣٤) صوفيءَ سندي سِر کي، صوفي سڃاڻي،
آئون جو نہ آڻي، اڳيان ڪڏهن ان جي.

(٣٥) صوفيءَ سندي سِر جو، سمجھڻ سُر دقيق[1]،
صوفي بحر عميق، گمنامي گرداب[2] سان.

(٣٦) صوفيءَ واري سُنگ ۾، اهل اتڪل ناهہ،
رَوَش[3] رِندي آهہ، کُپر[4] واري ڪار سان،

(٣٧) صوفيءَ واري سُنگ ۾، اهو ڪين اچي،
جو رواجي رسمون، روحئون ڪين رچي،
هٿ پڇي پوءِ نچي، سو اچي پل اعجاز چئي.

(٣٨) صوفيءَ واري سُنگ ۾، جيڪو پاڻ پڇائي،
يارانو يَڪتائي سان، لائي نيائي،
سو پلي سڏائي، صوفي مر تصوف سان.

(٣٩) صوفيءَ واري سُنگ ۾، قائم هيءُ قانون،
لاَ مقصود في الدارين الا هو، ظاهر ڪي باطون،
مايا مال متاع جو، اوسيئڙو نہ اُون،
مُحبتي مضمون، فهم سيڪاري فَذڪُر جو.

(١) دقيق: ڏکيو، مشڪل (٢) گِرداب: ڪُن (٣) رَوش: طريقو
(۴) کُپر: رسمن جي خلاف، ابتڙ

(٤٠) صوفيءَ واري سُنگ ۾، لُنگ بَند بنجي آءُ،
تہ چڪين سوريءَ ساءُ، پسين مشاهدو پرينءَ جو.

(٤١) صوفي سوئي چئجي، جنهن جو پيءُ نہ ماءُ،
لَم يَلِد ولَم يُولَد، تنهن جي صفت ثَناءُ،
تَنهنکي ڪَانهي ڪاءِ، اِحتياجي جوڙ جُفت جي.

(٤٢) صوفي سوئي چئجي، جنهن جو ماءُ نہ پيءُ،
لَم يَلِد ولَم يُولَد، پاڻهي جيئرو جِيءُ،
تنهن سِر ڪونهي سيءُ، آجل جو اعجاز چئي.

(٤٣) صوفي سوئي آهہ، آمان ابو نہ جنهن جو،
لَم يَلِد ولَم يُولد جي، تنهن سِر سَرو پاهہ،
نَنگ ناموس جي ناهہ، احتياجي تنهن اعجاز چئي.

(٤٤) سو صوفي ناهي سچو، جنهن ڪئي نہ صفائي قلب جي،
ڪيني ساڻ ڪچو، ناقص آهہ اعجاز چئي.

(٤٥) صوفي صرفو سِرجو، ڪڏهن ڪونہ ڪري،
اڏي ڪات ڪلال ڪان، پاسي تئي نہ پري،
سُرڪي سوز گُداز جي، پِيو سُرت سَري،
مُورهئون سو نہ مَري، جنهن ڪي جام جياريو.

(٤٦) جنهن ڪي جام جياريو، جُڳ جُڳ سو جيئي،
وَر وَر ڏيو ورهہ جون، وتيون پُر پيئي،
پاسي ڪيم تئي، سري ڪان سيد چئي.

(٤٧) سَروپي سَيّد چئي، صوفي تيو صحي،
عَجب رمز رَهي، اُنهي جي اَلقاءَ جي.

(٤٨) صوفيءَ واري سُنگ جو، عَلي ؑ پير امام،
هادي حيدر شاهہ جو، گودڙيو ڪل غلام،
مَن عَرَفَ نَفسَہٗ فَقَد عَرَفَ رَبّہٗ، قائم قول ڪلام
تَسليم ڪيو طالبن، تنهن ڪي تَر تَمام،
سجدو ۽ سَلام، سُونهي دَر سيّد جي.

(٤٩) صوفين واري سُنگ جو، علي ؑ پير اڳواڻ،
سِلسلي صوفين جو، سيّد آ سرواڻ،
پَياريئين پرت وندن ڪي، مَئي سَندو مهراڻ،
سلي سِر سلوني جو، پنڌ ڪيائين پاڻ،
خاص اَهو اُهڃاڻ، امامت جو اَعجاز چئي.

(٥٠) صوفين واري سُنگ جو، آقا علي ؑ پير،
لائق سِتائش سو، لائقِ توقير،
دُنگ پَياريو دُرس ڪري، دليون دستگير،
فائز تنهن جي فياضيِ سان، فالم[1] هي فقير،
من طلب شيءِ جَد وجُد، سخن سندس سڌير،
سيد سندو سِيرُ، مدد محتاجن جي.

(٥١) صوفين واري سُنگ جو، عَلي ؑ پير آقا،
عشق جا اَعجاز چئي، ڏيکاريئين ڏاڪا،
فرض ڪيائين فقيرن تي، فقر ۽ فاقا،
آنا مَدينَۃُ العلمِ وَعَليٌ بَابُها، چيو عربي پاڪا،
نانگا ملنگ نوازيئين، عارف عشاقا،
نيهن سِر ناڪا، تڏهن واجب ٿيا تنهن وير جا.

(١) فالم: ڳجهہ، راز ڪي ڄاڻندڙ

(٥٢) صوفين واري سُنگ جو، آ سَرگروهه عَليؑ،
رهبر سو رحمٰن جي، راسخ[1] راهه ڳلي،
تصوفيت جي تنهن وتان، هردم واٽ هلي،
لُدني جي لقاء جو، واقف وير ولي،
ڪونه رهيو ڪو تنهن ڪان، راز خفي جلي،
انهي در اَعجاز چئي، جهولي جنهن جهلي،
پُران پُر ملي، تنهنکي سا ترت تي.

(٥٣) اڄ اڄوڪن صوفين ۾، دُوئي دَجّالي،
پِنهن جي پاڻ سڃاڻ ري، وينا سڏائن والي،
اِها چوزاٽي چالي، هُوندين تورا ڏينهڙا.

(٥٤) اڄ اڄوڪن صوفين جا، آهن دَجالي دم،
پنهن جي پاڻ پوڃاڻ لاءِ، ڪئين ڪريو ڏيکارين ڪم،
ڇڏيو مسلڪ محمديؐ، روڳي هٽن رم،
خامن سندا خم، هوندا تورا ڏينهڙا.

(٥٥) اڄ اڄوڪن صوفين ۾، وڏو ڏوهه نماز،
ايڏي اِنهي ڏوهه ڪي، تون مَ ڇڏج اَعجاز،
هُو مَر هُجن شهباز، تون جهرڪي ته جهرڪي ئي سهي.

(٥٦) اڄ اڄوڪن صوفين ڪي، رنگ گيڙوءِ تي زور،
سي اندر ڪارا اهنڪار[2] سان، شاهي ڪريو شور،
اڃيو چون اَعجاز ڪي، اسين آوران آور،
تو وٽ ناهي طور، تجويزي تصوّف جو.

(١) راسخ: رڱيل، پڪو، سچو (٢) اهنڪار: هٺ، وڏائي

(٥٧) اڄ اڇوڪن صوفين جي، هن ڳالهه ڏنيم حيرت،
جنهن وڃائي غيرت، سو سڏجي هيڪاندو حق سان.

(٥٨) اڄ اڇوڪن صوفين ۾، وڏو گوڙ گنوار،
انڌي عقل آهنڪار ۾، آهن غرق غار،
علت غفلت آرس ۾، آهن تار و تار،
نڪا نرت نام جي، نڪي نام متان نثار،
وڃايو وتن وقار، اڳين وارو اعجاز چئي.

(٥٩) اڄ اڇوڪن صوفين کي، رنگ گيڙوءَ تي ذوق،
نڪا تار طريقت جي، نڪي شريعت شوق،
نڪا سُڌ حقيقت جي، نه معرفت ڏي منهن موڪ،
وتن ڀُلايو لوڪ، تجويزي تصوف سان.

(٦٠) پاڻهي وڃڻ پاڻ کي، صوفي سڪيا جي،
آهي انهن کي، پورو پڳُن پريت چو.

(٦١) پاڻهي وڃڻ پاڻ کي، سندو سچن ڪم،
ناهي دعويٰ دم، اتي ڪنهنجو اعجاز چئي.

(٦٢) پاڻهي وڃڻ پاڻ کي، مشتاقن مرڪ،
تنهنکي ڪن ترڪ، جا سکيو رکي ساهه کي.

(٦٣) حاضر حال وصال جا، عاشق آشنا،
انهن آمنا، مڃي ڪانه مرڻ جي.

(٦٤) ميجي ڪانہ مرڻ جي، تن ڳالھ ڪڏھن ڪائي،
ھم مري تہ گرو مري، اتن خُوءِ اھا ئي،
جھليئون جوءِ جائي، آڪالي اَعجاز چئي.

(٦٥) ميجين ڪونہ مرڻ ڪي، ڪيئون سر صَحي،
تيا گم گُروءَ ۾، ڪاپڙي ڪَھي،
رَمزُن منجھہ رَھي، مارا ٿيا موت جا.

(٦٦) ميجين ڪونہ مرڻ ڪي، مردن اِيءَ مَڃيا،
سُبحَان الذي آسريٰ، باقي ذات ٻڌيا،
واحد ڪي وٺيا، ڪونھي ڪالُ انھن تي.

(٦٧) مارا ٿيا موت جا، حال وَندا ھر جاءِ،
ڪال نہ اچي ڪڏھين، تن جُنگن سندي جاء،
اُھي قائم پانءِ، دائم دُر اَعجاز چئي.

(٦٨) دائم دُر اَعجاز چئي، ڪَل جُڳ ۾ ڪامل،
شَفقتون ڪن سڀ تي، سڀ سان ٿي شامل،
سي ناميارا نامِل، ھادي ھردوجھان ۾.

(٦٩) ھادي ھر دوجھان ۾، ھيٺن سان حامي،
پاجھون پاجھارن جون، محڪم مدامي،
غم جي غمامي، لاھيو وڃن لِڪ ۾.

(١) آڪالي: تا حيات، موت کان آجو

(٨٠) هادي هر دوجهان ۾، هيڻن جا همراهه،
ناقص نوازڻا، پَستن پُشت پناهه،
بي واهن جا واهه، آذر آڙين آعجاز چئي.

(٨١) هادي هر دوجهان ۾، حامي هيڻن ساڻ،
آهن اهي آعجاز چئي، هر مُندا مهراڻ،
تني کنان چاڻ، آبادي کل عالم جي.

(٨٢) هادي هر دوجهان ۾، آمون ۽ اکسير،
آهن خود آعجاز چئي، قدرت ۽ تقدير،
تن اڳيان تدبير، هلائج کانه هڏهين.

(٨٣) هادي هر دوجهان ۾، پار وڏي سان پرَ،
سبحان سِر انهن جو، هو سبحاني سِر،
کن عطائون کُل تي، کُل مٿي قادر،
محبتي ماهر، معرفت واري ملک جا.

(٨٤) کشف کرامت کانيءَ جي، اها اوراهين حد،
حد چڏي هاديءَ کي، لوچج مَنجهه لاحد،
آڻ اُتان آعجاز چئي، کا سچي سُڏسَند،
آزلي پاري عهد، تي مَحَض گم محبوب ۾.

(٨٥) کَشف کرامت کانيءَ لاءِ، مورک کڙهيو کڙهن،
کوڙي فن کردار ۾، ابليس جيئن آڙن،
عاشق تي الله جا، چونه چوڻن سر چڙهن،
اکر اڍائي نه پڙهن، عشق وارا آعجاز چئي.

(٨٦) ڪَشف ڪرامت ڪانيءَ ڪي، ويجهو ڪيم وجيج،
اِهي تول اَعجاز چئي، پورا تيئي پيچيج،
سِر فدائي سالڪيء ڪي، محبت سان مچيج،
تِي سَاجد سِر سَجيج، اوڳا اڳيان عشق جي.

(٨٧) ڪَشف ڪرامت ڪانيءَ تي، بانور ڪوهہ ڪرين،
تنهن واحد ڪي نہ ڳُهرين، اِهي وٺون جنهن واحد چون.

(٨٨) ڪَشف ڪرامت ڪانيءَ تي ڪيئن تا بانور ڪن،
اهي وٺون جنهن واحد چون، تنهن ڪي چو نہ ڳُهرن،
فَاذڪُرُونِي اَذڪُرڪُم جو، وساريو فهم وتن،
ڪير چوي سچ تن، جن جو ناهي عشق الله سان.

(٨٩) ڪَشف ڪرامت ڪانيءَ ڪان، پنهنجو پلج پاڻ،
اهي صفتون آريتيون، سپ سائينء سنديون چاڻ،
عاشق تي اعجاز چئي، سچو سر سڃاڻ،
چِئي ڏاهپ ڏاڻ، مان مشاهدو حق جو.

(٩٠) اِهو نہ حال حقيقي جِيئن پراوا پرکين عيب،
پنهنجو پاڻ پروڙتون، ڇڏ بيا قند فريب،
جي گم ٿيا منجهہ غيب، تن چاتو سپ ڪنهن چاڻ ڪي.

(٩١) ٻَن ڪشف ڪرامت ڪي، ٻَن پاراتو پٽ،
عاشقن اعجاز چئي، ڪَنئي نہ ڪوتي ڪِٽ،
پڙهيئون سِڪڻ سِٽ، بيو حرف نہ چاڻن هيڪڙو.

(٩٢) اِهو نہ حال حقيقي، اهو نہ خيال خدائي،
ڪرين جُفارن جو تشين جان، ڪوڙي ڪمائي،
عشاقن واري اعجاز چئي، توڪي موج نہ آئي،
ڇڏيو سڪ سچائي، تو پاڻ پوڄائين پانهنجو.

(٩٣) اِهو نہ حال حقيقي، اهو نہ خدائي خيال،
ڪرڻ ڪرامت ڪانيء جو، هڏهن ناهہ حَلال،
اِهو ابليساڻو حال، آهي مخالف عشق جي.

(٩٤) اِهو نہ حال حقيقي، اهو نہ عشاقن آثار،
جيئن وينو پاڻ پوڄائين، ڪوٺايو ڪرامت دار،
اهو ابليساڻو پار، آهي مخالف عشق جي.

(٩٥) اِهو حال نہ حقيقي، اهو نہ عاشقن مَرڪ،
ابجد واري اسرار تي، هاريا ڪيم هِرڪ،
موحدن وانگي اَعجاز چئي، ڪر ڪوڙي ڪٿ ترڪ،
اهو انڌو دَرڪ، آهي مخالف عشق جي.

(٩٦) نقش ڪنهن نيهيء جو، شوقئون ڪر شامل،
بَندو بَردو برهہ جو، تي عابدۃ عامل،
عشق جني ڪامل، سي ڪنهن ڪان ڪنبن ڪينڪي.

(٩٧) مورت پير محقق جي، صورتسيني سماءِ،
ڪري تسليم تنهن ڪي، حاضر رُوۂ رهاءِ،
انهي سان اَعجاز چئي، روح رهاڻي لاءِ،
پرت ساڻ پڇاءِ، نقش نظارو حق جو.

(١) موحدن: خدا کي هڪ مڃڻ وارا

(٩٨) هو جو گهڻئي ڙا جامع، هئا هيرا ڪ حق جا،
رهيا شامل شريعت سان، طريقت تابع،
هينئڙا تن جا حقيقت تي، روح رب ڏي راجع،
من اُنهن جا واسع، ڪيا مام معرفت جي.

(٩٩) نه مون جمال نه ڪمال ڪو، نه مون حال نه خيال،
ڪهڙي پَر بسان پاڻ ڪي، آئون سڏايان لال،
جي پلوڪري پال، ته آچارو تيان اَعجاز چئي.

(١٠٠) نه مون جمال نه ڪمال ڪو، نه مون حال نه هوش،
ڪهڙي پر سان پاڻ کي، سڏايان سُبڪدوش،
تنهن ڪري آهيان خاموش، اڳيان هر ڪنهن اَعجاز چئي.

(١٠١) نه مون جمال نه ڪمال ڪو، نه مون حال نه حَريفائي،
آهيان نِسورو اَعجاز چئي، جاهل غافل جائي،
اصل مت نه آئي، مونکي ماڻ ڪرڻ جي.

(١٠٢) نه مون جمال نه ڪمال ڪو، نه مون خوف نه خوشي،
اڇيو خوشامدڙيا اَعجاز چئي، هر هر ڏين هُشي،
تن جي دَونس دُسي، مونکي ڪندي ڪانه ڪا.

(١٠٣) نه مون جمال نه ڪمال ڪو، نه مون حال نه هيچ،
تون ڏاتر تي ڪي ڏيج، ته مرڪايان مُنهن اَعجاز چئي.

(١) سبڪدوش: آزاد، بيگناهه

(١٠۴) جڏهن هيڪائي هيڪ هئي، نه هو ويڇو وارُ
اهو تڏهن اعجاز چئي، ڪٿي هو تڪرارُ
جيڪو هاڻي بار بار واريو وڃين وچ ۾.

(١٠۵) جڏهن هيڪائي هيڪ هئي، نه هو ويڇو وِچورُ
اهو تڏهن اعجاز چئي، فتنو نه هو فتورُ
جيڪو هاڻي ضرور آڻيو وڃين وچ ۾.

(١٠٦) جڏهن هيڪائي هيڪ هئي، نه هُئي وار جُدائي،
اِها تڏهن اعجاز چئي، هُئي ڪٿي پيائي،
جو هاڻ متايو وائي، تو وڏين اندر ويٺن سان.

(١٠٧) دل جي رمز رفتار کي، حاصل ڪل ڪمال،
جتي پير نه پڄڻا، اُت ماڻي دل وصال،
بيشڪ آهه بحال، ميلو معراج دل سان.

(١٠٨) دل جي رمز رفتار کي، سمجهه بُراق بجاءِ،
ذرو گهٽ نه پاءِ، دل جي وڃڻ ورڻ کي.

(١٠٩) دل جي رمز رفتار کي، ريلون ڪين رسن،
ڪوهه ڪروڙين پَل ۾، دليون ڪن ملن،
ڳالهه عجب اعجاز چئي، پوءِ جيڪي جيئن سمجهن،
حضور ۾ حاصل تن، جن دل هلائي دلبر ڏي.

(١١٠) جي دل نه هلي دلبر ڏي، ته پيرن ڪهڙو وس،
وِک نه ڪجندي هڪڙي، توڙي گهاڙو هجي گس،
عضوا سڀ آوس، آهن بردا دل جا.

(١١١) دل جي حال خيال جي، دل وارن آگاهه،
دل بہ مانند ماڻهو جي، تي رکي شڪل شباهه،
ڪَن اکيون آعجاز تنهن کي، سر منهن ساهه پساهه،
اسم جسم لهو لحم ۾ رنگ سفيد سياهه،
دل سان ملي دل کي تہ، علم عشق اٿاهه،
آهيان آئون بہ گواهه، دل جي دم درجات جو.

(١١٢) تجلو تاريڪي ۾، احمدي اهڃاڻ،
سونهن سهائو سوجهرو، سالڪ سمجهہ سڃاڻ،
آهي پاڻ آعجاز چئي، بيو مور نہ چاڻ،
مات صبر سان ماڻ، پَر ۾ مشاهدو پرين جو.

(١١٣) قلب قنديل جن جو، چت چراغ مثل،
نورٌ علىٰ نور جو، تن ۾ تيل تجل،
انهن کان آعجاز چئي، پرين نہ پري پلُ،
تني متي تِلُ، حرف نہ هو تاڻن جو.

(١١٤) قلب قنديل جن جو، ڏيئي مثل ڏيل،
اندر باهر اُن جي، جملي نور جميل،
آڻيو ڪِيمَ آعجاز چئي، تن ۾ شڪ دليل،
ڪوهياري ڪيچ ڏٺيءَ جو، سوجهيو وطن سبيل،
آرياڻي اصيل، لڪو نہ لوچيندن کان.

(١١٥) هيئون هلي جن جو، سي پيرين پنڌ نہ ڪن،
بي پا هليو برهہ سان، پل ۾ ڪيچ پڄن،
ڪوهہ ڪشالا ڪرڻ جي، ناهي مهم متن،
سي جيڏهن اک ڪڻن، تيڏهن پسن پُنهون کي.

(١١٦) هيئون هلي جن جو، سي پيرين ڪن نہ پنڌ،
هلي ڪَارڻ هوت، جي ڪونہ پڄن ڪو هنڌ،
جيڏهن ڦيرين ڪنڌ، تيڏهن پسن پنهونءَ کي.

(١١٧) هيئون هلي جن جو، تن جي پيرن تان پنڌ معاف،
اصل ناهہ انهن تي، ڪوهہ ڪشالو ڪاف،
ائين اعجازؔا توچوي، صاف صفا مصحاف،
آهي سپ انصاف، دل جي رمز رفتار کي.

(١١٨) هيئون هلي جن جو، تن وکان ويجهو ڪيچ،
پيرنہ پڄن پنڌ کي، نڪي پِيو پهہ پيچ،
اشارو هي اعجازؔ چئي، سمجهي تي سر ويچ،
منجهئون وجي ميچ، هينئڙو هوت پنهونءَ سان.

(١١٩) هيئون هلي جن جو، تن وِکان ويجهو هوت،
هاڙهي حَب هلڻ جو، ان تي ڏمر نہ ڏوت،
نڪي متن موت، نڪي قيد قبر جو.

(١٢٠) هيئون هلي جن جو، تن وکان ويجهورُ
بي پا لنگهي بر، پسن سي پرينءَ کي.

(١٢١) هيئون هلي جن جو، سي سدا حضوري،
ناهي دم دوري، آريانيءَ جي اُن کان.

(١٢٢) هلڻ هئين سان هوت ڏي، هاريون حق تيو،
جڏهن هينڙو هلي پيو، تڏهن لٿو پنڌ پيرن تان.

(١٢٣) ڏوريو ڏوريو ڏونگر کي، جيئن وريو ڏوريان،
تہ بہ اُهائي ڳالهہ اعجاز چئي، آئون نہ تي اوريان،
کهڙي منهن چوريان، ڳجهي ڳوڙهي ڳجهہ کي.

(١٢٤) ڏوريو ڏوريو ڏونگر کي، وريو ڏوريان جيئن،
تہ بہ ڳالهہ اُهائي اعجاز چئي، تهڙي آهي تيئن،
کهڙي منهن سان کيئن، کريان پڌري پاڻ لاءِ.

(١٢٥) ڏوريو ڏوريو ڏونگر کي، ڏوريان وريو وريو،
تہ بہ ڳالهہ اُهائي اعجاز چئي، نکري سيني مان سُريو،
جيکي مون مَن گهريو، سو مون ئي من مون کي گهري.

(١٢٦) مُنيءَ مات نہ اچئي، کنيءَ قرار نہ کرڻو،
ڏيهان رات ڏکن جو، ڏونگر پيس ڏرڻو،
کيچان اوري اعجاز چئي، نا ويچاريءَ ورڻو،
تيس نالي ماتر پرڻو، سچو سهاڳ نہ سنيري.

(١٢٧) هت نہ جانب مٺيءَ جو، هت نہ جياپو،
نکي سيڻ سڄڻ کو، سڱ نہ سياپو،
پنهنجا اوري پاڻ سان، سور پريڻ کان پوءِ،
کتڻ چڏيئين کاپو، آتڻ ارٽ اعجاز چئي.

(١٢٨) نڪي اتم ست ڪو، نڪي اتم ات،
تہ بہ چون پيا ڪت، صبحاڻڪي صبوح لاءِ.

(١٢٩) نڪي اتم ست ڪو، نڪي اتم عقل،
تہ بہ چون پيا ڪت ڙي، پوري هَڏم پل،
اچ اتي ڪر ہَل، صبحاڻڪي صبوح لاءِ.

(١٣٠) نڪي اتم ست ڪو، نڪي اتم سُٽ،
نڪي آتڻ ارٽ، نڪو ات اَعجاز چئي.

(١٣١) هينئون هلي جن جو، سي پير نہ پٽ پائين،
نڪي ڏورن ڏونگر ڪي، ڪيچ نہ پڇائين،
وِڪان ويجهو پائين، وصل وراڪو پنهونءَ سان.

(١٣٢) جنهن جو مثل نہ مثال ڪو، نڪو آر نہ پار،
اتي جو اَعجاز چئي، ديکيندي ديدار،
پيا ويرِ وماس ۾، پائي حيرت هار،
تن ڪان ڪال ٿهار، ڏوران ئي ڏور پڇي.

(١٣٣) جنهن جو مثل نہ مثال ڪو، صفت نا صفات،
اسم جسم ٿيو اورتي، تون اڳتي ڪر اثبات،
پاءِ حقاني حق ۾، جهاتيءَ منجهان جهات،
تہ بقا واري بات، اچئي هٿ اَعجاز چئي.

(١) وماس: حيرت ۾

(١٣٤) جنهن جو مثل نه مثال ڪو، نڪا موت مقال،
اتان جا اعجاز چئي، پيا جني کي جال،
تني جيءَ سنيال، حاصل مونکي حال ٿيو.

(١٣٥) جنهن جو مثل نه مثال ڪو، تنهنجو مزو ماڻ،
عقل ۽ دليل کان، اڳتي چاڻ اُماڻ،
اُتان هين ڪا آڻ، اونهي خبر اعجاز چئي.

(١٣٦) جنهن جو مثل نه مثال ڪو، تنهنجا ماڻ مزا،
سزا ۽ جزا، اُتي آهي ڪانه ڪا.

(١٣٧) جنهن جو مثل نه مثال ڪو، نڪي روپ نه رنگ،
آديسي ويا اوڏهين، منجهئون ڪري مَنگهه،
هتي پرُنه ڦنگهه، لڳي لاهوتين جو.

(١٣٨) جنهن جو مثل نه مثال ڪو، نڪو رنگ نه روپ،
نڪا چانو نه چِت ڪا، نڪا اس نه ڏوپ،
ڪو قلندر ڪُوپ، ويندو اُت اعجاز چئي.

(١٣٩) جتي آهه نه ناهه ڪا، اتي لڌ م لاهه،
اڳيرو اعجاز چئي، نام هلي ڪو ناهه،
رک اها ساچاهه، جنهن سان پسين پرينءَ کي.

(١٤٠) انڌن ليکي آدمي، سڄن ليکي سائين،
آهي ڳالهه سڀ ڪنهن جي، پنهنجي سمجهه تائين،
سائينءَ کي جيئن پائين، آهي تيئن اعجاز چئي.

(١٤١) انـڌن لـيـکـي آدمـي، سـچن لـيـکـي الله،
جنهنجو ڏسڻ جيترو، تيترو تنهن ويساهه،
انـڌن سـچن ۾ اَعجاز چئـي، فـرق اهوئـي آهـ،
هِن مـنـو کيـو سـاهـ، هُن لاٿـو سـانگـو سـاهـ جو.

(١٤٢) اکـين سـچا کوڙئـين، قـلـب سـچا قـلـيـل[1]،
اهـا جوڙ اَعجاز چئـي، جوڙي رب جلـيـل،
کجي کِٽ اپيـل، قـلـب سـچن جي قـحـط[2] جي.

(١٤٣) هڙَ حـقـيـقي حـال جي، کـنـهن ڏنـي کـٿـان آئـي،
جا پاٺـي پيـدا ٿـي پـئي، سا کنهن جي چاٺان چائي،
کـانـهـي پـرائـي، آهـي پـنـهـنجي اَعجاز چئـي.

(١٤٤) هـڙ حـقـيـقي حـال جي، جن پاڻ مـنجهـان پـاتـي،
انـهـن سِر اَعجاز چئـي، کُڙن کُر کُر لاتـي،
کـو آهـي پـڙيـاتـي، جو چوي سچ سـڙيـن کـي.

(١٤٥) هڙ حـقـيـقي حـال جي، جنهن منجهئون منجهه لڌي،
اچي تـنـهـن تـي اَعجاز چئي، گُرگن گـهوپـي ڀڌي،
سـچي ڳالـهـ سِڌي، چئـي کـيـر کُڙن کـي.

(١٤٦) هـڙ حـقـيـقـي حـال جي، جڏهـن لـڌي جن،
تـڏهـن مـنجهـان تـن، مـلـي بـشـارت حـق جي.

(١٤٧) هـڙ حـقـيـقي حـال جي، جن جڏهـن لـڌي جيـئـن،
تـن تـڏهـن ڏنـي تـيـئـن، هـر کا گـواهـي حق جي.

(١) قَلِيل: ٿورڙا (٢) قحط: ڏڪار

(١٤٨) الله وڏو طامع، جنهن ٻئي جڳ جوڙيا پاڻ لئه،
اتس سدائين اک ۾، جهان جملي جامع،
متس کو مانع، اسان نه ڏنو اعجاز چئي.

(١٤٩) الله وڏو آئُو، جنهن ٻئي جڳ جوڙيا پاڻ لِئه،
کونه ٿئي کو ترجيترو، تنهن منجهه طامائو،
جو ٿيندو تا کائو، تنهنکي سائين سَهندو کين کي.

(١٥٠) مڱڻي دران نه مڱ، مڱ دران ڏاتارجي،
اهڙوئي آهه اعجاز چئي، لائي ڏسي نه لنگُ،
راول دران رڱ، جن لڳو سي لعل ٿيا.

(١٥١) روضي ڏٺيءَ رڱيا، ڪوڙئين ڪئين ڪا ڀوڻ
لکين لعل آبدال ڪيا، جانب سندي جوڻ
ڪاهوڙي اُتان ڪوڻ عاشق ٿيا اعجاز چئي.

(١٥٢) روضي ڏٺيءَ رڃائيا، تا سيارا ڪئين توجه سان،
اندرجا اعجاز چئي، ٻولا ٻوت ٻڃايا،
پيرل پُڃايا، اڻ لکيا انگڙا.

(١٥٣) روضي ڏٺيءَ جي رنگ رتو رول رلين کي،
حسن واري حڪام سان، ٻهگڻ هنيا ٻَنگ،
وارث وِڏا وَنگ، عشق سندا اعجاز چئي.

(١٥٤) محبت رکي من ۾، رَم روضي ڏٺيءَ ڏانهن،
اُتي عشق الاهي جو، اکٽ آهي آنهن،
تنهن داتا در دانهن، ته اونايئي دانهن اعجاز چئي.

(١٥٥) محبت رکي من ۾، روضي ڏي ڏي رَمُ،
اي در حسيني در آ، حُرسندو هردم،
عجز عجيب اعجاز چئي، اُتي ني نَمُ،
آڻ نه غير وهم، پير مُغان جي پڙ ۾.

(١٥٦) پرين اُهي پڌرا، جي ڏلايون ڏکين،
بِنَهہ کين بهلول چئي، عيب بديون اُپٽين،
ظاهر باطن کنهنکي، مُنهن ۾ مور نہ ڏين،
لِلّٰهِ کارڻ تين، آجهو اوڳڻين جو.

(١٥٧) اوڏو وڃ مَ الله کي، نالو کوم وٺينس،
ذاتي صفاتي سگڙا، چِني سڀ چڏينس،
سلسلو سلام کلام جو، قطع تمام کرينس،
جڏهن رضا رکي تنهن جي، تڏهن رضاتون بہ رکينس،
تهان پوءِ ڳنڌينس، مولي من محي الدين چئي.

(١٥٨) نکو شرِ شيطان کو، نکو سحر وري،
نکو جِن ڀوت کو، نکو ديو پَري،
هري رام هري، همه آ اعجاز چئي.

(١٥٩) کنڌ ڏيئي کات کي، کنڌ تي پيو کات،
سچي آهہ اعجاز چئي، بيشڪ اها بات،
سمجهي اي سخنات، کو صاحب سورهہ دل جو.

(١٦٠) جيئن هرڻ هلاڪ ٿئي، برپٽ سمجهي آب،
تيئن بندي بي بصيرت جو، آهي هوش حساب،
جو منجهس سر سيراب، سو مور نہ پسي محيّ الدين چئي.

(١٦١) ڪڏهن دل درياء جان، ڪڏهن ڪسيءَ ڪان بہ ڪَسي،
ڪڏهن تارو تار وَهي، ڪڏهن آهہ تَسي،
ڪڏهن رهي رَسي، ڪڏهن آرسي اَعجاز چئي.

(١٦٢) ڪڏهن مُنهن پون، ڪڏهن پردا ڪن پريت لاءِ،
اڪر پئي اَعجاز چئي، وٽيا مونکي سندن،
جيڪا چال چلن، سا مُباح محبوبن کي.

(١٦٣) دلبر واري دل لاءِ، تي پڱُ سچو دِل،
تہ دلبر توتان دل، اصل نہ لاهي اَعجاز چئي.

(١٦٤) جيڏهن گهٽي گُهر، وڃڻ واجب اوڏهين،
اڻ گُهريا اَعجاز چئي، ڪانہ لَهندا ڪر،
ڪري پڪيءَ جا پَر، اُڏر اُنهي پار ڏي.

(١٦٥) پارس ⁽¹⁾ پوتر، پرکڻ ناهن سُٿرا،
آهن لڪل اَعجاز چئي، املهہ سچا گوهر،
ڪي در سچائن دُر، ڪانهي چاڻ ٻين کي.

(١٦٦) عجب خودي عشق جي، عجب خُوءِ خيال،
عجب حال چال سان، عجب بات بحال،
عجب جوش جلال، عجب عجز اَعجاز چئي.

(١) پوترُ: پاڪ ڪرڻ

(١٦٧) پيـنـيـون جن پُر ڪري، وتـيـون ڪيف ڪڪوهه چون،
انــدر آڳ عــشــق جي، تــن پــارهــيــوئــي بــري،
ســوري ۽ ري نــه ســري، انــهــن جي اَعجاز چئــي.

(١٦٨) آجهـي عــلــيؑ شــاهـه جي، عــاجز جي آيــا،
پَڙ پــوتــا انــهــن جا، ڊول پــريــن ڊايــا،
پــارس پــهــرايــا، تــنــکي پــوت پــريــت جا.

(١٦٩) آجهـي عــلــيؑ شــاهـه جي، آءُ تــه لــهين مــانُ،
جوئي مڱندين سوئي ملندئي، دران تنهن جي دان،
عَينُ الــيَقينُ اَعجاز چئي، سـيـد سـر سـبـحـان،
اتــئــي جي ايـمـان، تــه ڏيـک نـه ٻـيـا در مـڱـتـا.

(١٧٠) جي نه سُڪايئي ساهه کي، جيت ڪوريئڙي جيئن،
تـه اونهي مـان اَعجاز چئي، مڇُ مارينديـن ڪيئن،
سُرت ســالــکــي ۽ سينءَ، پــيــهــي وڃ پــاتــار ۾.

(١٧١) ڪـاهـه ڪـلاچي ڪُن تــي، گــهــاتــو ڪري گهُــور،
ڪــپــر تــي تــون ڪــيــتــرا، پــيــو پڇائــيــنــدي پــور،
اول مــــاري مــڇ کــي، پــوءِ ڪــج ٻــيــا مــذڪــور،
نــه تــه ســنــدا ويــن ســور، پيــا چٽــڪــنــدئــي چت ۾.

(١٧٢) ڪـاهـه ڪـلاچي ڪُن تــي، مــانــجهِــي ڪــر نــه مــوٽ،
مَــئــي مَتــي مــڇ تــي، چريــو تــي ڪــر چوٽ،
عــقــل واري اوٽ، ايــنــديــئــي ڪــم نــه اَعجاز چئــي.

(١٧٣) جيئن تارن ۾ چنڊ، تيئن لاکو چام لکن ۾،
سندس سخا جو گهنڊ، تو وچي ويل هر کنهين.

(١٧٤) جيئن سو پڏرو سج، تيئن لاکو چام لکن ۾،
کوڙئين ڪُرنشون ڪِج، اڳيان تنهن اعجاز چئي.

(١٧٥) لاکا تنهن جي لاڳ، لکين لوڪ نوازيا،
جاني پنهنجي سخا جي، وار اسان ڏي واڳ،
تنهن جي آهي آڳ، هزارن حاتمن تي.

(١٧٦) نينهن جنهين جو نام، سو نفعو پڇي ڪينڪي،
الٽي چال عشق جي، الٽو سندس ڪام،
گهانگهي گُلا گوڙ سان، تنهنجو سير تمام،
عجب آهه اعجاز چئي، مونکي هي مدام،
تہ صبح توڙي شام، نينهن چکي پيو نانهہ ڏي.

(١٧٧) جو لائق ڪَيئي لائق ڏٺي، تنهن لائق نہ آئون لائق،
ادنيٰ آئون اعجاز چئي، تون فيض پريو فائق،
شاها هي شائق، تنهن جي ڳُڻن ڳائيو.

(١٧٨) هُو آ منهنجو حال، آئون پڻ حال ان جو،
هو خود خيال هن جو، هي آهُن جو خيال،
خيال ملي ويو خيال ۾، ميسر ٿيو وصال،
کندو ڇا مون ڪال، اچي هاڻ اعجاز چئي.

(١٧٩) محبت جي ميدان ۾، نہ ساهمي نہ سير،
سودو صفا سر جو، پيو ڦند نہ ڪوئي ڦير،
پاءِ ايڏاهين پير، چڙهي حدِ حساب جي.

(١٨٠) محبت جي ميدان ۾، سڌڙيا سر نہ ڏين،
اجل سامهون آعجاز چئي، ڪي ڪي ڪُڏي ٿين،
نايو نايو نين، عاشق سر اڏيءِ تي.

(١٨١) ڪارهن پائي ڪنڌ ۾، ڪِل خواري ڪڻ،
عشق سان آعجاز چئي، حقي نعرو هڻ،
وهمن سندو وڻ، وڍي ڪڍ وجود مان.

(١٨٢) ڪارهن پائي ڪنڌ ۾، ڪُڏي قرب ڪماءِ،
مبلهي مَرڪي پڙ ۾، محبت ڪي ملهاءِ،
ارڏو ٿي آعجاز چئي، پيرُ نہ پٺتي پاءِ،
لچڪي تون نہ لڳاءِ، داغ پنهنجي پشت کي.

(١٨٣) جي سڪٹو اٿئي تہ سِڪُ، نہ تہ سڪ نہ پوءِ سنبرندين،
عشق سان آعجاز چئي، ٿاريءَ ٿڪ،
لائي لنئون نہ لڪ، اهو مرڪ نہ مشتاقن جو.

(١٨٤) مجازي موهيا ڪيترا، حقيقي موهيو ڪو،
هيءَ چڙهي هُن ڪي، جاڳي رسيو جو،
سچو آهي سو، آديسي آعجاز چئي.

(١٨٥) جيئن ڇھائي، ڇاپر پير جي تيئن مرض مجازي،
اِتاھين اَعجاز چئي، ڪو ڪوءِ ڪٽي غازي،
نہ تہ ھزارين بازي، ھاري ويا ان حرص ۾.

(١٨٦) پَروڙج پچار، اُلٽي ھيءَ اَعجاز چئي،
جن نہ سچاتو حق ڪي، مٿي تن نہ ميار،
مُنا سي مڪار، جي چاٽي چاٽوئي نہ ٿيا.

(١٨٧) محبت مشڪ عطر، جو لائي سو سُرھو لڳي،
ھن جو ھڪڙو ترُ، ھوڏھن ڪوڙ ڪستورين جا.

(١٨٨) محبت مشڪ عطر ڪي، لائين تان اڄ لاءِ،
نہ تہ صبحاڻي سيڌچئي، ڪندين ھاءِ ھاءِ،
گھاٽو ھڏ نہ پاڻ، ان قطري ۾ سيڪي اٿئي.

(١٨٩) محبت آھي پاڪ، ناپاڪ آھين تون،
ٿيندين پاڪن پاڪ، انھيءَ جي اوصاف سان.

(١٩٠) محبت پاڪ ڪري، ڌوبو دل وجود ڪي،
اٿئي ائين اَعجاز چئي، سُڄ ڏيان ڌري،
جيڪو محبت ريءِ مري، سو مسلمان نہ مُورھين.

(١٩١) جو دم جيئين جڳ ۾، سو دم محبت ڪر،
محبت ڌاران ڪيڏھين، دم قدم نا پر،
پَلي لائين سان پر، پيو گھڙولا پرت جا.

(١٩٢) محبت مشڪ عطر جي، ڪھڙي ڪنورن ڪل،
جي ڍريا سدائين ڍوند تي، ور ور پائي ول،
اُن تي آڇ اُچل، ڪر نہ اَعجازا عشق جي.

(١٩٣) محبت ڪي مذاق، جي ڄاڻن تا اڻ ڄاڻ تي،
آهن سي اَعجاز چئي، ڪوڙا ڪُڙ قزاق،
اُنهن جي اوطاق، وڃڻ واجب ناهي ڪي.

(١٩٤) محبت جهڙي ميٺ مان، چاتو ڪين چٽن،
لاشڪ شاهہ اَعجاز چئي، نصيب ئي نہ هين،
جو مُنجهي منجهہ چٽن، ماڪيءَ ڪان محروم ٿيا.

(١٩٥) جو دم جيئين جڳ ۾، سو دم محبت وندِ،
ماندا اٿا منبل بيا، ماڳهين ڪيم مندِ،
خالي پندي پندِ، ايندئي نہ ڪم اَعجاز چئي.

(١٩٦) مُعجزو محبت جو، مردا جياري،
تم جو اڪر اَعجاز چئي، تو اُتڻ سيڪاري،
پُر تو پياري، ڪاسا ڪيف ڪکوه جا.

(١٩٧) محبت جن جي من ۾، سي طالب توڙان توڙ،
اُلوهيت ۾ اَعجاز چئي، ڏني انهن اوڙ،
تن سر سونهن موڙ، وحدت جي ونهانءِ جا.

(١٩٨) محبت ريءَ نہ ڪو، مليو محبوبن ڪي،
پِيُم اهو آعجاز چئي، پر وهاڻ پڪو،
حُب ڪي هَڪو تَڪو، آ واصل حال وصال جو.

(١٩٩) محبت مرندي ڪانہ ڪا، ماڻهو مري ويندو،
ائين تيو آ تيندو، اڳي پوءِ آعجاز چئي.

(٢٠٠) محشر ڏينهن ميزان ۾، توريندا سڀ تول،
ياري محبت تيندي اُتي، منجهہ ترازي تول،
پوءِ ريزا لارول، هٽندا هٿ افسوس جا.

(٢٠١) حضرت حسن جناب، پاٽي پيچ قلب جو،
قُوت سُڪوت تنهنجو، رُون رُون راڳ رباب،
شهرت لاءِ شراب، اتس مُفيد آعجاز چئي.

(٢٠٢) اڪ اڪ سان لاءِ، لوٽان مار مَلوڪ ڏي،
مچ مچائي من ۾، پيهي پاڻ پچاءِ،
عشق سان آعجاز چئي، رِندي رمز رچاءِ،
عڪس پرينءَ جو پاءِ، عاشق دل اڪين ۾.

(١٠٣) محبت مشڪ عطر، جيڪو لائي سو سرهو لڳي،
اهڙي ذات سوغات مان ڪافي آهي تر،
پر ڪونهي يار قدر، انا سن اعجاز چئي.

نامون نيهي يار جو

١- نَامون نيهي يار جو، بسم الله سان آيو،
اَلحَمدُ لله اظهار ڪري، هيئن سچ سمجهايو،
اِياكَ نَعبُدُ وَاِياكَ نَستَعِينُ، چئي ويچو وڃايو،
ڏيئي ٻن ٻيائي کي، حق هيڪڙائي پايو،
تي سونهون سونهايو، سِر صِرَاطَ الّذين جو.

٢- نَامون نيهي يار جو، پَنو سو پُرنور،
سُبحَانَ الذي آسريٰ بِعَبدِهٖ منجهس سير سُرُور،
اِنّ قُرانَ الفَجر کان مَشهُودًا، سچو سندس مذڪور،
تئي پڙهندي تنهن منجهان، حاصل حال حضور،
پسڻ تنهنجو پور، کُنجي آهي قلب جي.

٣- نَامون نيهي يار جو، پنو پاڪن پاڪ،
بسم الله جي بيان سان، آهي عبرت ناڪ،
دڙڪو دلاسو تنهن ۾، وحدانيت جو واڪ،
تو پڙهندي ڪري چاڪ، پردا جي ظلمات جا.

٤- نَامون نيهي يار جو، پنو پُر اسرار،
ريء ڏيان دل جي، سمجهڻ سو دشوار،
منجهس هر مفهوم جي، معنيٰ مام بسيار،
جن جو سائس پيار، تن تي پاڻ عيان ٿئي.

٥- نَامون نيهي يار جو، پنو آ پُر سوز،
تنهن جي رمزن روز، منهنجو من مستان ڪيو.

٦- نَامون نيهي يار جو، قدرت عين ڪمال،
ماضي حال قبل جو، منجهس جواب سوآل،
عجب تنهن ۾ اَعجاز چئي، خبر خوب خيال،
محبت ري محال، پڙهڻ پروڙڻ تنهنجو.

٧- نَامون نيهي يار جو، لاثاني لاريب،
بليغ فصيح بديع سو، بسيط وسيع بي عيب،
الواحي احوالن سان، آهي علم الغيب،
توحيدي تلقين سان، تنهن جي سڀ تاديب،
عالم شاعر اديب، خط پريان جي خُماريا.

٨- جتي اکر الف جو، اُتي اکر ميم،
انهي معنيٰ مام کي، ڪو سمجهي قلب سليم،
آهي راز عظيم، اولي ۾ اَعجاز چئي.

٩- بي انت بي پايان، دائرو آهي دل جو،
پن ترن جيئن تنهن ۾، ڏنم بئي جهان،
ڪونهي ملڪ مڪان، ايڏو پيو اَعجاز چئي.

١٠- تڙي ڪيدي تحليل سان، منجهان خر خناس[1]،
يوسوس[2] في صدور[3] الناس جي، بُوءِ نہ رهي بانس،
اندر ڪي اَعجاز چئي، چڱي ريت چڪاس،
تہ وحدتي واس، پيهي وننديئن پاڻ ۾.

---

(١) خناس: لڪي لڪي گمراهہ ڪرڻ وارو (٢) يوسوس: وسوسو وجهندڙ
(٣) صدور الناس: ماڻهن جي دلين ۾

١- جيئن ڪپر ڪڻ تي چِٽڙا، حُسن وند هزار،
تيئن زيب دنيا ڪي، ظاهري آهي آعجاز ا يار،
پلجي متان آر اتي لائين اکين جا.

٢- جيئن ڪا چٽيل ڪنوار، هجي شاديء رات جي،
آهي تيئن آعجاز چئي، دنيا دلبيدار،
متان ڪو آٿي يار، انهي نپٽيء ڪي نڪاح ۾.

٣- نسبت هن جهان جي، فاني ڙي فاني،
آهي باقي آعجاز چئي، رغبت رحماني،
ڪري من ماني، متان رنجائين رب ڪي.

٤- جلوو هن جهان جو، حُباب جيئن همه،
آهي سو آعجاز چئي، لحظو ڪي لمحه،
تنهن منجهه تون طمع، رکين هميشه رهڻ جي.

٥- جلوو هن جهان جو، حُباب آيا خواب،
اهو ڪر اعتبار تون، ننڊ ۾ آهين نواب،
جاڳڻ بعد ساڳيو، پسندين آب نه تاب،
شرم منجهه شتاب، پوندين پوءِ آعجاز چئي.

٦- جلوو هن جهان جو، حلم النائم چاڻ،
فائق جي فرمان تي، عين اليقين آڻ،
متان پوءِ صبحاڻ، هٿي هٿ آعجاز چئي.

٧- جلوو من جهان جو، آهي بهر ڪي پل،
جوڦي ڪانڻ نہ جل، ڪر انديشو آعجاز چئي.

٨- جڏهن پيم پچاڻ، پوري پنهنجي پنڌ جي،
تہ ويم ڇڏائي آڻ، عبديت جي آعجاز چئي.

٩- نفل ۽ نماز ڪي، پڙهان ڪنهنجي ڪاڻ،
هُتي ڪانهي ڪاڻ، عبادت جي آعجاز چئي.

١٠- نفل ۽ نماز ڪي، ڪريان ڪچاڙو،
پريين سين پاڙو، مون تہ ڇنوئي ڪينڪي.

١١- نماز آهي نينهن سان، نينهن ري نہ نماز،
اگهي ڪونہ آعجاز، سڪڻ ري ڪو سجدو.

١٢- پت ڇت جي ڇانو ۾، نيتي جن نماز،
سي عورت جي آچار تيا، ذاران راز نياز،
جيڪي مرد آعجاز، سي پاڇا پچن ڪينڪي.

١٣- پِت ڇِت جي ڇانو ۾، نماز نيتي جن،
ڪهڙي خبر تن، قوسيني [1] ڪواز جي.

١٤- جنهن ۾ عدد نہ انداز ڪو، وهم نہ ويسارو،
نيت اهائي نماز تون، نر هٽي نعرو،
ادا ڪر آعجاز چئي، فرض فنا وارو،
تہ آبدي [2] اوتارو، آ ڇينئي انعام ۾.

(١) قوسيني: ٻن ڪمانن ڪان بہ گهٽ (٢) ابدي: هميشه قائم رهڻ

١٥- جنهن ۾ عدد نه انداز کو، نکو قيام قعود،
نکو سُور سَهو جو، نکو بيک نه بُود،
سکيو سو سجود، عاشقن آعجاز چئي.

١٦- جنهن ۾ عدد نه انداز کو، نکو ريائي رياض،
نيت اهائي نماز تون، چڏي لوک لحاظ،
قوسيني کواز، مرک مانجهيئڙن جو.

١٧- جنهن ۾ عدد نه انداز کو، وهم نه ويساهين،
نيت اُهائي نماز تون، پاڻ چڏي پاهين،
لائق پوءِ آهين، جَنات عدني سندو.

١٨- جنهن ۾ عدد نه انداز کو، نکو ساهه سلام،
نيت اهائي نماز تون، کري عشق امام،
نه سدائين ناث کي، طمع ريءَ تمام،
ته محمودي مقام، ماثين محيّ الدين چئي.

١٩- کي پنجاهه وقت نماز جا، کي پورا پنج پڙهن،
کي عدد ۽ انداز ريءَ، رُکوع منجهه رهن،
عجز سان آعجاز چئي، عاشق ائين کن،
عَليٰ صلاتهم دائمون، ويساهين نه وجهن،
نميو تا نمن، سنياسي سبحان کي.

٢٠- جيئن تو ڏوئين جسم کي، تيئن جي ڏوئين دل،
ته هر جاءِ تو حاصل، حضوري حال تئي.

سُرت ڏيڻ

۱- جا ڏئين سُرت پوءِ تون، سا پھرين ڏيج ڪتان،
تہ ھادي مون ھتان، ڪونہ ڏڪوئجي ڪڏھين.

۲- جا ڏئين سُرت پوءِ تون، سا پھرين مونکي ڏي،
تہ ھادي ھتان منھنجي، تئي ڪچي ڪام اَعجاز چئي.

۳- جا ڏئين سُرت پوءِ تون، سا پھرين مونکي ڏس،
انھي سان آوس، ويھان آئون واڳجي.

۴- جا ڏئين سُرت پوءِ تون، سا پھرين مونکي ڏيج،
سائين تون سٽيج، ستت منھنجا سڏڙا.

۵- جا ڏئين سُرت پوءِ تون، سا ڏي مونکي ھاڻ،
تہ ھادي مون ھتان، نہ پئي خطا اچ سياڻ،
قادر اھا ڪاڻ، اچي لاھہ اَعجاز چئي.

۶- جا نہ سَھين تُون سِر، سا نہ ڪر ڀين سان،
گُروءَ جي اِن گس تي، آءُ تہ پھچين ڏُر،
نہ تہ تون ڪنھن پَر، ڪونہ رسندين ڪنھن حال ڪي.

۷- جا نہ سھين تون پاڻ، سا نہ ڪر ڀين سان،
گروءَ جي ان گس تي، آءُ تون ھاڻ جو ھاڻ،
تہ ڪاني چڙئي ڪاڻ، ھوند رسين پوءِ حال ڪي.

۸- جا نہ سهين تون چند، سا نہ ڪر پين سان،
آڪيو آديسين جو، اتئي پوري پند،
ويهہ انهي سان واڳجي، تند نہ ٽيندئہ بند،
ناتان فقيري قند، اوڪو آ اعجاز چئي.

۹- جا نہ سهين تون يار، سا نہ ڪر پين سان،
گروءِ سندي گفتار، هنداڻج هئين سان.

۱۰- ماڻڪ موتي لعل جي، سڃاڻن سُٿرا هجن،
تہ هوند چو پڌن، هاريا وجي حِمار(۱) ڪي.

۱۱- جواهر سندي جوت ڪي، جواهري ڄاڻن،
املهہ سي اعجاز چئي، متا ڏيو ماڻن،
جي مور نہ سڃاڻن، پڇ قيمت قدر نہ تن ڪان.

۱۲- مَنا جيئن موتيئڙا، ججهو تيئن جرڪن،
ماڻڪ ميرا مُنهن ۾، مَٽ نہ تني من،
انهن ڪي اعجاز چئي، ڪي پارکو پرکن،
سيئي نہ سڃاڻن، جواهر سندي جوت ڪي.

۱۳- سيني سڏايو صراف، سون سُڃاڻون ڪينڪي،
سمجهہ اها تون ڳالهڙي، انهيءَ مان ٿي صاف،
تہ وڏي قيمت ڪميني جي، گهٽجي ويو اشراف،
حيف اعجازا اُن ڪي، انڌن ڇڏيو انصاف،
ڪٽي سر مصحاف، ڪوڙ ڪمائي هليا.

(۱) حِمار: گڏهہ

۱۴- سڀ نہ سچا صراف ڪي، سڀ نہ سچا موتي،
ڪنهن ڪنهن ۾ جوتي، آ اصليت جي اَعجاز چئي.

۱۵- جي نہ سُڃاڻ سگهين، تہ اچي سڃاڻ سڪ،
ڪَسوٽي جا قلب جي، سا ماچي مَلي رکُ،
پوءِ ويٺو پرک، سچي ڪوڙي سڀ ڪي.

۱۶- وڏا پَسار وڏن جا، وڏا وڪر تنين تي،
ڪچن ڦِڪن ڪوهرن جا، مون وٽ ڪٽا ڪي،
سي قبوليو جي، تہ آهن حاضر اَعجاز چئي.

۱۷- وڏا پَسار وڏن جا، وڪر اُتي خاص،
ڪچن ڦڪن ڪوهرن جي، مون اڳيئي ڪئي ارداس،
سي ڪريو جي پاس، تہ آهن حاضر اَعجاز چئي.

۱۸- سوجهي سوديو جن، وکر وحدانيت جو،
آڳهه واري اُن، دور انديشي دور ڪئي.

(۱) ارداس: عرضدار

١- جو سِينن ۾ سمايل، سو ڪونهي ڪتابن ۾،
دَرس خانن کي دَر ڏيئي، ٿي محبتن مائل،
اونهون راز اعجاز چئي، آ دليئونُ دل ۾ آيل،
جو ڇاتي ڇپايل، سو ڇاتيءَ ريءَ نه ڇپجي.

٢- جو سيني بَه سيني آيو، سو ڪونهي ڪتابن ۾،
علم ادب عشق جو، صحي سرمايو،
آتو ائين اعجاز چئي، سچ پانيو نه پانيو،
جو ڇاتين ڇپايو، سو وسيع آهي ورقن کان.

٣- جو سيني بَه سيني ملي، سو ڪونهي ڪتابن ۾
ڳوڙهو ڳجهو ڳجهاندرو، تو پرت وندن وٽ پلي،
پالين سي پلي، جي واچن ٿا ڪنهن ورسان.

٤- جو سيني بَه سيني پڇي، سو ڪونهي ڪتابن ۾
امانت طور اعجاز چئي، تو منجهان منجهه ڪچي،
سو ڪنهن ڪامل وٽ سُجي، پڇ نه اڌوري مرد کان.

٥- جو سيني بَه سيني ڏين، سو ڪونهي ڪتابن ۾
محقق ڪامل مرشد ٿا، ڳوڙها ڳُجهه ٿين،
تنئُون طالبن کي، نظر پايو نِين،
پيروڪار انهن جا، جيئري مريو جِين،
سي پَٽ حضورئون پِين، هتو هت اعجاز چئي.

٦- جو سيني بَه سيني سَليئون، سو ڪونهي ڪتابن ۾
عجب پيد اعجاز چئي، پائي پيچ رکيئون،
رکي پوءِ جهليئون، اورڻ تنهنجو عام سان.

١- مُلان جي محبت ۾ پائين هڪ پير،
تہ ڏارين ڪونہ دل ۾، غافل تون ڪو غير،
سوئي ڪرين سَير، جو عاشقن ڪيو اعجاز چئي.

٢- مُلان جي محبت جي توکي پئي پروڙ،
تہ هٽي کوڙ بَدوڙ، مالڪ نہ تين منبر جو.

٣- مُلان جي محبت ۾ انت مُوتُوا تين،
هتان حيدر شاهہ جي، پيالو ڪوثر پين،
ڏَس ڏيهن ڪي ڏين، هُوند عشق سندا اعجاز چئي.

٤- مُلان جي محبت جي، ڪا تو ۾ هجي هَوَ،
تہ ڍونڍين ڪونہ ڍوَ، هوند فنا تين فڪر ۾.

٥- مُلان جي محبت جي، ڪا تو ۾ هجي رَتي،
تہ رَت واري رَتي، هوند نہ هجئي جان تي.

٦- مُلان جي محبت ۾، موتي تين مَحو،
تہ صرف ۽ نَحو، هوند وِجيئي وسري.

٧- ملون مجاور مڪ، تيئي پياسي پيٽ جا،
اُپٽيئون ڪانہ اڪ، اندر واري اعجاز چئي.

٨- ملون موذي مڪ، تيئي گهٽي گهورا،
اٿن هورا ڪورا، محض پرائي مال جي.

۹۔ ملن جو محبت ڏي، اير نہ ڪوئي پير،
هڻن واري حد ۾، پائي ويتا پير،
اعجاز علي جي نام سان، اتن وڏو وير،
سچ نہ لڌائون سير، محمد ﷺ جي مذڪور جو.

۱۰۔ ملن ڪي محبت جو، هٿ نہ آيو سير،
پاءِ نہ سڌائين پاڻ ڪي، سدا سڌائين سير،
ڪيو نہ سڙين سير، احديت جو اعجاز چئي.

۱۱۔ ملن ڪي محبت سان، مور نہ ڪو مقصد،
وحدتي وَجد، چڙهين ڪونہ چِت تي.

۱۲۔ ملن ڪي محبت سان، ڪهڙو آهي ڪم،
عشق ۾ اعجاز چئي، رڳو گوندر غم،
اتي دم قدم، ڪي نيهي پرين نيست تي.

۱۳۔ ملن جو محبت ڏي، مڙهہ نڪي مقام،
مڪر ۽ فريب ۾، وڌئون منهن مدام،
معنيٰ نہ چاڻن ميم جي، ڪن تشريحون تمام،
هُڻ هوڏ هَٽ جو، جوڙي پيتئون جام،
اتن اندر ۾ اعجاز چئي، گُبت جو گُدام،
آهي جو امام، سو ڪوڙهيا قبولن ڪينڪي.

۱۴- ويدن سر ويگ، ويدائي جو آهي،
عشق ذروۤ اعجاز چئي، ناصحن ۾ نہ آهي،
نوڳي هليا ناهي، بيحد حديثون باطلي.

۱۵- ويدن سرويگ، آهي ويدائيءَ جو،
دميئون کانہ ديگ، اندر ۾ کا عشق جي.

۱۶- ويدن سر واءُ، آهي عزازيل جو،
نوڙت ۽ نياز جو، سڙين چکيو نہ ساءُ،
ڏُوٺي رکيئون دل ۾، گيرب ۽ گاءُ،
کري ريب رياءُ، ڇڏيئون باب بره جو.

۱۷- ويدن وٺ مَوچ، ورهيہ وندبيندا کينکي،
پاٺهي پچج پاڻ کان، عارفاڻو اُهج،
پسي اُپ اکين سان، آگرکيم سَچ،
هيٺ مٿي آهيکڙو، ميم محمد ﷺ مچ،
پيد اهو تون پچ، ابتي پور اعجاز چئي.

۱۸- ويد پڙهيو وِديا وجهن وچ وچور،
وين چڙهي چت تي، باطلي بهور،
ڏيندا وتن ڏيهہ کي، شيطاني شعور،
کڍيو فتويٰ کفر جي، تا کُھن بي قصور،
عاشقن جا اعجاز چئي، مُور نہ مين مذکور،
انڌا اکين پُور، ناهن اوڏا عشق کي.

١- سامي ٿيا هر سَن ۾، هڪڙا آهي پِيا ناهي،
جن کين ڏي ڪاهي، ڏسڻ سي مون ڏيئي ويا.

٢- سامي ٿيا هر سن ۾، هڪڙا قالي پيا حالي،
قالين مان ڪين ٿئي، حالين مت عالي،
قالي گهر گفتار جو، حالي سمجهه وصالي،
قالي خالي خيال کان، حالي پرتو پالي،
قالين جاڙ جالي، عمر سي اعجاز چئي.

٣- سامي ٿيا هر سن ۾، هڪڙا حاجي پيا ناجي،
حاجين زور ظاهر تي، ناجين لڪ "لا" جي،
حاجي بصر بيناريءَ، ناجي نور حجاجي،
حاجي مثل آزواجُن جي، ناجي مثل حلاجي،
حاجي بردا بُخل سندا، ناجي سخي سباجهي،
حاجي روا جي سماجي تيڙا، ناجي سُراغي سِراجي،
حاجين جي دل هئڻ پري، ناجين جي دل آجي،
حاجين هر محتاجي، ناجين احتياجي ناهه ڪا.

٤- سامي ٿيا هر سن ۾، هڪڙا قوتي پيا بيوتي،
قوتي گهرن قوت کي، بيوتي صبر سُڪوتي،
قوتي سر حيواني چئجي، بيوتي سِر ملڪوتي،
قوتي لاهوتي نه ٿئي، بيوتي تان لاهوتي،
قوتي شڪار ڪال جو، بيوتي لايموتي،
قوتن هت چيوتي، بيوتن جاءِ جبروت ۾.

٥- سامي ٿيا هر سن ۾، هڪڙا ڪونهان ٻيا سونهان،
ڪُونهَن مَڇ ماڇ جا، سونهن مڇ وِرُونهان،
ڪونهن لُوهان، سونهن ساڇهہ لُنگ سُنگ جي.

٦- نڪي ڏين نڪي ونن، ٻنهي پريئون پري ٿيا،
آديسي اعجاز چئي، ڇڏي دنيا ڏن،
صوم صلوٰة زڪوٰة جي، مور نہ ميار مٿن،
سيرت آهہ سندين، بصيرت جي باب سان.

٧- سچ ويچارو سچ تي، بينو جهلي برزخ،
مٿي نہ اصلي رنگ ڪي، ٿئي نہ سفيد سرخ،
تڏهن ونيو نئون رُخ، ڪوڙ ڪهي ٿو سچ ڪي.

فقيراڻو فهم

١- فقيرن فنا، کيو ڪُل ئي نفس پانھنجو،
تھان پوءِ تحقيق سان چيائون اَنَا،
تني جي ثنا، ڪريان ڪھڙ مُک سان.

٢- فقيرن فدا، ٻه تي ڪيون ڳالھڙيون،
ھڪ سر پيو گھر، تيون زر زنب سدا،
انا الحق ندا، پوءِ سڻايئون سڀ کي.

٣- فقيرن فتور، ڪل ئي چاتو پاڻ ۾،
آگر نه سچئون اعجاز چئي ٻئي ڪنھن ڏي مور،
تجلوءِ طُور، پوءِ منجھن پيدا ٿيو.

٤- فقيرن فرياد، ڪئي ڪيو ڪينڪي،
پھري پوش صبر جو، شڪر سان ٿيا شاد،
عشق تين استاد، ھٽي مھر مات جي.

٥- فقيرن فراق، وصل وٽ وساريو،
جانب جي جدائيءَ جو، اورڻ نه پين اوراق،
اڄ به ڏينھن ميثاق، آھي اعجاز انھن لاءِ.

٦- فقيرن فلڪ، ھڪ جز نه ڪيو جڳ ۾،
توحيدي تلڪ، لائي وجي لال ٿيا.

٧- فقيرن فشق، ڪڏهن ڪمايو ڪينڪي،
عمر ساري عشق، سيني تن سمايو.

٨- فقيرا ٿو فياض، آهي عام خاص لاءِ،
ڪلي دل سان ڪاهوڙين جو، ري طمع جي رياض،
غصو غير غماز، فرق نہ فقيرن ۾.

٩- فقيرا ٿو فام، آهي عام خاص لاءِ،
تہ تهن ڪي رنگ تمام، لايو ڪن لال سي.

١٠- فقيرن فڪر، هڪ جز نہ ڪيو هن جڳ جو،
اهڙي خام خيال ڪي، نينهن چيو نڪر،
ذاتي ذوق ذڪر، رهيُن روح رڳن ۾.

١١- فقيرا ٿو فيض، آهي عام خاص لاءِ،
اخفائي ۽ ابيض، معنيٰ فڪر فقير جو.

١٢- فقيرا ٿو فقر، آهي عام خاص لاءِ،
نصيب ٿيو انهن ڪي سڪ جو جن سمر،
ٺلهو ٺانئو ٺڪر، هڏ نہ رسي ڪنهن حال ڪي.

١٣- فقيرا ٿا فرض جن پاريا سي پار پيا،
اورئين پرچا اورتي، ڇڏي غرض،
وڃي رسيا راز ڪي، ڪري ادا ڪل قرض،
عجز ادب اعجاز چئي اڳهاين عرض.

١٤- فقيراڻو فهم، آهي عام خاص لاءِ،
سبق سِکيا تِن جي همه کي هردم،
سٺي سمجهي جو رهي مٿي تنهن محڪم،
تہ پنهنجو هوند جنم، پسي ساهہ پساهہ ۾.

١٥- فقيراڻو فن، آهي عام خاص لاءِ،
سکيا انهن جي سڀ کي پر سکي ٿو ڪوتن،
جنهن پرايو تنهن سندو من ٿيو آيمَن،
انهي لڌو اعجاز چئي دم مان دم جو ڏن،
چمان تن جو چرن، جن اهڙو فن ايجاد ڪيو.

١٦- فقيراڻو فلاح، آهي عام خاص لاءِ،
اچي جيڪو اعجاز چئي وٺي سندن صلاح،
سو معرفتي مهراڻ جو مچي ٿئي ملاح،
ڏسي ڏيکاري الله، هوند ڏهاڙي ڏيهہ کي.

١- عجب راز الله جا، عجب رضائون،
پنهن جي تي ڪاڙها ڪري، پراون تي چاڻئون،
قادر قضائون، ڪري ڪرڻ نه جهڙيون.

٢- عهدًا امر الله جو، مڃيو امامن،
وعدو وساريو ڪين ڪي، وهوا وريا من،
آيا اجل سامهان، ساهي صمصامُن،
مخفي ڪن مامن، خون متي خوشنود ڪيا.

٣- شوقئون شهادت جو، پيتو پيالو پيا ڪن،
اول آخر اَعجاز چئي، سَتي سيا ڪن،
ڪڏي قتل گاهه ۾، ڪئي عيد عشاقن،
لئون سندي لياڪن، خون متي خوشنود ڪيا.

٤- پڙهيو متن پڙهه، درود قصيدا دل سان،
ڳوهيرن جي ڳالهين ۾، ڪين اَعجازا آڻ،
وِلهن وڃايو وڻ، هو مڙئي شير شهيد ٿيا.

٥- جي ڪُنا هلي حق تي، سي مُئل مور نه ڀانءِ،
اُپٽ اکيون اَعجاز چئي، جِيءِ پنهنجو ڪر چاءِ،
في سبيل الله اموات، فائق تو فرماءِ،
وهم سڀ وڃاءِ، هو ٻئي جڳ آهن جيئرا.

صمصام: تلوار

٦- هَيَن نہ پاتيو حق، عليءَ جي اولاد کي،
ناحقن ناحق، ڪيڏو نہ کيو آعجاز چئي.

٧- هر ماهہ محرم جاڻ تون، هر ڏينهن ڏهين ء جو پانءِ،
ماتم غم حسينؑ جو، ڪندو ڪر هر جاءِ،
اندر جَل آعجاز چئي، واتان نہ ڪر واءِ واءِ،
سيني منجهہ سماءِ، سڪ سدائين سيّد جي.

٨- مڪہ مديني شهر جو، شهزادو شاهن شاهہ،
با آهل آعجاز چئي، نڪتو وقت بيگاهہ،
انڌن حق جي امام کي، رنجايو ريءَ گناهہ،
ڪاهي پهتا ڪربلا ۾، رهزن رُوءِ سياهہ،
ڏيئي سُنهُن ويساهہ، سامهون ٿيا سيّد سان.

٩- بيعت ڪارڻ بي ضمير، آيا ڦري اهلبيت کي،
تڏهن تپي تاء مان، شاهہ ڪنئي شمشير،
ڪاهي پيو ڪٽڪ ۾، سيّد ڪري سير،
صفون چيري صاف ڪيو، ميدان سچو مهمير،
پر ٽري ڪيئن تقدير جا لکي لوح قلم ۾.

١٠- جني ڪيون جي، عالم جي امام سان،
هت هُت موتي مُنهن ۾، تنکي ايندين سي،
لعنت ليبن تي، آهي نت آعجاز چئي.

عشق ڏات الله جي

١- عشق ڏات الله جي، پئي محبتين پلءِ،
ماضيءِ وارن منصفن جا، دفتر ڏس پلي،
تہ ابراهيم آذر جا، تو کهڙا سور سلي،
۽ نوح پنهنجي پٽ لاءِ، ويو ڇهٽکون کيڏيون جهلي،
مالڪ پنهن جي مرضيءِ تي، تو هادي رب هلي،
جنهن جي دل آ جهڙي، تنهن سان رمز تهڙي رکي،
اها ڳالهہ تلي، کجي مات محيّ الدين چئي.

٢- عشق ڏات الله جي، جنهن کي جڏهن ڏي،
وندڻ انهي وَٽ جو، آ اُن جي مرضيءِ تي،
ورتي واري بانور تي، کو کلي خوش نہ ٿئي،
مچ ۽ نمرود جو، دم تہ کو ديکي،
ايرن هٿان سيرن کي، هو ماريو جياريو ني،
اهڙا مثال اعجاز چئي، تورا ناهن کي،
قدرت قادر جي، نوازيا ڪئين نبرا.

٣- عشق ڏات الله جي، تي ملي کر مين ڪُٽي،
رکي حق واسطا، تنهن تي کونہ پٽي،
بي بها هن چيز لاءِ، ڏٺي جنهن کي ڏُٺي
سو اوڳاري ۽ ڇٽي، موتي پلي محبت جا.

۴- عشق ڏات الله جي، آ امر خزانو،
نڪا تنهن لاءِ حد ڪا، نڪو ميزانو،
نڪو متس سُود ڪو، نڪو ويمون وديانو،
هلندو اچي صدين کان، هي هوڪو حقانو،
تہ بہ مورک هٽن تنهن تي، تا دم دعوانو،
گهرن گونگين ميچن سان، تنهنجو نذرانو،
رِندن روزانو، برهہ ونديو ريءِ بُخل جي.

۵- عشق ڏات الله جي، ميراث نہ ميراثي،
نڪا پڙهين پنڊتن جي، نڪا پِيراثي،
نہ وزيرن وِيرن جي، نڪا شَاهاڻي،
نڪا مُلن مشائخن جي، نڪا مخدوماڻي،
نہ ڪا فارسين تُرڪن جي، نڪا مُغلاڻي،
متس دعويٰ ڪونہ ڪري، پيءُ ڪي ڏاڏاڻي،
ملت محبت مولٰي جي، آ وَتَ غريباڻي،
چئي ويو آرياڻي، ائين پاڻ اعجاز چئي.

٦- عشق الاهي باهہ، ساڙي ڳُجهان ڳُجهہ ۾،
ڇِپي جيرو تنهنجو، چڙهي نہ ڪنهن جي نگاهہ،
سوزش خلش ساهہ ڪي، سا پوهيو ڪري پاهہ،
لڳي جن ڪي آهہ، سُڌ سموري تن ڪي.

(١) ميزانو: وزن (٢) بخل: ڪنجوسي

٧- عشق الاهي چڙهه، ساڙي ڳجهان ڳجهه ۾،
پيڙ پيڙڪا تنهن جا، ڪا نِرتي پسي نظر،
ڪين اُجهائي سگهيا، تنهن کي سڀ ساغر،
جي اندر ٻڙڪا ٻَر، لوڪ نه لکي تن کي.

٨- عشق الاهي اگن، ساڙي ڳجهان ڳجهه ۾،
جي جلن پچن تنهن ۾، سي مَستو مَست مگن،
ڳُڙي جيئن ڳگن، تيئن ڳڙن اهي اَعجاز چئي.

٩- عشق الاهي چيرو، ساڙي ڳُجهان ڳُجهه ۾،
لائي ڪير ڪيئن ويو، پڇ نه پتو پيرو،
منهن جي مُنهن زبان تي، تنهنجو پهرو گهيرو،
التو اٿئي ڦيرو، سَمجَهه وڃائي سَمجُهه تون.

١٠- عاشق سدا عشق ۾، باطوني ڪن بات،
جي مرڻئون اڳي مري ٿيا، هر دوجڳ حيات،
انهن کي اَعجاز چئي، موڳا چون ممات،
پورا اها بات، آٿج تون اعتبار ۾.

١١- عاشق سدا عشق ۾، تا ڳجهو ڳالهائين،
ٻَر ۾ سندي پرينءَ کي، تا سيڪي سٽائين،
عام اڳيان اَعجاز چئي، لُڇي نه لڪائين،
سراپا پائين، سورهه پوش صبر جو.

١٢- عاشق سدا عشق ۾، تا اُبتي پور وڃن،
محبت سندي مچ ۾، تا دوڳن جيئن ڏڳن،
ٻڌيو سندرا سچا، توڪل تي تڳن،
اندر جا اعجاز چئي، پولا پوت پڳن،
قدم اُت لڳن، جت ناهه سواءِ پيو ناهه ڪي.

١٣- عاشق سدا عشق ۾، تا جهورن جُسو جان،
وحدت سندي ويڙهه ۾، ويا سي سُرت سُبحان،
آئي بُوءِ اعجاز چئي، محبت جي مَنجهان،
گم تيا گياني گر ۾، اهڙا ٻول ٻڌان،
ٻئي جي ٻُڌن ڪانه، مَا سِوي المَحبوب جي.

١٤- عاشق سدا عشق ۾، آهن باغ بهار،
محبت سندي مهراڻ ۾، تا لهن ليل و نهار،
آنحد ۾ اعجاز چئي، تا پسن ياڪي يار،
ٻي نه ڪن پچار، ما سِوَي المَحبوب جي.

١٥- عاشق سدا عشق ۾، ماڻن تا معراج،
دنيا عُقبيٰ دين جو، ناهي تن احتياج،
احديت ۾ اعجاز چئي، ڪاهي ڪَيُئون ڪاج،
پائي سِر تي تاج، طالب تيا توحيد جا.

١٦- طالب ٽيا توحيد جا، سي ميثاقان مانجهي،
سڙن پچن سوز ۾، صبح ۽ سانجهي،
پسي اهنج آعجاز چئي، لاءِ نه وِڌئون لانجهي،
ڪڙا ۽ ڪانجهني، پيتا تن پريت سان.

١٧- عاشق الٽي جهات، پايو پسن پرينءَ کي،
جدا ٿي جسمات کان، ذات سان ٿين ذات،
اِن اولياءَ الله لا يَمُوتُونَ، وري نه ڪن وفات،
سدا منجهه صفات، سانگي رهن سير جي.

١٨- عاشقن الله جو، پاڇو پاند نه ڇڏيو،
اولي اوٺ الڪ جي، آڏاڻو اڏيو،
عشق ۾ آعجاز چئي، سرِ ڏين ڪُڏيو،
صاحب تو سڏيو، ڏي انعام انهن کي.

١٩- عاشق آجهاپو، کهڙي ريت ڪندا،
سڙيا سوز فراق ۾، سينا جن سندا،
اهي درد مندا، ناهن اوڏا ننڊ کي.

٢٠- عاشق آجهاپو، ڪندا کهڙي ريت،
اچي پيئي اوچتي، پلئه جن پريت،
سي نه سمهن سک ٿي، ايءَ نينهن سندي نانيت،
جاڳڻ منجهان جِيت، ڪئي عاشقن آعجاز چئي.

٢١- پسو جيئن پروان، شيدا آهن شمع تي،
عاشق تيئن اَعجاز چئي، حسن لاءِ حيران،
ڪڏيو ڪن قربان، سر سيڪڙو سونهن جا.

٢٢- عاشق چئجي ان کي، جو پير ڪُپيرڙيءَ پائي،
اولهه کان عاري تي، اوير سر نائي،
ڏيئي باهه بهشت کي، دوزخ اُجهائي،
التي پور اَعجاز چئي، سُڏيون سٽائي،
سو پلي سڏائي، پاڻهي عاشق پاڻ کي.

٢٣- عاشق آهه عليؑ، بيا مڙئي ملول،
رمز انهي جي رنگ کي، چاتو پاڪ رسولؐ،
عروج ۽ نزول، عجب اَعجاز عليؑ جا.

٢٤- عشق عشق اسان ڪيو، عشق نه ڪيو ڪنهن ٻئي،
اسين اهي آهيون، جن تڪڙ تورڻ ري،
امانت سمجهي اَعجاز چئي، انا يس اکين تي،
عشق نه آڪرو تئي، اڳيان اسان جي ڪڏهين.

٢٥- عشق عشق اسان ڪيو، عشق اڳي ڪٿ هو،
اسان ريءَ عشق کي، ڪونه سڃاڻي ڪو،
آسان پرڪيو اَعجاز چئي، اسان ئي سُڃاتو،
هي عشق اهو آ جو، جنهن جبل ترڙائيا.

٢٦- عشق عشق اسان کيو، اول آخر تاءِ،
اناٿ وقت عشق جي، ڪئيسون ڪانہ پچاءِ،
اسان ئي ڏنس آعجاز چئي، مٿو ريءِ چُون چراءِ،
نہ تہ هيءَ اهائي بلاءِ، جنهن فرشتا فرار ڪيا.

٢٧- عشق عشق اسان ڪيو، نالو عشق رکي،
اسان ريءِ عشق جي، ڪنهن نہ ذات لکي،
اسان پرکي آعجاز چئي، اسان ئي چکي،
هونئن تلخ آهہ تکي، مِٺي آ پر مات سان.

٢٨- عشق عشق اسان ڪيو، عشق اسان جي ڏات،
اسين ذات عشق جي، عشق اسان جي ذات،
اسان کي تات عشق جي، عشق کي اسان جي تات،
اسان جي تنهن سان بات، آ بئي جي بات نہ آعجاز چئي.

٢٩- عشق عشق اسان ڪيو، اسين عشق لائق،
اسين شائق عشق جا، عشق اسان تي شائق،
عشق اسان جو فائق، اسين فائق عشق جا.

٣٠- عشق عشق اسان ڪيو، عشق اسان جي خلقت،
اسين مالک عشق جا، عشق اسان جي ملکيت،
ائين سمجهہ آعجاز چئي، هيءَ آ حقيقت،
عشق اسان جي رعيت، اسين راجا عشق جا.

٣١- عشق نہ چاٺي اٽڪل، اٽڪل سيکاريس اسان،
اکيان ڪيوسون حُسن ڪي، عشق پٽيان ڪونتل،
پڇي اوتارو عاشق جو، اچي پهتاسون تنهن پل،
چيوسون اسلام عليڪم سيڪڙو، چيائين وعليڪم سلام سهٽل،
خبرن چارن کان اڳيئي، ويا تير چٽي اٹ جهل،
چٽ عاشق جو چٽجي ويو، هو چشم هئا چنچل،
ماريس منهن ملوڪڙي، چرڪ چڏايس چَل،
ونگي وڏوسون ويچاري کي، وڏي ويڙهائي تل،
جيءَ اندر ۾ جَل، پوءِ پاريس عشق آعجاز چئي.

٣٢- عشق نہ چاٺي عقل، عقل سيکاريس اسان،
باز ڪيوسون حسن کي، عشق عقاب اجل،
چُڳندي ڦڳندي عاشق کي، حسن هنيو چنگل،
عشق پري کان تاڙيو، اهو شوق شغل
حسن ماريو عشق ماٺيو، عاشق ڏنو بُل،
پوءِ آعجاز اکل، تيو عاشق طعامون عشق جو.

٣٣- عشق نہ هو داناء، دانائي سيکاريس اسان،
ڪتاب ڪيوسون حسن کي، عشق نقطي نماء،
مڪتب ڪيوسون جهان کي، عاشق تنهن ۾ طُلباء،
سو پڙهندي ڪتاب حسن جو، عجب ڏٺائين لقاء،
تہ جهڙو نون نقطي سان، تهڙو ئي نين بناء،
ڪاري لڳس قلب ۾، آعجاز اتانهين گهاء،
پيس پوءِ سماء، استاد سڏيائين عشق کي.

۳۴- عشق اصل پَرمار، ڪائي مار حسن جو،
حسن باز شڪاريءَ جان، عاشق ان جو شڪار،
عشق تني جي تاڙ ۾، حارص ۽ هوشيار،
جتي ٻه ڏنائين حسن کي، تنهن مار متي هسوار،
اُت ڪري امالڪ وار، هٿ ڪيئين مار حسن ڪان.

۳۵- عشق نہ ماريو عاشق کي، ماريو حسن هٽي،
عشق جي اَعجاز چئي، اتي بات بٽي،
ٿي وينو پوءِ ڏٽي، عشق عاشق جي دل ۾.

۳۶- عشق عاشق جي دل ۾، عاشق ٿيو مستان،
حاضر جلوي حسن جي، هٽي ڪيس حيران،
ويو وسري ويچاري کي، هي هو سڀ جهان،
پڇي نہ دين ايمان، هيج پڇي ٿو حسن جو.

۳۷- عشق عاشق جي دل ۾، عاشق سُمهي ڪيئن،
نيٽين ننڊ حرام ٿيس، جاڳي چرين جيئن،
تڪي راهون حسن جون، حال سدائين هيئن،
صورت جا سونهن پري، سا سانڍي ساهہ سينءَ،
جيئن جڳ سمجهائي تيئن، عاشق الٽو جڳ ڪان.

۳۸- عشق عاشق جي دل ۾، عاشق ڪيئن مُڙي،
جنهن کي حسن پسڻ سان، تو جاذب جام جُڙي،
ڪيئن نہ پوءِ کُڙي، عاشق مست ڳگن جان.

٣٩- عشق عاشق جي دل ۾، عاشق پئي پيالو شينهن،
وجي اڪيلو دارتي، جهڙو اصل شينهن،
شينهن بہ تيئن نہ شينهن، جيئن عاشق اڄ شمار ۾.

٤٠- عشق عاشق جي دل ۾ عاشق شينهن پيالو پيئي،
شينهن جان جالي جڳ ۾، شينهن جان ئي تو تئي،
شينهن جان گهمي شور سان، شينهن جان چانگ ڏئي،
شينهن جان وارد ويڙهہ ۾، شينهن جان نيهڙ ني،
شينهن جان ڪائي ماس ڪي، شينهن جان ڪل نہ ڪئي،
شينهن جان شاهہ تئي، عاشق ڪُل ئي انس ۾.

٤١- ڳل ڳرا هو عشق جو، اڇي پيو جن،
سڪ وندا سنسار ۾، سيئي تا سڏجن،
انهن سر آهن، باري بار اَعجاز چئي.

٤٢- ڳل ڳرا هو عشق جو، اڇي جن پيو،
ڏنو دين دنيا جو، وسري تن ويو،
جتان وريوئي ڪونہ ڪو، لڳن اُت ليو،
الاهي آڙاهہ ۾ اتن تاڪ تيو،
باري سڀ پيو، تيا هيڪاندا حق سان.

٤٣- ڳل ڳرا هو عشق جو، پيو جن اڇي،
سي هر هر پنهن جي حال جي، ڪن تا ڳالهہ سچي،
بدناميءَ جي بار ڪان، سگهيا ڪين بچي،
ويڙا سونهن حسن تي، پتنگ جيئن پچي،
تيڙا راس رچي، محبتي محي الدين چئي.

۱- دارُون آهـ دارون، سدا دردمندن جو،
وڃي وٽ ڪلال ڪان، ڪري عرض آرون،
ڪيفي قطارون، جن پيتون سي پرسن ٿيا.

۲- دارون دارون آهـ، سدا دردمندن جو،
نينهن سندي ناسور جي، ٻي ڪا دوا ناهـ،
سنباهي سر اعجاز چئي، هَٽ ڪلالڪي ڪاهـ،
عاشق اهڙي آگاهـ، ڪئين ڪندا ويا ڪيترا.

۳- صبح شام شراب، پيءُ تہ پاڪيزو رهين،
پَٽي پاڙ پليتيءَ جي، ڪَندئي گل گلاب،
عجب آهـ اعجاز چئي، اهو آب ناب،
خرابن لڳي خراب، عاشقن امرت ٿيو.

۴- شائق جام شراب جا عاشق المناڪ،
اهي پيئن اعجاز چئي، روز چڪن جن چاڪ،
انهي پيالي پَٽجي، ڪئي عُشاقن هاڪ،
جيڪي ڍوڪ پيپاڪ، تن قدر نہ انهي ڪيف جو.

۵- ساقي سيّد آهـ، ٻيو ساقي سجهي ڪونہ ڪو،
تنهنجي مٽ مئخان ڏي ڪسڻ، قبولي ڪاهـ،
سر جو سانگو لاهـ، سرڪيءَ ڪاڻ اعجاز چئي.

۶- پري پري پيار، ساقي پيالو سڪ جو،
مر تہ مران موت ڪان آئون اڳي هن پار،
ڪهڙو آهي يار، جيئڻ باده جام ريءَ.

۷- پي جن پياري، پاڻ پلائي پنهنجو،
مستي تنهن مئي سندي نئين سج نياري،
ساغول ۾ غنود کان پاڪ صفا ساري،
خوشدل خماري، آهي تنهن جي اعجاز چئي.

۸- پي جن پياريو، پيالو پرت پريم جو،
من اندر اعجاز چئي، ناري تنهن ناريو،
کلي خمارن تنهنجي، اُڏري ڏيکاريو،
سلي سيکاريو، چالو عروج نزول جو.

۹- پي جن پياريو ۾، پيالو مست پريم جو،
انهن کي اعجاز چئي، سدا نت ساريو ۾،
پل پل پچاريو ۾، ويهي تن جي وصال کي.

۱۰- پري پري آڻ، ساقي پيالو سڪ جو،
صدائون سڪايلن جون، چاڙوئي تي چاڻ،
صورت مان سڃاڻ، اجايل اعجاز چئي.

۱۱- عليءَ سندي آنهه تان، پيتا جني پٽ،
پتر قلب تني جا، تي پيا مثل پٽ،
اکين تا اعجاز چئي، لهي ويڙن پٽ،
پڙ ۾ ڏنائون پٽ، اندر منجهه الله جا.

۱۲- علي سندي آنهه، تان پُتڙا پيالو پيءُ،
الولاين سان "اعجاز" چئي، جُڳ جُڳ پيو جيءُ،
کونه لڳندئي سيءُ، ڪڏهن قبر قيام جو.

۱- صورت منهنجي سڄڻ جي، سمجهه سراپا سونهن،
لاهيو چڙهي لحظي ۾، ڏُک دلين جا ڏُونهن،
سونهان ٿين تنهن صورت وٽان، اصل ڪان آسونهن،
اتم وِندر ورونهن، سا اکين لاءِ آعجاز ڇئي.

۲- پيچي وار پرين جا، شب رنگا شاهوڙ،
جوڙ نه جِيس تني سان، تَليهرن سان توڙ،
ڏاڍا آهن ڏنگٽا، ڪائي وِڌا تن ڪوڙ،
ڪيائون تيد ڪِروڙ آئون نه هڪ آعجاز ڇئي.

۳- پيشانيءَ سان پرينءَ جي، پونم ماهه نه پُڄي،
شمع به شعاع جَهڪو ڪيو، لالڻ آڏو لڄي،
رات منجهان ڏينهن ڪيائين، ڏنو ڏيهه سڄي،
ٿو عجب آعجاز ڪڇي، تنهن جي ڏسي تجلات ڪي.

۴- پِرون منهن جي يار جا، ڏنا جي پونرن،
نه پيلا ٿي وين مُنهڙا، سياهي مور نه ڪن،
۾ ٿيغون مڏيون تَن ڪيون ابِرن جي جَلون،
سِپرون سَٽ نه سهن، جي اولرون ڪن آعجاز ڇئي.

۵- عجب اکيون عجيب جون، عجب اٿن خمار،
مئي ڪَشن ميخانن ۾، پلپل تن پچار،
جيڪي ڏسن جِيءَ ڏيئي، سي سدا منجهه ملهار،
ماٺن ڪيف قرار، عاشق سي آعجاز ڇئي.

۶- نڪ ته نِرمل نجيب جو، آ بيشڪ بي مثال،
سُهٽائيءَ سان دنگ ڪَيئين، ڪُنڊڙائيءَ سان به ڪمال،
تنهن ڪي طوطي سان تشبيهه ڏيئي، ٿيان ڇو بيتال،
اتم خبردار خيال، ڪندس اهڙي پل نه اعجاز ڇئي.

۷- لالڻ جي تہ لبن جي، جڏهن لعلن کي پئي باک،
تڏهن سڀ هنڌ ڪنيئون تن جي سُرخيءَ سندي ساک،
پٽن پهري اعجازؔ چئي، ڪئي وَساڙن بہ واک،
پوءِ ڪيئن نہ ڦيندي لاک، شيدا تن شَفتين جي.

۸- مُهٽا ڏند محبوب جا، سهٽا سنهڙا سر،
مُکي چاندي مين جي، تن سان پيٽ نہ ڪر،
املهہ عقيق اعجازؔ چئي، ذوڙ ۾ نيئي ڏر،
تنهنجون مرجانيون بہ مرن گهر، تہ گهوريا هن دَچنن تان.

۹- مکڻ چاٽا نہ تهڙا، جهڙا نازڪ ڳل نرم،
چُمڻ کان اڳ پسڻ سان، تو گريبان ٿئي گرم،
چڏٿو پيم اعجازؔ چئي، لاشڪ ڏين ڏرم،
شوق پڇايو شرم، خَدَ چُمان ٻئي خوبان جا.

۱۰- ڳچيءَ ڳهہ پريڻ جي، ڳهن جي ڇا مجال،
ڪچهريءَ ۾ ڪونجن جي، هُئي هردم هيءَ مقال،
سڀ صُراحيون ڪَني ڪجن، تہ بہ سِسي هُوءَ سال،
وِڏا وَجُد حال، تنهن جي ڪَر ڪِروڙن کي.

۱۱- هٿڙا هوت حبيب جا، آهن چورن لاءِ چائون،
ٻانهون ٻئي ٻاجهہ پَريون، تو ڏسان هردم آئون،
پري پاڪر پال جا، پلپل پاتائون،
دل سان دعائون، ڪريان اعجازؔ انهن کي.

۱- منهن جي اکين رات، پياريو آب ابرين،
رَعد رمز پسي کري، برسيو لِڱ برسات،
کنوڻيون کنوڻ لڳيون، ڪُل متي ڪائنات،
عام تہ اها اَعجاز چئي، کين وسندو بات،
ڪُل ئي ذات صفات، مون ۾ ئي موجود آ.

۲- منهن جي اکين پس، پياريو آب ابرين،
اوتي جر جگر مان، ڪَيَئون وس ڪارڻ وس،
هن اکين کي جس، جو عالم آسودو رکيئون.

۳- منهن جي اکين مڃ، پياريو آب ابرين،
ٻئي کنهن وهم گمان کي، هڏ نہ ويجهو وڃ،
ڀڳڻ ڪندا ٻاجهہ سان، جن اکين ڏي سَچَ،
سي چو نہ لاهينديون اُڃ، عالم سندي اَعجاز چئي.

۴- عشق ڏنو سبق، عجب منهنجي اکين کي،
پورئي بہ پسو حق کي، پٽئي بہ پسو حق،
طور اهو تعلق، قائم رهندو قيام سين ۽.

۵- عشق ڏنو ڏس، عجب منهنجي اکين کي،
اندر ٻاهر هڪڙو، اتو عين عکس،
پسو تنهنکي پسڻ سان، ور ور کري وس،
جي پورجن پٽجن پرين ۽ لاءِ، جُڙي تن کي جس،
گهاڙو اهو گس، قائم رهندو قيام سين.

٦- عشق ڏني هيءَ مت، عجب منهنجي اکين ڪي،
کُلي کُلي هر جاءِ تي، حق پسيو هر گهٽ،
ڇپر نه ڇهي ڇپر ڪي، اهو ڇوڻ رکو ڇت،
رِندي آهه رَمت، مَا زَاغَ البَصَرُ سان.

٧- عِشق ڏنو هي اَتُ، عجب منهنجي اکين ڪي،
پور جو پَتو پرين لاءِ، اهڙو پَڌو سَتُ،
ڪونهي مانع ڪَت، حد بنديءَ جي خب چو.

٨- عشق ڏيکاريو ڏيهه، عجب منهنجي اکين ڪي،
پورئي پَٽئي ساٿيهه، اهوئي پسن اَعجاز چئي.

٩- نازڪ نيڻ سڄڻ جا، نازڪ مٿن نقاب،
جي ڪُلن خو خماريا ته نرگس نه سهن تاب،
جي نهارين ناز ڪري ته نميو پون نواب،
جي چڙهن قوس قهر تي ته جڳن ڪي جواب،
جي اچن مهر معافيءَ تي ته ڇا ڇا ڏوهه ثواب،
اهڙو حسن حساب، آهي منجهن اَعجاز چئي.

١٠- ڪري عشق دلال، اکيون مليون محبوبن سان،
اکيون عاشقن جون، مُڙن هاڻ محال،
ميسر آهه اَعجاز چئي، وَرَ وَرَ جن ڪي وصال،
هلي سي هر حال، سڏ پرينديون سوريءَ چا.

۱۱- اکيون اڙيون اکين سان، عشق کري اڳواڻ،
کير تيرن جي تاءِ کان، متو موڙي هاڻ،
پُرزا ٿي پڙ مٿي، ملهائينديون پاڻ،
کانئ کينديون کاڻ، اجل جي اَعجاز چئي.

۱۲- اکيون اڙيون اکين سان، لاهي لوڪ حجاب،
شرم ۽ شَرع جو، وسرين باب عتاب،
قاضي کرين تن سان، کهڙي حد حساب،
ڪَٽ ڪو خير ثواب، پَل نہ مٽين کي پسڻ کان.

۱۳- لڳي لال گلاب، ٿيون اکيون عاشقن جون،
پسن پييون پرينءَ جو، صبح شام شباب،
اچي سڪ سِڪڻ جو، انهن کان آداب،
جن نظاري جو تاب، آهي هر هر سَنو اَعجاز چئي.

۱۴- اکين ملي اکين سان، خوب رچايو رنگ،
نعرو هڻي نينهن جو، نسري ٿيون نسنگ،
عشق سندو اَعجاز چئي، سِر سَنئون آڙنگ،
پَچي اتان پارس ٿيون، جِت مَس پڳو ڪو پتنگ،
باڻ تني جو ٻنگ، ڪڏهن ڳُسي ٿو ڪونہ ڪو.

۱۵- اکين ملي اکين سان، ڳُجهو ڳالهايو،
اَلست فرمايو هُنن تہ قالو هنن وَرجايو،
اهڙي يت اَعجاز چئي، رکيئون راز رايو،
مِلڻ تن ملهايو، جِت ڪِٽ آهن جوڙ سي.

١٦- اڪين ساڻ اڪين جي، آزل ڪان ٿي آهي،
دل واري دوستي، محبت گاهي گاهي،
اڄ ڪلهه جي ناهي، جو ڇنن گهڙين لاءِ ڇِٽ ڇڙهي.

١٧- عجيب تنهن جي اڪين ۾، ڪو ته آهي اسرار،
ڪئين وِڃائي ڪيترا، ويتا قلب قرار،
جن ڏٺيون تن ڪيون، سِريون سوريءَ سوار،
آئون چوان ڇا اَعجاز ڇئي، ڪو نهيم چوڻ جو اختيار،
لالڻ ليل نهار، آهن اکيون تنهنجون عبرتي.

١٨- عجيب تنهن جي اکين ۾، جادُو ڪي ڪَيڏ پيو،
جن جي پسڻ سان پرين، منهنجو عقل هوش ويو،
اڇي روح اَعجاز ڇئي، تيان تيان ۾ پيو،
تميو ڪونه تيو، عجب راز اکين جو.

١٩- عجيب تنهن جي اکين ڪي، ڏيئا چوڻ ڏوهه،
جن جي پسڻ سان تو، سون ٿئي پتل توڙي لوهه،
مونکي تن جو موهه، تو ادب سيکاري اَعجاز ڇئي.

٢٠- عجيب تنهن جي اکين ڪي، گلاب چوڻ گناهه،
جن جي پسڻ سان پرين تو، ساهه ۾ پئي ساهه،
تَشبيهن سان اداهه، ڳالهه نه ڪندس اکين جي.

٢١- عجيب تنهن جي اکين ڪي، چقمق چوان ته تيان چور،
آئون انهن تان گهور، ڪيان مُلڪ مقناطيس جو.

۱- اُڄ بُک اباڻن سان، عمر پانيان عيد،
آڇم مون اعجاز چئي، موتي مَرواريد،
نکي طعام تراوتي، نکي ميوا مزيد،
شغل شادي ديد، مون لئه مارو چار جي.

۲- صورت سانگي سنگهار جي، مورت آ مون من،
آهي سا اعجاز چئي، آسا بند اکين،
منجهه تڳان تاري تَنهن جي، قيد الماء ڪَڙن،
ويندیس ويڙهه وطن، ڪري مَهندان مارو چار ڪي.

۳- جو گوندر ريءِ گذاريو، مون وقت ويڙهيچن سان،
سوئي سنپاريو، پئي ڏکيا ڪانيان ڏينهڙا.

۴- جو گذاريو گوندر ريءِ، وقت مون ويڙهيچن سان،
اهو سنپاريو اعجاز چئي، هِت قيد ڪٽي پئي هيءِ،
پسڻ ڪارڻ پيءِ، آذيتون سنيم عمر جون.

۵- جا رَوَش ريگڙ يارن جي، سا عمر تو وٽ ناهه،
الله لڳ اعجاز چئي، لوهه مُنيءِ تان لاهه،
سومرا ساچاهه، ڪر ته دعاڳڻ تو تيان.

۶- جيءِ جُسو جڙين سومرا، سَنگهرن سان سارو،
ته به اکين دل ارواح، اباڻن آرو،
هرگز نه هتڻ وارو، ڪاڏو قرب انهن جو.

۷- جسو جڙيئي سومرا، سارو سنگهرن ساڻ،
ته به منهنجو من مارن سان، ڪري روح رهاڻ،
ڪيئن پوءِ ڪيدان ڪاڻ، عمر قيد ڪڙن جي.

۸- جسو جڙيُئي سومرا، زيل زنجير هٿي،
تہ بہ دل جي آئون تہ، دري مان پئي پسان ملير ڏٽي،
انهن جي اشارتن ۾، ويم قيد وٽي،
ائين پانئہِ ڪٽي، تہ آهن گڏ اعجاز چئي.

۹- جي جهلين جهٽڪين سومرا، تہ بہ وَرُ ويڙهيچو ويءُ،
بت تو وٽ بند ۾، جڙيل ماروءَ سان جيءُ،
مونِ ڪي پوءِ محي الدين چئي، قيد ڪندو ڇا هيءُ،
پَسي پنوهارو پيءُ، ڪنديس روح رچنديون.

۱۰- جي جهلين جهٽڪين سومرا، هٿين لوهہ هزار،
تہ بہ منهنجي ماروءَ چام سان، آهي لئون لغار،
توسان تنهنجي قيد جي، ڪنديس ڪونہ ڪُوار،
اباڻن جي اعجاز چئي، مارينديم ميار،
تن ڪي تار تنوار، پيئي ڪنديس پر ۾.

۱۱- اُتي وينئي اباڻن سان، اتم روح رُڌل،
لاهيندا سيِ لڪ ۾، قيد متي تان ڪُل،
ڪندا تنهنجي طلسم ڪي، عمر اُهي اُجل،
ويندئي بانور بَل، بلاشڪ بهلول چئي.

۱۲- نڪا اڄ نہ ڪالهہ ميان، آزلان اگهي چاڻ،
سيم بانگ بِرهہ جي، قلبئون ڪَنن ساڻ،
پڙهيم ڪلمون پريم جو، پرزا تي ويو پاڻ،
مليو صبر سَنباڻ، بَر سِرو بهلول چئي.

١- آگــم ڪري آئيــو، ســانــوڻ سُڪــاري،
حَمـد ڏُگـانـا هـاديءَ جا، هـر هـر پـڙهـو هـاري،
پيـو سـاهـ سُڪـن ۾، سُونـهـن مِـلين سـاري،
سنڌڙي سـونـهاري، رحـمت جنهـن تـي رب جي.

٢- آگــم ڪري آئيــو، ســانــوڻ سُهــاڳي،
حـمـد پڙهن حـمـيـد جا، مـاٺـون مـڙئـي مـاڳي،
واحـد ڏنـي وس سـان، سـونـهـن سـيـن سـاڳي،
سـنـڌڙي سـيـاڳي، رحـمت جنهـن تـي رب جي.

٣- آگــم ڪري آئيــو، ســانــوڻ ســونـهــارو،
واٺـو واءُ پـورب جو، سـاهـ سـيـبـاٺـو سـارو،
گـگـن گـجيـو ڪـنـوڻ ڪـنـوي، وسـيـو وسـڻ وارو،
المجيــب اَعجاز چئــي، آهــي ٻــاجهــارو،
ڪـوتـڙ تـاسـيـارو، قـادر ڪـيـو ڪـيـنـڪـي.

٤- ســارنــگ آيـو ســانــن ســان، آڙنــگ آهــي اڄ،
جيـئـن سـهـٽـي ڪـنـهـنجو سيج تـي حُسن ڪري ڏَڄ،
تـيـئـن ول ڇل وجهـيـو وسـڻ لاءِ، مُرڪـيـو مـوهـي وڄ،
روح ڪـنـدا ڪـئـين رڄ، آسـائـتـا اَعجاز چئــي.

٥- ســانــوڻ آهـ سـڄـڻ ســان، ســڄـڻ ئـي آ ســانــوڻ،
اڄي جڏهــن اَعجاز چئــي، ڏڪــن پــئــي ڏاوڻ،
رنــگ لـڳـي رانــوڻ، ڦـئــي آوس وس وصــال جي.

٦- سانوڻ آهه سڄڻ سان، سڄڻ ئي سانوڻ آهه،
سانوڻ جو سپرين ريءَ، رنگ رچڻ جو ناهه،
نڪا مينگهه ملهار سونهين، نه بوند بهار بالله،
سڀ ٿهي ٿو ناهه، اچڻ سان عجيب جي.

٧- امر ساڻ الله جي، وريو وچن سان آهي،
ڪڪرن ڪارونيار ڪئي، بس بادل وٺ ناهي،
از غيبي آب آعجاز چئي، تو سهجئون سنباهي،
اُجين اُڄ لاهي، اچيو عرب پار ڪان.

٨- اڄ مينگهُه پي مست ٿيو، آئون به چونه پيان،
پي پيالا پريم جا، لنئون لنئون ڳگ ٿيان،
بادل جيئن برخيز ٿي، ڏيهَن رنگ ڏِيان،
دلربا جي ديس ٿي، ترِنجا بَحر نيان،
جانب پسي جيئان، امر ٿيان آعجاز چئي.

٩- اڄ مينگهه پي مست ٿيو، آئون به پيان چونه،
اشاري سان عجيب جي، ترِبه تَرسان ڪونه،
پي هٿان پرين جي، برسان وسان بي اونَ،
هيرا موتي پلٽ ڪريان، سڀ هنڌ سيمون سون،
پالهو پسان پوءِ نه، اويڙ ڪو آعجاز چئي.

١٠- ڪي بگا ڪي بيوتڙا، ڪي ڪارا ڪارونياري،
بادل باد بحر سان، آيا ڏومي ۾ ڏچداري،
سونهن سَتا سانوڻ جي، من موهڻ واري،
سعيو شُڪاري، آگم ساڻ اعجاز چئي.

١١- ڪي بگا ڪي بيوتڙا، ڪي ڪارا جهڙا ڪيس،
ڪڪرن ڪيا قسمين قسمين، وسڻ ڪارڻ ويس،
سارنگ سارون لڏيون، سرها ٿيا سڀ ديس،
ڀڪن ٻيلا سنڌ جا، باغن حسن هُبيس،
جهڙا نصرپوري ڪيس، تهڙا پٽ سونهاري سنڌ جا.

١٢- ڪي بگا ڪي بيوتڙا، ڪي ابلق جي آچار،
مندائتي مينهن جا، ڪڪر ڪلا دار،
اپ وڪوڙي وچن سان، چڙهي آيا چوڌار،
هلي ونا هر پار، ٿيڙا اوج اعجاز چئي.

١٣- ڪي بگا ڪي بيوتڙا، ڪي ڪوپا ڪلنگهيارا،
بادل باد بحر سان، آيا مينگهي ملهارا،
ٻرسي بينا پيچ ڪري، ڏس باغبن بهارا،
جهوليئين جهالارا، اٿن جر جوهر اعجاز چئي.

١٩- اترئون ٿي اتيو، تو گگن اچ گجي،
سو آيو واء وچن سان، ڪري جهات جهجي
پير جهنڊي جي پڙ پٽن تي ڪيئن نظر نجي،
اردوگرد اعجاز چئي، پيا ريگ جبل رِجي،
هئي جا دل منجهي، سا کُلي باغ بهار ٿي.

٢٠- ڪي بگا ڪي بيوتڙا، ڪي ريتا ڪي رنگين،
ڪي بلوڪي باصري، ڪي زردا ڪي زرين،
ڪي سرمائي ڪي سونهري، ڪي فيروزي فرحين،
مينهن ڪڪر مند سانوڻ جا، ٿا طرحين طرحين ٿين،
رم جهم راتو ڏينهن ڪريو، ڪن بوندن ڪان بس ڪين،
جنهن جوڙي جوڙ اهڙي، هجي تنهن آفرين،
جهڙا قابل جا قالين، تهڙا پٽ سونهاري سنڌ جا.

٢١- ڪي بگا ڪي بيوتڙا، ڪي نيلا ڪڪر نج،
ڪڍي ڪمانيون ڪنڌيون، قبضي ۾ ڪيئون سج،
رزق اتن رسائڻو، ان پاڻي ۾ ٻج،
هاري حمدالله چئي، هر هٽ ۾ ڪِج،
مرد مردانو تج، محنت جي ميدان ۾.

١- پَلئہ پائي پيهہ، دليئون دردا سڙي،
چري چنيسر چام سين، چُلي ڪرم چيهہ،
عجز سان اعجاز چئي، راء سندي دل ريهہ،
تون ورچڻ چڏي ويهہ، پرچڻ آهہ پرينءَ تي.

٢- ڪائين چو ڪورا، پائين نہ پلئہ پرينءَ ڪي،
سي وسري وِيئي ويسري، جي تورائتي ڪَيئي تورا،
آيئي تڏهن اعجاز چئي، سر جفائون جورا،
پيچي ڪر پورا، دعويٰ سڪڻي دم جي.

٣- تو پاڻهي ڪئي پاڻ سان، ليلان اتي لوڙ،
وَر نہ توسان وچائيو، تو نہ ڪيوڙي توڙ،
هُوڙهي مُوڙهي هاڻ تون، مَنُ مَٽئي ڪان موڙ،
چني سڳو چوڙ، اتئي مهل اعجاز چئي.

٤- پاڻهي ڪيئي پاڻ سان، ڏوهہ ٻين کي ڏين،
ليلان هاڻي لوڪ ۾، جيڪر دم نہ جِين،
پيالو زهر پين، انهي هوند هئڻ ڪان.

٥- پاڻهي ڪيئي پاڻ سان، چاڻي واڻي چٽ،
پوري اکيون اعجاز چئي، ڪيئي مٽيون چنيسر مٽ،
هُوڙهي پاسي حق جي، گهٽو ويئينءَ گهٽ،
ڪري انڌ الهٽ، ڪانڌ متايئي ڪچ تي.

٦- چالهي وَرَ وَلهو، چالهي موتين مُٺ،
ويهي ڪر ويچار تون، اِهو اوائي اُٺ،
ان ڪري آعجاز چئي، تي جوڳي توسان جُٺ،
جوپِر ڪي ڏيو پٽ، تي منشا پاريئي مَن جي.

٧- جو مون هار پانيو، سو مون لئه هو ڪومار،
ڏنو تنهن آزار، هٽي ڏنگ ڏهاڳ جو.

٨- جومون هار پانيو، سو مون لئه هو موت،
فاني تيندي‌س فوت، ڦٽڪي اِن فڪر ۾.

٩- جومون هار پانيو، سو هو اندر ساڙ،
پسي چلڪو چاڙهه، منهنجو چِت چريو ٿيو.

١٠- جومون هار پانيو، سو مون لئه هو ڪوسور،
پائڻ سان پري ٿيم، نيڻن سندو نور،
هڙي ڪاٺي هار جو، ڪڙو هوم ضرور،
ڪيم هي ڪلور، پوري اڪيون آعجاز چئي.

١١- جومون هار پانيو، سو هو ڏک ڏهاڳ،
پوءِ پروڙيم پُرجهي، جڏهن ويو سک سهاڳ،
مَليان ڪهڙي مُنهن سان، هاٿي مِسي مساڳ،
جي پري اچيم پاڳ، تہ آٿيان ڪانڌ آعجاز چئي.

١٢- تو چڱو چوندو ڪير، جيئن پاٿمر ادو پسرين،
اِيءَ نہ پلائي پير، ڪي مچ تہ مانُ لهين.

١٣- سرتيون تيو سچ، چوڻ نيٺ چڱن جو،
آيم ڪين اعجاز چئي، ڪم ڪهين ۾ ڪچ،
مٺئين منجهان مچ، متو مون مُنيءَ لاءِ.

١٤- سُرت ڏيوم سرتيون، ڪانڌ ورايان ڪيئن،
جيئن تي پاڻ پتوڙيان، تڙجان پئي تيئن،
عهد ڪيم اعجاز چئي، هاٺي جيڏيون هيئن،
تہ صبر موت سينءِ، ڪنديس ڪونہ قريب رِيءِ.

١٥- سرت ڏيوم سرتيون، مون ڪُڏائي ڪئي،
ڪَونرُوءَ جي ڪُپت جي، مونکي ڪل نہ پئي،
مون پانيو تي مُنُ ۾، ڪريان گدرا بئي،
پوءِ پروڙيم پُرجهي تہ وَهي سير وئي،
اديون ائين اعجاز چئي، مون کان ڳالھ ڳئي،
چؤ تہ ڪيئن چئي، آئون ريجهايان راءِ کي.

١٦- سرت ڏيوم سرتيون، وانڍي ڪيس واپار،
آوڳُٽين اعجاز چئي، ڏڪجي تيس ڏار،
هن هچاري هار، مون کان راءُ رُسائيو.

١٧- مُني ڪانڌ مَ مت، چڏ مَ پاند پرينءَ جو،
عجز جو اعجاز چئي، ڳچي پائج ڳٽ،
سڳو مٽيون سَٽ، تہ ساڳيو توسهاڳ ملي.

۱۸- تون ڏوهياٽي توکيو ڏوهه، ڏِس مُنَي تون پاڻ ڏي،
ڏنيون اکيون ڏسڻ لاءِ، قادر توکي کوهه،
پَرينديئي پرکين ها، ڏوهيءَ سندو ڏوهه،
تہ مور نہ توکي موهي ها، مٽئين سندو موهہ،
عبث هاڻ اعجاز چئي، چَنديـن وَرتي ڇوهہ،
ليلان تي وَئينءِ لوهہ، پاٺي پنهنجي پاڻ مان.

۱۹- پَرم پُلاياس، نہ تہ آئون نہ پلجڻ جهڙي،
عجز جي اعجاز چئي، ويڙهي اگ نہ وياس،
هوندي منجهہ هياس، حيف منهنجي حال کي.

۲۰- پرم پلايس، نہ تہ آئون نہ پلجڻ جهڙي،
عجز جي اعجاز چئي، ويڙهي اگ نہ ويس،
هوندي منجهہ هُيس، حيف منهنجي حال کي.

۲۱- پلايم پرم، نہ تہ آئون نہ پلجڻ جهڙي،
عجز تي اعجاز چئي، پروسو نہ پانيم،
هئڻ هلايم، حيف منهنجي حال کي.

۲۲- پرم پلايم، نہ تہ آئون نہ پلجڻ جهڙي،
آهيان هاڻ اعجاز چئي، شاهي منجهہ شرم،
مَاريم ٿا مام ۾ مدايـن جا مَرم،
کيم کوڇها کم، حيف منهنجي حال کي.

۲۳- ليلان چتان لاهه، اکر آئون ۽ جو،
آئون کي آعجاز چئي، ڪٿي اهميت ناهه،
ڏي آئون کي باهه، ته آئون کان آجي رهين.

۲۴- ليلان ليکو کوهه، کرين پنهن جي کانڌ سين،
جي توونٿ ترسي کينکي، ته به توتي هن جو توهه،
اوڳڻ ڇڏ اندوهه، ڏس نه کشر کس ڏي.

۲۵- من ۾ پايو مير، پوءِ ٽي پرچاٽيون کرين،
اوڳي توکي آعجاز چئي، کونه چوي سچ کير،
سچڻ جي سر چاڻ جو، ائين نه لهندين ۽ سير،
جيئن غلط اکر ميٽجي، تيئن من تان ميٽج غير،
ته پري اچ ئي پير، پرين توڏي پرچڻ جو.

۲۶- ڪنهنجو مٽيون ڪنهن جي ڪونرو، ڪير ڏوهياٽي ڪنهنجو ڏنگ،
جو لکيائون لوح ۾، اهوئي پريو انگ،
اصل کان آعجاز چئي، رتيل هو ائين رنگ،
دوري ۽ سندو دنگ، وِڌو تڏهين وکهي.

١- ڪاڪ شِڪستو ڪاپڙي، آيو ڪاڪ ڪاڪ ڪندو،
گهايل ڏنو تي گهٽ ۾، ساڙيل سونهن سندو،
ماندو دردمندو، هو آديسي آعجاز چئي.

٢- ڪاڪ شڪستو ڪاپڙي، ڪاڪ نہ وساري،
پاڻ مرادو پر ۾، جهڄي جهونگاري،
ڦٽيو ڦٽ فراق جي، وڏو مذاقن ماري،
هنجهون لڪيو هاري، آديسي آعجاز چئي.

٣- ڪاڪ شڪستو ڪاپڙي، سامي سڙيل سارو،
سونهن وڃائي سوز ۾، ڪڙهي تيو ڪارو،
مومل جي مذاقن جو، مٿس مونجهارو،
اندوهيل اُجارو، آديسي آعجاز چئي.

٤- ڪاڪ شڪستا ڪاپڙي، ڪاڪ سندي ڪر ڳالھہ،
ڪهڙي چَليون چال، توسان ڪُنواريون ڪاڪ جون.

٥- ڪاڪ شڪستا ڪاپڙي، لَلنگھہ لاڪيٽا لال،
اوري اور آعجاز چئي، اتي جا احوال،
ڪهڙي طرح تال، ڪيا ڪنوارين ڪاڪ جي.

٦- ڪاڪ شڪستا ڪاپڙي، ڪاڪ سندي ڏي سُڌِ،
ڪيئن تيون وڏي وڌ، توڪان ڪنواريون ڪاڪ جون.

۷- ڪاڪ سڪستا ڪاپڙي، ڪي ڪاڪ مقالون ڪر،
آلفان بي اعجاز چئي، ڏي سُڏيون سَر بَسر،
پيش ڪهڙي پر، آيئي ڪنواريون ڪاڪ جون.

۸- مومل واري ماڳ تي، آهي ريبي رَڪ،
هارايو مارايو لڪ، موتيون اچان مينڊرا.

۹- ڪاچا ڪاڪ سندي، ڪئي ڪاپڙي ڪهاڻي،
لڳي مات مردن ڪي، دل تن دَوراڻي،
هو مينڊرو مڙن سوديو سُڄاڻي،
آديسيءَ جي اعجاز چئي، ويو سمجهي سمجهاڻي،
گُجر سان گڏجاڻي، ڪاهي ڪيائين ڪاڪ تي.

۱۰- ڪاچا ڪاڪ سندي، ڪئي ڪاپڙي هاڪ،
سٺي ساري ڳالهڙي، بَنبوليا بيباڪ،
چڙهيو ڪيف چئني تي، چڪي پيڙن چاڪ،
تن من جا تاڪ، ڦيرائين ڦوڪ فقير جي.

۱۱- ڪاچا ڪاڪ سندي، سامي ڪئي ساراهه،
سا سٺي چئني سنگتين، رمي ورتي راهه،
آهه مٿي آهه، ويا پريندا ڪاڪ ڏي.

۱۲- ساجا ڪاڪ سندي، سُڌ سامي سڻائي،
عاشقن اعجاز چئي، ٻي نہ وٺي وائي،
سڪ سِر جائي، قصي ڪاپڙيءَ جي.

۱۳- ڪاجا ڪاڪ سندي، سُڌ سامي سڻاين،
شائق شڪاري شوقڪان، پير نہ پٽ پائن،
ڪاڪ سندي ڪيتڪين جي، بُوءِ آديسان آين،
سڪ سرجاين، قصي ڪاپڙي جي.

۱۴- شڪل شبيهہ ساميءَ جي، شمس جيئن شعاعي،
تڙپ تپش تنهن ۾، جنبش جوش جائي،
پسي ڪنواريون ڪاڪ جون، جوڳي جان جلائي،
تنهن آديسيان آئي، بانڪن بُوءِ برهہ جي.

۱۵- شڪل شبيهہ ساميءَ جي، مورت مٽياري،
واسي ديس ويڳاڻيل سان، هو بابو بيڪاري،
اهڙي لڳيس اعجاز چئي، ناوڪ نياري،
جو خوءِ خماري، ڪڏهن نہ لٿيس ڪاڪ جي.

۱۶- شڪل شبيهہ ساميءَ جي، هئي جميل جسماني،
پُر نوراني نور سان، پور پي پيشاني،
حيرت پرئي حال جي، ڪَيئين ڪهاني،
هو جوڳي جولاني، سرس ستايل ڪاڪ جو.

١٧- ساميءَ سَليا سُر، مومل جي محلات جا،
ڪوڙئين ويا ڪيترا، سٽي خان خبر،
ڪنهن جا هليا ڪين ڪي، اُت حيلا هوش هنر،
دَر دَريچا چاڙهيون، ڪنگرا ڪوٽ قصر،
سرنگهه سير سنگينا، چوڪٺ چونڪ چڪر،
هيبت هُل هاگامان، مارِ مرون مانگر،
ڪنول ڪيتڪ ڪيوڙا، سهسين صنوبر،
پانِ پڪون پيگن سان، پُرس پريءَ پيڪر،
نَهريءَ نَتڪيءَ ناتر جي، وائي ۾ ڪئين ور،
اسرارن آعجاز چئي، منجهايا ماهر،
بنا گياني گُر، مومل ماڻيندو ڪونه ڪو.

١٨- شڪل شبيهه ساميءَ جي، ساري سونهن پري،
آديسيءَ آعجاز چئي، لائي ذوق ذري،
وريو ڪين وري، هلو ته هلون ڪاڪ تي.

١٩- شڪل شبيهه ساميءَ جي، ڏنيسون ڏکويل،
مينهن وسايا اکين مان، مومل جي موهيل،
هو سرس ستوهيل، ڪاڪ شِڪستو ڪاپڙي.

٢٠- ڪوڙو ڪاڻو ڪاڪ جو، ڪوڙو طلسم تاءُ،
ڪوڙي بَن بَناءُ سان، ڪوڙو جوڙ جڙاءُ،
ڪوڙو هُل حرڪت جو، ڪوڙو غُل غوغاءُ،
ڪوڙو ڪل آعجاز چئي، عقل ۾ اُناءُ،
راڻو ڏنگ ڏاناءُ، جنهن سارو راز سهي ڪيو.

۲۱- راڻي راز سهي ڪيو، سوڍو مرد مٿير،
ويرَ وَسيلي سو پاريءَ جي، سوجهي لڌو سَير،
نَنهن نچائڻي ناتر ڪي، ڊپائي ويو دلير،
پسي ڦير پلنگ ۾، پرجهي پاتئين پير،
اهڙو انگي اَعجاز چئي، ڪونه ڏٺوسون ڪير،
ٿمائق ٿيو شير، مومل ماٺي مينڌري.

۲۲- هليو همير ساڻ ڪري، دانهه درس وزير،
ڪيڏي ڪشالا ڪاڪ تي، وڃي سهڙيا وير،
سٺي سوال ناتر جا، سمجهي ويا سڌير،
عاشق چارئي اَعجاز چئي، عاقل هئا اڪسير،
پر توڙئون منجهه تقدير، سوپ لکيل هئي سوڍي کي.

۲۳- ڪهڙو ويڌن ڪاڪ تي، جي وياسي ڪين ورن،
لکيسري لاڏلا، مُنجهيو اُت مرن،
ڏڙهزاريـن ڏوڙ ۾ ۽ سِريون سَر ڌَرن،
ڏسيو ڏاڍايون اهڙيون، ڏورئون ڏيل ڏرن،
عاشق ڪئين اَعجاز چئي، پارڻ جيئن پرن،
بنا نيش نَرن، ڪانهي جاءِ ڪچن جي.

۲۴- سوڍي جهڙي سرت، ڪنهن کي آئي ڪانه ڪا،
هٿي ڏونڪو پير تي، ڪشيائين ڪمر ترت،
پيئي نيهيءَ کي نِرت، اُلٽي انگ اڪر جي.

٢٥- سوڍي جهڙي سياٽپ، ڪنهن ڪي آئي ڪانه ڪا،
عاشق کي اعجاز چئي، هُني جاڻ وڏي چاٽپ،
پُرزا پُرزا پاٽپ، مومل جي ڪئي مينڌري.

٢٦- نگهڻ جا نڪاء، ڪجهه نه ڪندا تن ڪي،
ڏٺا جن ڏسڻ سان، لاريبي لقاء،
ڏوڏَت ۽ ڏڪاء، آهن ڪُوڙن ڪاڻ اعجاز چئي.

٢٧- سوڍي جهڙي سِتا، ڪنهنڪي آئي ڪانه ڪا،
رس رهاڻن راڻي جي، چاڙهين رنگ چتا،
ڪيا ڪنوارين ڪاڪ جي، ڦند فريب ڦتا،
لگن ٻاڻ ٻِتا، جو تِيُن مقابل مينڌرو.

٢٨- سوڍي جهڙي سمجهه، ڪنهن کي آئي ڪانه ڪا،
مَن اندر جا مُنجهه، ميٽي ڇڏي مينڌري.

٢٩- سوڍي جهڙي سوجهه، ڪنهنڪي آئي ڪانه ڪا،
ڪيڏاريءَ جي کوجهه، ٿي سوياري سين ڪان.

٣٠- جنهن ڪيڏيا سر سين جا، تنهنجا سوڍي ڪيڏيا سر،
ساوتي راڻو راڻو ڪندي، هول مَنجهان هَر هَر،
ويس نڪري وَر، ارڏاين جا اعجاز چئي.

٣١- جنهن موهي ماريا جُنگ، سا موهي ماري مينڌري،
ويا وسري وينگسن کي، پنهنجا ڍارا ڍنگ،
راڻي واري رنگ، وِڌس حيرت حال ۾.

٣٢- پِکون جت پانن جون، کده کيف قرار،
مگر مچ مجاز جا، گهور گهُمند گينوار،
نين نندا کا نرگسي، خوبان خوب خمار،
عشق سندا اعجاز چئي، بَدل بوند بهار،
اُتي اچ ٻه پچار، آراڻي جي رهاڻ جي.

٣٣- پِکون جت پانن جون، کيف کيفيتون کُل،
کُلئي کُلائي نينهن سان، ميلو موج متل،
اُتي اچ ٻه هُل، آراڻي جي رهاڻ جو.

٣٤- پِکون جت پانن جون، کيف کده کونين،
مگر مچ مجاز جا، جهرکن ماه جبين،
مُشک حِنا هبکار سان، حلقا هٽن حَسين،
کَنول قنديل کوڙئين، لعلون ۽ لمعين،
اُتي اچ ٻه طلبين، راڻي جي رهاڻ کي.

٣٥- پِکون جت پانن جون، مِسي ۽ مرجان،
مگر مچ مجاز جا، موکي مد مئيخان،
اُتي اچ ٻه مانُ، آراڻي جي رهاڻ جو.

٣٦- پِڪون جي پانن جون، رَچن پريمي رنگ،
وڳا ويس وصل، وچن چنگ اُپنگ،
اُتي اچ بہ آڙنگ، راڻي جي رهاڻ جا.

٣٧- جهڙا سَرو صنوبر، تهڙا قَد ڪاڪ وندين جا،
ڪمرون ڪيھر شينهن جيان، ڪونجن وانگر ڪر،
رنگ برنگي ويس تن ڪي، پَرين مثل پر،
جلوا ۽ جوهر، جوڀن جوت جمال سان.

٣٨- جهڙا وَرن عُناب جا، تهڙا احمر لب،
جوڀن جوت جمال سان، ماٺو مڙئي محب،
شمع مثل حُسن جا، شعلا هڻن شب،
مرڪي اُت مرڪب، ڪئين ڪُڏايا مينڌري.

٣٩- جهڙا نرم ڪنول، تهڙا بدن ڪاڪ وندين جا،
هتين پيرين پدمڻيون، مَن موهن هرپل،
ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن ۾، ڦري ڪوڏ ڪجل،
چرخ هوش عقل، اُتي ڪئين اَعجاز چئي.

٤٠- جنهن گُجر تي گهايا، گُهورون هٽي گهوٽ،
چاڙهي تنهنڪي چوٽ، منهن مقابل مينڌري.

٤١- جنهن گُجر تي گهايا، گهور هٽي گرناري،
آئي آخر اَعجاز چئي، وار تنهنجي واري،
هَنيُس بان باري، منهن مقابل مينڌري.

۴۲- جنهن ڳُجرتي ڳهايا، هَٽي ڳهور هزار،
آئي آخر آعجاز چئي، واري تنهنجي وار،
لُٽيَس ڪُل قرار، منهن مقابل مينڌري.

۴۳- راڻو چاڻن راڻي ڪي، عين وڏي هيءِ چڪ،
ارض و سماء اوڙڪ، ڪونهي مٽ مينڌري.

۴۴- راڻو چاڻن راڻي ڪي، نسوري نادانيءَ،
اڻ چاڻن آعجاز چئي، مورکن من مانيءَ،
سوڍي جو ثاني، ڪونهي ڪاڪ ڪونين ۾.

۴۵- راڻو چاڻن راڻي ڪي، بيحد بي عقلائيءَ،
اڻ چاڻن آعجاز چئي، اڃان سمجهه نه آئيءَ،
سوڍو سوائي، ڪونهي جهڙس جهان ۾.

۴۶- راڻو چاڻن راڻي ڪي، وڏو انڌ انڌير،
اصل نه هو آعجاز چئي، عيب منجهس ڪو اير،
الٽي اک جو ڦير، آيو نظر نه عام ڪي.

۴۷- جي واقف وير وحدت جا، هيڪڙائي هاڻا،
سي ڏسي ڏيهه ڏسڻ جو، ٿيا راڻا ۾ ڪاڻا،
سمجهي وچ سياڻا، انهي منزل مام ڪي.

۴٨- انهي منزل مام کي، وهچائن وينجهار،
الٽي اک ايڪائي جي، الٽي نظر نهار،
پٽرا اُهي پار، عاشقن جا آعجاز چئي.

۴٩- گُنن پريون گُجريون، چست چتر چالاڪ،
نئين سج نئين نينهن سان، پائين نئين پوشاڪ،
حسن حڪومت هٿ ۾، ڪَن روز قتل منجهه ڪاڪ،
اڳيان تن آعجاز چئي، هوش وڃن هُشناڪ،
ڪامي ٿيڙا خاڪ، پتنگ ڪئين پرڏيهه جا.

٥٠- منهنجو توريءِ مينڌرا، سڪي ساهه پساهه،
سوڍا تنهن جي سور ۾، سڙي ٿيس سياهه،
عاجزيءِ سان آعجاز چئي، گوليءِ بخش گناهه،
لالڻ لڳ الله، پيرو پيچ مَ ڪاڪ تان.

٥١- منهنجو توريءِ مينڌرا، سگ نه سياپو،
آهين تون آعجاز چئي، جيءِ جو جياپو،
لاهه مَ لاڳاپو، پيچ مَ پيرو ڪاڪ تان.

٥٢- منهنجو توريءِ مينڌرا، مُنهن نه مرڪي مور،
انئي پهر آعجاز چئي، ساڙيس انهي سور،
حاذق پرين حضور، پيچ مَ پيرو ڪاڪ تان.

٥٣- منهنجو توريءَ ميندرا، جيئڙو ناهي جاءِ،
ڪرهو آڇ ڪاڪ تي، داور دير مَ لاءِ،
ايڏي جدائي اعجاز چئي، جانب تو مَ جڳاءِ،
راڻا رس رهاءِ، پيچ مَ پيرو ڪاڪ تان.

٥٤- پيچ مَ پيرو ڪاڪ تان، ڍولِيا ڏِٺ ڏٺي،
ايڏي جدائي اعجاز چئي، ڪيئن ولها تو وٺي،
جا منهنجي باب بٺي، سا معلوم اٿئي ميندرا.

٥٥- پيچ مَ پيرو ڪاڪ تان، سودا پاڻ سڃاڻ،
توريءَ بلو بچڻ جو، حاذق ٿئي نه هاڻ،
اِجهو اچ سياڻ، مُئي سڌندين ميندرا.

٥٦- مُئي سڌندين ميندرا، ڏاگهه مٿي ڪنهن ڏينهن،
نِهوڙيس تنهنجي نينهن، ناهي جاءِ جيئڻ جي.

٥٧- ناهي جاءِ جيئڻ جي، جلڻ پانيم جيءَ،
اڳي پوءِ اعجاز چئي، اٿم تنهنجي اُڃ،
سودا ڪيئي سچ، مون سان رُسي ميندرا.

٥٨- راڻا ڪر نه ماڻا، واڳ ورائي آءُ تون،
ڪنول قنديل ڪاڪ جا، توريءَ ڪوماڻا،
پاڻ سڃاڻي پاڻان، نوازيج نِذر ڪي.

٥٩- راڻا ڪر نہ ماڻا، مُيون تو مارين،
عاجزيءَ سان آعجاز چئي، گڏجي نہ گھارين،
واڳ وصل وارين، مان اسان ڏي مينڌرا.

٦٠- راڻا ڪر نہ ماڻا، مُيون ڪِين مار،
ڏُور مَ ڏيندھن ڳُڏاڻ گڏج تہ گوندر لاهيون.

٦١- گڏج تہ گوندر لاهيون، گل ڦل تين گلزار،
وچي جيئري جار، مسرت ماڻيون مينڌرا.

٦٢- ڍٺ وسئي ڍولِيا، ڪاڪ مَ سُڃي ڪر،
ڪاهي آءُ ڪرهو، اي داور دلاور،
تہ آئون اُٿي هر هر، ڀيلهپو ڏيان ڀنهين جو.

٦٣- ميڙ مڃين جي مينڌرا، غير ڪري اڄ گنئون،
ڪلنڪ مَ ڏي ڪاڪ کي، ڪوڙهيو چئہ مَ مون،
مون من تون مين تون، تو من کي ڀيو مينڌرا.

٦٤- مان ڳڏ ميان مينڌرا، هي ماڙيون ماڳ رئن،
ڪنول ڪيتڪ ڪاڪ جا، سوسن ڏار سڙن،
نرمل تنهنجي نينهن ۾، تيون نماڻيون نجهرن،
تون ڪيئن وڻان تن، راڻا رات رُسي وئين.

٦٥- ڍڳ وسئي ڍولِيا، ڀيرو ڀيچ مَ ڀتار،
آئون جيان تو آسري، ڪامل ڪلنگي دار،
وَرُولهيءِ جا وَلها، پريم سٽي پوڪار،
عاجزيءَ سان اَعجاز چئي، گهاري وڃي مَ گهار،
اندر منجهه آزار، آهن تُنهنجي عشق جا.

٦٦- جو ڍَڳ وَسي تو ڍوليو، ڪاڪ ڏٺي پڻ سوءِ،
تنهن ريءِ روح اَعجاز چئي، تو راتيان ڏينهان روءِ،
پڇاڻا تنهن پرينءِ جي، ڪلڻ خوشي ڪڏ پوءِ،
سوڍي گهڻو سمجهائيو، مور نه سمڏيس توءِ،
آئون اناسي جوءِ، جو ڪريو جاڙ جيان پئي.

٦٧- مومل وني ميڙ، آئي در ميندري،
ته مون سان تون منهنجا پرين، هيئن نه نينهن نکيڙ،
مونسان ويهي ڇيڙ، ساڳيا قصا سور جا.

٦٨- راڻي سان رهاڻ، ڪئي ڏينهن تيام
سارِيندي ساجن ڪي، لنگهي وَرهه ويام،
سُهمان سور اَعجاز چئي، سَهٽا سِر پيام،
ڪوڙيئن عرض ڪيام، مور نه پرچي ميندرو.

٦٩- مور نه پرچي ميندرو، هاڻ ڪريان ڪيئن،
ڏسيو اوهين اَعجاز چئي، جيڏيون مونکي جيئن،
آئون اتي تيئن، سوڍي کي سرچائيان.

۷۰- سوڍي کي سرچايان، کھڙي آئون دستور،
جنھن مان راڻو راضي ٿئي، سا مَت نہ اچيم مور،
کيڏانھن وڃان کنھنکي چوان، ڪُنيس بيقصور،
سرتيون اھو سور، سھي سگھنديس ڪانہ ڪا.

۷۱- راڻا تنھن جي رھاڻ لاءِ، تيون ھتي سپ سکن،
جي تو موھيون مينڌرا، سي ڪَن نہ ٻي ڪا ڪن،
انئي پھر آعجاز چئي، ويڳاڻيون وتن،
گھوٽ تنھنجي گفتن، گھائي گھايون گُجريون.

۷۲- سوڍي ريءِ نہ ڪريان، سرمون سينڌ ڦٽي،
سرتيون ھن سينگار کي، پوريو ڪڏ ڪٽي،
ميندي مشڪ مساڳڙو، ھلنديس ڪانہ ھٽي،
جڏھن ايندو ڪاڪ ڏٽي، تڏھن اچا اوڍينديس آعجاز چئي.

۷۳- ساريو ساري رات، سرتيون ڪريان صبوح،
راڻي ڏاران روح، روئي ٿي ربھون ڪري.

۷۴- رئندي گذري راتڙي، سِڪندي لھي سج،
اکين مان آعجاز چئي، نير وھايمِ نجُ،
قاصد اھا ڪِج، خبر ڏاتي ڍول سان.

٧٥- رئندي گذاريم راتڙي، سڪندي سج لهيم،
سوڍا سور فراق جو، ساهه نه هاڻ سهيم،
اکين مان آعجاز چئي، وَر وَر نير وهيم،
روڪيان تان نه رهيم، وچي دل وَهلور پئي.

٧٦- راڻي جيئن رنگ، ڪونه ڏنو ڪنهن ڪاڪ کي،
آيو نه اهڙو آعجاز چئي، ڪنهن کي اکر انگ،
سرتيون سوڍي سنگ، راز آهي ڪو رب جو.

٧٧- سوڍي جهڙي سياڻپ، ڪنهنکي آئي ڪانه ڪا،
لِڪائي پنهن جي لقاء سان، راڻي پنهنجي راڻپ،
مومل واري ماڻپ، ماڻي وِڏي مينڌري.

٧٨- تن من تو لاءِ مينڌرا، سڪي ساهه پساهه،
سوڍا تنهن جي سور ۾، سڙي تيس سياهه،
عجز سان آعجاز چئي، ڳولي بخش گناهه،
لالڻ لڳ الله، پيرو پيچ مَ ڪاڪ تان.

٧٩- من تن تو لاءِ مينڌرا، هينئڙو جَمَ نه جاءِ،
جُلي هيئن چيهه ڪرڻ، جاني تو نه جڳاءِ،
راڻا رس رهاءِ، وائي وار وصال جي.

٨٠- من تن تو لاءِ مينڌرا، جَلي جان جگر،
اچي ڪونه آعجاز چئي، توريءِ سُک صبر،
بِرهه تنهن جي بِرُ، ڪيس ڪاڪ وٽن ڪان.

٨١- پـيـرو پَيج نـہ ڪـاڪ تـان، ٻولـيـا ڍٽ ڏٽـي،
آڪـاٽـي آعجاز چئـي، ڪـولـيـان چاڪـٽـي،
جا منهنجي باب ٻٽي، سا معلوم اٿئي مينڌرا.

٨٢- پـيـرو پيج مَ ڪـاڪ تـان، ڪـامـل ڪـرهـو آڻ،
نـہ تـہ هيءَ مُنـي ِهت هاڻ، مُٺي سٽـنديـن مـينڌرا.

٨٣- پـيـرو پيج نـہ ڪـاڪ تـان، راڻـا عـرض اونـاءِ،
ريـتـي رنـج رسـامـن ڪـي، ويـچا وڃ وڃاءِ،
ريجهي رنـگ رچاءِ، سـوڍا سـاڳي ريـت سـان.

٨٤- آءِ راڻـا ڪـرهـو آڻ، پـيـرو پيج نـہ ڪـاڪ تـان،
مـشـڪ چندن مـوتي تـون، مـونـسـان مـلـي مـاڻ،
هيءَ مُنـي نـہ تـہ هاڻ، مُٺي سـٽـنـديـن مـيـنـڌرا.

٨٥- هـيءَ بـہ روئـي رات، مـون گـذاري مـيـنـڌرا،
تـوکـي ِوسـري سـپ وئـي، اسـان اهـائـي تـات،
فَاذكُرُونِيۡ بـات، آيـئـي نـہ يـاد آعجاز چئـي.

٨٦- هـيءَ بـہ روئـي رَيـن، مـون گـذاري مـيـنـڌرا،
آهـن الاهـي غـيـن، شـاهـد انـهـيءَ ڳـالـهـہ جا.

٨٧- شـمـع جلـي شب جلـي، جلـي بـاتـي جوت،
مُـيـس بـنـا مـوت، راڻـي رُسـا مـون ڪـيـو.

٨٨- شمع جلي شب جلي، جلي منهن جي جان،
اَلْـفِراقُ اَشَدُ مِنَ المَوتِ واءِ تيس ويران،
ڪئي ورڻ جي ڪان، اچان مير ميندري.

٨٩- شمع جلي شب جلي، جلي سندم سونهن،
ڪَلَنڪ لڳو ڪاڪ کي، دلين چڙهيا دونهن،
راڻي جي وِرُونهن، قلعي ڪاڪ وَندن جي.

٩٠- شمع جلي شب جلي، جليو چندن مشڪ،
جو ميٽ ملاير ميندرا، سو بہ سڙي ٿيو خشڪ،
هي اڳني کي عشق، جنهن سوڊا ساڙيو سپ کي.

٩١- شمع جلي شب جلي، جليو جيءُ جڳٽ،
آتڻ سواءِ اُودو ٿيو، رُليو راج منگهٽ،
راڻي رخ متي ڪيو، اديون مونسان الهٽ،
ننيو وڏو نڪٽ، آهي اندوهيل اعجاز چئي.

٩٢- چِن مَ چِنڻ، گهوريو نينهن ورائي ڳنڍ،
سي سڙيون ٿين سنڌ، جي وجهن وچ اعجاز چئي.

٩٣- چِن مَ چِنڻ گهوريو، نينهن ورائي ڳنڍيج،
لاهہ نہ مون تان ميندرا، هو جو پهريون هيج،
اول آخر اعجاز چئي، توڙ نڀائي نيج،
چِني ڪيم ڇڏيج، طعنن جي تنور ۾.

٩٤- ڇن مَ ڇنڻ گهوريو، ڳنڍ ورائي نينهن،
تنهن جي فلڪ فراق جو، شال نہ ڏسان ڏينهن،
ميڙائي جو مينهن، مِل تہ وسايون مينڌرا.

٩٥- ڇن م ڇنڻ گهوريو، ڇڏ ڇنڻ جي ريت،
پرچ تہ راڻا پنهنجي تئي وري نئين پريت،
راڻا ٽسڻ جي نيت، ڪٿان سڪئين ميان مينڌرا.

٩٦- ڇن مَ ڇنڻ گهوريو، ريت ڇنڻ جي ڇڏ،
نازڪ ناتو نينهن جو، هيئن مَ هلي هڏ،
منت مَڃي مَن گڏ، آڏون ڏي نہ اَعجاز چئي.

٩٧- مومل ميڙ وني، آئي در مينڌري،
تہ منصف ٿي ڪر ميل ميان، آئون ناهيان مور مَني،
تو جهڙي ڪالهہ ڏني، آهيان اڄ بہ اهڙي اَعجاز چئي.

٩٨- ميڙ وني مومل، آئي در مينڌري،
تہ فاضل ٿي فرمان پنهنجي سان، ڪر ڪو قياس ڪهل،
وڃائج نہ وهم ۾، هڙي ويل مهل،
تو جهڙي ڏني ڪلهہ، آهيان اڄ بہ اهڙي اَعجاز چئي.

٩٩- ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌي گل بوءِ،
پر راڻي واري روءِ، اوران اور اَعجاز چئي.

١٠٠- ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌي ۽ ڪُنڊ،
پر راڻي واري هوند، آوران اور اَعجاز چئي.

١٠١- ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌي ڪَلنگي دار،
پر ڏول راڻي جي ڏار، اوران اور اَعجاز چئي.

١٠٢- ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌي ۽ ماھ،
پر راڻي جي نگاھ، اوران اور اَعجاز چئي.

١٠٣- ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪري ڪاڪ وَڏاءِ،
ڪنھن جو ھليو ڪينڪي، تاب طبل ۽ تاءِ،
سوڍي جو سُپاءِ، آھي اوران اور اَعجاز چئي.

١٠٤- جي اڱڻ اچن تو، پائي پاند ميندرا،
ڏڪ تي ڏڪج پو، عيب انھن اَعجاز چئي.

١٠٥- جي اڱڻ تو اچن، پائي پاند ميندرا،
تن موٽائي نہ ڏجن، منھن ۾ عيب اَعجاز چئي.

١٠٦- جي اچن تو اڱڻ، پائي پاند ميندرا،
ڪيم اوٽايون ڳڻ، انھن جون اَعجاز چئي.

١٠٧- جي تو در اچن تو لاءِ، پائي پاند ميندرا،
ڏيئي مُھت محي الدين چئي، تن جو منھن مرڪاءِ،
مانُ ڏيئي موتاءِ، جو وَڏ وڙائنن جو.

١٠٨- جي اڇن تو در، پائي پاند ميندرا،
انهن سان آعجاز چئي، پرچڻ واري ڪر،
پار ڪريمي پَر، مَديون مَڙس مَدن جون.

١٠٩- جي تون نہ ايندين ميندرا، تہ آئون توڏي ايندس،
راڻا تنهن جي راڄ جي، گولي ٿي پانهي ٿيندس،
تو در دم ڏيندس، اتہ آس آعجاز چئي.

١١٠- جي تون نہ آئين ميندرا، تہ آئون تي توڏي اچان،
جيسين اتہ دم آعجاز چئي، تيسين وِچ نہ وڃنديس وچان،
آهيان سَچان پَچان، فنا تنهن جي فراق ۾.

١١١- جي ڍِٽ تنهنجو ڍِٽ ڏٺي، تہ ڪاڪ بہ تنهنجي آهي،
تنهن جي هن تڙن تي، ٻيو نالوئي ناهي،
ڪرهو اچ ڪاهي، اُڪنديء اگهڻ آعجاز چئي.

١١٢- جي ڍِٽ تنهنجو ڍِٽ ڏٺي، تہ ڪاڪ لُڏوٽو ڪنهنجو،
تون مالڪ سڀ تڙن جو، سڀ ڪجهہ توکي پنهنجو،
تون موٽي تي منهنجو، آئون آهيان تنهنجي آعجاز چئي.

١١٣- ڍِٽ وَسئي ڍولِيا، وسئي محلو ويڙهو،
لاڙي آء ليڙو، موٽي ڪاڪ ڪنڌين تي.

١١٤- ڏٺ وسئي ڍولـيـا، وسئي ويڙهو محلو،
کهڙو بانور دم تي، ايڏو تيءِ مرڳهيلو،
وَرُسگهو وهلو، ڪرڪو ڪاڪ ڪنڌين تي.

١١٥- ڏٺ وسئي ڍولـيـا، وسئي اوڙو پاڙو،
عاجزاڻين کان اَعجاز چئي، وٺ نـہ پاڙو جهاڙو،
لله لڳ لاڙو، ڪرڪو ڪاڪ ڪنڌين تي.

١١٦- مِٺي سٽنـدين مينڌرا، ڏاڳهہ مٿي ڪنهن ڏينهن،
اصل تنهنجو اَعجاز چئي، ويهڻ نـہ ڏي نينهن،
مرگ سندو مينهن، اچي سر آڪميو.

١١٧- ڪوڙئين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌيءِ خان،
ڪنهنجي چلي ڪانہ، رِيءِ راڻي هيڪڙي.

١١٨- ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌي ڪلا داري،
اچڻ سان اَعجاز چئي، هڙني بازي هاري،
سوڍي پسو ساري، جنهن سپ تڙ سورانگهيا.

١١٩- ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌيءَ ڪلنگي دار،
ويا چڙهي تن جا، ڪُنگرين سر ڪاپار،
ڍولڻ پسو ڍار، جنهن سپ تڙ سورانگهيا.

۱۲۰- ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪري ڪاڪ ڪنڌي وڏاءِ،
ڪنهنجو نهريو ڪينڪي، دم دعويٰ داءُ،
سوڍي پسو سياءُ، جنهن سپ تڙ سور انگهيا.

۱۲۱- لڳا ماڻهو لَدوڻي جا، عشق سدائين وٽن،
تنهن ڪان منهن نہ مٽن، جنهن سان لائين نينهڙو.

۱۲۲- لڳا ماڻهو لَدوڻي جا، ماڪيئون منا مَليح،
عجب عين انهن جا، ابرو قوس قزيح،
سي عشق وندا اعجاز چئي، فهميده فصيح،
جيڪي منجهن قبيح، سي بہ آهن سهڻا عام ڪان.

۱۲۳- لڳا ماڻهو لُدوڻي جا، سڪڻ سيڪارين،
مري جي اعجاز چئي، پرت پنهنجي پارين،
نڪت نهارين، نسنگ لائين نيهڙو.

۱۲۴- لڳا ماڻهو لَدوڻي جا، پوڇن ڪَليون ڪوئڻ،
اُت عشق جا اعجاز چئي، پرن پيورپون پوئڻ،
هل تہ اوڏهين پارايئين، ڳل ڳانيون مُنهن ٿونئڻ،
ڳَهُ چڙي ڏي ڳونڻ، مهل وڃئي تي ملڻ جي.

١- نوري اصل نور، سيرت واريءَ سونهن سان،
ڪئي ناتي نينهن جي، نورُ علي نور،
عشق ساڻ آعجاز چئي، تي پنهي ڪنڌئين مشهور،
سمون متس مخمور هو، ۽ پاڻ متس مخمور،
ماڻيائين مقدور، هٽي چار حُسن جي.

٢- هٽي چار حسن جو، اوج ماڻيائين آنند،
پاتائين بند ڪمند، عشق واري عجز سان.

٣- هٽي چار حُسن جو، پاڻ پرنيائين چامر،
تماچيءَ پاتا تڏهين، ڪينجهر پاس قدامر،
چَترچشم بادامر، آؤڙيس مَن آعجاز چئي.

٤- هٽي چار حسن جو، ڪَيئين ناز نياز،
راضي رکيائين راءَ کي، هردم تي همراز،
برهه وارو باز، هو مهاڻيءَ هٽ ۾.

٥- هو مهاڻيءَ هٽ ۾، جادو جوين وارو،
وصالي نور وَنين ۾، ڪيف ڪجل ڪارو،
نسنگ نظارو، من موهيندڙ مُرڪ سان.

٦- ججهو جَر ڪينجهر جو، ججهي جوءِ جهنگور،
پڪا ڪڙ ڪنار سان، گهاٽي ڪل ڪنگور،
اردو گرد آعجاز چئي، آجهاپن آجهور،
منجهس ڪاچ مڙيوئي، بيحد مڇي مور،
مَڏ ميانڻيون مڪڙيون، جهونا جهوڪ جهڪور،
اتي اوج آتور، چامر تماچيءَ ڪيڙا.

٧- ڄڄهو ڄر ڪينجهر جو، ڄڄها جهمٽ وٽن،
ڪوڙئين ڪونئر ڪليون، ڪوڙئين پونر پرن،
هُڙهيا ڳڙهيا هزارين، ٽونرن جيئن ٽلن،
ڪُمر ڪوڏا سپيون پٻڻ سائي پن،
عبرتي اکين، هي نقش نظارو ڇٽيو.

٨- ڪيڏهن شان سندوءِ، ڪيڏهن عيبن اڳلي،
توسان تخت بخت جو، تنهنجو جوڙ نہ ڪوءِ،
يار تماچي ياريءِ جو، ڪيئن هن سان پير پريوءِ،
عجب آهہ اعجاز چئي، ڪيڏو يال ڪيوءِ،
اڳي پوءِ پرتوءِ، ميرو راڄ مَلاحڪو.

٩- ڪيڏهن شان ڪبريائي، ڪيڏهن عيبن اڳلي،
تون صاحب پاڪ پريت جو، مون ۾ غير بيائي،
ڪيئن ڄام تماچي، توکي پسند ابالڙي آئي،
تو تنهن سان لئون لائي، جا جوڙ نہ تنهن جي ذات جو.

١٠- ڪيڏهن شان شاهي، ڪيڏهن عيبن اڳلي،
تون صاحب سخا وفا جو، ڪلنگي دار ڪُلاهي،
سمان تنهنجي سهاڳ ڪي، يا نيم رازِ الاهي،
ڇا هي زُمرد جاهي، ڇا هيءَ جهبيرڻ جهنگ جي.

١١- تون تماچي تخت ڏٺي، تون سيني جو سلطان،
لَولاکَ لَما اَظهَرتُ رَبوبيت، ايڏو سندءِ شان،
وَاَنا اَطلبُ رِضائِکَ يا مُحمد ﷺ، راضي تو رحمان،
فَکَان قَابَ قَوسَين اَو اَدنيٰ، ميسر تيئُي مڪان،
آئُون ڪريان اَعجازؔ چئي، باقي ڇا بيان،
ناهي ڪو بہ نڌان، تنهن جي ذات صفات جو.

١٢- تون تماچي تڙ ڏٺي، تون سين سرتاج،
سمان تنهن جي سهاڳ جو، آهي مون احتياج،
هيءُ مٺي محتاج، ڪر ڀاڄهہ سڀاڄها سپرين.

١٣- تون تماچي تڙ ڏٺي، جوڙ نہ تنهنجو جواب،
انا احمد بلا ميمي جو، توتي خاص خطاب،
آئُون مڇي مار اَعجازؔ چئي، مون ۾ عيب ثواب،
ناهي حد حساب، تنهنجي ذات صفات جو.

١٤- آئُون اڀوڄهہ اوڳڙي، تنهن جو سين تي توهہ،
بخش ڪجان بدڪار ڪي، جيڪو ڏسين ڏوهہ،
مون ۾ عيب انبوهہ، تڄان ڀڪ ڀليءَ جو.

١٥- تون سمون تون سلطان، تون سردار سونهارو،
شاهي تنهنجي شان تان، سنسار صَدق سارو،
ڪونهي ڪنارو، تنهنجي ذات صفات جو.

١٦- تون سمون تون سلطان، تون سردار سبحاني،
شاها تنهنجي شان تان، ڪل شيء قرباني،
ڪونهي ڪو ثاني، تنهن جي ذات صفات جو.

١٧- تون سمون تون سلطان، تون سردار وَر وثيق،
ڪونهي ڪوبہ شريڪ، تنهن جي ذات صفات جو.

١٨- تون سمون تون سلطان، تون سردارن سردار،
آئون آهيان اعجاز چئي، مي مچيء مار،
آر نہ ڪوئي پار، تنهن جي ذات صفات جو.

١٩- تون سمون تون سلطان، تون سردار ساڪي پَتي،
آئون عيبن ڪان اعجاز چئي، ناهيان ڏاررَتي،
تون نوازي نظر سان، ڪرينم لال بتي،
مون تڏهن آهہ وَتي، دامن تنهن جي داورا.

٢٠- تون تماچي تڙ ڏڻي، هي سڀ تنهنجا تڙ،
لڳيس تنهن جي لڙ، آروڪڻ مَ اعجاز چئي.

٢١- تون تماچي تڙ ڏڻي، تون ڪر تُسي توهہ،
بخش ڪجان بدڪار کي، جيڪو ڏسين ڏوهہ،
اتم ايءُ اندوهہ، آروڪڻ مَ اعجاز چئي.

٢٢- تون تماچي تڙ ڏڻي، تو وٽ پلجي جڳُ،
وني وينيس تڏهين، آئون داور تنهنجو ڏڳُ،
مون تان لِلّٰهِ لڳُ، آروڪڻ مَ اعجاز چئي.

٢٣- نوريءَ من تماچي، تماچي من نوري،
پرت ٻنهي جي پاڻ ۾، سُرهي سموري،
مشڪ ڪتوري، تيئو ڪينجهر ڪُل آعجاز چئي.

٢٤- ڪينجهر ڪناطون ڪُتيون، نوري ناتي ڪاڻ،
آئي ويل وصل جي، سڀ جاءِ تي سرهاڻ،
مي سمي پاڻ ۾، ڪئي روح رهاڻ،
وينا ڪن واڪاڻ، مهاڻا مجليس جي.

٢٥- ڪينجهر ڪناطون ڪتيون، خستوري بُوءِ کُلي،
تماچيءَ جي تنبوءَ ۾، حسن هوءِ هُلي،
سمي ڄام ڇُلي، ڳلي لاتي گندري.

٢٦- ڪينجهر ڪناطون ڪُتيون، ڪيون ملاحن موجون،
هتي وييون هيٺن تان، فڪرات جون فوجون،
تيون آل جال آعجاز چئي، آنند ۽ اوجون،
گندٽيون ۽ گوجون، ماڳهين وييون وسري.

٢٧- ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، ڳڻ سمي جا ڳائين،
وَري وارِ ولهن جي، پلايون پائين،
جي راءِ ڪي رائين، راءِ ٻه رائي تن ڪي.

٢٨- ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، ڪن سمي جي ساراهه،
تُسي آيو تخت ڏٺي، پَڪن پيا پساهه،
وائي هر ڪنهن وات ۾، ته واهه تماچي واهه،
آندو توڪي الله، اڙين ڪاڻ آعجاز چئي.

٢٩- ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، ڪن سمي جو سلام،
وينا وٽن آعجاز چئي، نِلو سندس نام،
تن تماچي ڄام، ڪين وساري ڪڏهين.

٣٠- ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، ڪن سمي کي سڏ،
مَرسي مرڪن مَڏ، جِت گهوٽ گهمي آگهاريو.

٣١- ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، سَمي لڌي سار،
مهاڻن پاتا مرڪي، هيرن سندا هار،
لاهي لاڄُورَن کي، اوڏيائون پَٽ اپار،
ڄاريون ۽ ڄار، ڪُلهي ڪنيائون نه ڪڏهين،

٣٢- ڪينجهر ڦناطون ڪتيون، لڌين لوڙهن واري لوڙ،
سمي آئي سوڙه، اُڪري ويئي آعجاز چئي.

٣٣- سميون سومريون من ۾، ڪيو ريس ڪڙهن،
نڪي پُڇن ڄام سان، نڪي لاهي ۽ پاس لڙن،
سڙيو تيون سڙن، نوري ۽ سندي نام سان.

٣٤- سميون سومريون من ۾، گُهمن رکيو غير،
پاسي ٿي پريت کان، وجهي وينيون وير،
سو نه وٽن سير، سمون جيئن سرچي پوي.

٣٥- نوريءَ ڪنيو نيازمان، هو سميون هوڏ منيون،
پاٿي سڏائن پاڻ کي، جيکي سٽيون ۽ سُنيون،
سي کهڙي زيت ڪُنيون، ريجهائينديون راءِ کي.

٣٦- نوريءَ ڪنيو نيازمان، تاج تماچي تخت،
سمين سومرين کان ٿيو، پوءِ پُنيرو بخت،
سمون تن لاءِ سخت، جي پاٿي پَڏائن پاڻ کي.

٣٧- نوريءَ وتان نياز، سميون سکڻ آئيون،
ايءَ الاهي راز، عجب آهه اعجاز چئي.

٣٨- هٽي چارحسن جو، جتيءَ ماڻيو ڄام،
ڪينجهر مٿي قيام، تماچيءَ ڪيو تڏهين.

٣٩- نه هُڏي نه هوڏڪا، نڪي حجت هلائي،
نوريءَ نهٺائيءَ سان، پئي ڳالهيون ڳڻ ڳائي،
تڏهن سڏائي، سمي وهاري سيج تي.

٤٠- نه هُڏي نه هوڏ ڪا، نڪي تَوَڏ نه ڪائي تَڏ،
نوريءَ نهٺائيءَ تي، هيري ڇڏيا هَڏ،
تڏهن ڪري سڏ، سمي وهاري سيج تي.

٤١- نه هُڏي نه هوڏ ڪا، نڪي طمع رکي تن،
نوريءَ نهٺائيءَ سان، موهي وِڌس من،
تڏهن ڏيئي سَمن، سمي وهاري سيج تي.

٤٢- نہ هُڏي نہ هوڏ ڪا، نڪي حجت پائي هٿ،
نوريءَ نهٺائيءَ سان، ماٺي وڏي وَٽ،
اهڙيءَ ڪي اعجاز چئي، ڪير چوي تون اُٽ،
مُورهين ڪجيس منت، تہ وڀہ اسان جي وٺ ۾.

٤٣- جي مار مڇيءَ ڏاران، ڪار نہ ڪائي ڪن،
آڏي مانجهي اعجاز چئي، پُٽيون پَن هٽن،
تماچي لاءِ تن، تو لاهي تارا عرش جا.

٤٤- ڪائن چائن ڪڪيون، ذات مهاڻي مي،
بيهڻ ويهڻ نہ پانئجي، پر ۾ جني جي،
تماچي تن ڪي، تو پياري پٽ هٿن سان.

٤٥- ڪائن چائن ڪڪيون، ذات گندري گهٽ،
بيهڻ ويهڻ نہ پانئجي، وڃي جني وٽ،
تماچي تنهي هٿ، تو اچي وڃي اعجاز چئي.

٤٦- ڪائن چائن ڪڪيون، ذات گنديري گند،
پَسو تماچي تن تان، اُپيو گهوري چند،
اي شڪر الحمد، جو ناتي ۾ تيو نوريءَ جي.

٤٧- ماٺا رڃ متن تي، ڇڇيءَ چنگا هٿ،
سمون تن سَٽ، وتي ڄار ڪلهي ڪيو.

۴٨- ماٺا رِڄ مٿن تي، ڇڄي ڇنگا هاٿ،
سمون تني ساٿ، وتي ڄار ڪلهي ڪيو.

۴٩- ماٺا رِڄ مٿن تي، ڇڄي ڇنگا ڪول،
سمون تن ۾ ڳول، وتي ڄار ڪلهي ڪيو.

۵٠- ماٺا رِڄ مٿن تي، جهاڳين وڃيو جهاڳ،
جي گهمن ڦرن آٿيهي، ڇَرن ۾ ڇڙواڳ،
سمون تني ماڳ، وتي ڄار ڪلهي ڪيو.

۵١- ماٺا رِڄ مٿن تي، ميرا منهن جني،
جتي جر جو ڪائتتو، پِرن اُت پَني،
سمون منجهه تي، وتي ڄار ڪُلهي ڪيو.

١- پنهل پُري آءُ تون، سُڻي پَرٿ سندي پُڪار،
هاڙهي ڏٺي حَب ۾، حامي ٿي هڪوار،
اچي لهه اَعجاز چئي، مون سڪايل جي سار،
داور توکان ڌار، ناهيان هوش حواس ۾.

٢- پنهل آءُ پُري، محب منهنجي مَنهين،
بانهي تي باروچيا، ڪري تون وَرُ وَرِي،
اچي مل اَعجاز چئي، تان بانهڻ وجي ٻُري،
تو لاءِ دوست دري، ڪوليو ڪڙي آهيان.

٣- جيئن جيئن ڳوليان سپرين، تيئن تيئن لِڪ ڪري،
منهنجي تنهن محب ريءِ، ساعت ڪيم سري،
آيس آئون اَعجاز چئي، اوکي عشق اري،
پنڌ اٿانگو پير پيادي، اندر آڳ ٻري،
ڏکيءِ ڏيل ڏري، جهانڪا پسيو جبل جا.

٤- جيئن جيئن ڳوليان سپرين، تيئن تيئن ڪري لِڪ،
سڙان پئي ان سور ۾، سمهڻ ڏي نه سِڪ،
آندم هتِ اَعجاز چئي، چپر ڏٺيءَ جي چِڪ،
هيڪر تيان هڪ، مر پوءِ موت اچيج تون.

٥- اوڳي هيس اديون، مون نه پروڙي مام،
دغار ڪي دل ۾، ناهيئون نڳي نام،
ڪولي صراحي سور جي، جام پيارئيون جام،
هيئن نه پانيم هيڏا ڪندا، آريچا اظلام
آئون ته هيس اَعجاز چئي، داسي ڏاڙان دام،
ساڻ لڏي هو ساجهري، بر لنگهي ويا بام،
ڪانيس انهي ڪام، جاڙون جت ڪري ويا.

٦- اُن ڏوهہ نہ اديون، نڪي ڏيرن ڏوهہ،
نڪا جبل جاڙ ڪئي، نڪي ڏوهن ڪيو ڏوهہ،
ڇا جو هاڙهو حب، ۽ ڇاجو رائو روهہ،
الزام ڏريان اعجاز چئي، ڪيچئيڙن تي ڪوهہ،
لِکئي ڪيم لوهہ، هٿي ڀاڻ ڀروچ جي.

٧- مون تان وس وڌو ڪيو، پر هوت نہ منهن جي وس،
پينر پاڳ نہ پڙائيو، ننڊ نهوڙي نِيس،
اويرو اُتيس، هٿان ويٺي هتڙا.

٨- ڪڙهيس جني ڪاڻ ڙي، مون ڪاڻ نہ ڪڙهيا سي،
آئون سٽايان اعجاز چئي، هي سور وچي ڪنهنکي،
جنن ڪيون جي، سي جاڙون نہ جاڙن جهڙيون.

٩- ڪڙهيس جني ڪاڻ، ڪين ڪڙهيا سي ڪاڻ مون،
ڏونگر ڏاڍن ساڻ، ناحق لايم نينهڙو.

١٠- سور پسي تون سسئي، هيٺي ٿي مَهٽيج،
پڪيءَ پختيءَ پرت سين، پُنيءَ هوت پُريج،
هُن ڇنو تون ڳنڍيج، عجز سان اعجاز چئي.

١١- اوڳي عشق اعجاز چئي، نرمل ساڻ نياءِ،
جيسين پڇئي وسڙو، تيسين وک وڌاءِ،
پوئتي پيرم پاءِ، مرڻ پلو اتئي مارڳين.

١٢- اڄان پئي اوڳي، سانگو رکين ساهه جو،
سودي ٻنان سرجي، محب نه ملئي موڳي،
جيءَ ڪري جوڳي، پيرو ڪٽج پنهونءَ جو.

١٣- پيرو ڪٽج پنهون جو، خيمان هٿ نه ڪوڙ،
مُنهن پنيورئون موڙ، ته پسين هوت حبيب کي.

١٤- توڏن پنيءَ توڙ، سيڪا ڪندي ڪانه ڪا،
جا ڪامي ٽيندي ڪوڙ، سائي سڌٻي سسئي.

١٥- توڏن پنيءَ پنڌڙو، جيڏيون ڪيو جن،
انهن کي آعجاز چئي، سڪ ملايو ساڄن،
جي نه وسهو جيڏيون، هلي ٽڪيا پسو ٽن،
مرڪيو پيا مرڪن، اڄ ٻه ماڳ انهن جا.

١٦- جي سچڻ ناهي ساڻ مون، ته سور سچڻ جا هون،
پري شل مَرُپون، انهن ٻنهي کان ڏينهڙا.

١٧- سکن کان سو وار، سور پانيان ٽي سڦرا،
دم جني کان ڏار، اصل نه ٿيان آعجاز چئي.

١٨- جس سورن کي جيڏيون، جن ثابت ساٿ ڏنو،
پريںءَ ريءَ پرديس ۾، تن ناتو ڪين ڇنو،
ويچارن واڪا ڪري، مون سنگ رت رنو،
جي وريم وَر وَنو، ته پڻ رهايان روح ۾.

١٩- سسئي کي سفر جي، صلاح ڏني سڪ،
ڇپر ڏٺيءَ جي ڇڪ، بيزار ڪئي ڀنيور ڪان.

٢٠- بيزار ٿي ڀنيور ڪان، بيگاهه وقت برهمڻ،
اٿي هلي آعجاز چئي، ڪَرُڪي ڪامڻ،
هڀڪي هَٿي ڪينڪي، درد پسي ڏوٻڻ،
لحظي منجهه لُڏڻ، پهتي پنهل ڄام ڪي.

٢١- سسئي کي سفر جي، صلاح ڏني سورن،
سڪ ٻڌايس سندرو، پنڌ ڪرايس پورن،
آندس روح آعجاز چئي، برهه ٻهورن،
تن ماري مذڪورن، جي پنهون ڪيس پَرِ ۾.

٢٢- وڃي پهتي پنهل ڄام ڪي، سهسين وريس سڪ،
جيئڻ شڪرانا شڪور جا، ڏور مڙئي ٿيس ڏک،
اندر واري آعجاز چئي، جهڪي ٿيڙس جُڪ،
مصحافي مُک، اولا لاٿس اکين جا.

٢٣- سڪ ٿتو صبر ويو، سڪ ڀڳوم سَتُر،
رَندن تي ريهون ڪريو، ڄام وهايان جر،
ڏير ٻه ڏاڍايون ڪري، ونئي ويڙاور،
ڪيو ڪونه قدر، اوٺيئڙن آعجاز چئي.

٢٤- سڪ ٿتو صبر ويو، لڳي سڪ سرس،
منيءَ مون معذور جو، تو ڪي نه ڀيو ترس،
رهبر اڇي رس، اوڪيءَ ۾ آعجاز چئي.

٢٥- سک ڦٽو صبر ويو، سک نہ سمهڻ ڏي،
اُتان تہ اچن آنڌيون، وهان تہ جيءَ جُکي،
آئون پيادي آعجاز چئي، هو اوٺي انن تي،
کُپر کيچين جي، منڌ مارائي مارڳين.

٢٦- جيڏي آئون جيڏيون، تيڏا کيم وس،
هور هيا نہ هک راتڙي، هئا بي ترس،
گونرا کاهي گس، تيا راهي رات آعجاز چئي.

٢٧- جيڏي آئون جيڏيون، تيڏا کيم سڌ،
هلندي پنيان هوت جي، هيٺا تيڙم هڌ،
مون ۾ کائي وڌ، جو نال نہ کيچي نين مون.

٢٨- جيڏي آئون جَيڏيون، تيڏا کيم واکا،
ٻڌا کين ٻانيڻ جا، ٻاروچل ٻاکا،
دانهون کندي درد مان، ٽُٽا اندر تاکا،
جبل جا جهانکا، تا آزارين آعجاز چئي.

٢٩- جيڏي آئون جيڏيون، تيڏا کيم پنڌ،
پچڻ پيٽي ناهہ مون، ساٿا تي پيم سنڌ،
پسي تازا پيرڙا، آيم آنڌيون آنڌ،
هي مڙئي هنڌ، کيچي مٿي کيچ ويا.

٣٠- هلي پنيان هوت جي، ڏورينديس ڏونگر،
اتم پڪ آعجاز چئي، ووڙي لهنديس ور،
ياڳ وڏي پينر، کانڌ ماٺينديس کيچ جو.

۳۱- ڏيئي ڏير ڏاڳ مون، ويا ساڙي ڙي ساڙي،
چوريءَ محب چانگن تي، ويا چاڙهي ڙي چاڙهي،
ڪين سگهيس ڪيچين ڪي، آئون تاڙي ڙي تاڙي،
پرهه پوڪارون ڪريان، آئون پاڙي ڙي پاڙي،
ريهون ڪرايم رندن تي، اُن ڏاڙي ڙي ڏاڙي،
ڦقڙ هن فراقِ وڏا، اڄ ڦاڙي ڙي ڦاڙي،
هاڻ وڃان تي هيڪلي، آئون هاڙهي ڙي هاڙهي،
لاڙي ڙي لاڙي، ايندِيس هوت اعجاز چئي.

۳۲- هلي پتيان هوت جي، وڏا ڪنديس وس،
پٽيون ڀڏي پيرن ڪي، رِڙهيو پئي رڙهنديس،
جي مُيس آئون جبل ۾، ته گهوٽ مٿان گهوريس،
سچي پوءِ سڏبيس، آريءَ در اعجاز چئي.

۳۳- ڇڏي خام خيال ڪي، لتڪا هٽيج ڳڏ،
آڏاٽو عاجزيءَ جو، آريءَ اڳيان اڏ،
سٽي سانگو ساهه جو، سوريءَ ڪي تون سڏ،
ته رهبر ٿيئي رڏ، اڄ ئي تو اعجاز چئي.

۳۴- سور سورائنن جا، چا سُڪيليون سٽنديون،
جني لڳي جيءَ سان، سي طرف تني ٽٽنديون،
عشق ڏاران اعجاز چئي، مور نه سي مڙنديون،
خواري ملامت خلق جي، ڪلي سر ڪٽنديون،
جي عشق ۾ اڙنديون، سي پاڻ ئي اوريندون پاڻ ۾.

۳۵- سُوريتين سان سُور، ڪا سُوريتي اوري،
اسوريتي آعجاز چئي، هن قولهي نا قوري،
جا گهر سسي گهوري، سا پڇي مر پريتڙو.

۳۶- سوريتين جي سُور جي، ڪيهي آسُوريتين ڪَل،
جي نہ ڄاڻن هن حال کي، سي ڪوتيون ڪن ڇوڪِل،
عشق جنين اڻ جهل، سي پڇن پل پرينءَ جو.

۳۷- سوريتين ڏي سڪجو، اير نَڪوئي پير،
سوريتين جو بہ سڪ سان، آهي وڏو وير،
دائم اهڙو دلير، ڪري عشق تنين آعجاز چئي.

۳۸- اڇو سورن واريون، ڪي ويهي سور ونديون،
اوري حال اندر جو، سيئي ڇوهہ ڇنديون،
جي مُڪا سور محبوبن، سي ڳوپيون ۽ ڳنڍيون،
لوڪ تہ هُونهين لَنڊيون، تہ ڪوني اسان آعجاز چئي.

۳۹- اڇو سورن واريون، ڪريون سورن پيٽ،
آن وٽ پهر پلڪڙو، مون وٽ ڳتي چيٽ،
آن وٽ لَپ چُرون ڪا، مُون وٽ ڳَرا ڪيٽ،
آن ڪالهہ ڏنا اڄ ڪي، مون ڏنا مادر جي پيٽ،
لڳيتو ڪا لپيٽ، اديون اهڙي آعجاز چئي.

۴۰- اڇو سورن واريون، پوئي سور ڳڇيءَ پايون،
جي مُڪا محبوبن سي، ڳوٽ ڳلي ڳايون،
جنبش جاڳايون، اوڙي پاڙي آعجاز چئي.

۴۱- اڇو سورن واريون، سورن ۾ ڏيون ساھ،
مونکي پرت پنھونء جي، پڇي ڪيو پاھ،
اوڳيء جو آعجاز چئي، آڇھو آھ الله،
رھبر ٿي سو راھ، پسائيندم پرينء ڪي.

۴۲- اڇو سورن واريون، سور ڪريون ڪي ساڻ،
سواءِ سورن سرتيون، پنھنجو وجي نہ پاڻ،
اھو عارفن اھڃاڻ، آعجاز ڏنو اصل ڪان.

۴۳- اڇو سورن واريون، سور سھيڙيون سي،
جانب ڏاران جي، ساٿي ٿيندا سچ ۾.

۴۴- سورن مونکي سرتيون، ماري ڪيڙو مچ،
ھڪ اوڪا چارا چاڙھڪا، ٻيو رائوءِ رچ،
ٿيون ڪاري رات ڦھر جي، چوٿون سو ڪوھيء ۾ سچ،
پنجون پھتيس پنھل، چار ڪي تہ جيئري اٿم جُڄ،
نہ تہ آٿھيئي ھونديم اُڄ، آعجاز آريء چار جي.

۴۵- ھلو سرتيون ھوت ڏي، جيڪي ست سَرو،
آلسفر قطعة من النار، ڏسي ڪيم ڏرو،
من طلب شيء جد وجد، پاٿھي پوندو پَرو،
ورچي ڪيم وَرو، اڇو ڪيچ آعجاز چئي.

۴۶- ٺورو گهٽو سرتيون، لالڻ لاءِ لُڇبو،
نکري شهر ڀنڀور مان، پوءِ پنڌ ڪيئن پڇبو،
مُڙي نا مُڇبو، عشق وڻ اعجاز چئي.

۴۷- ٺورو گهٽو هوت کي، اوهين سرتيون ڙي ساريو،
پرت پچار پنهل جي، ويل مَ وساريو،
اندر اُجاريو، اهڙي پَر اعجاز چئي.

۴۸- هڪ هٿان مون هوت ويو، ٻيو سرتيون سهائين،
ڪهل نه ڪن ڪُنيءَ تي، اُلٽو ايذائين،
مُنهن چڙهيو مهٽا ڏيو، جگر جلائين،
تازا ڦٽ فراق جا، چوريو چِڪائين،
نکي هلن پاڻ کي، نکي هِمٿائين،
نه ٿيون نڀائين، اوکيءَ ويل اعجاز چئي.

۴۹- هڪ هٿان مون هوت ويو، ٻيو سرتين ساٿ ڇِنو،
اوکيءَ ويل اعجاز چئي، ڏِيُ نه تن ڏنو،
ڇُنبيءَ پاند ڇِنو، هاريندي آب اکين مان.

۵۰- هڪ هٿان مون هوت ويو، ٻيو مون چري چُون،
هيٺيءَ سندي حال تي، رحم ڪائي نه رُون،
ڦٽيا ڦٽ فراق جا، ڏک نه مُٺي جا ڏُون،
هتي جي اچ هُون، ته پَٽو پئين ها پريت جو.

٥١- جڏهن جاڳي سسئي، تڏهن پنهون پڇيائين،
اوڙي پاڙي اعجاز چئي، ووڙون وِڌائين،
هَيهات هَيهات لما توعدون، جوتون ڪُنيائين،
پوتي هٿي پَٽ سين، ڏونگر ڏوريائين،
لَتا وار لڪن ۾، چڪي چِنائين،
چڙهي جبل چوٽئين، ساٿي سڏيائين،
رائو رڳيائين، روئي رت اکين مان.

٥٢- جڏهن جاڳي سسئي، تڏهن تِل نه هڪ ترسي،
هلي پنيان هوت جي، وندر ۾ ورسي،
بيسر تي برهه ۾، سا برهمڻ برسي،
سوين تيس سرسي، آيس آري اعجاز چئي.

٥٣- پوري شهر پنيور جا، سڪ سيئي چڙهه،
جانب ڪارڻ جندڙو، نيئي گوندر گڏهه،
آجر تي تون آڏ، پونگو پر پرينءَ جي.

٥٤- پيچ م پنڌ پهاڙ جا، پُٺُ تون سُجهندي پنڌ،
وَڃ وڃڻ ڪي وَرَلِئه، هي نه تنهنجو هنڌ،
سودو اي سڳنڌ، ويهي جيئن مَ وڃايين.

٥٥- پيچ مَ پنڌ پهاڙ جا، پار پرينءَ جي پُرُ،
عاجزيءَ سان اعجاز چئي، آريءَ ڏانهن اُسرُ،
کِيم لَجائج ڪُر، ڪُڪي تون هن ڪوهه ۾.

٥٦- پيچ مَ پنڌ پهاڙ جا، ناتو نينهن نياءِ،
سسئي سانگو ساھ جو، لاسر تي تون لاھ،
سوريءَ سر سنباھ، تہ اوڏي ٿئين عجيب کي.

٥٧- توڏن موڏن تاڙ، کنهن پر پايان پهچي،
جبل ٿيو جيڏيون، آڏو وڏي آڙ،
آئون وچي اَعجاز چئي، وجهان ڪٽ ولاڙ،
آهيان اَسُونهين آواڙ، ڪيڏهن ڪاهي ڪاهيان.

٥٨- توڏن موڏن تنگ، ترت ڪشي ٿيا ٽڪرا،
ٻَڌي ٻوٽ مَيَن جا، ٻُٽي چڙا چنگ،
اهڙا اتيا اَعجاز چئي، ڪري ريبي رنگ،
آريچا اڙٻنگ، مونکي ماري هليا.

٥٩- توڏن موڏن مون، مادر ماري ڇڏيو،
سُري هليا سَپ، جيئن هيءَ ڇڏي هن پون،
پيو تان جنن جون، تيون جاڙون مارين جڏيءَ کي.

٦٠- توڏن تي، منهنجي ناهہ ميار،
نڪا جنن جاڙ ڪئي، نڪا جانب يار
آيا اَعجاز آلستئون، هن برهمڻ متي بار،
لڪئي ڪيم لاچار، نا تہ نينهن نہ لايم جيڏيون.

٦١- رکيو رکيو روءِ، هي نمائي هوت لاءِ،
اِنَ اونيئڙن کي، رحم نہ رتي پوءِ،
اَسُونهين لاءِ اَعجاز چئي، ڪو آريءَ کي چوءِ،
تہ هيءَ جڏي هٿ جوءِ، آهي تُنهن جي آسري.

٦٢- رکيو رکيو ريهه، سسئي کري سيج ۾،
لِڪِي پچِي لڪن ۾، لالڻ پئي نہ ليهہ،
اوني ڏيئي ويس آعجاز چئي، چهڪ اندر ۾ چيهہ،
هن پيرن جي پيهہ، ڪڏهن پوندي ڪيچن تي.

٦٣- رکيو رکيو ڪُوڪ، سسئي کري سيج ۾،
چولي وڏي چيرين، سيٽن واري سلوڪ،
سڪايل جي سڪ جي، هر هنڌ هُلي هوڪ،
تہ مري تي ملوڪ، پانيڻ پاروچن لاءِ.

٦٤- رکيو رکيو روئي، پانيڻ پاروچن لاءِ،
پريو آهون انهن لاءِ، پَر ۾ سور پوئي،
آريءَ ڪاڻ آعجاز چئي، لَحم لڳن لوئي،
ويني داغ ڌوئي، اوتيو نير اکين مان.

٦٥- رکيو رکيو آهہ، سسئي کري سيج ۾،
ڪيڏانهن وڃي ڪيئن کري، ناهہ ويچاريءَ واهہ،
کري جيڏهن ڪاهہ، سور تيڏاهين سامهان.

٦٦- رکيو رکيو ريهاڙ، سسئي کري سيج ۾،
پسي نہ پير پنهونءَ جو، اتيو ڏي اوهاڙ،
اوکا پنڌ پهاڙ، آيس سِر آعجاز چئي.

٦٧- رکيو رکيو پار، سسئي ساٿين لاءِ ڪيدي،
جوتون ڪُنيو جوش مان، چِني لَتا وار،
وائي اهائي وات ۾، تہ موٽ مسافر يار،
پانيڻ کي پروچ ريءَ، تات نہ ٻي ڪا تار،
سائين ڪارڻ سار، اچي لهہ آعجاز چئي.

٦٨- رکيو رکيو پارڙا، کيچين کاڻ کڍي،
ويچاريءَ وڍي، جنن جيءَ جڏو کيو.

٦٩- رکيو رکيو حال، ڏکي ڏونگر سان کري،
تہ جنن مون جڏيءَ کي، نيو نہ سڏي نال،
کين رهايو کمينيءَ سان، کيچين کيو کمال،
انهي فکر اَعجاز چئي، فنا کيس في الحال،
مونکي رنج ملال، هيءَ ماريندو موٽ تون.

٧٠- رکيو رکيو حالڙو، ڏکي ڏونگر سان کري،
هٿئون جو هوت ويو، سو کيئن هاڻ وري،
اهي ڳالهيون اَعجاز چئي، پئي کري ۽ ڳري،
ڏکي ڏک پري، کيچي هليا کيچ ڏي.

٧١- رکيو رکيو سڏ، سسئي سائينءَ کي کري،
ڇُکي ويئي چلڻ ڪان، هيٺا تي پيس هڏ،
عمر ويئي اَعجاز چئي، وڏپڻ آيم وڏ،
هي ايري لڏ، کيم وساريو کيچيا.

٧٢- کيم وساريو کيچيا، هيءَ نماڻي هاڻ،
اچي کريو اَعجاز چئي، رائي منجهہ رهاڻ،
کانہ اٿم ٻي کاڻ، جا آهيم سا اوهان جي.

٧٣- ڪيم وساريو ڪيچيا، هيءَ نماڻي هت،
الله لڳ اعجاز چئي، منهنجي رکو پت،
سورن ڪئي آسيءَ هيڻيءَ سان هلت،
سنيران آئون صحت، ملو جي مونسان وري.

٧٤- ڪين وساريو ڪيچيا، ڪامڻ هيءَ ڪمزور،
اوهان ريءَ اعجاز چئي، ڏيان باهه پنيور،
گهر سر ڪريان گهور، ملو جي مونسان وري.

٧٥- ڪين وساريو ڪيچيا، هيءَ نماڻي نار،
ساريو سات سيد چئي، پئي رئان زار و زار،
موڙي اچو مين ڪي، هاديءَ لڳ هيڪار،
مونڏي سڀ ميار، آن ڏي حرف نه هڪڙو.

٧٦- ڪين وساريو ڪيچيا، هيءِ نماڻي ناحق،
لڪين پاڻيان لائق، ملو جي مون سان وري.
٧٧- ڪين وساريو ڪيچيا، هتي هيءَ اڪهي،
سچڻ تيان سگهي، ملو جي مون سان وري.

٧٨- ڪين وساريو ڪيچيا، کهڙو ڏوهه ڪيوم،
پاڻ سڃاڻي پانهنجو، نالي نال نيوم،
اوهان آسري اعجاز چئي، پنيور پن هنيوم،
جڳ جڳ شال جيوم، ملو جي مون سان وري.

٧٩- ڏاڍي ذات جنن جي، ڏاڍو ڪين چيوم،
تہ موتي لڳو مون ڳري، چني ڪين چڏيوم،
پر نہ موتيا پوئتي، پينر ياڳ ڦٽوم،
ڪتيءَ ڪو ڪنيوم، جو پاتم پيچ پنھونءَ سان.

٨٠- پلي ڏير ڏنگا ٿيا، پلي نياڻونم پتار،
جو پريو قول قرار، آريءَ سان آعجاز چئي.

٨١- مونکي منھنجي ماءُ، جھلي جھليندينءَ ڪيترو،
چڏ تہ وڃان چپرين، چاھہ مُنيءَ تان چاءُ،
وڃي وڏا واسطي، ولھيءَ ڪي مَوراءُ،
آريءَ ري آعجاز چئي، جيئڻ مون نہ جڳاءُ،
لُچي لالڻ لاءِ، مُيس تان مون ڪتيو.

٨٢- مونکي منھنجي ماء، دليئون دعا ڪريج،
تہ ھوتاڻي ھيج، ھردم ھوءِ ھئين ۾.

٨٣- مونکي منھن جي ماء،چئج مَوري ويھہ،
چڏ تہ وڃي چپرين، چُلي ڪريان چيھہ،
مَر ڏي مھٽا ڏيھہ، وَرِيءَ ورنديس ڪينڪي.

٨٤- ٽڪيس منجھہ ٽرن، ور وسيلا واھرو،
لڪيا انگ آعجاز چئي، تامون پَرٽ سين پرن،
ھاڙھي ڪاڙھي حب ۾، بَڏاھين ھڏ پرن،
توريءَ لگ تتيءَ جا، نپ نہ ھوت نرن،
اَلفِراقُ اَشَدِ مِنَ المَوت، تَا منھنجا ڏوھہ ڏرن،
شل وصل ڏينھن ورن، وڃي وڇوڙو وڇ مان.

٨٥- وجي ويچاري ورڙا، ڪنيو وارث لاءِ،
واڪيندي واءِ جان، ووڙي ونڊر ورڙا،
وجي وصل ورڙا، آريءِ وڏائين اعجاز چئي.

٨٦- نڪو وس نہ ڳس ڪو، نڪو ڏس صحي،
ڪنهن پر ڪيچ ڪهي، پسان پنهونءَ چام ڪي.

٨٧- نہ ڪو وس نہ ڳس ڪو، نڪو ڏس ملي،
ور وسيلا واهرو، تو ڇپر پير چلي،
اڪ منهنجي اعجاز چئي، هڪ روئي ٻي ڪلي،
برهہ مون ٻلي، ڪيچي ڪري ڪيچ ويا.

٨٨- نہ ڪو وس نہ ڳس ڪو، نہ ڪوئي ملي ڏس،
آرياڻي اعجاز چئي، تون نام ڏٽيءَ جي تس،
عشق جو اُڪس، تو ساڙي ساهہ سرير ڪي.

٨٩- نہ ڪو وس نہ ڳس ڪو، نڪو پنڌ پڇي،
نڪو سمر سُڃي، نڪو آتت ئي اعجاز چئي.

٩٠- نہ ڪو وس نہ ڳس ڪو، نڪو پڇي پنڌ،
ڪٽل ڪٽي ڪنڌ، ڪيڏهن ڪاهي ڪاهيان.

٩١- الله تنهنجي آسري ڏوريان تي ڏونگر،
قادر مون ڪمزور کي توريءَ پر نہ ٻر،
ائين ڪر اعجاز چئي جيئن واري اچان ور،
پوي ٿاب سفر، منيءَ مون معذور جو.

١- گڏڻ ساڻ مرگهار، تون آهين وياءِ واسينگن جو،
سڪٽيون ڦوڪون ڏيهه ڪي، ڏيئي ڪيم ڏيڪار،
ڪُل شيءِ يرجعِ اِليٰ اَصلِهِ، واڳ ايڏاهين وار،
ادب سين اعجاز چئي، پت چڱي ڪا پار،
سا ڪا آهه اُتار، جا جڳائي تنهن جي ذات کي.

٢- پکي روح جسم پڃرو، راکو متانئس رب،
سو پالي سو والي، سوئي ڪري پيو سيپ،
سوئي ڪندو سبب، آزاديءَ جو اعجاز چئي.

٣- درد ٿي دارون ٿيا، گهر جي پيو نه علاج،
اندر ڪيم آج، آهون چپائي اعجاز چئي.

٤- اسين ڳوليون يار کي، يار اسان کي ڳولي،
اصل اهي اعجاز چئي، ٻول ٻڌاسون ٻولي،
گهر سر چڏبو گهولي، ان لڪ لڪوٽي راند ۾.

٥- سرتين کهڙي سُڌ، منهنجي سور ڪلور جي،
جي ٿي اندر اوريان، ته ٿيان ٿي اڌو اڌ،
پَلي پانيم وڌ، تنهن ڪان ماٺ اعجاز چئي.

٦- هتي گهر نه داد، حاضر پنهنجي حال جو،
ابديءَ جو اعجاز چئي، ٿئي نه ائين امداد،
نفس نامراد، ڌار ته ماٺين مراد کي.

۱- ڪُتا چڱو جو آئين، موتي در ڏٺيءَ جي،
ڳَڻ تہ ڏينهن ڪائين، سنياريئي پنهنجي سائين کي.

۲- ڪُتا چڱو جو ڪيئي ور، موتي در ڏٺيءَ جي،
نڪي ڏڪ نڪي ڏر، اسين نہ آرها اَعجاز چئي.

۳- ڪُتا چڱو جو ساريُئي، موتي در ڏٺيءَ جو،
ڪيڏا نہ وڃي گھاريئي، پر گھر ڏکيا ڏينهڙا.

۴- ڪتا اوهان جي ذات، سياٽي آهہ اصلڪان،
نِمڪ نانءِ ملهائڻ جي، ڏاتر ڏنيو ڏات،
کهڙي ڪريان بات، اوهان جي اَعجاز چئي.

۵- ڪتا اوهان جو ڪم، رهڻ بَهڻ در ڏٺيءَ جي،
چُهڙي چور چڪار جو، تا چيريو چَم لحم،
بيشڪ سچو دم، اوهان جو اَعجاز چئي.

۶- ڪتا پانهپ اوهان جي، ڏُر ڏٺيءِ سيباٽي،
ڪريم پاڻ قرآن ۾، ڪئي ڪهف ڪهاٽي،
مون تڏهن ڪان پاٽي، اوهان جي ذات اَعجاز چئي.

۷- سالڪ سِڪ سبق، ڪتي سندي ذات ڪان،
جيڪو پاليس پيار مان، ڪري تنهن حق حق،
انڌو ڪو احمق، چاٽي پاٽان گهٽ ڪتي کي.

٨- سالڪ سڪ لِڇڻ، ڪتي سندي ذات کان،
رُڪي سُڪي ٽڪر تي، در ڏٺيءَ جي ٻَهڻ،
دَسي دُشمن دُز کي، ڪيدي ڇيچاڙون ڇڏڻ،
گُهرجي ائين رهڻ، آدمين اَعجاز چئي.

٩- سالڪ سِڪ سچائي، ڪتي سندي ... سان،
پنهن جي پالڻهار سان، ڪانہ ڪري بيائي،
جي ڇتو ٿئي تہ بہ ڏٺي سڃاڻي، ڳڻ تون ڳالهہ اهائي،
اهڙي صفائي، آدمين گهرجي اَعجاز چئي.

١٠- سالڪ سِڪ حياء، ڪتي سندي ذات کان،
رَوا ناهہ نزاء، پنهن جي پالڻهار سان.

١١- سالڪ سِڪ آدب، ڪتي سندي ذات کان،
آهي اعليٰ سگ ڪَنان، تنهنجو شان نَسَب،
اچ ڪتي جيئن ڪتب، پنهن جي پالڻهار ڪي؟

١٢- سالڪ سڪ هدايت، ڪتي سندي ذات کان،
اتہ آهي اَعجاز چئي، ان جي عبادت،
جاڳڻ بهڻ چوڪي ڏيڻ، ريت اها رياضت،
ٿوري گهٽي ٽڪر تي، ڪري قناعت،
لوڏڻ مارڻ مالڪ جي تي، در نہ ڇڏي ساعت،
ويهڻ سمهڻ پٽ تي، فقيري عادت،
شڪوه شڪايت، مُورهئون نہ ڪري مالڪ جي.

ڪنپار

١- جيئن آوين جا اُلان، ڪيميا ڪَن نہ ڪُنير ڪي،
تيئن مُصحف مان مُلان، مور نہ ٿيا معرفتي.

٢- جيئن آوين جا آڙاھ، ڪيميا ڪن نہ ڪُنير ڪي،
تيئن مصحف مَن ماھَہ، مُور نہ ڪيا مُلن جا.

٣- جِيئن آوين جي آڳ، ڪِيميا ڪري نہ ڪُنير ڪي،
تِيئن لاَريبي لاڳ، ڪَري نہ مَعرفتي مُلن ڪي.

٤- جي آويءَ جي اِسرار ڪان، ڪُنير هجي آگاھ،
تہ پَنهنجي نِڪر جيئن پاڻ، پَچي ٿئي بيپرواھ
پَر اهڙو عِشق اُتاھ، آٿي ڪِٿان اعجاز چئي.

٥- جي آويءَ جي اِسرار ڪان، واقف ڪُنير هوءِ،
تہ پَنهنجي رَچَن جِيئن پاڻ، ٿئي پَچي پَڪو پوءِ،
رَاچن آڳيان نہ روءِ، هُوندا هت ڪاڻ اعجاز چئي.

٦- جِتي ڪَچو پَچي پَڪو ٿئي، اُتي ڪَنير ڪَچوئيَ ڪَچو،
سُخن تڏهن سَالِڪن، هِي سُڻايو سَچو،
تہ سِڪو نينهن نهائينءَ ڪان، بَڪڻ ڪان بَچو،
بيلي تِجي نہ بَچو، رِزق ڪارڻ رَاچ جو.

٧- جنهن پَاڻ پَڇايو ڪِينڪي، رُڳو پَڇايا رَڇ،
ڪَندو ڪَنهن جي آنت جي، سَو ڪَهڙي ڪَڇ،
جوٺُڙ ڪي چَڏيو لاَمُن ۾، لَڙ ڪيو ڪَري لُڇ،
حَال حُلاجي حُج چَاڻي، بَات سَچيءَ ڪي بَڇ،
ڏاڙهي وِيٺو ڏيهه ڪي، ڪَڍيو دَجالي دَڇ،
ڪَري ڦُنٽيل سُوَرَ جِيئن هَر ڪنهن تي هُرڇ،
نَڪا مِجازي موج وِنَس، نڪا حَقيقي وِرڇ،
بِنان عِشق آعجاز چِئي، چولي پُٺون چَڇ،
مُڇون مُوريءَ مُڇ، ڦُنڊي ڦُوسي پُڇ تي.

٨- رَڇن پَڇي رَنگ جَهليو، نوڪِئي نِيڪ وَڇن،
جِيئن روڪ رُوپيه چَانديءَ جا، تيئن ٽاچَاڪن ٽَڇن،
پَر بيلي اُنهي پَنڌ ڪي، ٽا پِرت وَارا پُڇن،
تَڏهن اڳيا تَن جي، پِيا نيڻ ڪُلالي لَڇن،
سَالڪ دِل سَڇن، پَڪا پُڇي هَٿ ڪيا.

٩- رَڇن پَڇي رَنگ جَهليو، پَر پَڪو چو نہ ڪلالُ،
پَانيان ڪِرت ڪُنڀارڪي جو، ڪَهڙي ليکي ڪَمال،
نيٽن اڳيان نِهائينءَ جو، آ ڪارڻ نينهن مِثال،
تنهن مان سَمجهي سُڃاڻ تي، هَئي نہ پرائيَين حَال،
لاَشڪ ٽيڻ لاَل، ڪو آ ڪو آهہ آعجاز چئي.

۱۰- اڳي ٻه ڪُلالڪي ذَات، سَنو نه سِڪ وَندن ڪي،
آهي تَواريخن ۾ آهڙي حَوالات،
اڄ ڳَلهه جي ٻَات، آهي نه هي اَعجاز چئي.

۱۱- نِڪر ٽَانگر ٽِپٽيون، مَرڪ جنهن جو مِٽي،
تنهن ميهار جي مَهي ۾، ڏِني مير مِٽي،
سُهڻي ۽ سَاهڙ جي، ميثاقان تہ مِٽي،
ڪيئن پوءِ بصيرت مَٽي، اَعجاز ڪُنيارڪي آڪ جي.

۱۲- نِڪر ٽَانگر ٽِپٽيون، جِن جا چِڪراوان چڪ،
تِن سُهڻي سَاهڙ ڪي، هنيا چور ڪُنن جيئن چَڪ،
تَڏهن ڪُنيارڪا چَڪ، ڪِٿ نِلا نالوريا ڪونہ ٿيا.

ڪانگل نامون

۱- ڪانگل تون ڪارائتو، نِڪار وچوئي ڪير،
سوپيارو تون سُلڪٹو، ساهيتو سُخير،
قاصد پانڌي ڪُل جو، تون حال پائي هر وير،
واقف هر ڪنهن وات جو، تون پائين سڀ جاءِ پير،
سٺائين سنيهڙا تازا تير بتير،
تون اندر اڇو اَعجاز چئي، تو ۾ ڦند نہ ڦير،
توسان جنهنجو وير، سو سالڪ سڄي ڪينڪي.

٢- آءُ ڪانگل آءُ تون، سونهون آهين سرس،
عمر تنهنجي اعجاز چئي، چون سَو برس،
اُڏامي وڃ عجيب ڏي، مون تي ڪر ترس،
جيئن ٿو وڃي جرس، تيئن وڃج ويڙهي يار جي.

٣- آ ڪانگل آءُ تون، تو سانديان سيني سيئن،
چئو ڪيئن چيئي سڄڻين ۽ سڄڻن چيئي ڪيئن،
جيئن چيائون تيئن، اورج حال اعجاز چئي.

٤- ڪانگل ڪهي آيو، ڪري ڇهنب ڇني،
چمي رکيم چشمين، سا ادب ساڻ وٺي،
پڙهيو تنهن کي پيار مان، ڏيان منيءَ تي مني،
جو منجهس مون ڏني، صحيح سپرين جي.

٥- ڪانگل ڪَهي آيو، پارئون پرين اچ،
ڪونيو چويم ڪَن ۾، تہ اٿي ڪر تون ڏَچ،
سياڻ وڏي سج، ايندئي پرين اڱڻ تي.

٦- ڪانگل ڪَهي آيو، پارئون پرين هير،
ڪونيو چويم ڪن ۾، سُڻ خبر سندي خير،
سياٽي سوير، ايندئي پرين اڱڻ تي.

٧- ڪانگل ڪهي آيو، پارئون پرين وَر،
ڪونيو چويم ڪن ۾، تہ سنبهي سعيو ڪر،
سياٽي ساجهر، ايندئي پرين اڱڻ تي.

٨- ايندا پرين اڱڻ تي، آئون کھڙو منهن کٽنديا،

سڙي سندن سور ۾، سچا پڻ کان وياس،

پڇندا پرين چا ٿيئي، ته آئون چا چونديا،

ائين عرض کندياس، ته سڪ اوهان جي ساڙيو.

٩- سڪ اوهان جي ساڙيو، وڇڙئي ورهيه ٿيا،

انهيءَ کري اعجاز چئي، ٿي همڙا حال ويا،

جي اوهان قول کيا، سي سِگها نه پاريو سپرين.

١٠- ڪانگل ڪهي آيو، پارئون پرينءَ پَسُ،

ڪونيو چويم کن ۾، اُتي هاٿي هَس،

صبحاڻي آوس، ايندئي پرين اڱڻ ٿي.

١١- ڪانگل ڪهي آيو، پارئون پرين هُوءِ،

اچي پَسو اعجاز چئي، سرتيون روبروءِ،

سا پيو سُڻائي جُوءِ، جتي صَحي منهنجا سپرين.

١٢- آءُ ڪانگل آءُ تون، وج اڏامي ڏِسُ،

ڪانهي ڪاٻه اعجاز چئي، توکان ڳجهي ڏِسُ،

ڏِسي مونکي ڏِسِ، ته ڪٿي سندم سپرين.

جوين ۽ پيري

١- جيئن کي سج سياري جو، تيئن جوين کيو جهٽ،
اُيري لهي ويو لحظي ۾، کري انڌا لهٽ،
سمر سونهن سوپيا وارو، تيو چئن ڏينهن ۾ چٽ،
کارن مڏي کوچ کئي، اچي اچن کڍيو هٽ،
اوڙي پاڙي اٿبٽ تي، وقت کاڌو وٽ،
شرم حياء حَذر جو، پيو گهچيءَ ۾ گهٽ،
نکو پان سوپاري سونهي، نکو پهرڻ پٽ،
نکي نياز نئڙت وٽي، نکو ناز نزاکت نَٽ،
حرص آعجاز ساگهيو اکين، پر سو ست نه سلهٽ،
موت بِنا هي مور نه ويندو، پيريءَ وارو ڦٽ،
تنهن کان مورهن ماٺ کجي، ٿئي جهور نه جوانن مَٽ،
سڀ سيوئي هلٽ، تيو هٽ حوالي بين جي.

٢- جي اچا آيئي وار، سي موتي پانئج منهن ۾،
ڏاتر سندي ڏات جي، کرين متان کُوار،
کيس لائڻ سان کينکي، تياسي سڀ سوار،
اها مام آعجاز چئي، سمجهي کر سنيار،
ڏي اچن کي وار، وار نه وجائجي کنهن جي.

٣- جي اچا آيئي اور کري، سي موتي پانئج منهن ۾،
ڏاتر سندي ڏات کي، ڏِستون ذيان ذري،
ته کيئن تو رنگ وري، اچو کاري تي وري.

۴- ويو جَر جوين جو، هٽي ڪڍهون ڪَر ڪَرون،
پار پڌرا ٿيا، پيريءَ جا سهسين منهن ۾ سَرون،
وڪر وهايو لعل جهڙو، ڳَچ ڳريو پيا ڳَرون،
اُتي ويتي آنڌيون، ڏَڪر ۾ ڏِرُون،
رنگ سپو هو جوت حُسن سان، هاڻ رهيون رڳو چَرون،
انهي افعالين اَعجاز چئي، ڪٿي ڪونہ نَرُون،
ڪا ڪري چڱائي مرونِ، نہ تہ مٿو مدايين ناهہ ڪو.

ڪَرهو ڪَرهو

١- تنهنجو ڪُرنہ ٽپٽو، تون ڪيئن ٽپين ڪرها،
تو مان ڏٺي تنهنجا آهن آرها،
سُوريا پَر سرها، قدم قريبن ڏي.

٢- تنهنجو ڪُرنہ ٽپٽو، تون ڪرها ٽپين ڪيئن،
تيئن تو هلڻ گهرجي، جَت چَوئي تو جيئن،
تہ هڏنہ توکي هيئن، يَوي رات پڌر ۾.

٣- تنهنجو ڪُرنہ ٽپٽو، تون ڪرها ٽپين ڪوهہ،
آپي ڪان اَعجاز چئي، ٿيءَ ڏور تہ لهئي ڏوهہ،
ميا توکي موهہ، اچان اورئين پار جو.

۴- تنهنجو کُرڻ تپڻو، تون ڪرها ڪوهه تپين،
اجايو اَعجاز چئي، پيو تَهين ۽ تَپين،
ڇيڏڪ ڇڏي ڇوٽ تي، ڇو ڇرڪين ۽ ڇپين،
جي هٿين جي هپين، ته به نِبو توکي نانهه ڏي.

ڪرڻ جون ڪونڌيون

۱- ڪري ڪَر ڪَرايون، ڪامي ٿيا ڪونڌا،
آهن تيئن اَعجاز چئي، جيئن پاٽيءَ تي ڦونڌا،
ٻَڙا ۽ ڇوڙا، لوڙهيا لهر عشق جي.

۲- ڪري ڪَر ڪَرايون، ڪامي ڪونڌا ٿيا،
اسان پاڻ پرين جا، پُختا پيچ پيا،
وڇوڙا ويا، پُني آس اَعجاز چئي.

۳- ڪري ڪَر ڪَرايون، پُڳا ڪين پليت،
اسانکي اَعجاز چئي، مليا مَن جا مِيت،
ڳايا سون وصل گيت، پُني آس اَعجاز چئي.

۴- جِيءَ ساريو ٿي جن کي، سي آيم جيءَ جيار،
اکيون ڪاشيانه ڪريان، بندگيون بار بار،
هينئڙي جايون هزار، انهن لاءِ اَعجاز چئي.

حضرت شاهه عبداللطيف رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہِ بابت خيالات

۱- سَڏ ڙيا سَڏ ڪري، ٿيا شاعر لکين لوڪ ۾،
پر اڃان شاهه لطيف جو، آهي پنڌ پري،
تنهن سان ڪونه پري، برڪش ٿي وِڪ برهه جي.

۲- سڏ ڙيا سَڏ پٽي، ٿيا لکين شاعر لوڪ ۾،
پيسا پوڃائن پاڻ کي، ڇاڄو ڇا ڇٽي.

۳- عاشق عارف الله جو، سالڪ صوفي صاف،
لائق شاهه لطيف جو، اَعجاز ڏس انصاف،
حق پرست ٿيو حق جو، ويو ڪين خلاف،
سچ پارکُن سچ چيو، جيئن پرکي سون صراف،
آيو جتان مصحاف، اُتان آيو رسالو شاهه جو.

۴- عاشق عارف الله جو، سالڪ صوفين سچ،
اعليٰ مقام لطيف جو، اعليٰ نسب نچ،
آڳاهون هر ڳالهه ۾، مت نہ تنهنجو ڪچ،
احديت جو اَعجاز چٽي، پاڄهئون ڇٽيئين پچ،
پڙهي پروڙج، روحئون رسالو شاهه جو.

بيت مرشد

۱- هڪ ڏينهن ميڪون مرشد آکيا، هےقرب دا ڈاڳا ڪچا، آکيم سچا هين سائين سچا،
تون مون والا طور طريقہ، ٻڙا هوئے توڑي بچ، آکيم سچا هين سائين سچا،
نال نياز دي ناتا تورين، سخن اهوئے سچ، آکيم سچا هين سائين سچا،
حق سچائڻ ٻاجهون اعجازا، عشق نہ ملسئي اونچا، آکيم سچا هين سائين سچا.

۲- دلبر ميڏي دعوت هئے آ ميڏي اڱڻ تے تلين - تے مين نال ملين،
موه جواني والا مائين خوب سدا وت ڪلين - تے مين نال ملين،
مين ڀي تيڏا عاشق هان هن دست تيڏي لڪ دلين - تے مين نال ملين،
پڇے واعدا ڪرکے نال اعجاز دي واعدي تون ناهلين - تے مين نال ملين.

۳- پرديس ڪنون پرديسي آيا، آکيس اساڏڑا تي - آکيم جي سهڻا جي،
فخر چوڙين تان فقير تيوين، حال ڪرين پيا هي - آکيم جي سهڻا جي،
سچي سڪ ڪون سدائين پارا نہ لڳي سي - آکيم جي سهڻا جي،
پڇے پِرِ ڏتس پيالا محبت والا آکيس ايهہ اعجازا پي - آکيم جي سهڻا جي.

۴- پرديس ڪنون پرديسي آيا، جانّ جان پاتس جهاتي - چڻ مارگهتيس ڪاتي،
هڪ اقابيل اکيان پيا قهري ڪجل آيا پاتي - چڻ مارگهتيس ڪاتي،
چوڑ ڏتس نين ڏونهين آچوٹ لڳے ميڏي چاتي - چڻ مارگهتيس ڪاتي،
پڇے رحم نہ پيس رتي دا اعجازا ضدي هويا ڪوئي ذاتي - چڻ مارگهتيس ڪاتي.

۵- وهوا سهڻا صورت تيڏي، مين ڏيک پيا نران - تے ڳالهہ ڪيهي مين ڪران،
سونهن صورت دا چيهہ اتاهين تيا اڳتي وڪ نہ پران - تے ڳالهہ ڪيهي مين ڪران،
تور ايجهے ول تردا هين قدم قدم سر ذران - تے ڳالهہ ڪيهي مين ڪران،
آکے اعجازا لڳي عشق دي آتش دلبر تيڏي دران - تے ڳالهہ ڪيهي مين ڪران.

Rs. 2000.00